الانوار الاحمدیہ

فی

حالات المشائخ النقشبندیہ

حصہ (۲)

حالات حضرت امام ربانی مجدد الف ثانی قدس سرہ

تالیف

حضرت قبلہ گاہ مولنا مولوی نظر محمد مرحوم رحمۃ اللہ علیہ



روضۂ مبارک حضرت مجدد الف ثانی قدس سرہٗ ۔ سرہند شریف

عند ذکر الصالحین تنزل الرحمۃ

الانوار الاحمدیہ

فی

حالات المشائخ النقشبندیہ

حصو ٻيو

حالات حضرت امام ربانی مجدد الف ثانی قدس سرہ

از تالیفات

حافظ القرآن فخر عاشقان حضرت مجدد الحاج

جناب حضرت واعظ الاسلام مولانا مولوی نظر محمد صاحب مرحوم

سومرو نسباً، نقشبندی مشرباً

تعداد طبع — هڪ هزار

سن طباعت — ١٣٩٣ھ / ١٩٧٣ع

مقام طباعت — مطبوعه مطبع سعيدي قرآن محل ڪراچي

قيمت — ٻارهن رپيا

ملڻ جو هنڌ

مولوي نور احمد سومرو

بنگله ١٦٣ ع گارڊن ويسٽ

ڪراچي ٣

فهرست مضامين ڪتاب مستطاب الانوار الاحمديه (حصو پهريون)

مضمون	صفحو
پيش لفظ	١
مختصر حالات حضرت فيض مآب مؤلف هذا الڪتاب المستطاب	٥
ٽالپر ذات ۾ سنڌ جي والين سڳورن جا احوال	٥
مؤلف جي ولادت باسعادت، تربيت، تعليم ۽ تڪميل	٨
وفات حسرت آيات	١٣
سندن اولاد ۽ پوٽن جو ذڪر	١٤
مقدمه من مؤلف هذا الڪتاب المستطاب	٢١
نصيحت	٣٤
سرود جي مذمت	٣٤
محي الدين جو لقب	٣٥
وصيت	٣٥
نقشبندي طريقه جي خصوصيتن جو بيان	٥٠
قلب ۽ قلبي ذڪر جي خاصيت	٥٠
علم باطني حاصل ڪرڻ فرض عين آهي	٥٤
سبب تاليف ڪتاب	٦٠
ڪي مسئلا جي عتاب شرع موافق اڳ پڙهڻ ضروري آهن	٦٤
ولايت جو پهريون دليل	٦٥
ولايت جو ٽيون دليل	٦٦
ولايت جو چوٿون دليل	٦٧
ولايت جو پنجون دليل	٦٦
مسئلو	٦٨
مسئلو	٦٨
مسئلو	٦٩
شجره طيبه (منظوم)	٧٤
حالات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني (قدس سره)	٧٧
حضور جن جي نسب شريف جو بيان	٧٨
حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي منڪرن تي قهر خدائي	٨٤
حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي ثنا خواني ۾ اڳين وڏن سڳورن جا قول	٨٥
حالات حضرت شيخ احمد جام قدس سره	٨٥
حضرت شيخ خليل الله قدس سره	٨٧

مضمون	صفحو
حالات حضرت غوث الثقلين محبوب سبحاني محي الدين جيلاني قدس سره	٨٧
سندن مختصر ڪرامات	٩٠
سندن مختصر حالات، علم ۽ عبادات ۽ اخلاق ۽ ارشاد	٩١
حضرت شيخ عبد القدوس گنگوهي رحمة الله عليه	٩٤
شيخ سليم بن بهاء الدين چشتي قدس سره	٩٥
شيخ نظام نارنولي	٩٧
شيخ عبدالله علاؤ الدين سهروردي	٩٨
مير سيد جلال الحق والدين الملقب به مخدوم جهانيان قدس سره	٩٩
حضرت شيخ شرف الدين بو علي قلندر پاني پتي قدس سره	١٠٣
حضرت مخدوم شيخ شاه ڪمال قادري ڪيٿلي قدس سره	١٠٦
واقعه	١٠٧
تعبير	١٠٨
واقعه	١٠٨
ذڪر ملاقات باسعادت مرشد لاثاني حضرت مجدد الف ثاني قدس سره	١١٠
پهريون واقعه	١١٢
ٻيو واقعه	١١٢
ٽيون واقعه	١١٣
چوٿون واقعه	١١٤
پنجون واقعه	١١٤
ڇهون واقعه	١١٥
ستون واقعه	١١٥
اٺون واقعه	١١٥
حضور اقدس جو علم ظاهري حاصل ڪرڻ	١١٧
حضور اقدس جي علم باطني ۾ مشغولي	١١٩
حضور اقدس کي تجديد جو مرتبو ملڻ	١٢٢
حضور اقدس کي خمير طينت جي عطا	١٢٨
حضور اقدس کي قيوميت جي وڳي جي عطا	١٣٠
حضور اقدس کي خزينة الرحمة جو نشان عطا ٿيڻ	١٣٣
شيخ فضل الله برهانپوري	١٣٧
شيخ حسن غوثي قدس سره	١٣٨

مضمون	صفحو
سيد مير ڪ بلخي	١٤٨
وقت جي بزرگ جو ارشاد	١٤٠
علامه عبدالحڪيم سيالڪوٽي	١٤٠
شيخ عبدالحق محدث دهلوي	١٤٢
خواجه فرخ حسين بدخشاني	١٤٥
سيد نصير احمد رومي	١٤٦
شيخ طاهر بدخشي قدس سره	١٤٦
هڪ بلخ جي بزرگ جو سندن حضور ۾ اچڻ	١٤٦
هڪ چشتي خاندان جي گادي نشين جو حضور اقدس ۾ اچي مريد ٿيڻ	١٤٧
حضرت مشڪل ڪشا شاهه نقشبند قدس سره جو وجود ۽ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي شان ۾	١٤٨
هڪ قادري بزرگ جو سندن خدمت ۾ اچي مريد ٿيڻ	١٥٠
حضرت پير دستگير غوث الاعظم رضي الله تعالىٰ عنه جي تشريف فرمائي ـ سرهند شريف ۾ عجيب واقعو	١٥١
خليفه صدرالدين جي حڪم موجب هڪ شخص جو اچڻ، جو سچو طالب هو	١٥٤
حضور اقدس جي فيض جي گهٽائي ۽ شان بابت پکين ۽ گهوڙن جون شاهديون	١٥٧
تجديد ۽ قيوميت جو ٽيرهون سال	١٥٩
حضور اقدس جن انسانن ۽ ڳجهن جانورن جا رهنما	١٥٩
جنات جي حضور اقدس جي حڪم اڳيان سر ڪاهي اچي سندن مريد ٿي قبولڻ	١٦٠
مولانا عبدالرحمٰن وارد ۽ عاد ڪيل قصه جو بيان	١٦١
حضور جن جو شيخ بديع الدين قدس سره کي لشڪر جي هدايت لاءِ موڪلڻ	١٦٥
شيخ بديع الدين جو حضور اقدس ۾ عريضه لکڻ ۽ ان جو ڪيس جواب ملڻ	١٦٩
حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه تي نئين ذري ۾ العام ٿيڻ	١٧٠
حضور اقدس جي بارگاهه ۾ بادشاهه جي ڪچهري	١٧١
بادشاهه جو ڪوڙن واڳ حضور اقدس سان آهي تعظيم ڪرڻ	١٧٣
حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه ۽ بادشاهه جو پاڻ ۾ گفتگو	١٧٤
حضور اقدس جي دعا سان ڪوه شاهه ڪڪ راجائيت ۾ جبل جي آڪيس جو مسلمان ٿيڻ	١٧٦
حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جو گواليار جي قلعي ۾ پهچڻ	١٧٧

مضمون	صفحو
هڪ اهل الله جو عجيب خواب ڏسڻ	١٧٩
هندستان جي اميرن جي بغاوت	١٨٠
وزير جي پاءِ جو پڻ ساٿين سميت مريد ٿيڻ	١٨٢
هندي امير جو خط مهابت خان کي پهچائڻ	١٨٣
بادشاهه جو ڪشمير ڏانهن رخ ڪرڻ ۽ وزير بدائي جي خبث باطني	١٨٣
حضور اقدس جو سير جلالي پورو ٿيڻ ۽ ڪين الهام الاهي عطا ٿيڻ	١٨٥
حضرت اقدس جي تصرف سان شاهي تخت جو اونڌو ٿي پوڻ، بادشاهه جي دل ڦيرڻ جي حقيقت	١٨٦
حضور اقدس جن جو خط بادشاهه جي عريضي جي جواب ۾	١٨٦
حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن جو قلعي کان ٻاهر نڪرڻ	١٨٧
بادشاهه جو مريد ٿيڻ ۽ دين جو غلبو	١٩٠
حضرت رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جي حالات پاڪ جو تمثيل	١٩٢
توريت جي وعده ڪيل پيشنگوئي	١٩٦
شيعه مذهب جي واڌاري لاءِ وزير شيطان	١٩٧
نظيري جي ناڪام ڪوشش	
وزير جو يورپ مان پادري گهرائڻ	١٩٨
سوال پادرين جو	١٩٨
جواب حضور جن جو	١٩٨
سوال پادرين جو	١٩٩
جواب حضور جن جو	
جوش قيوميت ٿيڻ	١٩٩
بلوشاهه تي ڪافر دشمن دوستي ڪرڻ جي مصيبت نازل	٢٠٠
حضور انور جو ڪشف صحيح	٢٠١
حضور جن سيني ولين جا سر داخل آهن	٢٠١
شاهجهان جو مريد ٿيڻ	٢٠٢
حضور اقدس جو لشڪر ۾ رهڻ خلق جي لاءِ ظاهري ۽ باطني فائدو هو	٢٠٣
حضور اقدس کي جناب رسول مقبول صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جي بشارت	٢٠٤
حضور انور رضي الله تعالىٰ عنه جا سر بيان جيڪي به ... تحت النيند ...	٢٠٦

مضمون	صفحو
حضور انور جي دعا سان قنڌار ملتان جو قيامت تائين بخشجڻ	٢٠٧
خلق تان آفت ٽارڻ لاءِ رحمت رباني حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي قرباني	٢٠٨
حضرت رسول مقبول صلي الله تعالى عليه وسلم جو حضرت مجدد کي پنهنجو فرزند چوڻ	٢١٠
حضور جن کي مصافحه جو شرف حاصل ٿيڻ	٢١١
هندستان جي ٻين سڳورن جي حضور جن سان ملاقات	٢١١
حضور جن کي [illegible] طرفان عطا ٿيل هو	٢١٣
ڪين حضرت غوث الاعظم جو خرقو عطا ٿيڻ	٢١٤
سرهند شريف ۾ امت جي سڀني وليين جي تشريف آوري	٢١٥
وليڪن سڳورن جو پيشوا رهڻ جو ٿيڻ ۽ حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو فيصلو ڏيڻ	٢١٦
سڀني طريقن جي امامت جو طريقو مجدديه ۾ جمع ٿيڻ	٢١٧
حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي عشق جي نسبت خاص حضرت مجدد الف ثاني ۾ ڪهڙي	٢١٧
نسبت خاص حضور جن تائين ڪهڙي طرح پهتي انجو مختصر ذڪر	٢١٨
حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جي نسبت خاص ۽ تيموريت جي منڪرن تي خدائي غضب	٢٢٠
شيخ حسام الدين جو خواب	٢٢١
ان وقت جي درويشن جو واقعو ٻڌڻ	٢٢١
جيڪو حضرت مجدد الف ثاني جو منڪر آهي ته ان تي وڏي مصيبت نازل ٿيندي	٢٢١
حضرت سرهند شريف ۾ مزار جي امامن جو اچڻ	٢٢٢
تورپيو حضور اقدس امام رباني قدس سره جا مختصر ڪشف ارشاد ۽ ڪلمات حضرات القدس جي جلد ثاني تان آندل	٢٢٢
حضور اقدس جا ڪي ارشاد حضرات القدس جي جلد ثاني تان ورتل	٢٢٧
حضور اقدس رحمة الله جا ڪجهه مڪتوبات شريف تان آندل	٢٣٠
ڪي سيات حضرات القدس جلد ثاني تان آندل	٢٣١
ڪجهه ڪرامات حضرت مجدد رضي الله تعالى عنه جي سندن ڪلام مبارڪ آهي	٢٣٣
حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي ڪلام جو تفصيل	٢٣٤
حضور جن جي ڇتي مبارڪ جو فيض	٢٧٢
حضور جن جي ٻوره مبارڪ جو فيض	٢٧٤
حضور جن جي وضو جي پاڻي جو فيض	٢٧٥
پيرن محمد احسان جو فرزند	٢٧٨
شيخ بديع الدين جو واقعو ٻڌڻ	٢٧٨
مختصر جي مقام ۾ هن سڳورن حضرت مجدد الف ثاني کي خصوصيت طرح عطا ٿيا	٢٧٩
جواهر ولايت جو حضور جن جي بارگاه ۾ ورود	٢٨٠
مختصر بعض حالات ۽ ڪمالات ۽ مقامات ارجمند حضرت مرشد مجدد رضي الله تعالى عنه	٢٨١
خصوصيتون قدري روضه تان آندل	٢٩٤
خصوصيتون جو ڇهو مجدديه تان آندل	٢٩٦
خصوصيتون زبده تان آندل	٢٩٦
حضور جن جي مختصر متفرق حالات	٢٩٨
سفر آگره جو	٢٩٩
ابوالفضل ۽ فيضي جو حضور جن سان اچڻ	٣٠٠
مناظرو ابوالفضل ۽ فيضي سان حضرت مجدد الف ثاني جو	٣٠١
حضور جن جي حق گوئي	٣٠٢
پوءِ حضور جن جو مناظرو ابوالفضل سان	٣٠٢
حضور جن جا ڇهه پٽ هوا	٣٠٤
حضور جن جو پهريون ڀاءُ	٣٠٤
حضور جن جو ٻيو ڀاءُ	٣٠٥
حضور جن جي ڀائرن جي پاڻ ۾ مختصر احوال	٣٠٥
حضور جن جو آگره کان سرهند شريف موٽڻ	٣٠٦
حضور جن جي شادي ڪانپور ۾ شيخ سلطان سندن صحبت جو خواب ٿيو	٣٠٧
دهلي شريف جو پهريون سفر	٣٠٨
بشارت پهرين	٣٠٩
بشارت ٻي	٣١٠
بشارت ٽين	٣١٠
حضور جن جو سرهند شريف موٽي اچڻ	٣١٣
دهلي شريف جو ٻيو سفر	٣١٦
دهلي شريف جو ٽيون سفر	٣١٩
لاهور جو سفر	٣٢١
وحدت وجودي ڌارين جي فساد جو سبب	٣٢٣
حضور جن جو انڪار ظاهري علم وارن ۽ اڪابرن سان	٣٢٤
ان بند ۾ اهل تشيع جي فساد جو سبب	٣٢٧
دهلي شريف جو چوٿون سفر	٣٢٨
دهلي شريف جو پنجون سفر	٣٢٩

مضمون	صفحو
حضور جن جي عجيب ڪرامت	٣٢٩
حضور جن جي هندن کان نفرت	٣٣٠
حضرت خواجه شاه نقشبند قدس سره	٣٣١
جو حڪم حضرت خواجه صاحب کي ڏوعا ڏي ڪيل،	
جن سنڌ کان حضور انور جن مشرف ٿيا	٣٣٢
تن جو ۽ مڪتوبات شريف جو مختصر ذڪر	
حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره	٣٤٨
جي حليه مبارڪ جو بيان مڪتوبات شريف	٣٥٠
بلڪ جي اسرار ۾ مڪتوب ٣٠٣ جلد اول	
نماز جي باري ۾ مڪتوب ٣٠٤ جلد اول مڪتوبات شريف	٣٥٠
حضور انور مجدد منور الف ثاني رضي الله تعالى	٣٥٣
عنه جي عبادات ۽ عادات ۽ بحضرة قبله سڳورن جو	
بالڪل مختصر بيان	
سنت محمدي صلى الله عليه وسلم جو عشق	٣٥٣
مستحب جي محبت	٣٥٣
حضور جن جي عمال پرهيزگاري	٣٥٤
قرآن شريف جو ادب	٣٥٤
رياضت	٣٥٤
حضرات نقشبند ين سڳورن جو سڀ عمل	٣٥٥
سنت جي موافق آهي	
حضور جن جي علم فقه سان محبت	٣٥٥
امامت هميشه پاڻ ڪرائيندا هئا	٣٥٦
حضور جن جي وضو ڪرڻ جي طرز	٣٥٦
تهجد نماز ۽ ٻي عبادت	٣٥٧
فجر نماز ۽ اشراق	٣٥٧
حضور جن جا اسرار عاليه في قسم آهن	٣٥٨
حضور جن جي طالبن کي هدايت	٣٥٩
ڪلمي شريف جي تعريف	٣٦٠
حضور جن جي مجلس ڪريم ۾ اڪثر معاني هوندي هئي	٣٦١
نماز ڪين ۽ نماز زوال	٣٦٣
نماز وچين	٣٦٤
نماز شام	٣٦٥
نماز سومهڻي	٣٦٥
وتر جو وقت	٣٦٦
متابعت محمدي جو حد کان زياده عشق	٣٦٦
نماز سومهڻي کان پوءِ ڪوبه گفتگو نه ڪندا هئا	٣٦٧
حضور جن جي درود شريف سان محبت ۽ پابندي	٣٦٧
نماز جمعو ۽ عيدين ۽ تراويح	٣٦٧
تلاوت قرآن مجيد	٣٦٨
نماز جا آداب	٣٦٨

مضمون	صفحو
استخارا	٣٦٩
زيارت قبور	٣٧٠
اولياءَ ڪرام جن مان ڪنهن کان مدد گهرڻ ۽ دعوت قبول ۽ اعتقاد	٣٧٠
شيخ طريقت کان نقشبندي طريقي کي پنهنجو ڪرڻ جو ادب	٣٧١
اولياءَ سڳورن جي نالو کڻي قدر ۽ تعظيم ۽ ادب ڪندا هئا	٣٧٢
تن رسمن وغيره	٣٧٥
جمعي استخفار وغيره	٣٧٦
پوشاڪ وغيره	٣٧٦
حضور جن جي طريقي تعليم ۽ ٻين طريقن جي صوفيا عظام فرق	٣٧٦
حضور جن جون پيشنگويون ڪجهه حالت جي باري ۾	٣٧٨
حضور جن جي بيماري شروع ٿيڻ ۽ وصيتون	٣٨٠
۽ پيشنگويون روضه تان	
بيماري جي سختي ۽ سنڌن وصال بيارگاه ذوالجلال	٣٨٥
نقل عبارت ناڪ	٣٨٦
نقل ٻيو	٣٨٦
عود بطرف وصايا	٣٨٧
قطعات تاريخ	٣٩٠
حضور انور رضي الله عنه جي غسل ۽ تجهيز ۽	٣٩٢
تڪفين جو ڪرامت پريل مختصر ذڪر	
ڪفن، دستار، دفن	٣٩٣
سنڌن وفات کانپوءِ بزرگن جا واقعا ڏسڻ	٣٩٥
واقعو پهريون	٣٩٥
واقعو ٻيون، چوٿون، پنجون، ڇهون، ستون،	٣٩٦
نور قبر	٣٩٧
مختصر حال حضرت عروة الوثقى خواجه محمد	٣٩٧
معصوم قدس سره	
حج جو ارادو	٣٩٨
ڪرامتون	٤٠١
حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي	٤٠٢
توپي مبارڪ جو فيض	
حالات حضرت محبوب الخلائق والخالق خواجه	٤٠٥
محمد صادق قدس سره	
حالات حضرت شيخ عرفاء الڪاملين	٤٠٩
زبدة العلماء الراسخين مظهر ڪمالات	
خازن الرحمة خواجه محمد سعيد	
قدس الله سره الاقدس	
حالات حضرت شيخ خواجه عبد الاحد	٤١٤
دليل الله الصمد قدس سره	

اظهارِ افسوس

حضرت قطب العارفين، فخر الكاملين، زيب ونيت مجدّدين، رهبر راه دين پير دستگير، رشد حضرت مولانا الحاج خواجه عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا سرهندي مجددي سجاده نشين درگاه شريف فقيه ساڻين قدس الله تعالى سره الاقدس تاريخ ٣ ربيع الاول ١٣٩٣ه روز جمعه مطابق ٦ اپريل ١٩٧٣ع تي وفات ڪئي. آيات جي وفات ڪري ملت اسلاميه کي نقصان پهتو آهي جو هن ڪري پورو نٿو ٿي سگهي. اهڙي عالم باعمل، ڪامل، اڪمل جو مرڻ جهان جو موت آهي "مَوْتُ الْعَالِمِ مَوْتُ الْعَالَمِ" جو مقولو مشهور آهي. هن زماني ۾ تقوى، تحمل، بردباري، سخاوت علميت ۽ فضيلت جي وصفن ۾ پنهنجي زماني اندر ڪانه مٽ هوا. اهڙي محبوب دلربا، گنجينه (خزانه) پُر بها گنج (جبل)، شريف جي زمين جي حجاب ۾ اوڍڻ جي ڪري جو صدمو پهتو آهي اهو بيان نٿو ڪري سگهجي ته

"اج ڏاڍو طاقت ۾ ناطالب ٿو اِيني، اڄ پيا ڏي ويا مٿي هيون مون منهن جي، جي آئي جيار ين سي لاهو ڦي ڙي ديا"

سڀ کان وڌيڪ افسوس هي آهي ته سنڌ في ۾ ڪوشش، همت ۽ خاص توجه جي برڪت سان هي ڪتاب ڇپجي رهيو پر انهي جي شروع ٿيڻ ۾ ڏوري ديد حق شناسان کان هميشہ لاءِ جدائي فرمائي جاودان جهان ۾ پهتا. هن ڪتاب جي ڇپائڻ ڪيئن ڪيو گهڻو هو وقت راقم الحروف کي تاڪيد ۽ تلقين فرمائيندا هوا ته "جلد ڪتاب کي ڇپائي ۽ پڙهي ڪري" ڪتاب کان ڪه هڪ پيري فرمايائون ته ڇپجڻ وقت جو موتي ڏو قدر آهي تڏهن هڪ ڏي جو ڪر پنجين ٿي ڪو ڪو

ڪسندءَ انتقال کان پوءِ هڪ ٻه ڏينهن پهرين نماز بعد ڏيکاري جي عالم او جتو سنڌي هڪ مڪتوب لکيو جو مضمون ذهن ۾ اچي ويو جو، هن غلام ڏانهن جناب اخوي خان صاحب غلام رسول خان مرحوم جي وفات وقت لکي فرمايو هوائون ته "هن غم ۽ مصيبت جو علاج بجز صبر و رضا بقضا جي ٻيو ڪونه آهي" جيئن غم و الم جو او تر جو غم و الم ۽ باده نيد و بند و ڦڙو ڪري سيني عزيزن قريبن کي صبر ۽ رضا بقضا جي تلقين ڪريو شال او سبحانه و تعالى سيني پسماندن کي توفيق ڏي ۽ صبر جو ڦل عطا ڪري. بير ڦرو صال بير صال عيوان مير ڪريت

بس هن مضمون ٿوري ٿي بيقراري ۽ گريه زاري جي ڪيفيت ختم ڪئي ۽ حقيقت ظاهر ٿي ته هاڻي ڪو ٿه ڪو ۽ ڪا گهڻي ڪري سنڌ في قرب ۽ وصال حاصل ڪونه ٿيندو ٻيڪ سنڌن تصنيف ۽ تاليف کي عام ڪرڻ ۽ سنڌن عادات ۽ اخلاق کان خلق کي آگاهه ڪرڻ جو باعث قرب جو آهي انشاء الله تعالى جلد ڇپجي. حضرت صاحب مرحوم جي ڪتاب شريف ۾ تمنا هئي حق الوسعة سر انجام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين. مخزن العلوم حصو علم تصوف ۽ طب جو ڇپيو شروع ڪندا سين بعد ۾ حصو علم حديث ۽ تصوف ڇپجي ڪندا سين. ناظرين ڪرام کان هي دعا جي درخواست آهي ته خداوند تعالى توفيق رفيق فرمائي ته اهو ڪم سر انجام ڪري سعادت دارين حاصل ڪريان ويرحم الله عبدًا قال آمينا. راقم الحروف نور احمد عفا عنه الصمد تاريخ ١٠ ربيع الثاني ١٣٩٣ه روز خميس مطابق ١٠ مئي ١٩٧٣ع.

حضرت صاحب مرحوم جي مناجات منظومه جا سنڌي سنڌيس زبان ۾ تحرير فرمائي انهي سان ڪتاب ۾ داخل ڪيان ٿو شال خداوند تعالى اوليا الله ڪاملن جي ارواحن جي برڪت سان اسان کي هن ڪتاب پڙهڻ مان الله وارن جي محبت ۽ انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

مناجات

بدرگاه قاضي الحاجات بتوسل مشائخ نقشبنديه و سلسلهٔ حضرات مجددیه از حضرت صديق اكبر رضي الله عنه تا حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حمد اول مون چوان ربُّ العُلیٰ جي واسطي | شڪر بيحد خالق ارض و سما جي واسطي
پوءِ چوان دل جان سان تڪ تڪ صلوٰتون سڳيون | سيّد الڪونين ختم الانبياء جي واسطي
ڪرم مون تي خدايا مصطفى جي واسطي | حضرت صديق اڪبر باصفا جي واسطي
رک سلامت دين ۽ ايمان منهنجو اي خدا | حضرت سلمان فارس پارسا جي واسطي
نيڪ قسمت اسانجي ۽ سعادت ڪر نصيب | حضرت قاسم امام الاتقيا جي واسطي
صادقن سان حشر منهنجو الٰه العالمين | جعفر صادق امام الاوليا جي واسطي
ڪر زياده دين ۽ ايمان اسانجو باليقين | بايزيد بوسطامي پيشوا جي واسطي
بوالحسن سوخار قاني شهر جو ساڪن هيو | صاحب ڪشف ڪرامت مقتدا جي واسطي
حضرت شه بوعلي عالي حسب عالي نسب | صاحب علم و عمل نور الهدىٰ جي واسطي
حسن ظاهر حسن باطن شيخ يوسف کي هيو | ڏي اسان کي حسن پڻ انهي لقا جي واسطي

عبد خالق غجدواني هو امام العارفين   خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا جي واسطي
معرفت پنهنجي عطا ڪر ۽ محبت ڪر نصيب   پير ڪامل عارفِ راهِ هُدىٰ جي واسطي
نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر   حضرت محمود شاهه اصفيا جي واسطي
سلسلي جي پير ڪامل هو علي رامتيني   حضرت بابا سماسي باصفا جي واسطي
پير پيرن جو ڏٺو هو سيّد مير ڪلال   ڪم ڪندڙ ڪيا جو هو ولي رب جي واسطي
نقش بندي نقشبندن هو بهاءالدين ولي   تنهن ڪيو روشن طريقو هي خدا جي واسطي
دل ۾ ذڪرِ حق جو جن جو جاري ڏيان هر رات شب   حضرت يعقوب چرخي پيشوا جي واسطي
بند نفس و قيد شيطان کان ڇڏ آزاد ڪر   خواجهٔ احرار شاهه بي ريا جي واسطي
زهد ۽ تقوىٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا   زاهد و درويش خواجه امڪنگي جي واسطي
ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان   شيخ عبدالباقي باقي بقا جي واسطي
جنهن ڪيو روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيو   تنهن مجدد الف ثاني مقتدا جي واسطي
ڏي اسان کي يا الاهي تون گناهن کان پناهه   خواجهٔ معصوم اوّل حق نما جي واسطي
رنگ اسان کي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا   صبغة الله شاهه بي رنگ و ريا جي واسطي
شاهه اسماعيل جو هو صاحب تقوىٰ عجيب   جنهن ڪئي قربان ٿي تنهن جان فدا جي واسطي
خواجهٔ معصوم ثاني شاهه غلام محمد ولي   صاحبِ فيض و ڪرامت باصفا جي واسطي
دل اسان جي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر   شاهه صفي الله امام الاصفيا جي واسطي
شاهه فضل الله جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾   فضل ڪر يا رب اسان تي اولياء جي واسطي
حضرت شاهه عبدالقيوم هو انهن جو جانشين   صاحب علم و عمل فيض و سخا جي واسطي
حضرت شاهه عبدالرحمٰن هو سراج الاولياء   آفتابِ معرفت نور الهدىٰ جي واسطي
هوا بو ۽ پير اسان جو مخلصن تي مهربان   حضرت خواجه حسن جان رهنما جي واسطي
هي تن پيرن ولين کي اله العالمين   تنهنجي در تي مير آدم التجا جي واسطي
آهيان بيڪار ۽ بدڪار ڏاڍو بي عمل   ڪو نه ڪيو ڪم مون عمل خالص خدا جي واسطي
نفس پرور بي اثر ڪاهل ڪمينو آهيان   ڏي مون کي توفيق تون حمد و ثنا جي واسطي
نااميد ڪي ڪامگار اي شاهه آغا شاد رهه   فضل ڪن جو آهي دافع هر بلا جي واسطي
سڀ مرادون پوريون ڪر ۽ دعائون مستجاب   تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي
اهل ۽ اولاد اسان جو شاد رک آباد رک   اهل بيت مصطفىٰ خير الورىٰ جي واسطي
پر ڀرم رک يا رب اسان جو ننگ ۽ ناموس پڻ   فاطمه بنت النبي خير النسا جي واسطي
سڀ مريدن مخلصن کي رک سلامت اي خدا   غازين بدر و حنين و ڪربلا جي واسطي
آفتون سڀ دور ڪر ۽ گهر سندن معمور ڪر   ۽ دل سندن ۾ سرور ڪر رحمت نما جي واسطي
مشڪلون آسان ڪر ۽ دشمنن کان ڏي پناهه   حرمتِ شير خدا مشڪل ڪشا جي واسطي

پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ نَوَّرَ قُلُوۡبَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ بِالۡقَوۡلِ الۡمَتِيۡنِ وَشَرَّفَ صُدُوۡرَ الۡعَارِفِيۡنَ بِالۡاِيۡمَانِ وَالۡيَقِيۡنِ وَاَوۡصَلَ اَعۡمَالَ الۡاَبۡرَارِ اِلٰى عِلِّيِّيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ وَعَلٰى اٰلِهِ الطَّيِّبِيۡنَ وَاَصۡحَابِهِ الطَّاهِرِيۡنَ اجمعين اما بعد هي كتاب مستطاب مرغوب الاحباب ومطلوب الاصحاب المسمىٰ "الانوار الاحمديه في حالات المشائخ النقشبنديه" كيترن سالن جي گوشه گمنامي كان پوءِ خداوند تعالىٰ جي فضل ۽ كرم سان شايع ٿي ناظرين كرام جي محبّت ڀريل نظرن هيٺ پهچي چكو آهي، ان نعمت جي شكرانه جا آلاءُ هن بنده جي هكڙي عاجز زبان كي كا طاقت نه آهي جو شكرانو ادا كري سگهي ـ

اگر بر رويد از تن صد زبانم ؛ اداۓ شكر لطفش كے توانم

جاڻڻ گهرجي ته هي كتاب پورن ٽن حصن ۾ آهي، حصه اوّل حالات حضرت سرورِ كائنات فخرِ موجودات صلى الله عليه وسلم ۽ احوال خلفاء الراشدين رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين ۽ ذكر حضرات خواجگان نقشبنديه تا حضرت خواجه بيرنگ باقي بالله جي ۾ تاليف ٿيل آهي حصه ٻيو خاص حالات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله سره الاقدس ۾ ٺهيل آهي حصه ٽيون حالات باقي حضرات خواجگان نقشبنديه تا احوال خيرمال شيخ الطريقة مصنف هن الكتاب عليهم الرحمة جي ۾ لكيل آهي ـ

هن وقت خلاف ترتيب جي هن كتاب جي خاص هن ٻئي حصه كي شايع كرڻ جو سبب هيءُ آهي ته هك پيري حضرت مشفق مهربان دستگير رمانده گان حضرت صاحب كلان مد ظله العالي سجاده نشين دار الارشاد درگاه شريف ٽنڊو سائينداد، پنهنجي مبارك زبان گوهر فشان حق ترجمان سان ارشاد ٿي فرمايائون ته "حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جا حالات مفصل عربي، فارسي ۽ اردو بلك انگريزي زبان ۾ بشايع ٿي چكي آهي سنڌي زبان ۾ اياتائين

ڪواھر ۽ ڪتاب نہ ڇپيو آھي جنھن ۾ سندن بصيرت افروز ڪارناما بالتفصيل ذڪر ٿيل ھجن. دوران ارشاد جي ۾ فرمايائون تہ ”اسانجي ڪن مريدن کي اھا بہ خبر نہ آھي تہ اسان سرھندي آھيون يا سرھندي، جو اسانکي ھي تخلص، پير سرھندي ڪري سڏيندا آھن، اسانجي پيشوائي طريقت ”جد امجد سان نالي، نسب، حسب کان گھڻا مريد ناواقف آھن“ فدوي ڏانھن ھن بئي حصہ جي ڇپائڻ جو اشارو فرمايائون -

سبحان الله! سندن ھي اشارو بہ وڏو معنيٰ خيز آھي جنھن کو بہ سالڪ طريقہ پنھنجي پيشوائي طريقہ جي نالي، نسب، حسب، درجات بلند، مقامات ارجمند کان بالڪل ناواقف ۽ نہ ڄاڻندڙ آھي ان ڪري جو پنھنجي شيخ الطريقہ جو تصور بہ پورو فائدو نہ ٿو ڏئي سگھي. شيخ الطريقہ جي محبت پيشوائي طريقت جي محبت ۾ مضمر آھي، نقشبندي طريقہ جو نور سندن ذات گرامي کان روشن ٿيو آھي، نقشبندي طريقہ جو باغ سندن عالي ھمت جي برڪت سان سرسبز ٿيو آھي.

از دو روشن چراغ نقشبندي ⁘ از دو سرسبز باغ نقشبندي

بہ ھندوستان گرچہ دارد مقام ⁘ بہ بالائے ھفتم فلک رانده گام
نگين گشتہ در حلقۂ اولياء ⁘ چو در انبيا خاتم الانبيا

انھي سبب ڪري ھن حصہ جي ڇپائڻ جي وڏي ضرورت محسوس ڪئي وئي اميد تہ عنقريب باقي حصا بعونہ تعاليٰ ڇپايا ويندا -

ھن حصہ جي تصحيح بعد اوچتو راقم الحروف کي حضرت والد بزرگوار مرحوم يعني مؤلف ھذا الڪتاب جي دستخط مسودن مان خاص ھن حصہ جو مقدمہ بفضلہ تعاليٰ ھٿ اچي ويو آھي، اھو محبت آميز مقدمہ گھڻي ذوق ۽ شوق سان مفصل لکڻ فرمايو اٿن جو فوائد عجيبہ، قواعد شريفہ ۽ مسائل منيفہ تي شامل آھي. دستور مطابق اھو مقدمہ لکي پوءِ ڪتاب شروع ڪيو ويندو اميد تہ نور علیٰ نور جو مصداق ثابت ٿيندو -

ھي لکڻ بہ حقيقت کان خالي نہ آھي تہ جنھن، جھن سالن کان وٺي ھن ڪتاب جي صحت بابت تڪليف وٺڻ ۽ تصحيح مطابق وري نئين سر ڪتاب کي نقل ڪرڻ کان پوءِ ڪتابت جي لباس ۾ آڻڻ ھن ناچيز ناقص الفھم جي حوصلہ، ھمت ۽ سمجھ کان ٻاھر ھئي، فقط حضرت صاحب مدظلہ العالي جي دعا ۽ سندن نظر عنايت جي برڪت شامل حال ٿي.

حضرت صاحبن بار بار فرمائيندا رهيا ته هي ڪتاب ڪوشش ڪري ڇپايو، اسانجي مريدن لاءِ خواه سنڌ جي سيني مجدّدي طريقه وارن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو. سندن نياز شاگردي ڪري اسانجي خاندان جي بعض فردن کي تمام گهڻو شوق دامن گير رهندو هو ته هي ڪتاب ڇپجي وڃي مگر ڪنهن کي به فرصت نه ملڻ سبب اهو ڪم هميشه التواءِ ۾ پيندو رهيو ڇو ته اهڙن ڪمن جو مدار علمي لياقت ۽ وسيع معلومات سان گڏ گهڻو ڪري فرصت ۽ فراغت تي به آهي.

راقم الحروف کي گهڻن سالن جي ڳالهه ياد آهي ته ڪراچي ۾ پهچڻ جاءِ تي ناچيز راقم الحروف جناب حضرت اخوي مولوي صاحب غلام حسين مدظله جي اشاره موجب هي ٻيو حصه حضرت منا جن مدظلهم العالي جي حضور ۾ پيش ڪري عرض ڪيو ته سائين! انوار احمديه جو هي ٻيو حصو آهي دعا ڪيو ته ڇپجي. پاڻ تنبيه سان فرمايائون ته همت نٿا ڪيو ۽ ڳوڙ ٻاتن سان پيا دعائون گهرايو. آئون جيئن ان تي ويس ته اها همت منهنجي وس کان ته ٻاهر آهي. شام جو جاءِ پيڻ وقت پاڻ جناب فيض ماب حضرت صاحب مرحوم سائين آغا عبدالستار جان سان اهو تذڪره فرمايائون ته مون هن مولوي کي ڇا ڇا ڪيو آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪتاب کي نه ڇپائيندو ته هن مولوي جا ڪن پٽي ڇڏيندس.

سبحان الله! پيارن ۽ خدا تعالى جي صالحن ٻانهن جي هڪل به رحمت ۽ نوازش کان خالي نه آهي. نگاه چشم بزرگان تهي ز رحمت نيست — غبار چهره گردون دليل باران است

ان واقعه کان بعد ناچيز کي اوچتو ذوق ۽ شوق پيدا ٿيو ته اول ڪتابت جو فن حاصل ڪيان. آخر به اڍائي سال ڪراچي ۾ رهي پيس ٻارن وانگر الف ۽ ٻي جون تختيون استاد وٽ لکڻ لڳس. قطري قطري سان تلاءُ ٿيندو آهي واقعي اندک اندک شود بسيار :: دانه دانه است غله در انبار نيٺ سڀ تختيون ختم ڪري ٿوري ٿوري ڪتابت جو ڪم شروع ڪيم ۽ هي ڪتاب ان دوران لکيم پوءِ هن ڪتاب جي تصحيح ڏانهن توجه ڪيم. پهرين پاڻ تصحيح جو ڪم جناب دوست مهربان مڪرم محترم رئيس ميان الهه ڏنو خان کان ڪرايو ويو. وڌيڪ تحقيق ۽ تسلي لاءِ وري سڄو ڪتاب جناب فضيلت ماب محسن الاحباب مڪرم محترم ميان عبدالله اثر صاحب جن کان نئين سر صحيح ڪرايو ويو. شڪر آهي خداوند تعالى کين ذهن ۽ ذڪا جي دولت کان سرفراز فرمايو آهي پاڻ محنت جي نظر سان ڪتاب کي چڱي طرح مطالعه ڪري ڪن خامين تي نشان فرمائي ڪتاب موٽائي ڏنائون. بهرصورت ٻنهي صاحبان جي محنت ونڊ تي ناچيز مشڪور ۽ ٻنهي صاحبن جو احسان مند آهي

حضرت والد بزرگوار مرحوم جي انتقال کي هن وقت تقريبًا ۴۶ سال گذري ويا آهن اندازه لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب لکڻ واري زماني کي تقريبًا پنجاهه، سٺ سال جو عرصو گذري ويو هوندو ضرور، ان وقت ۽ هن وقت جي زبان ۾ ٿورو فرق پيدا ٿيڻ گهرجي هن کان سواءِ حضرت والد بزرگوار مرحوم جن کي گوناگون مصروفيتن جي ڪري باقاعده نظرثاني ڪرڻ جو وقت ميسر نه ٿي سگهيو ۽ ساڻن حياتي به پوري طرح وفا نه ڪئي جو ۴۱ سالن جي عمر ۾ وفات فرمايائون ان ڪري ڪن ڪن جاين جو سمجهڻ ڏکيو ٿي لڳو سنڌي محاوره موجب مطلب سمجهه ۾ پوري طرح نه ٿي آيو انهن جاين جي سولي ڪرڻ جي اثر صاحب جن ڪوشش ڪئي آهي ساڳئي وقت مصنف عليه الرحمة جي طرز تحرير کي باقاعده قائم رکيو اٿن.

جناب اثر صاحب جو هي خيال جناب حضرت صاحب مدظله العالي کي گهڻو پسند آيو ته مصنف جي طرز تحرير جيڪڏهن فوت ٿي ويئي ته ڪتاب جو روح به فوت ٿي ويندو ڪتاب جو هر جزو مصنف جي محبت آميز الفاظن تي موقوف آهي مصنف جي لکڻ جو نمونو گو موجوده روش تحرير سان موافق نه هجي تڏهن به فائدي کان خالي نه آهي -

هن ڪتاب ۾ پنهنجي طرفان ڪا به ڪمي بيشي نه ڪئي ويئي آهي البته ڪن ڪن جاين جي حاشيي تي زياده وضاحت ۽ چٽائي لاءِ ڪجهه لکيو ويو آهي. بعض احبابن ۽ حضراتن هي مشورو ڏنو ته عربي جي بالمقابل سولو با محاوره سنڌي ترجمه داخل ڪيو وڃي، مگر اهو ڪم طوالت ۽ تاخير بيّن ڪندڙ محسوس ٿيو تنهن ان بار گران جي برداشت جي في الحال طاقت نه ٿي سگهي. اگر خداوند تعالى توفيق ڪئي ته ٻئي ايڊيشن ۾ اهو ڪم سرانجام ڪيو ويندو. ان سواءِ هن ڪتاب جي گهڻن جاين تي عربي عبارت جو خلاصه عبارت کان اڳ سولي نموني سان تمهيد طور ذڪر ٿيل آهي تنهن ڪري ترجمه جي ڪا خاص ضرورت معلوم نه ٿي. عربي نه ڄاڻندڙن لاءِ به باعث آساني جو آهي -

هي نه لکڻ اظهار تشڪر جي منافي ٿيندو، ته جن حضراتن هن ڪتاب ڇپائڻ بابت مدد فرمائي آهي، يا جن وعده ڪيو آهي انهن جي شڪرگذاري سان گڏ انهن جي حق ۾ ناچيز دعاگو آهي شال خداوند تعالى انهن جي عزت اقبال کي زياده فرمائي - آمين

پنهنجي خاندان مان جناب حضرت فيض درجت بحر شفقت الحاج حضرت عموي صاحب قاضي جان محمد جن خاص مدد فرمائي ۽ جناب فضيلت ماب اخوي حاجي غلام صديق صاحب جن وعدو فرمايو آهي -

آخر ۾ هنن چند دعائيه حرفن تي اڪتفا ڪيان ٿو ـ

دولت روشن و وقت مجموع باد ⁂ قدم ثابت و پايه مرفوع باد
حيات خوش و رفتنت بصواب ⁂ عبادت قبول و دعا مستجاب

و يرحم الله عبدًا قال آمينا

غره ذوالحج سنه ١٣٩١ ه مطابق
١٩ جنوري سنه ١٩٧٢ع روز اربع

راقم الحروف نور احمد عفا عنه الصمد

مختصر حالات جناب حضرت فيض مآب مؤلف هذا الكتاب المستطاب

ڄاڻڻ گهرجي ته هن ڪتاب جا مؤلف راقم الحروف جا والد بزرگوار آهن چونڪ راقم سندن جزو آهي ان ڪري مان ائين نه سمجهڻ گهرجي ته ڪل جي تعريف ۽ توصيف سان جزي کي به اجمالاً شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهو موجوده زماني جو فتنه ۽ فريب آهي جو پنهنجي عيبن لڪائڻ ۽ اثر قائم رکڻ لاءِ ابن ڏاڏن جي شان مان سان تعريف ڪئي ويندي آهي ـ

پاڻ لوڪن ڪين ڪي سار اهن تو اُڏاءِ نانا ⁂ اهڙا اوليءَ آنا ڪڪرن لاٿا ڪيترا

جڏهن ته دستور آهي ته هر ڪتاب جي شروع کان اڳ مصنف جي مختصر حالات ناظرين ڪرام جي واقفيت لاءِ درج ڪئي ويندي آهي انهي دستور موجب راقم به مختصر احوالات جا مشهور ۽ معروف آهي قلمبند ڪري ٿو نه خود ساخته ۽ من گهڙت مضامين ـ

وڌيڪ تفصيلوار حالات جناب فضيلت مآب مولوي قاضي غلام احمد عارفي صاحب جي لکيل مجموعه نظم ديهاتي جي شروع ۾ ڏسڻ گهرجي ـ

نالو، ذات ۽ سندن والد سڳوري جا احوال

الحاج مولانا مولوي مرحوم جو نالو نظر محمد هو. پاڻ شهر ديهات تعلقه ڪنڊياري ضلع نواب شاه جي سومرا خاندان جا فرد ۽ مشهور بزرگ قاضي عبدالرحمٰن صاحب جا خلف رشيد هوا. قاضي صاحب جن پاڻ به صاحب علم و عمل حافظ القرآن ۽ حاجي الحرمين هو سندن سخاوت خاص شيوو هئي. حوصلمند ۽ عالي همت هوا. سندن تاريخ ولادت راقم کي معلوم نه ٿي سگهي. پاڻ تعليم محراب پور تعلقه ڪنڊياري ۾ جناب حضرت عمدة العلماء و زبدة الفضلاء مولانا مولوي ميان عبدالله صاحب

ٽيپتن واري وٽ حاصل ڪيائون ان وقت مولانا صاحب جن شهر محراب پور ۾ پڙهائيندا هوا پنهنجي استاذ صاحب جا نهايت اديب هوا. فرمائيندا هوا ته اسانکي استاذ صاحب اڳيان ڳالهائڻ جي همت نه ٿيندي هئي.

جناب حضرت عموي صاحب قاضي حاجي جان محمد جن فرمائن ٿا ته باباسائين جن اسانکي ڪلهن تي نشان ڏيکاريندا هوا ۽ چوندا هوا ته باباهي نشان استاذ جي خدمت جا آهن.

هر که خدمت کرد او مخدوم شد ⁂ هر که خود را دید او محروم شد

پاڻ اجان مولويت جي درجه تي نه پهتا ته سندن عزيزن قريبن کين معاش جي فکر تي مجبور ڪيو. هڪ رات معمول جي خلاف استاذ سڳوري جي خدمت ۾ ننڍ ورڻ ديڻ شروع ڪيائون گهڻي رات گذري وئي. سندن استاذ سڳورا سمجهي ويا ته ڪيس ڪا مجبوري آهي مگر ادب ۽ حياءُ ڪان چئي نه ٿو سگهي. پڇيائون ته بابا تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي ٻڌاءِ؟ پاڻ فڪر معاش جو اظهار ۽ عزيزن قريبن جو اصرار بيان فرمايائون. ان وقت مولانا صاحب جن پنهنجي پاءِ قاضي ميان فيض محمد صاحب کي ڏانهن خط جوان زماني ۾ ميرپور خاص ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو" جي لکي ڏنائون. قاضي صاحب جي توسط سان پهريائين ڪيري طرف انجنيري کاته جي ڪورن جي سرن ڳڻڻ تي ١٥ رپين جي پگهار تي مقرر ٿيا آهسته آهسته سندن بخت جو ستارو اوج ترقي جي تي پهتو. آخر پاڻ انجنيري عهدن تي فائز ٿيا ان زماني ۾ کين وڏا اختيارات مليل هوا. ان ملازمت جي زماني ۾ قرآن شريف ياد ڪيائون راقم جي پڦي مرحومه "حاجاڻي حافظياڻي بشري" فرمائيندي هئي ته باباسائين هڪ نئين ترهي ٺهرائي هئي صبح جو ان تي جيترو ياد ڪندا هوا اوترو لکي پوءِ ديوتي تي چڙهندا هوا اها ترهي ڪيترا ڏينهن اسان وٽ محفوظ هوندي هئي مگر افسوس آهي جو هاڻي گم ٿي وئي آهي.

قرآن شريف سندن تمام پڪو هو. حضرت والد بزرگوار جو مامون سڳورو مرحوم محمد فقير فرمائيندو هو ته هڪ سال رمضان شريف مهيني ۾ مرحوم قاضي صاحب جن پنهنجي هيب ڪوارٽر ٽگ شهر ڪيري تي هوا سندن پاڻ جو ديهات مان خط پهتو ته "اسانکي اچا تائين حافظ هٿ نه آيو آهي، شايد هن سال ختمه اسان وٽ نه ٿي سگهي پاڻ خط پڙهڻ شرط هڪ منزل تان سواري جو انتظام ڪري فورًا ديهات پهتا، تن پاڇن راتين ۾ ختمه پورو ڪري عيد کان پوءِ واپس هيب ڪوارٽر تي پهتا. آفرين باد برين همت مردانه تو

سنه ١٩٠٣ع ۾ ريٽائر ٿي سرڪار کان مليل زمين "هيرل واه" تي قيام پذير ٿي پڇاڙي عمر

تائين فقيرن، عالمن، خصوصًا پنهنجي مرشد جي خاندان جي كمال محبت ۽ اخلاص سان خدمت كندا رهيا. پنهنجي آبائي وطن شهر ديهات ۾ فالج جي بيماري سبب ٢ جمادي الثانيه جمعه ڏينهن اشراق وقت سنه ١٣٢٦ھ ۾ رحلت فرمايائون. سندن تاريخ وفات بجماد و مغفور آهي ١٣٢٦
ياد حضرت قطب العارفين خواجه عبيد الله المعروف به خواجه غلام جان قدس سره مشهور حضرت صاحب مكه وارن جا مريد هوا. سندن وفات جو ذكر باتفصيل حضرت والد بزرگوار انوار احمديه جي ٽئين حصه ۾ حضرت صاحب مكه واري جي كرامت جي بيان ۾ كيو آهي زياده تفصيل طوالت جي كري نه ٿو لکجي

سندن مزار شريف جي مٿان تختي سنگ مرمر تي هن طرح لکيل آهي

لا اله الا الله محمد رسول الله

هو الباقي

تاريخ وفات حضرت آيات مرحوم مغفور جنت مكان قاضي حاجي حافظ عبد الرحمٰن ولد محمد پريل عليهما الرحمة والرضوان سومرو نسبًا نقشبندي مشربًا بهفت و دهم ماه جمادي الثانيه سنه ١٣٢٦ بروز جمعه وقت نماز اشراق بعمر مسنون "شصت و سه سال" از اين جهان فاني بدار البقا رحلت فرمودند. انا لله وانا اليه راجعون ؎

؎ قطعه تاريخ ؎

حضرت زبدة العلما مولانا مولوی عبد الله صاحب مرحوم ساكن قريه ٹيٹ متصل بهان سيد آباد نظم فرموده[1]

دريغا زين جهان رحلت نموده　　عماد الملك قاضي عبد رحمٰن
محب و مظهر نور سعادت　　معز و مصدر اسرار پنهان
مقام قرب قصر وصل عالي　　بجنت با قران الطاف رحمٰن
هميشه باد تا روز قيامت　　بر اولادِ كرامش فضل يزدان
چو گر ديده غريق رحمت حق　　سن ترحيل او مغفور برخوان

---

[1] هي روايت جناب حضرت عموي صاحب قاضي حاجي جان محمد مد ظله جي آهي. حضرت والد بزرگوار مرحوم جي دستخط اكرن مان معلوم ٿو ٿئي ته هي قطعه جناب حضرت فيض درجت خواجه محمد اسماعيل جان سرهندي مجددي قدس سره فرمائي آهي وهو الارجح ١٢

مؤلف جي ولادت باسعادت تربيت، تعليم ۽ تڪميل

سندن ولادت باسعادت ٢٥ ربيع الاول سنه ١٣٠٤ه جمعه جي رات اسر جي وقت ٿي. سندن ولادت کان اول والده ماجده راقم الحروف جي ڏاڏي خواب ۾ ڏٺو ته، منهنجي جهولي ۾ چنڊ لٿو آهي، ان خواب جي خبر سندن والد بزرگوار قاضي عبدالرحمن کي معلوم هئي. خواب جو تعبير پاڻ سمجهي ويا ۽ کين پنهنجي مرشدن کان معلوم ٿيو، ان ڪري تربيت ۽ تعليم ۾ تمام گهڻي قدر ڪوشش ڪيائون.

حضرت والد صاحب جن پهريائين قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ديهات ۾ مرحوم آخوند عبدالخالق ابڙائي واري وٽ پڙهيا پوءِ سينارجه بالا، جوهن وقت سينارجه ا سٽيشن جي اتر اولهه طرف تقريبًا ميل پنڌ جي مفاصلي تي نئين ٺهيل شهر آهي اتي ته هو وقت تعليم ڏيندا هئا.

ان زماني ۾ راقم الحروف جي ناني مرحوم يعني ڏاڏي جي پاءُ جناب فضيلت مآب مرحوم قاضي عبدالواسع صاحب جي گهر ۾ والد بزرگوار جن جي رهڻ جو بند و بست هو، مرحوم قاضي صاحب جن دولت مند ۽ اثر وارا سوخ وارا هوا. هڪ پيري والد بزرگوار مرحوم جو شايد سبق پوري طرح پڪو نه ٿيو هو، سندن استاد کين تنبيه ڪئي، پاڻ گهر ۾ جي ناءِ ماني نه ٿي کاڌائون گهر وارن جي صلاح سان ناني مرحوم، سندن استاد صاحب کان پڇيو ته قاضي صاحب جن جو نينگر ماني نه ٿو کائي ۽ روئي ٿو خبر نه آهي ته ڇا ٿيو اٿس، استاد صاحب جواب ۾ چيو ته برابر اڄ مون کيس تنبيه ڪئي آهي، نئين ڏينهن ڏوبارا آهي جي روئي ٿو ته آئنده آئون کيس نه چوندس. اتفاقًا سندن والد بزرگوار (راقم الحروف جو جد امجد) سندن استاد کان تعليم بابت حال احوال پڇيو، جواب ۾ چيائون ته ”سائين آئنده آئون اوهان جي نينگر کي نه چوندس جو قاضي صاحب جن پارت ڪئي آهي“. اهو جواب ٻڌي پاڻ گهڻي قدر ناراض ٿيا ۽ فرمايائون ته ”جي نظر محمد جا سچا آهيو ته سندس پار تون نه ڪيو اها منهنجي اولاد سان دشمني ٿا ڪيو. ”جور استاد به زمهر پدر“

آخر سينارجه بالا کان پوءِ محبت ديري سيال ۾ جناب فضيلت مآب مرحوم مولوي صاحب مياں مير محمد سيال وٽ فارسي ڪتاب پڙهڻ لڳا.

نئين هوندي کان وني خوش مزاج ۽ خنده پيشاني هوا. راقم الحروف جي پڦي مرحومه حافظياڻي فرمائيندي هئي ته جڏهن محبت ديري سيال کان گهر ايندا هوا ته پنهنجي خوراڪ جي

انتظام جو احوال هنن لفظن ۾ بيان ڪندا هوا.

محبت ڏيرو جتي نڪرُ نه آهي ٿيرو ۽ جتي ٻڪ مري ويو گهه جتي ٻکن کيو آ ڳهيرو

محبت ڏيري سيال کان پوءِ سنڌن والد بزرگوار دارالارشاد درگاهه شريف ٽنڊي سائينداد جي مدرسه ۾ پڙهڻ ويا ئون.

پڦي مرحومه (حافظياڻي بشريٰ) فرمائيندي هئي ته درگاهه شريف تان هڪ ڀيري اتفاقاً پاءُ مرحوم مولوي صاحب ڳوٺ آيو، والده ۽ وڏي همشيره جي اڳيان روئڻ لڳو ان وقت اتفاقاً بابا ديهات ۾ آيل هو. والده سڳوري بابا سائين سان احوال ڪيو ته نظر محمد آيو آهي، درگاهه شريف پري پنڌ آهي اتي وڃڻ کان ڪيبائي ٿو ۽ صاحبزادن کان به ڊڄي ٿو. بابي سائين جڏهن اها خبر ٻڌي ته سخت گرم ٿي ويو ۽ چيائين ته مونکي نظر محمد جي جان ۽ هڏ اڳين ماسٽر شدن جي حوالي آهي ۽ کين جلد درگاهه شريف ڏانهن روانو ڪيائون -

چون بود اصل جوهري قابل ۔۔۔ تربيت را درو اثر باشد

درگاهه شريف دارالارشاد ٽنڊي سائينداد ۾ سنڌن مختصر تعليم ۽ تڪميل جو احوال حضرت صاحب فضائل مآب قبله شاهه آغا مدظله العالي مؤنس المخلصين ۾ پهنجي والد بزرگوار خواجه خواجگان حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره جي بعض احباب ۽ خاص مريدن جي ذڪر ۾ جو بيان فرمايو آهي ان جو خلاصه هن طرح آهي

مرحوم مولوي نظر محمد منهنجو همعمر ۽ هم سبق هو ڪيترا سال گڏ هڪجاءِ ٿي گذاريوسين. سندس والد مرحوم قاضي عبدالرحمٰن جن کيس فارسي ڪتابن پڙهڻ کان پوءِ عربي پڙهائڻ لاءِ ٽنڊي سائينداد ۾ آندو هو. آئون ان زماني ۾ ڪافيه، هداية النحو پڙهيو هوس، پوءِ ڪيترا سال صرف ۽ نحو جا منهنجي اڳيان پڙهيائين، آخر مون سان گڏ ٿيو، متين ڪتابن ۾ هم سبق ٿيا سون، ڇاڪاڻ ته مون درسي ڪتاب هڪ جاءِ مولوي صاحب اڳيان پڙهيا سون، جڏهن مولوي خير محمد صاحب هتان ڇڏي ويو، تڏهن مرحوم مولوي نظر محمد دهلي روانو ٿيو تقريباً ٻه ڇه مهينا مولوي عبدالرب جي مدرسه ۾ تعليم وٺي سنڌ ڏانهن موٽي آيو، هت مولوي خير محمد صاحب مگسي وٽ دستار فضيلت ٻڌائين ۽ پنهنجي ملڪ ديهات جي ڳوٺ ضلع نواب شاهه سنڌ ۾ شريعت ۽ طريقت

جي ترويج ۽ خلق جي هدايت لاءِ مشغول ٿيا، پنهنجي جاءِ تي مدرسه مجدديه جاري ڪري طب ۽ مريضن جي علاج جو ڪم بہ شروع ڪيائون گويا طبيب روحاني هوا ۽ حڪيم جسماني بہ، آس پاس جا ماڻهون ڏانهس رجوع ٿيا

هر ڪجا چشمهٔ بود شيرين　　　مردم و مرغ و مور جمع آيند

سندس صحبت مؤثر ۽ وعظ پرتاثير هو گهڻا ماڻهون سندس صحبت سبب سڌي رستہ تي آيا ۽ روزي نماز ۾ مشغول ٿيا الخ ملخصًا.

حضرت والد بزرگوار جن پهريائين پنهنجي والد جي نظر ۽ تربيت ۾ حضرت خواجه سراج الاولياء" حضرت خواجه عبدالرحمٰن قدس سرهٗ" جاري ٿيا، سندن نظر اڪسير اثر سان ئي صلاحيت کي پهچي ويا، باقي فيض ۽ فائدو سندن مسند نشين رأس المحققين رئيس المدققين زيب و زينت دين متين الحاج حضرت صاحب ڪلان حافظ القرآن خواجه محمد حسن جان قدس سرهٗ وٽان حاصل ڪيائون.

مرشد جي عشق ۽ محبت ۾ فاني الشيخ هوا. پنهنجي نظر ۾ مرشد جو مٽ ڪوبہ نہ سمجهندا هوا، سندن محبت جو بيان هن عاجز جي زبان جي طاقت کان باهر آهي. پنهنجي حياتي مبارڪ جا ڏينهن سنت جي احياءِ بدعت جي اطفاءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون، دنيوي ڪمن سان ڪابہ رغبت نہ رکندا هوا.

حضرت استاذي مرحوم محمد اسماعيل هرياڻ، جو سندن خاص مخلص ۽ معتقد هوا سندن وفات کان پوءِ تقريبًا ۳۵ - ۴۰ سالن تائين قرآن شريف پڙهائڻ ۽ مسجد شريف جي خدمت بنا طمع ڪندا رهيا، تن راقم الحروف سان ذڪر ڪيو تہ حضرت مولانا مرحوم هڪ ڀيري تي فرمايو جنهنجو مطلب خلاصه هي آهي تہ "منهنجو زمين سان ڪهڙو واسطو آئون زمين کي ڇا ڪندس مان ادي خان محمد (جو سندن وڏو ڀاءُ هو) جي نياڻي پيٽ آهيان ادو پيو ڪم هلائيندو مونکي رڳو ڪانئس سان ڪم

ترڪ دنيا گير تا سلطان شوي　　　ورنہ همچون چرخ سرگردان شوي

سرهند شريف جي زيارت جوڪين هر وقت شوق دامن گير رهندو هو عرس جي موقعي هر سال سرهند شريف روانا ٿيندا هوا. سرهند شريف جي محبت ۽ عشق ۾ جيڪي اشعار لکيا اٿن سي ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪجن ٿا، ڪين جن هن پنهنجي محبوب جي مڪان جو ايتري عشق ۽ ذوق هوندو پنهنجي محبوب (صاحب مڪان) سان سندن ڇا محبت هوندي؟ -

بيت

شهر ٿيو ساهه جو سينگار سرهند — خدا جي فيض جو جنسار سرهند

لٿي لحظي ۾ ڏيون عاشقن جون — اهو شهرن ۾ سند سالار سرهند

ٿيون پي ٿيون دين ايون انڌن — اهو دلبر اکين جو ٺار سرهند

ٿا ڪنُ عامل ڪنبي اکڪ اُن شهر جا — محب مهتا اهو مُنٺار سرهند

خدا سان ٿي ملائي خاڪ تهنجي — هيئن جو هار ۽ هسوار سرهند

مُٺي منڪر جنهين محبوب اُن کي — انهي لئي ٿي قهر تلوار سرهند

جنهين مسجد محمد مير آيو — اها مسجد ٿي منجهه مهندار سرهند

اتي عامل ڏي عجب پاڻ آيو — سبب تهنجي ٿيو سردار سرهند

اسم ذاتي جو ٿيو آڌار چوطرف — ياواهڙو ٿيو آڌار سرهند

مجدد جي مهرباني سان اُن کي — سدا ٿيو سڀ خلق پُرانوار سرهند

ڏريون روضي سند نور جهٽ پيون ٿيون — پجي دل جن هن سا پان يا سرهند

گهڻي ان گهوٽ جي ٿي گهور خلقون — سدا طالب کي تن ۾ تار سرهند

خداوند امد پئي جي نمارين — مجدد جي مهابي مار سرهند

مِٺي جو مان مرشد ڪان پڌ و موٽ — اهو جنت جو ٿيو گلزار سرهند

چگوات گنهگارن جو گذارن — ٿيو هيڻن سند وهنڌيار سرهند

پڌل جي پيڙي پا جهاروڪي پي تج — غمن جي لاءِ ٿيو غمنار سرهند

آگهائي شال سائين سوال منهنجو — ڏجي هيڪر کريان ديدار سرهند

دور ٿي هن دنيا دشمن کي جدائي — گهر دل ٿي ڏسان دلدار سرهند

ڏئين ۾ داغ جن کي دوستي جو — ته گاڏي تنجو هڪ وار سرهند

سدا اُٿهو ۽ من مهٽو سوبار — ٿيو سينن جي لئي سنسار سرهند

ڪري احسان ٿو اتئين اگهڻ ٿي — سگهڻ جو بڻ ٿيو سينگار سرهند

ٿي فرحت فيض فائض جي اچي اُت — ٿي عنبر مشڪ جنهن هنڪار سرهند

وڏائين نور ڪعبي جو ڪرم سان — مٿي مالڪ انڌ رجو ذار سرهند

گهائن حور ون پريون جن ملڪ سڀ — گهائن نينهن ۽ وڏا بار سرهند

تاوسڙ مِڻ ماڻت ڪرتم سيئي — جن هن سائل کي ٿي تيار سرهند.

ولئين ات سيين تشريف آندي — آيا پنهنجي ٽن ۾ چارئي پاسي سرهند
سڌ امرشد سچي وٽ پاڻي آيا — محمد مصطفيٰ مجتبيٰ سرهند
محمد هاشمي کي ٿي ڪريان سوال — اِتي ويني مونکي ڏيکار سرهند
سب تيون روضي تي نيلون نو جوٽ — لطف لائق ٿيو للهڪار سرهند
اهو توهوت هيئن کي همت ٿئي — ڏئي جانب سند وتوجار سرهند
پريل گنج فيض ٿيا، طالب ڪو گهرجي — سڌ اسڻو ٿيو شاهوڪار سرهند
مهر مسڪين تي ڏاڍي ڪريتو — رلئين جي لاءِ پڻ ٿيو يار سرهند
جڏهن ٿي سار، پاڻ ها حب جو — وڃان هاڻي الله آڌار سرهند
سچائي جو بڌي سند رو صبحاني — وڃان واهي اکين مان نار سرهند
اگيان ايمان جو آئون ڪندس عرض — ڏسيند وڪرت رب جي ڪار سرهند
سڪايل جي منارب سڻ صد اهئي — ٿيان تا موت خد منگار سرهند
جنين جي سڳ جا سلٽ اُسڪو يا — ڏئي ڏا ٿيون انهن ڏآيار سرهند
سد ائين دوستن کي دان ڏئي تو — مني منڪر تي ٿيو قهار سرهند
ڪري جيڪو ڳلا اُنجي ڳنڍ م ٿيو — ڪندو اُن تي سد اِمڪار سرهند
نظر محمد بني اڳيان نوي تو — ڪري شل نور ۾ نروار سرهند

پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ هر نوع تبليغ جو جاءِ آئون، تدريس، تاليف، تقرير ۽ تحرير فرمايائون. سندن تاليفات هيءُ آهي ١ مجموعه نظم ديهاتي، منجهس خطباءِ قصائد وعظ موثر ۽ نصيحت پر تاثير تي مشتمل آهن ٢ الانوار الاحمديه في حالات المشائخ النقشبنديه ٣ حصا جنهنجو ذڪر ٿي گذريو ٣ رد قاديانن جو سليس نمونه، شاگرد ۽ استاد جي سوال، جواب جي طريقه، تمام تحقيق سان لکيل آهي ٤ الدر المنظوم في تذكرة المخدوم قدس سره المكتوم، مخدوم نوح عليه الرحمة جي حالات سوانح حيات ۽ مناقبات ۾ آهي ان سان گڏ سنڌ جي ڪن بزرگن جي حالات به شامل آهي. ٥ احسن التقرير في جواب التحرير مولوي صاحب محمد عثمان نورنگ زاده جي تعصب آميز اعتراض جي جواب ۾ مختصر رساله لکيوائون. مولوي صاحب محمد عثمان انوار احمديه جي حصه ٻئي تي اعتراض ڪيو هو. پنهنجي

شيخ الطريقة جي رسالہ ابتداءِ سلوڪ فارسيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمه ڪيو اٿن.

عجز ۽ انڪساري ۽ سادگي به سندن خاص عادت هُئي، مستري محمد بخش صاحب شڪارپوريءَ چوندو هو ته ”هڪ دفعي شڪارپور ۾ وڏو جلسه هو ۽ ڏاڍا حضرت صاحب حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره به جلسه ۾ رونق افروز هوا. مولوي صاحب مرحوم اهڙي طرح عجز، انڪساري ۽ سادگي سان ويٺل هوا جو ڪنهن نه ٿي سمجهيو ته هي مولوي آهي. جڏهن حضرت صاحب جي حڪم سان تقرير تي بيٺا ته سڀ ماڻهون حيران ٿي ويا تقرير پوري ڪري ويٺي جنهن وقت ٻئي مولوي صاحب کي وارو ڏنائون ان وقت سڀني جماعت هڪ آواز ٿي چيو ته ”مولوي صاحب ڪاري ڪٿي وارو وعظ ڪري“، ان وقت کين ڪاري ڪٿي ڏيڻ هيل هئي“.

فروتني است دليل رسيدگان بکمال   که چون سوار بمنزل رسد پياده شود

وفات حسرت آيات

عين جواني ۾ کين دق جي بيماري لاحق ٿي. سندن وڏي ڀاءُ جناب فضيلت مآب الحاج عموي قاضي خان محمد صاحب جن گهڻيون دوائون ۽ علاج ڪرايا، مگر تقدير خداوندي غالِبُ هُئي جو ڪنهن به علاج ۽ دوا مان فائدو نه ٿيو.

هرچه کردند از علاج و از دوا   گشت رنج افزون حاجت ناروا
از قضا سرکنگبين صفرا فزود   روغنِ بادام خشکي مي نمود

بيماريءَ جي وقت وصيّت فرمائي هوائون ته جڏهن منهنجو پويون وقت ٿئي ته ڏهن منهنجي مٿان اچي چادر وجهي سيني تي مڪتوبات شريف، صحيح بخاري شريف ۽ تفسير جلالين رکجو. عين انهي وقت سندن وصيّت موجب سيني تي اهي ڪتاب سڳورا رکيا ئون.

سندن پوري زندگي مبارڪ تصوّف، حديث ۽ تفسير جي مطالعه ۾ بسر ٿي. پڇاڙيءَ ۾ به انهن فنن جي خاص ڪتابن کي پنهنجي سيني سان ملايائون، انهي محبت ۾ ئي سندن روح مبارڪ قفس عنصري کان پرواز ڪري پنهنجي اعليٰ مڪان تي پهتو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ط

سندن تاريخ وفات جو مادو جناب حضرت خواجه محمد اسماعيل جان قدس سره واهب فيض اتم لکيو آهي

١٣٠٥

سندن مزار شريف مٿان سنگ مرمر تي هن طرح لکيل آهي

تاريخ وفات جناب حضرت بابرکت حافظ القرآن الحاج مرحوم مغفور مولوی نظر محمد

ولد مرحوم قاضی حاجی عبدالرحمٰن صاحب علیہما الرحمۃ والرضوان سومرو نسباً
نقشبندی مشرباً نہم جمادی الثانیہ ۱۳۴۵ھ روز سہ شنبہ مطابق ۱۴ دسمبر ۱۹۲۶ء وقت
درمیان عصر و ظہر رحلت فرمودند اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَیْهِ رَاجِعُوْنَ ط

قطعہ تاریخ وفات از حضرت مرشدنا خواجہ محمد اسماعیل جان سرہندی مجددی قدس سرہٗ

آہ کین حاجی و حافظ مولوی محترم — رفت از ملک وجود الآن بہ اقلیم عدم
آنچنان زاہد کہ باشد شمۂ از زہد او — تا ابد گر من بتقوالیش بفرسایم قلم
گر کف حسرت بساید از پیش عالم بجاست — زانکہ در گیتی وجودش بود از بس مغتنم
حور غلمان از قدومش در ارم فرحان خوش — مرد و زن از فرقتش اندر جہان در درد غم
سال تاریخ وفاتش جست روشن چون ز غیب — گفت ہاتف در جوابش واہب فیض اتم
۵ ۱۴ ۱۳ ھ

سنڌن اولاد ۽ پاڻن جو ذڪر

جاڻڻ گهرجي ته راقم الحروف جي والد جن کي چار فرزند محمد[1] يوسف، قاضي[2] خان محمد، مولوي نظر محمد، قاضي جان محمد ۽ ٽي نياڻيون هيون سنڌن ٽي نياڻيون فوت ٿي ويون آهن.

[1] محمد يوسف ننڍي ئي اُئي جي زماني ۾ فوت ٿي ويو.

[2] فضيلت مآب عموي صاحب قاضي حاجي خان محمد جي ولادت سنه ١٣٠١ھ ۾ ٿي، سندن تربيت تعليم پنهنجي والد جي نظر هيٺ ٿي. حضرت سراج الاولياء خواجه عبدالرحمٰن سرهندي مجددي قدس سره جا مريد ٿيا. صاحب فضيلت ۽ عالي دماغ هوا. نهايت دور انديش ۽ مزاج شناس هوا. کين قرآن شريف گهڻو ياد هو. صورت و سيرت عالمانه هين. پنهنجي والد بزرگوار جي وفات کان بعد دنيوي ڪاروبار سندن حوالي هو. ١٣ ذي قعده سنه ١٣٦٧ھ مطابق ١٦ سيپٽمبر سنه ١٩٤٨ع وفات ڪيائون، سندن مزار مٿان سنگ مرمر تي هن طرح لکيل آهي.

تاریخ وفات جناب عزت مآب الحاج مرحوم و مغفور قاضی خان محمد ولد مرحوم
قاضی حاجی عبدالرحمٰن صاحب علیہما الرحمۃ والرضوان سومرو نسباً نقشبندی
مشرباً دوازدہم ذی قعد ۱۳۶۷ھ روز پنجشنبہ مطابق ۱۶ ستمبر ۱۹۴۸ء ازاین
جہان فانی بدار البقا رحلت نمودند اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَیْهِ رَاجِعُوْنَ ط

يکے بعد ديگرے ٻه شاديون ڪيون هيائون. پهرين گهر مان مرحوم اخوي خان صاحب غلام[1] رسول، ٻئي گهر مان اخوي حاجي غلام[2] صديق صاحب سلمه ربه پيدا ٿيا.

١ فضيلت مآب جناب مرحوم خان صاحب الحاج غلام رسول جي ولادت ٢ صفر المظفر سنه ١٣٢١ھ بعد رات ٢١ مئي سنه ١٩٠٣ع ۾ ٿي آهي. تعليم نوشهرو فيروز، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ ورتائون، چڱي اعليٰ تعليم حاصل ڪري ميرپورخاص ۾ پهرائين وڪالت ڪيائون، اول ميهڙ ۾ سب جج مقرر ٿيا. درجه بدرجه ترقي ڪندا اسيشن جج جي عهدي تي پهتا. ڪي سال اليڪشن ڪمشنر به ٿي رهيا. وڏي عهدي هوندي به سادگي کي زياده پسند ڪندا هوا. موجوده وڏن ماڻهن وانگر تڪلف سان رعب تاب پيدا نه ڪيائون. قدرتًا سندن مُنهن مُبارڪ ۾ رعب هوندو هو. سندن هر نشست برخواست ۾ عاجزي ۽ تواضع ملحوظ هوندو هو.

تواضع کند هوشمند گزين　　نهد شاخ پرميوه سر بر زمين

سال ١٣٦٧ھ ۾ حضرت صاحب شاه آغا مدظله العالي سان همراه ڪاڪا پنهنجي ڀاءُ حاجي غلام صديق صاحب سان گڏ حج بيت الله ۽ زيارت روضه رسول الله صلي الله عليه وسلم کان مشرف ٿيا.

اليڪشن ڪمشنر جي عهدي کان پوءِ ڪجهه ميرپورخاص ۾ سيشن جج مقرر ڪيو ويو ٿوري عرصه ۾ اوچتو دل جي عارضه سبب ميرپورخاص شهر ۾ ٢٨ صفر المظفر سنه ١٣٨٢ھ روز آچر وقت اشراق مطابق ٣١ جولاءِ سنه ١٩٦٢ع ۾ وفات ڪيائون، سندن جنازو ميرپورخاص مان کڻائي پنهنجي آبائي مقام ديهات ۾ دفن ڪيائون. سندن تاريخ وفات جناب حضرت آغا محمد ابراهيم جان سرهندي، مجددي مدظله هن طرح نظم فرمائي آهي.

رفت سوئے باغ جنت قاضی عالی صفات　　نالها ئی و نوحها برخواست از هر شش جهات
آنکه چون نوشیروان در وصف عدل و داوری　　بے عدیل او بود در اطراف اکناف و جهات
نام خود را کرد ثابت در غلامیٔ رسول　　تا که رحلت کرد ازین دار فنا و بے ثبات
آفتاب روز یکشنبه که طالع شد به دهر　　شد غروب آن مهر برج علم و فضل از کائنات
بیست و هشتم بود از صفر که مخفی شد به خاک　　معدن حلم و حیا و گنج اسرار نکات
عمر آن بینائی راز از لفظ بینا شد عیان　　رحمت حق یافت حق آگاه تاریخ وفات

٦٣　　١٣٨٢

خان صاحب مرحوم کي ٻه فرزند: عبدالخالق ۽ عبدالرحيم ٻه نياڻيون آهن برخوردار عبدالخالق عرف فضل هادي سلمه ربه ولادت سنڌ ۾ ٢٣ جمادي الاول سنه ١٣٥٠ھ مطابق سال ١٩٣١ عيسوي ۾ ٿي آهي، هن وقت بفضله تعاليٰ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي

علائقه نجران سعودي عرب ۾ رهي ٿو. کيس ٤ فرزند، عبدالجليل، عبدالحليم، محمد سليم
محمد کليم ۽ هڪ نياڻي آهي.

٢ برخوردار عبدالرحيم سلمه ربه ولادت سنڌ ٥ شعبان سنه ١٣٦٠ھ مطابق سيپٽمبر سنه ١٩٤١ع ۾ آهي. پاڻ هن وقت ڪراچي، انڪم ٽيڪس ۾ انسپيڪٽر آهي کيس ٢ فرزند، خالد، طارق ۽ هڪ نياڻي آهي. ولادت برخوردار خالد سلمه ربه ٥ جنوري سنه ١٩٦٦ مطابق ١٢ رمضان المبارڪ سنه ١٣٨٦ ۾ آهي. ولادت برخوردار طارق سلمه ربه ٢٨ جمادي الثانيه سنه ١٣٨٩ھ مطابق ١١ سيپٽمبر سنه ١٩٦٩ع خميس رات ٿي آهي

٢ جناب فضيلت مآب اخوي حاجي غلام صديق صاحب مدظله جي ولادت ٢٩ صفر المظفر سنه ١٣٣٢ روز سومر وقت اشراق مطابق سال ١٤ ١٩١٩ع ۾ ٿي، پنهنجي والد مرحوم جي نظر هيٺ تعليم تربيت حاصل ڪري زميندار ي ۾ مشغول ٿي ويا هن وقت بفضله تعالى پنهنجي فن ۾ ماهر آهن حضرت والد بزرگوار مرحوم جا داماد آهن، يعني راقم الحروف جي همشيره سندن گهر ۾ آهي نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت آهن. اولاد جا سڪائل آهن شال او سبحانه وتعالى پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان کين اولاد صالح عطا ڪري.

٣ الحاج مرحوم مغفور حافظ القرآن واعظ الاسلام مولانا مولوي نظر محمد جو ذڪر مفصل مٿي گذري آيو، پاڻ به يڪے بعد ديگرے ٻه شاديون ڪيون هوائون هڪ گهر مان جناب اخوي مولوي صاحب غلام حسين ۽ ٻئي گهر مان راقم الحروف (نوراحمد) ۽ هڪ نياڻي ٿي.

١ الحاج جناب اخوي مولوي غلام حسين صاحب جي ولادت ٢٢ ذي قعد سنه ١٣٢٥ مطابق سنه ١٩٠٧ع ۾ ٿي فارسي درسي ڪتاب سڳين جي شهر ٻگ تعلقه گهيٽ منگين ۾ مولانا عبدالمجيد صاحب شاهاڻي وٽ پڙهيائون. عربي تعليم، ڪانڌڙن، ٻگيري لو تعلقه لب درياءِ انڙ آباد جي مدرسن ۾ تعليم ورتائون، والد بزرگوار مرحوم جي رحلت ڪان بعد زمانه جي ڪمن سبب مجبور ٿي فارغ التحصيل نه ٿي سگهيا، بفضله تعالى هن وقت صاحب فضيلت ۽ عالي همت آهن ٥ ڀيرا حج بيت الله ۽ زيارت روضه رسول الله صلى الله عليه وسلم جي سعادت ڪان مشرف ٿيا آهن.

زهے سعادت آن بنده کرد نزول   گہے به بيت خدا وگہے به بيت رسول

کين چار فرزند، غلام مصطفى، عبدالهادي، محمد علي، عبدالحنان، عرف گل حسن

۽ ٽي نياڻيون آهن سلمهم ربهم

١- برخوردار غلام مصطفيٰ سلمه ربه جي ولادت ٢١ شوال سنه ١٣٥٢ھ آگاري رات ۾ ٿي، تمام اديب، صالح سعادتمند آهي، ڪراچي تعليم کاتي ۾ ملازم آهي

٢- برخوردار عبدالهادي سلمه ربه جي ولادت ١٧ رجب المرجب روز سومر سنه ١٣٦٠ مطابق ١١ آگسٽ سنه ١٩٤١ع ۾ آهي، راقم الحروف جو نياڻو آهي، بفضله تعاليٰ هن وقت بحري جهاز ۾ انجنيئر آهي، سعادت آثار ۽ صلاحيت اطوار آهي

٣- برخوردار محمد علي سلمه ربه جي ولادت ٨ شوال جمعه رات وقت عشا سنه ١٣٦٢ مطابق ٨ اڪتوبر سنه ١٩٤٣ع ۾ آهي بفضله تعاليٰ حيأوارو آهي.

٤- برخوردار گل حسن جي ولادت ٢٢ شعبان سنه ١٣٧١ مطابق ١٧ مئي سنه ١٩٥٢ع خميس ڏينهن ۾ ٿي. هن وقت ٽنڊي ڄام ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي.

٥- هنن ٻارن ڏهن ۾ شمار راقم الحروف نور احمد عفا عنه الصمد جي ولادت ٢٨ محرم الحرام سنه ١٣٤٥ وقت ٣ بجي ڇنڇر رات مطابق ٨ آگسٽ سنه ١٩٢٦ع ۾ آهي، راقم الحروف والد بزرگوار مرحوم جي وفات وقت ڇهن مهينن جو هو، والده صاحبه مدظلها فرمائيندي آهي ته هڪ ڀيري والد بزرگوار مرحوم مونکي ڏسي فرمايو ته "بابا تون منهنجو ڏسڻ لاءِ سڪندين ۽ چوندين ته بابو منهنجو ڪهڙو هو، ان ڪري وڏي چاچي مرحوم جنهنجو ذڪر گذريو ۽ ننڍي چاچي مدظله، جنهنجو ذڪر جلد ايندو مونکي جان کان وڌيڪ پيار ڪيائون، والد مرحوم جي روحانيت جي برڪت سان الله سبحانه وتعاليٰ نعم البدل روحاني والد مرشدي مربي پير روشن ضمير قبله حضرت شاه آغا مدظله العالي عطا فرمايو.

ابتدائي فارسي ڪتاب بڪري ۾ مرحوم جناب حضرت استاذي مولوي محمد ابراهيم چمالي وٽ پڙهيس باقي ابتدائي ڪتاب منية المصلي تائين جناب حضرت اخوي استاذي مولوي عبداللطيف صاحب جن وٽ پڙهيم پوءِ حضرت صاحب مدظله جي فرموده موجب جناب حضرت عموي صاحب مرحوم قاضي خان محمد مدرسه امينائيءَ موڪليو. حضرت صاحبجن عموي صاحب کي فرمايو ته نور احمد صاحبزاده غلام نبي جان سان گڏ پڙهي جهن دستور سان آخوند ۽ مرحوم مولوي نظر محمد هڪ جاءِ تي گڏ پڙهيا هواسون.

ان زماني ۾ جناب مرحوم آغا غلام نبي جان صاحب مدرسه امينائي ۾ پڙهندا هوا

فدوي سنڌن خدمت ۾ رهندو هو، پاڻ نهايت مشفق مهربان ڪريم الطبع هوا، غلام تي سنڌن ايتري ڪرم فرمائي هئي جنهنجي بيان ڪان زبان قاصر آهي.

در اصلابش ڪرم رسم قديم است — ڪريم ابن الڪريم ابن الڪريم است

سنڌن خدمت جي وسيلي سان ئي خادم کي هن درگاه جي خدمت جو قرب حاصل ٿيو ٩ رمضان المبارڪ ١٣٨٢ه ڪراچي ۾ وفات ڪيائون مزار مبارڪ سنڌن ڏاڏي جي مقام جبل گنج شريف جي دامن ۾ آهي.

غم عشقش ز بس بگداخت جسم ناتوانم را — هما عينڪ گذارد تا ببيند استخوانم را

سنڌن ٻن صاحبزادن مان هڪ صاحبزاده ولي محمد جان سلمه ربه، ديهات جناب فضيلت مآب حضرت اخوي استاذي مولوي حاجي عبداللطيف صاحب وٽ ڪجهه وقت فارسي پڙهي هئي، هاڻي پنهنجي ڀاء ننڍي صاحبزاده دوست محمد جان سلمه ربه سان گڏ ننڍي بيٺڪ ۾ پڙهي ٿو. اسعدهما الله تعالیٰ في الدارين بحرمت سيد الڪونين.

آمدم بر سر مطلب. مون ڪي ڪتاب جناب فضيلت مآب حضرت استاذي مولوي ميان احمد صاحب پيرزاده ٽڳ منڍ تعلقه دادو واري وٽ پڙهيا، مٿيان ڪتاب سڀ حضرت سيدي سندي استاذي اعني حضرت امير محمد شاه حسيني نسبًا اميناڻي وطنًا جي حضور ۾ پڙهيم. سنڌن وفات کان بعد دستار فضيلت جو شرف پير روشن ضمير قبله حضرت شاه آغا مدظله العالي بخشيو. افسوس جو علم ۽ عمل جي دنيا ۾ ڳامزن ٿي نه سگهيس، تاهم هيءَ نعمت ڪم نه آهي جو حضرت صاحب مدظله العالي جي زيارت فيض بشارت جي نعمت ۽ سنڌن درگاه جي حاضري جي دولت نصيب اٿم.

نازم بچشم خود که جمال تو دیده است — افتم به پای خود که بکویت رسیده است

راقم الحروف کي ٥ پٽ ظهور احمد[1] عرف نذير احمد، نثار احمد[2]، فداء احمد[3]، منظور احمد[4]، مقبول احمد[5] ۽ ٽي نياڻيون آهن سلمهم ربهم.

١ برخوردار ظهور احمد عرف نذير احمد سلمه ربه جي ولادت ٢١ جمادي الثانيه ١٣٦٧ه ۾ آهي هينئر ڪتاب فارسي جا گلستان تائين پڙهيا اٿس، هن وقت ڏوري ناري طرف ديهه باڊن تعلقه ڪيٽي ۾ زمين جي سنڀال لاءِ رهي ٿو. جناب اخوي مولوي صاحب غلام حسين جو داماد آهي

٢ برخوردار نثار احمد سلمه ربه جي ولادت ٣ محرم الحرام ١٣٧٠ه ۾ آهي، هن وقت

ڪراچيءَ ۾ انگريزي تعليم ورتي رهيو آهي، راقم الحروف وٽ فارسي پڙهندو آهي.

٣ برخوردار فداء احمد سلمه ربه جي ولادت ٥ ذي الحج ١٣٧٣ھ ۾ آهي

٤ برخوردار منظور احمد سلمه ربه جي ولادت ٥ شوال المڪرم ١٣٨١ھ سومر جي ڏينهن ٿي آهي هن وقت پنهنجي ڳوٺ ديهات ۾ تعليم وٺي رهيو آهي.

٥ برخوردار مقبول احمد سلمه ربه جي ولادت ٻارهين ذي الحج ١٣٨٩ھ مطابق ١٨ فيبروري ١٩٧٠ع ڏينهن آچر ١٢ بجي ٿي آهي. اَللّٰهُمَّ ارْزُقْهُمْ عِلْمًا نَافِعًا وَفَهْمًا كَامِلًا وَّجْعَلْهُمْ مِنْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ

ب٤ جناب فضيلت مآب حضرت عموي صاحب قاضي حاجي جان محمد مد ظله العالي بفضله تعالىٰ حال حيات آهن شال او سبحانه و تعالىٰ سندن سايه عاطفه کي تادير قائم فرمائي حضرت عموي صاحب جي ولادت ١٨ شعبان ١٣١١ھ ۾ آهي، ١٥ سال پنهنجي والد بزرگوار جي پيار ڀري نظرن ۾ رهيا. ننڍپڻ جي زماني ۾ وڏي حضرت صاحب مرحوم يعني قطب زمان حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره جا مريد ٿيا، حضرت صاحب قدس سره جي نظر اڪسير برڪت سان تربيت يافته ٿي ترقي پذير ٿيا. سندن طبيعت شروع کان وٺي زهد ۽ تقويٰ ڏانهن مائل آهي پنهنجي سڄي عمر ۾ انگريزي لباس استعمال نه ڪيائون، سوٽ بوٽ کان نافر آهن. ڪراچيءَ ۾ گهڻو وقت ايس اي جي آفيس جا سپرنٽينڊنٽ رهيا، ٢٩ فيبروري ١٩٥٦ع ۾ رٽائر ٿي پنهنجي آبائي ڳوٺ ديهات ۾ رونق افروز ٿيا آهن، بفضله تعالىٰ عالم، صوت ۽ زاهد ان سيرت اٿن، پنهنجي مرشد جي درگاه جي خدمت ۾ سڄي خاندان ۾ همتان آهن هن عمر ۾ به عبادت گذار شب خيز آهن، سخاوت سندن خاص شيوو آهي، مدرسه مجدديه جي سنڀال ۽ مسجد شريف جي خدمت پاڻ سرانجام ڏيندا رهن ٿا

ڏونگر ڪينو ڏنئي ويتر ٿئي گهڻو سُکي سڙهن جو ڏيئي ساڻين ڳُهو

ب شاديون ٣ ڪيائون، پهرين ٽين گهرن مان ٻه فرزند ٿيا، حاجي عبداللطيف، حاجي ٢ غلام قادر، ٻي گهر مان ڪين اولاد ڪونه ٿيو، ٽئين گهر مان اولاد، ٣ غلام سرور، ٤ فيض محمد ٥ خليل احمد، محمد يوسف ۽ ٣ ڌيئرون ٿيون

١ جناب فضيلت مآب الحاج اخوي استاذي صاحب مولوي عبداللطيف جي ولادت ١٩١٤ع ۾ ٿي، هنگين جي مدرسه ۾ ۽ انڙ آباد جي مدرسه ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون، پڇاڙي تعليم ۽ تحصيل جناب مولوي ميان رضا محمد صاحب وٽ پڙهي ۽ قبه سعيد خان شهداد ڪوٽ

طرف کيانون، حضرت قطب زمان خواجه محمد حسن جان قدس سره پنهنجي دست مبارڪ سان دستار فضيلت ڪانئن کين مشرف فرمايو، طالب علمي جي زماني ۾ سنڌ جا حافظ، تمام ذڪي هو بعينه استاذ جي تقرير ياد ڪري ڇڏيندا هوا. استاذ جا ساڳيا الفاظ بيان ڪري ڏيندا هوا، پڙهائين ڪنن جي ڳرائي جو عارضه گهٽ هوندو هو، آهستي آهستي عارضه وڌندو ويو، انهيءَ تڪليف هوندي به پاڻ تڪميل ڪئي هئا. اين سعادت بزور بازو نيست :: تا نه بخشد خدائے بخشنده

فارغ التحصيل ٿيڻ بعد کين مطالعه جو گهڻو شوق هوندو هو، رات ڏينهن ڪتابن جي مطالعه ۾ محو هوندا هوا. مختلف مسائل جا جواب ڪتابن جي صورت ۾ تحرير فرمايائون. سندن تاليفات مان الهدية الفرديه لاصحاب الوجد الاختياريه" رساله غفاريه جي جواب ۾ شايع ٿي چڪو آهي، جنهن سان گڏ المقالة البديعة في منع الحالات الشنيعة المعروف به هدايت نامه حضرت مخدوم طالب الحالي جو تاليف ڪيل رساله به شامل آهي نقشبندي طريقه ۾ ذڪر بالجهر، جوش ۽ خروش جي مسئلي ۾ پيشواءِ طريقه نقشبنديه حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي اقوال ۽ افعال جي روشني سان حق کي ظاهر ڪيو ويو آهي. فمن شاء فليرجع اليها. چند سالن کان وٺي ديهات ۾ حڪمت جو ڪم ڪندا آهن. مريضن سان به مهربان ٿي دين ۽ تعليم جا ڪم به سرانجام فرمائين ٿا

کين ٻه فرزند، عبدالحفيظ، امان الله ۽ چار نياڻيون آهن. ولادت برخوردار عبدالحفيظ سلمه ربه جي ١٣ ذي قعده ١٣٦٠ھ ۾ آهي، سعادت مند صلاحيت شعار آهي، هن وقت حيدرآباد ۾ ليڪچرار آهي، کيس هڪ پٽ برخوردار عبدالمجيد ۽ ٻه نياڻيون آهن، ولادت برخوردار عبدالمجيد سلمه ربه جي ٢٥ ذي الحج ١٣٨٥ھ ۾ آهي. ولادت برخوردار امان الله سلمه ربه جي ١٣٦٩ھ ۾ آهي. هن وقت حيدرآباد ۾ انجنيري تعليم حاصل ڪري رهيو آهي

٢ جناب فضيلت مآب اخوي حاجي غلام قادر صاحب جي ولادت ١٩١٨ع ۾ ٿي آهي، پنهنجي والد بزرگوار وانگي پنهنجي مرشد جي درگاه جي نهايت عقيدت ۽ اخلاص سان خدمت ڪندا آهن، هن وقت حيدرآباد ۾ دواخاني جي شغل سان رهن ٿا. کين ٻه فرزند عبدالرزاق، بشير احمد ۽ ٽي نياڻيون آهن. ١ برخوردار عبدالرزاق سلمه ربه جي ولادت ١٣ ذي قعده ١٣٦٢ھ ۾ ٿي آهي کيس ٻه پٽ عبدالوهاب، عبدالفتاح ۽ ٻه نياڻيون آهن. ولادت برخوردار عبدالوهاب سلمه ربه ٥ ذي قعده ١٣٨٩ھ ۾ آهي. برخوردار عبدالفتاح جي ولادت ٨ ذي قعده ١٣٩١ھ ۾ ٿي آهي هن وقت فوج ۾ صوبيدار آهي. ٢ برخوردار بشير احمد سلمه ربه جي ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي

٣ برادرم غلام سرور سلمه ربه جي ولادت جمادي الثانيه ١٣٦٠ھ مطابق سال ١٩٤١ع ۾ ٿي آهي هن وقت ڪراچي ۾ پنهنجي ننڍن ٻارن جي سنڀال ۽ گهر جي ڪاروبار ۾ رهي ٿو. ٤ برادرم فيض محمد ٥ برادرم خليل احمد ٦ برادرم محمد يوسف سلمهم ربهم هن وقت ڪراچي ۾ تعليم وٺي رهيا آهن.

ڏاڏي بزرگوار جو سڀ اولاد بفضله تعالى درگاه شريف ٽنڊي سائينداد جا مريد ۽ پوري عقيدت ۽ اخلاص سان حاضري ڀريندا آهن.

راقم الحروف نور احمد عفا عنه الصمد ١٠ ذي الحج ١٣٩١ھ

ڪراچي

مقدمه

من
مولف هذا الڪتاب

يا فتاح

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

حمد فراوان ۽ ثنائي بي پايان ان خالق جلّ جلاله جي جنهن پنهنجي ڪمال قدرت سان گوناگون خلقت ۽ عالم ملڪ ملڪوت کي هڪ گهڙيءَ ۾ ڪُنْ جي امر سان وجود ۾ آندو ۽ جميع موجودات مان انسان کي پنهنجي دوستي ۾ قبولي ڪيترن عنايتن سان سرفراز ڪيائين ۽ اسرار معرفت ۽ انوارِ محبت پنهنجي جا عارفن جي دلين ۾ پلٽيائين

ڌڻي مالڪ سڀني جڳ کي اپايو — سواءِ ٿونڻين ٿنڀن گنبذ اڏايو
اپائي انهيءَ گوناگون خلقت — انهي آدم اُپايو لاءِ محبت
انهي نقاش جي ٿي مهر ساري — ڪيائين ذات ولين جي پياري
رکيائين سرّ پنهنجو خاص تن ۾ — لڪايائين قبائي[١] جي سخن ۾

۽ صلواة بي نهايت بر روح پاڪ صاحب لولاڪ رسول الثقلين تخت نشين عالم قاب قوسين رئيس لشڪر انبياء رهبر قافله اوليا و اصفيا احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم وعليٰ آله وصحبه -

محمد مير سيد دوجهاني — خدا جي آهي تنهين راز نهاني
اهو سردار، سرور شاهِ لولاڪ — ٿيا پيدا انهيءَ لئي ارض و افلاڪ
جڏهن تنهنجي سگوري ذات آئي — تڏهن ظاهر خدا جي ٿي خدائي
ثنا سروري سندي ڀاڄ بيان کان — چڱا هي بيت آندا جان جانان[٢]

---

١ اوليائي تحت قبائي لا يعرفهم غيري ٢ حضرت مرزا مظهر جان جانان قدس سره ١٢

خدا در انتظار حمد ما نیست — محمدؐ چشم بر راه ثنا نیست
خدا مدح آفرین مصطفٰے بس — محمدؐ حامد حمد خدا بس
مناجاتے اگر باید بیان کرد — بہ بیتے ہم قناعت می توان کرد
محمدؐ از تو می خواہم خدا را — خدایا از تو حب مصطفٰے را

۱ حمد آهي ان خالق الخلق جَلَّ جلاله جي جنهن اصحابن سڳورن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين کي امت جي اولياءَ کان افضل ڪري مٿن چيو "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ" جو پهريون ورهي ان جي ڪي حضرت رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم مو چارين موتين جي لاءِ هين "خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ" جي سان مٿ هايوءِ اجماع امت جي "اَلصَّحَابَةُ كُلُّهُمْ عُدُوْلٌ" جي جواهر بي بها سان انهي تاج کي جڙيو خصوصًا خلفاءِ الراشدين رَضِيَ اللهُ تَعَالیٰ عَنْهُمْ اجمعين جي منڪرن کي الله جل جلاله جهنم ۾ اڇلايو.

اول صديقؓ اڪبر يار تيڙو — سندن منڪر مُنو منهن ڪارو تيڙو
خدا واڪا نڍو قرآن ۾ آهي — صحابن سيني ۾ تارن اندر ماه
ٿيو افضل ٻچا تان انبيائن — وسيلو وهر ٿيو سڀ اوليائن
عمرؓ عادل ٿيو رب جو پيارو — هئو سعر ونبي جو پڻ سچارو
هئو ثاني عليؓ المرتضیٰؓ جو — مٿس ٿيو راز احمد مجتبیٰ جو
لفظ لوڪان بعدي جو چيائون — ٿيو جنت سندن تنهن کي ڇيائون
ٿيو عثمانؓ ابن عفان انور — نبي جي ڪان پوءِ هيءِ سيني جو سرور
شهه لولاڪ جو تيڙو ونيائون — وجود ان جو حياءِ حلم هائو
ٿيو بي شڪ مٿس راز خدائي — جنن منڪن ڪئي تهن وت گدائي
عليؓ المرتضیٰؓ شاهِ ولايت — محمدؐ مير جي تنهن تي عنايت
ڪيس ثاني سڄي سردار ڪونين — سندس فرزند آهن شاه حسنين
ٿيو مشڪل ڪشا جي نام مشهور — مشڪل ۾ آهو حامي ڏک ڪري دور

صاحب نزهة المجالس جي، علامه شيخ عبد الرحمٰن صفوري شافعي رحمة الله عليه ڪتاب الفردوس ۾ ساڻ روايت حضرت ابن مسعود رضی الله تعالیٰ عنه جي هي حديث آندي آهي ته

---

۱ لَوْ كَانَ بَعْدِيْ نَبِيٌّ لَكَانَ عُمَرُ ابْنُ الْخَطَّابِ رواه الترمذي وقال هذا حديث غريب مشكواة شريف مترجم اردو جلد ثاني ص ۲۲۵ - ۲ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ سِرَاجُ اَهْلِ الْجَنَّةِ - كنز العمال كتاب الفضائل من قسم الاقوال ج ۱۲ ص ۲۶۲

فرمايو حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم ابوبڪر اسلام جو ڇت آهي، عمر اسلام جو
وڳو، عثمان ابن عفان اسلام جو تخت ۽ علي ابن ابي طالب اسلام جو طبيب. ٻئي ڀي حديث
۾ حضرت جن صلي الله عليه وسلم فرمايو ته آئون علم جو شهر آهيان ۽ ابوبڪر انجي بيٺڪ
۽ عمر انجون ڀتيون ۽ عثمان انجي ڇت ۽ علي انجو دروازو آهي. ٻئي فرمايائون ته جيڪو
ارادو ڪري ته آئون ابراهيم ڏانهن ڏسان سو ابوبڪر ڏانهن ڏسي ۽ جو نوح ڏانهن ڏسڻ
جو ارادو ڪري سو عمر ڏانهن ڏسي ۽ جو موسيٰ ڏانهن ڏسڻ گهري سو عثمان ڏانهن
ڏسي ۽ جو هارون ڏانهن ڏسڻ گهري سو علي ڏانهن ڏسي. ٻئي فرمايائون ابوبڪر مثل اکين
منهنجي آهي جي منهنجي منهن ۾ آهن ۽ عمر مثل زبان منهنجي ۽ عثمان مثل هٿن منهنجي ۽ علي
مثل روح بدن منهنجي. ٻئي فرمايائون ابوبڪر جو مثال منهنجي امت ۾ مثل تڪبير اوليٰ جي آهي
نماز ۾ ۽ مثال عمر جو جهڙو قرأة نماز ۾ ۽ مثال عثمان جو مثل رڪوع جي ۽ مثال علي جو مثل
سجدي جي. ڪتاب شوارد الملح ۾ آهي ته حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم مٿي گهوڙي بادشاه
جي آهي، گهوڙي بعضي ڇٽ پير بند و آهي بعضي ٻڳ، بعضي ڪمر بند، بعضي تراز. پوءِ ڇٽ ان جو
ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه آهي ۽ ٻڳ حضرت اميرالمومنين عمر ابن الخطاب رضي الله تعاليٰ
عنه ۽ ڪمر بند انجو عثمان ابن عفان رضي الله تعاليٰ عنه ۽ تراز جو هردار انجي حضرت علي ڪرم
الله وجهه آهي ص ۱۸۱-۱۸۲ ۽ لک لک شڪر انا اُن جلّ جلاله جا جنهن مونکي اهل بيتن سڳورن
رضوان الله عليهم اجمعين جي محبت کان مشرف فرمايو ۽ تن جي وسيلي صحن قلب جي ۾ سينگار ايمان
جو ڪايو.

اُجوالو علي رضه المرتضيٰ ٿيو — حسن رضه سرور سين جو هنما ٿيو
حسين رضه جو سدا گولو جو ايون — اندر ۾ محبت عابد رضه جي رکايون
پلو باقر امام آهي سيارو — عجب ٿيو شان جعفر جو نيارو
منو موسيٰ تقي بڻ ٿيا سچار ا — تنين کان جي قرياسي ٿيا هچيارا
نقي ۽ شهه خراسانيءَ ٿيو سرور — خدا ڪيو عسڪري جو شان بهتر
سدا مهديءَ جي محبت ڪن مسلمان — محبت اهل بيتن آهه ايمان

نياڻي پاڪ ٿي خاتون جنت — محبت تهن سندي سيد رضه نعمت
ڪتل جي اهل بيتن کان ڦريل ٿيا — اُهي شيطان جا ٻي شڪ ڪريل ٿيا
الهي ڏي تنين جي مون محبت — ته پو ڪا حشر ۾ ڏسندس نه زحمت

نوازن، لوازن، رب جل جلاله جا احمد ۽ شڪر جنهن پنهنجي عين احساني نظر ۽ مهرسان فرزند خير البشر، عليه صلوٰة الملڪ الاڪبر، سچي سرهندي سرور، امام الشريعة والطريقة بحر المعرفة والحقيقة، ڪعبة الواصلين قبلة القاصدين، امام الڪاملين حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النور، اني جو سڳنو ۽ مرچار د، فيض جو در موکي ڏيکاريو ۽ انهي محبت ۾ منهنجي جسم کي جيارو.

شُڪر آهي شڪر آهي شڪر آهه　　اُچو ڏيکاريو رحمان درگاهه
مجدد ميرجو آءُ ٿيس خادم　　حشر تائين ملڪ ساري جو حاڪم
لقب خاصي مجدد الف ثاني　　ملڪ ساري جي ڪيائين حڪمراني
نقشبندن جو ٿيو سرتاج اعلا　　شريعت جو ڏسيائين ڏاج اعلا
مليو خلت خليلي شان تهنکي　　چيو فرزند حضرت پاڪ تهنکي
قطب اقطاب ۽ قيوم انور　　سڌ التقويٰ ورع ۾ پاڪ اطهر
محرّ بيا فيض جا چوطرف تهنجا　　سبق سيئي ڪيئين ساعت ۾ سهنجا
جهين وت خاص بيت الله آيو　　محمد شهه رسول الله آيو
سچو عاشق جو فرزند دلبند　　وسايائين اچي ڏس شهر سرهند
سگورو سين مان سنڌ کي ڏنائين　　۽ پٺ ريءَ مان نرومن کي ڇڏيائين
مليو هي مان هوا جي مبتدع هندستان　　مجدد ميرجو مچيائون فرمان
ٿيو عالم سڄي ۾ نون جو نور　　ٿيو منڪر انهيءَ جي نور کان دور
پلاري ودّا آل دردن جي دوا ٿيو　　ڪٿيوان، جو انهي درتي سڌ پيو
لواريءَ[1] ۾ ڪنيا ريءَ فيض ورتو　　ڏگائي سان مجدد مير پرتو
ڪنهي اٿئي ٿيو ڪامل مهربان　　ٿيو آباد آباد ءُ ۾ شادان
وسئي ۾ پٺ وسايو مينهن احسان　　ڏنو انهو دمائي خاص درگاهه
مٿان اٿئي ڪي ڪيو مهتاب روشن　　ڪلين پوکيا انهيءَ دلدار گلشن

---

[1] لواري ۾ - هي هڪ ڳوٺ بدين تعلقي ۾ بدين کان ڏکڻ اوڀر طرف اٺن ميلن تي آهي - حضرات نقشبندين جي مشهور معروف درگاهه آهي - هن درگاهه جو مورث اعليٰ حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان اول قدس سره آهي ولادت ۲۲ رمضان المبارڪ ۱۱۲۵ھ مطابق ۱۷۱۳ع - وفات ۵ ذوالقعد ۱۱۸۸ھ آهي - سندن فيض ۽ پاڪ نسبت شيخ ابو المساڪين کان اٿن شيخ ابو القاسم کان اٿن شيخ آدم ۽ شيخ آدم کان اٿن حضرت عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم بن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهما سان آهي - هي فيض ۽ پاڪ نسبت شيخ محمد ابو المساڪين رحمة الله تعاليٰ شيخ ابو القاسم کي مڪاني ۾ مزار تان حاصل ڪئي هئي ۽ ۳۲ سال سرهند شريف ۾ رهي خواجه محمد زڪي الله بن خواجه محمد حنيف

پرين اَڳي پاڻ تي پٺ نظر پيئي ــــ خليفا بيا به تنهن جا کيترا اٿئي
خليفا هئي سڀئي سنڌ ۾ پيا ٿين ــــ مٽين ارشاد جي ماڙي اڏيائين
سنڌ ن اولاد سنڌ ۾ پوءِ آيو ــــ سنڌين ماڻهن جو ٿيو لايو سڄايو
خليفن لاءِ جڏهن آيو مجدد (ر) ــــ مٽين راضي ٿيو حضرت محمد (ر)
تکڙ ٿئي پٺ متيار ي ماه تابان ــــ ٿنيد و سائين سند و فيضن ۾ تابان
شڪار پوري ٿيا اُن شاه جي آل ــــ انهن جو فيض تا محشر هجي شال
سد افيضن ۾ پريل حيدرآباد ــــ سچو ٿيو ملک انهي فيض کان شاد
مجددي محبت ۾ خدا امام ــــ حشر جي ڏينهن لهندم شال او سا

۽ هن ارحد ان حنان جلّ جلاله جاجنهن مونکي ميدي ۾ در وار ي جي غلامائي، حضرت پير دستگير قطب دوران، قيوم زمان، مهر سپهر ولايت، ماه سماءِ هدايت، نير برج اتقا، آفتاب مطلع ارشاد، ماهتاب افق امداد، سراج محفل صفا، چراغ بزم رضا، مظهر اسرار الهيه، مهبط انوار نامتناهيه، مورد فيض سبحاني، مصدر برکات رحماني، فخر اولاد مجدد الف ثاني، مروج طريقه مجدديه، مکمل کمالات احديه، سالک صراط مستقيم شريعت وايمان، ناهج مناهج سبيل طريقت واحسان، کاشف اسرار خلت ومحبت، واقف انوار محبيت ومحبوبيت، مجدد مائة رابعة العشر مروج شريعت خيرالبشر حضرت خواجه خواجگان خواجه حاجي صاحب محمد حسن جان، ادام الله ارشادهم على سائر المسترشدين الى يوم الدين جي کان مشرف ڪريو، جن جي صحبت بابرکت کان سيني طالبن جو ڏک ڏولاڙو ڪجي ويو.

وسيو رحمت سندل ووه واه بلران ــــ ٿيو فيضن سند وسرسبز بستان
مجدد وقت جو قيوم عالي ــــ ماڪ ساري سنڌ وسرهاڻي وارالي

---

(۱) اڳين سڄڻ تان آئين، بن خواجه عبدالاحد بن خازن الرحمة خواجه محمد سعيد بن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني کان ناقلين ورثي ... جي گوٺ نواب شاه کان لهندي طرف چند ميلن جي مفاصلي تي آهي نقشبندي حضرات جي مشهور درگاه آهي. ان درگاه شريف جو موسس اعلى حضرت مخدوم محمد يوسف قدس سره آهي سنڌ ۾ وفات ماه ربيع الاول ۱۲۹۳ ۾ آهي. سنڌ ۾ فيض پائڻ جي نسبت حضرت مخدوم محمد اسماعيل وسين وارن کان انهي حضرت مخدوم محمد اقبال هيبم ۾ واري کان انهي حضرت قيوم جهان شاه صفي الله سرهندي مجددي قدس سره سان آهي ... جي گوٺ تو شهري ڦيروز جي اتر طرف ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي قومي شاهراه تي آهي نقشبندي حضرات جي مشهور درگاه آهي. هن درگاه شريف جو موسس اعلى سيد صاحب الفيض والجاه حضرت نور محمد شاه رحمة الله عليه آهي. سنڌ ۾ فيض پائڻ جي نسبت حضرت قاضي احمد دماني قدس سره سان آهي ... جي گوٺ بن بن جي طرف پيرو لشاري اسٽيشن جي قريب آهي. حضرات نقشبندين جي مشهور درگاه آهي. هن درگاه شريف جو موسس اعلى حضرت مخدوم محمد اسماعيل وسين واري آهي وفات ۱۱۲۸ ۾ کان ان ڏاڍي آهي. سنڌ ۾ فيض پائڻ جي نسبت حضرت مخدوم محمد ابراهيم ٽکي مٽي واري سان آهي قدس سرهما ... انشاء حضرت مخدوم محمد ابراهيم مٽي واري جي درگاه ڏانهن آهي

محمدﷺ جو خُلق سارو و تن ثيو — مجيءَ فخر تنهن محبوب تي ڪيو
حُسن خلق حُسن سيرت منهن ۾ — ثيو ثقلين جو گويا انور
جنهن ثيو نور ذاتي اسما ظاهر — مٿن ثيو چيت محمد مير سردار
تنهن هر ملڪ ۾ هي غلغلو ثيو — سڀني عالم ۾ هي مشهور ٿي ويو
محمد حسن تاج الاولياء آهه — ولين فخر سيد اتقيا آهه
اُهو ثيو حافظ القرآن سرور — جوان جيڪي انهيءَ ڪان آهه برتر
منو مرشد سڀني عالم جو هادي — مجد جي ملين ٿو واه گادي
اهو ثيو فيض مجلس ۾ اُهو نور — نه تن ثيو ڪهڙي سڀني درگاه ڪان دور
اُهي ساڳيا ملين ٿو تبا خُدائي — فنائي جي بحر ۾ ثيا سدائي
اُها سيرت اُها صورت اُهو حال — اُها سنت جي تبعيت اُهو قال
نظرهڪ سان ڪري واصل خدا سان — ڇڏائي هڪ ڪهڙي ۾ ماسوا کان
جنين کي مرض باطن جا گهڻا هئا — نظرهڪ سان ٿي خوشحال سي ٿيا
نقشبندي سندن مشرب خفا ۾ — ابو جهلن ڪان مخفي ٿو دوام
سچن ٿي تا ٻيا ڪن اوت ارشاد — وتن ثيو فيض جو پايو ۾ بنياد
ثيو شهباز پران اوج تفريد — ٿيا عنقائي کوه قاف تجريد
ڏنو جن تنهن محمد تن ڏنو جن — وتن ثيو شد جو هر وقت سانون
ٿيا سي خوش جنين دامن جهليو تنهن — ثيو منهن ڪارو ڪيو انڪار تنهن ڪنهن
ولين ۾ ثيو بي شڪ يگانو — سندن سايو مٿي جيئن زمانو
سڳوري آل ۾ تن جي سدا شاد — هُجي جيئن هُجي هي فلڪ آباد

(١) ندل ص ٢٣ تان) جي حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جو پوٽو ۽ حضرت قيوم جهان خواجه صفي الله جو خاص خليفو آهي. وڏو ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. هن وقت سندن درگاه ۾ فقير رياست ڪيچ (ڪراچي) ۾ آهي. وڏو ڪامل بزرگ هو، ڏهن ڏهن مان ٿي آهي:- نسبت ديهه ۾ ڏنهن آهي. جاهن وقت مور ڀي تعلقي جي حد ۾ آهي. ۾ اڻي بزرگن نقشبندين جي مشهور ۽ معروف درگاه آهي. هن درگاه شريف جو صورت اعلى قاضي احمد آهي. هن وقت سندن ناليءَ شاسڪر ثيو آهي ۽ قاضي احمد جو مشهور شهر ۾ شاهه ڪري آهي. سندن مزار شريف ۾ قاضي احمد شهر ۾ آهي. ولادت سنه ١١٤٤ مطابق سنه ١٧٣١ع ۾ آهي، وفات سنه ١٢٢٣ هه مطابق سنه ١٨٠٨ع ۾ آهي. سندن فيض يافتي نسبت حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان داول) لواري شريف آهي رحمة الله عليهم رحمة واسعة ١. (٢) ندل ص ٢٥ تان) ذله پاٽ:- ضلعي دادو ۾ مشهور ۽ معروف تاريخي شهر آهي. پاٽ گوٺ اسٽيشن کان ايرندي طرف دادو ڪئنال جي ڪناري تي آهي. حضرات نقشبندين جي مشهور ۽ هن درگاه شريف جو صورت اعلى حضرت مخدوم فضل الله پاٽائي آهي. وفات سنه ١٢٦٩ هه ۾ آهي. سندن فيض ياب جي نسبت حضرت مخدوم محمد يوسف ڪنڀاري واري (قدس سرهما) سان آهي. (٣) ٽکڙ:- ڳوٺ جيون واهه جي ڪناري ماتلي تعلقي جي قريب تعلقو گوني ضلع حيدرآباد ۾ آهي. هن کي دوسين ملوڪ شاهه به چوندا آهن. هن ڳوٺ ۾ امير الاولياء خواجه عبدالرحمن سرهندي مجددي جي درگاه آهي. ولادت سنه ١٢٤٤ وفات سنه ١٣١٥ ۾ آهي. (باقي ص ٩٣)

نظر تنهنجي شل هجي، مون تي سدائين تا قيام — جنهنجو سايل فيض تيو هر جاءِ تي برداشام
اهل ۽ اولاد سان آباد دائم شل هجي — يا الهي سؤال شرف تون حرمت خير الانام

حضرت خواجه ضياء الدين نقشبندي مجددي خليفه خاص قيوم زمان محرض عن الغير قبله عالم خواجه محمد زبير رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجي ڪتاب گلستان تصوف[1] ۾ تو آڻي ته اي پيارا ولايت کي پهچڻ، بانهپ تي بيهڪ ڪرڻ، دوزخ جي باهه کان ڇٽڻ ۽ بهشت جي نعمتن کان مشرف ٿيڻ ۽ اخلاق موچارا هوڻ ۽ قرب ۽ وصال ايزد متعال جو ملڻ ۽ معناثن اسرار جو ظهور ۾ اچڻ نفساني سڌن جي مخالفت ڪرڻ، رضاءِ حق جل وعلا جي نصرت، عبادت صدق صفا جي فرحت ۽ ٻين ٿي ۾ تماشاهان ۽ سعادت دين دنيا جي، اهي سڀ مهر بانيون متابعت حضرت سيد الڪونين صلى الله عليه وسلم کان سواءِ ملڻ ممڪن نه آهن، جنهن پاڻ متابعت آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي ۾ سينگاريو نور سعادت جو انجي پيشاني ۾ هڙيل آ ۽ جو انهيءَ دولت سنت ۽ پيروي حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي کان محروم رهيو، بدبختي ۽ پريشاني جا داغ انجي منهن تي ٻيا، موچارو سعادت مند ۽ صاحب دولت جو اهو آهي جو هن ڏئي جي روشنائي جي وسيلي سان "قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ" يعني چؤ اي محمد صلى الله عليه وسلم، جي اوهين دوست رکندا هجو خدا ۽ جا ته تابعداري منهنجي ڪريو دوست رکي اوهانکي خداءِ تعالىٰ ۽ بخشي گناهن اوهانجن کي) جي وات ور تائين ۽ مڙني امورن آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي اخلاقن جي پيروي ڪيائين جو ته قبول پيل درگاهه احديت ۽ مقتبسان انوار شريعت، هڪ سنت نبوي جي پوري ڪرڻ کي سون چاليهن ۽ رياضتن کان زياده ٿا ڄاڻن ۽ جو عمل آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي عملن مان آهي، نڪو موچارو ٿي ڙن عبادتن کان ٿا پائين جو ته حق سبحانهٗ وتعالىٰ پنهنجي محبوب حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم کي انهن صفتن سان موصوف ڪيو جي ولس محبوب ۽ مقبول آهن پوءِ ڪا عبادت ٻي نڪو ۽ موچاري نڪو متابعت آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي کان ناهي ۽ ڪا طاعت، استقامت شريعت کان ودڪ نه ٿئي آهي. جيڪو گهري ته دين دنيا جي مونکي سعادت پهچي ۽ جمال طريقت ۽ حقيقت جو ان تي

---

[1] مقاصد السالڪين مسمىٰ به گلستان تصوف فارسي مقصد اول مطبوعه محمدي واقع مظفرگرهه
[2] هويدا معنىٰ ظاهر.

جاوه گر ٿيئي ته پوءِ ظاهرًا ۽ باطنًا آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي تابعداري ڪري ۽ سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي ذات ۾ مستقيم الاحوال هجي. الله جل جلاله انهيءَ اقبال جي سج لٿل کي مطلع سعادت جي مان اپاريندو ۽ دل انهيءَ معنائن جي نورڪان روشن ڪرائيندو.

پوءِ هن حقيقت کي دل جي يقين سان ڄاڻ ته جواهر انوارن جا ۽ موتي اسرارن جا سوائي خزاني آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي نظر نه ايندا ۽ دولت بي انتهاءِ خزانا سعادت جا گنجينهٔ محمدي صلي الله عليه وسلم کانسواءِ حاصل نه ٿيندا، جو ته متابعت آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي نعمت، مٿين نعمتن کان افزون ۽ احسان حضرت بيچون جلَّ جلاله جو آهي، جنهن کي نقد ۾ سعادت حاصل ٿيل آهي، شرعي امورن مان ڪوبه امر ڪمال حسن ۽ زينت سان انهيءَ نظر اڳيان الله جل جلاله جلوه گر ٿو ڪري ۽ جو نياڻوان ل کان آهي، دين جي حڪمن مان هر حڪم انهيءَ اڳيان سهل تر ۽ بي قدر ٿو ڪري. ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ وَاللهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ

نقل آهي ته حق سبحانهٗ وتعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ آنحضرت صلي الله عليه وسلم کي خطاب ڪري فرمايو ته اي حبيب منهنجا مون ۾ ٿي چاهيندو ته منهنجا آهين آئون چاهيندو ته تون کي آهيان مٿي رضا منهنجي تاگو لهن آئون رضا تنهنجي ٿو طلبيان، پوءِ هن حقيقت جو دوستن کي يقين هجي ته جو مقبول درگاه سُبْحَاني ۽ خادم حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو سومخره بن جهانن جو آهي، جو ته جنهن کي به درگاه حضرت احديت جي ۾ واٽ ڪو لي ڏني اٿن، سبب متابعت آن سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جو آهي ۽ جنهن کي جت عزت اقبال جو مٿي ريڪيو اٿن، سبب پيروي أَنْ أَفْضَلُ الْمَوْجُوْدَاتِ صلي الله عليه وسلم جو ۽ جودر جي ولايت جي کي پهتو انهيءَ وساطت سان، جو طالب مطلوب پنهنجي کي مليو انهيءَ هدايت ۽ عنايت سان، جو ته مشتاق جمال آنحضرت صلي الله عليه وسلم ۽ تابع آن سرور صلي الله عليه وسلم جا مٿي ڪدورتن ماسوا کان پاڪ ٿي سببان ڪمال متابعت آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي اهڙي دولت نه آئون جنه نڪيرن دان اهي ۽ مطيع آنحضرت صلي الله عليه وسلم جا غفلت جي اوندهه کان نڪري روشني سعادت ابدي جي کي پهچي اهڙي حياتي حاصل ڪيائون جنهن کي مماتي ناهي. جي گهڻا دوره سواءِ استقامت شريعت نبوي صلي الله عليه وسلم جي رياضت ڪندين هرگز مقصود کي نه پهچندين، جي ساري عمر سوائي متابعت آن سرور صلي الله عليه وسلم جي زهد عبادة ۾ گذاريندين ڪنهن به لائق قرب حضرت ذوالجلال ۽ وصال ايزد متعال جو نه ٿيندين. جڏهن حاملان امورن بيت ۽ شاه بازان ميدان

حقيقت جي هيءَ منزل مرتبا مشتاقيءَ درجي محبوبيءَ جا جيڪي بلند آهن سي سڀ ان ڪمال متابعت ۽ پيروي آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي ڪري آهن، ۽ وسيلي ذريعي شريعت جي پاڻ کي ميدان علم شهود جي چوٽيءَ تي پهچايائون، جڏهن ته سردار محبوبن جو سر دفتر مقبولن آنحضرت صلي الله عليه وسلم جا اُهي آهن جي پيروي ۽ متابعت صلي الله عليه وسلم جي ۾ ڪوشان ۽ سعيو ڪندڙ ٿيا، ذات مقدس آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي صفات ۾ فاني ٿي ويا ۽ مرتبي مجتبيٰ کان مقام محبوبي جي تي پهتا ۽ خوش احسان سرور عالم صلي الله عليه وسلم جي کان اُها نعمت جا مڙني نعمتن کان مٿاهين آهي بهره ور ٿيا، جڏهن ته جا دولت مخدوم کي ڏني ملي خادم کي به سببان تابعداري پوري جي عنايت ٿا ماڻي ۽ ذات ڪرم جي کان سرفراز ٿا ڪن. پوءِ انهيءَ واسطي اتباع حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جو هن طائفه جي ڏينهن ۾ هر بدعت کان نڌر مٿو ۽ هر حالت کان زور مٿاهون آهي.

اي پيارا! خلق، جا الله جل جلاله کان پري پئي جي وئي آهي، اهو ئي سبب آهي جو طريقي محمدي صلي الله عليه وسلم تي عمل نٿا ڪن ۽ نفس ۽ شيطان جي خيال ڏانهن ٿا ڏين، هر قدر جو سنت ۽ شريعت جي ادبن ۾ قصور ڪندو، مضائن جي ظهور ۾ قصور ڪندو سند حضرت امام اعظم رضي الله تعالي عنه جن هڪ سنت خطا ڪرڻ سبب چاليهن ورهين جي نماز قضا فرمايائون، پوءِ جي طالب سعادت مند کان ڪو ڪم شريعت نبوي صلي الله عليه وسلم جي حڪمن مان ۽ ڪو فعل سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي مان فوت ٿي ويو، ته هميشه ته خائف ٿئي ۽ خوف هن ڳالهه کان (مَنْ ضَيَّعَ سُنَّتِي حُرِّمَتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِي، يعني جنهن منهنجي سنت ضايع ڪئي ان تي منهنجي شفاعت حرام آهي) پاڻ کي قائم رکي ۽ انهي تلافي ۾ ڪوشش ڪري، جيئن جناب حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جي درگاه ۾ ڏينهن محشر جي شرمنده نه ٿئي، جيئن ته حديث شريف ۾ آهي، مَنْ اَحْيَا سُنَّتِي فَهُوَ مِنَ الْفَائِزِيْنَ وَمَنْ تَرَكَ سُنَّتِي فَهُوَ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ يعني جو قبول ڪري ٿو سنت منهنجي کي اهو ڇوٽڪن مان آهي ۽ جو ڇڏي ٿو سنت منهنجي اُهو زيان ڪارن مان آهي.

نقل آهي بشر حافي بغدادي رحمة الله عليه کان ته "هڪ رات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺم حضرت جن صلي الله عليه وسلم فرمايو ته اي بشر ڪي ڄاڻين ٿو ته تنهنجو مرتبو ڪهڙي سبب مٿاهون ٿيو؟ چيم يا رَسُوْلَ الله صلي الله عليه وسلم مان نٿو ڄاڻان فرمايائون ته انهي واسطي جو منهنجي متابعت ۾ سعيو گهڻو ڪيئي ۽ سنت منهنجي جا ۽ آدمن ۽ صالحن جي تعظيم

کي نگاهه ۾ رکيئي، اهو ئي سبب آهي جو الله جل جلاله توکي هن درجه تي پهچايو.

مطلب ته جا صفائي باطني ۽ انڪشاف مقامي ۽ دولت پنهاني پيروي حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جي ڪاملن کي ملي آهي، پر رياضتن ۽ مجاهدن سان ٿيندي ناهي ۽ جو ميناج بندگي جو ۽ رضا حق تعاليٰ جي ۽ درجا شاهان ۽ ديني ڪمن ۾ تقويت ۽ ظاهر باطن جي طهارت آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي پيروي ۾ حاصل ٿئي ٿي ڪنهن طاعت عبادت ۾ حاصل ٿيندي ناهي.

راقم الحروف (يعني خواجه ضياءالدين قدس سره) هڪ رات حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو گويا حضرت جن صلي الله عليه وسلم تمام تڪڙا ڪنهن جاءِ ڏانهن تشريف فرمائي رهيا هوا، حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي قدس سره جن سندن پنيان آهن انهي پنيان هي فقير پيو وڃي تا آنڪه حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اهڙي جاءِ تي پهتا، جتي نه زمين هئي نه زمان نه آسمان هو نه مڪان اُن جاءِ تي حضرت صلي الله عليه وسلم جن ويهي رهيا ۽ هٿ مبارڪ شيخ جي مٿي تي رکيائون ۽ مناجات درگاه باري جَلّ جَلالُهُ جي ۾ ڪيائون ته اي الٰهي اي مولا منهنجا هي شهاب الدين سهروردي آهي، منهنجي متابعت ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي اٿس پر ٿي سنتون منهنجون بجاءِ آڻي نه پون اٿس، آئون انهي کان گهڻو راضي آهيان تون پڻ انهيءَ تي راضي ٿيءُ. جڏهن جاڳيس انهي واقعه کان وقت منهنجو نهايت خوش ٿيو ۽ دل منهنجي نهايت صفائي واري ٿي. پوءِ آدمي کي ٻي ڪا چيز هن کان ناهي جو رات ڏينهن سنت حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي جاري ڪرڻ ۾ ڪوشش گهڻي ڪري جنهن وسيلي سان درجي متاهين کي پهچي جڏهن سالڪ ڪا سنت حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي سنتن مان بجاءِ آڻي، حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم ان کان راضي ٿو ٿئي ۽ حق تعاليٰ جَلّ جَلالُهُ انهي دل ۾ نور ٿو پيدا ڪري ۽ ظاهر باطن انهي کي صفائي ۽ روشنائي ٿو بخشي ۽ ان جي صفتن عادتن بڇڙين کي چڱين عادتن سان ٿو مٽائي يعني نفس حيواني جي نفس قدسي تائين مقام ٿو ڏي.

اي پيارا اهو ڄاڻ جو سرور عالم صلي الله عليه وسلم تابعدارن پنهنجن کي، جي تنهن بقدر حضرت جن جي پيروي ٿا ڪن ڪهڙا نه شربت معنائن جا چکايا اٿس ۽ اونهان اسرار انهن کي ڄاڻايا اٿس ته هن گهر جي ترڪ وارن جو قدر متابعت حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي کان مخالفت نه ڪر، جنهن جماعت بد بخت نور سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي کي بدعتن جي ونڊ اهين سان ڍڪي ڇڏيو آهي، سياڻي قيامت جي ڏينهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم

جي درگاهه ۾ کهڙو مُنهن ڏيندا، انهي مخالفت جي جواب ۾ کهڙي زبان سان سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي اڳيان گفتگو ڪندا پر اها سمجهه جا انهن کي ڪانه آهي، سبب انهن جو اهو آهي جو حسن جمال شريعت جو انهن جي اکين اڳيان جلوه گر نه ٿيو آهي. ڇمڙ ۽ سچ کي ڏسي اونڌا ٿي لڙ ڪندڙ رهيا آهن.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جن فرمايو آهي ته جا نعمت دين ۾ ۽ جا دولت اسلام ۾ آهي بحڪم ڪريمه اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ، يعني اڄ ڏينهن ڪامل ڪيم اوهان لاءِ دين اوهان جو ۽ تمام ڪيم مون اوهان تي نعمت پنهنجي کي ۽ پسند ڪيم اوهان لاءِ اسلام کي ان روڻ دين جي" سرورِ عالميان صلي الله عليه وسلم تي پوري ٿي ۽ روڻ دين جي ڦرڪماليت جو بخشيو. ديني ڪمن ۾ سنت جماعت جي برخلاف عمل ڪرڻ گمراهي ۽ خساره آهي، پر ۽ جو سنت جي تابعداري ۽ دين جي ادبن جي رعايت نٿو ڪري، خبردار خدا لاءِ طلبي ۾ ان جي صحبت ڏانهن لاڙ و نه ڪر توڙي تک تصرف ۽ خوارق عادات ڪرامتون ان جون ڏسين ۽ هو برخلاف حديث ۽ قرآن جي هجي ته پوءِ هرگز ان تي مست نه ٿجءُ. جو ته اهي ڪرامتون وليّن جي ڪرامتن مان ناهن بلڪ اهو استدراج "شيطاني نگو" آهي اهي ڪرامتون سببان رياضت گهڻي ۽ خلاف نفس جي هندن ۽ جوڳين کي پڻ حاصل ٿيون ٿين پوءِ جنهن کي موافق آيتن قرآن ۽ حديث ۽ اقوال مشائخن ۽ مجتهدن اهل سنت جماعت جي تي عمل ناهي ۽ امور شرعي ۽ متابعت سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي تي نه هجي، حالات ۽ ارادات ۽ واقعات ۽ ڪشف ۽ ڪرامت ان جي تي ڪو اعتبار ڪو نهي، جو ته ڪرامت وليّن جي ۽ ولايت انهي تابع نبي جي نبوّت جي آهي، جيڪو متابعت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جو نيند و مرتبو ولايت ۽ درجو قرب انجو پڻ بحال نه رهندو. اگرچه ولي جي ولايت ڪيترن شرطن سان لاڳو آهي ۽ سيڪو شرط پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو، پر شرط زور متاهون ۽ زور ڪامل ۽ زور موچارو ۽ زور پلو جنهن سان بنياد سير ۽ سلوڪ باطني جو ۽ قيام ولايت جو ان سان لاڳو آهي متابعت آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي آهي جميع امور ۾ جزوي. ڪُلي ۾ جنهن وٽ پاڙ ڪانسواءِ ساول نٿو ڪري ۽ جيت تنهن ڪانسواءِ قرار نه تي وٺي اهڙي طرح شريعت پاڙ ۽ بنياد طريقت ۽ حقيقت جو آهي، جو سالڪ استقامت شريعت جي ڪانسواءِ تور هي باوجود انهي خيال ٿو ڪري ته مون کي درجو قرب ۽ ولايت جو مليل آهي ته سندس خيال ڳوڙي وقوفي ۽ ديوانگي جو آهي، پوءِ جنهن کي دل ۾ ارادو ٿئي ته درجو ولايت جو حاصل ٿيئي ۽ طريق

حقيقت جي واٽ ڪلي، ڪهڙي جيئن تہ خدا ۽ تعاليٰ جي قرآن مجيد ۽ حديث حضرت محمدﷺ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي کي آئينو وقت جو ڪري ۽ اڳيان اکين پنهنجن جي رکي ۽ هميشه انهن ۾ سندو رهي جئين ان کان برخلاف ڪو ڪم نہ ڪري.

جڏهن اڪثر لوڪي فقيرن جي رڳي نالي ۽ رسم جي، سواءِ بيهڪ شريعت ۽ حاصلي مرتبن طريقت ۽ حقيقت جي، باوجود نفساني سڌن جي دعويٰ قرب ۽ معرفت جي ٿا ڪن، اها دعوي ربگو خامي ۽ خودڪامي ۽ خودبيني آهي. جڏهن هن زماني ۾ اهڙا اپي ڏ ٺگ گهڻا آهن، ته ان غفلت جي واٽ کان انهن جي صحبت جو پابند ٿئين ۽ نور شريعت جي کان بي بهره ۽ بي نصيب ٿئين، جيئن تہ بعضي درويش ڪڪڙ ڏيکاريندڙ جو وڪڙندڙ، ظاهر فقيري جي لباس سان پهريل ۽ باطن مرض ۽ هوا سان خراب ڪيل. شڪارين وانگر ڪوڙ کي اڙيون ڏيئا آهن ڪن انڌا باطن جا پکي شڪار ۾ اچن، دڪان پيري مشائخي جو گرم ڪن، ربگو ريائن ۽ مڪرن سان سئون مٺين ۽ ڏٺي ٻيرن سان عامن کي پنهنجو معتقد ٿا بنائن، پنهنجا دنيوي غرض انهن انڌن کان پورا ٿا ڪرائن، پناهه ڏي الله جَلَّ جَلَالُهُ، ساري مخلوقات ۾ جيترا درداهي آهن جو خدا جي واٽ کي دنيا ڪيني جو وسيلو ڪيو اٿن ۽ الله جَلَّ جَلَالُهُ کان پري ۽ محروم ٿا رهن، خاص انهن جو سينگار، ڪرفني جي ڏيرئي ماڪي مثل آهي، پر جو ظاهري صفت پنهنجي موچاري ڏيکاري ۽ موچاري جي صفت ان ۾ نہ هجي نظر عنايت حق تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهُ جي ان تي هرگز نہ ٿيندي أَعَاذَنَا اللهُ سُبْحَانَهُ مِنَ السُّمْعَةِ وَالرِّيَا

جڏهن بعضي فقير، سلوڪ پورو نہ ڪيل، فنا بقا جو شربت نہ چکيل، پيري ۽ بزرگي جي خيالن ۾ ٿا رهن درحقيقت نفس کان فريب کاڌو اٿن ۽ سعادت واري واٽ جي سير کان باقي محروم رکيو اٿن جئين الله جَلَّ جَلَالُهُ فرمايو آهي. يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لِمَ تَقُولُونَ مَا لَا تَفْعَلُونَ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللَّهِ أَنْ تَقُولُوا مَا لَا تَفْعَلُونَ ط؛ يعني اي اها جماعت جنهن ايمان آندو آهي ڇالاءِ چئو ٿا اُن چيز کي جا اوهين نٿا ڪريو وڏي خطا آهي الله جَلَّ جَلَالُهُ وٽ انهي شخص جي جو جي ترباشتو پوري سواءِ مجاهدي ۽ يادگيري خدا ۽ جَلَّ جَلَالُهُ جي بزرگي ۽ پيري جي گادي تي ويهي ۽ سواءِ قوت حقيقت جي ميدان بهادران طريقت جي ۾ ڪمر دعويٰ جي ٻڌي نهايت بيحياءِ آهي ۽ بعضي جاهل بدبخت ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي مثل بانيڻن جي، تارا سڳا گردن ۾ وجهي رجهن کي عام ماڻهون چون ٿا آهن تہ نلائي فقيري ڏاڳا پاتا آهن، نور شريعت جي کان محروم رهي انسلي

سڌن سيني ۾ پورا، جهڙوڪ ڍنڍ، ناچ وغيره، ڀنگ ۽ ڪوڪنار جي پيئڻ ۾ چالاڪ، شيطاني قيدن ۾ گرفتار ٿيا آهن ۽ بعضي، بي نمازين جي وات کي خدا پرستي جي وات ٿا ڄاڻن. نه عقل رکن نه علم جنهنجي وسيلي سان تهذيب ۽ اخلاق حاصل ڪن ۽ مرض قلبي کي وڃائن نه شوق رکن نه ذوق جوان مستي ۽ هوا پرستي کان روڪجي پَوَنُ. خود پرست ۽ باطن جا انڌا آهن جو وات دين ۽ اسلام جي گم ڪري گمراهي جي کوهه ۾ پيا آهن ۽ بدبختي جي بار انهن کي اهڙو متاثر ڪري ڇڏيو آهي جو پنهنجن عيبن ڏانهن ڏسي نٿا سگهن. حاصل ڪلام قسم قسم ٺوليون پاڻ کي خدا وارن ۽ ٻيون ڪوٺائن ۽ ساري عمر پنهنجي خدا جي واصل ٿيڻ لاءِ ٿا گذارن پر جڏهن ته نفس ۽ شيطان، جو اڪثر باطل جي وات کي انهن جي وات ۾ گڏائي ڇڏيو آهي حق ۽ باطل ٻنهي اڳيان يڪسان ٿي پيو آهي تهن ڪري سڀ غلطي ۾ پئجي ويا آهن ۽ وات حق جي کي بر خلاف شريعت جي طلبيوائن، سو هزار آفرين انهيءَ مرد تي هُجي جنهنجي مُنهن تي حضرت سيّد عالم صلي الله عليه وسلم محبت ڪري ۽ اصحابن سڳورن ۽ تابعين ۽ تبع تابعين ۽ سلف صالحين ۽ علماءِ مجتهدين ۽ مشائخ دين متين رضوان الله تعالى عليهم اجمعين جي وات تي خدا جي وات جو سڳو ٿو ڪري ۽ حُسن قبح هن وات جو ۽ فريب نفس بد خواه جو ٿو سڃاڻي ۽ وصفن وا ڪافلين ۽ عادتن هو چارن سان ظاهر باطن پنهنجي کي سينگاريل ٿو رکي ۽ مٽي جي وار جو قدر به شريعت کان مخالفت نٿو ڪري، جڏهن شريعت معرفت الهي لاءِ وسيلو آهي ته جنهن وسيلي کي ڇڏيو ته دين جي ڪنهن ٿي ٻيهڪ نه کيائين ۽ دين حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي کان مُنهن موڙيائين انهيءَ جيئنبو ته اسلام جي دائره کان پيرڪيو ڇڏيو.

بعضي فقير جاهل، اهل بدعت جا ٿا چون ته اسين شريعت کان لنگهي طريقت ۽ حقيقت جي درجه کي پهتا آهيون، پناه ڏي الله جَلَّ جَلَالُهُ انهن جي اعتقادن کان جو ته جو شريعت کان لنگهيو ڪافر ٿي پيو پوءِ ڪافر حقيقت کي ڪين پهچي سگهندو. حضرت سيّد الطائفه قدس سره فرمايو آهي ته مٿي واٽون خلق تي بند ٿيون آهن مگر جو حضرت نبي صلي الله عليه وسلم جي وات ٿو وڃي خدا کي ٿو پهچي، ابوالحسن نا سوري قدس سره فرمايو آهي ته صفائي قلب جي ۽ ڪشادگي سيني جي ان وقت حاصل ٿيندي جو مومن پيروي سنّت نبوي صلي الله عليه وسلم جي ڪري ۽ بدعتن کان پرهيز ڪري، شيخ ابو سعيد قدس سره فرمايو آهي ته جو دعوى حال جي ٿو ڪري ۽ اهو حال ڪيس شريعت جي حد کان ٻاهر ٿو ڪيي ته پوءِ انجي صحبت کان پرهيز ڪر. تم ڪلامه ملخصًا"

قدوة اصحاب صدق وصفا، زبدة اصحاب ورع وتقويٰ شمس هدايت وارشاد محي سنن نبويه قيم طريقه احديه حضرت مولوي نعيم الله علوي حنفي بهڙائچي خليفه خاص حضرت ميرزا مظهر جان جانان شهيد قدس سره ڪتاب معمولات مظهريه ۾ لکيو آهي ته حضرت غوث العٰلمين شهنشاه دنيا و دين قيوم ثاني صاحب سر المڪتوم خواجه محمد معصوم قدس سره پنهنجي رسالي ۾ آندو آهي ته "اي ياء ناجنس ۽ مخالف جي صحبت کان احتراز ڪريو ۽ بدعتن کان ۽ انهي مجلس کان بچو ۽ جو ياڻ کي پيرگادي جو صاحب ٿو ڪوٺائي ۽ انهن ڪم حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي سنت کان باهر ۽ شريعت سڳوري جي نور کان روشن ناهن، خبردار هزار بار خبردار! انهن کان پري رهو بلڪ انهي شهر ۾ به نه گذارو، متان ڪن ڏينهن کان پوءِ تو کي انهن ڏانهن لاڙو پيدا ٿئي ۽ خلل اعظم ڪار خانه تنهنجي ۾ پوي پوءِ جو مريدن ڪرڻ جو لائق نه آهي اهو گهڻو چور آهي ۽ شيطاني دام تنهنجي لاءِ نهايت ۽ مخفي آهي، اگرچه انهن کان ڪيترن قسمن جون ڪرامتون ڏسين ۽ ظاهر دنيا سان اهو لاڳاپو ڪنهن قسم جو نه رکندو هجي فِرَّ مِنْ صُحْبَتِهِ اَكْثَرَ مَا تَفِرُّ مِنَ الْاَسَدِ يعني انهن جي صحبت کان، زياده انهن کان جو ڀڄين ٿو شينهن کان

نصيحت

سلطان وقت شيخ ابو سعيد ابو الخير قدس سره کي چيائون ته فلاڻو شخص پاڻي جي مٿان ٿو گهمي، شاه صاحب فرمايو ته اهيو آسان ڪم آهي ڪک پڻ اهڙي طرح آهي ۽ چيائون ته فلاڻو شخص هوا ۾ ٿو اڏامي فرمايائون ته ڳجهه ۽ چڙهه اڀ هوا تي اڏامندا آهن، چيائون ته فلاڻو هڪ گهڙي ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ ٿو وڃي فرمايائون ته شيطان پڻ هڪ پساه ۾ مشرق کان مغرب تائين ٿو وڃي اهڙن چيزن جي ڪا الله جل جلاله جي درگاه ۾ قيمت ناهي مرد اهو آهي جو خلق ۾ رهي ۽ ڏيتي ليتي ڪري ۽ نڪاح ڪري ۽ ماڻهن سان گڏيل هجي ۽ هڪ گهڙي الله جل جلاله کان غافل نه هجي.

سرور جي
من مت

قدوة اهل الله ابو علي رودباري قدس سره کان پڇيائون ته هڪ شخص سرود ٿو ٻڌي ۽ چوي ٿو ته هي مون کي حلال آهي ڇالاءِ ته آئون اهڙي درجه کي پهتو آهيان جو منهنجي حالات جي خلاف ڪا ڳالهه مون تي اثر نه ٿي ڪري، جواب ۾ فرمايائون ته هائو تحقيق پهتو آهي پر جهنم ۾ پهتو آهي. تم كلامه ملخصا

بهرحال هيڪي ولي ڪامل ٿي گذريا آهن سڀ سنت محمدي صلى الله عليه وسلم تي تمام سرگرم هوا.

---

[1] معمولات مظهريه فارسي مطبوعه گلزار محمدي واقع لاهور ص ٨٠

محي الدين جو لقب

امام الصدق يقين حجة العارفين روح المعرفة خليفة الله في ارضه وارث كتابه ونائب رسوله حضرت سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني قدس سره کي جو لقب محي الدين جو مليو سو به اهو ئي وجه آهي جو دين نبوي صلى الله عليه وسلم کي، جو هيٺ ٿي ويو ها تازو ڪيائون. سفينة الاولياء ۾ آهي ته حضرت جن ٿي فرمايو ته جمعو ڏينهن سير ڪري بغداد ۾ ٿي آيس ته هڪ بيمار بدن جو ڏبرو رنگ جو ڦريل وات تي ڏٺم ان مونکي چيو اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَبْدَ الْقَادِرِ ان کي سلام جو جواب ڏنم. چيائين اٿاريو مون کي. ان کي اٿاريم، چيائين مونکي وهار ان کي ويهاريم بت انجو تازو ٿيو ۽ صورت انجي سٺي ٿي ۽ رنگ انجو صاف ٿيو. آئون ان کان ڊنس، چيائين مونکي سڃاتئين ٿو؟ چيم نه، چيائين ته آئون ڏاڏي (حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم) جو دين آهيان. هيٺ ٿي ويو هوس جئين تو ڏٺو الله جَلَّ جَلَالُهُ اوهانجي صدقه مونکي جيئرو ڪيو "أَنْتَ مُحْيِي الدِّيْنِ" يعني تون جيارينده دين جو آهين ان کي ڇڏي مسجد جامع ۾ آيس، هڪ شخص منهنجي اڳيان آيو ۽ منهنجي پيرن تي هٿ رکي چيائين يَا مُحْيِي الدِّيْنِ! جڏهن نماز ادا ڪيم ڪيتري خلق هر طرف کان مون وٽ هجوم ڪيو ۽ هٿ پير منهنجا چميائون ۽ سيڪهن ٿي چيو ته يا محي الدين رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ. تَمَّ كَلَامُهُ مُلَخَّصًا. صاحب ذوق العارفين جي لکيو آهي ته مجدد محي الدين جي معنيٰ تي مڪرري آهي.

وصيّت

فتوح الغيب جي مقالي ٣٢ ۾ حضرت محبوب سبحاني سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني رضي الله تعالى عنه جن پنهنجي فرزند ارجمند کي هن طرح وصيّت فرمائي آهي "اِيَّاكَ وَفُضُوْلَ تَصَرُّفِ الْجَوَارِحِ وَعَلَيْكَ بِطَاعَةِ اللهِ وَرَسُوْلِهِ ـ" پاڻ کي عضون جي بي فائدن ڪمن کان پريري رک يعني پنهنجا سڀ عضوا خداءِ جي بندگيءَ ۾ ڪم آڻ، بيا بي فائده ڪم انهن سان نه ڪر، ۽ تو تي لازم آهي ته خداءِ ۽ انجي رسول جي فرمان بردار ٿي ڪر.

سُبحان الله! رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي تابعداري جو شان ۽ قدر بلنجي نوري عاشقن سڃاتو اِنَّمَا يَعْرِفُ ذَا الْفَضْلِ مِنَ النَّاسِ ذَوُوْهُ ـ جڏهن انهن کي الله جل جلاله نور شريعت جو ڏيکاريو تهن ڪري حضرت سيّد الكونين صلى الله عليه وسلم جي سنّت ۾ پنهنجو جسم مبارڪ جلايائون ۽ جن، اکين جي اندائي سببان نور سُنّت نبوي صلى الله عليه وسلم جو نه ڏٺو پاڻ کي منهن ڪارو بنايائون.

---

۱ هي ڪتاب فارسي مشهور معروف، اوليائن سڳورن جي حالات ۾ شهزاده دارا شڪوه جو تصنيف ڪيل آهي بيان ص ۳٠ ۾ آهي ـ ۲ ڏسو ـ ۳ اصل عبارت فارسي هن طرح آهي: ـ شخصے نعلين پيش پاي من نهاد و گفت يا شيخ محي الدين، چون نماز بگذاردم خلق از هر طرف بر من هجوم کردند الخ

جناب حضرت قاضي ثناء الله پاني پتي نقشبندي مجددي، حضرت ميرزا مظهر جان جانان قدس سره جو خاص خليفو، جڏهن ميرزا صاحب قدس سره جي حضور ۾ ايندو هو تڏهن حضرت ميرزا صاحب قدس سره اُٿي بيهندا هوا. سبب اهو ٻڌائيندا هوا ته "جڏهن قاضي صاحب ٿو اچي تڏهن ملائڪ سڳورا انهي لاءِ اُٿي بيهن ٿا"، ڪلمات طيبات ۾ هڪ مڪتوب[1] ۾ هن قسم سان موچارو بيان ڏنو اٿن.

اي ڀاءُ! بادشاهه ۽ فقير ۽ عطار ۽ ڪُنّاس[2] (ٻهاريدار) مڙئي بني آدم هڪ جنس جا آهن. جي بادشاهه عظيم، ڪثير العطايا والاحسان ڪنهن فقير کي پاڻ ڏانهن ٿو سڏي ۽ ڪيترين نعمتن، احسانن، قرب، منزلت ۽ وڏي شان جو اميدوار ٿو فرمائي پر اهو فقير انهيءَ بادشاهه کان منهن ٿو ڦيري ۽ ڪاڪوس جي ميڙڻ جو ڪم قبول ٿو ڪري ته ان حالت ۾ انهيءَ فقير بينوا کي ڇا چوڻ گهرجي؟ خصوصاً انهيءَ صورت ۾ جو بادشاهه جي حضور ۾ آهي ۽ ان ڏانهن پٺي ڏئي بيهار بيٺو آهي ان سان ٿو گڏجي. جنهن ته سلطاني قهر ۽ غضب کي پاڻ تي ظلم ڪرڻ جي دعوت ٿو ڏئي. انهيءَ قياس تي هيءَ ڳالهه ڪرڻ گهرجي ته ربّ العٰلمين باوجود صفات جلال ۽ جمال، ڪبريا ۽ عظمت جي بانهي کي پاڻ ڏانهن ٿو ڪوٺي ۽ فرمائي ٿو "مَنْ يَّقْرُبُ اِلَيَّ شِبْرًا اَقْرُبُ اِلَيْهِ ذِرَاعًا" يعني جو مون ڏي هڪ گراٺ ويجهو ٿو ٿئي، آءٌ ان کي هڪ گز ويجهو ٿو ٿيان. ۽ پنهنجي محبوب کي رسالت سان موڪلي پاڻ ڏانهن ٿو ڪوٺي ۽ بهشت جي نعمتن ۽ پنهنجي ديدار لاءِ ڪيترو اميدوار ٿو ڪري دوزخ ۽ ٿوهر جي پڻ جي عذاب جي ڊيڪار ٿو فرمائي ۽ پر هي ڪمينو جنهن کي الله جَلَّ جَلَالُهٗ پاڻ ڏانهن ٿو ڪوٺي" قرب ۽ منزلت انهي کان منهن ڦيري دنيا ڪميني ۽ انجي سڌن ڏانهن متوجه ٿو ٿئي، حالانڪ ڄاڻي ٿو ته الله جَلَّ جَلَالُهٗ حاضر ناظر آهي، ان کان ڪا شيءَ مخفي نه آهي، ڪمال بي حيائي ۽ بي مروتي آهي.

نقل آهي ته هڪ زال پرده نشين قاضي وٽ آئي فرياد ڪيائين ته منهنجو مڙس ٻي زال تي پرڻجي ان کي رکيو. قاضي چيو ته ان کي منع ڪري نه سگهبي، حق تعاليٰ ٿو فرمائي "فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ" ان زال چيو ته اي قاضي! جي مونکي پرده عصمت ۽ حيا روڪ نه ڪن ها ته جيڪر پنهنجو حسن ۽ جمال توکي ڏيکاري انصاف جي گهر ڪيان ها

---

[1] مڪتوب ۶۰ از مڪاتيب قاضي صاحب، ڪلمات طيبات ص ۱۴۳ - [2] اصل عبارت هن طرح آهي
اي برادر بادشاه و فقير و عطار و ڪناس همه بني آدم از يڪ جنس هستند الخ

ته جنهن شخص کي مون جهڙو دلبر يا دوست حاصل هجي ان کان منهن ڦيري ٻئي ڏاهن مشغول ٿئي، ان کي ڪئين درست ڇئبو. اتفاقًا ان مجلس ۾ هڪ ولي سڳورو ويٺو هو آهه ڪري بي هوش ٿي ڪري پيو، جڏهن هوش ۾ آيو، ان کان احوال پڇيائون، چيائين ته عورت جي ان گفتگو وقت هاتف آواز ڏنو ته هي عورت پنهنجي حسن لاءِ پڙهائين ٿي چوي، مونکي ته جيڪڏهن پاڪائيءَ ڪبريائي جو پردو نه هجي ها ته پنهنجو جمال ظاهر ڪري اهو انصاف ڪران ها ته جنهن شخص کي مون جهڙو دوست هجي ان کي جڏهن نالائق ماڻهن ۾ ٻين ڪانڊن ڪمن ۾ مشغول ڏسجي ته ان کي چاچوٽ ڪهڙجي.

وَمَنْ مِثْلِي وَاَيْنَ يَكُوْنُ مِثْلِي وَلَيْسَ يَكُوْنُ فَاطْلُبْنِي تَجِدْنِي

يعني الله جل جلاله ٿو فرمائي ته منهنجي مثال ڪيترا آهي ۽ ڪٿي هوندو، حقيقت ۾ ڪو به منهنجي مثل نه آهي، پوءِ منهنجي طلب ڪر ته مونکي حاصل ڪندين - تم ڪلامه ملخصًا

شهباز لامڪاني اويس رحماني، خورشيد چرخ عرفاني واقف اسرار متشابهات قرآني محبوب لاثاني امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه سنت محمدي صلی الله عليه وسلم جي وصف ۾ جيڪي اسرار قام فرمايا اٿن. ڪنهن ٻئي کان اهڙا ونه ٿيو آهي جئين ته سندن ڪلام مبارڪ ۽ مڪتوبات عشق محمدي صلی الله عليه وسلم تي شاهد آهن، سندن ڪي جملا محبت جي موتين سان مڙهيل "حالات مشائخ مجدديه"[1] تان اتاري هديه ناظرين ٿو ڪريان

حق سبحانه وتعالیٰ[2] اسان مفلسن کي سيد الاولين والآخرين جي تابعداري جي دولت سان، سندن دوستي جي وسيلي پنهنجي ڪمالات اسمائي ۽ صفاتي کي ظهور جي ميدان ۾ آندو ۽ ڪين سمورين مخلوقات ۾ بهترين ڪري پيدا ڪيائين عليه من الصلوات افضلها ومن التسليمات اڪملها شان مشرف ڪري ۽ ان تي استقامت بخشي. ڇوته هن پسنديل ڪل متابعت جو درو، سيني دنيادي لذتن ۽ اخروي نعمتن کان ڪيئي مرتبا ڏرپلو آهي فضيلت، اهي متابعت سنت سان لاڳو آهي ۽ مزيت شريعت جي احڪام پوري ڪرڻ سان شامل عليه وعلیٰ آله الصلوات والسلام والتحية. مثلاً منجهند واري ننڊ، جا متابعت موجب واقع ٿئي اها غير متابعت وارين ڪيترين ڪرڻ ڙاتن جي جاڳڻ کان ڏرڀلي ۽ نڌ

---

[1] حالات مشائخ نقشبنديه مجدديه، اردو تصنيف حضرت مولانا مولوي محمد حسن صاحب نقشبندي مجددي مظهري ص ٢٦٠ [2] مڪتوب ٣٢ جلد اول حصه پيو مڪتوبات شريف مطبع امرتسر ص ١١٨

موچاري آهي ۽ اهڙيءَ طرح خطرن جي ڏينهن ڪاٺ شريعت مصطفوي صلي الله عليه وسلم جي ان لاءِ فرمايو آهي هميشه روزن رکڻ کان جو شريعت مان ماخوذ ناهن زور ڀلو آهي ڏيڻ هڪ جيتلُ (٢٩ حصه فلوس) امر شارع صلي الله عليه وسلم جي سان جبل سوني جي خرچڻ کان جو پاڻ وت هُجي فاضل زور آهي. اميرالمومنين عمر رضي الله تعالیٰ عنه هڪ ڏينهن صبح جي نماز جماعت سان اداڪري اصحابن ڏانهن نظر ڪئي، هڪ شخص حاضر نه هو، پڇڻ فرمايائين. اصحابن عرض ڪيو ته اهو شخص سڄي رات ٿو جاڳي شايد هن وقت ان کي ننڊ وڃي وئي هوندي، اميرالمومنين عمر رضي الله تعالیٰ عنه جن فرمايو ته جي اهو سڄي رات ننڊ ڪري ها، صبح جي نماز جماعت سان اداڪري ها (جا سنت آهي) بهتر هجي ها. اهل گمراهي جي رياضتون ۽ مجاهدا گهڻا ڪيا آهن پر جڏهن موافق شريعت حقه جي ناهن بي اعتبار ۽ خوار آهن، جيڪڏهن انهن ڪين عملن جو اجر ڪين ملي ٿو ته اهو بعضي دنيوي نفعن سان بند آهي. سڄي دنيا جا آهي تا بعضي نفعن انهن جي ڪي ڪو اعتبار ۾ رکي، مثال انهن جو بهار پيدا جي آهي دعرف ۾ ان کي پنگي ڪري چوندا آهن جو گهٽيون ۽ پاخانه ميڙ بند وآهي انجي رياضت مڙني کان زياده آهي ۽ اجو اجر ومڙني کان گهٽ، شريعت جي تابعدارن جو مثال اهي جماعت سان آهي جو، جواهرن نفيسن ۾ هيرن لطيفن سان ڪم ٿا ڪن، عمل انهن جو نهايت ٿورو آهي ۽ اجر وانهن جو نهايت مٿاهون. ٿي ٿو سگهي ته عمل هڪ ساعت جو سنت سان لاڳو آهي، اجوري لک جي برابر آهي. حڪمت هي آهي جو عمل شريعت موافق واقع ٿو ٿئي اهو حق جو پسند ڪيل آهي (سبحانه) ۽ خلاف ان جو ڪيس پسند نه آهي (تعالیٰ) پوءِ جو ڪم الله جَلَّ جَلَالُهٗ کي پسند نه آهي، ان مان ثواب ته نهيو پنڪ اميد واهي عذاب جو آهي هن معنیٰ کي عالم مجاز ۾، جتو شاهد آهي ٿوري التفات سان ظهور ۾ ايندو

هرچه گيرد علتے علت شود　　　　ڪفر گيرد ڪاملے ملت شود

پوءِ مڙني سعادتن جو سرمايو متابعت سنت جي آهي ۽ هيولا (مادو) مڙني فسادن جي خلاف شريعت تَبَّتَنَا اللّٰهُ سُبْحَانَهٗ وَاِيَّاكُمْ عَلٰى مُتَابَعَةِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلٰى اٰلِهٖ الصَّلَوَاتُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ وَالسَّلَامُ[1]

ايضاً. ترهات[2] (سڪر ۾ باطل ڪلمان) صوفين جي مان چا ٿو وري ۽ انهن جي لحوال

---

[1] مڪتوب ٤٢ جلد اول حصه ٽيون مڪتوبات شريف طبع امرت سر ص ٩٩ [2] ترهات جمع ترهة جو آهي ترهة

ماڻ ڇاتو وڃي. اُتي وجد ۽ حال کي جيستائين شريعت جي تارازيءَ ۾ نه توريندا، اڌ دمڙي تي به نه وٺندا ۽ ڪشفن ۽ الهامن کي جيستائين قرآن ۽ حديث جي ڪسوٽيءَ تي نه هڻندا اڌ جَوَ تي پسند نه ڪندا، سلوڪ طريقه صوفيه جي ڪان، مقصود زيادتي يقين جي حاصل ڪرڻ آهي شريعت جي اعتقادي مسئلن سان" جو حقيقت ايمان جي آهي" ۽ ٻيو حاصل ڪرڻ آساني جو آهي فقه جي احڪامن جي ادا ڪرڻ ۾، ٻيو انهن کان سواءِ ڪو غرض ناهي ان کان سواءِ جهڙو رؤيت يعني ديدار باري تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهُ جو آخرت ۾ وعدو ڪيل آهي دنيا ۾ البت واقع ناهي. مشاهدا ۽ تجليون جو صوفي انهن سان خوش آهن اهي شبه ۽ مثال جي تسلي سان آرام ظلال ۾ آهن، اهو الله جل جلاله وراء الوراءِ آهي. عجائب ڪاروبار، جيڪڏهن حقيقت مشاهدات ۽ تجليات انهن جي کي اصلي شڪل ۾ بيان ڪجي پر خوف آهي ته مبتدين کي طلب ۾ نقصان پيدا ٿئي ۽ انهن جي شوق ۾ قصور واقع ٿئي ۽ انهيءَ کان به خوف ٿو ٿئي جو باوجود علم جي نه ڄڃي جو ترجي[۱] ۽ باطل ڳڻڻ جي ونڊ اچي[۲] مڪتوب ٻڙ مڪتوب ۴۵ جلد اول ۾ نالي شيخ فريد جي ارقام ٿا فرمائن، مصرع[۳] اِنَّ الْمُحِبَّ لِمَنْ هَوَاهُ مُطِيعٌ ؛ يعني عاشق معشوق جو تابعدار آهي. حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان پوري محبت اُها آهي جو سندن مخالفن سان پوري دشمني رکي ۽ انهن سان عداوت اظهار ڪرڻ گهرجي، جي آنحضرت عليه الصلواة والسلام جي شريعت جا مخالف آهن ۽ محبت حضرت جن صلي الله عليه وسلم جي ۾ سُستي نه ڪري، عاشق معشوق جو ديوانو ٿيندو آهي ۽ انجي مخالفت جي طاقت نه رکي سگهندو آهي ۽ محبوب جي مخالفن سان ڪهڙين طرح به صلح ظاهر نه ڪندو ۽ ٻه محبتون جي هڪ ٻئي ۾ ضد ۽ مخالف آهن گڏ ٿيڻيون ناهن، ضدن جو گڏجڻ محال آهي (محبت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم يا انجي شريعت جي ۽ محبت ڪرڻ مخالف رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ شريعت جي مخالفن جي هاڻي اهي ٻئي محبتون ماڻڻ مشڪل آهن) هڪ جي محبت ٻئي جي عداوت ۽ دشمني لازم

---

(۱) (ندل صفحه ۳۸ تان) جي معنيٰ باطل آهي، هت مراد اُهي ڪلمات صوفين جا آهن جو مستي ۽ سڪر جي حالت ۾ ظاهر شريعت جي مخالف معلوم ٿين ٿا. ۲ حصه ٽيون مڪتوبات شريف مطبوعه امرتسر ص ۴۶ ۲ لکي ٿا فرمائن. ۳ مُتني هن طرح آهي. تَعْصِي الْإِلٰهَ وَأَنْتَ تُظْهِرُ حُبَّهُ ؛ هٰذَا لَعَمْرِيْ فِي الْقِيَاسِ بَدِيعٌ

لَوْكَانَ حُبُّكَ صَادِقًا لَأَطَعْتَهُ ؛ إِنَّ الْمُحِبَّ لِمَنْ يُحِبُّ مُطِيعٌ ؛

ڪندو آهي هن طرح هن ڳالهه ۾ فڪر فرمائي ته گهڙي جو اڄا ڪم هٿ ڪان نه ويو آهي، گذريل عمر جو تدارڪ ڪري ٿو سگهجي، سڀاڻي جو ڪم هٿ ڪان ويندو ۽ سواءِ پشيماني جي حاصل ٿيندو

بوقت صبح شود همچو روز معلومت — که با که باخته عشق در شب ديجور

يعني صبح جي وقت توکي ڏينهن وانگر معلوم ٿيندو ته اونداهي رات ۾ ڪنهن سان عشق بازي ڪئي رهين جاءِ تي علامه محمد مراد دره مڪنونات ۾ هيٺيون بيت لکي پوءِ هي شعر لکيو اٿن.

فسوف ترى اذا انجلى الغبار — افرس تحت رجلك ام حمار

يعني جڏهن لٿل هي سو جهڙو ٿيندو ته ڏسندين ته تنهنجي هيٺان گهوڙو هو يا گڏهه.

دنيا جو سامان مغروري ۽ مغروري آهي، معاملو اخروي انهي بدل آهي حياتي جي چند ڏينهن کي جيڪڏهن سيد الاولين والآخرين عليه وعلى آله الصلوٰة و التسليمات جي تابعداري سان پوري ڪبو اميد ته دوتڪارو هميشگي جو آهي ۽ جي پيروي محمدي صلى الله عليه وسلم کان محروم آهي ته پوءِ حياتي سڌس ڪي ڪين آهي جيئن برهمن جي جهڙو بدڪم چڱو ڪري.

مُحَمَّدٌ سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ مِنْ عَرَبٍ وَّمِنْ عَجَمٍ — خَابَ الَّذِيْ لَمْ يَكُنْ فِيْ بَابِهِ الثُّرَيَّا

محمد عربی کابروی هر دو سراست — کسیکه خاک درش نیست خاک بر سر اوست

تَمَّ كَلَامُهُ مُلَخَّصًا.

حضرت محبوب سبحاني سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره ڪتاب الاسرار جي اول ۾ آندو آهي ته الله جل جلاله جو فرمودو آهي وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ يعني مون جنن ۽ ماڻهن کي هن لاءِ خلقيو آهي ته هو مونکي سڃاڻن پوءِ الله جل جلاله جي سڃاڻپ ضروري آهي. لِيَعْبُدُوْنِ جو ترجمو لِيَعْرِفُوْنِ آندو اٿن پوءِ معرفت يعني الله جَلَّ جَلَالُهُ جي سڃاڻپ جو بيان آهي فرمايو اٿن ته معرفت ٻه قسم آهي معرفت صفات، معرفت ذات، وري ڪجهه بيان اٿن ڪان پوءِ ارشاد فرمايو اٿن ته اهي ٻن علمن کان سواءِ حاصل ٿيئيون ناهن علم ظاهر ۽ علم باطن: جن جي ثبوت ۾ حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي اَلْعِلْمُ عِلْمَانِ عِلْمٌ بِاللِّسَانِ وَعِلْمٌ بِالْجَنَانِ. عِلْمٌ بِاللِّسَانِ يعني علم ظاهري حجت آهي الله جَلَّ جَلَالُهُ جي ٻانهن تي ۽ عِلْمٌ بِالْجَنَانِ يعني علم

باطن، مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ نفعو ڏيندڙ آهي ۽ انسان اوّل علم شريعت ڏانهن محتاج ٿو ٿئي جنهن ظاهر لاءِ ڪسب معرفت الله جلّ جلالهٗ جو حاصل ڪري. عالم معرفت صفات جي ۾ اُهي درجا آهن پوءِ انسان علم باطن ڏانهن محتاج ٿو ٿئي تانته حاصل ڪري روح لاءِ ڪسب عالم معرفت انجي ۾ ۽ اهو علم باطن حاصل ٿيندو ناهي جيستائين سڀ جي شريعت ۽ طريقت جي ابتڙ آهن نه ڇڏجي ۽ اهو علم باطن تيستائين حاصل نه ٿيندو جيستائين نفساني ۽ روحاني تڪليفون الله جلّ جلاله جي رضامندي لاءِ، رياء ۽ بڌائڻ کان سواءِ برداشت نه ڪندو ۽ عبارت مختصر عجيبه هي آهي.

وَهَاتَانِ الْمَعْرِفَتَانِ لَا تَحْصُلَانِ اِلَّا بِعِلْمَيْنِ عِلْمِ الظَّاهِرِ وَعِلْمِ الْبَاطِنِ الْمَذْكُوْرَيْنِ
كَمَا قَالَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ اَلْعِلْمُ عِلْمَانِ عِلْمٌ بِاللِّسَانِ وَذَالِكَ حُجَّةُ اللّٰهِ
عَلٰى عِبَادِهٖ وَعِلْمٌ بِالْجَنَانِ فَذَالِكَ الْعِلْمُ النَّافِعُ لِحُصُوْلِ الْمَقْصُوْدِ وَالْاِنْسَانُ
يَحْتَاجُ اَوَّلًا اِلٰى عِلْمِ الشَّرِيْعَةِ وَذَالِكَ لَا يَحْصُلُ اِلَّا بِتَرْكِ الرُّسُوْمَاتِ الَّتِيْ هِيَ
مُخَالِفَةُ الشَّرِيْعَةِ وَالطَّرِيْقَةِ وَحُصُوْلُهٗ بِقُبُوْلِ الْمَشَقَّاتِ النَّفْسَانِيَّةِ وَالرُّوْحَانِيَّةِ
لِرِضَاءِ اللّٰهِ تَعَالٰى بِلَا رِيَاءٍ وَلَا سُمْعَةٍ كَمَا قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْ
لِقَاءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖ اَحَدًا۔

معلوم ٿيو ته سواءِ شريعت محمدي صلى الله عليه وسلم جي هرگز ڪو به شخص باطن وارو ٿيندو ناهي، باقي جو صوفي خام چون ٿا ته حرام شيون جهڙوڪ ڀنگ، چرس وغيره هما اسان تي حلال آهن ۽ عبادت مولا جلّ جلاله جي اسان تي ڪانهي، اها انهن جي ڪمال جرئت ۽ گستاخي آهي. ڪتاب غنية الطالبين مطبوعه مڪه شريف جي خطبي ۾ آهي ته شيخ الوقت والطريقه، معدن السلوڪ والحقيقة قطب رباني سيدي شيخ عبد القادر جيلاني رضي الله عنه جن ٿي فرمايو، هڪ ڏينهن سڪ ڏڏي نور مونکي ڏيکاريو ڏٺي جو آسمان جي ڪنارن کي ڀري ڇڏيو هوائين پوءِ صورت ٿي سڏ ڪري چيائين! اي عبد القادر! آئون تنهنجو رب آهيان ۽ حرام شيون جي شريعت ۾ آهن توتي حلال ڪيم، مون جواب ۾ چيس، اي! الدين توتي لعنت هجي الله جي، اوچتو اهو نور اندارو ٿي ويو ۽ انجي صورت دونهون ٿي پئي، پوءِ مونکي خطاب ڪري چيائين ته اي! عبد القادر تون مونکان بچي منهنجي شر کان ڇُٽي وئين، ڇو ته توکي رب جي حڪم سان منهنجي احوال جي واقفيت ٿي ۽ توکي پورو علم آهي منزلن جي حالات ۾

حالانڪ تحقيق انهيءَ واقعي وانگر سنڌ صاحب طريقي جا مون گمراھ ڪري ڇڏيا، جن هن اهو گفتگو شيطان لعين ڪيو تڏهن حضرت جن فرمايو ته مون ڇيو ته "الله جو فضل آهي جو آئون انهي لعين جي شر کان بچيس". ڪنهن پڇيو ته حضرت اوهان ڪئين ڄاتو ته اهو شيطان آهي حضرت جن فرمايو ته سندس چوڻ مان جو چيائين حرام شيون توتي حلال ڪيم، انهيءَ مان معلوم ڪيم ته اهو شيطان آهي، عبارت بجنسه هي آهي:

وَكَانَ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ يَقُولُ تَرَاءَىٰ لِي نُورٌ عَظِيمٌ مَلَأَ الْأُفُقَ ثُمَّ تَدَلَّى فِيهِ صُورَةٌ تُنَادِينِي يَا عَبْدَ الْقَادِرِ أَنَا رَبُّكَ وَقَدْ حَلَّلْتُ لَكَ الْمُحَرَّمَاتِ فَقُلْتُ اخْسَأْ يَا لَعِينُ فَإِذَا ذٰلِكَ النُّورُ ظَلَامٌ وَتِلْكَ الصُّورَةُ دُخَانٌ ثُمَّ خَاطَبَنِي يَا عَبْدَ الْقَادِرِ نَجَوْتَ مِنِّي بِأَمْرِ رَبِّكَ وَفِقْهِكَ فِي أَحْوَالِ مُنَازَلَاتِكَ وَلَقَدْ أَضْلَلْتُ بِمِثْلِ هٰذِهِ الْوَاقِعَةِ سَبْعِينَ مِنْ أَهْلِ الطَّرِيقِ فَقُلْتُ لِلّٰهِ الْفَضْلُ فَقِيلَ لَهُ كَيْفَ عَلِمْتَ أَنَّهُ شَيْطَانٌ قَالَ بِقَوْلِهِ قَدْ حَلَّلْتُ لَكَ الْمُحَرَّمَاتِ تَمَّ كَلَامُهُ الشَّرِيفُ.

سچ ڪان وڌيڪ روشن ٿيو ته جيڪي شريعت جي مخالفت ۾ تار هن يقين سان اُهي شيطان جي صلاح ۾ بدل آهن ۽ مٿئين گفتگو تقرير مان اُئين به معلوم ٿيو ته شريعت الله جل جلاله جي اوڏي ٿيڻ جو وڏو وسيلو آهي پوءِ جو شريعت محمدي صلي الله عليه وسلم جي گهڻي رعايت رکندو انجو درجو وڌيڪ بلند رعايت سُنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي ٿيندو رهندو ۽ ظاهر آهي ته شريعت جي تابعداري پوري طرح ڪماحقه اصحابن سڳورن رضوان الله تعالى عنهم اجمعين کان جهڙي ٿي آهي اِن ئي پوري ورهڻ وڏي نعمت هٿ ڪري آهي، اهيا سڳي روش الله جل جلاله وڏن ولين ڪاملن ڪي عنايت ڪئي عموماً ۽ حضرات خواجگان قدس الله تعالى اسرارهم کي خصوصاً جو ته رعايت سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي حضرات خواجگان نقشبندين کان گهڻي ٿي رهي آهي اهوئي سبب آهي جو انهي طريقي سڳوري کي ٻين طريقن کان افضل ۽ اعلىٰ ڄاتو ٿو، ڇو ته چوٿين گهرجي جو هن طريقي جي نسبت افضل البشر بعد الانبياء ابوبڪر الصديق رضي الله تعالى عنه سان آهي جو بالاتفاق نبين سڳورن کان پوءِ پهريون آهي جناب حضرت شيخ محمد مراد مڪي رحمة الله عليه ٻارهين صدي جي خطبي ۾ لکيو آهي ته طريقو حضرات خواجگان نقشبندي قدس الله اسرارهم جو ساڳو طريقو اصحابن سڳورن

جو آهي رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين. نه اصحابن سڳورن جي وات کان ڪا زيادتي ڪئي اٿن جا بدعت آهي، نه ڪا گهتائي ڪئي اٿن الىٰ آخره عبارت بجنسه هي آهي

اِعْلَمْ اَنَّ الطَّرِيْقَةَ الْعَلِيَّةَ النَّقْشْبَنْدِيَّةَ قَدَّسَ اللهُ اَسْرَارَ اَهَالِيْهَا هِيَ طَرِيْقَةُ الصَّحَابَةِ الْكِرَامِ رَضِيَ اللهُ تَعَالىٰ عَنْهُمْ عَلىٰ اَصْلِهَا لَمْ يَزِيْدُوْا فِيْهَا وَلَمْ يَنْقُصُوْا فِيْهَا اِلىٰ آخِرِهٖ

اها سڀئي عبارت ڪتاب حديقة الوردية في حقائق اجلاء النقشبندية جي خطبي ۾ علامه عبد المجيد ابن محمد بن محمد بن عبد الله خاني قدس سره آندي آهي يڻ اها عبارت ڪتاب حديقة الندية ۾ محمد بن سليمان حنفي مجددي علامه محمد مراد قدس سره جي ڪتاب کان نقل ڪئي آهي.

ڪتاب حديقة الورديه واري ملفوظات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي ۾ "جو اها ملفوظات عين مڪتوبات شريف جي عبارت آهي" آندو آهي ته حضرت جن ارشاد فرمايو آهي ته راس هن طريقه جو ۽ رئيس هن سلسله جو حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه آهي جو نبين کان پوءِ پڻ آهي، انهي سبب اڪابرن هن طريقي جي فرمايو آهي ته اسانجي نسبت مڙني نسبتن کان اعلىٰ شان تي رکي، جو ته نسبت انهن جي عبارت آهي حضور خاص کان ۽ حضور انهن جو ۽ نسبت انهن جي صديقي آهي، حضور حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه جو مڙني جي حضور ۽ نسبت کان مٿاهون آهي ۽ هن طريقي جي خاصيتن مان اندراج النهاية في البداية آهي يعني بين جي نهايت هنن جي شروعات آهي.

سوال:- جي هنن جي شروعات بين جي نهايت تي ته پوءِ هنن جي نهايت ڪٿي ٿيندي پڻ بين جي نهايت حق کي ملڻ آهي ته پوءِ حضراتن جو سير حق کان اڳتي ڪيئن اهن ته ٿي آهي ليس وراء العبادان قرية.

جواب:- نهايت هن طريقه عاليه جي وصل عريان آهي، انجي حاصل ٿيڻ جي علامت مطلوب جي حصول کان ياس يعني نااميدي آهي پوءِ انهي تقرير کي سمجهي وٺ جو ته اسانجو ڪلام اشاره آهي جنهن کي تمام ٿورا پروڙي سگهندا خواص بلڪ اخص الخواص الىٰ آخره. عبارت بجنسه مختصر هي آهي.

قَالَ قُدِّسَ سِرُّهُ اَيُّهَا الْاَخُ رَأْسُ هٰذِهِ الطَّرِيْقَةِ الْعَلِيَّةِ وَرَئِيْسُ هٰذِهِ السِّلْسِلَةِ السَّنِيَّةِ الصِّدِّيْقُ الْاَكْبَرُ الَّذِيْ هُوَ بَعْدَ النَّبِيِّيْنَ اَفْضَلُ الْبَشَرِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وَبِهٰذَا الْاِعْتِبَارِ قَالَ اَكَابِرُ هٰذِهِ الطَّرِيْقَةِ اَنَّ نِسْبَتَنَا فَوْقَ جَمِيْعِ النِّسَبِ اِلٰى اَنْ قَالَ فَاِنْ قِيْلَ اِذَا كَانَتْ نِهَايَةُ غَيْرِهِمْ مُنْدَرِجَةً فِيْ بِدَايَتِهِمْ فَمَاذَا تَكُوْنُ نِهَايَتُهُمْ وَاَيْضًا اِذَا كَانَتْ نِهَايَةُ غَيْرِهِمُ الْوُصُوْلَ اِلَى الْحَقِّ فَاِلٰى اَيْنَ يَكُوْنُ سَيْرُهُمْ عَنِ الْحَقِّ لَيْسَ مِنْ وَّرَاءِ عَبَّادَانِ قَرْيَةٌ فَالْجَوَابُ اَنَّ نِهَايَةَ هٰذِهِ الطَّائِفَةِ الْعَلِيَّةِ اَنْ تَيَسَّرَ هِيَ الْوَصْلُ الْعُرْيَانُ الَّذِيْ عَلَامَةُ حُصُوْلِهِ الْيَاْسُ عَنْ حُصُوْلِ الْمَطْلُوْبِ فَافْهَمْ فَاِنَّ كَلَامَنَا اِشَارَةٌ لَا يُدْرِكُهَا اِلَّا الْاَقَلُّ مِنَ الْخَوَاصِّ بَلْ اَخَصُّ الْخَوَاصِّ الخ

مکتوب ٤٣ جلد ٢ ۾ انهي سوال جو جواب ڏاڍي چڱي طرح سان ڏنل آهي مطلب ته ظاهر آهي ته سيني نبين جي نهايت حق کي ملڻ آهي پر حضرت خاتم المرسلين صلى الله عليه وسلم جي نهايت ته بي آهي، ائين نه جيئن ته حضرت جن جي نهايت حق کان ٻئي ڪنهن طرف آهي.

ڪتاب بهجة السنية في آداب الطريقة العلية النقشبندية الخالدية حضرت شيخ محمد بن عبد الله خاني نقشبندي خالدي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه کان نقل ڪيو آهي ته طريقو حضرات خواجگان جو طريقو اصحابن سڳورن جو آهي رضوان الله عليهم اجمعين، پڻ ارشاد فرمايائون ته طريقو حضرات خواجگان جو اندراج النهاية في البداية تي مبني آهي.

حضرت شاهه نقشبند غوث الاعظم سيد بهاء الدين محمد نقشبند قدس سره جن فرمايو آهي. اسين داخل ٿا ڪيون نهايت کي بدايت ۾، هي طريقو بعينه طريقو اصحابن سڳورن جو آهي جو ته اصحابن سڳورن کي جيڪي اول صحبت حضرت صلى الله عليه وسلم جي ۾ حاصل ٿيو بين کي نهايت ۾ ادو تر حاصل ٿي نٿو سگهي، انهي سبب هڪ پير وحشي رض قاتل حضرت حمزه رضي الله تعالى عنه جو حضرت جن جي صحبت کان مشرف ٿيو پر حضرت اويس قرني رضي الله تعالى عنه کان "جو خير التابعين آهي" بلو ٿيو، پر حضرت وحشي کي جيڪي اول صحبت ۾ حاصل ٿيو سو حضرت اويس قرني کي نهايت ۾ حاصل ٿيو عبارت مختصر هي آهي ... اِعْلَمْ اَنَّ طَرِيْقَةَ الْخَوَاجِگَانِ قَدَّسَ اللّٰهُ اَسْرَارَهُمْ مَبْنِيَّةٌ

---

١ المواهب السرمدية في مناقب النقشبنديه مطبوعه مصر ص١٩٦ ٢ البهجة السنية في آداب الطريقة العلية مطبوعه مصر ص٢٢

عَلَى انْدِرَاجِ النِّهَايَةِ فِي الْبِدَايَةِ قَالَ الشَّاهُ النَّقْشْبَنْدُ قُدِّسَ سِرُّهُ نَحْنُ نُنْدِرِجُ النِّهَايَةَ
فِي الْبِدَايَةِ وَهٰذِهِ الطَّرِيْقَةُ بِعَيْنِهَا طَرِيْقَةُ الصَّحَابَةِ الْكِرَامِ رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ
اَجْمَعِيْنَ اِلٰى اَنْ قَالَ فَلِهٰذَا لَمَّا تَشَرَّفَ وَحْشِيٌّ قَاتِلُ حَمْزَةَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فِي بِدَايَةِ
اِسْلَامِهِ مَرَّةً بِصُحْبَةِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ اَفْضَلَ مِنْ اُوَيْسِ الْقَرْنِيِّ
الَّذِيْ هُوَ خَيْرُ التَّابِعِيْنَ وَالَّذِيْ تَيَسَّرَ لِوَحْشِيٍّ فِيْ بِدَايَةِ تِلْكَ الصُّحْبَةِ مَا تَيَسَّرَ
لِاُوَيْسٍ فِيْ نِهَايَتِهِ الخ.

پڻ حضرت امام رباني قدس سره کان بيٺ جلد ٻي آئل وانس ته حضرت شاهه نقشبند رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو آهي ته اسان جو طريقو ٻين طريقن کان ته ور اوڏو طريقو آهي ۽ پڻ فرمايو اٿن ته مون الله جلّ جلاله کان طريقو مُوصِلٌ اِلَى اللّٰهِ (يعني پهچائيندڙ مولا جلّ جلاله کي) گهريو، اها دعا منهنجي قبول ٿي جنهن ته اهو نقل رشحات ۾ حضرت خواجه عبيد الله احرار قدس سره کان ثابت آهي، پوءِ جونه هي طريقو موصل ۽ اقرب ٿيو سگهجي جو ٻين جي انتها داخل آهي انهن جي ابتدا ۾، پوءِ اهو ناامين آهي جو هن طريقي ۾ داخل ٿي ۽ استقامت نه ڪري ۽ پڻ نصيب ٿي وڃي، سچ جو کٽ وڏوهه آهي جتي ڪ ڏس ته ڪانهيس، ها ئو جيڪڏهن طالب پير ناقص (جنهن جو سلوڪ پورو نه ڪيل) جي هٿ ۾ اچي ويو، پوءِ طريقي جو کٽ وڏوهه ۽ طالب جو کٽ وقصور، جو ته مطلوب کي پهچائيندڙ حقيقت ۾ انهي طريقي ۾ مرشد ڪامل آهي نه باڻ طريقو ۽ هن طريقي جي خاصيتن مان هي به آهي جو شروعات ۾ ميناج، لذت ۽ وجدان ۽ پڇاڙي ۾ بي لذتي ۽ گمنامي جو اها نشاني ناامیدي کي لازم ڪندڙ آهي برخلاف ٻين طريقن جي جو ته انهن جي شروعات ۾ بي لذتائي ۽ فقدان يعني گمنامي ۽ انهن جي پڇاڙي ۾ ميناج ۽ وجدان ۽ اهڙي طرح هن طريقي جي شروعات ۾ قرب ۽ شهود ۽ انتها ۾ دوري ۽ حرمان يعني ناامیدي انهي مان طريقن جو تفاوت معلوم ڪري گهرجي ۽ علوشان هن طريقي جو جو ته قرب يعني اوڏائي ۽ شهود يعني حاضر هجڻ ۽ حلاوة يعني ميناج ۽ وجدان يعني لهڻ خبر تو ڏئي فراق ۽ دوري ۽ حرمان جي ۽ بي لذتو هوڻ ۽ گم هجڻ خبر تو ڏئي نهايت اوڏائي جي (ويجهڙائي)، فهم من فهم. هن ڳجهي رمز جي بيان ۾ هي ڳالهه ڪافي آهي ته انسان کي سندس نفس کان وڌيڪ بي تمام ويجهي ڪا شيءِ ڪانهي پوءِ قرب ۽ شهود

۽ حلاوة ۽ وجدان جي نسبت مفقود يعني گم ٿيل آهي ۽ ٻئي جي نسبت موجود آهي، عارف کي اشارو ڪافي آهي (انسان انسان کي پري ڏسي ٿو سگهي، جي اک سان ملائي بيٺا ته نه ڏسي سگهندا اهو بي قرب جو مثال آهي) ۽ هنن اڪابرن، احوال ۽ مواجيد کي شرع جي احڪامن جو تابع ڪيو آهي ۽ ذوق ۽ معرفتن کي علم ديني جو خادم ٿا ڄاڻن پاڻ وانگر شريعت جي نفيس موتين کي آڪرت ۽ ڪاک سان نٿا مٽائن جي ڪلمان باطل، پي هوشي ۾ سوفين جا جيل. انهن تي ٻگجي نٿا وڃن نه انهن تي مفتون ٿا ٿين ۽ جي احوال شريعت جي مخالف ۽ سنت نبوي صلى الله عليه وسلم جي ابتڙ ٿيڻ ۾ حاصل ٿين انهن جو اراد و نٿا فرمائن ۽ انهن کي ڪنهن طرح قبول نٿا ڪن انهي سبب سماع ۽ نچڻ جائز نه ٿا رکن ۽ ذڪر ڏاڍيان ڪرڻ کي قبول نٿا فرمائن. حال انهن جو هميشه هڪ حالت تي آهي ۽ وقت انهن جو هميشه تجلي ذاتي کان مشرف آهي، جا بجلي وانگر ڪڏهن آهي ڪڏهن ناهي پر هنن لاءِ هميشه آهي، جنهن حضور کان پوءِ غيبة (يعني غائب ٿيڻ) اچي اهو حضور هنن سڳورن وٽ اعتبار کان باهر آهي بلڪ ڪارخانو انهن جو انهي حضور کان نرور مٿاهون آهي. جيئن حضرت خواجه عبيد الله احرار قدس سره ارشاد فرمايو آهي ته حضراتن خواجگان نقشبندن جي نسبت سڀني کان مٿي ڪندڙ ۽ ڇڏيندڙ آهي... ڪارخانو هنن جو اعلى آهي، عبارت جنسه مختصر هي آهي[1]. قَالَ الشَّاهُ نَقْشَبَنْدُ قُدِّسَ سِرُّهُ طَرِيْقُنَا اَقْرَبُ الطُّرُقِ وَقَالَ اَيْضًا طَلَبْتُ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى طَرِيْقًا تَكُوْنُ مُوْصِلَةً اِلَى اللّٰهِ وَقَدْ اُجِيْبَتْ دَعْوَتُهٗ كَمَا فِي الرَّشَحَاتِ عَنْ عُبَيْدِ اللّٰهِ الْاَحْرَارِ قُدِّسَ سِرُّهٗ وَكَيْفَ لَا تَكُوْنُ اَقْرَبَ وَمُوْصِلَةً وَاِنْتِهَاؤُهَا مُنْدَرِجَةٌ فِيْ اِبْتِدَائِهَا فَالْمَحْرُوْمُ مَنْ يَّدْخُلُ هٰذَا الطَّرِيْقَ وَلَا يَسْتَقِيْمُ وَيَرُوْحُ لَا نَصِيْبَ لَهٗ وَمَا ذَنْبُ الشَّمْسِ اِذَا لَمْ تَكُنْ هُنَاكَ عَيْنٌ تُبْصِرُ نَعَمْ اِذَا وَقَعَ طَالِبٌ فِيْ يَدِ نَاقِصٍ فَاَيُّ ذَنْبٍ لِلطَّرِيْقِ اِلٰى اَنْ قَالَ. وَمِنْ هُنَا لَا يُجَوِّزُوْنَ السَّمَاعَ وَالرَّقْصَ وَلَا يَعْمَلُوْنَ عَلَى الذِّكْرِ الْجَهْرِيِّ حَالُهُمْ عَلَى الدَّوَامِ وَوَقْتُهُمْ عَلَى الْاِسْتِمْرَارِ اَلتَّجَلِّى الذَّاتِيُّ الَّذِيْ لِغَيْرِهِمْ كَالْبَرْقِ لَهُمْ دَائِمٌ وَالْحُضُوْرُ الَّذِيْ يَعْقُبُهٗ غَيْبَةٌ سَاقِطٌ عَنْ حَيِّزِ الْاِعْتِبَارِ عِنْدَ هٰؤُلَاءِ السَّادَاتِ الْاَخْيَارِ بَلْ كَارُ خَانَتُهُمْ اَعْلٰى عَنِ الْحُضُوْرِ كَمَا اَشَارَ اِلَيْهِ عُبَيْدُ اللّٰهِ الْاَحْرَارُ وَقَالَ اِنَّ سَادَاتِ هٰذِهِ السِّلْسِلَةِ الْعَلِيَّةِ مَا لَهُمْ نِسْبَةٌ اِلٰى كُلِّ نِسْبَةٍ فَوْقَ

---

[1] بهجة السنية في آداب الطريقة العلية مطبوعه مصر ص ٨

وَرَقَّاصٍ كَانَ خَانَتْهُمْ اعلىٰ اهـ

ٻيءَ جاءِ تي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهٗ النوراني جي مكتوب شريف
کان نقل تو ڪريو ته:- ”جاڻ هن طريقي عاليه نقشبنديءَ جا اڪابر، متابعت سنت محمدي
صلی الله عليه وسلم جي لازم ڪري ٿا وٺن ۽ عمل عزيمت جو اختيار ٿا فرمائن. پوءِ جي شريعت
سگوري کي لازم ڪري وٺڻ ۽ عمل عزيمت اختيار ڪرڻ مان انهن کي احوال ۽ مواجيد حاصل
ٿا ٿين. الله جلّ جلاله جي وڏي نعمت ٿا ڄاڻن ۽ جي انهي شريعت نبوي صلی الله عليه وسلم
جي التزام ۽ عمل عزيمت جي اختيار ۾ ڪا سُستي ٿا ڏسن ته پوءِ احوال مواجيد انهن وٽ
پسند ناهن ۽ انهي شريعت نبوي جي فتورن ۾ سواءِ خرابي ۽ قصور جي ٻيو ڪجهه ٿا ڄاڻن جو ته
برهمڻ ۽ جوڳي فلسفي يونان جا انهن کي به اهڙي قسم جون ظاهري تجليون ۽ ڪشف
مثالي ۽ علم توحيدي حاصل ٿا ٿين مگر نتيجو انهن مان خواري ۽ فساد کان سواءِ ٻيو حاصل
ڪجهه ڪونهي ۽ انهن کي رحمان جلّ جلاله کان دوري ۽ حرمان کان سواءِ ڪجهه نصيب
ڪونهي. اي ڀاءُ! جڏهن الله جلّ جلاله جي فضل سان هن طريقي ۾ داخل ٿيئن پوءِ
انهن جي متابعت ڪرڻ تو کي ضرور آهي ۽ انهن جي مخالفت کان پرهيز ڪج جئين انهن جي
ڪمالات کان سعادت مند ٿيئن ۽ انهن جي حالات کان مشرّف ٿيئن، پوءِ جي تو تي ٻه ڳالهيون
واجب آهن سي هيٺيون آهن. اول اعتقاد اهل سنت جماعت جي موافق رکڻ، ٻيو
شرعي احڪام ڄاڻڻ، جهڙو فرض، واجب، سنت، مستحب، حلال، حرام، مڪروه
۽ مشڪوڪ جيڪي علم فقه ۾ ثابت آهي. ٽيون هي احڪام شرعي ڄاڻڻ ۽ انهن تي عمل
ڪرڻ. چوٿون سلوڪ ڪرڻ وات باطني جو، جيستائين هي ٻه پر يعني ظاهر ۽ باطن
جا صحيح نه ٿيا تيستائين عالم قدس تائين اڏامڻ مشڪل آهي ۽ احوال ۽ مواجيد
به سواءِ انهن ٻن پرن جي حاصل ٿيڻا ناهن پوءِ جي انهن ٻن پرن کان سواءِ پاڻ ۾
حالتون باطن وارن جهڙيون ۽ وجدان باطن وارن جهڙو ڏسين ته پوءِ پاڻ کي
خرابي ۽ هلاڪي ۾ ڄاڻ ۽ انهن احوال ۽ مواجيد کان پناه گهر. عبارت مختصر غنيه
بهجة السنية جي هي آهي. قَالَ الْغَوْثُ الصَّمَدَانِيُّ وَالْإِمَامُ الرَّبَّانِيُّ السَّيِّدُ الشَّيْخُ
اَحْمَدُ الْفَارُوقِيُّ قُدِّسَ سِرُّهٗ فِي التَّرْغِيْبِ عَلٰى مُتَابَعَتِ السُّنَّتِ السَّنِيَّةِ عَلٰى

ل نقصان ٢ پراهين ٣ نااميدي ٤ بهجة السنية في آداب الطريقة العلية مطبوعه مصر ص ٩

صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ وَالتَّحِيَّةُ اِعْلَمْ اَنَّ اَكَابِرَ هٰذِهِ الطَّرِيْقَةِ الْعَلِيَّةِ النَّقْشْبَنْدِيَّةِ اِلْتَزَمُوْا مُتَابَعَةَ السُّنَّةِ السَّنِيَّةِ وَاخْتَارُوْا الْعَمَلَ بِالْعَزِيْمَةِ فَاِنْ تَيَسَّرَ لَهُمْ مَعَ هٰذَا الْاِلْتِزَامِ وَالْاِخْتِيَارِ بِالْاَحْوَالِ وَالْمَوَاجِيْدِ فَيَعْرِفُوْنَ اَنَّ ذَالِكَ النِّعْمَةُ الْعُظْمٰى وَاِنْ وَجَدُوْا فِيْ هٰذَا الْاِلْتِزَامِ وَالْاِخْتِيَارِ فُتُوْرًا فَلَيْسَتْ تِلْكَ الْاَحْوَالُ وَالْمَوَاجِيْدُ مَمْدُوْحَةً عِنْدَهُمْ وَلَا يَعْرِفُوْنَ فِيْ ذَالِكَ الْفُتُوْرِ سِوَى الْخَرَابِ وَالْقُصُوْرِ اِذْ بَرَاهِمَةُ الْهِنْدِ وَالْجُوْكِيَّةُ وَفَلَاسِفَةُ الْيُوْنَانِ لَهُمْ كَثِيْرٌ مِنْ قِسْمِ التَّجَلِّيَاتِ الصُّوْرِيَّةِ وَالْمُكَاشَفَاتِ الْمِثَالِيَّةِ وَالْعُلُوْمِ التَّوْحِيْدِيَّةِ وَلَيْسَ لَهُمْ مِنْ نَتَائِجِهَا سِوَى الْفَسَادِ وَالْفَضِيْحَةِ، وَلَا نَصِيْبَ لَهُمْ مِنَ الرَّحْمٰنِ سِوَى الْبُعْدِ وَالْحِرْمَانِ. اَيُّهَا الْاَخُ لَمَّا دَخَلْتَ بِالْفَضْلِ الرَّبَّانِيِّ فِيْ سِلْكِ اِرَادَةِ هٰذِهِ الْاَكَابِرِ فَلَابُدَّ لَكَ مِنْ مُتَابَعَتِهِمْ وَاَحْذَرْ عَنْ مُخَالَفَتِهِمْ تَمَّ كَلَامُهُ الشَّرِيْفُ مُلَخَّصًا

صاحب حديقة الندية جي لکيو آهي ته علامه سيد محمود بن اشرف حسيني نقشبندي تحفة السالکين ۾ آندو آهي ته حضرت شاه نقشبند قدس سره فرمايو آهي ته اسان جي شرعي طريقن بين جي نهايت آهي، پڻ ارشاد فرمايو اٿن ته الله جل جلاله جي معرفت بهاء الدين تي حرام آهي، جي ان جي شروعات بايزيد بسطامي جي نهايت تي نه هجي، حضرت خواجه عبيد الله احرار قدس سره فرمايو آهي ته اهو کلام مبارک شريعت جي برخلاف ناهي جو حديث "اُمَّتِيْ كَمَثَلِ الْمَطَرِ لَا يُدْرٰى اَوَّلُهٗ خَيْرٌ اَمْ آخِرُهٗ" دلالت ڪندڙ آهي. تَمَّ كَلَامُهُ الشَّرِيْفُ مُلَخَّصًا

علامه متبحر شيخ ابن حجر هيتمي مکي خاتمه فتاوىٰ طريق نقشبنديه ۾ آندو آهي اَلطَّرِيْقَةُ الْعَلِيَّةُ السَّالِمَةُ مِنْ كُدُوْرَاتِ الصُّوْفِيَّةِ وَهِيَ الطَّرِيْقَةُ النَّقْشْبَنْدِيَّةُ، يعني جاهلن صوفين جي خرابين کان سلامتي وارو طريقو عالي، نقشبندي طريقو آهي.

حضرت جامع الکمال الصوري والمعنوي شيخ عبد الله المعروف به شاه غلام علي قدس سره پنهنجي رسالہ ۾ آندو آهي ته شيخ عبد الحق محدث دهلوي، جو قادري طريقي کان مشرف ٿيل هو پوءِ خواجه باقي بالله قدس سره جي بيعت کان مشرف ٿيو، حضور نقشبندي نسبت جو حاصل ٿيس. پنهنجي موصل المريد الى المراد ۾ ٿو لکي، لَيْسَ عِنْدَ الْمُصَنِّفِ بِحَسَبِ حَالَاتِ الْفَنَاءِ وَالْبَقَاءِ طَرِيْقَةٌ اَحْسَنُ مِنْ طَرِيْقَةِ النَّقْشْبَنْدِيَّةِ يعني فناءِ بقا جي حالتن جي

---

[1] رسالہ "سبع سياره" چوٿون رسالو مطبوعه رامپور ص ٢١

حاصل ڪرڻ لاءِ مصنف وٽ طريقي نقشبندي ڪان موچارو ٻيو طريقو ڪونه هو.

علامه شيخ علي قاري حنفي حصين حصين ۾ آيل حديث "مَنْ دَخَلَ السُّوقَ فَقَالَ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ حَيٌّ لَا يَمُوتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ كَتَبَ اللّٰهُ لَهُ أَلْفَ أَلْفِ حَسَنَةٍ وَمَحَا عَنْهُ أَلْفَ أَلْفِ سَيِّئَةٍ وَرَفَعَ لَهُ أَلْفَ أَلْفِ دَرَجَةٍ". يعني جو بازار ۾ تو گهڙي ۽ چوي تو لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ ... عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ تائين ان لاءِ لک نيڪيون جو ته لکجي ٿو ۽ لک بڇڙايون جو محو ٿو ٿئي ۽ لک درجا انجو مٿاهون ٿو ٿئي" جي شرح ۾ ٿو لکي ته بازار ۾ انهيءَ دعا پڙهڻ جي ايتري قدر فضيلت ٿي انجو هي وجه آهي جو بازار جاءِ غفلت جي آهي بازار ۾ ذڪر ڪندڙ اهڙين آهي جهڙين ڪو غازي جڳهه ۾ جهاد في سبيل الله ڪري، هي حديث دليل انهيءَ جو آهي جو حضرات نقشبندين جي اڪابر صوفين قبول ڪيو آهي ۽ فرمايو اٿن اَلْخَلْوَةُ فِي الْجَلْوَةِ وَالْعُزْلَةُ فِي الْخِلْطَةِ فَالصُّوفِيُّ كَائِنٌ بَائِنٌ وَغَرِيبٌ قَرِيبٌ وَعَرْشِيٌّ وَفَرْشِيٌّ، ۽ اهڙي طرح ٻيون سندن عبارتون. الله جل جلاله شان انهن جي برڪتن کان اسانکي نفعو ڏئي ۽ جو شخص حديثن رسول اڪرم صلی الله عليه وسلم جو پورو تابعدار آهي ۽ حضرت سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جي خبرن ۽ احوالن جو پورو واقف آهي ۽ انجي قولن فعلن کي جاڻندڙ آهي ان کي ظاهر ٿيندو ته هي طريقو اهو آهي جنهن کي مبعوث ٿيڻ کان پوءِ حضرت رسول انور صلی الله عليه وسلم جن قبول فرمايو ۽ انهي حالت تي امت پنهنجي کي برانگيخته ڪيائون ۽ اڪابر ته اصحابي سڀني رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين تابع ٿيا الی آخره عبارت جنسه تبرڪاً مختصر هيٺ مرقوم آهي.

وَقَالَ الْعَلَّامَةُ الشَّيْخُ عَلِيٌّ الْقَارِيُّ الْحَنَفِيُّ فِي شَرْحِ حَدِيثِ مَنْ دَخَلَ السُّوقَ فَقَالَ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ الخ وَلَعَلَّ وَجْهَ هٰذِهِ الْفَضِيلَةِ بِخُصُوصِ السُّوقِ لِأَنَّهَا مَحَلُّ الْغَفْلَةِ فَالذَّاكِرُ فِيهِمْ كَالْمُجَاهِدِ فِي الْمَغَازِي وَهٰذَا دَلِيلٌ لِمَا اخْتَارَهُ السَّادَةُ النَّقْشَبَنْدِيَّةُ مِنْ أَكَابِرِ الصُّوفِيَّةِ حَيْثُ قَالُوا الْخَلْوَةُ فِي الْجَلْوَةِ الخ وَنَحْوُ ذٰلِكَ مِنْ عِبَارَاتِهِمْ نَفَعَنَا اللّٰهُ بِبَرَكَاتِهِمْ وَمَنْ تَتَبَّعَ أَحَادِيثَ رَسُولِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَرَفَ أَخْبَارَهُ وَأَحْوَالَهُ وَعَلِمَ أَقْوَالَهُ وَأَفْعَالَهُ تَبَيَّنَ لَهُ أَنَّ هٰذِهِ الطَّرِيقَةَ هِيَ الَّتِي اخْتَارَهَا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَعْدَ الْبِعْثَةِ وَحَثَّ أُمَّتَهُ عَلَىٰ هٰذِهِ الْحَالَةِ وَتَبِعَهُ أَكَابِرُ الصَّحَابَةِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالَىٰ عَنْهُمْ دُونَ مَا ابْتَدَعَ عَنْهُمْ مُبْتَدِعَةٌ وَلَوْ كَانَ

بَعْضُهَا مُسْتَحْسَنًا فِي الْجُمْلَةِ اِنْتَهٰى

هٰذَا كُلُّهٗ نَقَلْتُ مِنَ الْحَدِيْقَةِ النَّدِيَّةِ مَطْبُوعَهٖ مِصر ص ۱۳

نقشبندي طريقي جي خصوصيتن جو بيان

حضراتن سڳورن جي طريقي ۾، جي خصوصيتون آهن پوري تفصيل سان ٻين ڪتابن ۾ عموماً لکيلون آهن ۽ مڪتوبات شريف ۾ خصوصًا هت قلب ۽ قلبي ذڪر جي خاصيت ۾ بهجة السنية تان ڪجهه مختصر ٿو لکان

قلب ۽ قلبي ذڪر جي خاصيت

حضرت امام نووي رحمة الله عليه ڪتاب الاذڪار ۾ آندو آهي ته ذڪر قلبي ۽ ذڪر زباني ٿيندو آهي، چڱو آهي ته قلب ۽ زبان ٻنهي سان ذڪر ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هڪ ذڪر ڪري ته ذڪر قلبي زيادہ ڀلو آهي - اهه

ذڪر خفي قلبي، جو حضرتن نقشبندن قدس اسرارهم جن اختيار فرمايو آهي تنهن جو ثبوت حديث ۽ قرآن شريف مان آهي الله جَلَّ جلاله فرمايو آهي وَاذْكُرْ رَبَّكَ فِي نَفْسِكَ يعني پنهنجي نفس ۾ ذڪر رب جو ڪر ٻيو خداء جَلَّ جَلَالُهٗ جو ارشاد آهي "اُدْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً" يعني رب کي نياز ۽ ڳجهائي سان سڏيو ۽ اهڙيءَ طرح ٻيون آيتون وڏن ڪتابن ۾ جاچڻ گهرجن حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي مَا وَرَدَ فِي الصِّحَاحِ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنَّهٗ قَالَ قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِيْ بِيْ وَاَنَا مَعَهٗ اِذَا ذَكَرَنِيْ فَاِنْ ذَكَرَنِيْ فِيْ نَفْسِهٖ ذَكَرْتُهٗ فِيْ نَفْسِيْ وَاِنْ ذَكَرَنِيْ فِيْ مَلَاٍ ذَكَرْتُهٗ فِيْ مَلَاٍ خَيْرٍ مِّنْهُ رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ وَغَيْرُهٗ - ظاهر آهي ته ذڪر قلبي مجلس ۾ به اهڙو آهي جهڙو گوشي ۾ سبحان الله" ڇا ته مولا جَلَّ جَلَالُهٗ جي عجيب نعمت آهي.

ام المومنين حضرت عائشه رضي الله تعالیٰ عنها رضي اللہ عنہا جن کان روايت آهي ته ذڪر ڳجهو ذڪر ڏاڍيان کان سترڊرجا زياده فضيلت ٿو رکي، جڏهن ڏينهن قيامت جو ٿيندو ۽ خلق خدا جي حساب ڏانهن رجوع ڪندي، جيڪي نگهبان ملائڪ سڳورا آهن (ڪراماً ڪاتبين) جيڪي عمل ٻانهي جا لکيا هوندن اُنُون ۽ ياد ڪيا هوندن انهن اُنُون اچي حاضر ڪندا، الله جَلَّ جَلَالُهٗ فرمائيندو ته ڏسو، منهنجي ٻانهي لاءِ ٻيو ڪجهه باقي رهيو آهي يا نه يعني جيڪي اوهان عمل ٻانهي جا پيش ڪيا انهي کان سواءِ ٻيو به ڪجهه آهي يا نه، ملائڪ چوندا ته اسان کو عمل ڪونه ڇڏيو آهي جيڪو ٻانهي جو عمل هو اسان لکيو آهي پوءِ الله جَلَّ جلاله

له بهجة السنية مطبوعه مصر صـ ۳۵

ٻانھي کي فرمائيندو ته مون وٽ ٻانهان تهنجي چڱائي آهي (ذڪر قلبي) يعني مون کي معلوم آهي انجي بدلي ڪان توکي آئون مشرف ڪندس حديث هي آهي.[1]

يَفْضُلُ الذِّكْرُ الْخَفِيُّ الَّذِي لَا تَسْمَعُهُ الْحَفَظَةُ عَلَى الَّذِي تَسْمَعُهُ سَبْعِينَ ضِعْفًا إِذَا كَانَ يَوْمُ الْقِيَامَةِ جَمَعَ اللّٰهُ الْخَلَائِقَ إِلَى حِسَابِهِ وَجَاءَتِ الْحَفَظَةُ بِمَا حَفِظُوا وَكَتَبُوا قَالَ اللّٰهُ تَعَالَى انْظُرُوا هَلْ بَقِيَ لِعَبْدِي مِنْ شَيْءٍ فَيَقُولُونَ مَا تَرَكْنَا شَيْئًا مِمَّا عَلِمْنَاهُ وَحَفِظْنَاهُ إِلَّا وَقَدْ أَحْصَيْنَاهُ وَكَتَبْنَاهُ فَيَقُولُ اللّٰهُ تَعَالَى إِنَّ لَكَ عِنْدِي حَسَنَةً وَأَنَا أَجْزِيكَ بِهِ وَهُوَ الذِّكْرُ الْخَفِيُّ تمام الحديث[2]

معلوم ڪرڻ گهرجي، پهرين ذڪر مان مراد ذڪر خفي يعني ڳجهو آهي جو ڪراماً ڪاتبين نٿا ٻڌي سگهن، ٻوئين ذڪر مان مراد ذڪر جهري يعني ڏاڍيان آهي ۽ الله جل جلاله فرمائيندو ته مون وٽ ٻانهي جي چڱائي آهي انکي انجو بدلو آئون ياڻ ڏيندس، اهو چڱو ڪم ذڪر قلبي آهي جو الله جل جلاله ٻن وهڪ عاشق جانه چڱو فرمايو آهي

ميان عاشق و معشوق رمزيست ڪراماً ڪاتبين را هم خبر نيست.

اهڙي طرح جامع الصغير ۾ ۾ حديث آهي ته حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "خَيْرُ الذِّكْرِ الْخَفِيُّ خَيْرُ الرِّزْقِ مَا يَكْفِي" يعني ذڪر ڳجهو نور موچارو آهي ۽ رزق جيڪو ڪفايت ڪري سو نور موچارو آهي.

قاضي عياض رحمة الله عليه فرمايو آهي ته ذڪر الله جل جلاله جو ٻه قسم آهي: ذڪر زباني، ذڪر قلبي ٻه قسم آهي، انهن مان هڪ جو اچو ۽ عالي شان تور کي، فڪر ڪرڻ الله جل جلاله جي عظمت ۽ جلال ۽ جبروت ۽ آيات ۽ ملڪوت انجي ۾، جو انجي زمين ۽ آسمان ۾ آهي. ـــــــ شيخ الشيوخ امام الانام الحبر الهمام عبد الحي الصالحي النجير بابن العماد الحنبلي رحمة الله عليه ڪتاب بغيه اولى النهى شرح غاية المنتهى ۾ هيٺين قول مان تنجي ته "صَلٰوةُ التَّطَوُّعِ افْضَلُ تَطَوُّعِ بَدَنٍ لَا قَلْبٍ" جي آند واتس وَقوله (لا قلب) اِشَارَةٌ إِلَى أَنَّ عَمَلَ الْقَلْبِ أَفْضَلُ. يعني متن واري جو لا قلب جو لفظ آندو آهي سو اشارو هن ڳالھ ڏانهن آهي ته قلب جو عمل نور ڀلو آهي.

---

[1] لبيهقي في شعب الايمان وابن ابي الدنيا هب وضعفه عن عائشة كنز العمال ج ۱ ص ۱۱۳،
[2] بهجة السنية مطبوعه مصر ص ۳۰

۽ شيخ تقي الدين رحمة الله عليه فرمايو آهي ”اَلذِّكْرُ بِالْقَلْبِ اَفْضَلُ مِنَ الْقِرَاْةِ بِلَا قَلْبٍ“. يعني ذڪر قلبي زور ڀلو آهي انهي قرآن کان جا قلبي اخلاص کان سواءِ آهي.

حضرت شيخ شبلي رحمة الله عليه جن مجلس ۾ هي بيت پڙهندا هوا

ذَكَرْتُكَ لَا اِنِّي نَسِيْتُكَ لَمْحَةً ۞ وَاَيْسَرُ مَا فِي الذِّكْرِ ذِكْرُ لِسَانِي

فَلَمَّا اَرَانِي الْوَجْدُ اَنَّكَ حَاضِرِيْ ۞ شَهِدْتُكَ مَوْجُوْدًا بِكُلِّ مَكَانِ

فَخَاطَبْتُ مَوْجُوْدًا بِغَيْرِ تَكَلُّمٍ ۞ وَلَاحَظْتُ مَعْلُوْمًا بِغَيْرِ عَيَانٍ [1]

۽ استاذ ابوعلي دقاق رحمة الله عليه جن فرمائيندا هوا، بهرحال ذڪر قلبي ريحانة القلوب آهي جنهن سان اُنس بالمحبوب حاصل ٿو ٿئي. الله تعالیٰ جَلَّ جلاله فرمايو آهي اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ۽ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ۽ انهي ذڪر قلبي سان قلب جي غفلت علّام الغيوب کان رڪجي ٿي، جنهن ڪري اُهي خاصيتون الله جَلَّ جلاله قلب ۾ وڌيون ۽ ان ۾ نعمتون خدائي ٻيٽيون ٿي پيون، تڏهن انهي شان لائق ٿيو ته دارين کان خالي ڪجيس ۽ ذڪر جي ڪٺائي جو صيقل ڏرهات، هڻجيس، جو ته اها جاءِ الله جَلَّ جلاله جي نظر جي آهي جيئن ته اِنَّ اللّٰهَ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ جي حديث انهي ڳالهه تي دلالت ڪري ٿي ۽ اهو قلب جاءِ ايمان جي ۽ معدن الاسرار ۽ منبع الانوار آهي. جنهن لاءِ حضرت نبي مختار صلی الله عليه وسلم جوارشاد فيض بنياد آهي ته جيڪڏهن اهو قلب صلاحيت ۾ آيو ته سارو جسد ۾ صلاحيت اچي ويئي، جو ته حضرت سرور ڪائنات جو بيان صادق اچي جو انهي قلب تي عبادات اعتقادي ۽ عملي جي حجت جو مدار آهي، بانهون مؤمن ته ٿي سگهندو جيستائين پنهنجي قلب کي انهن ڳالهين تي محڪم نٿو ڪري جنهن تي ايمان لاڳو ٿيندو آهي ۽ عبادت مقصود به صحيح ٿيئي ناهي جيستائين ان ۾ نيت قلبي نٿو ڪري، برابر عبادت بدني هجي، جهڙو روزو ۽ نماز، يا مالي، جهڙو زڪواة، يا ٻنهي مان مرڪب ٿيل جهڙو حج. جڏهن نيت ڪندو تڏهن ته عبادت عادت کان جدا ٿيندي پوءِ قلب مثر تي عبادت کي گهرو وڪندو آهي. _____ تخصيص قلب جي ايمان سان ۽ خوف ۽ انابة ۽ ذڪر ۽ پرهيزگاري ۽ سلامتي سان ڪيترن آيتن ۾ آهي پاره ٢٨ سورة مجادله رڪوع ٢ وَكَتَبَ فِي قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ. پاره ٢٦ سورة حجرات رڪوع ١ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهُ فِي قُلُوْبِكُمْ

---

[1] بهجة السنية مطبوعه مصر ص ٣٦

پارہ ۲۶ سورۃ قٓ رکوع ۳ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِ ۝ پارہ ۲۶ سورۃ قٓ رکوع ۳ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ. پارہ ۲۶ سورۃ حجرات رکوع ۱ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ط. پارہ ۱۹ سورۃ شعرآء رکوع ۵ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ۝ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝

حضرت حارث رحمة الله عليه فرمايو آهي ته: - الله جي ذڪر کان قلب جو غافل ٿيڻ بلاءِ جي لاءِ آفت آهي، پوءِ انهي وقت قلب ۾ غفلت پيدا ٿئي ٿي، الله جل جلاله فرمايو آهي وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا.________ حضرت خالد بن معدان رحمة الله جن فرمايو آهي ته سيڪنهن بانهي کي مُنهن ۾ ٻه اکيون آهن جن سان اهو دنيا جو ڏسي ٿو ۽ ٻه اکيون انهي قلب ۾ آهن جن سان اهو آخرة جا ڏسي ٿو پوءِ جي الله جَلَّ جَلَالُهٗ ڪنهن بانهي جي چڱائي جو ارادو فرمائي ته انهي جون قلب وارون اکيون کولي ٿو جنهن سان الله جَلَّ جَلَالُهٗ جا وعدا جي غيب ۾ آهن ڏسي ٿو ۽ جنهن لاءِ ارادو خير جو نٿو فرمائي ان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٿو ڏئي ۽ اهو ڳالهه فرمائي پوءِ هي آيت پڙهيائون اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا.

حضرت حمد بن حضرومي رحمة الله عليه جن فرمايو آهي ته قلب ٽانءُ آهن جيڪڏهن حق سان ڀريا، نورن جي زيادتي عضون تي ظاهر ٿيندي، جيڪڏهن باطل سان ڀريا ته زيادتي انڌاري جي عضون تي ظاهر ٿيندي.

حضرت ابوتراب رحمة الله عليه فرمايو آهي ته عبادتن ۾ قلب جي خطرن جي اصلاح ڏيڻ کان وڌيڪ نفعو ڏيندڙ ڪا به شيءِ نه آهي.

حضرت سهل بن عبدالله رحمة الله عليه فرمايو آهي، اُن قلب ۾ نور داخل ٿيڻ حرام آهي جنهن ۾ اهڙي شيءِ هُجي جا الله جَلَّ جَلَالُهٗ کي پسند نه هُجي.

حضرت ذالنون مصري قدس سرهٗ فرمايو آهي ته قلب کي هڪ ساعت صلاحيت ۾ آڻڻ، جنن ۽ ماڻهن جي عبادة کان زيادہ ڀلو آهي، جڏهن مَلَائڪَهُ ان گهر ۾ داخل نه ٿيندا جنهن ۾ صورت ۽ شڪل رکيل هُجي پوءِ ڪيئن انهي قلب ۾ شواهد حقاني داخل ٿيندا جنهن ۾ الله جي وصفن کان سواءِ ٻين خراب وصفون موجود آهن. تم ڪلامهٗ ملخصًا

طريقي نقشبندي جي تناخواني ۾ ڪيترائي ڪتاب پڙهيل آهن، هن ڪتابن جي حصه پهرين ۾ گهڻن ڪتابن جو انتخاب، طريقي نقشبندي جي تعريف ۾ پورو بيان آندل آهي

حضرت مولانا جامي عليه الرحمة جو قصيدو "عين الحياة" عربي شرحات ۾ تمام فصاحت بلاغت سان موجود آهي، شيخ المشائخ خواجه محمد سعيد، صاحب ابن شادلواري شريف جي پنهنجي ڪتاب "مصقلة الضمائر" ۾ به هڪ چڱو قصيدو آندو آهي، هت مولانا جامي قدس سره تائين منسوب ٿيل فارسي بيتن جو عربي منظوم ترجمو تبرڪا لکان ٿو، جو صاحب "الحدائق الوردية في حقائق اجلاء النقشبندية" پيش ڪيو آهي.

لِلنَّقْشَبَنْدِيَّةِ الْعِلْمُ الْعَجِيْبُ بِمَا ∴ يَحِلُّ رَكْبَ الْهُدٰي بِالسِّرِّ فِي الْحَرَمِ

نقشبندين جي علم آهي عجيب ∴ قافلي کي ڳجهو پهچائي حرم

تَمْحُوْ بِصُحْبَتِهَا عَنْ قَلْبِ سَالِكِهَا ∴ هَمَّ الرِّيَاضَاتِ وَالْخَلْوَاتِ بِالْهِمَمِ

صحبت پا پنهنجي ۾ سالڪ کان ∴ تا ڪيون خلوتون جا فڪر، وهم جن ڏهن

لَهَا سَلَاسِلُ مِنَ الْأَسْوَدِ فَهَلْ ∴ يَحْتَالُ ثَعْلَبَةٌ فِيْ حَلِّ نَظْمِهِمْ

تن جي سلسلي ۾ شينهن بدل ∴ لونبڙي ڪان ڇنجهو جو ٿئي ڪم

إِنْ يَنْسِبِ الْقَاصِرُ الْفَهْمِ الْقُصُوْرَ لَهَا ∴ مَحَاشَ لِلّٰهِ أَنْ يَجْرِيْ بِذَاكَ فَمِيْ

جي ڪري قاصر ڪو طعنو هن ٽولي جو ∴ آڻيان هوند ڳالهه تن جي ۾ اندر فم[1]

علم باطني حاصل ڪرڻ فرض عين آهي

صاحب حديقة الندية، انهي باري ۾ گهڻو لکيو آهي جنهن جو مختصر مطلب هت لکجي ٿو. علم باطني حاصل ڪرڻ فرض عين آهي جنهن وسيلي سان مرض قلب جي ڪري هٿ ۽ زبان کري ٿا وڃن، اهي مرض باطن جا علم ظاهري جي حاصل ڪرڻ ۾ دفع نٿا ٿي سگهن، اهڙا ڳالهه علمائن اڪابرن متقدمين ۽ متأخرين کان ثابت ٿي چڪي آهي. حنفين سڳورن مان ابن الهمام ۽ ابن الشبلي ۽ شرنبلالي ۽ خيرالدين الرملي ۽ حموي محشي اشباه ۽ ٻيا. شافعين سڳورن مان سلطان العلماء العز بن عبد السلام ۽ حضرت امام غزالي ۽ تاج الدين سبڪي ۽ علامه سيوطي ۽ شيخ الاسلام قاضي زڪريا انصاري ۽ علامه شهاب ابن حجر هيتمي مڪي ۽ ٻيا. مالڪين سڳورن مان عارف شيخ ابي حسن شاذلي ۽ سندن خليفو شيخ ابي العباس ۽

---

[1] اصل فارسي نظم:

نقشبنديه عجب قافله سالار اند ∴ که برند از ره پنهان بحرم قافله را

از دل سالک ره جاذبه صحبت شان ∴ مي برد وسوسه خلوت و فکر چله را

قاصرے گر کند اين طائفه را طعن قصور ∴ حاش لله که برارم بزبان اين گله را

همه شيران جهان بسته اين سلسله اند ∴ روبه از حيله چسان بگسلد اين سلسله را

له وات

خوارينوا جو شيخ ابن عطاء الله اسڪندري ۽ عارف ابن ابي جمرة ۽ ناصر الدين اللقاني ۽ شيخ علامه محقق احمد زروق برليسي ۽ ٻيا حنبلين سڳورن مان قطب العارفين الدائم الصمد ابي صاحب الاسرار والمعاني ابي محمد الشيخ عبد القادر الجيلاني ۽ شيخ الاسلام شيخ عبد الله انصاري هروي ۽ شيخ ابي عمار فتوحي ۽ ٻيا. هي سڀئي سڳورا ٻاوجود علم ظاهري جي علم باطني حاصل ڪرڻ لاءِ صحبت، خدمت ۽ سلوڪ مان حصي وٺڻ لاءِ ڪوشان رهيا آهن علم باطني جي حاصل ڪرڻ لاءِ فرض عين هوڻ کي گهڻن معتبرن ڪتابن لکيو آهي جهڙي طرح تحفة المحتاج ۾ شيخ محقق متبحر شهاب ابن حجر هيتمي مڪي ڪتاب السير ۾ ٿو لکي. ته جنهن کي الله جَلّ وعلا قلب سليم عطا نه ڪيو آهي ان تي واجب آهي ته قلب جي مرض جو دوائون سکي جهڙوڪ وهَمَّ ۽ عُجُب ۽ ريا ۽ ٻيا جي مرض انسان جي قلب ۾ ڏيندا آهن، ڇو ته اهي عادةً طب جو سکڻ واجب آهي پر ڪفايه اه، انهي عبارت هيٺان صاحب حديقة الندية جو ٿو لکي وَالْمَفْهُوْمُ مِنْ هٰذِا النَّصِّ اَنَّ تَعَلُّمَ اَدْوِيَةِ اَمْرَاضِ الْقَلْبِ مِنَ الْفُرُوْضِ الْعَيْنِيَّةِ. يعني انهي عبارت جو مطلب هي آهي ته قلب جي مرضن جون دوائون سکڻ فرض عين آهن.

معلوم ٿيو ته واجب مان مٿين علامه فرض جو ارادو ڪيو آهي جئين ته ظاهر آهي خطيب شربيني شافعي، شرح غاية ۾ ٿو لکي ته پاڪائي حاصل ڪرڻ ٻه قسم آهي واجب ۽ سنت، واجب يعني فرض وري ٻه قسم آهي، واجب بدني، واجب قلبي، يعني حسد، عُجُب، ريا ۽ هَمَّ کان سيني قلب کي پاڪ ڪرڻ واجب قلبي جي قسم مان آهي.

حضرت امام غزالي قدس سره قلب جي ذڪر ۾ ٿو لکي ته مَعْرِفَةُ حُدُوْدِهَا وَاَسْبَابِهَا وَطِبِّهَا وَعِلَاجِهَا فَرْضٌ. شارح محرر خاتم المتاخرين شيخ ابوبڪر رحمة الله انهي عبارت جي هيٺيان ٿو لکي. علم باطن جو آهي ته قلب جي بيمارين جو ڄاڻڻ، جهڙوڪ حسد، حرص، عُجُب، ريا، حقد، بخل ۽ جيڪي انهن مان پيدا ٿين ٿيون ۽ انجون حد ڄاڻڻ، علاج ۽ انجي ضدن جو علم حاصل ڪرڻ جهڙوڪ قضا تي راضي رهڻ، قناعت، نفس کي هيٺ ڪري سمجهڻ، اخلاص، تواضع، صفائي ۽ سخا. انهي علم باطني لاءِ جنهن جي تعريف ڪئي وئي، امام غزالي، متولي، بغوي، سندس شيخ قاضي حسين ۽ ٻين جي اساتذه ۽ ٻين گهڻن ڪئي ڪتابن ۾ آهي ته فرمايو آهي ته اهو فرض عين آهي اه

شيخ علاؤ الدين حصڪفي حنفي در مختار ۾ آندو آهي. ڄاڻ ته:- علم جو سکڻ

ٽي قسم آهي، فرض عين، فرض ڪفايه ۽ مندوب يعني مستحب. علم فقه ۽ علم قلب جي ۾ ڪوشش ۽ خوض ڪرڻ فرض عين آهي عبارت تبرڪا لکجي ٿي

اِعْلَمْ اَنَّ تَعَلُّمَ الْعِلْمِ يَكُوْنُ فَرْضَ عَيْنٍ وَفَرْضَ كِفَايَةٍ وَمَنْدُوْبًا وَهُوَ التَّبَحُّرُ فِيْ عِلْمِ الْفِقْهِ وَعِلْمِ الْقَلْبِ اه

انهي عبارت جي هيٺان صاحب حديقة الندية جو ٿو لکي:

قُلْتُ اَيِ التَّبَحُّرُ فِيْ عِلْمِ الْقَلْبِ كَمَا يُسْتَفَادُ مِنَ الْعَطْفِ وَاَمَّا اَصْلُ عِلْمِ الْقَلْبِ فَهُوَ فَرْضُ عَيْنٍ اه (حديقة الندية مطبوعه مصر ص ۹)

شيخ الاسلام انصاري حنفي جواهر الفقه ۾ ٿو آڻي علم قلب جو علم ذوقي ۽ وجدي آهي جن کي قلم لکي نٿو سگهي ته ڪهڙي جنس جو آهي، دفتر ۽ وهم انهي ذڪر کي احاطو ڪري نٿا سگهن. اهو علم باطني علم ظاهري جي مقابلي ۾ ائين آهي جئين ٿڙ وڻ لاءِ، علم ظاهر وڻ ۽ علم باطن ٿڙ آهي اگرچه شرف وڻ کي آهي پر ٿڙ کان سواءِ وڻ ۾ فائدو ڪو نهي. ٿڙ کان سواءِ وڻ جهڙو ٿيو تهڙو نه ٿيو اه.[1]

علامه محمد افندي رومي برڪلي حنفي، طريقة المحمدي ۾ اهڙي قسم جون گهڻيون عبارتون آنديون آهن جن مان هڪ هيءَ آهي ته عُجب ۾ هجڻ ۽ عُجب پنهنجي خطا جي راءِ تي عُجب ڪري پوءِ ان تي خوش ٿئي انهي ڳالهه تي اهڙو زور ڀري جو ڪنهن نصيحت ڪندڙ جي نصيحت نه مڃي بلڪ پاڻ کان سواءِ ٻين کي جاهل ڄاڻي الله جل وعلا فرمايو آهي. اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا[2] ــــــ مرتي اهل بدعت ۽ گمراهي جا جوانهي بجهڙي ڪم تي محڪم ٿي بيهي رهيا. اهو به پنهنجي راءِ ۽ خيال تي عُجب آهي انهيءَ جو علاج تمام ڏکيو آهي جو ته صاحب عُجب جو پاڻ کي علم وارو ڪري ٿو ڄاڻي. جهل وارو پاڻ کي نعمت وارو ٿو ڄاڻي ۽ لعنت واري پاڻ کي صحت ڀريو ٿو ڄاڻي نه بيمار، انهيءَ سبب علاج طبيبن کان نٿو ڪرائي، اهي طبيب اهل سنت وجماعت جا علماء آهن. اه[3]

صاحب حديقة الندية جي آندل آهي، جتي هن ته اهو ذڪر ڪتاب جي علاجن ۾ آيو آهي تهن ڪري مرد علماء اهل سنت جماعت مان علماء آخرة جا ونباجن جي سڃ

[1] حديقة الندية في آداب الطريقة ص ۱ [2] حديقة الندية ص ۱۹ [3] حديقة الندية ص ۲

رمان الله جَلّ وعلا جي ياد اچي ﴿اِذَا رُءُوْا ذُكِرَ اللهُ﴾ جن جا همنشين بدبختي کان آجا آهن ﴿لا يشقي جليسهم﴾، جامع علم ظاهر ۽ باطن، حقيقت ۽ شريعت جا آهن اگرچه علم ظاهر وارا اهل سنت جماعت جاه هجن پر پنهنجي قلب جي علاج لاءِ قدرت نٿا رکن پوءِ ٻين جو علاج ڪيئن ڪندا حکيم پاڻ بيمار، ٻين جو علاج ڪيئن ڪندو، ﴿طَبِيْبٌ يُدَاوِي النَّاسَ وَهُوَ عَلِيْلٌ﴾

ڪتاب مشارق الانوار القدسية في العهود المحمديه ۾ امام العالم عارف ڪامل مکمل شيخ عبدالوهاب شعراني قدس سره النوراني آندو آهي ته "اهل طريقت وارن جو اجماع آهي ته انسان کي مرشد وٺڻ گهرجي جو ان طالب کي انهن صفتن کان بچائي جيڪي قلب ۾ خودي (انا) سبب حضور الله جَلّ وعلا جي داخل ٿيڻ کان روڪينديون، انهن صفتن جي وڃڻ بعد انجي نماز صحيح ٿي ٿئي جنهن چيز کان سواءِ واجب پورو نه ٿو ٿئي اها چيز به واجب آهي. هن ڳالهه ۾ ته شڪ ڪونهي ته علاج مرض باطني، يعني حُبّ دنيا، ڪبر، عُجُب، رياء، حقد، حسد، غلّ ۽ نفاق، ڪل جو واجب آهي. جهڙي طرح حديثون سڳوريون انهن صفتن جي حرام هوڻ لاءِ شاهدي ٿيون ڏين ۽ انهيءَ صفتن ۾ هٿ وارن لاءِ پڇاڙيون آهن، معلوم ٿيو ته مرشد طالب کي انهن صفتن کان هٽائي ٿو جيڪو مرشد ڪامل نٿو ڏئي اهو شخص الله جَلَّ جلاله، انجي رسول الله صلى الله عليه وسلم جو نافرمان آهي ڇو ته ان لاءِ علاج مرشد ڪامل کان سواءِ ٿيڻون ناهي جيتوڻيڪ هزار ڪتاب علم ظاهري جا ياد ڪيا هوندا ئين ڇو ته انجو مثال اهو آهي جيئن ڪوئي ڪتاب طبّ جا ياد ڪري ٿو پر استعمال ۾ بيماري جي سنجاڻپ ۽ دوا ڏيڻ جو نٿو ڄاڻي پوءِ جنهن بت دهوند وته فلاڻون طب جا ڪتاب پڙهائي ٿو اهو انکي وڏو طبيب چوندو ۽ جو بيمار انکي وٽي انکي ڏسندو ۽ مرض جو جي ان مرض جي هنانڪن جي ڪيفيت پڇندو اهو انکي جاڻندو ته جاهل آهي. پوءِ اي ڀاءُ منهنجا ڪو مرشد ڪامل وٺ ۽ منهنجي نصيحت قبول ڪر ۽ هن چوڻ کان پاڻ کي بچاءِ ته ڪو ولين سڳورن جو طريقو قرآن ۽ حديث مان ثابت ناهي

---

۱ حديقه النديه درج اصل عبارت هي آهي، "لا يشقي جليسهم وهم الاولياء الجامعون للعلم الظاهر والباطن والشريعة والحقيقة اکابر الشيوخ من اهل المعرفة والرسوخ والا فالعالم بالعلم الظاهر فقط وهو من اهل السنة والجماعة لا يقدر في الاغلب على علاج قلبه فکيف لغيره وقد قيل: طبيب يداوي الناس وهو عليل»

۲ هي حضرت امام شافعي رحمة الله عليه جي ڪلام جو ٽڪرو آهي مڪمل ڪلام جوهي آهي

وغير تقي يأمر الناس بالتقي ❊ طبيب يداوي الناس وهو عليل

چو ته ائين چوڻ ڪفر آهي، تحقيق ولين وٽ ڪُل خلق محمدي آهي. پوئين عبارت تبرڪاً لکجي ٿي

فَاتَّخِذْ لَكَ يَا أَخِي شَيْخًا وَاقْبَلْ نَصِيحَتِي وَإِيَّاكَ أَنْ تَقُولَ طَرِيقُ الصُّوفِيَّةِ لَمْ يَأْتِ بِهَا كِتَابٌ وَلَا سُنَّةٌ فَإِنَّهُ كُفْرٌ فَإِنَّهَا كُلَّهَا أَخْلَاقٌ مُحَمَّدِيَّةٌ سَدَاهَا وَلُحْمَتُهَا مِنْهَا اهـ[1]

ڪتاب جواهر ۽ الدرر الصغرا ۾ ساڳيو مٿيون حضرت وڏي عبارت ٿو آڻي جنهن جو مطلب هي آهي ته مون کان ڪنهن پڇيو ته اهڙي ڪا دوا آهي جنهن جي استعمال ڪرڻ سان، ريا ۽ عُجب زائل ٿي وڃن مون چيو ته اسم ذات الله جل وعلا جو اهڙي قدر ذڪر ڪجي جو سندس قلب ۾ توحيد حقيقي روشن ٿئي ۽ پنهنجا سڀ عمل الله جل وعلا جا تخليق ڄاڻي جنهن ۾ بانهي جو نسبت ڪان سواءِ ڪو واسطو نه رهي پوءِ جڏهن اهڙي حالت کي سالڪ پهچي ته هن اُن کي ريا، عُجب ۽ تڪبر نه ٿو ٿئي جو ته ٻئي جي ڪمن تي بانهون ريا ٿو ڪري سگهي نه ٻئي جي ڪمن تي هٿ ڪري سگهن ۽ پوءِ اهو دعويٰ به ڪري سگهندو. وري ان پڇيو ته ٻيو به ڪو علاج آهي مون چيو ته توحيد کان سواءِ ٻي تاثير واري ڪا دوا انهي مرض لاءِ ڪانهي، اها دوا اهڙي آهي جا متري اهل طريقت وارن پنهنجن مريدن لاءِ تيار ڪئي آهي جنهن جي وسيلي سان وات باطني حاصل ڪن ٿا. تحقيق اُن جماعت خطا ڪئي آهي جنهن پنهنجن نفسن کي قرآن شريف جي تلاوت، نماز ۽ روزي ۾ مشغول ڪيو ۽ رياءِ جي حالت ۾ مري ويا، پنهنجن عملن ۾ اخلاص ڪجهه به نه ڪيائون ان ڳالهه تي ان عابد واري حديث ثابت آهي جنهن ته الله جل وعلا عابد کي چوندو (جنهن مرشد نه ورتو ۽ ان سبب عملن مان ريا نه ويس ۽ اخلاص حاصل نه ڪيائين) منهنجي رحمت سان بهشت ۾ داخل ٿيءُ، عابد چوندو ته اي رب مان ته پنهنجن عملن جي سبب بهشت ۾ داخل ٿو ٿيان اهو جواب عابد جو هن سبب ٿيندو جو قرآن شريف جي سمجهه کان ناواقف هوندو، چو ته سمجهه قلب جي روشني تي موقوف آهي، پر ۽ ذڪر قلب کي ايئن روشن ٿو ڪري فَحُكْمُ الذِّكْرِ كَالْحَصَى لِلنُّحَاسِ الْمُصَدِّي وَحُكْمُ غَيْرِهِ كَالصَّابُونِ فَافْهَمْ اهـ[2] ــــــ الاجوبة المرضية عن الفقهاء والصوفية جي آخر ڪتاب ۾ ساڳيو حضرت ٿو لکي ته شيخ عز الدين بن عبد السلام اڳيان شيخ ابي الحسن شاذلي جو مريد نه ٿيو هو، چوندو هو ته علم ظاهري فقه جو سان پڙهيو آهي اهڙي وات

[1] حديقة النديه ص ۲۲ [2] حديقة الندية ص ۲۳

الله جَلَّ وعلا کي پهچائيندڙ ڪاڻي هوندي، يعني ڪانهي، جڏهن حضرت شيخ ابي الحسن شاذليءَ جي صحبت کان مشرف ٿيو تڏهن وليّن سڳورن جي طريقي سلوڪ جي حق جي ڳالهه ۽ ظاهر باطن جو وارث ٿيو. متئين ڪتاب ۾ آهي ته امام احمد بن حنبل رضي الله تعالیٰ عنه پنهنجي فرزند عبدالله کي چوندا هوندا هئا اي فرزند تون حديث شريف کي محڪم ڪري وٺ جيڪي پاڻ کي پيرڻا ڪوناٿي انهن جي صحبت کان پاڻ کي بچاءِ جو گهڻو ڪري اهي دين جي احڪامن کان ناواقف آهن، پوءِ جڏهن اباحمزه بغداديءَ جي صحبت کان مشرف ٿيا ۽ وليّن جي حالات جا واقف ٿيا تڏهن پنهنجي فرزند کي چوندا هوا

يَا وَلَدِيْ عَلَيْكَ بِمُجَالَسَةِ هٰؤُلَاءِ الْقَوْمِ فَإِنَّهُمْ زَادُوْا عَلَيْنَا بِكَثْرَةِ الْعِلْمِ وَالْمُرَاقَبَةِ وَالْخَشْيَةِ وَالزُّهْدِ وَعُلُوِّ الْهِمَّةِ اهـ [1]

يعني اي پٽ منهنجا تون پاڻ تي انهيءَ قوم (وليّن) جي مجلس ۾ ويهڻ لازم ڪري وٺ جو ته اهي اسان کان وڌي ويا علم، مراقبي، خوف، زهد ۽ عالي همت هئڻ جي ڪري.

ساڳي متئين ڪتاب ۾ ٿوري عبارت کان پوءِ لکي ٿو ته اسان کي پڪي طرح خبر پهتي آهي ته حضرت امام شافعي رضي الله تعالیٰ عنه وليّن جي مجلس ۾ گهڻو ڪري اچي ويهندو هو ۽ فرمائيندو هو. يَحْتَاجُ الْفَقِيْهُ اِلٰى مَعْرِفَةِ اِصْطِلَاحِ الصُّوْفِيَّةِ لِيُفِيْدُوْهُ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَكُنْ عِنْدَهٗ انتهی. [2]

ساڳئي متئين حضرت لکيو آهي ته ائين نه چئبو ته جيڪڏهن علاج مرض باطن جو واجب هجي ها ته هوند امام، اصحاب، تابعي ۽ مجتهدين انهي نسبت ۾ گهڻا ڪتاب جوڙين ها. حالانڪ اهڙو ڪتاب اسان ڪونه ڏٺو آهي، اهو سوال باطل آهي. ڇو ته جيڪي مرض اسان جي وقت ۾ پيدا ٿيا آهن اُن زماني ۾ ڪونه هوندا هوا. جي هجن ها ته مجتهد سڳورا انهيءَ جو علاج ۽ استنباط ڪري ڪتاب لکن ها. ۽ ماڻهن کي ريا ۽ نفاق کان ائين ڇڏائن ها جيئن مسئلا فقه جا ڳڻائون ڪيا اٿون ڪو به غافل نه چوندو ته ڪو امامن مان ڪنهن کي به هٺ، ريا ۽ حسد هو. امام قشيري قدس سره فرمايو آهي ته هي مرض باطني، هجرت جي

[1] حديقة الندية ص ۱۳ پوري عبارت هن طرح آهي "وكان الامام احمد بن حنبل رضي الله عنه يقول لولده عبد الله يا ولدي عليك بالحديث واياك ومجالسة هؤلاء الذين سموا انفسهم صوفية فانهم ربما كان احدهم جاهلا باحكام دينه فلما صحب اباحمزة البغدادي وعرف احوال القوم كان يقول لولده يا ولدي الخ [2] يعني فقيه صوفين جي اصطلاح سڃاڻڻ جو محتاج آهي ته انهن علم جو فائدو وٺي جيڪو فقيه وٽ نه آهي

ٽئين سوَ جي اخير ۾ ٿيو آهي جيئن ته حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جو فرمودو آهي ”خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ“ جن جي چڱي هئڻ لاءِ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم شاهدي ڏني. تحقيق اُهي ڪماليت جي درجي کي پهتل هوا. انتهيٰ ملخصًا.

اجوبة المرضية ۾ آهي ته حضرت امام شافعي ۽ امام احمد بن حنبل رضي الله تعاليٰ عنهما جن ٻنهي سڳورن جي مجلس ۾ ذڪر جي حلقي ۾ حاضر هوندا هوا. ڪن چيو ته اوهين اهل علم جا آهيو اوهان اڳيان اهي جاهل آهن انهن وٽ ڇو ٿا وڃو. امامن سڳورن فرمايو ته هنن وٽ سڀ ڪم جو مني آهي الله جلّ وعلا کان ڊڄڻ، پرهيزگاري ۾ گذارڻ ۽ ان کان مغفرت حاصل ڪرڻ. ذڪره ابن امين في رسالته انتهيٰ.

طالب کي مرشد کان بيعت حاصل ڪرڻ ڪيترن ڪتابن ۾ ثابت آهي. حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي قدس سره ۽ شاهه عبدالرحيم قدس سره انهي نسبت ۾ ڪيترا ڪتاب جوڙيا آهن. ڪتاب بهجة السنية في آداب الطريقة العلية النقشبندية الخالدية ۾ پڻ چڱو ثبوت آهي. حديقة الندية ته انهي تحقيق ۾ ڀرپور آهي. اثبات الالهام والبيعة باثبات الكتاب والسنة خلاصو ڪتاب ڏسڻ جي لائق آهي.

معلوم هجي ته اسم ذات الله جو قلب ۾ جاءِ سوالله جو ذڪر آهي. ڪتاب حدائق الورديه جي اٺين ۾ چڱو بيان ڏنل آهي پڻ درر مڪنونات جي حاشيه تي موجود رسالو ڪيل آهي هت اختصار جي سبب اهو بحث نٿو لکان.

نه حسنش غايتي دارد نه سعدي را سخن پايان ∴ بميرد تشنه مستسقي و دريا همچنان باقي

سبب تاليف ڪتاب

هن فقير پرتقصير نظر محمد پٽ قاضي حاجي حافظ عبدالرحمٰن صاحب مرحوم قوم سومره ديهاتي کي گهڻن ڏينهن کان اهو خيال هوندو هو ته ڪو ڪتاب مختصر زبان سنڌي ۾ تاليف ڪريان جنهن ۾ حالات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي ۽ انهي اجڙيا کان بعد ٿيان من اهي بزرگ جن خوب فيض حضرت مجدد الف ثاني قدس سره کان حاصل ڪيو آهي عمومًا ۽ خصوصًا جو سندن اولاد امجاد آهي مون کي دعا کان مشرف فرمائن پر بمصداق ”كُلُّ اَمْرٍ مَرْهُوْنٌ بِاَوْقَاتِهَا“ پوري توفيق لکڻ جي نٿي ٿي سگهي، آخر هڪ ڪتاب روضة القيوميه جو ترجمون

سرهند شريف جي خانقاه مبارڪ ۾ هٿ آيم جنهن جو نالو حديقة المحمودية هو نهايت پسند آيو، خصوصاً اُن ڪتاب جا حوالا وڏن بزرگن جي ڪتابن ۾ ڏٺم، جهڙوڪ ايضاح الطريقة لشيخ حضرت شاه غلام علي محدث دهلوي مطبوعه رامپور ۽ نفائس السانحات في تذييل الباقيات الصالحات للشيخ علامه محمّد مراد الزنوي ثم مڪي مطبوعه مصر ۽ درر مڪنونات معرب مڪتوبات جي حاشيي ۾ هديه احمديه للشيخ ابوالخير مڪي مطبوعه مجتبائي وغيرها من الكتب المعتبرة. انهي ترجمه ڪرڻ لاءِ گهڻو شوق ٿيو اُهو وقت قبوليت جو هو انهي سعادت يو ترجمي ڪرڻ جي اجازت پنهنجي مرشد اڪمل خواجه مشڪل ڪشا سيّد الاوليا سند الاتقيا زبدة الفقهاء رأس العلماء رئيس الفضلاء شيخ المحدثين قبلة السالكين برهان المعرفة شمس الحقيقة فريد العصر وحيد الزمان حاجي الحرمين الشريفين حافظ القرآن مظهر فيض الرحمان پير دستگير مجدد وقت قيوم زمان خواجه خواجگان حضرت مرشد محمد حسن جان ادام الله فيوضه علينا جن کان ورتم. پاڻ مونکي ڏنائون پوءِ ترجمه شروع ڪيم. پورو ڪري حضور ۾ آندم. ارشاد ڪيائون ته اصل ڪتاب روضة القيوميه فارسي ۾ چئن جلدن ۾ اسان وٽ موجود آهي، جيڪو پهرين جلد تي ترجمو ڪيو آهي اهو پڙهي اصل سان پيٽ جئين ته ترجمي ۾ ڪهڙي بيشي نه ٿئي امر الورا ڪين تي پڙهي پوري اوّل کان وٺي آخر تائين نظر ثاني ڪيم، جناب مولوي ميان فيض محمد صاحب[1] ثاني به انهي ڪار خير ۾ مونکي گهڻي مدد ڏني، ماڻ اختصار جي ڏسي هوس تهن ڪري ديباچو اصل روضة القيوميه جو جيڪي ڏنم پڇاڙي جو حصا تهي ڪي زياده ڪيم ۽ اوّل ۾ به ڪي فائدا ڪتابن سڳورن تان چونڊي هديو ناظرين جو ڪيم. بعضي وچ ڪتاب ۾ گهڻن ڪتابن جي حوالي سان ڪن تورن جاين تي ذڪر ڪهن غرض سان ڏنو ويو آهي جنهن ڪري مان به گهڻا زائد الفاظ ۾ آڻي اويا آهن. بعضي تقديم تاخير جي پُل پڻ ٿي وئي آهي جڏهن انهي ۾ حرڪت نه جاتم تهن ڪري انکي اصل ۾ ڇڏيم.

جن ڪتابن جا صاحب روضة القيوميه جي (حضرت خواجه محمد احسان قدس سره) مولائا آهن اُهي ساڳيا نالا مبارڪ موڻ به نقل ثواب حاصل ڪيو آهي. اُهي ڪتاب جن تان

---

[1] جناب مرحوم مولوي صاحب ميان فيض محمد اصل قاضي پٽن جا ديپلا هوا، قاضي پٽن جو شهر ديهات جي شهرن کان اتر طرف ٽن ميلن جي مفاصلي تي گهمٽ نعلقه ۾ مشهور آهي. سند ۽ فرزند فضيلت مآب مولوي غلام محمد صاحب هن وقت گوٺ آبڙي تعلقه تعير ۾ رهي ٿو.

روضة القيوميه درتل آهي ۽ جي ديباچي ۾ حاشيا انهن سڀ هي آهن، [1] حضرات القدس تاليف مولانا بدرالدين خليفه خاص حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهٗ پنج حصا [2] زبدة المقامات (بركات الاحمديه) للشيخ خواجه محمد هاشم ڪشمي خليفه دوم حضرت مجدد الف ثاني قدس سره. [3] ڪواڪب دريه تصنيف حضرت شيخ محمد هادي ٽاڪوڙي بزرگوار خواجه محمد احسان (صاحب روضة القيوميه) پنج جلد. [4] حجة الاحمديه خواجه محمد احسان جي ٽاڪوڙي بزرگوار جي تاليف جنهن ۾ مجمل حالات آهن. [5] تاريخ محمدي شافي تاليف نبيره يعني پوٽو حضرت قيوم ثاني عروة الوثقى قدس سره. [6] تاريخ سيد مير سيف احمد تاليف ڏهني حضرت خواجه عروة الوثقى قدس سره. [7] تحفه ذريه خواجه محمد احسان قدس سره جي ٽاڪوڙي بزرگوار جي تاليف جنهن ۾ خاص حضرت مجدد الف ثاني جي تجديد الف جي شان جو ثبوت آهي. [8] نجم الهدىٰ پٽ خواجه صاحب محمد احسان جي ٽاڪوڙي بزرگوار جي تاليف آهي. [9] مقامات معصوميه. [10] طبقات معصوميه. [11] معصومي [12] ياقوت احمر للشيخ حضرت مروج الشريعة. [13] لطائف مدنيه تاليف حضرت شيخ عبد الاحد قدس سرهٗ. [14] مقامات نقشبندي. [15] مناقب آنحضرت يعني حضرت مجدد الف ثاني، تاليف حضرت محمد امين خليفه شيخ آدم بنوري.

اهي خاص ڪتاب جن ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جو مختصر احوال ڏنل آهي سي هي آهن. [1] مرآة العالم، تاليف محمد رضا. [2] مرآة جهان نما [3] ڪرامات الاولياء. [4] سفينة الاولياء. [5] سڪينة الاولياء.

راقم الحروف وٽ جيڪي ڪتاب ترجمي ڪرڻ وقت موجود هوا جن ۾ حضرت خواجه امام رباني قدس سرهٗ ۽ انهي اولاد امجاد، طريقي ۽ خليفن جو بيان ڏنل آهي تن جا نالا ڏيکارڻ به فائدي کان خالي ناهي. [1] حدائق الورديه في حقائق اجلاء النقشبنديه عربي مطبوعه مصر، تاليف حضرت خواجه عبد الرحيم بن محمد خاني خالدي نقشبندي. [2] حديقة الندية في آداب الطريقة النقشبنديه، تاليف علامه محمد بن سليمان حنفي بغدادي، عربي مطبوعه مصر. [3] بهجة الخالديه تاليف ايضا عربي مطبوعه مصر [4] بهجة السنيه في آداب الطريقة العلية الخالدية النقشبنديه، تاليف مظهر الاظهر الرحماني شيخ محمد بن عبدالله خاني. [5] نفائس السانحات في تذييل الباقيات الصالحات،

حاشيه رشحات معرب عين الحيواة مطبوعه مصر عربي. [٧] درر مكنونات عربي مكتوبات
پر جلد مترجم حضرت علامه محمّد مراد انزلوي ثم مكي مطبوعه مكه مكرمه جنهن
جي حاشيه تي كيترا مفيد ۽ سالا چرهيل آهن. اصفى الموارد في سلسال احوال الامام
الخالد عربي مطبوعه مصر. تاليف شيخ عثمان بن سند الوائلي نجدي. [٨] انوار احمديه از
شاه وكيل احمد سكندرپوري. [٩] هديه مجدّديه از شاه وكيل احمد صاحب سكندر پوري
[١٠] مقامات مظهريه، فارسي از محمد بيگ ابن مرزا رحيم بيگ نقشبندي مجدّدي
[١١] معمولات مظهريه، فارسي از مولوي نعيم الله بهرائچي مجدّدي. [١٢] شمس الحقيقه
فارسي ايضا اردو. [١٣] ذكر مجدّد اردو از محمد عظيم صاحب لاهوري، [١٤] رفيق السالكين
فارسي ايضا اردو. [١٥] انيس الطالبين، فارسي ايضا اردو. [١٦] هداية الطالبين، معمولات
حضرت امام رباني، فارسي ايضا اردو. [١٧] هداية الطالبين، فارسي در طريقه حضرت
مجدّد الف ثاني قدس سره. [١٨] اربع انهار فارسي. [١٩] هديه احمديه، فارسي، اسمائ
اولاد حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني قدس سره. [٢٠] ارشاد الطالبين، فارسي، از
قاضي ثناء الله پاني پتي، ثبوت مقامات امام رباني مجدّد الف ثاني قدس سره. [٢١] در المعارف
ملفوظات شاه غلام علي محدّث دهلوي، سارو كتاب عشق مجدّدي ۾ ٻوڙيل آهي
[٢٢] مقاصد السالكين. [٢٣] فوائد عثمانيه از سيّد علي اكبر شاه مجدّدي نقشبندي. [٢٤] معارف
لدنيه. [٢٥] مبدأ معاد، تاليف حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني. [٢٦] كلمات طيّبات، فارسي
[٢٧] محبوب العارفين، فارسي. [٢٨] سبع سيّاره، فارسي. [٢٩] ايضاح الطريقه، فارسي. [٣٠] حالات
مشائخ نقشبنديه مجدّديه اردو، از محمد حسن مجدّدي. [٣١] زبدة المقامات فارسي ايضا
اردو. [٣٢] عمدة المقامات، فارسي از حضرت مرشدنا شاه فضل الله قدس سره، هزارن
كتابن جو نچوڙ هي هك كتاب جامع لاثاني آهي. [٣٣] هشت شرائط حضرات خواجگان
نقشبندي، از مولانا حسين صاحب خباز، اردو. [٣٤] سراج العارفين از مولوي الله دين
صاحب، مجدّدي، اردو. [٣٥] مفتاح اللطائف، ترجمه اردو، از خواجه محمد اسلم بن خواجه
جلال الدين. [٣٦] الطاف رحماني، ٣٠ پاره هك جلد موجود [٣٧] ترجمه اردو مكتوبات امام رباني
مجدّد الف ثاني. [٣٨] حضرات القدس جلد ثاني، فارسي. [٣٩] ارشاد رحيميه در طريقه
نقشبنديه. [٤٠] سلسلة الذهبيه. [٤١] سوانح عمري امام رباني مجدّد الف ثاني، [٤٢] آرتحال العدى

وصال مجدّدي، فارسي، ايضاً اردو. نعت احمدي اردو - ١ ريحان حبيبي، بيا ننڍا رسالا پڻ آهن تن جا نالا لکڻ ۾ نه آيا. از آنسواءِ فهرستن ۾ ڏنل رسالا پاڻ وٽ موجود نه هوا تن جا نالا مبارڪ پڻ ڪين لکيم. انهن مٿين ڪتابن لکيل مان گهڻو ڪري خاتمه هن ڪتاب جي ۾ حوالا آندا ويا آهن. اگرچه ضرور ٿي جاتم ته اوّل حضرت خواجگان قدس الله تعالیٰ اسرارهم جي حالات حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه کان حضرت خواجه بيرنگ باقي بالله قدس سرهٗ تائين لکي پوءِ روضة القيوميه جو ترجمه شروع ڪريان جو اهاسا ڳي طرز حضرات القدس واري صاحب پڻ آندي آهي پر اختصار سبب احوال حضراتن سڳورن گذريلن قدس الله تعالیٰ اسرارهم جو نه آندم، بلڪ انهي احوال ۾ جدا ڪتاب ناني گلزار مجدّدي تاليف ڪيو جنهن ۾ رسول انور صلی الله عليه وسلم کان وٺي پنهنجي شيخ اڪمل تائين سلسله وار حالات لکيم جنهن ۾ گهڻو ڪري عمدة المقامات جو ترجمه آهي. الله جلّ وعلاشانهٗ معرفت حضرات خواجگان قدس الله تعالیٰ اسرارهم ۽ سيني وليّن سڳورن جي رضی الله عنهم، هن ڪتاب کي مقبول درگاه مجدّدي جو ڪري جنين ايمان سان لاڏاڻو نصيب ٿئي ۽ "اَللّٰهُمَّ سَلِّمْ دِيْنَنَا وَاِيْمَانَنَا" جي دعا قبول پوي بحرمة رسول النبي الامجد وحضرت المجدّد والهما الاسعد. اميد اٿم ته جيڪڏهن ڪا ترجمي ۾ غلطي ٿي ڏٺي هوندي ته بزرگ شان وارا اصلاح ڪندا.

ڪي مسئلا جي ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ پڙهڻ ضروري آهن

مسئله:- ثبوت ولايت جو، جا وليّن کي الله جلّ جلاله عطا ڪئي آهي قرآن حديث ۾ ثابت آهي. جيئن انسان ۾ ظاهري ڪمالات آهن، اعتقاد صحيح موافق قرآن ۽ حديث ۽ اجماع اهل سنّت وجماعت ۽ عمل صالح ڪرڻ ۽ فرض واجب سنّتون مستحب ادا ڪرڻ ۽ حرام ۽ مڪروه ۽ شبهي واري شيءِ ۽ بدعت کي ڇڏي ڏيڻ، تيئن انسان ۾ باطني ڪمالات آهن. صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته اسان جو هڪ اٺ ڏٺل شخص حضرت رسول ڪريم صلی الله عليه وسلم جن وٽ آيو پڇيائين ته اسلام ڇا آهي؟ حضور اقدس فرمايو ڪلمون شهادة، نماز، زڪواة

روزا ماه رمضان جا ۽ حج بشرط قدرت جي. ان شخص چيو ته توهان سچ فرمايو. پوءِ اسان کي عجب لڳو ته سوال به پاڻ ٿو ڪري ۽ تصديق به پاڻ ٿو ڪري. ورري ايمان جو پڇيائين. حضور اقدس ﷺ فرمايو ته ايمان آڻ خدا ۽ جَلَّ وَعَلا تي ۽ ملڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن ۽ ڏينهن قيامت جي تي ۽ جو خير شر آهي سو الله جَلَّ وعلا جي تقدير سان آهي. چيائين ته توهان سچ فرمايو. ورري پڇيائين احسان ڇا آهي؟ حضور اقدس ﷺ فرمايو الله جَلَّ وعلا جي عبادت اهڙي طرح ڪر گويا ان کي ڏسين ٿو جي تون انکي نٿو ڏسين، جاڻ ته اهو توکي ڏسي ٿو، چيائين ته توهان سچ فرمايو. پوءِ قيامت جو پڇيائين، حضور اقدس فرمايو ته تون کان زياده نٿو ڄاڻان پوءِ قيامت جي نشانين جو پڇيائين. حضور اقدس ﷺ جن کي نشانيون بيان فرمايون. پوءِ فرمايائون ته هي جبرئيل هو جو اوهان کي دين سيکارڻ لاءِ آيو هو. هن حديث مان معلوم ٿيو ته سواءِ عقيدن ۽ عملن جي بي ڪماليت احسان جي نالي سان "جنهن کي صوفي ولايت ٿا ڪوٺن" آهي. صوفي کي جڏهن محبت الاهي غلبو ٿي ڪري جنهن کي فناءِ قلب ٿو چئجي ۽ دل اُن جي محبوب حقيقي جي مشاهدي ۾ غرق ٿي رهي ان کان سواءِ ڪنهن ڏانهن لاڙو نٿي ڪري انهي حالت ۾ خدا ۽ جَلَّ وعلا کي نٿو ڏسي جو ته دنيا ۾ الله تعاليٰ کي اکين سان ڏسڻ ناممڪن آهي پر صوفي کي انهي وقت ۾ اهڙي حالت عطا ٿي ٿئي گويا خدا کي ڏسي ٿو انهي حالت کان اڳ صوفي پاڻ کي تڪليف سان انهي حالت ۾ ٿو رکي، جنهن حالت جي حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم خبر ڏني ته جاڻ ته خدا ۽ توکي ڏسي ٿو.[1]

(دليل ٻيو ۲)

رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته انسان جي بدن ۾ هڪ گوشت جو ٽڪرو آهي، جي اهو صلاحيت وارو ٿو ٿئي سارو بدن صلاحيت وارو ٿو ٿئي جي اهو فاسد آهي سارو بدن فاسد آهي اهو دل يعني قلب آهي اهو. شڪ نه آهي ته صلاحيت دل جي اجلا بدن جي صلاحيت جو سبب آهي ان کي صوفي يعني ولي ڪامل تنا قلب ٿا چون. جڏهن محبت الاهي ۾ فاني ٿو ٿئي نفس انجي پاڙي ۾ هوڙ ڪري انڊو ارو ٿو ٿئي جو نهجي امّار کي کان ٻري ٿو ري هي ۽ حبّ لله ۽ بغض في الله حاصل ٿو ڪري انهي حالت ۾ ان جو بدن ضرور شريعت نبوي صلي الله عليه وسلم جو تابعدار ٿو ٿئي.[2]

---

[1] ارشاد الطالبين، تصنيف حضرت قاضي ثناءالله پاني پتي نقشبندي مطبوعه مجتبائي ص ۳
[2] ارشاد الطالبين ص ۴

دليل ٽيون :- ٣

اتفاق آهي ته اصحابي سڳورا رضوان الله تعالى عليهم اجمعين نبين کان پوءِ سڀ ولين کان وڌيڪ آهن. علم ۽ عمل ۾ ٻيا جي اصحابي نه آهن اصحابن سڳورن سان شريڪ آهن باوجود انهيءَ جي حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم فرمايو ته جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو احد جبل جيترو سون خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪري، ته اهو اصحابي جي ٻن ڄون جي اڌ ٽوٽي برابر نه ٿيندو. ظاهر آهي ته معجهن اها ڪماليت باطني هئي. پيغمبر صلى الله عليه وسلم جي صحبت سبب انهن جو باطن پيغمبر صلى الله عليه وسلم جي باطن کان روشن ٿيو هو. جڏهن هن امت جي ولين کي باطني صفائيت عطا ٿي ته اها پيرن جي صحبت ۾ حاصل ٿي جن جي وسيلي پيغمبر ڪريم صلى الله عليه وسلم جي باطن کان روشنائي ورتائون تفاوت هئڻ صحبت ۾ هئڻ صحبت ۾ ظاهر آهي. معلوم ٿيو ته ڪماليت ظاهري کانسواءِ ڪماليت باطني به آهي، جا ڪيترا ڀيرا ظاهري کان زياده آهي. جيئن حديث قدسي ۾ آئي ولايت ٿي ڪري ته "حق تعالى اوفرمائي جو مونکي هڪ ڳراٽ اوڏو ٿو ٿئي آئون انکي هڪ گز اوڏو ٿو ٿيان، جو مونکي گز اوڏو ٿو ٿئي آئون ان ڏي هڪ باع يعني سڙو اڳ گز وڃو ٿو ٿيان ۽ فرمائي ٿو ته ٻانهو هميشه نفلي عبادت سان منهنجي ويجهو اچي ٿو طلبي تانجو آئون انکي دوست ٿو رکان. حديث بعد ڏسڻ، بت ق، ۽ قدرت انجي آئون ٿو ٿيان

دليل چوٿون :- ۴

بي شمار جماعت پرهيزگارن جو اتفاق آهي جن کي ڪوڙو ڪري ڄاڻڻ مشڪل آهي. فرمائن ٿا ته اسانکي مشائخن جي صحبت سبب، جن جي صحبت جو سلسلو حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم سان ٿو ٻڌجي، ڪماليت باطني جي هي حالت ٿي آهي، جو شريعت جي تابعداري پوري طرح حاصل ٿي وئي آهي.

دليل پنجون :- ۵

ڪرامت آهي، هي دليل ضعيف آهي مگر شرط پرهيزگاري جو ڪجهس ته هن سحر کان جدا ٿي وڃي ٿو. چونڪه هو به ڪماليت باطني جو وڏو دليل آهي. (ارشاد الطالبين ملخصًا از قاضي ثناء الله پاني پتي ص ۵)

مسئلو :- جو ولي خداء تعالى جي قرب کي وڌيڪ اوڏو آهي انجي عبادت جو ثواب ٻين ولين جي عبادت کان زياده آهي جي مرتبي گهٽ آهن، انهي ماڻهن جي نسبت ۾ حضرت

عائشه رضي الله تعالى عنها کان روايت آهي ته هڪ رات تارا چٽا ۽ گهاٽا ڏسڻ ۾ پئي آيا. حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن منهنجي گهر ۾ رونق افروز هوا. عرض ڪيم يا رسول الله ڪنهن جيون نيڪيون هنن تارن جيتريون هونديون؟ فرمايائون هائو. اهو عمر رض آهي. وري عرض ڪيم ابوبڪر رض جون نيڪيون ڪيتريون هونديون؟ فرمايائون، سڀ نيڪيون عمر رض جون ابي بڪر رض جي نيڪن مان هڪ نيڪي آهي. اهـ

آئي پاءِ اُن وقت ٻئي خليفا مٿن ۾ تعلقات ۾ شريڪ هوا باوجود ان جي مٿان هين درجي سبب هيترو تفاوت ٿيو. پوءِ جو شخص مرتبي صفات جي کي پهتو هجي ۽ پيو دائري ظلال ۾ هجي انهن جي وچ ۾ ڪيترو ئي قدر تفاوت سمجهڻ گهرجي. ارشاد الطالبين ص

مسئلو:- ظاهر آهي ته اصحاب سڳورا رضي الله تعالى عنهم قرب جي درجن جي نهايت کي پهتا آهن ۽ اُهي درجا اصول تجليات آهن ۽ ڪو ولي اصحابي جي درجي تائين پهچي پوءِ سير اصحاب ڪرام جو اصول مقامات جي ۾ آهي ۽ سير وليٽن سڳورن جو انهي ظلال ۾ ۽ سير تجليات ظلال اسماء ۽ صفات جي کي پهنجي اصطلاح ۾ ولايت صغرىٰ مقرر ڪئي ۽ سير احوال تجليات جي کي ولايت ڪبرىٰ جو نالو ڪونه شرع ۽ عقل ۾ منع نه آهي پوءِ جي حضرت مجدد الف ثاني وليٽن کي ظلال تجليات الهيه ۾ فرمايو جائز ٿي ڇڪر. در سالو جهون سبع سيارة للشيخ حضرت شاه غلام علي قدس سره محدث دهلوي ص ٢٧

مسئلو:- اهل معرفت ۽ بصيرت وارن تي مخفي نه هجي ته ڪمالات الهيه کي جيڪو آيت سڳوري "وَلَا يُحِيطُونَ بِهِ عِلْمًا" جي نهايت ڪانهي نبين جي پلاڻي هڪ ٻئي تي برتري نص قرآني مان ثابت آهي "تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ". فضل عميم ۽ حڪمت بالغ الٰهيه، پوين کي اهڙيون ڪماليتون عطا ڪيون جو اڳوڻن مان اهڙيون ڪماليتون ڪنهن نقل نه ڪيون. جيئن نبي آخر زمان صلى الله عليه وسلم کي ٻين نبين تي ۽ سندن اصحابن سڳورن کي ٻين نبين جي اصحابن تي پلاڻي آهي. هن اُمت ۾ پڻ هڪ ٻئي تي پلاڻي ميڙ جوڳي آهي. "مَثَلُ أُمَّتِي كَمَثَلِ الْمَطَرِ لَا يُدْرَى أَوَّلُهُ خَيْرٌ أَمْ آخِرُهُ" ثبوت لاءِ حديث ڪافي آهي بلڪ عبدالله بن عبد البر مالڪي ۽ ڪي ٻيا پوين اصحابن جي پلاڻي جا قائل آهن مسلم آهي ته حضرت غوث الاعظم ۽ حضرت خواجه شاه نقشبند ۽ علاؤالدين سمناني قدس الله اسرارهم جن اڳوڻن مشائخن ۾ گهڻين ترقين کي پهتل آهن، شيخ محمد اڪرم

هڪ ڪتاب حضراتن چشتين سڳورن جي حالات ۾ لکيو آهي ان ۾ حضرت سلطان المشائخ
نظام الدين اوليا دهلوي قدس سره جي نسبت ۾ لکيل آهي ته حضرت آدم على نبينا وعليه
الصلوٰة والسلام کان وٺي هن وقت تائين حضرت سلطان المشائخ قدس سره جهڙو صاحب
ولايت جو ڪو ظاهر ٿيو آهي پوءِ جڏهن پوين جي زيادتي اڳين کان زياده جائز
ٿي چڪي، جي فضل الاهي ڪن ولين کي اعلى مقامن تي پهچائي ته منع شرعي ناهي لهٰذا ورهالو
ستون سبع سيّاره تصنيف شيخ غلام علي محقق دهلوي قادري نقشبندي ص ٥٥)

مسئله:- ڪرامات ولايت جي شرط ناهي بعضي اولياء الله اهڙا گذريا جن کان
ڪرامت ڪا نه ٿي آهي. جيئن گهڻو ڪري اصحابن سڳورن کان خوارق عادات روايت
ڪيل ڪا نهي حالانڪ ادنى اصحاب سڀني ولين کان زور پيو آهي پوءِ معلوم ٿيو ته پلائي
ڪن ولين سڳورن جي ڪن ٿي (قدس الله تعالى اسرارهم) ڪرامت جي گهٽائي سبب ناهي
جو ته پلائي ثواب جي گهٽائي سان لاڳو آهي ۽ ڪرامت لذت آهي جنهنجو ثواب سان ڪو
لاڳاپو ڪونهي مگر عبادت ۽ قرب الاهي پلائي جو نشان آهي انهيءَ واسطي محدثن ڪرامات
صحابه جي مناقب ۾ ذڪر نه ڪيو آهي بلڪ معجزات کانپوءِ ڪرامتن جو جدا باب آندو ۽ آتن
۽ ڪرامتون جوڳين کان پڻ ٿي سگهن ٿيون الخ (قاضي صاحب قدس سره ارشاد الطالبين ص ١١-١٢)

مسئله:- مريد جيڪڏهن پنهنجي پير کي افضل ۽ اڪمل ڪري ٿو ڄاڻي ۽ اهو ڪيس محبت
جو فائدو ڏئي ٿو ڇو ته انهي اعتقاد مان مناسبت جو نتيجو ٿو نڪري جو سبب افاده ۽ استفاده
جو آهي، پر گهرجي ته پنهنجي مرشد کي انهن کان پلو ڪري نه ڄاڻي جن جي پلائي شرع ۾ ثابت
آهي. جو ته اهو محبت ۾ افراط جيڪو برو آهي. شيعن جي خراب ٿيا سو به اهو سبب محبت
اهل بيت جي ۾ افراط يعني زيادتي ڪيائون ۽ نصارى محبت جي افراط کان حضرت عيسى
على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي الله جو پٽ چوڻ لڳا جنهن ڪري هميشگي جي نقصان ۾ پئجي
ويا پير جي بين کان پنهنجي مرشد کي پلو ڪري ڄاڻي جائز آهي بلڪ طريقت ۾ واجب آهي
پين ۽ پنهنجي مرشد کي هي پلائي ڏيڻ مريد جي اختيار ۾ ناهي ڇاڪاڻ جي ۽ مريد الاعتقاد
وارو آهي، پر اختيار ان ۾ اهو اعتقاد ظاهر ٿو ٿئي ۽ انهي وسيلي سان پير جي ڪمالات
باطني حاصل ٿو ڪري، جي اها پلائي ڏيڻ مريد جي اختيار ۾ هجي ۽ تڪلف سان پيو ٿو ڪري
ته جائز نه آهي ۽ اها فائدو نه بخشيندي (مبدأ و معاد للشيخ حضرت المجدد رضي ص ٤٧)

مسئلہ :- فقيرن ۽ وليّن جو مثال ان خزاني جي طرح آهي جيڪو ميت جي هيٺان اڪيل آهي الله جلّ وعلا پوشيده رکيو هجي ۽ آخر ۾ مالڪ کي ٻاهر ڪڍڻ جي عنايت ڪري پوءِ تحقيق الله جل وعلا حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي اهڙي ڪاڻ ڏني جو ڪيترا انبياءَ کي نه ڏني، يا ڪڍڻ کي نه ملي پوءِ عجب آهي عالمن جو جن فقيهن کان ضعيف روايت جو اسناد ملين ته به ونن تائين جيڪي ولي سڳورا تا فرمائن انڪي تنارڪن تسم آهي الله جلّ جلاله جو اِهو سند ان نشان نااميد ي جو آهي، عبارت بجنسه مختصر تم ۾ ڪيل آهي (عطية الوهاب الفاصلة بين الخطا والصواب من طبقات البر المواهب شيخ شاذلي و شيخ شعراني)

مسئلہ :- تحقيق واسطي الله جلّ جلاله جي، بانهان آهن جن ۾ انڌا ۽ ٻيا وقت جي سخت ٿي ٿيءُ، يعني بدعت جو غلبو ۽ دين جا احڪام مٽجي وڃن تا تنهن تعجي قلبن جو نور زياده ٿو ٿئي. پوءِ اُهي مثل تارن جي آهن، جڏهن انڌاري رات جي، زياده ٿي ۽ نور ڏئي، تڏهن تارن جي روشني زياده ٿئي ٿي، سالڪ شيخ حسن ابن مراد تونسي جو حضرت مجدد الف ثاني جي مدح ۾ ڪيو آهي، عبارت بجنسه خاتمه ۾ آهي.

مسئلہ :- وليّن سڳورن کي جائز آهي ته جي نعمتون مٿن الله جلّ وعلا عطا ڪيون آهن اظهار ڪن حضرت غوث الثقلين جا قصيدا ۽ حضرت مجدد الف ثاني جا مڪتوب ۽ ڪتاب شيخ اڪبر جا قدس الله تعالیٰ اسرارهم نعمتن جي اظهار ۾ ڀريا آهن جو ته حق تعالیٰ تو فرمائي وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ يعني پنهنجي پروردگار جي ڏنل نعمت جي ڳالهه ڪر حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي اِنَّ التَّحَدِّيثَ بِالنِّعْمَةِ شُكْرٌ وَّ تَرْكُهُ كُفْرٌ نعمت جي ڳالهه ڪرڻ نعمت جو شڪر آهي. بيهقي هي عبارت زياده ڪئي آهي ترڪه ڪفر يعني جي شڪر نعمت جو جيڏ ڻ نعمت جو انڪار ڪرڻ آهي.

ابن جرير تفسير ۾ ابي بسرة غفاري کان روايت ڪئي آهي ته مسلمانن ۾ جزا صحابن ۾ پاڻ ۾ ته شڪر نعمت جو اهو آهي جو انڪي اظهار ڪجي جو ته حق تعالیٰ تو فرمائي لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ يعني جي شڪر ڪندئو نعمت زياده ڪندس ۽ جي توهان ڪي جي انڪار نعمت جو ڪندئو ته آئي ته عذاب منهنجو سخت آهي. حق تعالیٰ نعمت جي ڪفران تي عذاب سخت فرمايو ـــــ ديلمي ۽ فردوسي ۽ ابو نعيم ڪيل ۾

روايت ڪئي ته حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه منبر تي چڙهي فرمايو. الحمد لله الذي صيّرني ليس فوقي احد يعني حمد آهي ان خدا جو، جنهن مونکي اهڙو ڪيو جو بر مرتڪان مٿاهون ڪو نهي. پوءِ ممبر تان لٿو ماڻهن انهي جملي چوڻ جو سبب پڇيو فرمايائين ته فقط شڪر نعمت لاءِ چيم. ——— ابن ابي حاتم مقيم کان روايت ڪئي آهي ته امام حسن بن علي ڪرم الله وجهه سان ملاقات ڪيم مصافحه کان مشرف ٿي تفسير اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ جو پڇيم. فرمايائين ته جيڪڏهن مرد مسلمان عمل صالح ڪري ته پنهنجي گهر جي ماڻهن کي خبر ڏئي. انهي باب ۾ حديثون ۽ فرمود اصفيٰ بزرگوارن ۽ سلف صالحن جا گهڻا آهن.

سوال:- حق تعاليٰ پنهنجي نفس کي پاڪائي سان ياد ڪرڻ ۽ فخر ڪرڻ کان منع فرمائي آهي. وَ لَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ يعني پنهنجي نفسن کي پاڪائي سان ياد نه ڪريو.

جواب:- تزڪيه نفس يعني نفس کي پاڪائي سان ياد ڪرڻ ۽ اظهار نعمت جو ظاهري طرح هڪ ٻئي ۾ مليل آهن. پر حقيقت ۾ جدا آهن. جي ڪمالات کي پنهنجي نفس ڏانهن منسوب ڪري ۽ ان جي نسبت خالق ڏانهن وساري ڇڏي ته اهو تزڪيو نفس جو آهي ۽ تڪبر آهي، جو منع ٿيل آهي ۽ جي انهي نسبت خدا تعاليٰ ڏانهن ڪري ۽ پاڻ کي بجز وجائي ۽ جيڪي عطا ٿيس الله جل جلاله جي نعمت سمجهي شڪر الاهي بجاءِ آڻي انهن کي اظهار نعمت جو چئبو. هي معنيٰ اگرچه عوام جي نظر ۾ مليل آهي پر خدا تعاليٰ وٽ جدائي ٿي رکي وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ يعني حق تعاليٰ تو جاڻي مفسد کي جدا مصلح کان. ولي الله تعاليٰ جي نفس جي خرابين کان پاڪ آهن انهن کان اظهار نعمت جي نيت کان سواءِ ٻيو ارادو ٿيڻو ئي ناهي. پوءِ هي ڪم يعني اظهار نعمت جو جي ڪنهن پرهيزگار کان ظاهر ٿئي ان تي اعتراض ڪرڻ نه گهرجي جو ته موچاري گمان ڪرڻ لاءِ خدا جل وعلا جو حڪم آهي پر مريد کي گهرجي ته نفس جي مڪر کان بي خوف نه رهي ۽ پنهنجي ڪمالات کي ڪنهن به خيال ۾ نه آڻي ۽ نفس پنهنجي تي هميشه تهمت رکي ۽ جڏهن مرتبي ڪامليت جي کي پهچي ۽ گويگ الهام ۽ بزرگن جون شاهديون ملنس ان وقت اظهار ڪري ته اهو ان جو مرتبو معلوم ڪريا ٺهي.

ل در يه منثور مطبوعه .... ۾ پوري روايت هن طرح آهي ان عمر بن الخطاب رضي الله عنه صعد المنبر يوما فقال الحمد لله الذي صيّرني ليس فوقي احد ثم نزل فقيل له في ذالك فقال انما قلت ذالك اظهارا للشكر

فائدو وٺن ۽ انهيءَ ڪمالات جا مشتاق ٿين. (ارشاد ص ٢٢-٢٣)

مسئلو:- عمل ڪرڻ موافق ڪشف ۽ الهام جي جائز آهي، جيڪڏهن مخالف قرآن ۽ حديث ۽ اجماع ۽ قياس صحيح جي نه هجي. حديث ناقوس جي ڪشف لاءِ ثبوت ڏئي ٿي ۽ الهام لاءِ اها حديث ثابتي ڏئي ٿي جو اصحاب سڳورا بعد وفات حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي اختلاف ۾ پيا ته حضرت اقدس جي وجود مبارڪ تان ڪپڙا لاهي غسل ڏيون يا ڪپڙن ۾ پوءِ ڪين تنهن آئي آواز ٻڌائون ته "ڪپڙن ۾ ڏيو" جنهن تي عمل ڪيائون.

وليّن سڳورن جي ڪشف ۾ گهڻو ڪري خطا واقع ٿي ٿئي. جي ٻن ڪشفن ۾ اختلاف پوي پوءِ جنهن کي شريعت تائيد ڪري ان کي قبول ڪبو، جي شريعت ۾ ثبوت ڪونهي: پوءِ جي صاحب ٻن ڪشفن جو هڪ آهي پوءِ پوين ڪشف مقبول آهي. جي صاحب ڪشف جدا به آهن پوءِ جو هوش ۾ تو گذاري انجو ڪشف زياده آهي ٻي هوشي واري کان إلى أن قال

حضرت مجدد الف ثاني جي ڪشفن جو عالي مرتبو معلوم ڪرڻ گهرجي جو هوش جي حالت کان ظاهر ٿيا آهن. ڪڏهن به شريعت کان مخالف نه آهن بلڪ گهڻن جي ته شريعت تائيد ٿي ڪري. بعضي سندن اهڙا ڪشف آهن جن کان شريعت ساڪت آهي. مرتبو حضرت مجدد الف ثاني جو وليّن ۾ ائين آهي جئين مرتبو مٿاهون اولوالعزم جو نبيّن ۾. ڪين جو مقام ڪمالات نبوّت جو مليو آهي ۽ شان تجديد الف ثاني جو، سو بيٺ حضرت نبي ڪريم جي رهيل مٽي مبارڪ مان سندن وجود هئڻ سبب آهي. اهي سڀ شرع ۾ ثابت آهن پر ڪشف سان معلوم ٿي چڪا آهي ڪشف جو تابعدار رهڻ مخالف شرع کي ناهي (ارشاد الطالبين ص ٢١)

مسئلو:- ٿي سگهي ٿو ته هڪ شخص جنهن کي حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي باقي رهيل مٽي مبارڪ مان وجود اُڀرڻ مليو هجي اهو حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنهما وانگر روضي مبارڪ ۾ گڏ نه هجي جئين حضرت محي الدين ابن عربي لکيو آهي ته حضرت علي ڪرّم الله وجهه حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جي بقيه طينت کان مشرف آهي الخ (ارشاد و سبع سياره رساله هفتم ص ٤١-٤٢)

مسئلو:- ڪڏهن مريد کي اجتباءَ جذب مطلق اهڙو عطا ٿو ٿئي جو سندس مرشد کي حاصل نه ٿيو هجي انهيءَ صورت ۾ مريد پير کان زور پلو ٿو ٿئي. مراد وهمي شيخ تاج الدين نقشبند کان روايت ڪئي آهي ته فرمايائون ته "ڪڏهن حق تعالیٰ بانهي کي ياڻ ڏانهن ڇڪيندو

آهي ڪٿهين استاذ جي اُتي جاءِ نه آهي . حسن ڪان پڇيائون ته مرشد ڪهڙو ڪير آهي؟ چيائين هن ڪان اڳ عبد السلام بن مشيش هو هاڻي ڏهه دريا ءِ آهن، پنج زمين ۾ پنج آسمان ۾ الخ (ارشاد الطالبين ص ۳۱)

مسئله :- اگرچه مريد پيرڪان وڏي درجي تي به سندس مرشد جو حق تربيت هميشه باقي آهي . اهو سبب جو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني سيني وليّن سڳورن جو عموماً ۽ غوث اعظم صاحب قدس سره جو خصوصاً ايڏي حد تي شمار ادب ۾ تو بات شريف ۾ اظهار ڪيو آهي ارشاد ص ۳۱

مسئله :- ولي سڳورا جي وڏو شان تا رکن انهن جي هينئان ابدال ۽ اوتاد ۽ هر قسم جا ولي تا رهن . انهن جي مهابي تو ڪ آسان تا ٿين ۽ انهن جي مهابي پوکون ۽ اديون تا اپرن ۽ انهن جي مهابي آفتون ٽيون ٽرن الخ ——— حضرت غوث الثقلين محبوب سبحاني سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني قدس سره فتوح الغيب ۾ پنهنجي اعليٰ شان واري خطاب جي عبارت ۾ ارشاد فرمايو آهي . ته پاڻ وقت جا قطب ارشاد هو جيئن شيخ عبد الحق محدث دهلوي انهي ترجمي ۾ لکيو آهي عبارت مختصر تبرڪا لکجي ٿي

فَحِيْنَئِذٍ تَكُوْنُ وَارِثَ كُلِّ رَسُوْلٍ وَنَبِيٍّ وَصِدِّيْقٍ وَبِكَ تُخْتَمُ الْوِلَايَةُ وَالَيْكَ تُنْتَهٰى الْاَبْدَالُ وَبِكَ تَنْكَشِفُ الْكُرُوْبُ وَبِكَ تُسْقَى الْغُيُوْثُ وَبِكَ تُنْبَتُ الزُّرُوْعُ الخ

مسئله :- اوليائن کي علم غيب (ذاتي) جو واقف نه ٿيندو مگر جيئن بطريق خرق عادات ڪشف ۽ الهامن سان انهن کي الله جل جلاله علم ڏيندو هجي (ارشاد ص ۸۱)

مسئله :- وليّن سڳورن جي تعريف الله جل وعلا جي تعريف آهي ۽ اهڙي طرح نبيءَ جي حمد ۽ ثنا . الحمد لله جي معنيٰ " سڀ حمد ۽ ثنائون واسطي الله جل وعلا جي آهن " جنهنجي تعريف ڪجي اها الله جل وعلا جي تعريف آهي . ڇو ته اُن جل وعلا جي فيضان ۽ ربوبيت جي طفيل آهي عڪس جي سونهن عين سونهن آئيني ڏسڻ واري جي آهي (خلاصة التفاسير سوره فاتحه)

مسئله :- عبادت يعني غلامي ٻه قسم آهي ، تحقيقي ۽ اضافي . وليّن سڳورن جي خدمت ۾ گذارڻ ۽ انهن جي تعظيم ۾ ڪوشش ڪرڻ عبارت اضافي آهي ، مگر اهڙي تعظيم نه ڪري جو ڪفر کي نه پهچائي ، جهڙو سجدو وغيره (خلاصة التفاسير)

مسئله :- جيئن قرآن شريف ۾ ڪي متشابهات آيتون آهن جن جي حقيقت الله جل وعلا تي ڇاڙي ۽ انهن کي تاويل هيٺ تو آڻجي ، جهڙو اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ۽ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ

الاّ وَجهَهٗ" اهڙي طرح حديثون سڳوريون ڪي اهڙيون آهن جهڙي طرح "فَوَضَعَ كَفَّهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدْتُ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدْيَيَّ" ۽ "ثَلٰثَةٌ يَضْحَكُ اللهُ اِلَيْهِمُ الرَّجُلُ اِذَا قَامَ بِاللَّيْلِ يُصَلِّيْ وَالْقَوْمُ اِذَا صَفُّوْا فِي الصَّلٰوةِ وَالْقَوْمُ اِذَا صَفُّوْا فِيْ قِتَالِ الْعَدُوِّ" ۽ "اِنَّ اللهَ يَنْزِلُ لَيْلَةَ النِّصْفِ مِنْ شَعْبَانَ اِلَى السَّمَاءِ الدُّنْيَا" اهڙيطرح وليّن سڳورن جو به ڪجهي ڪلام متشابهات جي قسم مان آهي جنهن تي اعتراض ڪرڻ ايمان جي کسجڻ جو خوف آهي (سبع سيّاره رسالي جهون ص ٢٨ للشيخ غلام علي مجدّث دهلوي، رهبرمجدّديه از شاه وڪيل احمد سڪندر پوري)

مسئله:- پوين کي حڪمت بالغه جي خواهش سان جي ڪماليتون عنايت فرمايون ويون اٿن اڳين کان اهڙا علم ۽ فيض جنهن بدروايت نه ڪيا آهن جئين نبين سڳورن جي هڪ ٻئي تي بلائي ثابت آهي "تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ" جي آيت گواه آهي، اهڙيطرح وليّن سڳورن جي بلائي هڪ ٻئي تي پڻ ثابت آهي. جن درجن کان حضرت مجدّد الف ثاني قدس سره ممتاز ٿيو آهي، انهن درجن ۽ حالات کي طالب ۾ طريق تبجيت جي پيتا آهن انهن علمن ۽ ڪيفيتن جو اقرار ڪيو اٿن جنهن ۾ ڪو شڪ هوندو ٿيو آهي لڳو لڳ (متواتر) جو سچي هوڻ ۽ يقين لاءِ نائڻ وڌيندڙ آهي. جيڪي انهن مقامات کان مشرف نه ٿيا آهن اُهي انڪار تاڪن سي پنهنجي جهل کان معذور آهن. ڪرامتن گهڻن جو هوڻ ڪو بلائي لاءِ دلالت نٿو ڪري چوته اصحاب سڳورا باوجود مٿانهن درجن جي جنهن درجي کي ولي نه پهچي سگهندو ڪرامت جي نهائي ٿن کي ڪانه هوئي (ڪلمات طيّبات للشيخ ميرزا مظهر جان جانان قدس سره ملفوظات ميرزا اصاحب مطبوعه مجتبائي ص ٢٩)

فَلْيَكُنْ هٰذَا آخِرُ الْمُقَدِّمَةِ الشَّرِيْفَةِ بِعَوْنِ الَّذِيْ هُوَ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

پورو ٿيو مقدمو

٤٨٦

شجره طيبه

شجرهٔ حضرات خواجگان قدس الله تعالیٰ اسرارهم
جنهن ۾ عظيم فائدا آهن

حمد مولا جو جوان، جنهن آهي خالق انس و جان ∴ صلوات حضرت تي پڙهان لک بار دل ۽ جان سان

مير مرسل مصطفيٰ[1] جي تنهن الفت ۾ جيان ∴ آل پيغمبر سند، ويرتون پيالو ٿي پيان

سڀ کي صديق[2] اکبر جي الله سين جاڻيو ∴ انبيائن کان پڇاڻان جو پلو تيو گمان

سون جو سلمان[3] جو تنهن عکس تنهنجو موتي ∴ مڪت اهڙي هر تنهن جي شاه ۾ مان سانديان

قرب قاسم[4] جي مهابي تنهن سوڙي تنهن قيام ∴ در ٿي هر روب جي ڪهو تنهن کي هر ٿيان

شاه جعفر[5] جي مهابي جام جن پي جام مان ∴ دم تري تائين اٿي جو شال گو لوچائيان

مان بد پي بيز تيند س شوم مهابي بايزيد[6] ∴ دل الله ري اُن سيٽي سر جو نالو ڳائيان

بوالحسن[7] خرقاني جو ولي ۽ غوث العالمين ∴ ڏي خدا يا مونکي الفت نام تهن سان آهيان

فارمدي جي شهر جو فياض حضرت بو علي[8] ∴ بار سو کان روح حشر ۾ تنهن در جي جو داهيان

هادي همداني شل تنهن وسيلو راهه ∴ حضرت يوسف[9] يڳانو تهن جو خادم آهيان

مرد غازي غجدواني وات باطن ۾ سدا ∴ پير عبدالخالق[10] جهنگيسن آباد ٿيان

---

١ سرور ڪائنات محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم وفات سنه ١١هه مدينه شريف ماده تاريخ لفظ هو

٢ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خليفه اول وفات سنه ١٣هه مدينه شريف ۾ ماده تاريخ لفظ احد

٣ حضرت سلمان فارسي رض وڏو اصحابي آهي عمر سندس ٢٥٠ سو پنجاه ورهيه وفات سنه ٣٣هه مدائن جي شهر ۾

٤ وڏو عالم، محدث ۽ فقيه هو. وفات سندس سنه ١٠٨هه مدينه شريف ۾ ماده تاريخ حق

٥ حضرت امام جعفر مشهور ٻارهن امامن مان وڏو امام آهي. وفات سنه ١٤٨هه مدينه شريف ۾

٦ شيخ بايزيد بسطامي سلطان العارفين طيفور بن عيسيٰ طريقه نقشبنديه جو پيشوا آهي، خواجه نقشبند کان اڳي نقشبندي طريقه جو نالو طيفوريه هو وفات سنه ٢٩٩هه شهر بسطام ۾ آهي

٧ شيخ ابوالحسن علي بن جعفر وفات سندس سنه ٤٢٥ شهر خرقان ۾ ماده تاريخ "بود او صديق دين" آهي

٨ شيخ ابوعلي فضيل بن محمد وفات سنه ٤٧٧هه مزار شريف طوس ۾ آهي

٩ شيخ يوسف ابو يعقوب همداني - وفات سنه ٥٣٥هه هرات ۾ آهي

١٠ شيخ عبدالخالق غجدواني علائقه بخارا سنه وفات ٥٧٥هه ماده تاريخ "آفتاب ڪامل" آهي

ريوگر جو آهي رهبر، خواجہ عارف عجيب[١] شال ماڻ تهنجي مهابي دم ڏيان ايمان سان

خواجہ محمود[٢] ٿيو اڪابر ارض ۽ فلڪ فخنوي فياض ٿيو شل تهنجي سڪ ۾ دم ڏيان

شهر راميتن سندو خواجه علي[٣] ٿيندو آهيو ڏين تهين دلڙا رڃي شام و سحر تو چاهيان

سر سماسي ثاني ڏنا جنهنجو محمد[٤] نام ٿيو حُبَّ تهنجي ۾ سدائين روز و شب تو گهاريان

غوث اعظم، قطب عالم، سيد مير ڪلال[٥] موت ويلي شل اهي سيد سڀئي ڪي سار يان

شهہ بهاوُ الدين بلاگردان شاهہ نقشبند[٦] سو سڀو مشڪل ڪشا ٿيندو سندم هر ڏوهه جون

چند ايرهن جي خيم نالو سندس يعقوب[٧] ٿيو تنهن مهابي شل ٿئي سڪرات ۾ سولي ٻيان

شل عبيد الله احراري[٨] ڪندو مون تي ڪرم آس تنهن در گاه مان هرگز نه ٿو مان لاهيان

وحش جو ديني بلو خواجه سڀو زاهد[٩] ڪجي سڪ سندس سر ۾ سر جي شل هي صدقو هر ڪيان

خواجہ درويش محمد[١٠] ۾ وڏي اميد آهہ حشر ۾ ٿيان پيشال در ويشن جي ٽولي ۾ عيان

دل جي دنيا ۾ رهيو خواجه محمد امڪنه[١١] شال تهنجي حُبَّ جي ميدان ۾ ڪب ڪاهيان

باقي بالله[١٢] محي الدين آهي جنهنجو لقب بار گهه دهلي سندن سر جهڙ ين ڪري ٿيان

---

١ خواجه محمد عارف وفات موضع ريوگر علائقه بخارا سنہ وفات ٧١٥ھ صاحب خزينة الاصفيا هي تاريخ جڙي آهي. خواجہ اهل دين بگو سال ش :: نيز عارف امين رباني .

٢ خواجه محمود انجير فغنوي موضع انجير فغنه از توابع بخارا وفات ٧١٧ھ مادهٔ تاريخ شاه رباني

٣ خواجه علي راميتني وفات در موضع خوارزم سنہ ٧٢١ھ ڏينهن سومر ٢٨ ذي القعد عمر سندن هڪ سو ٽيهه ورهه هئي -

٤ خواجه محمد بابا سماسي وفات در قريهٔ سماس علاقه بخارا سنہ ٧٥٥ھ (بخارا کان ٩ ميل پري)

٥ خواجه سيد مير ڪلال، سندن وفات خميس ڏينهن صبح جي نماز وقت ٢٨ جمادي الاولى سن ٧٧٢ھ ست سو ٻاهتر هجري ۾ ٿي آهي مزار شريف قصبه سوخار ۾ آهي. خزينة الاصفيا تاريخ وفات هن طرح جڙي آهي : گفت تاريخ وصالے او خرد :: مير سيد پيشوا امجد ڪلال

٦ حضرت سيد شاهہ نقشبند بهاء الدين بخاري وفات ٧٩١ھ مزار شريف قصر عارفان لڳ بخارا. حافظ شيرازي سندس تاريخ وفات جي آهي. بهاء الدين احمد طاب مثواه :: امام سنت شيخ طريقت. مادهٔ تاريخ (قرب طاعت)

٧ حضرت يعقوب چرخي وفات ٨٥١ھ - مادهٔ تاريخ شمس الهدايت. مزار شريف هرات جي ڀاسي ۾ آهي.

٨ حضرت خواجه عبيد الله احرار فاروقي پير و مرشد مولانا جامي جو جنهنجي تعريف ۾ چيو اٿس : نظم چو فقر اندر قباهٔ شاهي آمد :: بتدبير عبيد اللهي آمد - وفات ٨٩٥ھ مزار شريف سمرقند ۾ آهي

٩ خواجه محمد زاهد وفات ٩٣٦ھ موضع وحش ۾ مادهٔ تاريخ فيض الهي.

١٠ تنهنجو ماما محمد زاهد جو مريد هو. وفات ٩٧٠ھ مزار شريف اسفرار ۾. مادهٔ تاريخ (رحمت حق)

١١ خواجه امڪنه ولد خواجه درويش محمد نالو سندن محمد آهي امڪنه شهر جو نالو آهي وفات ١٠٠٨ھ ۾ آهي

١٢ مظهر نفحات خواجه باقي بالله عرف خواجه بيرنگ. مزار شريف شهر دهلي ۾ آهي وفات ١٠١٢ھ

ٿيو مجدد الف ثانيءَ آهه رباني امام ⁘ شيخ احمد[1] نام تنهن تعريف لاءِ ناهيان
مسندِ اعلىٰ جو وارث ءِ امامِ الاوليا ⁘ ڪُل وليِن ۾ پلو ڀاري زيادهه جا جوان
ڳڻ ڪيم نسخو تني وٽ تنهنجي ثنا سارهم ⁘ شال سو مقبول ٿيندو دائما ڪيئي اُجيان
شال ٿي پندم ڪبريا انجي جهڙو هينئڙو ڳڳر ⁘ تنهنجي ڳُهه ۾ خداوندا صدا هي ٿو ڪريان
عروة الوثقىٰ[2] لقب معصوم سائين جو هئو ⁘ منهنجو دستاويز محڪم ڏينهن محشر جي ڪنگان
صبغة الله[3] شاهه قيوم الزمان جنهن جو لقب ⁘ شان تاج الاوليا تنهنجو سدا ٿي ڳائيان
شل امام العارفين[4] مهر ٿئي ڪند موني تي ⁘ شال تنهنجي حب جو ما طوق اعظم پائيان
مهر شل معصوم[5] ثانيءَ جي مٿم ٿيندي گهڻي ⁘ تهن پلي جا ئنتي ملڪن جنين شوق ۾ نائيان
حضرت هر دو جهان خواجه محمد[6] جو غلام ⁘ حب تنهنجي ۾ هنجهون شام و سحر ٿي هاريان
آهه قيومِ جهان خواجه صفي الله[7] شاهه ⁘ تنهنجي دامن ۾ اٿم هٿ ڪين هرگز لاٿريان
شاهه فضل الله[8] جنهنجو شان اعلىٰ ڪيو خدا ⁘ باهه تنهنجي مهر جي پنهنجي هڏن ۾ ٻاريان
عبد قيوم[9] آهه مردِ حق بلا گردان ٿيان ⁘ تنهنجي نالي پاڪ تي قربان شل هر هر ٿيان
عبدِ رحمان[10] شاهه عالم ٿيو سراج الاوليا ⁘ مرشدِ ثقلين ٿيو، ما وصف تنهنجي جا جوان
سِرُّ ساڳوان سند و خواجه محمد[11] با حسن ⁘ مون تي لک ٿورا سندس هڪڙو نه هرگز لاهيان
جنهنکي مولا کان مليو محبوب سبحاني لقب ⁘ وقت جو قيوم ٿيو ڪهڙي ثنا آءٌ ڪيان
نظر محمد سائين آسيني سندي درگاهه ۾ ⁘ سي جڏهن بندا ڪين ڪي گو ٿيني جو آهيان

ا: حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي مزار شريف سرهند ۾ وفات سنه ١٠٣٤هه
٢: خواجه محمد معصوم ولد حضرت مجدد الف ثاني ملقب بعروة الوثقىٰ مزار شريف سرهند ۾ جنهن جي وفات سنه ١٠٧٩هه
٣: حضرت خواجه صبغة الله ولد خواجه محمد معصوم عروة الوثقىٰ وفات سنه ١١٢٢هه مزار سرهند شريف
٤: شاهه اسماعيل ولد خواجه صبغة الله وفات سنه ١١٣٦هه مزار شريف سرهند ۾ (جڏهن ... قبو آهي)
٥: خواجه غلام محمد معصوم ولد خواجه محمد اسماعيل، معروف بمعصوم ثاني، ملقب به قطب الاقطاب، وفات سنه ١١٧١هه سرهند شريف ۾ پنهنجي والد شاهه اسماعيل جي قبه ۾ ساڻن تربت آهي
٦: شاهه غلام محمد ولد حضرت شاهه غلام محمد معصوم، معروف حضرت جي مزار شريف شهر پشاور
٧: خواجه صفي الله ڪابلي، مشهور بقيوم جهان وفات سنه ١٢١٣هه بندر ... [illegible]
٨: شاهه فضل الله ولد حضرت غلام نبي ... وفات سنه ١٢٣٨هه مزار شريف شهر ... [illegible]
٩: حضرت خواجه شاهه عبدالقيوم ولد شاهه فضل الله، وفات سنه ... [illegible]
١٠: حضرت خواجه عبدالرحمان ولد خواجه عبدالقيوم وفات سنه ١٣٠٥هه ... مزار شريف ... [illegible]
دامن ۾ دريائو سنڌ جي ڪناري تي حيدرآباد سنڌ کان ٢٦ ميل ڏکڻ طرف.
١١: حضرت خواجه محمد حسن جان ولد خواجه عبدالرحمان ... [illegible]

حصو ٻيو

حالات

جناب حضرت محبوب صمداني قطب رباني غوث يزداني قيوم رحاني ڪاشف اسرار سبع المثاني و متشابهات فرقاني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد بن عبد الاحد قدس الله سره الاقدس

هن ڪڪر رشاد جي اهڙا موتي محبت ۽ معرفت جا طالبن جي دلين تي ورسايا جو اهڙم مينهن وڏ ڦڙو وڪڙ هن نه ڏٺو ۽ هن بحر موج زن فيض جون اهڙيون لهرون لڳايون جو اهڙ واحوال ڪنهن تواريخ دان ڪنهن ڪتاب ۾ نه ڏٺو، هي اهو مرد لاثاني واقف رموز مقطعات فرقاني ۽ متشابهات قرآني آهي جنهن لاءِ نبي آخر الزمان صلي الله عليه و آله وصحبه وسلم هزار درهه اڳ خبر ڏني هئي. هي اُهو شهباز لامڪاني غواص بحر عرفاني آهي جنهن بدعت ۽ غير شرعي ڪمن جي پاڙ ڇڳي طرح سان پٽي ڇڏي ۽ هي اهو اوليس رحاني صديق ثاني آهي جنهن کي اولوالعزم وليّن مان الله جلّ جلاله الهام جي واٽ سان ارشاد فرمايو ۽ هي اهو محبوب سبحاني مصداق "لوكاني" آهي جنهن کي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم قيوميت جي خلعت عطا ڪئي ۽ مجدديت جو ڏگو ٻڌرايو.

ك اِرْتَضَعَ ثَدْيَ التَّصَرُّفَاتِ الْغَوْثِيَّةِ وَهُوَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا فَلَوْ لَمْ تُخْتَمِ النُّبُوَّةُ لَكَانَ نَبِيًّا
دُرَّةُ اِكْلِيْلِ الْاَوْلِيَآءِ الْعَارِفِيْنَ غُرَّةُ جَبِيْنِ الْاَصْفِيَاءِ الْخُرَّمِ الْمُحَقِّقِيْنَ كَنْزُ فَضَائِلِ السَّلَفِ وَالْخَلَفِ جَامِعُ الْمَحَامِدِ وَالْمَكَارِمِ وَالشَّرَفِ الْاَكْمَلِ

مرشدن جو مرشد اَكْمَلْ جو اَكْمَلُ، امامن جو امام، عاشق سنت خير الانام عليه الصلواة والسلام القطب الاوحد العلم المفرد وليّن جي پيڙ ۾ سينگار، طريقت جي ميدان جو جنسوار خزانو رحمت جو نور پلوا وليائن اُمت جو، غوث الاغوات قطب الاقطاب، صاحب ڪرامات

ك ترجمه، ٻارڙي غوثي تصرفات جي ٿڃ تڏهن ڏاڃي اٿن جڏهن اڃا پاڻ پينگهي ۾ ٻار هوا، جيڪڏهن نبوت ختم ٿي نه هجي ها ته جيڪر پاڻ نبي ٿي هجن ها، پاڻ اولياء عارفين جا سرتاج آهن ۽ اهڙن الله ڀيارن بندن جي پيشاني جي روشني آهن جن جون پيشانيون ۽ عضوا قيامت جي ڏينهن چمڪندڙ هوندا، پاڻ اڳين ۽ پوين جي فضيلتن جا خزانا آهن ۽ پاڻ سڀني خوبين شرافتن ۽ ڀلائن جا جامع آهن.

۾ مقامات، واقف اسرار نهاني، سند ن نالو مبارڪ رسول الله صلى الله عليه وسلم جو ٻيو نالو (احمد) ۽ لقب سندن بدر الدين ۽ امام رباني مجدد الف ثاني آهي قدس الله سره الاقدس

حضرت جن جي نسب شريف جو بيان

حضرت جن جو نسب مبارڪ حضرت فاروق اعظم رضي الله تعالیٰ عنه سان هن طرح ٿو ملي. حضرت جن جي والد شريف جو اسم مبارڪ عبد الاحدؒ بن زين العابدينؒ بن شيخ عبد الحيؒ بن شيخ محمدؒ بن شيخ حبيب اللهؒ بن قطب الاقطاب غوث العلمين حضرت امام رفيع الدينؒ بن شيخ نصير الدينؒ بن شيخ سليمانؒ بن شيخ يوسف ثانيؒ بن شيخ اسحاقؒ بن شيخ عبد اللهؒ بن شيخ شعيبؒ بن شيخ احمدؒ بن شيخ يوسف اولؒ بن سلطان شهاب الدينؒ علي المعروف به فرخ شاه ڪابلي فاروقيؒ بن خواجه عبد الله نصير الدينؒ بن خواجه محمودؒ بن خواجه سليمان اوّل بن خواجه مسعودؒ بن خواجه عبد الله واعظ الاصغرؒ بن خواجه عبد الله واعظ الاڪبرؒ بن خواجه ابو الفتحؒ بن خواجه اسحاق اوّلؒ بن خواجه ابراهيمؒ بن خواجه ناصرؒ بن خواجه عبد الله رضي الله تعالیٰ عنه بن خليفه ثاني امير المؤمنين امام العادلين الناطق بالحق والصواب حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنهم اجمعين (ڪذا في عمدة المقامات[1] ص ۹۸)

صاحب روضة القيوميه حضرت جن جي وڏن اڪابرن آباءِ اجدادن جي ذڪر ۾ صفحه ۱۳ ست پهرئين ۾ آڻي ٿو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن نسب ۾ شريف يعني سيد آهن. عرف اسلام ۾ سيد ان شخص کي ٿا چون جو حضرت خاتون جنت فاطمة الزهراء رضي الله تعالیٰ عنها جي اولاد ذڪري يا فرزندي مان هجي. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي نسب جو سلسلو حضرت امير المؤمنين عمر فاروق ۽ حضرت امام حسن رضي الله تعالیٰ عنهما سان ۲۷ واسطن سان ملي ٿو، وري ٻئي صفحه ۾ لکي ٿو ته حضرت عبد الله فرزند اعظم ۽ خلف ارشد امير المومنين عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه جو آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي حضور ۾ ويهڻ وارن مان هو، جن جو شمار عبادله اربعه[2] جي گهڻي خاص عمل ۾ عبادلہ اربعه جو رئيس هو. سندن شان ۾ گهڻيون حديثون وارد آهن

---

[1] عمدة المقامات ۾ عبد الحق لکيل آهي باقي ٻين ڪتابن ۾ عبد الحي لکيل آهي (والله اعلم)

[2] عبادله (عبد الله جو جمع) خاص نام چئن اصحابن سڳورن کي عبادله اربعه چوندا آهن. [1] عبد الله بن مسعود [2] عبد الله بن عمر [3] عبد الله بن عباس [4] عبد الله بن زبير رضي الله تعالیٰ عنهم، هي سڳورا وڏا عالم ۽ فقيه ٿي گذريا آهن

۾ اهي حديث جي ڇهن صحيح ڪتابن ۾ موجود آهن، سنڌ ۾ گهڻن حضرت اميرالمومنين
حسن بن علي المرتضيٰ ڪرّم الله وجهه جي دختر نيڪ اختر بي بي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها
هُئي. سادات جي نسب ۾ مشهور ۽ معروف ڪتاب خيرالانساب ۾ اُها وصيّت جا حضرت
رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي اولاد لاءِ فرمائي آهي سا آندي اٿس. تهڙي ڪان
پوءِ ابوجعفر ڪان جو ڏن محمد تن مان آهي اها وصيّت نقل ڪري ٿو ته رسول الله
صلى الله عليه وسلم جي وصيّت جي ناقل ابونصر بن يحيٰ ڪان ڪيل آهي

فَاَمَّا الْعُمَرِيَّةُ فَهَلْ يَدْخُلُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْوَصِيَّةِ قَالَ اَبُوْ نَصْرِ بْنُ يَحْيٰ كُلُّ مَنْ يَّنْتَسِبُ اِلَى الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ وَيَتَّصِلُ بِهِمَا يَدْخُلُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْوَصِيَّةِ لِاَنَّهُ كَانَ لِلْحَسَنِ بْنِ عَلِيٍّ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا بِنْتٌ زَوَّجْتُ بِوَلَدِ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

ترجمه يعني پوءِ حضرت عمر جو اولاد هن وصيّت ۾ داخل ٿئي ٿو يا نه؟ ابونصر
بن يحيٰ چيو ته جنهن جي نسبت ۽ اتصال حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله
تعاليٰ عنهما سان آهي سو هن وصيّت ۾ داخل آهي ڇو ته حضرت امام حسن فرزند
حضرت علي مشڪل ڪشا ڪرّم الله وجهه کي نياڻي هُئي جا حضرت اميرالمومنين
عمر بن الخطاب رضي الله عنه جي فرزند کي پرڻائي ڏني هو اڳون - اه ملخصًا

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حق ۾ حضرت رسول الله
صلى الله عليه وسلم جن جا ڳڻا ڳوڻي فرمائي آهي سا تفصيل وار روضة القيوميه ۽ ٻين
ڪتابن ۾ موجود آهي، هت روضة القيوميه مان ڪي حديثون نقل ڪيان ٿو
صاحب روضة القيوميه حضرت خواجه محمد احسان بشارت خاتم المرسلين
صلى الله عليه وسلم جي ذڪر ۾ آندو آهي ته ڪتاب جامع الدرر ۾ حضرت امام رباني مجدد
الف ثاني رضي الله عنه جي حق ۾ هيءَ حديث منقول آهي

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَبْعَثُ اللهُ رَجُلًا عَلٰى رَأْسِ اَحَدَ عَشَرَ مِائَةِ سَنَةٍ هُوَ نُوْرٌ عَظِيْمٌ اِسْمُهٗ اِسْمِيْ بَيْنَ السُّلْطَانَيْنِ الْجَابِرَيْنِ وَيَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِهٖ رِجَالًا اُلُوْفًا

ترجمه

يعني. فرمايو حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم. منهنجي امت ۾ هڪ مرد
يارهين صدي جي شروع ۾ پيدا ٿيندو جو هڪ وڏو نور هوندو، منهنجي نالي

پيا ٿي هوندا، پر ظالمن بادشاهن جي درميان مبعوث ٿيندو ۽ انهيءَ شفاعت سان قيامت جي ڏينهن هزارن ماڻهن کي الله جل جلاله بهشت ۾ داخل ڪندو.

مولانا جلال الدين سيوطي جمع الجوامع ۾ هيءَ حديث نقل فرمائي آهي جا حضرت مجدد الف ثاني جي حق ۾ وارد آهي.

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَكُوْنُ رَجُلٌ فِيْ اُمَّتِيْ يُقَالُ لَهٗ صِلَةٌ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِهٖ كَذَا وَكَذَا[1] ترجمه

فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم ته منهنجي امت ۾ هڪ شخص پيدا ٿيندو جنهن کي صِلَةٌ چوندا. "صِلَةٌ يعني ٻن شين کي ملائڻ وارو جيئن حضرت جن شريعت ۽ طريقت کي ملايو آهي" ان جي شفاعت ڪان بي شمار ماڻهو بهشت ۾ داخل ٿيندا.

انهيءَ سبب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جن مڪتوبات شريف جي جلد ٢ مڪتوب ڇهين ۾ حضرت خواجه عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه ڏانهن لکي فرمايو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَنِيْ صِلَةً بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ وَمُصْلِحًا بَيْنَ الْفِئَتَيْنِ

ترجمه:- شڪر الله جل جلاله جو آهي جنهن مونکي ٻن سمنڊن جي ملائڻ وارو ۽ ٻن جماعتن جي اصلاح ڪرڻ وارو فرمايو.

ڪن نسخن ۾ مصلحًا بين المقسمين آهي (راقم الحروف). حضرت جن جي صِلَةٌ هجڻ جو هيءُ به وجه آهي جو پاڻ صباحت ۽ ملاحات کي ملايائون جهنجو ذڪر پهرين جلد ۾ ٿي ايو. ٻيو هيءَ به وجه آهي جو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو طريقو برخلاف ٻين سلسلن جي شريعت سڳوري سان پوري مناسبت ٿو رکي، ٻين ۾ اهڙي مناسبت نه ٿي لڀي بلڪ مخالفت ٿي لڀي جهڙو وحدت الوجود جا ڪلما چوڻ ۽ سرود ٻڌڻ. حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن کي انهي تجديد ۽ اصلاح جي صدقي ۾ هي درجو مليو جو هزارين ماڻهو سندن طفيل ۽ شفاعت سان بخشيا ويندا. ۽ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ يعني منهنجي امت جا عالم بني اسرائيل جي نبين وانگر آهن.

بني اسرائيل ۾ حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ علي نبينا وعليهما السلام آهن جو هزارن

[1] ڪنز العمال الباب السابع في فضائل هذه الامة المرحومة جلد ٦ ڪتاب الفضائل ص ٣٤ مطبوع حيدرآباد دکن

هزار سال جي مُدّت ۾ نبي مبعوث ٿيا آهن. جڏهن ماڻهن شريعت سڳوري جي ڇڏي ڏني تڏهن نبي سڳوري نئون علم ۽ معرفت ڏني آندي. هن اُمّت ۾ پڻ جڏهن آنحضرت صلي الله عليه وسلم کي هزار ورهه گذري ويا اهڙو وقت آيو جو ماڻهو شريعت سڳوري کي ڇڏي فسق ۽ فجور جي ڌنڌن ۾ ڪاهي پيا هوا. خود بادشاه اڪبر اوّل هندن جو ڏيڙهه قبولي نيٺ فرعون وانگر "اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى" جو نعرو هڻي الله چوائڻ لڳو، ابوالفضل جو سنڌ س ور پڙهو، هڪ ڪتاب عربي ۾ ناهي ڊولس ۾ ڇپائينس ته هي خدائي ڪتاب توتي لٿو آهي. ان ۾ هن طرح جا جملا دين اسلام جي مخالف هوا! "يَا اَيُّهَا الْبَشَرُ لَا تَذْبَحِ الْبَقَرَ وَاِنْ تَذْبَحِ الْبَقَرَ فَمَاوٰكَ السَّقَرُ" يعني اي انسان ڳئون کي ذبح جي ڪُهندين ته تهنجي جاءِ دوزخ ۾ ٿيندي. اهڙيءَ طرح جيڪي اَحڪام قرآن شريف ۾ آهن انهن جي مخالف حُڪم انهي ڪتاب ۾ لکيل هوا، يعني حلال کي حرام، حرام کي حلال. سڄي ملڪ ۾ حڪم هو ته ڳئون جو گوشت نه کائو سوئر جو گوشت استعمال ڪيو، مسجدن ۽ مدرسا سڀ ڊهرائي ڇڏيائين ۽ باقي رهيلن ۾ گهوڙا ۽ هاٿي ٻڌرايائين.

معلوم ٿيو ته اوّل دعوىٰ نبوّت جي ڪئي هوائين پوءِ خدائي دعوىٰ ڪيائين جنهن هڪ شاعر ٿو چوي. شاه ما امسال دعوىٰ نبوت کرده است ÷ سال ديگر گر خدا خواهد خدا خواهد شدن

جڏهن الله چوائڻ لڳو تڏهن پاڻ کي سجدو ڪرائڻ لڳو جيڪڏهن ڪهن سجدي ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيو ته ان کي قتل ڪرائيندو هو ۽ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ صلي الله عليه وسلم چوڻ وارن کي ماري ڇڏيندو هو. سنڌ س مُهر خاص، هن طرح هئي "اڪبر جَلّ جلالهٗ" ۽ ٻي پاسي ، ما اڪبر شانه. جڏهن هيءُ وقت اهڙو آيو جو ڳ اولوالعزم نبيّ جي هزار ورهه گذري ڪان پوءِ ايندو هو، تڏهن اهڙي وقت ۾ الله جَلّ جلالُهٗ حضرت جن جي وجود مبارڪ ڪان دين کي اهڙي تازگي ڏني جو هزار ورهه جي اندر ڪهن ولي کي دين جي تازگي ڏيڻ جي عنايت ڪانه ٿي هئي ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جو فرمودو پورو ٿيو جيئن فرمايو اٿن.

اِنَّ اُمَّتِيْ اَوَّلُهَا خَيْرٌ وَّ آخِرُهَا خَيْرٌ وَّفِيْ وَسْطِهَا كَدِرٌ (ترمذي)

ترجمه منهنجي امت جو اوّل ۽ آخر موچارو آهي ۽ وچ ۾ ڪدورت آهي

ڪدورت جي مراد اسماء ۽ صفات جو ظلال يعني پاڇو آهي جنهن ڪان هن اُمّت جا اڳوڻا اولياء رحمة الله عليهم اجمعين، پورين هزار ورهه ۾ مبتلا ٿيندا آيا آهن، انهي سبب

ڪان اهي سڀئي سڳورا توحيد وجودي جا قائل ۽ سرود سماع ۾ مشغولي فرمائيندا هوا.

اصل اسماء ۽ صفات جو ظهور حضرت پيغمبر صلي الله عليه وسلم ۽ تابعين ۽ تبع تابعين جي وقت ۾ ٿيو جيئن ته حديث شريف دلالت ٿي ڪري "خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ"[1] - پوءِ اها عنايت ڏهه پردي ۾ ٿي، ڏهه ٻه هزار سال گذرڻ کان پوءِ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي وقت ۾ ظاهر ٿي، فَهٰهُنَا كَلَامٌ طَوِيْلٌ مَبْسُوْطٌ فِي الرَّوْضَةِ الْقَيُّوْمِيَّةِ .[2]

بهرحال حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن نيون محرتون آڻي بمصداق حديث شريف "مَثَلُ اُمَّتِيْ كَمَثَلِ الْمَطَرِ لَايُدْرٰى اَوَّلُهَا خَيْرٌ اَمْ اٰخِرُهَا" رواه الترمذي[3] جي آخر امت ۾ اهڙو مهڙن ارشاد جو وسايائون جو وقت جي سڀني عالمن اجماع ۽ اتفاق ڪري چيو ته اهي حديثون سواءِ شڪ ۽ شبهي جي حضرت مجدد الف ثاني جي حق ۾ ثابت ٿيل آهن. ڪتاب اخبار الاخيار ۾ حضرت شاه عبدالحق محدث دهلوي "يَكُوْنُ رَجُلٌ" الخ واري حديث شريف حضرت مجدد الف ثاني جي حق ۾ آندي آهي، تهڙي ڪان صاحب حدائق الحنفية جي پڻ نقل ڪئي آهي (صفحه ۴۰۵ سٽ ۲۲). حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلوي پڻ فتوىٰ عزيزي جي خاتمه ۾ اها حديث ثابت ڪئي آهي.

مٿين ڳالهه واري تقرير عطية الوهاب الفاصلة بين الخطاء والصواب جو مو چارهون سالو ڊرر المكنونات[4] عربي مڪتوبات ۾ علامه محمد مراد مڪي ٽيئن جلد جي "مبدء معاد" ڪان پوءِ حاشيه ۾ ڇاپائي هيو انهيءَ سڄي طرح ثابت آهي.

صاحب "حدائق الورديه في حقائق اجلاء النقشبنديه" جي، صفحه ۱۸۹ سٽ ۱۹ ۾ قرب نبوت قرب ولايت جي تقرير چڱي ثابت ڪئي آهي سا به اهائي آهي جا صاحب روضة القيوميه جي "فِيْ وَسْطِهَا كَدِرٌ" جي جملي مان ڪئي آهي، آءٌ اختصار ڪان ڪم ورتو

---

[1] معنیٰ - زمانن ۾ سڀني کان ڀلو منهنجو زمانو آهي، تنهن کان پوءِ ٻيو انهن جو زمانو ڀلو آهي جن جو زمانو منهنجي زماني سان مليل ٿو. تيئن درجي ۾ ٻيو انهن جو زمانو ڀلو آهي جن جو زمانو ٻئي درجي وارن جي زماني کي مليل ٿو.

[2] ، هن جاءِ بيان گهڻو آهي روضة القيوميه ۾ تفصيل سان بيان ڪيل آهي.

[3] ، منهنجي امت جو مثال ميهن جهڙو آهي جنهن جي خبر نه آهي اول چڱو آهي يا سندس آخر (ترمذي)

[4] ، تصنيف شيخ محمد بيك الادزبڪي رحمة الله عليه

صاحب "حدائق الورديه" ۽ "بهجة السنيه" ساڳي ءَ متين حديث لاءِ هن طرح لکيو آهي. وَقَدْ اَخْبَرَ بِوُجُوْدِهٖ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَكُوْنُ فِيْ اُمَّتِيْ رَجُلٌ يُقَالُ لَهٗ صِلَةٌ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِهٖ كَذَا وَكَذَا اَخْرَجَهُ السُّيُوْطِيُّ فِيْ جَمْعِ الْجَوَامِعِ وَيَدُلُّ لَهٗ مَا كَتَبَهٗ قُدِّسَ سِرُّهٗ فِيْ اَحَدِ مَكَاتِيْبِهٖ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَنِيْ صِلَةً بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ وَ مُقْتَبِسًا لِاَنْوَارِ النَّيِّرَيْنِ. [1]

علامه محمد مراد المنزلوي ان مڪي احاديث، تمهيد ۾ سان ثابت ڪري پوءِ هي عبارت لکي آهي - وَالْمُنْكِرُ لَا يَزِيْدُهٗ ذَالِكَ اِلَّا اِنْكَارًا اَوْ عِنَادًا اَوِ اسْتِكْبَارًا اَوْ تَصْدِيْقُ الْمُصَدِّقِ نَفْعُهٗ رَاجِعٌ اِلَيْهِ وَكَذَا اِنْكَارُ الْمُنْكِرِ ضَرَرُهٗ عَائِدٌ عَلَيْهِ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا الخ [2]

درين ۾ جا تي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي جو صِلَةٌ جو لقب مليو بيان ڪري لکيو اٿس ته انهي لقب سان هو پنهنجن مريدن ۾ مشهور ٿي ويا، ڪيترن عالمن اڳ گذريل ۽ ٻيا احاديث ڪتابن ۾ تي ٻه حل ته ڪيا اٿن، اها ليافت حضرت امام رباني قدس سره ۾ ته نا ٿن، باوجود ڪي ڪيترا ايترا حضرت امام رباني قدس سره ڪان ٻڌا ٿون. رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کين شفاعت جي بشارت ڪان مشرف ڪيو. الى آخره عبارة بعينه مختصر هي آهي - وَاشْتَهَرَ بِهٰذَا اللَّقَبِ فِيْمَا بَيْنَ اَصْحَابِهٖ وَلَهُمْ اِطِّلَاعٌ عَلَى الْحَدِيْثِ الْمَذْكُوْرِ وَلَمْ يَرَوْا اَحَدًا اَحَقَّ بِهٖ عَلٰى اَحَدٍ عَلٰى مَمَرِّ الدُّهُوْرِ وَرَاَوْا فِي الْاِمَامِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ لِيَاقَةَ بِتِلْكَ الْمَنْقَبَةِ الشَّرِيْفَةِ مَعَ مَا سَمِعُوْا مِنْهُ قُدِّسَ سِرُّهٗ مِرَارًا اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَشَّرَهٗ فِيْ بَعْضِ الْحَضَرَاتِ وَالْوَقَائِعِ بِشَفَاعَتِهٖ كَذَا وَكَذَا فَحَمَلُوا الْحَدِيْثَ الْمَذْكُوْرَ عَلَيْهِ قُدِّسَ سِرُّهٗ وَاَيُّ اسْتِبْعَادٍ فِيْ ذَالِكَ وَاَيُّ مَحْذُوْرٍ فِيْ مَا هُنَالِكَ بَلْ هٰذَا الْوَصْفُ اَظْهَرُ فِيْهِ قُدِّسَ سِرُّهٗ مِنَ الشَّمْسِ وَاَبْيَنُ مِنَ الْاَمْسِ. [3]

---

[1] البهجة السنية في آداب الطريقة العلية الخالدية النقشبندية للشيخ محمد بن عبد الله الخاني الخالدي النقشبندي مطبوعه مصر ۴۳
[2] معرب المكتوبات جي صفحه سٺين جي حاشيه ۾ هي عبارت آهي.
[3] معرب المكتوبات جي صفحه ناٺين جي حاشيه ۾ هي عبارت آهي.

حضرت امام رباني مُجَدِّدُ الف ثاني جي منڪرن تي خدائي قهر

صاحب روضة القيوميه سال سترهين جي بيان ۾ آڻي ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمايو ته مون واقعه ۾ ڏٺو ته قيامت برپاء آهي ۽ ماڻهو وڏي پنڌ ۾ مشغول آهن. مون هڪ جماعت ڏٺي جهڪي دوزخ ۾ طرحين طرحين جو عذاب پيو ٿيئي ۽ انهن جي ڪنڌن ۾ ڳٽ، زنجيرون آهن دوزخ جا نانگ ۽ وڇون انهن کي چنبڙيا پيا آهن، مونکي مَلَڪَ سڪوڙا پيا چون ته هي جماعت شان تجديد الف ۽ قيوميت جي منڪر آهي، مون مَلَڪَن کان پڇيو ته بادشاه جو منهنجو منڪر هو سو ڪٿي آهي. انهن دوزخ جي ڪنڊ کوٽي هڪ صندوق کئي. مون اهو صندوق کڻي کولي، ته ان ۾ ڪُنڊَ ڏٺم، ملائڪن چيو ته. اوهانجو منڪر اهو بادشاه آهي، توهانجي مخالفت جي سبب عذاب ۾ گرفتار آهي. مون ان کي ڪيري درگاه خدائي مان ان بادشاه لاء مغفرت گهري. الله جَلَّ جلاله ان بادشاه کي بخشيو.

جڏهن بادشاه اها ڳالهه ٻُڌي ته هن پنهنجي اندر روپيا شڪراني لاءِ فقيرن کي ڏنائين. اها ڳالهه جڏهن منڪرن ٻُڌي ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جا منڪر دوزخ ۾ داخل ٿيندا ته هو انهن کي خطره ۽ شيطاني آيو. انهيءَ وچ ۾ جناب حضرت ميرمحمد نعمان قدس سره خواب ۾ ڏٺو ته پيغمبرِ خدا صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جن ڪهڙن جاءِ تي تشريف فرما ٿيا آهن، فرمائين ٿا "اي محمد نعمان ماڻهن کي چئو ته جيڪو شيخ احمد مجدد الف ثاني جو مقبول آهي سو منهنجو ۽ الله جَلَّ جلاله جو مقبول آهي ۽ جيڪو شيخ احمد جو مردود يعني تڙايل آهي سو منهنجو تڙيل آهي ۽ جو منهنجو تڙيل آهي سو خداء جو تڙيل آهي. ساڳي طرح جناب سيد نعمان کي فرمايائون ته جو تنهنجو مقبول آهي سو شيخ احمد مجدد الف ثاني جو مقبول آهي ۽ جو تنهنجو مردود آهي سو شيخ احمد مجدد الف ثاني جو مردود آهي" پير ٻه ڪيترن وليئن خواب ڏٺا ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو منڪر دوزخ جي عذاب جو لائق آهي، جو ته سندن شان ۽ ٻئي حضرت

ﮬيءَ حضرت حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي وڏن خليفن مان آهي، وفات ۸ صفرالمظفر ۱۰۶۰هـ

پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي حديثن مان ثابت آهي، جو حديث جو منڪر آهي سو اسلام جي ٻئي رڪن جو منڪر آهي. جئين ته اسلام جا چار رڪن آهن (١) قرآن شريف (٢) حديث شريف (٣) اجماع (۴) قياس. حديث رڪن نمبر ٻئي ۾ آهي. انهيءَ کان سواءِ عالم افروز آفتاب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي ارشاد جي روشني پري کان ڏسي ثناخواني ۾ ڪيترا اولي سڳورا رحمة الله عليهم اجمعين قائل ٿيا جي سندن شان تي دلالت ٿا ڪن.

حضرت امام رباني مُجَدِّدُ الف ثاني قدس سره جي ثناخواني ۾ اڳين وليّن سڳورن جا قول

حضرت جن جي ثناخواني ۾ ڪيترن وليّن سڳورن رضي الله تعالى عنهم اجمعين ارشاد فرمايا آهن، جهڙوڪ غوث المسلمين والاسلام "شيخ احمد جام"[1] ۽ وارث ولايت ڦاني الله "شيخ خليل الله بن ختني" ۽ غوث الثقلين جگر گوشه حسنين ڪريم الطرفين فرياد رس ثقلين محبوب سبحاني سيد نا عبد القادر جيلاني ۽ شيخ عبد القدوس گنگوهي چشتي ۽ حضرت شيخ سليم چشتي ۽ حضرت شيخ نظام نار نولي ۽ شيخ عبد الله علاؤ الدين سهروردي ۽ حضرت مخدوم جهانيان ۽ حضرت بوعلي قلندر پاني پتي ۽ شاه ڪمال قادري وغيرهم رضوان الله تعالى عليهم اجمعين.

هنن وليّن سڳورن مان ڪن جي مختصر احوال کان هن ڪتاب کي مشرف ڪريون ٿا. انهن جي پيشنگوئي روضة القيوميه تان آنديون سون ۽ ڪن بزرگن جي پيشنگوئي جتي ڏٺي سون پئي ٻين وڏن ڪتابن ۾ شائع ڏسن.

حالات حضرت شيخ احمد جام قدس سره

هن حضرت جا مو چار احوال ڪتاب سفينة الاولياء ۽ خزينة الاصفياء ۽ اخبار الاخيار وغيرهم ۾ موجود آهن جي مقامات شيخ الاسلام احمد جام قدس سره ۾ بيان ڪن ٿا حضرت شيخ احمد جام جو فرزند شيخ ظهور الدين ڪتاب رموز العاشقين ۾ لکي ٿو ته اخير عمر تائين منهنجي پيءُ جي

---

[1] شيخ ابو نصر احمد جام بن ابي الحسن قدس سره ولادت ٤٤١ھ عمر ٩٥ سال وفات ٥٣٦ھ مزار پر انوار جام خراسان جي مشهور شهر ۾ آهي (خزينة الاصفياء ج ٢ ص ٢٤٢)
مادهٔ تاريخ ولادت: امام المسلمين پاڪيزه احمد ؛ شد تاريخ توليدش سرانجام — سفينة الاولياء ص ٢٦٨
مادهٔ تاريخ وفات: وصالش لفظ عشق الله ختم ، دگر بونصر ڪامل احمد جام

هتان جهن لکن ماڻهن فيض ورتو. مون پنهنجي والد کان ٻڌو ته مون ڪيترن مشائخن جي مقامات گهڻن ڪتابن ۾ ڏٺي آهي پر جيڪي باطني حالتون اوهان کان صادر ٿيون آهن تن مون ڪنهن ۾ به نه ڏٺيون نه ٻڌيون. حضرت شيخ احمد جام قدس سره پنهنجي فرزند کي جواب ۾ فرمايو ته " مون جنهن قسم جي رياضت ڪنهن وَلِيّ جي ٻڌي يا ڪتاب ۾ ڏٺي اها بلڪ ان کان به زياده ڪيم. الله جل جلاله جيڪا عنايت انهن وليّن تي فرمائي هئي سا مون کي عنايت ڪيائين. اڄ کان چارسو ورهيه پوءِ هڪ مرد احمد نالي پيدا ٿيندو جنهن ۾ الاهي عنايتن جا اثر ۽ نيشان پڌرين وليّن جهڙا اهو ندا سڀ ماڻهو هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ جو نعرو هڻندا. مطلب ته پهرين ۽ پوين وليّن جا ڪمالات ان هڪڙي کي ملندا. حضرت مولانا جامي قدس سره پڻ اها حقيقت ڪجهه تغير سان نفحات الانس ۾ آندي آهي.

حضرت شيخ احمد جام ڇهين صدي هجري ۾ رحلت فرمائي. حضرت مجدد الف ثاني جي ولادت ڏهين هجري ۾ ٿي. حضرت مولانا شيخ احمد جام جرير بن عبدالله البجلي رضه جو اولاد آهي حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه ان کي امت جو يوسف ڪري ڪوٺيندا هوا حضرت شيخ احمد جام قدس سره ٽن سون کان زياده ڪتاب علم ۽ معرفت جا لکيا. اوائل ان جا هوا علم کون بي‌پڙهيل هوا. ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ جبل ڏانهن وڃي تيرهن ورهيه رياضت ڪيائون. سندن اولاد اٺتاليهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون، سندن وفات کان پوءِ ۱۴ پٽ ۽ ٽي نياڻيون حيات هيون، چوڏهين پٽ عالم ۽ ڪامل هوا.

شيخ ابوسعيد ابوالخير قدس سره سندن پيدا ٿيڻ کان اڳ پيشن گوئي ڪئي هئي ۽ انهن لاءِ خلافت جو خرقه پنهنجي پٽ جي حوالي ڪيو هوائون. شيخ مودود چشتي قدس سره جي مريدي جي نسبت جو سلسلو حضرت شيخ احمد جام قدس سره سان ٻڌي ٿو.

حضرت شيخ احمد جام قدس سره کان منقول آهي ته مون کان پوءِ سترهن آدمي احمد نالي پيدا ٿيندا. آنحضرت صلی الله عليه وسلم کان پوءِ هزار ورهين گذري تي پويون احمد پيدا ٿيندو، اهو امت جي سڀني وليّن کان پلوهوندو. اها پيشن گوئي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني تي صادق آئي. اها پيشن گوئي پهرين ۽ ٻي جلد درر مکنونات معرب مکتوبات جي حاشيه ۽ ٻين ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي.

حضرت شيخ خليل الله قدس سره

حالات حضرت شيخ خليل الله قدس سره جي جدا ڪتاب ۾ مون کان ڏٺي نه ٿيا، فقط اختصار جي سبب پيشنگوئي تي اڪتفا ٿو ڪريان. شيخ خليل الله بدخشي قدس سره جي مقامات ۾ لکيل آهي ته هڪ ڏينهن شيخ صاحب فرمايو ته ”سبحان الله حضرات خواجگان جي سلسله ۾ هڪ نئون اچو پيو، وهندستان ۾ پيدا ٿيندو، ۽ اهو اُمت جي سيني وليئن کان زياده پلو ٿيندو، مگر افسوس جو ان وقت تائين آءٌ نه هوندس نه ته ان جي خدمت ڪريان ها“ ننهن کان پوءِ هڪ خط جنهن ۾ دعاءِ نيازمندي لکيائون ۽ پنهنجن خليفن کي ڏئي چيائون ته هن خط کي سوگهو ڪري رکجو جڏهن حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن پيدا ٿين ته اهو سندن حضور ۾ پيش ڪجو ۽ مون لاءِ دعا گهرجو. اهو خط خواجه عبدالرحمٰن بدخشي جن پڻ قيوميت جي ڏهين سال گذري ٿي حضرت مجدد الف ثاني جي حضور ۾ پيش ڪيو ۽ دعا گهرايائين. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن خط پڙهي فرمايائون ته ”شيخ خليل اُمت جي وڏن مشائخن مان نظر ٿو اچي.“

حالات حضرت غوث الثقلين محبوب سبحاني محي الدين جيلاني قدس سره

هيءُ سڀ کان زياده روشن حضرت امام حسن ۽ حسين رضي الله تعالىٰ عنهما جو پوکيل موچاري گلشن، هيٺين جو حامي جڏ ن جو دستگير، پنهنجي وقت ۾ سيني پيرن جو پير، ابدال ۽ اوتاد ۽ قطب سندس پاڇي هيٺان رهندا هئا، جن ۽ انسان سندن آستان تي ڪنڌ جهڪائيندا، سندن نالو مبارڪ اسم اعظم، ادنىٰ ۽ اعلىٰ جو مرشد محرم، غوث الاسلام والمسلمين نالو مبارڪ سندن عبدالقادر ۽ لطف ۾ پيارو لقب محبوب سبحاني ۽ باز اشهب محي الدين آهي قدس الله سره الاقدس.

نسب سندن هن طرح آهي، قطب رباني غوث صمداني شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني شافعي حنبلي بن ابي صالح بن سيد موسىٰ بن عبدالله بن سيد عمر زاهد بن سيد محمد رومي بن سيد دائود بن سيد موسىٰ ثاني بن سيد عبدالله ثاني بن سيد موسىٰ ثالث بن سيد عبدالله محسن بن سيد محمد بن المشهور بحسن مثنىٰ بن حضرت امام حسن رضي الله تعالىٰ عنه بن حضرت اسد الله الغالب علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهه ورضي الله عنهم اجمعين (خزينة الاصفيا ص ٩٣ ج ١)

سندن نسب والده جي طرف کان حسيني هن طرح ٿو ٿئي، جيئن ته سندن والده ماجده ام الخير امة الجبار فاطمه بنت سيد عبدالله زاهد بن ابي جمال الدين بن سيد محمد

بن سيّد محمود بن طاهر بن سيّد عبد الله بن ڪمال الدين عيسىٰ بن محمد جواد بن امام علي رضا بن امام موسىٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن حضرت امام حسين بن حضرت علي بن ابي طالب ڪرّم الله وجهه و رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين (تفريح الخاطر) خرقو خلافت جو شيخ ابو سعيد مبارڪ بن علي مخزومي کان ورتائون، ان شيخ ابو الفرح طرطوسي کان، ان شيخ ابو الفضل عبد الواحد بن عبد العزيز عجمي کان، ان شيخ ابوبڪر شبلي کان قدس الله تعاليٰ اسرارهم (عمدة المقامات ص ١٣٩)

سندن ولادت کان سوين ورهه اڳ ڪيترن ولين سڳورن خبرون ڏنيون، جهڙوڪ شيخ ابو محمد شنبڪي جي روايت سان ابوبڪر بن هوار، شيخ ابو الوفاء شيخ عقيل منبجي شيخ حماد بن مسلم دباس، هر هڪ هيءُ ارشاد ڪيو ته "حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رض پنهنجي وقت ۾ سڀني ولين سڳورن جي ڳردن تي قدم رکندو يعني سڀني جو سردار ٿيندو ۽ خدائي الهام سان "قَدَمِيْ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللّٰهِ" چوندو. ڪذا في تحفة القادريه

ڪائنات جيڪي ڪرامتون ولادت وقت صادر ٿيون آهن سي به عجب جهڙيون آهن، سندن ولادت پهرين رمضان شريف سنه ٤٧٠ ۾ واقع ٿي. ڪنهن بزرگ هڪ موچارو شعر لکيو آهي، جنهن ۾ سندن ولادت جو سال ۽ وفات جو سال ۽ عمر جي مدت اچي وڃي ٿي. اِنَّ بَازَ اللّٰهِ سُلْطَانُ الرِّجَالِ ⁂ جَآءَ فِيْ عِشْقٍ تَوَفّٰى فِيْ كَمَالِ

يعني حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رحمة الله عليه سڀني ماڻهن جو بادشاهه آهي عشق ۾ پيدا ٿيو، جنهن عشق ڪامل ٿيو ته هن وفات فرمايائون. ولادت جو سال عشق ٤٧٠ عمر جي مدت ڪمال ٩١ جو تعداد آهي، ڇاڪاڻ ته هن به رمضان شريف ۾ والده ماجده رضي الله تعاليٰ عنها جو ٿڃ ڪين پيتائون، هن شعر ۾ انهي تصرف ڏانهن اشارو آهي

بداية امري ذكره ملاء الفضا ⁂ وصومي في مهدي به كان شهري

يعني منهنجي ابتدائي حالت جو ساري دنيا ۾ قصو مشهور ٿي ويو، ۽ پينگهي ۾ منهنجو روزو رکڻ پڌرو ٿي ويو. سندن ڪلهن مبارڪن تي حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي قدم مبارڪ جا نشان هوا جو معراج جي رات حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن حضرت غوث الاعظم محي الدين جيلاني قدس سره جي ڪلهن تي قدم رکيا هوا. ڪين الله جل جلاله اخلاق محمدي ۽ حسن يوسفي، صدق صديقي

عدل فاروقي، حلم عثماني، ۽ علم، شجاعت حيدري عطا ڪيا هوا.

ڪتاب روضة النواظر في مناقب الشيخ عبد القادر جي ڇهين باب ۾ انهن مشائخن جو ذڪر آيل آهي، جن حضرت محي الدين جيلاني قدس سره جي قطب هجڻ ۽ وڏي شان جي وارث هجڻ جي خوشخبري ڏني آهي، جيئن ته هيٺيان شعر انهن ۾ آيل آهن.

شَهِدَتْ بِرُتْبَتِهِ جَمِيْعُ مَشَايِخٍ ⁘ فِيْ عَصْرِهِ كَانُوْا بِخَيْرِ تَنَاكُرٍ

يعني شيخ عبد القادر جيلاني قدس سره جي مرتبي جي سڀني مشائخن انڪار کانسواءِ سندن مرتبي جي شاهدي ڏني.

أَمَّا الَّذِيْنَ تَقَدَّمُوْا فَتَبَشَّرُوْا ⁘ بِقُدُوْمِهِ الْمَيْمُوْنِ أَكْرَمَ طَائِرٍ

يعني اڳوڻن وليَن سندن قدم مبارڪ جي بشارت ڏني هئي جيڪي فال بيان ڪئي هئي

كَالْعَالِمِ الْبَصْرِيِّ هُوَ الْحَسَنُ الَّذِيْ ⁘ عَمَرَ الطَّرِيْقَ لِسَالِكٍ وَلِسَائِرٍ

يعني جهڙوڪ حضرت حسن بصري آهي ۽ عالم ۽ بزرگ هو جنهن سلوڪ جي رستي کي سڀني سالڪن لاءِ آباد ۽ رونق وارو ڪيو.

مِنْ عَصْرِهِ السَّامِيِّ إِلَى الْعَصْرِ الشَّرِيْفِ ⁘ الْقُطْبِ مُحْيِ الدِّيْنِ عَبْدِ الْقَادِرِ

يعني حضرت حسن بصري جي زماني کان وٺي حضرت شيخ محي الدين عبد القادر جيلاني جي وقت تائين

مَا مِنْ وَلِيٍّ كَانَ صَدْرَ زَمَانِهِ ⁘ إِلَّا وَبَشَّرَهُمْ بِعَبْدِ الْقَادِرِ

يعني ڪوبه اهڙو وقت جو قطب نه گذريو جنهن ماڻهن کي سندن اچڻ جي خوشخبري نه ڏني هجي

هُوَ صَاحِبُ الْقَدَمِ الَّذِيْ خَفَضَتْ ⁘ رِقَابُ الْأَوْلِيَاءِ لَهُ بِغَيْرِ تَشَاجُرٍ

يعني پاڻ اهي صاحب قدم آهن جن اڳيان سڀني وليَن لڙائي ۽ جهڳڙي کان سواءِ گردن جهڪايا

إِذْ قَالَ مَأْمُوْرًا عَلَى كُرْسِيِّهِ ⁘ قَدَمِيْ عَلَى رَقَبَةِ جَمِيْعِ أَكَابِرٍ

يعني جڏهن پاڻ حڪم الاهي سان منبر تي چڙهي فرمايو ته منهنجو قدم سڀني وليَن تي آهي

نَحْنُ جَمِيْعُ الْأَوْلِيَاءِ رُءُوْسُهُمْ ⁘ لِجَلَالِهِ بَادِيْهِمْ كَالْحَاضِرِ

يعني تڏهن ان وقت هرهڪ ولي سندن جلال ۽ بزرگي جي سبب ڪان پنهنجو گردنون جهڪايون

لَمْ يَمْتَنِعْ أَحَدٌ سِوَى رَجُلٍ سَهَا ⁘ عَنْ حَالِهِ مِنْ أَصْفَهَانِ مُكَابِرٍ

يعني ان وقت جي وليَن ۾ ڪنهن به تابعداري کان انڪار نه ڪيو مگر هڪ شخص جو سندن حال کان ناواقف هو مغرور

قَدْ كَانَ بَيْنَ الْأَوْلِيَاءِ مُعَظَّمًا ⁘ بِالْعِلْمِ وَالْحَالِ الشَّرِيْفِ الْفَاخِرِ

يعني اهو شخص وليَن جي جماعت ۾ پنهنجي علم ۽ شرافت جي سبب تعظيم وارو هو

لِكِنَّهٗ غَلَبَتْ عَلَيْهِ شَقَاوَةٌ ∴ سَبَقَتْ كَاِبْلِيْسِ اللَّعِيْنِ الْكَافِرِ

يعني پر ان جي شقاوت ان تي غالب آئي جهڙي طرح ابليس لعين جي شقاوت ان تي غالب آئي هئي

”ڪتاب روضة النواظر جي پنجين باب ۾ لکيل آهي ته حضرت ابو علي حسن بن عيسىٰ بصري رضي الله تعالىٰ عنه جي وقت ۾ سيڪو شيخ حضرت محبوب سبحاني جي تشريف جي خبر ڏيندو هو ۽ بشارت بيان ڪري ته حضرت شيخ عبد القادر جيلاني پنهنجي وقت جو قطب آهي. (تفريح الخاطر في مناقب عبد القادر ص ٢٣ تا ٢٨)

”پاڻ جنن ملڪن ۽ انسانن کي فيض ڏيندا هوا. سندن دربار مان روزگار اٿئي فيض ۾ پير پوري خلافت وٺي ارشاد عام لاءِ روانا ٿيندا هوا. ڪيترن چورن کي قطب بنايو اٿن ۽ ڪيترن ڪافرن کي اسلام جي دسترخوان کان مشرف ڪيو اٿن. سندن وعظ ۾ ستر هزار ماڻهو حاضر ٿيندا هوا، ان وقت چار سو ڄڻا ٤٠٠ سندن ڪلام مبارڪ لکڻ لاءِ تيار ٿي ويهندا هوا ۽ گهڻا ماڻهو ته حضور ۾ خدا عَزَّ جَلَّ جلاله کي واصل ٿي ويندا هوا انهن جا جنازا اٿي ويندا هوا. ڪين الله جَلَّ جَلَالُهٗ مريدن جي نالن کان مشرف فرمايو ۽ سندن منڪرن کي الله جَلَّ جَلَالُهٗ رحمت جي دروازه کان ٽاريو

”پاڻ ڪرامت کي پسند نه فرمائيندا هوا جيئن تفريح الخاطر جي ٢٥ مناقب جي ياري ۾ آهي حضرت محبوب سبحاني رحمة الله عليه جن فرمائيندا هوا ته جو شخص ڪرامتن کي حڪمت ۽ مصلحت کان سواءِ ظاهر ڪري ۽ لکائي نه ته اهو گو دنيا جو طالب آهي، ۽ جو شخص منهنجو مريد هجي يا منهنجي اولاد وغيره کان خلافت حاصل ڪري ۽ اهڙي ريتي تائين پهچي جنهن کان ڪرامتون صادر ٿين ۽ انهن ڪرامتن کان پنهنجو مطلب دنيوي ظاهر ڪري انهيءَ پنهنجي جهانن ۾ منهن ڪارو آهي“. ڪانٺ تمام گهڻيون ڪرامتون هر روز صادر ٿينديون هيون مگر پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش فرمائيندا هوا باوجود انهي سندن ڪرامتون حد تواتر کي پهتل آهن.

سندن مختصر ڪرامات

ڪرامت هڪ ڀيري حضرت غوث پاڪ رضي الله تعالىٰ عنه جي وقت ۾ بغداد شريف ۾ وبا جي بيماري ايتري قدر ٿي جو هزارين آدمي ڏهاڙي مرندا هئا، ماڻهن حضور

اچي عرض ڪيو پاڻ فرمايائون ته منهنجي مدرسي جي ڪناري وارو گاهه جيڪو گهوڙي
پيئندو ان کي شفا ٿيندي، ماڻهن گاهه کائڻ ۽ پيئڻ شروع ڪيو نيٺ گاهه کُٽي ويو، تڏهن
پاڻ فرمايائون ته جيڪو "منهنجي مدرسي جي پاڻيءَ جو هڪ ڍُڪ پيئندو ان کي الله جَلَّ
جَلَالُهُ ڪامل شفا بخشيندو". جڏهن ماڻهن پاڻي پيئڻ شروع ڪيو ته هنن بيماري
صفا ڇڏي ويئي ۽ حضرت جن جي وقت ۾ وري ڪنهن به بغداد ۾ اها بيماري نه ٿي.

ڪرامت هڪ شخص جو حضرت جن جو خادم هو مري ويو، انجي گهر وارن حضور ۾
روئندي آئي پاڻ فرمايائون ته "تون پنهنجي مڙس جي جيئري ٿيڻ لاءِ سوال
ڪرين ٿي جا؟" پوءِ مراقبو ڪيائون نيٺ ان روح کي عزرائيل کان کسي آيا اهو مرد
جيئرو ٿي پيو عزرائيل الهي دربار ۾ عرض ڪيو، الله جَلَّ جَلَالُهُ فرمايو ته "اي ملڪ
الموت، غوث الاعظم منهنجو محبوب ۽ دوست آهي". نيٺ ان ڏينهن عزرائيل
جيڪي به روح ڪڍيا هوا ڪا نه کسي ورتائون. لَا رَيْبَ فِيْهِ

ڪرامت هڪ عورت کي دعا ڪيائون ته توکي پٽ ڄمندو. اتفاق سان ان کي ڌيءُ ڄائي
مائي حضور ۾ ڌيءُ کڻي آئي حضرت جن جي تصرف سان اها ڌيءُ پٽ ٿي پيو.

سنڌن مختصر حالات علم ۽ عبادت ۽ اخلاق ۽ ارشاد

حضرت غوث الاعظم جي مدرسي ۾ (٦٥٠) ڇهه سو پنجاهه طالب العلم پڙهندا
هوا سڀني کي هر روز پاڻ سبق ڏيندا هوا، جي ڪنهن کي قلم نه هو ته پاڻ عطا ڪندا
هوا. جيڪڏهن ڪو مريد ٿيڻ لاءِ ايندو هو ته ان کي مريد ڪري پنهنجن هٿن مبارڪن
سان انگي شجرو لکي ڏيندا هوا، جي وضوءَ ڪندو هو ته وضوءَ جي بجاءِ غسل ڪري ٿي
فرمائيندا هوا. هڪ رات ڪين اسهالن جي بيماري ٿي ان رات ٻاويهه ڀيرا بيت الخلاءِ تشريف
فرمايائون، سڀ کهن ڀيري غسل ڪيائون. جيڪڏهن خادم سامان وٺڻ کان ٿڪجي
پوندا هوا ته پنهنجي سر بازار ۾ وڃي حويلي مبارڪ لاءِ سامان خريد ڪري پاڻ کڻي
ايندا هوا. ان ۾ سنڌن خالص خيال هو ته منهنجي جد امجد رسول الله صلي الله عليه
وسلم جن پڻ ائين ڪيو آهي. جيڪڏهن جماعت سان ڪنهن سفر تي ويندا هوا ته منزل
واري جاءِ تي پنهنجن هٿن مبارڪن سان پيهڻ ايجائيندا هوا. ۽ ماڻهن کي ماني وراهي

ڏيندا هوا. پاڻ گهڻو ڪري گوشت ۽ گيهه وارين چيزن استعمال نه ڪندا هوا. هڪ دفعه سخت بيمار ٿيا ته هنن کي بازار ۾ وڃي ڪا شيءِ وٺي ڏنائون. بهرحال الله تعاليٰ جَلّ جلاله ڪين حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جو ساڳيو اعليٰ خلق عطا فرمايو هو. سي ڪنهن نماز فرض ڪان پوءِ قرآن شريف جو ختمو پڙهندا هوا. پاڻ فرمائيندا هوا ته جڏهن سج اڀرندو آهي ته مونکي سلام ڪري ٿو. هر ڪو سال اچي مون وٽ سلام ڪري ٿو جيڪي انهيءَ سال ۾ اچڻو آهي سو بيان ڪري ٿو. اهڙي طرح مهينو ۽ اهڙيءَ طرح هفتو. مونکي قسم آهي رب جل جلاله جو ته سڀ چڱا ۽ مدا منهنجي اکيان پيش ٿا ٿين ۽ منهنجي اکين سامهون لوح محفوظ آهي. آءٌ الله تعاليٰ جلّ شانه جي علم ۾ ٻيون هڻندڙ آهيان. آئون رسول الله صلي الله عليه وسلم جو نائب آهيان. تفريح الخاطر ص ۳۵ ۽ ۹۱ مناقبات

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي مڪتوب ۱۲۳ ۾ حضرت محبوب سبحاني جي تعريف ڪئي آهي ۽ قرب ولايت جي مقام ملڻ بعد پاڻ کي سند ڏئي قائم مقام ۾ جاءِ نشين فرمايو اٿن ۽ نُوْرُ الْقَمَرِ مُسْتَفَادٌ مِنْ نُوْرِ الشَّمْسِ جو مثال ڏنو اٿن. عمدة المقامات صفحه ۱۴۰ ۾ حضرت مرشد قيوم جهان قدس سره انهي مڪتوب کي بيان ڪري آخر ۾ لکڻ فرمايو آهي ته "ولين سڀني ۾ محبوب سبحاني جو وجود مبارڪ شان عظيم آهي، جيڪا ڳالهه ظاهر آهي، الحمد لله جو هيءُ فقير (مصنف عمدة المقامات) اگرچه والد شريف جي طرف کان حضرت مجدد الف ثاني جو اولاد آهي پر حضرت والده شريفه پاران سندس غلامي جي نسبت ٿئي ٿي، جيئن ته منهنجي والد صاحب جي والده شريفه ۽ منهنجي ڏاڏي بزرگوار جي والده شريفه حضرت محبوب سبحاني جي اولاد مان آهن، انهيءَ سبب آءٌ وڏي اميد رکان ٿو.

اگرچه خود گلستان باغ و راغ نيم ہزار شکر که فارغ از آن دماغ نيم

تم کلامه الشريف. ـــــــ صاحب روضة القيوميه آندو آهي ته هڪ ڏينهن جنن ۽ انسانن جو اڳواڻ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره صبح جي مراقبي ۾ هوا ته اوچتو آسمان کان هڪ وڏو نور ظاهر ٿيو جنهن کان سارو جهان روشن ٿي ويو اهو نور ساعت بساعت وڌندو ويو ۽ روشن ٿيندو ويو، ان نور کان امت مرحومه جي پيرن ۽ پوين وليٰن سڀني روشني حاصل ڪئي. حضرت محبوب سبحاني محي الدين جيلاني قدس سره جن فڪر

ڪيو تہ هن مثال ۾ الله جَلَّ جَلَالُهٗ مونکي ڪهڙي صاحب ڪمال جو وجود باجود ڏيکاريو آهي، الهام ٿيو تہ هن نور جو صاحب، امت جي سيني پهرين ۽ پوين وليَن کان نرالو پيدا ٿيو آهي پنجن سون ورهن کان پوءِ ظهور فرمائي منهنجي پيغمبر صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جي دين جي تجديد ڪندو ۽ يعني تازگي ۽ نرالي ٿيندو جيڪو بہ اُن جي صحبت کان فيضياب ٿيندو اُهو سعادت مند هوندو ۽ ان جا فرزند ۽ خليفا درگاهه احديت جي صدر نشينن مان آهن انهيءَ واقعي جي ڏسڻ کان پوءِ حضرت غوث الاعظم محي الدين جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجو خاص خرقو لاٿو ۽ ان ۾ نسبت خاص وجهي پنهنجي وڏي خليفي کي امانتاً حوالي فرمائي هدايت فرمايائون تہ "هيءُ خرقو حفاظت سان رکيو وڃي ۽ هٿو هٿ وقتاً فوقتاً حوالي ٿيندو رهي جيستائين ان جو اصل وارث ظاهر ٿئي انجي حوالي ڪيو وڃي، جنهن شخص جو ان وقت وارو پيو اُهو اُن کان فائدو وٺي ۽ مريد سلوڪ سان مسلوڪ ٿئي ۽ انجي عزت ڪري ۽ پاڻ کان مٿي ڀانئي"۔ راقم الحروف قلمي نسخي ۾ هن طرح عبارة ڏٺي آهي۔

تا آنکہ شخص پيدا شود کہ پيروے از واخذ فيض کند و مريدانہ سلوک نمايد و از خود بالا انشاند الخ

يعني حضرت محبوب سبحاني فرمايو تہ جيستائين اهو شخص پيدا ٿئي جنهنجو مرشد پڻ ان کان فيض وٺي ۽ مريدانہ سلوڪ ڪري ۽ پاڻ کان مٿي ڀانئي انکي منهنجا سلام ڏجو ۽ هن خرقي کي تحفي طرح سندس آڏيان رکجو. پوءِ اهو خرقو امانتاً هلندو ٿي آيو ۽ حضرت شاهه ڪمال قادري جي پوٽي شاهه اسڪندر تجديد جي ٻئي سال ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي پهچائي ڏنو. صاحب روضة القيوميه قيوميت جي ٻئي سال ۾ تفصيل سان ان جو ذڪر آندو آهي. حضرت شاهه غلام علي محدث دهلوي[1] جي هڪ رسالي ۾ پڻ انهيءَ خرقه جي ثابتي ملي ٿي. اهڙيءَ طرح سلسلة الذهبيه "حدائق الورديه"[2] ۾ بہ اها ڳالهہ ثابت آهي، پر اصل جنهن مان گهڻو ڪري سڀ ڪتاب نقل آهن سو روضة القيوميه آهي جنهن جا حوالا علامه محمد مراد[3] گهڻين جاين تي آندا آهن

---

[1] رسالہ ايضاح الطريقه ص ١٢ ۾ انهي خرقه جي ثبوت جو اشارو حضرت شاهه غلام علي قدس سره فرمايو آهي۔

[2] (آنديل ص ٣٩ تان) هن ڪتاب جا صاحب [illegible] نقشبنديه مجدديه کان مشرف هوا۔

[3] ٺٽه [illegible] شهر [illegible] شاهه عبدالرحيم [illegible] حضرت شاهه غلام علي [illegible] ضياءالحق [illegible] خواجه عبدالرحيم [illegible]

حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي رحمة الله عليه

هن حضرت جا موچارا احوال "سير الاقطاب" "معارج الولايت" ۽ اخبار الاخيار ۽ سفينة الاولياء ۽ ٻين ٻين شمار ڪتابن ۾ سڀ ڪان زياده روشن سندن شان تي دلالت ڪندڙ موجود آهن، ياڻ علم ۽ عمل ذوق، حالت، حلاوت ۽ سماع جا صاحب هوا، اگرچه ظاهري ارادت فيض باطني جي سندن شيخ محمد بن شيخ عارف بن شيخ عبدالحق چشتي صابري کان ني هئي، مگر سندن نسبت اويسي ۽ سلسلو باطني حضرت شيخ احمد عبدالخالق سان مليل آهي ۽ ان جي روحانيت کان ڪماليت کي پهتا آهن. ڪتاب انوار العيون جنهن ۾ ست فن آهن پهرين فن ۾ پنهنجي مرشد شيخ احمد عبدالخالق جي تعريف، ڪرامات ۽ مقامات ۾ بيان ڪري ٿا، ——— صاحب معارج الولايت جو لکي ٿو ته شيخ عبدالقدوس مادرزاد ولي هوا، جيڪي ٻه زبان مان چوندا هوا اهڙي طرح ٿيندو هو، حلال گذران لاءِ کيتي جو ڪم ڪندا هوا، جنهن اُن اپندو هو ته اوّل درويشن ۾ ورهائيندا هوا ۽ ياڻ لاءِ گذر اوقات جيترو بچائيندا هوا. صاحب اخبار الاخيار جو آئي ٿو ته بوهه نالي هڪ هندو سندن حضور ۾ مسلمان ٿيو ان کي ولايت جي درجه سان نوازي يائون جو ٻن خليفن ۾ تو ڳڻجي. سندن خليفا ايترا ته هوا جي ڳاڻيٽي ۾ اچن، سندن اولاد گهڻو هو. شيخ رڪن الدين قدس سره مرد تبرڪ پنهنجي والد جو نمونو هو (خزينة الاصفياء) ج ١ ص ٤١٧ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سُنّت سان اهڙو وعشق هُين جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، سندن والد شريف جو نالو مبارڪ شيخ صفي الدين هو. ڪتاب تمام گهڻا تصنيف ڪيا اُن علم اصول ۽ فروع ۾ يڪتا هوا ۽ سندن شعر تمام سُٺو عمدة المقامات ۾ مثال لاءِ موجود آهي. عمدة المقامات موافق قول اخبار الاخيار ۽ سفينة الاولياء ۽ سير الاقطاب ۽ شجره چشتي جي سندن وفات سال ٩٤٥ھ ۾ ٿي، زيارتگاه سندن گنگوه ۾ آهي جو دهلي جي پسگردائي ۾ هڪ ڳوٺ آهي. قطعه تاريخ وفات از مفتي صاحب.

چو شيخ قدس واقدس عبد قدوس ∴ بملک قدس از حق يافت شاهي
ز مشتاق جان ٩٤٥ سالش عيان شد ∴ دگر مشتاق محبوب الٰهي
بگو قدوس شاهنشاه اقطاب ٩٤٥ ∴ اگر تاريخ ترحيلش ٩٤٥ بخواهي

صاحب روضة القيوميه جو اُني تونه حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهٗ النوراني جو والد بزرگوار حضرت خواجه عبدالاحد قدس سرهٗ جن حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي چشتي قدس سرهٗ جي حضور ۾ حاضر ٿي باطني فيض لاءِ عرض ڪيو، حضرت شيخ فرمايو ته اوهين ظاهري علم جي تحصيل کان فارغ ٿي پوءِ اچجو، حضرت مخدوم قدس سرهٗ عرض ڪيو ته جي اُن وقت تائين حضرت جن عالم حيات ۾ نه هجن ته پوءِ ڇا ڪريان؟ حضرت شيخ گنگوهي قدس سرهٗ جن پنهنجي فرزند جي طرف اشارو فرمايو ته جيڪڏهن آءٌ نه هوندس ته منهنجي فرزند جي خدمت ۾ اچج. حضرت مخدوم قدس سرهٗ جي دل ۾ خطرو پيدا ٿيو ته جيڪڏهن علم جي تحصيل تائين منهنجي حياتيءَ وفا نه ڪئي ته پوءِ آءٌ نااميد رهجي ويندس، حضرت شيخ عبدالقدوس قدس سرهٗ جو اهو خطرو نور باطن سان معلوم ڪري فرمايو ته اوهين پنهنجي دل ۾ ڪنهن به قسم جو خطرو نه ڪريو، ڇو ته جلدي علم جي تحصيل کان فارغ ٿيو، اوهين باطني سلوڪ حاصل ڪندا، مونکي اوهانجي پيشانيءَ ۾ هڪ نور ڏيکاري ٿو ڏسجي ۽ ڪشف سان معلوم ٿو ٿئي ته سگهوئي توکي هڪ فرزند عطا ٿيندو جنهنجي نور سان سارو جهان اوڀر کان اولهه تائين روشن ٿيندو ۽ ان جي وسيلي بدعت ۽ گمراهي جي اونداهي ميٽبي ۽ ان جو طريقو سڀني جهان ۾ ڦهلجي ويندو ۽ ان جي اولاد ۽ خليفن جي وسيلي سان قيامت جي قائم ٿيڻ تائين ڪمالات باطني قائم رهندا، جيڪڏهن آءٌ ان وقت تائين جيئرو رهيس ته سندس قرب الاهي لاءِ وسيلو ٿيندس.

شيخ سليم بن بهاءالدين چشتي قدس سرهٗ [1]

هيءَ حضرت وقت جي وليئن ۾ اعليٰ پايو رکندڙ ۽ وڏو بزرگ، چشتي خاندان جو موج زن دريا پيرشو، وقت جي عارفن ۽ ڪاملن جو سينگار، زاهدن ۽ عابدن جو سردار غوث الدنيا والدين، هندستان ۾ سندن نالو مبارڪ شيخ سليم ۽ عرب ۾ شيخ الهند ۽ قائم مقام شيخ فريد الدين آهي قدس الله سره الاقدس.

---

[1] شيخ سليم بن بهاؤالدين چشتي فاروقي قدس سرهٗ ولادت ٨٨٤ھ، وفات ٩٧٩ھ، سندن مزار پُر انوار فتح پور سيڪري ۾ زيارتگاه آهي

قطعه تاريخ ولادت: شيخ زينت شد از خرد روشن ؛ طرفه توليد آن شهِ دوران

تاريخ وفات: باز سال وصال او جستم ؛ پير محمود قوت الاسلام ٩٧٩ — خزينة الاصفياج ١ ص ٤٣٥

سندن نسب مبارڪ حضرت خواجه فريد الدين گنج شڪر قدس سره سان ٿو ٻڌجي. حضرت گنج شڪر جو نسب حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنه سان مليل آهي. حضرت شيخ سليم چشتي ظاهري علم شيخ مجدالدين قدس سره کان حاصل فرمايو. ٿوري عرصه ۾ وقت جي سڀني عالمن کان بلند درجي تي پهتو. پاڻ حج شريف تمام گهڻا ڪيا، اتي ۽ گهڻي مدت روضهٔ حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جا پڻ مجاور ٿيا آهن. عرب و عجم جو سير ڪيائون. ڪيترن ڪاملن جون صحبتون اختيار ڪيائون. سير جي وچ ۾ شيخ ابراهيم چشتي قدس سره جا مريد ٿيا ۽ خلافت جو خرقو ورتائون. ٻيو پاڻ عرب ۾ ڪيترا اماٺو پنهنجي صحبت مبارڪ کان مشرف ڪيائون، جهڙوڪ حضرت الولي شيخ محمود شامي، شيخ رجب علي جو روضه حضرت رسول انور صلي الله عليه جو مجاور هو ۽ ٻين به ڪيترن عرب جي سادات کي خلافت کان مشرف ڪري انهن کي ارشاد ڏيڻ جي اجازت جو گوهر عطا ڪيائون. وري هندستان ۾ سيڪري جبل تي گوشه نشين ٿي رياضت ۽ عبادت ۾ گهڻو وقت گذاريائون. سندن ڪرامتون بي حد بي شمار آهن. ڪتاب سير الاقطاب ۽ اخبار الاخيار ۽ معارج الولايت ۽ تاريخ فرشته وغيره ۾ سندن چڱي طرح حالات ڄاڻايل آهي سندن تمام گهڻا خليفا فيض ظاهري ۽ باطني جا صاحب هوا، جن مان ڪي هت لکجن ٿا. شيخ فتح الله سنبلي، شيخ ڪمال الدين، شيخ پيارا نانڊوي، شيخ محمد مرزالي، شيخ محمد بخاري، شيخ سيد جيو دهلوي، شيخ ڪبير نارنگپوري، شيخ محمد غوري، شيخ حسين بدايوني، شيخ حماد گواليري، شيخ يعقوب ڪشميري، شيخ رڪن الدين، شيخ حاجي حسين، شيخ سيد حسين، شيخ عبدالواحد ساڪن آگره، شيخ جلال حافظ امام، شيخ امام صوفي سرهندي ۽ ٻيا.

حضرت شيخ سليم قدس سره کي ٻه فرزند هوا، شيخ بدر الدين ۽ شيخ احمد قدس سرهما، پنهنجي مسند تي حياتي ۾ شيخ بدرالدين کي ويهاريائون ۽ فرمايائون ته "حضرت شيخ فريد الدين گنج شڪر قدس سره پڻ پنهنجي فرزند بدرالدين کي مسند تي ويهاريو هو، مون پڻ انهي پيروي ڪئي آهي". سندن ڪشف صحيح ۽ سالم هو جنهن ته پاڻ پنهنجي رهڻ ورهه اڳ خبر ڏني هوائون ته فلاڻي جبل تي عمارت عالي ٺهندي آهي گهرجي ته اوهين به اتي جايون نه ڪريو. ماڻهن ٿنهن جي دٻ کان احتراز تي ڪيو آخر ٿيو به اهڙي

طرح جٽين فرمايو هوائون. حضرت شيخ سليم قدس سره ڪڏهن ڪڏهن سرهند شريف کان ٻاهر الي ڏانهن شيخ زين الدين چشتي قدس سره جي مزار پُر انوار تي ويندا هوا. ٻاهر الي سرهند شريف کان هڪ فرسنگ پنڌ تي آهي. حضرت شيخ قدس سره جي وفات تاريخ ٢٩ ماه رمضان المبارڪ سال ٩٧٩ه جي ٿي. سندن زيارتگاه فتحپور ۾ آهي. شيخ زينت مان سندن ولادت جو سال معلوم ٿئي ٿو (خزينة الاصفياءِ ملتقطا) جلد اول ص ٤٣٥ –
٨٨٤

صاحب روضة القيوميه جي آندو آهي ته حضرت سليم چشتي قدس سره هڪ ڏينهن مراقبي ۾ استغراق ۾ هوا ۽ ڏٺائون ته سرهند شريف جي زمين مان هڪ نور پيدا ٿيو آهي جنهن جي روشنائي کان زمين ۽ آسمان پر ٿي ويا آهن. حضرت سليم قدس سره جن عجب ۾ رهيا ۽ حيران ٿي ويا، مناجات ڪيائون ته الاهي هي نور ڪهڙو ۽ ڪنهنجو آهي، غيب کان الهام ٿيو ته هي اُن خدا جي پياري جو نور آهي جو هن زمين ۾ پيدا ٿيڻ وارو آهي، امت جي وليّن کان زور پلو آهي. انجي هٿان تمام مخلوق الاهي فيض باطني کان فائدو وٺندي ۽ شريعت جا احڪام نئين سر تازگي وٺندا ——— راقم الحروف هڪ نسخي ۾ "سليم بدخشي" ڏٺو آهي. مگر جڏهن ته هندستان ۾ رهندڙ ۽ سرهند ايندڙ حضرت سليم چشتي آهي ۽ اهو ڪتابن ۾ پڻ چشتي جو لفظ لکيل آهي، يقين آهي ته بدخشي ڪاتب جي سهو هوندي، خصوصاً هندستان جي بزرگن مقامات سليم چشتي ۾ اهو ساڳيو مڪاشفو ڏٺو آهي" والله اعلم بالصواب".

شيخ نظام[1] نارنولي قدس سره

هي حضرت چشتي گهراڻي جو سرتاج ۽ هڪ ايت ڏيڻ ۾ سراج هو، هندستان جي ملڪ جو وڏو مشهور ولي هو، شيخ نظام شيخ خانو چشتيءَ جو مريد آهي، جو گواليار ۾ رهندو هو، وقت جي وڏن مشائخن مان آهي، شيخ نظام قدس سره چاليهن ورهن تائين طالبن جي ارشاد ۾ مشغول هو ۽ گهڻي خلق سندن صحبت کان وڏي درجه کي پهتي ۽ خلافت کان مشرف ٿي جهيڙ

---

[1] شيخ نظام نارنولي جي وفات سنه ٩٩٩ه ۾ ٿي آهي. مادهٔ وفات "محب اوليا مهتاب جنت" آهي
قطعه تاريخ وفات
نظام از دار دنيا چون سفر کرد ⁘ خدا بخشيد بر وي باب جنت
عيان شد سن وصال انتقالش ⁘ محب اوليا مهتاب جنت
٩ ٩ ٩ه (خزينة الاصفياء ج ١ ص ٤٢٥)

پاءِ پيادا ناري نول کان حضرت خواجه قطب الدين اويسي قدس سره ڏانهن وڃڻ ۾ ڏوڪڙ گهٽي ڄڻ ٻه سان وڃڻ اهوا. سندن وفات[1] سال ٧٩٩ھ ۾ ٿي ۽ زيارتگاه ناري نول ۾ آهي (سفينة الاولياء ص ١٩٣) (خزينة الاصفياء ج ٢ ص ٤٣٥)

صاحب روضة القيوميه جي آندو آهي ته جڏهن هندستان جو بادشاه دين اسلام کان ڦري ويو ۽ اسلام کي تمام گهڻو ضعف پهتو تڏهن مائهن حضرت شيخ نظام نارنولي قدس سره جي خدمت ۾ وڃي دعا گهري، جڏهن ته حضرت شيخ نظام قدس سره وقت جي ڪاملن مان هو، پاڻ گهڻي دير تائين توجه فرمائي انهن مائهن کي دلاسو ڏنائون ۽ فرمايائون ته عنقريب هڪ مرد خدا اچو پيدا ٿيندو جو، امت جي سيني وليئن کان وڌيڪ آهي، انجي برڪت ۽ توجه سان ڪفر ۽ بدعت جي اونداهين وقت آهي سا دور ٿي ويندي. سنت محمدي صلي الله عليه وسلم جو نور چمڪندو ۽ اسلام ۾ رونق ظاهر ٿيندي. شريعت ۽ طريقت انجي ڪري رونق ۽ قوت حاصل ٿيندي. انجي وجود جي نور کان سارو جهان مشرق کان مغرب تائين روشن ٿيندو. انجي فيض جو طريقو قيامت تائين قائم رهندو. بادشاه جو اسلام ڏي اچڻ ۽ مريد ٿيڻ ۽ دين کي قوت ملڻ، انجو بيان تفصيل وار روضة القيوميه ۾ آهي.

شيخ عبدالله[2] علاؤالدين سهروردي هي حضرت دين جي بزرگن مان وڏو برجستو ولي ٿي گذريو آهي. سندن رهڻ ڪشمير ۾ ٿيندو هو. اصل وطن سندن لاري آهي. بابا نصيب الدين جي خليفي جامر يد آهن. خلافت پڻ اُتان هوندو تائون ذڪر، شڪر، رضا ۽ تسليم ۾ بي نظير هوا. ڪشمير جا سوين هندو ونن اچي مسلمان ٿيا، هزارها خلق خدا جي سندن حق پرست دست کان ظاهري باطني ڪمالات حاصل ڪري خلافت جو خرقو ورتو. مٽو ڪوه، پٽيون ۾ مسجد ٻون ٺهرايائون. سندن عمر مبارڪ تمام وڏي هئي جا ٻن سون ورهين کان زياده معلوم ٿئي ٿي. تاريخ اعظم

---

[1] هي صاحب سفينة الاولياء جي ذڪر ڪيو آهي، خزينة الاصفياء ۾ سال وفات ٩٩٩ لکيو آهي

[2] تاريخ وفات جو ماده جمال الغيب، گنج بخش عبدالله آهي مزار ٻرانوار ڪشمير ۾ آهي

قطعه تاريخ وفات رفت رحلت چو سوئي جنت بست ۽ ازجهان گنج بخش عبدالله

ارتحالش بگو جمال الغيب ۽ هم بخوان گنج بخش عبدالله خزينة الاصفياء ج ٢ ص ١١٣

۾ اسرار الابرار جي قول موجب سال ١١٠٧ھ ۾ وفات ڪيائون. سندن زيارتگاهه ڪشمير ۾ آهي. هيءَ بزرگ معلوم ٿئي ٿو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کان پوءِ پڻ ڪيترا ورهه حيات رهيو آهي.

صاحب روضة القيوميه جي آندل آهي ته جڏهن بادشاهه هند جي ظلم، ڪفر ۽ بدعت جو غلبو حد نهايت تائين پهتو ۽ هندستان جا مسلمان پريشاني جي ڪوهه ۾ اونڌا ڪري پيا هوا ڇو ته بادشاهي حڪم سان ڪوتوال روز هزارن مسلمانن کي زور سان پڪڙي وٺندا هوا. جبر ۽ ڏهڪاءَ سان بادشاهه کي سجدو ڪرائيندا هوا. جنهن سجدي کان انڪار ٿي ڪيو ان کي قتل ٿي ڪيائون. انهيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ سڀ مسلمان گڏ ٿي وقت جي پيشواءِ مقتدا حضرت شيخ علاؤالدين عبدالله سهروردي قدس سره جي حضور ۾ حاضر ٿيا ۽ دعاءِ امداد باطني لاءِ التجاء ڪيائون. حضرت شيخ قدس سره باطن ڏانهن متوجه ٿيو ۽ ماڻهن کي خوشخبري ڏنائين ته فڪر نه ڪريو مونکي الله جل جلاله کان خبر ملي آهي ته عنقريب هڪ شخص پيدا ٿيڻ وارو آهي جو، امت جي مٿي اوليائن اڳين پوين کان زور ڀريو آهي. انجي توجه کان دنيا جو ڪک فرحت سان ٽٻجي ويندو ۽ دين اسلام کي رونق تازي ٿيندي. جهان ۾ تازگي ٿي ويندي. انجي هدايت ۽ ارشاد جي نور کان زمين ۽ آسمان روشن ٿي ويندا ۽ اهو نور قيامت تائين منور رهندو.

مير سيد جلال الحق والدين الملقب به مخدوم جهانيان قدس سره[1] هيءَ حضرت جهان وارن جي پناهه، پنهنجي وقت جو قطب عاليجاهه خدائي اسرارن جو مظهر ۽ والي، ونس ڪٿي جن ۽ انسانن سوالي هوا، پاڪ صحيح النسب سيد ۽ شيخ جلال الدين شريف الله سرخ بخاري اُچوي جا پوٽا آهن، سندن والد ماجد جو نالو سيد احمد ڪبير بن سيد جلال الدين سرخ آهي. سيد صدرالدين راجو قتال

---

[1] حضرت مخدوم جهانيان قدس سره جي ولادت ٧٠٧ھ وفات اربع ڏينهن عيد الضحيٰ ٧٨٥ھ مدت عمر ٧٨ سال آهي. زيارتگاهه اچ ۾ آهي. اخبار الاخيار ص١٤٣، سفينة الاولياء ص١٤١ خزينة الاصفياء مادهٔ ولادت هن طرح لکيو آهي - آفتاب جلال والاجاه ٧٠٧: سال توليد او بخوان دبين ۽ مادهٔ وفات هي بيان ڪيو آهي - متقي وسليم وصلش بخو: نيزدان آفتاب اهل يقين والله اعلم بالصواب خزينة الاصفيا ص٣٨ ج٢ ٧٩٥ھ ٦٩٠

سندن سڳو ڀاءُ آهي، پاڻ مادرزاد ولي آهن. صاحب اخبار الاخيار جو آکڻ آهي ته
مخدوم جهانيان پنهنجي والد سيد احمد ڪبير جو مريد آهي، تنهن کان پوءِ پنهنجي
چاچي شيخ صدرالدين کان خلافت جو خرقو ورتائون. تنهن کان پوءِ حضرت شيخ
رڪن الدين ابوالفتح ملتاني قدس سره کان مريد ٿي خرقو خلافت جو ورتائون
۽ حرم محترم مديني منوره ۾ ٽولي ۽ خرقو خلافت جو شيخ الاسلام سند المحدثين
شيخ عفيف الدين بن عبدالله مطري کان حاصل ڪيائون. بيت الله ۾ هڪ ڊس مليَن
جنهن موجب حضرت شيخ نصير الدين محمود چراغ دهلوي قدس سره کان پڻ
خلافت جو خرقو اچي ورتائون. مطلب ته پاڻ چوڏهن خانوادن جا خليفا آهن.
۽ پيرا ساري جهان جو سير فرمايو اٿن. سون فقيرن ۽ مشائخن جي خدمت
کان مشرف ٿي خلافت جا خرقا حاصل ڪيا اٿن. سيني ۾ سلسله عاليه قادريه سان
گهڻي محبت رکندا هوا. حضرت مير سيد جهانگير سمناني قدس سره لطائف
اشرفي ۾ آندو آهي ته مون اڪثر وقت جي بزرگن جي خدمت ڪئي آهي. مگر جيڪي
قدر حقيقتون ۽ معرفتون، ڪشف ۽ ڪرامات حضرت مخدوم جهانيان قدس سره
کان صادر ٿيا اٿين، پوين وليتن سڳورن کان ظاهر نه ٿيا آهن" الخ

سندن ڪرامات جو ڇيهه ۽ شمار ڪونهي، صاحب انوار اعظميه و
انيس القادريه جو آکڻ آهي ته هڪ ڏينهن حضرت مخدوم جهانيان قدس سره
پنهنجي خانقاه تشريف ٿي رکي، اوچتو گاهه جي ڪريءَ کي ڏاڍي باهه لڳي ۽ نهايت جي
اُثار پائين. حضرت مخدوم جهانيان قدس سره جن هڪ مٺ خاڪ جي کڻي ڏاڍي
آواز سان " يا شيخ عبدالقادر محي الدين جيلاني" پڙهي مٿي تي شوڪاري باهه ڏانهن
اڇلايائون، گهڙيءَ ۾ باهه وسامي وئي. سلطان فيروز حضرت مخدوم قدس سره
جو سچو مريد هو، باقي ان جو وزير خانِ جهان منڪر هو. آخرڪار امت جي وسيلي
سان مريد ٿيو. صاحب اخبار الاخيار جو آکڻ آهي ته مخدوم جهانيان جو لقب ڪبير
حضرت شيخ الاسلام بهاؤالدين ملتاني جي روضه منوره مان مليو ۽ صاحب خزانه
جلالي جو آکڻ آهي ته حضرت شيخ رڪن الدين ابوالفتح ملتاني کان اِهو لقب مليو اٿن. حضرت
مخدوم جهانيان قدس سره جن تمام گهڻا حج پڙهيا آهن جن مان ڇهه اڪبري هوا

هڪ ڏينهن روضهٔ مطهرهٔ حضرت رسالت پناه صلى الله عليه وآله واصحابه وسلم جي سامهون بيهي "السلام عليكم ياجد امجدي" فرمايائون روضي منوره مان جواب آيو "وعليك السلام ياولدي وقرة عيني" يعني جڏهن حضرت مخدوم قدس سره چيو ته منهنجا ڏاڏا سڳورا توهان تي سلام آهي. حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته توتي سلام اي منهنجا فرزند ۽ منهنجي اکين جا ٺار. مدينه شريف جا ماڻهون اِها حالت ڏسي تمام معتقد ٿيا. سڳي اهڙي ڪرامت سندن ڏاڏي بزرگوار شيخ جلال الدين سرخ شريف الله بخاري کان پڻ صادر ٿي هئي.

سندن عمر مبارڪ ٨٧ ورهه هئي. وفات سال ١٠٨٧هه، ڪن جي قول موجب ١٠٨٨هه تاريخ ١٤ شعبان جي ۽ ڪن جي قول موجب ١٠ ذي الحج عيد جي ڏينهن ٿي، نگاه اُنَ ۾ مشهور معروف آهي تاريخ وفات جو مادو هن طرح آهي حامد و مهدي و شيخ آمد[ف1]

صاحب روضة القيوميه، دار الارشاد سرهند شريف جي عمارت جي ذڪر ۾ ٿو آڻي ته هن وقت جنهن جاءِ تي سرهند شريف جي آبادي آهي، اتي هڪ وحشتناڪ جهنگل هو، جنهن ۾ شينهن ۽ اهڙي قسم جا بيا جانور رهندا هوا، ان جو نالو سهرند مشهور هو انهيءَ سبب کان جو هندي ٻولي ۾ شينهن کي سِنگهه آهي ۽ رند جهنگل کي چوندا آهن، يعني شينهن جو جهنگل، انهيءَ نالي سان شهر جو نالو سهرند رکيو ويو ۽ بادشاهي سڪي ۾ پڻ اهڙي طرح نالو استعمال ۾ هو. انهيءَ نالي کي هن عجيب پڻ مناسبت پوري آهي جو حضرت مجدد الف ثاني ۽ سندن صاحبزادا شيرخدا ۽ جاهن شهر ۾ الله جَلَّ جَلَالُهُ پيدا ڪيا. هن شهر جي ويجهو هڪ ڳوٺ بروس نالي سان مشهور هو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه ڀي ظاهر ڪيو ويو هو ته اتي نبين سڳورن على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جيون قبرون سڳوريون آهن، انهيءَ سبب پڻ هيءَ شهر سيني شهرن کان اعلىٰ ۽ اعظم آهي، ۽ انهي فضيلت جي سبب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه هن شهر ۾ پيدا ڪيو ويو، جو سندن رهنمائي نبين سڳورن سان ٿيا هئي.

ف1 حامد، مهدي، شيخ جو عدد (١٠٨٤)، ٿو ٿئي، جاٽ گهر جي ته مخدوم قدس سره جي سال وفات ۾ اختلاف آهي مگر گهڻن جو اتفاق ١٠٨٥هه جي قول تي آهي جهڙي طرح سندن مزار شريف جي دروازي تي تڪيل تاريخ مان معلوم ٿو ٿئي ــ تاريڪ گشت جملہ جهان بي جهان شاه :: تاريخ بود هفت صد هشتاد و پنج سال ٢٥

سلطان فيروز شاهه جي وقت ۾ پنجاب جو خزانو دهلي ڏانهن رجا بادشاهه جي رهڻ جي جاءِ هُئي، ڪِڍِي ٿي ويا. جڏهن خزانو جهنگل سهرند ۾ پهتو تڏهن خزانو کڻندڙ جي همراهن مان هڪ مرد خدا اجو، عزيز الوجود صاحب حال جو هو، انهيءَ ڪشف سان معلوم ڪيو ته هجرت پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم کان هزار ورهه گذرڻ تي هن جاءِ تي هڪ مرد پيدا ٿيندو جو وحيد يعني يگانو اُمت رسول الله صلي الله عليه وسلم جو ٿيندو، خزاني جا سڀ همراهه اُن بزرگ ۾ ويساهه رکندا هوا. ان بزرگ سڀني کي فرمايو ته هن جاءِ تي هڪ شهر آباد ڪرڻ گهرجي. سڀني اِها ڳالهه پسند ڪئي ۽ شهر جي آباد ڪرڻ جي تجويز ڪيائون. ان جهنگل جي چوڌاري پسگردائي ۾ ڪو شهر ڪونه هو. هڪ شهر سامانو نالي اٺ فرسنگ جي پنڌ تي هو انهيءَ علائقي جي سڀ رعيت ساماڻي مان پنهنجو ضروري ڪم لاهي ايندي هئي. خزاني جي ماڻهن ان بزرگ کي التجا ڪئي ته وڏي شهر جي بنياد رکڻ جو ڪم بادشاهي مدد کان سواءِ ٿي نه سگهندو. بادشاهه حضرت مخدوم جهانيان قدس سره جي سفارش سان اِهو ڪم ضرور ڪندو. انهيءَ خدمت ۾ اهو عرض ڪجي. پوءِ سڀني حضرت مخدوم جهانيان قدس سره جي خدمت ۾ گڏجي اِهو عرض ڪيو ۽ بزرگ وارو ڪشف پڻ سندن خدمت ۾ بيان ڪيائون. حضرت مخدوم جهانيان قدس سره انهن جو عرض قبول ڪري وطن کان دهلي ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن حضرت جن دهلي ۾ پهتا تڏهن بادشاهه پنهنجي مرشد جو استقبال ڪيو ۽ تمام اعزاز ۽ اڪرام سان شهر ۾ وٺي آيو. حضرت سيد مخدوم جهانيان قدس سره جن پهرئين مجلس ۾ ماڻهن جي اِها التجا آڏو پيش ڪئي. بادشاهه پنهنجي مرشد جو حڪم مڃيو ۽ شهر اڏائڻ جو حڪم صادر ڪيو ان وقت اهو ڪم خواجه فتح الله جو حضرت امام رفيع الدين جو ڏاڏو ۽ منصب وزارت تي مقرر هو" حوالي ڪيو ويو.

حضرت امام رفيع الدين قدس سره حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو ڇهين پشت ۾ ڏاڏو بزرگوار آهي. سندس حالات عجيب ۽ مقامات غريب وڏن ڪتابن، جهڙوڪ "عمدة المقامات"، "حضرات القدس"، "روضة القيوميه" ۾ ثابت آهن.

خواجه فتح الله قدس سره جن ٻن هزار سوارن سان ان جاءِ تي پهتو ۽ جهنگل ۾ هڪ مناسب ۽ متاهين جاءِ تي شهر جو بنياد رکيو. تعمير شروع ٿي. هر روز حڪايت

ناهين اهوا اها ٻئي ڏينهن تي ڪري پوندي هئي. اها حالت ڏسي حضرت خواجه فتح الله قدس سره حيران ٿي ويا ۽ بادشاه سان ڏسي احوال ڪيائون. بادشاه، حضرت مخدوم جهانيان قدس سره کي التجا ڪري ان جو علاج گهريو. حضرت امام فتح الدين قدس سره جو، مسجد جو امام ۽ مخدوم صاحب جو نائب ٿو هو ۽ خليفو اعظم هو ۽ اڪثر شهر سنام ۾ رهندو هو. مخدوم جهانيان قدس سره کين حڪم ڏنو ته انهي جاءِ تي پهچي احوال معلوم ڪري قلعه جو بنياد شروع ڪرايو. انهي شهر جي قطبيت ۽ ولايت سندن حوالي ڪيائون ۽ فرمايائون ته مونکي ڪشف جي رستي معلوم ٿيو آهي ته جو امت محمديه جو وحيد يعني ولين کان برگزيده انهي جاءِ تي پيدا ٿيڻ وارو آهي، اهو بزرگ اوهان جي نسبت مان پيدا ٿيندو.

حضرت شيخ شرف الدين بوعلي قلندر پاني پتي قدس سره[1]

هئي حضرت وقت جي ولين ۾ نامدار، ٻه مجذوب باوقار ۽ مشائخ صاحب الاسرار، اهل هشت بهشت طريقي جو فخر، پورن ڪشفن جو روشن گهر، عشق الهي جو سمندر، نالو مبارڪ سندن شيخ شرف الدين ڪنيت بوعلي ۽ مشرب جي پاران قلندر آهي قدس سره. سندن نسب حضرت امام اعظم ابوحنيفه ڪوفي رحمة الله عليه سان ٿو ملي. جئين ته شيخ شرف الدين بوعلي قلندر بن سالار فخر الدين بن سالار حسن بن سالار عزيز بن ابابڪر غازي بن فارس بن عبد الرحمٰن بن عبد الرحيم بن محمد بن دانڪ بن امام محبوب سبحاني برگزيده ايزد رحماني حضرت نعمان ابوحنيفه ڪوفي بن ثابت بن نعمان رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين.

سندن فيض جي نسبت حضرت خواجه قطب الدين بختيار اوشي سان آهي قدس الله اسرارهم. بعضي سندن نسبت فيض جي شيخ نظام الدين بن ابولي ڏانهن ٿا ڪن.

حضرت بوعلي قلندر قدس سره جن تمام گهڻا ڪتاب لکيا آهن جن سڀني ۾ عشق، عوارف، حقائق، توحيد، ترڪ خواهشات ۽ محبت مولىٰ جل جلاله جو ذڪر آهي. سندن مڪتوبات جنهن ۾ اختيار الدين جي نالي خط لکيا اٿن، سو علم توحيد جو هڪ ذوق ۽ جامع ڪتاب آهي، پيو پڙهو سالو مشهور آهي جنهن کي شيخ شرف الدين

---

[1] جاءِ ولادت پاني پت، تاريخ وفات مختلف تو ان موجب ١٠، ١٢، ١٣، ماه رمضان المبارڪ ٧٢٤هه مزار شريف پاني پت ضلع ڪرنال. تحفة الابرار ج ٢ ص ٩٣. ياد ۾ نيز شد سال رحلتش پيدا، زيب عالم قلندر مسعود ٧٢٤ هه تاريخ

جو حڪم نامو ٿا چون ان کان سواءِ سندن ٺهيل مختصر مثنوي آهي جا توحيد ۽ معرفت جي رمزن جي ڪالڻ آهي، پيا شعر ۽ رُباعيون ۽ غزل پڻ سندن نالي مبارڪ سان مشهور آهن پاڻ اصل ۾ هندستان پاڻي پت جا آهن. سندن والد سالار فخر الدين ۽ والده ملڪه بي بي حافظه جلال جا مقبرا شريف پاڻي پت جي ٻاهران اترطرف آهن. سندن خليفاءِ مريد گهڻا هوا. دهلي جا بادشاهه علاؤالدين ۽ جلال الدين پڻ سندن مريد هوا، هڪ ڏينهن پاڻ شينهن جي شڪل ۾ ٻيٺا هوا ان تي شيخ شمس الدين ترڪ پاڻي پتي هڪ مريد هٿان چوائي موڪليس ته "شينهن جو رهڻ جهنگل ۾ ٿيندو آهي نه شهرن ۾". آخر پوءِ پاڻي پت شهر جي ٻاهران رهيا آهن، اها جاءِ شهر جي اُتر ندي طرف ٻاگهوڻي جي نالي سان مشهور آهي، ٻاگهوڻي معنىٰ شينهن جي جاءِ، اها جاءِ هاڻي تائين خلق الله جي زيارتگاهه آهي. پوءِ اتان ڪرنال ضلع جي هڪ ڳوٺ ٻڌي اڪيلائي ۾ اچي رهيا.

— صاحب اخبار الاخيار جو لکي ٿو ته هڪ دفعه مستي ۽ جذب جي حالت ۾ سندن شهپر ڏاڙهي وڌائي ڇڏيا، ڪنهن کي توفيق نه هئي جو ڪين ڪجهه چئي سگهي، نيٺ مولانا ضياء الدين سنائي جوشِ شريعت ۾ ڪينچي کڻي هڪ هٿ ۾ سندن ڏاڙهي مبارڪ وٺي شهپر ڪتري ڇڏيا، لڪن ٿا ته انهيءَ کان پوءِ حضرت شيخ شرف الدين بوعلي قلندر قدس سره جن پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ کي چميندا هوا ۽ چوندا هوا ته هيءَ ڏاڙهي ڪهڙي نه سڀاڳي ڏاڙهي آهي جو وات شرع محمدي صلي الله عليه وسلم جي ۾ ٻڌجي وئي.

— مبارڪ نالي سندن هڪ مريد هو، اهو جيڪو ڪين عرض ڪندو هو سو پاڻ قبول ڪندا هوا، جنهن ڪري ٻين ماڻهن جي مشڪلات سندس سفارش سان حل ٿينديون هيون.

— حضرت بوعلي قلندر قدس سره جي وفات سير الاقطاب ۽ تذڪرة العاشقين جي قول موجب تاريخ ١٣ رمضان شريف سنه ٧٢٤ هه ۾ ٿي ۽ سندن مزار پر انوار پاڻي پت ۾ آهي، ماده سال وفات جو "زيب عالم قلندر مسعود" آهي (خزينة الاصفياءِ ص ٣٢٦)

— صاحب روضة القيوميه جي آندل آهي ته جڏهن حضرت امام ربيع الدين رحمة الله عليه ان جاءِ تي پهتو ۽ ڪربلا پٽيون اچي ڏنائين، تڏهن توجه باطني سان معلوم ڪيائين ته هڪ عزيز الوجود بزرگ کي حڪومت جا ماڻهو زور سان مزور بنائي ورتي ٿا آپ اهو بزرگ رات جو پنهنجي توجه سان پٽيون ڏاهي ڇڏيندو هو، ان بزرگ جي توجه جي

ڪيفيت ڪان معلوم ڪيائون ته اهو شاهه شرف الدين بوعلي قلندر آهي. حضرت امام رفيع الدين قدس سره جن شاهه صاحب جي خدمت ۾ عرض پيش ڪيو ۽ معافي گهري تڏهن شاهه بوعلي قلندر فرمايو ته توهان جي نسبت مان هڪ مرد هن شهر ۾ پيدا ٿيندو انهي خاطر مونکي الله جَلَّ جَلَالُهُ شهر جي اڏاوت لاءِ مقرر ڪيو آهي، تنهن تي حضرت امام رفيع الدين فرمايو ته جيڪڏهن ائين ضرور آهي تڏهن اوهين پنهنجو جوتا ڪيرايو. شاهه بوعلي قلندر فرمايو ته گوتو هاڻي گهرائڻ جي خاطر ائين ٿي ڪيم ها ڇو اوهين آيا آهيو. فراغت خاطر جمعيت سان قلعي جو بنياد رکايو. پوءِ ٻنهي هڪ سر ڪنڍي جنهن جو هڪ پاسو هڪڙي جي هٿ ۾ ۽ ٻيو پاسو ٻئي جي هٿ ۾ هيو ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ چئي الهندي در واري ڪان قلعي جو بنياد رکيائون. قلعه ۽ شهر جي تعمير حضرت امام قدس سره پوري ڪرائي. سبحان الله! ڪهڙو نه شان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جو آهي جو حق تعاليٰ جَلَّ جلاله حضرت شاهه شرف الدين بوعلي قلندر جهڙن مقبولن کي انهي شهر جي معمارن ۾ مقرر ڪيو.

نت — معلوم هجي ته شهر سرهند شريف جو لاهور ۽ دهلي جي وچ ۾ آهي پوءِ سلطان فيروز شاهه حضرت امام رفيع الدين قدس سره کي گهٽيون ڏيهون آباد ڪرائي سرهند شريف جي حڪمراني ۾ شامل ڪري ڏنيون ۽ حقيقت ۾ باطن جي حڪمراني الله جَلَّ جَلَالُهُ کين عطا فرمائي پاڻ ان جاءِ جا قطب هوا.

نت — حضرت امام رفيع الدين جي مزار شريف سرهند شريف ۾ آهي، جنهن جي شهر ۽ آسپاس جا ماڻهو اتان اڄ تائين فيضياب ٿين ٿا ۽ جو مطلب دل ۾ هوندو اٿن ان کي خيال ۾ آڻي هڪڙي سر اتان ڪٽي اچي پوءِ گهر ۾ سانڍي رکندا آهن. جنهن مطلب حاصل ٿيندو اٿن تڏهن ان سر کي مٺائي سان گڏ سندن روح پر فتوح کي ختمو ڏياريندا آهن. حضرت امام رفيع الدين قدس سره جنهن قبرستان ۾ آهن ان لاءِ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره خداوند تعاليٰ کان سوال گهريو ته ڪيس بخشي ڇڏي، الهام ٿيو ته تنهنجي خاطر قيامت جي ڏينهن تائين هن مقام تان عذاب لاٿو ويو. اهڙي طرح هڪ دفعو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي قبله گاهه حضرت مخدوم شيخ عبدالاحد قدس سره

جي روضي منوره جي زيارت لاءِ تشريف فرمائي ها. ڪين خاطر مبارڪ ۾ خيال آيو ته جيڪڏهن ڪو عالم ڪنهن مقبره ۾ دفن ٿئي ٿو ته الله جَلَّ جَلالُهٗ انهيءَ عذاب ۾ ٻه ڏينهن تائين هٽائي ڇڏي ٿو. انهيءَ خيال ڪري شرط خدا تعالىٰ جَلَّ جَلالهٗ جي طرف کان حڪم ٿيو ته مون تنهنجي قدمن جي برڪت سان قيامت تائين هن ساري قبرستان جو عذاب کڻي ڇڏيو. بدين خوبي و رعنائي تو از هر دو ڪه باز آئي ؞ دل ے باشد ڪه از رحمت بروئے خلق بکشائي

بهرحال حضرت سرهند شريف جا سڀ مقام حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي برڪت سان دوزخ جي عذاب کان ڇُٽل آهن. سرهند شريف جو شان چڱيءَ طرح روضة القيوميه ۽ ٻين ڪتابن ۾ آهي ۽ حضرت قيوم جهان قدس سرهٗ عمدة المقامات ۾ ذڪر ولادت حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه کان پوءِ هي بيت آندو آهي: سرهند مگو ڪه رشڪ طور است ؞ خار و خس او همه ز نور است

يعني سرهند شريف کي سرهند نه چئو ڇو ته اهو شهر مبارڪ اهڙو آهي جو جنهن تي طور سينا جبل پڻ رشڪ ٿو ڪري، پوءِ ڇو نه نالو انجو رشڪ طور رکجي، جنهن جا ڪک ۽ ڪنا سڀ نور مان آهن.

حضرت مخدوم شيخ شاهه ڪمال قادري ڪيتلي قدس سره

هيءَ حضرت مظهر انوار الٰهي ۽ مورد برڪات لامتناهي قادري طريقي جي شمع پرانوار، محبت جي وات ۾ جامع الاسرار، مقامات ۽ ڪرامات ۾ بي نظير، سندن صحبت ڪيترائي روشن ٿيا ضمير قدس الله سره الاقدس ―――― حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي والد بزرگوار مخدوم الزماديه شيخ المشائخ حضرت خواجه عبد الاحد قدس سرهٗ جن شاهه ڪمال قدس سره جي صحبت کان گهڻا فائدا ورتا ۽ نهين بزرگن جي پاڻ ۾ ايتري قدر محبت هئي جو حضرت شاهه ڪمال قدس سرهٗ عيال ۽ اطفال سوڌو حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن وٽ سرهند شريف ۾ گهڻو وقت گذاري ڪتيل ۾ انهن موٽي ويندا هئا. شاهه ڪمال قدس سرهٗ اگرچه اويسي هو مگر ظاهري طرح شيخ افضل[1] قدس سرهٗ کان نسبت باطني ورتائون. سندن فيض جو شجره نون واسطن سان حضرت

---

[1] خزينة الاصفياء (ج ١ ص ١٦٠) ۾ شيخ افضل جي بجاءِ شاهه فضيل لکيل آهي. حضرت شاهه فضيل قدس سره جي مزار شريف ننڍي ٻگ مکڙ جي تڪري تي آهي، حضرت عبد الله شاهه ملقب به صحابي جي مزار شريف جي ويجهو واهنڊ ۾ سرهند ۾ آهي.

شيخ الجن والانس شاه عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه سان ٿو ملي. جيئن ته شيخ افضل مريد شيخ گدا رحمٰن ثاني کان اهو سيد شمس الدين عارف کان اهو سيد گدا رحمٰن اول کان اهو سيد شمس الدين صحرائي کان اهو سيد عقيل کان اهو سيد برهان الدين کان اهو سيد عبدالوهاب کان اهو سيد شرف الدين کان اهو سيد عبدالرزاق کان اهو پنهنجي والد ماجد محبوب الطرفين غوث الثقلين کان. قدس الله تعالىٰ اسرارهم

حضرت شاه ڪمال قدس سره گهڻو ڪري محبت جي غلبي ۾ جهنگ ۽ بر ۾ پيا گهمندا هوا جڏهن کين ڪاٺ جو احتياج ٿيندو هو تڏهن اوچتو اچي شهر پيدا ٿيندا هوا ۽ شهر جا ماڻهو کين تمام عزت سان پنهنجي گهر وٺي ويندا هوا ۽ سندن مهمانيون ڪندا هوا ۽ ڪاٺ پيڙ مان خوش ٿي رات جو "أَبِيتُ بِبَيْتِ رَبِّيْ" جي مصداق انهي جاءِ ۾ آرام فرمائيندا هوا. صبح جو جڏهن جاڳندا هوا تڏهن ان شهر جو نه نالو نه نشان لهندا هوا ـــــ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن فرمائيندا هوا ته ڪشف سان معلوم ٿو ٿئي ته حضرت غوث الثقلين محي الدين جيلاني قدس سره کان پوءِ قادري طريقي ۾ سندن جهڙو بزرگ ڪو ورلي ڏسڻ ۾ ٿو اچي حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جو اهو مڪاشفه سندن شان عالي تي دلالت ٿو ڪري.

سندن عمر مبارڪ ٨٠ ورهين کان زياده هئي، تاريخ ١٩ جمادي الاخرىٰ سنه ٩٨١ھ جي وفات فرمايائون. سرهند شريف جي ويجهو ڪيٿل شهر ۾ سندن زيارتگاهه آهي رحمة الله عليه رحمةً واسعةً (عمدة المقامات ص ١١٣)

واقعه صاحب روضة القيوميه سندن واقعات جي بيان ۾ فرمائي ٿو ته حضرت امام الاولياء مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي والد بزرگوار حضرت خواجه عبدالاحد جن هڪ رات نماز تهجد کان پوءِ مراقبه ۾ ڏٺائون ته سارو ملڪ اونده ۾ ٿي ويو آهي، باندر، رڇ ۽ سوئر ٻڪرن جي ويا آهن ۽ ماڻهن کي هلاڪ ڪري پيا ڪن. انهيءَ تشويشناڪ ۽ پريشان حالت ۾ سندن سيني مبارڪ مان جهان کي روشن ڪندڙ هڪ نور ظاهر ٿيو جنهن کان دنيا جو انڌارو هميشه جي لاءِ سوجهرو ٿي پيو ان مان هڪ وڏ نڪتي جنهن ذريعه سڀ باندر، رڇ ۽ سوئر جن ماڻهن کي هلاڪ ٿي ڪيو، سڀ ئي خاڪ ٿي ويا ۽ پڻ انهيءَ مان هڪ تخت ظاهر ٿيو جنهن تي

هڪ نوراني شخص تيڪ ڏيون ويٺو هو ۽ ان نوراني ماڻهون سندس چوڌاري ادب سان ويٺا هئا ۽ دنيا جا ظالم ۽ جابر بادشاهه سيئي ملحدن ۽ زنديق سندس حڪم موجب ٻڌل آهن ۽ انهي حضور ۾ آڻي بيٺا ۽ انگي تي ڪناٺون، هڪ پڪاريندڙ پڪاري ٿي چيو "قُلْ جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا"

يعني چئو تون حق آيو ۽ باطل ويو، تحقيق باطل آهي پاڻ مال ٿيندڙ.

تعبير

حضرت مخدوم قدس سره جن وقت جي باڪمال شخصيت حضرت شاهه ڪمال قادري جي خدمت ۾ مراقبي وارو احوال پيش ڪيو ۽ تعبير پڇيو. حضرت شاهه ڪمال قدس سره باطني توجهه کان پوءِ حضرت مخدوم قدس سره کي فرمايو ته ڪشف مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته اوهان کي هڪ فرزند عطا ٿيندو جنهن جي نوراني وجود مبارڪ کان بدعت جو انڌارو ۽ سنت محمدي صلى الله عليه وسلم جي نور ۾ ميچي ويندو ۽ انهو ظاهر ٿيو جيستائين جهان هوندو تيستائين قائم رهندو. اهو فرزند اُمت محمدي صلى الله عليه وسلم جي سيني ولين کان پلو هوندو ". هنن خوشخبرين کان سواءِ ٻين بزرگن پڻ خوشخبريون ڏنيون هيون، ڪن خواب ڏسي تعبير پڇيا هئا، جهڙي طرح سيد صدر جهان قدس سره هڪ خواب ڏٺو جنهن جو احوال اچي حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي جي خاص خليفي حضرت شيخ جلال جي خدمت ۾ پيش ڪيو. حضرت شيخ جلال پڻ ڪشف جي نظر سان حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي پيدا ٿيڻ ۽ انهي عالي مرتبي جي بشارت ڏني.

خان اعظم قدس سره هڪ خواب ڏٺو جنهن جو تعبير دانن محققن جواب عجيب ڏنو، اهڙي طرح شيخ سلطان قدس سره خواب ڏٺو اُن وقت سڄوري ان خواب جو تعبير پڇيو، تعبير ڪندڙن چيو ته تون اُنجو ماڻٽ پڻ ٿيندين جڏهن ته اُهو حضرت جن جو صحبت وٺندو. اهڙي طرح خواجه عبدالرحمٰن قدس سره کي جنن جي جماعت مان

واقعه

هڪ صالح جنن ان بزرگ کي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي پيدا ٿيڻ جي خبر ڏني ۽ پڻ جڏهن بادشاهه ڪافر ٿيو ته ڏهن خان اعظم جو باشاهه جو مقرب هوان کي تمام ارمان ٿيو ته هيءَ آفت اسان تان ڪڏهن لهندي نجومين کي گهرايائين ۽ ڪيفيت پڇيائين ته دين اسلام ڪڏهن رونق وارو ٿيندو نجومين

چاليهن ڏينهن جي مهلت گهري انهيءَ مدي گذرڻ بعد بيان ڪيائون ته اسان چڱي طرح غور ڪرڻ بعد اوضاع فلڪي کان ائين معلوم ڪيو آهي ته جلد هڪ مرد خدا جَلّ جلاله پيدا ٿيندو جنهن جهڙو اُمت ۾ اڄ تائين پيدا نه ٿيو آهي ۽ آئنده به پڻ اهڙو ڪونه ٿيندو انهيءَ توجهه جي برڪت سان دين اسلام تازگي وٺندو ۽ ڪفر گهٽجي ويندو، ملحد ماڻهون فنا ٿي ويندا بدعت ۽ گمراهي پاڙ کان پٽي ڇڏيندو، انهيءَ طرح بيقو حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم جي اصحاب وانگر هوندو، اڳين مشائخن جا مذهب جهڙوڪ، وحدة وجود، سرود سڻڻ ۽ ٻيا ڪم مخالف شريعت جا، ڪري ڇڏيندو. هزار سال کان پوءِ دين اسلام کي رونق وٺائيندو. سڀني نجومين ۾ هڪ شخص زياده رمل ۽ نجوم جو واقف هو ان بيان ڪيو ته ٽن ڏينهن کان اهڙو تارو نڪتو آهي جو آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي مبعوث ٿيڻ کان پوءِ اڄ تائين نه نڪتو آهي، جيڪڏهن آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ کان اڳ اهو تارو نڪري ها ته هن هڪ نبيءَ اولوالعزم صاحبِ شرع جي پيدا ٿيڻ جو دليل وٺجي ها، جڏهن حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کان پوءِ ٻيو نبيءَ پيدا ٿيڻو نا آهي تنهن ڪري انهيءَ تاري جي هيءَ خاصيت معلوم ٿي ٿئي ته هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيندو جو دين جي رواج ڏيڻ جي خاصيت ۾ نائب آنحضرت صلي الله عليه وسلم جو ٿيندو ۽ اولوالعزم نبيءَ جي قائم مقام ٿي باطل مذهب ۽ طريقن جي پاڙ پٽيندو، اهڙي طرح گفتگو گهڻو هلايائين. خان اعظم قدس سره گهڻو معتقد ٿيو، نيٺ تجديد ۽ قيوميت جي ٻئي سال ۾ خدمت شريف کان مشرف ٿيو، گذريل هر هڪ احوال جي خبر تفصيل وار روضة القيوميه ۾ آهي. هاڻي هيٺئين عبارت تي پيشگوئين کي ختم ٿو ڪريان، جا عبارت صاحب روضة القيوميه جي پيشگوئن واري بيان جي منڍ ۾ آندي آهي.

ـــ داؤد قيصري فصوص حِڪَمُ جو شارح مقدمه قيصري جي ٻئي فصل ۾ ڪي ٿو ته هر هڪ اسم ۽ تارن جو ڦيرو هزار سال سان لاڳو آهي ۽ اولوالعزم نبين جي شريعتن جو مُدو به هزار سال جو آهي. هن امت ۾ به هزار سال کان پوءِ هڪ شخص پيدا ٿيندو جو دين جي تجديد ڪندو ۽ اولوالعزم نبين جو قائم مقام ٿيندو.

ـــ راقم الحروف:- مونکي جا توفيق جو سبب احوال حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني

قدس سرہٗ جا بيان ڪري سگهان. زياده پيشگوئن جا احوال ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڏسڻ گهرجن پاڻ قائم مقام اولو العزم نبي جا هئا جنهن جو بيان اڳتي ايندو ۽ سندن مڪتوب شريف بجنسه شائقين جي اڳيان رکبو. اھ

ذکر ولادت باسعادت مرشد لاثاني حضرت مجدد الف ثاني قدس سرہٗ

صاحب روضة القيوميه جي آندل آهي ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي والد شريف کي سير جو نهايت شوق رهندو هو. خواجه هاشم، صاحب زبدة المقامات جو نقل ڪيو فرمايائون ته هڪ دفعي حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي والد شريف حضرت مخدوم صاحب قدس سره کي دهلي کان پنجويه ڪوهه پري سڪندره شهر ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ اتي رهي حديث جي علم جا ڪتاب اتاهون جي عالمن کان پڙهڻ لڳا، سندن طبعي صلاحيت ڏسي ماڻهن جي سائڻ خاص محبت ٿي وئي جي سندن تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هوا، اتي هڪ نيڪ بخت صحيح النسب خاتون رئيسه رهندي هئي ان خدا جي پياري خواب ۾ ڏٺو ته حضرت مخدوم قدس سره جي سيني مبارڪ مان هڪ نور نڪتو آهي، جنهن کان زمين ۽ آسمان نوراني ٿي ويو آهي انهيءَ روشني مان هڪ تخت ظاهر ٿيو جنهن تي هڪ آدمي ٽيڪ ڏيو ويٺو آهي ۽ چوڌاري امت جا سمورا اولياء هٿ ٻڌي بيٺا آهن. هڪ پڪار ڪندڙ پيو پڪاري ته هن تخت جو وهندڙ شيخ عبدالاحد جو فرزند آهي جنهن جي الله جل وعلا امت جي سيني وليت تي فضيلت رکي آهي، صبح ٿيو ته هن بي بي صاحبه قدس سرها پنهنجي گهر وارن کي انهيءَ خواب بيان ڪيو. بي بي صاحبه جي گهر وارن فرمايو ته افسوس، جيڪڏهن مونکي نياڻي هجي ها ته حضرت شيخ عبدالاحد قدس سره جي نڪاح ۾ آڻيان ها ۽ پنهنجي خاندان کي انهيءَ فخر جو حصيدار ڪيان ها. بي بي صاحبه قدس سرها فرمايو ته منهنجي صلحياڻي ۽ نيڪ سيرت ۽ صورت ڀيڻ آهي بهتر آهي ته انجو نڪاح خواجه عبدالاحد (قدس سره) سان ڪجي جئين هيءَ فخر اسانجي هٿان نه نڪري وڃي. بي بي صاحبه جي خاندان اهاڳالهه پسند ڪئي ۽ سارو حال حضرت مخدوم صاحب جي حضور ۾ پيش ڪيائين، پهريائين

حضرت مخدوم صاحب قدس سره عن ۾ انڪار ڪيو، مگر جڏهن ته ٻي ٻي صاحبه ان جي
خاوند جي طرف کان عاجزي نيازي ۾ حد کان زياده خواهش ڏنائون تڏهن انهن
جي دل ۾ رغبت ڪرڻ فرمايائون ۽ نڪاح قبول ڪيائون پوءِ نڪاح ڪري حضرت جن سرهند
شريف ڏانهن تشريف فرمائيا. هيءَ اها ٻي ٻي صاحبه زهرا صفت آهي جنهن جي بطن حوري
توطن کان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه، موافق بشارت رباني
جي ولادت باسعادت کان سڄو عالم نوراني ٿيو. جڏهن بادشاهه هند جو ظلم ۽
ايذاءُ مسلمانن تي حد کان وڌي ويو ۽ سڄي جهان تي ڪفر ۽ گمراهي غالب ٿي ويئي،
ايتري حد تائين جو مسلمانن کي ڪلمه طيبه لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صلی الله
تعالیٰ عليه وسلم، جي پڙهڻ ۽ دين کي ظاهر ڪرڻ جي طاقت نه رهي. بازارن ۽
گهٽين ۾ بادشاهه جي صورت جا پُتلا رکيا ويا هئا ۽ ماڻهن کي انهن جي اڳيان جهڪڻ
۽ سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو. ماڻهون سجدو ڪرڻ لڳا جو نه جنهن انڪار
ٿي ڪيو ان کي قتل ٿي ڪيائون. زمين ۽ آسمان پروردگار عالم جي درگاهه ۾ روئڻ زاري
ڪرڻ شروع ڪيو ته اي خداوند اجل جلاله تنهنجي مخلوق تنهنجو ڏنل رزق ٿي کائي
۽ تو کان سواءِ ٻئي اڳيان سجدي لاءِ سر ٿي جهڪائي." درگاهه باري عز اسمه کان زمين
آسمان کي خطاب ٿيو ته "آئون عنقريب پنهنجو ٻانهون موڪلڻ وارو آهيان جنهن جي
وجود جي برڪت کان هي سڀ انڌاهه روشنائي سان مٽجي ويندو ۽ انهي هدايت ۽
ارشاد کي ڏينهن قيامت تائين قائم رکندس." جيئن ته فضل فضال حقيقي سان ڏهين
ماهه محرم الحرام رات جمع جي حضرت مجدد الف ثاني قدس سره علوق مطهر والد
ماجد جي پٺ مان والده ماجده قدس سرها جي بطن حوري توطن ۾ قرار ورتو.
ساري مخلوقات هڪ ٻئي کي مبارڪ بادي ڏني ۽ مڙني حيوانن هڪ ٻئي کي بشارت ڏني
ته هاڻي اهو وقت مبارڪ اچي پهتو آهي جو هن ملت مان بدعت ۽ گمراهي جي اونداهي
ان حمل واري جي برڪت سان نور ۽ سنت مُصطفوي صلی الله عليه وسلم جي روشني
سان مٽجي ويندي. ——— حضرت اقدس جي ولادت باسعادت جمع جي اڌرات
گذرڻ کان پوءِ شوال جي ١٤ تاريخ سنه ٩٧١ھ ۾ واقع ٿي. انهي ماهه ڪامل مڪرمت جي
اُفق کان اُڀرڻ فرمايو ۽ مجدد الف ثاني ٿي عالم ۽ اهل عالم کي پنهنجي هدايت ۽ ارشاد جي

نور کان منوّر ٿيو هي برا وج سپهر کمال طالع شد ؛ که کس نه ديد چنان ماه در هزاران سال

۔ حضرت جن جي ولادت جي تاريخ جو مادو خاشع آهي. شمسي حساب سان سج ان وقت حمل جي گهر کان مشرف هو جو سيني منزلن کان اُها منزل اعلیٰ آهي ۽ اهل شام جي نزديک بهار بن اوّل جي پهرين تاريخ هُئي. الهام ۽ حضرت رسول کريم صلی الله عليه وسلم جن جي بشارت موجب سندن کنيت ابوالبرکات ۽ لقب بدرالدين ۽ اسم شريف سڳيو رسول انور صلی الله عليه وسلم جو احمد مقرر ٿيو.

۔ جنهن رات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضی الله تعالیٰ عنه جن تولّد ٿيا ان رات حضرت ام المريدين صاحبه رضي الله تعالیٰ عنها والده ماجده حضرت جن جي ۽ حضرت مخدوم عبدالاحد "حضرت جن جي والد بزرگوار" ۽ حضرت شيخ عبدالعزيز چشتي خليفه شيخ عبدالقدوس گنگوهي ۽ شيخ ابوالحسن چشتي ۽ ٻين کيترن ولين سڳورن قدس الله اسرارهم کيترا واقعا ۽ سچا خواب ڏٺا، هر هک خواب سندن شان عالي تي دلالت ٿو ڪري. کن جو مختصر احوال روضة القيوميه تان لکان ٿو.

پهريون واقعه حضرت مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي والده قدسيه رضی الله تعالیٰ عنها جن زمانئي ٿيون ته جڏهن منهنجو فرزند ارجمند شيخ احمد پيدا ٿيو هڪ ڏينهن آئون مستغرق الحال هيس ڏٺم ته کل اولياء امت جا منهنجي گهر ۾ اچي گڏ ٿيا آهن انهن مان هک چيو ته دوستو! شيخ احمد جي زيارت ڪريو. الله جلّ جلاله پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پهرين ۽ پوين ولين جون ڪماليتون هن ۾ گڏ ڪيون آهن ۽ ڪيس پنهنجو خزينة الرحمة ڪيو اٿس ۽ حکم ڏنو اٿس ته جيکو انهي ۽ مرد جي زيارت ڪندو آئون انجا گناه بخشي ڇڏيندس ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي پنهنجي خاص مقرّبن ۾ جاءِ ڏيندس".

ٻيو واقعه حضرت مخدوم عبدالاحد قدس سره جن نقل ڪري فرمائن ته مون پنهنجي فرزند سعادتمند شيخ احمد جي پيدائش ڏينهن ڏٺو ته آنحضرت صلی الله عليه وسلم جن منهنجي گهر رونق افروز ٿيا آهن. سيني نبين ۽ رسولن ۽ ملائکن جي ساڻس همرکاب هوا. حضرت جن صلی الله عليه وسلم کي مبارک ڏني آنحضرت صلی الله عليه وسلم جن تمام گهڻي خوشيءَ سان نينگر کي هنج ۾ وٺي پوسڳي کن ۾

بانگ ۽ ڪي ڪن ۾ تڪبير ڏناڻون ۽ فرمايائون ته منهنجو هيءُ فرزند منهنجي سيني ڪمالات جو وارث ۽ قائم مقام ٿي منهنجي اُمت جي ديني دنيوي ڪارخاني کي هٿ سان ڪلهو ڏيندو هاڻي مونکي اُمت جي طرف کان دلجاءِ آهي. مون عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم، حضور جو اُمت جي طرف کان خاطر جمعي جو سبب ڇا آهي؟ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو ته هن وقت تائين آئون پنهنجن مٿري اصحاب سميت اُمت جي طرف متوجه هوس. گذريل هزار سال ۾ جيتري قدر ولي گذريا آهن مون هڪ ۾ پڻ طاقت نه ڏٺي جو ان کي ساري اُمت جا ديني دنيوي ڪارخانا حوالي ڪري درگاه الاهي ۾ خلوت اختيار ڪيان. منهنجي هن فرزند کي اها طاقت مليل آهي. هاڻي سڀ ڪم انهي حوالي ڪري فارغ ٿي خلوت حقه کي اختيار ڪندس.

راقم الحروف:- حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کان حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي نيڻ اها بشارت ملي ته تون منهنجي امت جو نگهبان رهج حضرت مخدوم قدس سره جو واقعو سچو ٿيو جئين ته پاڻ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن مڪتوب ٩٩ جلد ٽئين ۾ عروة الوثقیٰ خواجه محمد معصوم قدس سره جي نالي هيءَ عبارت آندي آهي.

وآن فرد را از برائے حراست ومحافظتِ امت ازان مقام بعالم باز گردانيده

خود در خلوتخانہ غيب الغيب با محبوب خلوت داشتہ.

علامه محمد مراد مڪي درر المڪنونات معرب مڪتوبات ۾ فارسي کي عربي جو لباس هن طرح ڏنو آهي. وارجع ذالك الفرد من ذالك المقام الی العالم لحراسة امتهٖ اختلی بنفسه الکريمة مع المحبوب في حجرة غيب الغيب

هنيئاً لارباب النعيم نعيمها ⁂ وللعاشق المسڪين ما يتجرع

ريادہ تحقيقات "عطية الوهاب الفاصلة بين الخطاء والصواب" ۾ چڱي طرح ڏنل آهي. حضرت شاہ عبد العزيز محدث دهلوي فتاوي جي خاتمه ۾ پڻ اها تقريب لکي آهي

ٽيون واقعه حضرت مخدوم صاحب قدس سره جن ٿي فرمايو ته منهنجي فرزند حضرت شيخ احمد قدس سره جي ولادت جي ڏينهن نبين ۽ رسولن ۽ وليّن جي ارواحن ۽ ملڪن مقربن سرهند جي چوڌاري ايتري قدر هجوم ڪيو هو جو شهر ۽ شهر جي پسگردائي پرجي

ويئي هئي. سندس انهيءَ نوراني جهنڊي اڪثر هواجن جي ورتناتي کان اکين ۾ ترورائي ٿيا هڪ مَلَڪَ سڳوري بلند آواز سان ٿي چيو ته الله جَلَّ جَلَالُهُ انبياءِ عليهم السلام جا ڪمالات وراثتءَ وليّن ڪاملن جاري ڪيا سي حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه جي فرزند شيخ احمد کي عنايت فرمايا آهن امت جا سڀ اولياءُ ۽ برگزيده ان جي تابعداري ڪندا جو ته پاڻ انهن سڀني وليّن کان نرور ڀلا آهن.

بملک اولياء چون او نزاده ⁘ محمدؐ تحفه چون او نداده

چوٿون واقعه

حضرت مخدوم قدس سره جي پيرن مان شيخ عبدالعزيز خليفه حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي قدس سره جو حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني قدس سره النوراني جي ولادت باسعادت جي وقت سرهند شريف ۾ موجود هو. فرمائي ٿو ته ان ڏينهن مون هيءَ عجيب ڪيفيت ڏٺي ته مَلَڪَن جون فوجون آسمان کان ڪعبه مطهره ۾ لهن پيون ۽ اتان هون وري سرهند شريف جي سامهون ٿي پيون اچن. هزار نوراني جهنڊا ڪعبه ٿي لاهي رکيا اٿن جن تي هڪ پڪارڻ پيو پڪاري ته "اي انسانو اڄ رات هند جي ملڪ ۾ هڪ مرد خدا پيدا ٿيو آهي جو خدا وند جلّ جلاله انهي وسيلي سان دين ۽ اسلام کي عزت بخشيندو. بدعت ۽ گمراهي کي پاڙ کان اکيڙي ڇڏيندو ۽ سنّت سنيه مصطفويه کي جيئرو ڪندو. ته سو اهو امت جي سڀني وليّن کان نرور ڀلو آهي.

چندين هزار صنع خداے بکار رفت ⁘ تا بوالعجب مثل تو مخلوق خلق شد

پنجون واقعه

ان وقت ۾ هڪ بزرگ عزيز الوجود شيخ ابوالحسن چشتي قدس سره نالي هو. اهو پڻ حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني قدس سره جي ولادت جي رات سرهند شريف ۾ موجود هو. ان کان منقول آهي ته ان رات مون هيءُ واقعه ڏٺو ته شهر ۾ امّت جا سڀئي ولي گڏ ٿيا آهن ۽ هڪ منبر رکيو ويو آهي جنهن تي هڪ بزرگ چڙهي چوي ٿو ته اي انسانو! توهان کي مبارڪ هجي اڄ رات هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو آهي جنهن جي روح کي آنحضرت صلي الله عليه وسلم هزار سالن تائين پنهنجي مهرباني جي هنج ۾ نپايو آهي ۽ جي ڪمالات اڄ تائين سڀني وليّن سڳورن کي فردًا فردًا مليا آهن سي ان هڪڙي کي ئي عطا ڪري پنهنجي تمام ڪمالات جو مظهر بنايو آهي.

(آنڪي سن ١٠٣٤ کان) ٢٨ جمادي الاولى ١٠٣٤ [illegible] ... سندن مزار شريف ملتان واري قلعي [illegible] آهي
[illegible]
[illegible]

ہزار سال جو باغ یقین پہ ہو جائے — تو پھول آپ سا ہمت کی شاخ پر آئے
قرن بھی گذریں مگر تجھ سا خوشنما پیدا — زمانہ گذرے جو تجھ سا عزیز مل جائے

ڇهون واقعه

حضرت اقدس جي ولادت جي ڏينهن کان عقيقه جي ڏينهن تائين ست ڏينهن سمورا سرود ڍول، نقارا، طنبورا، چنگ ۽ رباب وغيره الحان جو ميناج ۽ شراب جي لذت بالڪل نه آئي ۽ بي اثر رهي. عياشن جي مجلس جو عيش ڦڪو ٿي پيو تنهن ڪري ان وقت جي عياشن انهي ڪم کان توبه ڪئي. جن کان سندن توبه جو سبب پڇيو ويو. جواب ڏنائون ته اسين انهن ڪمن کي عذاب جو سبب ڄاڻندا هوا سون مگر نفس جي لذت لاءِ ڪندا هئاسون. جڏهن ميناج ۽ نفس جي لذت ڪانه رهي تڏهن گناهه بي لذت ٿي رهي آخرة جي عذاب کي ڇالاءِ خريد ڪريون انهيءَ سبب توبه ڪئي اٿئون.

ستون واقعه

حضرت اقدس جي ولادت باسعادت جي ڏينهن سماع ۽ سرود مان لذت حاصل ڪندڙ ۽ حال ۾ ايندڙ وليُن ۽ فقيرن جي اها ڪيفيت بند ٿي وئي. انهيءَ سبب ٻي لذت سرود ۽ راڳ به بند ٿي ويا. صاحبن حال جي حيران ٿي انهيءَ جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ توجهه ڪيو ته ڪشف ٿين ته هڪ مرد مولوي (ڪامل) پيدا ڪيو ويو آهي جو شرع شريف جي مخالف ڪمن کي پاڙ کان پٽيندو ۽ انجي وجود جي برڪت سان ڪل بدعتون ميٽجي وينديون. سنت نبوي رونق وٺندي. بدعتي ڪم سڀ بند ٿي ويندا ۽ سنت جي واٽ ظاهر ٿيندي.

اٺون واقعه

حضرت اقدس امام رباني هيڪل نوراني مجدد الف ثاني قدس سره جي ولادت جي ڏينهن بادشاهه هند جو تخت اونڌو ٿي پيو ڪيترائي پيرا نوڪرن سڌو ڪيو مگر تخت اونڌو ٿيندو رهيو. بادشاهه خواب ۾ ڏٺو ته اتر جي طرف کان اهڙي تکي هواءِ گهلي آهي جو آئون تخت سوڌو اونڌو ٿي پيو آهيان (سرهند شريف تخت گاهه سلطاني (دهلي) جي اتر طرف هو) انهي خواب جي هيبت کان بادشاهه بيمار ٿي پيو ۽ سندس زبان ستن ڏينهن تائين بند رهي. ڪامورن جي صلاح سان سندس علاج لاءِ حاذق حڪيم گڏ ٿيا. ستن ڏينهن تائين حيران رهيا. جڏهن هفتو گذري ويو تڏهن بادشاهه جي زبان کلي. چوڻ لڳو ته مونکي ڪو به مرض ڪونهي هيبتناڪ خواب منهنجو هي حال

ڪيو آهي. عقل وارن معلوم ڪيو ته غيب کان ڪا مُهلڪ بلا بادشاه تي نازل ٿيڻي آهي جنهن
کان بادشاه جو باطل ۽ ڪفر جون رسمون ترڪ ٿي وينديون. خان اعظم ۽ سيد
صدر جهان وغيره جهڙن ڪامورن پڻ انهيءَ مهيني ۾ جي واقعات ۽ بشارتون ڏٺيون
هيون. جنهن ڪري حيران هوا ۽ تعبير دانن ۽ نجومين کان تعبير پڇندا هوا ۽ خبرون معلوم
ڪندا هوا. هن کان سواءِ بادشاه گهڻا پيرا خواب ۾ پنهنجو تخت اونڌو ٿيل ڏٺو هو. زماني
جي اولياءُن سڳورن ۽ تعبير دانن کان پڇيائين ته سڀني حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد
الف ثاني قدس سره جن جي وجود مسعود جي خبر ڏني، انهيءَ سبب کان بادشاه جي دل تي
اڳئين کان زياده رعب ويٺو.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم
جي سنت موافق توهر يل لوليل ٿيا. ٻارڙائي حالت ۾ ڪڏهن اگهاڙا نه ٿيا ۽ ڪڏهن به سندن
بدن مبارڪ يا لباس انور تي نجاست ڪانه رهي. رات ڏينهن رجي ڪيرنه ملندا هين ته ڪڏهن
نرر ٿيندا هوا. هر وقت خنده پيشاني سان رهندا هوا جو به سندن ديدار کان مشرف ٿيندو
هو سو ڪين خوشي سان ڪشنده رهو ۽ خوش دل ٿيندو هو. سندن وڏن پڻ سنت نبوي
صلي الله عليه وسلم سان لڳو هو. ڏينهن ۾ ايترو ٿي وڌيا جو هوندا ٻيا ٻار هڪ مهيني ۾ وڌن
۽ مهيني ۾ ايترو ٿي وڌيا جو هوندا ٻيا ٻار ورهين ۾ وڌن. سندن ولادت وقت ڪعبة الله
شريف سندن والده ماجده کي مبارڪ باد ڏني جنهن جو احوال مخدوم محمد ابراهيمؒ
منٿي شريف واري پنهنجي رسالي ۾ به لکيو آهي. جو به اهل الله کين ڏسندو هو سو
حضور اقدس لاءِ وڏيون وڏيون بشارتون ڏيندو هو. جيئن هڪ پيري کين ٻارڙائي جي
بيماري ٿي، ان وقت اتفاق سان حضرت شاه ڪمال قادري موجود هو. جناب حضرت
مخدوم صاحبؒ علاج روحاني لاءِ حضرت اقدس امام رباني قدس سره کي کڻي حضرت
شاه صاحب قدس سره جي خدمت ۾ آندو. شاه صاحب حضور اقدس امام رباني قدس سره
کي ڏسي تعظيم لاءِ اُٿي بيٺو. حضرت مخدوم صاحب کي انهي غير معمولي تعظيم تي عجب ٿيو
عرض ڪيائين ته حضرت جن ڪنهن جي تعظيم لاءِ اٿيا آهن. حضرت شاه ڪمال قادري قدس سره
فرمايو ته آءٌ هن صاحبزادي جي تعظيم لاءِ اُٿيو آهيان. هي نينگر ساري امت جي ولين
کان افضل آهي عنقريب هي روشن سج ٿيندو ۽ پنهنجي ارشاد جي نور کان ساري جهان کي ايندي.

ڪان الهندي تائين روشن ڪندو رهو ۽ بدعت ۽ گمراهيءَ کي پري ڪري سنت نبويءَ کي تازي حياتي بخشيندو ۽ انهيءَ هدايت ۽ ارشاد جي روشنائي قيامت تائين قائم رهندي. هائو! هي اهو نينگر آهي جنهن جي وجود مسعود جي خبر سيني امت جي وليّن ۽ صالحن سڳورن ڏني آهي ۽ باخبر ماڻهو اڄ تائين انهيءَ جي پيدا ٿيڻ لاءِ منتظر ۽ چشم براه هيا آهن. هيءَ جيڪي شاه صاحب رحمة الله عليه پنهنجي زبان مبارڪ سان حضرت جن جي ولادت مبارڪ ۾ ڏني. حضرت صاحب جن جناب شاه صاحب جن جي زبان دُرفشان چوسڻ شروع ڪئي، جڏهن چوسي بس ڪيائون، تڏهن شاه صاحب حضرت مخدوم صاحب کي فرمايو ته پنهنجو نهال نينگر وٺ جنهن قادري طريقه جي ساري نعمت زبان جي رستي هن ٻار انهيءَ حالت ۾ حاصل ڪئي آهي. جڏهن به حضرت شاه صاحب جن حضور جن جي ٻارائي عمر ۾ سرهند شريف تشريف فرمائيندا هوا ته حضرت جن جي حق ۾ ڏيون بشارتون بيان فرمائيندا هوا ۽ چوندا هوا ته عنقريب هي صاحبزادو هِڪڙن هِڪڙن مرتبن ڪان مشرف ٿيندو. جو خرقو حضرت غوث صمداني شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه کان امانتاً شاه صاحب تائين آيو هو، ان لاءِ پنهنجي پوٽي شاه سڪندر کي فرمايائون ته انهيءَ خرقي جو حقدار عنقريب ظاهر ٿيڻ وارو آهي. اهو اشارو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ڏانهن ڪيائون. انهيءَ اشاري وقت حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي عمر شريف ستن ورهن جي هئي.

حضور اقدس جو علم ظاهري حاصل ڪرڻ

حدائق الورديه، بهجة السنيه، برڪات احمديه، حديقه محموديه، انوار احمديه، هديه مجدديه، زبدة المقامات، عمدة المقامات، حضرات القدس وغيره ڪتابن ۾ سندن علمي پايه جو چڱي طرح احوال ڏنل آهي. هت روضة القيوميه تان ڪجهه مختصر احوال لکان ٿو.

جڏهن حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي عمر مبارڪ تعليم جي لائق ٿي تڏهن مڪتب ۾ ڏنا ۽ پنهنجي والد ماجد حضرت مخدوم شيخ عبدالاحد قدس سره جي خدمت ۾ رهي علم جي تحصيل فرمايائون ۽ ٿوري مدت ۾ قرآن شريف ياد ڪيائون ان کان پوءِ

ڪشمير تشريف فرمايائون، اتان جي فاضل محقق عالم مدقق عابد زاهد مولانا ڪمال ڪشميري ڪان معقولات جا ڪتاب ۽ مولانا يعقوب[1] ڪشميري ڪان حديث شريف جا ڪتاب پڙهيائون.

مولانا ڪمال ڪشميري هڪ متبحر عالم ۽ شيخ ڪبير خوارزمي ڪبروي جو خليفو هو جنهن حرمين شريفين جي وڏن نامور عالمن ۽ محدثن کان فائدا ۽ اجازت حاصل ڪئي هئي.

حضور اقدس جن علم ظاهري جي تڪميل کان پوءِ پنهنجي والد بزرگوار جي خدمت ۾ حاضر ٿي تدريس ۾ مشغول ٿيا. جا حديث حسب معمول محدثين، درس لاءِ اجازت سان مسلسل نوبت بہ نوبت حضرت مجدد الف ثاني قدس سره تائين پهتي اها هيءَ آهي. اَلرَّاحِمُوْنَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمٰنُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى اِرْحَمُوْا مَنْ فِي الْاَرْضِ يَرْحَمْكُمْ مَنْ فِي السَّمَآءِ.

هن حديث جي سَنَدُ کين قدوة المحدثين زبدة المحققين شيخ عبدالرحمٰن کان حاصل ٿي. هن حديث جي سلسلي جي اسناد ۽ حضرت اقدس جي وُجود با جود ۾ هڪ عجيب قدرتي مناسبت لڪل آهي. سند ن وجود باڪرامت وجود، القاءِ الٰهي جي رو ءِ کان خزينة الرحمة آهي ۽ هن حديث جو مضمون پڻ رحمت سان شامل آهي. الله اڪبر! قدرت ڪاملہ ربّاني ڪيترو نہ نظير مشابهت ۽ مناسبة پيدا ڪئي آهي.

حضرت امام ربّاني مجدد الف ثاني قدس سره جن طالب علمي جي ڏينهن ۾ ڪيترائي رسالا جوڙيا ئون، انهن جي مضمون کي پڻ اهڙي مشابهت ۽ مناسبت آهي جهڙو رسالہ تهليليہ وغيره. ـــــــ علم ظاهري ۾ حضرت اقدس کي ايتري قدر دسترس هئي جو سندن شاگرد اجتهاد جي درجي کي پهتا هوا ۽ حضور قدس جن بذاتِ خود امّت مرحومه جا مجتهد هوا. پاڻ اهڙا اهڙا نادر مسئلا استنباط فرمائي بيان ڪيا آهن جو ابوحنيفه رضي الله تعالٰى عنه، شافعي، ابو يوسف، اشعري ۽ ابوالمنصور ماتريدي جهڙن امامن کان نٿي سگهن.

---

[1] مولانا يعقوب ڪشميري پنهنجي زماني جي وڏن محققن مان هوا، حرمين شريفين ۾ وڏن محدثن کان حديث جو علم حاصل ڪيائون جهڙو ابن حجر مڪي ۽ عبدالرحمٰن بن فهد مڪي، مولانا حسين خوارزمي ڪبروي جا خليفا هوا، چيو ويو آهي تہ حضرت امام ربّاني مجدد الف ثاني قدس سره حضرت يعقوب ڪشميري کان طريقہ ڪبرويہ ۾ بيعت حاصل ڪئي هئي. تفسير واحدي ۽ ٻيون تاليفات واحدي مثلاً بسيط ۽ وسيط ۽ اسباب نزول. تفسير بيضاوي ۽ ٻيون تصنيفات بيضاوي، مثل منهاج الوصول پاڻي ص ١١٩

حضور اقدس جي علم باطنيءَ ۾ مشغولي

معمولات مظهريه ۾ آهي ته قادري، چشتي، سهروردي، مداري، قلندري، شاذلي، شطاريه، ڪبريه ۽ ٻيا طريقا پنهنجي والد شريف حضرت مخدوم صاحب کان حاصل ڪيائون ۽ انهن طريقن ۾ ڪيترن کي داخل ڪري فيضياب فرمايائون ان وقت سترهن ورهين جي ڄمار جا هوا. صاحب حدائق الورديه جي فقط ٽي طريقا آندا آهن، جنهن بابت گهڻو سهو آهي. عبارت سند ڏني آهي.

تَلَقَّى الْعُلُوْمَ كُلَّهَا مَعْقُوْلَهَا وَمَنْقُوْلَهَا عَنْ وَالِدِهِ الْمُشَارِ اِلَيْهِ وَعَنْ غَيْرِهٖ
مِنْ مُحَقِّقِيْ زَمَانِهٖ وَاشْتَغَلَ بِالطُّرُقِ الثَّلَاثِ الْقَادِرِيَّةِ وَالسَّهْرَوَرْدِيَّةِ
وَالْجِشْتِيَّةِ عَلٰى وَالِدِهٖ قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُمَا حَتّٰى اَذِنَ لَهٗ بِالْاِرْشَادِ
وَالْاِسْتِخْلَافِ فِى الطُّرُقِ الْمَذْكُوْرَةِ وَهُوَ ابْنُ سَبْعَةَ عَشَرَ سَنَةً الخ

ڪين انهن طريقن جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ نقشبندي طريقي جو گهڻو خيال رهندو هون، جو ته کين يقين هو ته نقشبندي طريقو سڀني طريقن کان اعليٰ آهي ۽ انهيءَ طريقي جي نسبت ٻين طريقن جي نسبت کان مٿاهين آهي. نيٺ حضرت خواجه غوث الزمان عارف بالله تعاليٰ سيدنا شيخ محمد باقي قدس سره جي خدمت ۾ آيا. حضرت خواجه صاحب کي ٻڌايا ڪان هند ۾ انهن خواجه امڪنگي قدس سره مڪيو هو جنهن جو احوال اڳ ۾ ٿي گذريو آهي

(آندل ص١٢٨ تان) غاية القصوى وغيره. صحيح بخاري ۽ ٻي مؤلفات امام بخاري، مثلا ثلاثيات امام بخاري، ادب المفرد، افعال العباد وغيره. مشكواة شريف. شمائل ترمذي جامع صغير سيوطي ۽ قصيده برده، شيخ بوصري جي سند ۽ حديث مسلسل جي روايت مع اسناد جي سند. عالم رباني قاضي بهلول بدخشي کان حاصل ڪئي ۽ قاضي بهلول بدخشي ٻين ڪتابن جي اجازت مع حديث مسلسل شيخ عبدالرحمان بن فهد کان حاصل ڪئي. شيخ عبدالرحمن بن فهد جا ابا ڏاڏا پنهنجي شهر جي وڏن محدثن مان هوا، انهن جو احوال ڏاڏي کان حڪ جو ڪهڙو مولانا يعقوب ڪشميري جي وفات ٣ ذي قعد ١٠٠٣ھ ۾ ٿي آهي، ماده وفات "شيخ امم بود" آهي.
(١ بدة المقامات ص١٢٩) (٢ رسالة الشيخ محمد مراد المنزلوي مع منتخب التواريخ ص٣٢)

سند حديث مسلسل: واما الحديث المسلسل بالاولية قال الشيخ عبدالرحمن بن فهد سمعته من لفظ سيدي والدي عبدالقادر بن عبدالعزيز بن فهد وهو اول حديث سمعته منه قال حدثني به جدي الحافظ الرحلة تقي الدين محمد بن فهد الهاشمي العلوي وهو اول حديث سمعته منه قال حدثني به جمع من المشائخ الاعلام واجلهم العلامة برهان الدين الابناسي سماعا من لفظ قاضي القضات ابوالحامد المطري (باقي ص١٣٠ ۾)

نيٺ حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره حضرت خواجه صاحب جو نقشبندي طريقي ۾ مريد ٿيو. ٻن مهينن ۾ ڪن ڏينهن ۾ اهڙي درجي کي پهتلو اهو، جو ڪنهن وليءَ کي هزار ورهين ۾ به نه ملي. آخر سندن مرشد کين، مراديت محبوبيت، ڪمال ۽ تڪميل جي بشارت ڏني ۽ پنهنجا سڀ مريد سندن حوالي ڪيائين ۽ پڻ پنهنجي لاءِ فيض ۽ فائدي جي طلب ڪرڻ لڳا. حضرت خواجه محمد احسان صاحب جن حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني جا سڀ احوال تفصيلوار روضة القيوميه ۾ بيان فرمايو آهي. حضرت خواجه باقي بالله قدس سره سندن حق ۾ قطب الاعظم جو لفظ ڪم آڻيندا هئا. سندن ارشاد ۽ فيض، خدا جي ٻانهن، عام ۽ خاص حاضر ۽ غائب تي بيشمار ڏوڙي مينهن وانگر وسڻ لڳو. هن جاءِ تي صاحب حدائق الوردية ڪهڙو نه چڱو فرمايو آهي:

١ أَتَتْهُ الْخِلَافَةُ مُنْقَادَةً — إِلَيْهِ تُجَرِّرُ أَذْيَالَهَا
٢ فَلَمْ تَكُ تَصْلُحُ إِلَّا لَهُ — وَلَمْ يَكُ يَصْلُحُ إِلَّا لَهَا
فَلَوْ رَامَهَا أَحَدٌ غَيْرُهُ — تَزَلْزَلَتِ الْأَرْضُ زِلْزَالَهَا

(ابتداءً ص ١١٩ تان) بقراءتي عليه بالحرم الشريف المكة وهو اول حديث سمعته منهما قال اخبرنا به الخطيب صدر الدين ابو الفتح محمد بن المبرودي قال الاباسي وهو اول حديث سمعته منه وقال المطري وهو اول حديث رويته عنه قال اخبرنا به الشيخ نجيب الدين عبد اللطيف الحراني وهو اول حديث سمعته منه قال اخبرنا به الحافظ ابو الفرج ابن الجوزي وهو اول حديث سمعته منه قال اخبرنا به ابو سعيد اسماعيل بن ابي صالح النيشابوري وهو اول حديث سمعته منه قال اخبرنا به ابو صالح احمد بن عبد الملك المؤذن وهو اول حديث سمعته منه قال حدثنا به ابو طاهر محمد بن محمد بن محمش الزيادي وهو اول حديث سمعته منه قال حدثنا به ابو حامد احمد البزاز وهو اول حديث سمعته منه قال حدثنا به عبد الرحمن بن بشر بن الحكم العبدي وهو اول حديث سمعته منه قال حدثنا به سفيان بن عيينة وهو اول حديث سمعته من سفيان عن عمرو بن دينار عن ابي قابوس مولى عبد الله بن عمرو بن العاص عن عبد الله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهما ان رسول الله صلى الله عليه وسلم قال الرَّاحِمُونَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمٰنُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى ارْحَمُوا مَنْ فِي الْأَرْضِ يَرْحَمْكُمْ مَنْ فِي السَّمَاءِ

١ خلافت مطيع ٿي ان (حضرت امام رباني) وٽ آئي: جو پنهنجي دامن زمين تان گسيندي پئي آئي
٢ پوءِ نه لياقت رکي ان خلافت مگر امام صاحب لاءِ: ۽ نه امام صاحب بدران خلافت جي لياقت رکي ٿي
٣ جيڪڏهن امام صاحب کان سواءِ ڪو ٻيو خلافت جي طلب ڪري ها، ته زمين کي وڏو زلزلو اچي ها

— خواجه محمد هاشم ڪشمي پنهنجي پير سيد محمد نعمان قدس سرهما کان نقل ڪيو آهي ته جڏهن حضرت خواجه باقي بالله قدس سره پنهنجن سڀني مريدن کي هدايت فرمائي ته توهين سڀ حضرت مجدد الف ثاني جي خدمت ۾ رهندا ڪريو، هو پاڻ انهن ڏي ڌيان ڏيندي مون ڏانهن متوجه نه ٿيندا هئا. جيڪي اهو شغل ڏسي ان ۾ مشغول ٿي سمورو وقت ان ڏانهن متوجه رهندا هئا. ان وقت مون کي فرمايائون ته حضرت شيخ احمد آفتاب عالمتاب آهي جنهن ۾ مون جهڙا هزارين تارا گم آهن، نه امت جي وليتن ۾ ڪو ٻيو اهڙو ٿي گذريو آهي نه اڳتي ٿيندو، جيئن ته هڪ بياض حضرت قيوم ثاني عروة الوثقيٰ رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجي خاص دستخط سان لکيو آهي ته حضرت خواجه صاحب کي حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني عرض ڪندو هو ته اهڙين سلوڪن کان مون کي شرمسار ڪرڻ جو نه ڪريو. حضرت خواجه صاحب قدس سره جن فرمائيندا هئا اوهين ادب ڪرڻ لاءِ مون کي الله جَلَّ جَلاَلُهُ کان امر ٿيل آهي.

— حضرت خواجه صاحب قدس سره جن پنهنجي تصنيفات ۾ چار دائره ڪيا آهن هر هڪ ۾ ڪمالات الٰهي جي منتهيٰ بيان فرمائي اٿن جو اُمت جي وليتن مان ڪنهن هڪڙي کي به حاصل نه ٿي آهي. هڪ دائره ۾ ولايت واري جي زبر سان، ٻئي دائره ۾ ولايت واري جي زير سان، ٽين ۾ ڪمال باطني، چوٿين ۾ ڪمال مطلق، هر هڪ ۾ اُمت جي وليتن سڳورن جا نالا مبارڪ لکي خانا پر ڪيا اٿن. انهن مان حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني کي سر حلقه دائره اربعه جو تحرير فرمايو اٿن ۽ لکيو اٿن ته هي اُمت جي وليتن ۾ نادر سڳورو آهي. "روضة القيوميه سال سوم"

— حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن حضرت خواجه صاحب قدس سره جو تمام گهڻو قدر ادب رکندا هوا. ايترو ادب جو ان کان زياده امڪان نه هوندو ۽ جو اعتقاد

حضرت خواجه صاحب ۾ هئين سو مبدء و معاد جي عبارت مان معلوم ٿو ٿئي "وهو هذا" اسين چار آدمي مرزي مريدن مان مهتاز ٿيل، حضرت خواجه صاحب جي خدمت ۾ رهندا هوا سون. هر شخص جو حضرت خواجه صاحب قدس سره سان علا قو ۽ اعتقاد علحده هو. منهنجو هي اعتقاد هو ته اهڙي صحبت، اهڙي تربيت ۽ ارشاد جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم

جي نه مان کان پوءِ هرگز پيدا نه ٿيو آهي ۽ الله جلّ جلاله جو شڪر ڪن وهوس ته جي حضرت خير البشر عليه وعلیٰ آله الصلوات والسلام جي صحبت کان مشرف نه ٿيس. پر وري به ملڪ شڪرانا جو هن سعادت کان نا اميد نه ٿي هيس. ١هـ - ؎١

؎ حضرت خواجه باقي بالله قدس سرهٗ جهڙي عالي شان جو حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهٗ کيان ادب ڪرڻ ۽ سندن مريدي قبول ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو ته ڪيتري عبرت انگيز ڳالهه آهي. جو ته حضرت خواجه صاحب جن سندن قدر ڄاڻندا هئا ڪين الله جلّ جلاله جي دربار کان ولادا ورثا شان ۽ مرتبا مليا هئا جو اڳ ڪنهن کي نصيب نه ٿيا هوا. انهن شانن ۽ مرتبن مان هڪ تجديد الف ثاني جو مرتبو آهي. جي ٻيا ڄاڻي عطا نه ٿين ها ته به اهو هڪ درجو ڪافي هو. صاحب حدائق الورديه خوب ٿو فرمائي ته وَلَقَدْ خَصَّهُ اللّٰهُ تَعَالىٰ بِفَضِيْلَةِ نَشْرِ الْعُلُوْمِ الدِّيْنِيَّةِ وَالْكَشْفِ عَنْ اَسْرَارِ الْلَّدُنِّيَّةِ وَبَيَانِ مَرَاتِبِ الْوِلَايَةِ وَالنُّبُوَّةِ وَالرِّسَالَةِ وَكَمَالَاتِ اُوْلِي الْعَزْمِ وَدَرَجَاتِ الْخُلَّةِ وَالْمَحَبَّةِ وَاظْهَارِ اَسْرَارِ الذَّاتِ وَالشُّئُوْنِ الْاِلٰهِيَّةِ بِمَالَمْ يُسْبَقْ اِلَيْهِ اِلىٰ اَذْوَاقٍ شَرِيْفَةٍ عَالِيَةٍ وَمَوَاهِبَ لَدُنِّيَّةٍ عَالِيَةٍ لَوْلَمْ يَكُنْ مِنْهَا اِلَّا مَرْتَبَةُ تَجْدِيْدِ الْاَلْفِ الثَّانِيْ لَكَفىٰ.

حضور اقدس کي تجديد جو مرتبه ملڻ

؎ هڪ ڏينهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن صبح جي حلقه ۾ ويٺا هئا ته ڏٺائون ته سڀ اولاد آدم صلي الله عليه وسلم سڀني نبين، رسولن، ملائڪن مقربن، اُمت جي ولين ۽ ملڪ جي عالمن سميت تشريف فرما ٿيا، ۽ سڀڪو هڪ ڪوٺ جو شال

؎١ اصل عبارت مبدأ و معاد جي هي آهي. ما چهار ڪس بوديم در ملازمت خواجه خود که پيش مردم در ميان ساير ياران امتياز داشتيم هر ڪدام ما را نسبت بحضرت خواجه اعتقاد علاحده بود و معامله جدا اين فقير به يقين مي دانست که مثل اين صحبت و اجتماع و مانند اين تربيت و ارشاد بعد از زمان آن سرور عَلَيْهِ وَعَلىٰ اٰلِهِ الصَّلَوَاتُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ هرگز بوجود نيامده است و شڪر اين نعمت بجا مي آورد که اگر به شرف صحبت خير البشر عَلَيْهِ وَعَلىٰ اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ مشرف نشد بارے از سعادت اين صحبت محروم نماند الخ (مبدأ و معاد مطبع مجددي ص ١٥)

نه ته نئون ٿيو هو. گويا نور خالص هو. پنهنجن هٿن مبارڪن سان مجدد الف ثاني قيوم رباني
کي پهرايائون ۽ ارشاد ڪيائون ته هي تجديد الف ثاني جو وڳو آهي. مون اوهان کي پنهنجي
امت ۾ بحيثيت قائم مقام اُن جي مامور ۽ مقرر ڪيو آهي ۽ اُمت جا سڀ ديني ۽ دنيوي
ڪم ۽ ڪاروبار اوهان جي حوالي ڪيا اٿم. هن کان پوءِ رشد ۽ ارشاد ۽ رزق ۽ روزي
عمر ۽ شفا غرض ته سڀ ديني دنيوي ڪم قيامت تائين جن جن کي ملندا سي اوهان جي
معرفت ملندا. هي قرب ۽ مرتبه جو حق تعالیٰ اوهان کي نصيب ڪيو آهي اڄ تائين امت جي ڪل
وليّن مان ڪنهن کي نه بخشيو آهي ۽ آئنده به ڪنهن کي نه بخشيندو.

گوئي عرفان را ز ميدان در ربود
مثل او هرگز نيامد در وجود

ههڙي آئون اُمت جي طرف کان خاطر جمع ٿيو آهيان، جا مشغولي مون کي هئي اها
اوهان جي حوالي ٿي. آءٌ فراغت سان پنهنجي حقيقي دوست عزّ شانهٗ سان خلوت گزين رهندس
او هين منهنجي اُمت جي احوال کان خبردار رهجو. هن کان سواءِ ٻيا وڏا ڪم به اوهان ۾
آهن. هن کان پوءِ حضرت خاتم الرسل صلی الله عليه وسلم هٿن مبارڪن سان حضرت خواجه
امام رباني جو نالي وارو نالو بلفظه "خزينة الرحمة مجدد الف ثاني" قدس سره دفتر ۾ لکي
فرمايو ۽ ملڪن مقربن کي خطاب ڪيائون ته زمين ۽ آسمان ۾ مشهور ڪريو ته الله
جلّ جلالهٗ پنهنجي ڪمال فضل ۽ ڪرم سان تجديد الف ثاني جي خدمت، عنايت فرمائي. ديوان
اقدس ۾ سندن نالو مجدد الف ثاني لکڻ فرمايو آهي. اي مخلوق تو هان مان جو به دين
۽ دنيا جي سعادت گهري ته اِن مجدد الف ثاني جي تابعداري ڪري ۽ انهي تجديد کي مڃي، جا اُمت جي
سڀني وليّن کي ملين ڪمالات کان مٿانهين آهي. جيڪو انهي ڪمالات کان انڪار ڪندو سو غضب
الهي ۾ گرفتار ٿيندو. معاذ الله من عدم اطاعته الخ

ڪمالات حضرت مجدد الف ثاني جو اقرار اُمت جي اڳين ۽ پوين وليّن سڀڪو ڪيو
ايتري حد تائين جو سندن پير مرشد پڻ سندن تابعداري ڪري سندن توجه باطني کان
حصو ورتو. اُمت جي سڀني وليّن جڏهن اقرار ڪيو ته هن حضرت مجدد الف ثاني جن جناب رسالتمآب
صلی الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا! ڪمالِ عنايت خداوندي سان الف
ثاني جي تجديد جي خدمت هن ٻانهي جي حوالي فرمائي وئي آهي، انهي جي خصوصيت جو ظهور
پڻ منظور فرمايو. انهي ڪري آهي ته "جي علم ۽ معرفتون غيرمتي مڪشوف فرمايون ويون

آهن يعني جي مونکي پروڙ ايون ويو آهن ته جي ماڻهو شرع شريف جي خلاف ڪم ڪندا آهن انهن تي اهي علم ۽ معرفتون منڪشف نٿيون، جهڙوڪ ڪن اهل الله جي لاءِ خلافِ شرع ڪم، انڪشاف علمن ۽ معرفتن جو سبب ٿيندا رهيا آهن نيٺ ٻچارا ٿي پيا انهن اهل الله جا معتقد ۽ مريد گمراهي ۽ غوايت ۾ پئجي گمراهي ۽ ذلالت جو سبب بڻجي رهيا آهن."

حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جو ارشاد ٿيو ته آئنده، جي اولياءُ الله خلافِ شرع ڪم ڪندا آهن، مون انهن تي انڪشاف جو سلسلو بند ڪيو. ڪنهن کي به توحيد وجودي جو انڪشاف نه ٿيندو. سالڪن کي سماع ۽ سرود مان ترقي نصيب نه ٿيندي. جيڪو انهن غير شرعي ڪمن هوندي، ترقي ۽ معرفتن جي انڪشاف جو دم هڻندو ۽ دعوى ڪندو انکي ڪوڙو سمجهبو ۽ جو توحيد وجودي جي منڪشف ٿيڻ جي دعوى ڪندو انکي گمراه ڄاڻبو" هن کان پوءِ حضرت مجدد الف ثاني آداب بجاءِ آڻي پيشاني مبارڪ آستان رسالت تي رکي.

مجددِ مائة ۽ مجددِ الف ۾ فرق آهي. مجدد مائة سيڪڙن سؤ سال پوري ٿيڻ تي هڪ ڪمايت وارو ٿيندو جو ان صدي ۾ جنهن کي به فيض، رشد ۽ هدايت نصيب ٿيندي ان صدي جي مجددِ مائة جي معرفت ٿا ٿين. سڀ ماڻهو ان جي فائدي وٺڻ ۾ انجا محتاج ٿا رهن خواه قطب هجن خواه غوث، انهيءَ طرح قياس ڪرڻ گهرجي ته مجدد الف ثاني هزار سال ۾ هڪ ٿيندو ۽ ان هزار سال ۾ جيترا اوليا ڪامل مجدد دين مائة سميت سڀ مجدد الف ثاني جي معرفت ٿا ٿين پوءِ جيترو فرق سوءِ هزار ۾ آهي، اوترو بلڪ ان کان به هزار درجا زياده مجدد مائة ۽ مجدد الف ۾ آهي. هيءَ تعريف مجدد مائة ۽ مجدد الف جي مڪتوب، حضرت مجدد الف ثاني کان نقل ورتل آهي (جلد ٻيو، مڪتوب چوٿون مڪتوبات شريف)

انهيءَ ساڳي مڪتوب ۾ پاڻ اوٿن علمن ۽ معرفتن جي لکڻ کان پوءِ لکڻ فرمايو آهي ته هي علم انوارِ نبوت جي سيني مان اقتباس ڪيل آهن. جي تجديد الف ثاني کان پوءِ تبعيت ۽ وراثت سان تازا ٿيا آهن ۽ انهن علمن ۽ معرفتن جو صاحب هزار جو مجدد آهي ۽ هي ڳالهه انهن ماڻهن کان لڪل نه رهندي جن ان جا اهي علم ۽ معرفتون ڏٺيون آهن جن جو تعلق ذات ۽ صفات ۽ افعال سان آهي ۽ اهي ڄاڻندا جن انهي احوال ۽ مواجيد ۽ تجليات ۽ ظهورات تي نظر وڌي آهي ۽ اهي به ماڻهو سمجهي ويندا ته هي علم ۽ معرفتون علمائن ۽ اوليائن جي علمن ۽ معرفتن کان پري خاصه

عليحده يون آهن بلڪ انهن علمن ۽ معرفتن جي نسبت هنن علمن سان ائين آهي جيئن کَلَ جي نسبت ڳِري سان والله سبحانه الهادي [١]

[٢] صاحب حدائق الورديه جي انهي عبارت کي عربي جو لباس هن طرح پهرايو آهي.

قَالَ قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ اَلْعُلُوْمُ وَالْمَعَارِفُ الصَّادِرَةُ عَنِّيْ هِيَ خَارِجَةٌ عَنْ طَوْرِ الْوِلَايَةِ وَاِنَّمَا هِيَ مُقْتَبَسَةٌ مِّنْ مِّشْكٰوةِ اَنْوَارِ النُّبُوَّةِ عَلٰى مَصْدَرِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ جُدِّدَتْ تَجْدِيْدَ الْاَلْفِ الثَّانِيْ بِطَرِيْقِ التَّبَعِيَّةِ وَالْوِرَاثَةِ تَعْجِزُ اَرْبَابُ الْوِلَايَةِ كَالْعُلَمَاءِ عَنْ اِدْرَاكِهَا لِاَنَّهَا وَرَاءَ عُلُوْمِ الْعُلَمَاءِ وَمَعَارِفِ الْاَوْلِيَاءِ بَلْ عُلُوْمُ هٰؤُلَاءِ بِالنِّسْبَةِ اِلٰى تِلْكَ الْعُلُوْمِ قِشْرٌ وَتِلْكَ الْعُلُوْمُ لُبَابُهَا وَلَا تُخَالِفُ الشَّرِيْعَةَ بَلْ هِيَ اَسَاسُ الدِّيْنِ وَخُلَاصَةُ عِلْمِ الذَّاتِ وَالصِّفَاتِ تَعَالَتْ وَتَقَدَّسَتْ وَمَا تَكَلَّمَ بِهَا اَحَدٌ مِّنَ الْعُظَمَاءِ وَالْكُبَرَاءِ اِسْتَاْثَرَ اللّٰهُ سُبْحَانَهٗ بِهَا هٰذَا الْعَبْدَ فَصَاحِبُ هٰذِهِ الْعُلُوْمِ وَالْمَعَارِفِ مُجَدِّدُ هٰذَا الْاَلْفِ. وَالْمُجَدِّدُ هُوَ الَّذِيْ لَا يُفِيْضُ الْحَقُّ عَلٰى جَمِيْعِ الْعَالَمِ مُدَّةَ تَجْدِيْدِهٖ شَيْئًا اِلَّا بِوَاسِطَتِهٖ

[٣] ڪيترن جاين تي پنهنجن مڪتوبن ۾ حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن تصريح فرمائي آهي جيئن ته مڪتوب ٢٣٤ مڪتوبات جلد اوّل ناني اڪابر اولياء حضرت خواجه محمد صادق قدس سره پنهنجي وڏي فرزند ارجمند ڏانهن لکيو اٿن "ته اي فرزند هي اهڙو وقت آهي جو اڳين امتن ۾

---

[١] مڪتوب چوٿون دفتر ٻيو مڪتوبات شريف جي بعينه عبارت ملاحظه لاءِ پيش ڪجي ٿي.

[٢] اين معارف از حيطهٔ ولايت خارج است ارباب ولايت در رنگ علماء ظواهر در ادراک آن عاجز اند و در درک آن قاصر اين علوم مقتبس از مشكوٰة انوار نبوت اند علىٰ اربابها الصلوٰة والسلام والتحية که بعد از تجديد الف ثاني به تبعيت و وراثت تازه گشته اند و بطراوت ظهور يافته صاحب اين علوم و معارف مجدد اين الف است كما لا يخفى على الناظرين في علومه و معارفه التي تتعلق بالذات والصفات والافعال وتتلبس بالاحوال والمواجيد والتجليات والظهورات فيعلمون انّ هٰؤلاء المعارف والعلوم وراء علوم العلماء ووراء معارف الاولياء بل علوم هٰؤلاء بالنسبة الى تلك العلوم قشر وتلك المعارف لب ذلك القشر والله سبحانه الهادي" وبايد دانست که بر سر هر مائة مجددے گذشته است اما مجدد مائة ديگر است و مجدد الف ديگر چنانچه در ميان مائة و الف فرق است در ميان مجددين اينها نيز همان قدر فرق است بلکه زياده از آن و مجدد آن است که هرچه دران مدت از فيوض بامتان برسد بتوسط او برسد اگرچه اقطاب و اوتاد آن وقت بوند و بدلا و نجبا باشند الخ

اهڙي ئي انڌاري وقت ۾ اولوالعزم پيغمبر مبعوث ٿيندا رهيا. اهو نئين شريعت آڻيندا رهيا. هيءَ اُمت خيرالامم آهي ۽ هن جو پيغمبر خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم آهي. هن امت جي علماءَ کي بني اسرائيل جي نبين جو مرتبو بخشيو ويو آهي ۽ انهن کان نبين جو ڪم ورتو ويو آهي. هر هڪ سو ورهين جي شروعات ۾ هڪ مجدد مامور ۽ متعين ڪيو ويو آهي، جو شريعت کي تازو ۽ توانو ڪري. پر خاص طرح پهرين امتن ۾ هزار سال گذرڻ تي معمولي نبي ڪفايت نه ڪندا هئا ۽ اولوالعزم صاحب شريعت جو ظاهر ڪيو ويندو رهيو. هن وقت هزار سال گذري ويا آهن ۽ ٻي هزار ۾ هڪ عالم تام المعرفت عارف جي ضرورت آهي جو اڳين امتن جي اولوالعزم نبين جي قائم مقامي ڪري.[1]

[3] صاحب روضة القيوميه جي هن مڪتوب کان پوءِ مڪتوب ٢٦٦ جلد اول وارو پڻ ٻئنسڻ نقل ڪيو آهي. پوءِ لکي ٿو ته اهو مرتبو مجدد الف جو حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کي جمعي ڏينهن ٻارهين ربيع الاول ١٠٢٣ھ مو ٻارهين جي عنايت ٿيو. شمسي حساب ۾ سج کي حمل جي تحويل کان ٻارهين ساعتون گذري ويون هيون ۽ اهل شام جي حساب سان نئين ورهين اول جي ته هيئن تاريخ هئي.

[2] مولانا ثناءالله پاني پتي قدس الله سره ڪتاب ارشاد الطالبين ۾، جي رتبا حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کي هزار ورهه گذرڻ تي عطا ٿيا آهن سي جڳي تحقيق سان ثابت ڪيا آهن. جئين ته متي گهڻا مقام لکي، لکڻ ٿو فرمائي ته

"هي مڙئي مقامات ۽ عروجات جي متي لکجي آيا آهن هزار ورهين گذرڻ تي الله تعاليٰ جل جلاله حضرت مجدد الف ثاني کي عطا ڪيا. جن لاءِ ولين سگورن مان

---

[1] مڪتوب ٢٣٤ دفتر اول مڪتوبات شريف جي اصل عبارت هن طرح آهي: اي فرزند اين آن وقت است که در امم سابقه در چنين طور وقتيکه از ظلمت بسته پيغمبر اولوالعزم مبعوث ميگشت و احياء شريعت جديده ميکرد و در اين امت که خير الامم است و پيغمبر ايشان خاتم الرسل عليه و علي آله الصلوات و التسليمات علماء را مرتبه انبياء بني اسرائيل داده اند و بوجود علماء از وجود انبيا کفايت فرموده اند هذا بر سر هر مائة از علماء اين امت مجددي تعيين مي نمايد که احياء شريعت فرمايد علي الخصوص بعد از مضي الف که در امم سابقه در وقت بعثت پيغمبر اولوالعزم است و به هر پيغمبري در ان وقت اکتفا نه نموده اند در اين طور وقت عالمي عارف تام المعرفت در کار است که قائم مقام اولي العزم امم سابقه باشد.

[2] ص ٤٢ ۽ ٤٣ ۾ هيٺيون مضمون ذڪر ٿيل آهي.

اِگ ڪنهن ٻه انهن مقامات جي باري ۾ چپ نه کوليو. هيءُ مرتبو ان تي مبني آهي ته اڳوڻين امتن ۾ خلق جي هدايت لاءِ هر قرن ۾، هر شهر ۾ نبي مبعوث ٿي ٿيا. حق تعالىٰ ٿو فرمائي "وَاِنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ" (يعني ڪوبه شهر ڪونهي مگر جنهن ۾ نبي نه ڏنو ريو) ۽ بعضي انهن مان رسالت جي رتبي تي پهتا جنهن تي حديث ۾ آهي. نبين جو انداز هڪ لک چوويهه هزار ۽ رسولن جو تعداد ٣١٣ ٽي سو تيرهن آهي ۽ هزار سال کان پوءِ ياتر ٻيا انجي. پيغمبر اولوالعزم مبعوث ٿي ٿيا حضرت آدم عليه السلام کان پوءِ هزار سال حضرت نوح عليه السلام پيدا ٿيو اهڙيءَ طرح ان کان پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ ان کان پوءِ حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ ان کان پوءِ حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ ان کان پوءِ سڀني نا محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم خاتم النبيين ٿيو. حضرت رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي وفات کان پوءِ اُمت جا ولي سڄي خلق جي هدايت ڏيڻ ۾ آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي نيابت ڪندا رهيا. رسول خدا صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي "اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ" يعني علماء پيغمبرن جا وارث آهن ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ شخص رهجي (رسولن جو نبين جي وچ ۾) سڀ کان صدي جي شروعات تي وڏي پلاڻي وارو ٿي پيدا ٿيو جنهن دين جي تجديد ٿي ڪئي.

ابوداؤد وغيره آنحضرت صلى الله عليه وسلم کان روايت ڪئي آهي "اِنَّ اللهَ يَبْعَثُ فِيْ هٰذِهِ الْاُمَّةِ عَلٰى رَأْسِ مِائَةِ سَنَةٍ مَنْ يُجَدِّدُ لَهَا اَمْرَ دِيْنِهَا" يعني الله جل جلاله هن اُمت ۾ سڀ کان سؤ هڪ شخص موڪليندو وجود بخشيندو ته ان ڪي ورثين ۾ جتا هن هزار ڏهن جو ڳڻ پوءِ اولوالعزم جو واهي پهتو حق تعالىٰ اڳوڻي عادت موافق ٻئي هزار لاءِ مجدد ڏنيو جو مرتبي ۾ مجدد ۽ اوليائن وانگر شان اعلىٰ ٿيو جيئن اولوالعزم جو شان ٻين غير اولوالعزم نبين ۽ رسولن کان زياده آهي ۽ حضرت مجدد الف ثاني کي حق تعالىٰ حضرت رسول اکرم صلى الله عليه وسلم جي باقي رهيل مقام مان پڻ اڪيو ۽ هي درجا ڏنا ۽ مقامات ڪيس ڏنا جو ڪنهن نه ڏنا هوا ۽ ان جي مُعاني هي ڪمالتون آخر زماني ۾ پکيڙيا ٿين. ان لاءِ امام جعفر صادق روايت ٿو ڪري، اهو پنهنجي والد ۽ ڏاڏي کان رضي الله تعالىٰ عنهم

ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَبْشِرُوْا وَاَبْشِرُوْا اِنَّمَا مَثَلُ اُمَّتِيْ كَمَثَلِ غَيْثٍ لَا يُدْرٰى اٰخِرُهٗ خَيْرٌ اَمْ اَوَّلُهٗ اَوْ كَحَدِيْقَةٍ اُطْعِمَ فَوْجٌ مِّنْهَا عَامًا ثُمَّ اُطْعِمَ فَوْجٌ مِّنْهَا عَامًا لَعَلَّ اٰخِرَهَا فَوْجًا اَنْ يَّكُوْنَ اَعْرَضَهَا وَاَعْمَقَهَا عُمْقًا وَاَحْسَنَهَا حُسْنًا" يعني خوشخبري ڏيو ۽ خوش ٿيو تحقيق منهنجي اُمت جو حال مينهن وانگر آهي، نه ڄاتو وڃي ته ان جي پڇاڙي چڱي آهي يا منڍ، يا باغ وانگر آهي، ڪا ريو ٽولو جان ان باغ مان هڪ سال ۾ هڪ قسم ٻئي سال ۾ ٻيو قسم شايد ان جو پويون قسم ڪشادگي ۾ ڪشادو هجي ۽ عمق ۾ عميق هجي ۽ سهڻائي ۾ سهڻو هجي الى آخر ما قال القاضي قدس سره.

تفسير روفي ۾ پڻ آيت "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ" پاره الٓمٓ سورة بقره ۾ تقرير مجدد الف ثاني جي چڱي طرح ڏنل آهي.

حضور اقدس ني خمير طينت جي عطا

صاحب روضة القيوميه ۽ حسن فن جي ٻين ڪتابن لکيو آهي ته هڪ رات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره سومهڻي جي نماز کان پوءِ دعا ۾ مشغول هوا ان وقت کين ڏسڻ ۾ آيو ته سندن سارو وجود مبارڪ شمع وانگر روشن ٿي رهيو آهي ۽ سج وانگر شعلا پيو ڏئي ايتري قدر تو جيڪي جو ڏانهس اک کڻي نٿي سگهي انهي وچ کين الهام ٿيو ته "اي پيارا تنهنجو جسم حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم جي ڳوهيل مٽي مبارڪ جو بقيو آهي جو مون تو لاءِ رکيو هو. انهي کان سواءِ اوهانکي قيوميت ۽ محبوبيت جو رتبو ملڻ ممڪن نه هو" اه اصالت ۽ محبوبيت ذاتي ۽ خلت ۽ ٻين رتبن جو تفصيل وڏن ڪتابن ۾ ڏسڻ گهرجي. هت تمام مختصر لکڻ ۾ ايندا.

صاحب حدائق الورديه جي خمير طينت جي باري ۾ هي عبارت آندي آهي

قَالَ قُدِّسَ سِرُّهٗ كَانَ تَكْوِيْنِيْ مِنْ بَقِيَّةِ طِيْنَةِ حَبِيْبِهٖ صلى الله عليه وسلم اه

ف: حضرت مجدد الف ثاني قدس سره کي، جي معرفتون ۽ وڏا وڏا رتبا عنايت ٿيا تن تي ڪن ظاهري پڙهيلن مُتَعَصِّبَن حسد سبب ڪي اعتراض گڏي لکي مشهور ڪيا جن جا جواب مجدديه ۾ راقم الحروف ايجوبيان ڪجهه لکيو آهن تي منڪرن جي

جواب ۾ مخلصن ستر سالن کان زياده، نهايت ڪافي مضمون لکيا جنهن ۾ علامه محمد مراد مڪي انهيءَ بابت ۾ لکي ٿو.

فَإِنَّ الْمُنْكِرَ كُلَّمَا أَظْهَرَ شَيْئًا مِّنْ سَمِّ الْإِنْكَارِ وَالْإِعْتِرَاضِ عَلَى مَعَارِفِهِ الشَّامِيَةِ أَظْهَرَ الْمُحِبُّوْنَ تِرْيَاقَ اَجْوِبَةٍ مُتَعَدِّدَةٍ وَاسْتَشْهَدُوْا لَهَا بِشَوَاهِدَ كَثِيْرَةٍ شَافِيَةٍ حَتَّى بَلَغَتْ عَدَدُ الرَّسَائِلِ الْمُصَنَّفَةِ مِنْ طَرَفِ الْمُحِبِّيْنَ سَبْعِيْنَ رِسَالَةً بَلْ زَادَ عَلَى ذَالِكَ وَاَجَلُّ مَا صُنِّفَ فِي هٰذَا الْبَابِ رِسَالَةُ عَطِيَّةِ الْوَهَّابِ الْفَاصِلَةِ بَيْنَ الْخَطَاءِ وَالصَّوَابِ لِلشَّيْخِ مُحَمَّدِ بَيْكِ الْاُوْزْبَكِيِّ الْمَكِّيِّ اَفَادَ فِيْهَا كُلَّ الْإِفَادَةِ وَاَجَادَ غَايَةَ الْإِجَادَةِ بِحَيْثُ اَنَّهُ هَدَمَ بُنْيَانَ اَبَاطِيْلِهِمْ مِنَ الْاَسَاسِ وَاَرْسَلَ اِلَيْهِمْ اَبَابِيْلَ الرَّدِّ وَلَمْ يَتْرُكْ لَهُمْ مَجَالَ رَفْعِ الرَّأْسِ الخ. [1]

— اگرچه منڪرن جي اجاين شبهن ۽ اعتراضن جا جواب چڱي طرح ٻئي ڪتابن ۾ ڏنل آهن مگر خيرطينت جي هڪ مشهور اعتراض جو آهي ته جنهن حضرت امام رباني قدس سره جو جسم انور حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي مٽي مبارڪ مان آهي ته پوءِ سندن مزار شريف مديني شريف ۾ ڇو نه آهي. ڇو ته حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهما جن حديث شريف جي ثابتي موجب جنهن ته انهيءَ شرف خيرطينت نبوي صلي الله عليه وسلم جي ڪان مشرف هوا تهن ڪري سا تن گڏ آهن. هن اعتراض جو هڪ عجيب جواب حضرت شاه غلام علي محدث دهلوي رساله سبع سيارھ ۾ ڏنو آهي ته حضرت علي ڪرم الله وجهه جن پڻ خيرطينت نبوي صلي الله عليه وسلم ڪان مشرف آهن حالانڪ حضرت شاه رسالت صلي الله عليه وسلم سان حضرت شاه ولايت رضي الله تعاليٰ عنه گڏ نه آهي الخ.

— مولوي عبدالحي لکنوي جهڙن عالمن جي استاد حضرت شاه عبدالغني مجددي محدث دهلوي مهاجر مڪي قدس سره جي مدحيه غزل ۾ طينت ذاهن ڪري وڏو سهڻو اشارو فرمايو آهي. نے نے ترا ز تربت یثرب گرفته اند   پنهان ز روم و شام بسرهند هشته اند

[1] مهرب مڪتوبات شريف جلد اول مطبوعه مڪه شريف ص ٦٩

[2] (ذيل ص ١٤٢ بابت) ذڪر ڪاتم فرمائي — ولادت ٧ شوال المڪرم سنه ١٢٥٥ه شهر قندهار ۾ وفات ٢ رجب المرجب سنه ١٣٤٣ه مزار شريف ڪنج جبل مرينه جي والله شريف جي پهلو ۾ — شڪارپور: — سنڌ ضلع ۾ وڏو مشهور ۽ معروف شهر آهي. هاڻي دروازي ۾ حضرت خواجه نظام الدين سره تائين مجددي جو قبو مشهور آهي — حضرات شڪارپور هند ۾ جڙ آهي. سندن تاليفات ٽي شبهات فارسي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره السامي ربا قي ص ١٥١

حضور اقدس کي قيوميت جي وڏي عطا

صاحب روضة القيوميه ۾ انهيءَ فن جا ڪتاب لکن ٿا ته هڪ ڏينهن اڳئين نماز کان پوءِ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه مراقبي ۾ ويٺا هوا ۽ هڪ حافظ سندن روبرو قرآن شريف تي پڙهيو ان وقت پاڻ پنهنجي جسم مبارڪ تي هڪ نوراني وڳو ڏٺائون ۽ الهام ٿيو ته هي وڳو قيوميت ممڪنات جو آهي جو الله جل جلاله اولوالعزم نبين کي عطا فرمائيندو آهي. اهو حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم جي متابعت ۽ وراثت سبب اوهانکي پڻ عطا ٿيو آهي هاڻي سڀني مخلوقات جي بيهڪ ۽ قيام اوهانجي ذات سان ٻڌل آهي هن کان پوءِ حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا ۽ پنهنجن هٿن مبارڪن سان سندن مٿي مبارڪ تي پڳ ٻڌي فرمايائون ته اوهانکي مبارڪ هجي جو اوهانکي قيوميت جو منصب عطا ڪيو ويو آهي هي مرتبو حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم کان پوءِ ڪنهنکي عنايت نه ٿيو هو ۽ هزار سال کان پوءِ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي مليو آهي. قيوميت جي تحقيقات روضة القيوميه ۾ تمام گهڻي آهي اتي ڏسڻ گهرجي. منصب قيوميت جي مفصل ڪيفيت مڪتوب ۷۹ ۽ ۸۰ جلد ٽئين ۾ آهي. هت جلد اول مڪتوبات معصوميه تان مختصر مڪتوب جو ترجمو، جو قيوم جي معنيٰ ۾ آهي ڏيکارجي ٿو.

وَهُوَ هٰذَا قيوم هن جهان ۾ الله جل جلاله جو خليفو ۽ اُن جو نائب مناب آهي.

قطب، اوتاد، ابدال ۽ افراد انجي پاڇي هيٺ رهندڙ آهن. اهو انهن جي توجه جو قبله آهي. هو جاڻن يا نه، بلڪ جهان جو قيام انجي ذات سان آهي جو ته جهان جا فرد اسماءَ و صفات جا مظهر آهن اُهي سڀ عرض ۽ وصفون. عرض ۽ وصف لاءِ ضرور جوهر ۽ ذات کان سواءِ جنهن سان انکي قيام ٿئي. حق جل و علا جي عادت جاري آهي ته گهڻن زمانن کان پوءِ اهڙا نصيب ڪنهن عارف تامّ المعرفت کي عطا ٿو ڪري. [1]

---

[1] مڪتوب ۸۷ مڪتوبات معصومي مطبوعه نظامي ڪانپور ص ۱۵۱ اصل عبارت هن طرح آهي. قيوم درين عالم خليفهٔ حق ست جل و علا و نائب مناب او اقطاب و ابدال در دائرهٔ ظلال وي مندرج اند و افراد و اوتاد در محيط ڪمال او مندرج افراد عالم بهر لوي روي بدا رهر و قبلهٔ توجه ايشان او ست دانند يا ندانند بلڪه قيام عالميان بذات او ست چه افراد عالم چون مظاهر اسماء و صفات اند ... عرض و وصف اند و اعراض و اوصاف را از ذات و جوهر چاره نيست تا قيام شان با آن بود ...

صاحب حق اليقين الورديه جي هيءَ عبارت آهي.

اَلْقَيُّوْمُ فِيْ هٰذَا الْعَالَمِ خَلِيْفَةُ اللّٰهِ وَنَائِبُ مَنَابِهٖ وَالْاَقْطَابُ وَالْاَوْتَادُ وَالْاَبْدَالُ وَالْاَفْرَادُ مُنْدَرِجُوْنَ تَحْتَ ظِلَالِهٖ وَاَفْرَادُ الْعَالَمِ كُلُّهَا مُتَوَجِّهَةٌ اِلَيْهِ وَهُوَ قِبْلَةُ تَوَجُّهِهِمْ عَلِمُوْا ذٰلِكَ اَوْ لَا بَلْ قِيَامُ الْعَالَمِ بِذَاتِهِ الشَّرِيْفَةِ لِاَنَّ اَفْرَادَ الْعَالَمِ مَظَاهِرُ الْاَسْمَاءِ وَالصِّفَاتِ وَكُلُّهَا اَعْرَاضٌ وَاَوْصَافٌ وَلَا بُدَّ لِلْعَرْضِ وَالْوَصْفِ مِنْ جَوْهَرٍ وَذَاتٍ يَقُوْمُ بِهٖ وَسُنَّةُ اللّٰهِ جَارِيَةٌ بِاِعْطَاءِ الْعَارِفِ التَّامِّ الْمَعْرِفَةِ بَعْدَ قُرُوْنٍ مُتَطَاوِلَةٍ نَصِيْبًا مِنْ ذَاتِهِ الْمُقَدَّسَةِ .اه

ـــه كتاب جامع الاصول في الاولياء ۾ شيخ احمد كمش خانوي خالدي قدس سره ترڪي.

اِنَّ الْقَيُّوْمِيَّةَ مَنْصَبُ الْاَنْبِيَاءِ مِنْ اُولِي الْعَزْمِ وَخَصَّ اللّٰهُ بِهٰذَا الْمَنْصَبِ الْعَظِيْمِ مِنْ هٰذِهِ الْاُمَّةِ حَضْرَتَ الْمُجَدِّدِ وَاَوْلَادَهٗ وَخُلَفَائَهُ الخ [1]

ـــه حضرت مولانا علامه حافظ محمد جان بن شاه محمد يعقوب مجددي آبادي قدس سره پنهنجي رسالہ "الدرر النضيدة" ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي هڪ وڏي قصيدہ مدح خوان ٿيو آهي جنهن جا ٻه ٽي بيت تبرڪا هتي لکان ٿو.

شَيْخُ الْمَشَائِخِ قُطْبُ اَقْطَابِ الْوَرٰى　　　شَمْسُ الْوِلَايَةِ عَارِفٌ بَرٌّ اَبَرَّا

يعني. مشائخن سڀني جو مرشد ۽ جهان جي قطبن جو قطب، ولايت الاهي جو سج عارف نيڪ کردار ڪامل جنهن وارو.

قَيُّوْمُنَا الْمِقْدَامُ اَحْمَدُ مُرْشِدًا　　　وَمُجَدِّدُ الْاَلْفِ مَحْمُوْدُ السِّيَرِ

ـــه اسان جو قيوم پيشوا حضرت احمد مرشد خلق جي ۽ ٻئي هزار جو مجدد چڱن اخلاقن وارو.

رَجُلُ الرِّجَالِ وَوَاحِدُ الْاٰحَادِ فِيْ　　　كَوْنِ الْوُجُوْدِ وَمَنْ بِهِ الدَّهْرُ افْتَخَرَ

ـــه خدا جي مردن جو مرد يڪتائن جو يڪتا ، عالم وجود ۾ جنهن تي زماني فخر ڪيو

بَرَكَاتُهٗ عَمَّتْ فَوَافَتْ كُلَّ مَا　　　ذَرَّتْ عَلَيْهِ الشَّمْسُ مِنْ بَحْرٍ وَّبَرٍّ

ـــه سندن برڪتون عام ٿيون ۽ هر هڪ انهي شيءِ تي پهتيون جنهن تي به سج چمڪيو خشڪي توڙي پاڻي جي

(آندل اگئين صفحي تان) عادة الله جاري ست که بعد از قرون متطاوله عارفي را نصيبي از ذات ارزاني داشته وي را ذاتي عطامي فرمايند که بحکم نيابت وخلافت قيوم اشيا ميگردد واشيا بوي قائم مي باشند الخ

[1] جامع الاصول مطبوعه مصر ص١٩٥.

عَمَّ الوَرٰى طُرًّا سَنَا آثَارِهٖ قَرَّتْ لِرُؤْيَتِهَا عُيُوْنُ ذَوِي الْبَصَرِ

يعني. سموري خلق تي سندن فيض جي روشني عام ٿي وئي. باطن وارن جون اکيون سندن زيارت کان ٺريون

اَلرُّشْدُ ظَلَّ بِسَعْيِهٖ مُتَهَلِّلًا مِنْ بَعْدِ مَا قَدْ كَانَ مُنْطَمِسَ الْاَثَرِ

يعني. سندن ڪوششن سان فيض هدايت روشن ٿيا. ان کان اڳ جو فيض جا نشان محو ٿي ويا هوا

وَالشِّرْكُ وَالْاِلْحَادُ قَدْ مُحِيَا بِهٖ وَالْغَيُّ اَدْبَرَ وَالضَّلَالُ نَاٰى وَفَرَّ

يعني. ۽ شرڪ ۽ الحاد سندن سبب کان ميٽجي ويو ۽ گمراهي پٺيري ٿي ۽ ضلالت پري ٿي ڀڄي وئي

كَمْ مُحْدَثٍ نِيرَانُهٗ خَمَدَتْ بِهٖ اِذْ طَارَ مِنْ نِيرَانِهٖ شَرَرٌ وَشَرّ

يعني. گهڻيون بدعتون هيون جن جي باه حضور جي تشريف سبب ساڀي وئي جتهن انهي باه کان شرر چڻنگون اڏامي رهيون هيون

بَحْرٌ خِضَمٌّ مِنْهُ كَمْ نَبَعَتْ وَكَمْ سَالَتْ عُيُوْنٌ اَوْ جَرٰى مِنْهُ النَّهَرُ

يعني. درياء وڏو جنهن کان ڪيترا نالا نڪتا. جاري ٿيا ڪيترائي چشما فيض جا جاري ٿيون ان مان نهرون فيض جون

كَمْ مِنْ مَوَاتِ الْقَلْبِ نَالَ حَيَاتَهٗ مِنْ فَيْضِهٖ فَزَهَا وَرَاقَ بِهِ النَّظَرُ

يعني. سندن فيض جي نظر کان گهڻن مردن دلين حياتي حاصل ڪئي ۽ زنده ٿي ويا دل ۽ خوش ڪيو انهي نگاه کي

سَلْسَالُ عِرْفَانٍ بِهٖ قَدْ مَيَّزَا مَا كَانَ مِنْهُ صَفَا وَمَا مِنْهُ انْكَدَرَ

يعني. مٺڙي عرفان جي حضور جن جي سبب کان ما ٺهن فرق معلوم ٿيو، جو ان مان صاف هو جيڪي ميرو هو

كَمْ جَاهِلٍ غِرٍّ اَتَاهُ لِرُشْدِهٖ فَالْجَهْلُ زَالَ بِرُشْدِهٖ وَكَذَا الْغَرَرُ وسرى

يعني. ڪيترا جاهل خام وٽن هدايت ۽ رهبري لاءِ آيا، پوءِ سندن فيض جي برڪت سان انهن جو جهل ۽ ناتجربيڪاري لهي ويا

كَمْ مَنْ اَتٰى سَعْيًا اِلَيْهِ بِقَلْبِهٖ الْـ .... قَاسِي وَرُوْحٍ قَدْ اَحَاطَ بِهِ الْكَدَرُ

يعني. ڪيترن ئي خود پنهنجي سخت دلي سان سندن حضور ۾ ڊوڙندي آيا ۽ اهي روح جن کي ڪدورت وڪوڙي ويو هو

اَوْ نَفْسُهٗ قَهَرَتْ فَجَاءَ وَنَفْسُهٗ مَقْهُوْرَةٌ اَمَّا هَوَاهُ فَقَدْ هَجَرَ

يعني. يا انهن نفس غالب ٿي ويو هو پوءِ جڏهن حضور ۾ آيو سندس نفس مغلوب ٿي پيو ۽ سڀ ڪرڻ ڇڏي ڏنائين

وَالرُّوْحُ مِنْهُ بِنَظْرَةٍ مِنْهُ انْجَلٰى وَالْقَلْبُ لَانَ وَكَانَ اَصْلَدَ مِنْ حَجَرٍ

يعني. ۽ انهن طالبن جو روح حضور جن جي هڪ نظر سان روشن ٿي ويو ۽ قلب نرم ٿي پيو حالانڪ پٿر کان به سندن قلب سخت هو

كَمْ ذَا تَحِنُّ اِلَيْهِ وَبُعْدُكَ غَائِبًا لَكَ يَا مُحَمَّدُ اَنْ تَقُوْلَ كَمَنْ حَضَرَ

يعني. ڪيستائين حضور جن جي طرف مشتاق رهندين. اي محمد، توکي مناسب آهي ته تون حضور ۾ حاضر ٿي عرض ڪر

يَا جَوْهَرًا مُتَلَأْلِئًا مُسْتَخْرَجًا مِنْ خَيْرِ مَعْدِنِ صُلْبِ سَيِّدِنَا عُمَرَ

يعني. اي موتي چمڪندڙ بالڪل ٻاهر ڪڍيل کاڻ مان نڪتل آهين. يعني حضرت سيد نا عمر جي پٺ مبارڪ مان

يَا فَرْعَ دَوْحَةِ نُبْلِهِ وَمَجَادِهِ ۞ يَا مَنْ لَهُ الشَّرَفُ الْجَلِيُّ الْمُشْتَهِرُ
اي شرافت ۽ بزرگي جي وڻ جي ٽاري ۽ اي اها هستي جنهن لاءِ روشني ۽ بزرگي مشهور آهي

يَا مَنْ خُلِقْتَ وَكُنْتَ مَا قَدْ كُنْتَ مِنْ ۞ كَنْزِ الْهُدَىٰ وَخَيْرٌ مُنْتَظَرُ
اي اهي جي اوهين پيدا ڪيا ويئو ۽ هئين تون نه ماڻهو هئين خزانو الهيءَ ۽ خير منتظر يعني اوهانجو ولين کي انتظار هو

الى آخر ما قال قدس سره وجزاه الله خيرًا

حضور اقدس کي خزينة الرحمة جو شان عطا ٿيڻ

صاحب روضة القيوميه جو تيوميت جي ڇهرين سال ۾ لکي ٿو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کي هميشه ڪعبي شريف جي زيارت جو شوق رهندو هو مگر ڪن سببن ڪري سندن تشريف فرمائي نه ٿيندي هئي. هن سال پاڻ گهڻي شوق سبب نهايت بي قرار ٿي پيا، عين بي قراري ۾ ڏٺائون ته سارو جهان، انسان، ملڪ، جن ۽ ساري خلق نماز ۾ مشغول آهن ۽ ڏانهن سجدو ڪيا ڪن، حضرت جن انهيءَ ڪيفيت کي ڏسي حاجت ڪري لڳا توجهه ڪان پوءِ معلوم ٿين ته ڪعبو سڳورو سندن ملاقات لاءِ آيو آهي ۽ سندن وجود سڳوري کي گهيرو ڪري ويو آهي انهيءَ ڪري نماز پڙهندڙن جو سجدو ڏانهن پيو ٿئي انهيءَ وچ ۾ کين الهام ٿيو ته "تون هميشه ڪعبي جو مشتاق هئين مون ڪعبي کي تنهنجي زيارت لاءِ موڪليو آهي ۽ تنهنجي خانقاه جي زمين کي پڻ مون ڪعبي جو رتبو ڏنو آهي، جو نور ڪعبي ۾ هو انکي هن جاءِ ۾ مون امانت رکيو آهي" هن کان پوءِ ڪعبي شريف خانقاه شريف ۾ حلول ڪيو ۽ هن زمين کي بيت الله شريف جي زمين ۾ فنا بقا پورو حاصل ٿيو، اهڙيون ٻيون به گهڻيون بشارتون کين حق جل وعلا وتان انهيءَ وقت عطا ٿيون تنهن کان پوءِ کين "خزينة الرحمة" جو لقب عطا ٿيو جنهن جو ساڳيو ڪتاب وارو ٻيون گهڻيون نصتون بيان ڪندي لکي ٿو ته ڪعبة الله شريف جي زيارت کان پوءِ ڏٺائون ته بيشمار ملڪ صفون ٻڌي سندن سامهون بيٺا آهن حسن ۽ جمال ۾ اهڙا بي مثال آهن جو انهن ڏانهن سڌي نظر ڪجي نه ٿي سگهي سيني ادب سان سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته اسين رحمة جا ملائڪ آهيون حق جل وعلا اسانکي اوهانجي تابعداري لاءِ حڪم ڪيو آهي ۽ درگاه باري جل وعلا کان اوهانکي رحمة جو خزانو عطا ٿيو آهي.

رحمة اصل صفت الهي آهي ۽ ان کي ورهائڻ وارا حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه وسلم جن آهن پوءِ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي ڪمال متابعت ڪري رحمة جو خزانو حضرت سلطان الاولياء امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي حوالي ٿيو. امام صاحب جن پنهنجي طرف کان حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره کي قيامت جي ڏينهن بهشت ۾ داخل ڪرڻ جي خدمت نيابتاً حوالي فرمائي. جيڪو بهشت ۾ داخل ٿيندو ان جي مهرباني سان ٿيندو انهيءَ ڪري حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره کي پاڻ خزينة الرحمة جي لقب سان ڪوٺيندا هوا. رحمت جون باقي خدمتون عذاب جي باه کان ڪڍڻ ۽ پل صراط تان لنگهائڻ وغيره حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقيٰ قدس سره جي حوالي فرمايائون الخ

حضور اقدس حڪيم روحاني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي بشري اهڙا اهڙا تماميا جو ڪانش اڳي ڪنهن کي به عنايت ڪونه ٿيا.

ذروة العارفين علامه محمد جان قدس سره پنهنجي قصيده "الجذبة الشوقية الى الحضرة المجددية" ۾ ڇا نه چڱو ٿو فرمائي.

مَانَالَ حَيٌّ مِّثْلَ نَيْلِكَ فِي الْوَرَىٰ — فَلَاَنْتَ مَحْدُوْمُ النَّظِيْرِ تَفَرُّدًا
ڪنهن به جاني واري شخص تنهنجي عطا جو مثال جهان ۾ ڪونه ورتو، ۽ يڪتائي جي لحاظ کان تون بي نظير آهين

أُوْتِيْتَ مَا لَمْ يُؤْتَ غَيْرُكَ مِثْلَهُ — قَوْلِيْ وَاِنِّيْ لَسْتُ فِيْهِ مُفَنَّدًا
اوهان کي اهڙيون نعمتون ڏنيون ويون جنهن جو مثال اوهان کانسواءِ ڪنهن کي نه ڏنو ويو ۽ آئون انهي ۾ غلط گوئي نه آهيان

جَاءَتْكَ كَعْبَةُ رَبِّنَا لِتَزُوْرَهَا — مِنْ دُوْنِ اِتْعَابٍ لِّنَفْسِكَ مُجْهِدًا
اوهان وٽ اسان جي رب جو ڪعبو پاڻ هلي آيو ته اوهين انجي زيارت ڪريو، پنهنجي نفس کي تڪليف ۾ وجهڻ ۽ مشقت ڏيڻ کانسواءِ

خَلَّفْتَ فِي الْمِضْمَارِ كُلَّ مُسَابِقٍ — وَسَبَقْتَ غَايَاتِ الْكَمَالِ مُوَحَّدًا
اوهان ميدان ۾ سڀني اڳتي نڪرڻ وارن کي پوئتي ڇڏيو، ڪماليت جي حد کان اوهين تن تنها اڳتي نڪري ويا

سَبَقُوْا وَهُمْ كَانُوْا فَوَارِسَ شَأْوِهِمْ — فَعَلَوْتَهُمْ مَجْدًا وَّحُزْتَ السُّؤْدَدَا (حاصل ڪئي)
اهي ماڻهو پنهنجي رنگ جي ميدان ۾ پنهنجي فن ۾ شهسوار هوا پوءِ اوهين بزرگيءَ ۾ انهن کان زياده ٿي ويا ۽ اوهان کي سرداري

وَكَفٰى بِصُحْفِكَ فِيْ مَعَارِفَ حَقَّةٍ — اَوْدَعْتَهَا قَوْلًا مَّتِيْنًا جَيِّدًا
۽ معارف حقه ۾ حضور جن جا مڪتوب ڪافي آهن، جنهن ۾ اوهان محڪم ۽ جيد قول درج ڪيا آهن

شَهِدَتْ بِكَوْنِكَ فِي الشَّرِيْعَةِ كَامِلًا ۔ صَدَعَتْ بِكَوْنِكَ فِي الطَّرِيْقَةِ أَوْحَدَا

شاهدي ڏني ٿي ته هيا آهن ته اوهين شريعت ۾ بالڪل ڪامل آهيو ۽ بالڪل جي آواز سان چئي رهيا آهن ته اوهين طريقت ۾ يگانه آهيو

خَضَعَتْ لَهَا الْأَعْنَاقُ مِنْ فُرْسَانِهِمْ ۔ قَبِلُوْا وَهُمْ كَانُوْا جَمِيْعًا بِنْ نُقَّدَا

انهن مڪتوبن جي اڳيان جي شهسوارن جون ڳردنون جهڪي ويون آهن، سڀني تسليم ڪيو حالانڪ اهي سڀ پارکو هوا

أَعْدَاءُ مَنْ نَّاوَاكَ بَانَتْ عِنْدَنَا ۔ جَهِلُوْا مَقَامَكَ حَيْثُ كَانُوْا أَعْتَدَا

جن اوهان جي مخالفت ڪئي انهن جا عناد اسان لاءِ ظاهر ٿي پيا آهن تو هاڻي، تنهن لاءِ ته انهن مخالفن نه ڄاتو جو اهي جاهل

بِأَبِيْكَ لِلرَّحْمٰنِ كُنْتَ بِآيَةٍ ۔ فَلِذَالِكَ بِلَادُ قَانٍ خَرَّ وَاسْجُدَا

منهنجو پيءُ توهان تان قربان، توهين بي شڪ خدا رحمان جي هڪ نشاني آهيو، انهي ڪري اوهان جا ٻلف اوهان جي اڳيان سجدي ۾

وَاللّٰهِ فَيْضٌ أَنْتَ مَنْبَعُهُ إِلٰى ۔ يَوْمِ الْقِيَامَةِ لَا يَكُوْنُ مُنْفَدَا

قسم آهي الله جو اهو فيض جنهن جا منبع اوهين آهيو، قيامت جي ڏينهن تائين ختم نه ٿيندو

نُوْرٌ بِهِ الدُّنْيَا أَضَاءَتْ كُلُّهَا ۔ لَا يَنْطَفِي أَبَدًا وَّيَبْقَى سَرْمَدَا

اُهو نور جنهن ڪري سڄي دنيا روشن ٿي ويئي، ڪڏهن به نه وسامندو ۽ نه ئي اوهان جو فيض هميشه باقي رهندو

كُنْ أَنْتَ غَوْثِيْ يَا إِمَامَ الْأَوْلِيَا ۔ كَرَمًا وَّكُنْ لِّيْ أَنْتَ عَوْنًا مُّنْجِدَا

اي وليَن جا امام! تون منهنجو فرياد رس ٿي، پنهنجي ڪرم سان تون منهنجي لاءِ معين ۽ مددگار ٿي

كُنْ أَنْتَ لِيْ رِدْءً وَّكُنْ لِّيْ مَوْئِلًا ۔ كُنْ أَنْتَ لِيْ مَدَدًا أَكُوْنُ مُحَتِّدَا

تون منهنجو يار ۽ تون منهنجو وسيلو ٿي، تون منهنجي لاءِ اهڙي مدد ٿي جا هر وقت حاضر هجي

يَا نَجْلَ صِهْرِ الْمُصْطَفٰى خَتْمِ الرُّسُلْ ۔ يَا أَحْمَدُ الْقَيُّوْمُ يَا مَوْلَى الْجَدٰى

اي حضرت محمد مصطفيٰ ختم الرسل جي سهري يعني حضرت فاروق اعظم جا فرزند، اي احمد وقت جا قيوم اي ٻاجھ ڪرڻ واري

هن کان سواءِ الله تعاليٰ کين اهڙي طاقت عنايت فرمائي جو صباحت[1] ۽ ملاحت کي پاڻ ۾ ملايائون، ضمنيت جي باوجود الله جل وعلا کين اصالت جو رتبو عطا فرمايو مقطعات قرآني جا اسرار هن تي ظاهر ٿيا ۽ الله جل وعلا کين محدث ٿيڻ جو خطاب عطا ڪيو يعني سائين الله جل وعلا بنا واسطي جي ڪلام ڪري فرمايو جيئن حضرت سيدنا موسيٰ

---

[1] صباحت: لغوي معنيٰ صباحت جي آهي صفائي ۽ روشنائي ۽ ملاحت جي معنيٰ آهي نمڪين.
صباحت مان اشارو آهي صفت جمال ڏانهن ۽ ملاحت مان اشارو آهي صفت جلال ڏانهن اهي ٻئي صفتون جلال ۽ جمال جون انسان جي ڪمال لاءِ ضروري آهن سي ٻئي صفتون جن جي ذات مبارڪ ۾ اعليٰ درجي ڪمال تي موجود هجن ۽ اهي ٻئي صفتون کين اصالةً عطا ٿيل هجن نه ڪنهن جي واسطي سان ۽ ان ڪري اصل جو درجو رکندي ... خاص طور تعلق ۽ عزت ۾ هڪ خاص مانُ ۽ عزت ٿيندا آهن ... شريڪ ٿي ڪانه ٿيندي ...

عليه الصلوٰة والسلام کلام کان مشرف ٿيو هو. جيئن خواجه محمد هاشم ڪشميءَ ڪتاب
زبدة المقامات ۾ حواله حضرت خواجه امام محمد معصوم رضي الله تعاليٰ عنه ڏنو
آهي ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي بوراثت سندن ڏاڏي بزرگوار
سيدنا فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي محدثيت جي درجي جو بر ساڻ ڪيو ويو ۽
محدثيت جي تحقيق ۾ مڪتوب ۵۱ جلد ثاني مڪتوبات شريف جو ملاحظو ڪريو جتي
فرمائن ٿا اَنَّ كَلَامَهُ سُبْحَانَهُ مَعَ الْبَشَرِ قَدْ يَكُوْنُ شِفَاهًا وَذَالِكَ لِاَفْرَادٍ
مِّنَ الْاَنْبِيَاءِ عَلَيْهِمُ الصَّلَوَاتُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ وَقَدْ يَكُوْنُ ذَالِكَ
لِبَعْضِ الْكُمَّلِ مِنْ مُتَابِعِيْهِمْ بِالتَّبْعِيَّةِ وَالْوَرَاثَةِ اَيْضًا وَاِذَا كَثُرَ
هٰذَا الْقِسْمُ مِنَ الْكَلَامِ مَعَ وَاحِدٍ مِّنْهُمْ سُمِّيَ مُحَدَّثًا اِلَى آخِرِ
مَا قَالَ الْمُجَدِّدُ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ. [1]

هن ڪان سواءِ ڪيئن دنيا آخرت جي حڪم ۾ ڪري ٿا؟ تن جنهن جو تفصيل مڪتوبات
معصومي مڪتوب ۱۸۹ ۾ آهي ۽ ٻيا بہ ڪيترا مقام جن جي تحقيقات مڪتوبات مجدد ۽ ۽
معصومي ۾ آهي.

فخر عاشقان حضرت مجدد الف ثاني عالم حقاني علامه محمد جان سرهندي فرمايو آهي ته:

مَا اخْتَارَ فَضْلَكَ قَطُّ ذُوْ فَضْلٍ وَلَا ۔۔۔ سَاوَى فَخَارَكَ ذُوالْفَخَارِ اِذَا افْتَخَرَ

ڪو به صاحب فضل اوهان جي فضيلت ۽ ڪمال جو جامع نه ٿي سگهيو نه وري ڪو فخر ڪرڻ وارو فخر ڪندي اوهان جي برابري ڪري سگهيو.

اَنْتَ الْمُرَادُ وَاَنْتَ مَحْبُوْبٌ وَّمَنْ ۔۔۔ مَنَّ الْاِلٰهُ بِهٖ عَلٰى نَوْعِ الْبَشَرِ

تون ئي مراد آهين ۽ تون ئي محبوب آهين ۽ اهڙن ماڻهن مان آهين جن جو احسان ڪيو الله تعاليٰ جن مان نوع انسان تي

اَنْتَ الْمُحَدَّثُ اَنْتَ خَازِنُ رَحْمَةٍ ۔۔۔ وَلِمَنْ يَّلُوْذُ بِذَيْلِ جَاهِكَ يُغْفَرُ

تون محدث آهين ۽ تون خازن رحمت آهين جنهن تو هان جي عزت جي دامن ۾ پناهه ورتي انهي جي مغفرت ڪئي ويندي

وَلَاَنْتَ مُجْتَهِدُ الْكَلَامِ وَاَنْتَ مِنْ ۔۔۔ دُنْيَاهُ آخِرَةٌ كَمَا هُوَ مُسْتَطَرُ

۽ تون ئي مجتهد علم ڪلام جو آهين ۽ تون ئي آهين جنهن جي دنيا آخرت آهي جيئن تو هان جي مقامات ۾ لکيل آهي

---

[1] يعني حق سبحانه وتعاليٰ جو ڪلام انسانن سان ڪڏهن روبرو ٿيندو آهي ۽ اها صورت خاص طرح نبين سڳورن سان ٿيندي آهي ۽ تمام ٿورڙن انهن ڪاملن سان ٿيندي آهي جيڪي نبين سڳورن جا تابع آهن تبعيت ۽ وراثت جي ڪري ۔۔۔۔ ۽ جڏهن انهن ڪاملن سان اهڙو روبرو گفتگو گهڻو ڪري واقع ٿيندي آهي ته پوءِ انهن کي محدث جي درجي جو بر ساڻ ڪري چيو ويو آهي

أَنْتَ الَّذِي قَدْ هَاجَ نَفْسَكَ شَوْقُهَا — لِزِيَارَةٍ فَإِنَّ دَارَكَ الْبَيْتُ الْأَغَرُّ

توهين اُهي آهيو جو تنهنجي نفس کي اُڀاريو آهي شوق، حضرت جي زيارت لاءِ تڏهن خانه ڪعبه ان کان وڌيڪ زيارت ڪئي

هَذَا وَإِنْ جَحَدَ الْبَلِيدُ فَإِنَّهُ — قَدْ صَحَّ عِنْدِي بِالْيَقِينِ مِنَ الْخَبَرِ

هن ڳالهه جو جيڪڏهن ڪوبي ٻوڙ شخص انڪار ڪري ته بيشڪ پر هو تحقيق صحيح آهي منهنجي نزديڪ يقيني خبر سان

بهرحال جيڪي به الله جلّ وعلا کين وڏا رتبا، علم معرفتون ۽ مقام ڏنا سي وقت جي بزرگن قبول ڪيا ۽ سندن خدمت ۾ گڏ ارڙٽ کي وڏي نعمت سمجهندا رهيا جهڙوڪ شيخ فضل الله برهانپوري ۽ شيخ حسن غوثي ۽ مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي ۽ مولانا جمال الدين تلوي ۽ مولانا يعقوب صرفي ۽ مولانا جان محمد لاهوري ۽ مولانا عبدالسلام ديوڪي ۽ شاهه عيسىٰ برهانپوري ۽ شاهه قاسم سليماني ۽ خواجه خاوند محمود لاهوري ۽ شاهه فتح الله سنبلي ۽ سيّد ميرڪ شاهه بلخي ۽ سيّد مير مؤمن بلخي ۽ حضرت شاهه سڪندر قادري ۽ شيخ نارنولي ۽ مولانا جمال لاهوري ۽ مولانا حسن قبادياني ۽ مولانا نور ۽ حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي وغيرهم رحمة الله عليهم اجمعين، ولله درّ من قال قدس سره.

إِنَّ الْأَفَاضِلَ كُلَّهُمْ لَكَ أَذْعَنُوا — وَفَدَتْكَ بِالْأَرْوَاحِ إِلَّا مَنْ نَدَرْ

بي شڪ سڀني ناضلن اوهان جا تابع ۽ رتبن جا قائل ٿيا، پر ڪن ٿورڙن کان سواءِ سڀني اوهان تي پنهنجا روح قربان ڪيا

وَكَذَاكَ شَمْسٌ قَدْ تُفِيضُ النُّورَ وَ — الْخُفَّاشُ مِنْهَا يَشْتَكِي سُوءَ الْبَصَرْ

۽ انهي مثال وانگر سج آهي جو نور ڦهلائي، انڌي هُشُ سبب جنهن وانگي شڪايت ٿو ڪري

هر هڪ فاضل جي احوال ڏيڻ ۾ ڪتاب وڏو ٿي ويندو، مگر ڪن بزرگن جا قول مدح خواني ۾ مختصر طور روضة القيوميه تان نقل ڪري ڏيکارجن ٿا.

شيخ فضل الله برهانپوري

هي بزرگ وقت جو وڏو مشائخ هو، هڪ دفعه ٻڌائين ته سرهند شريف ۾ هڪ شخص تجديد الف ثاني ۽ قيوميّت جي دعوىٰ ٿو ڪري ۽ حضرت اقدس امام ربّاني مجدّد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي منڪرن ڪيس گهڻو وڏو گهٽيو ڳالهيون ٻڌايون ان بزرگ جاچ لاءِ پنهنجو هڪ مريد سرهند شريف موڪليو جو ٻئي مهينا درگاهه تي رهيو. حضرت اقدس سلطان الاولياءِ امام ربّاني جن جي عبادت ۽ اخلاق ۽ تصرف ڏسي حيران ٿيو، جنهن ڪري قلب تي گهڻو اعتقاد ويٺس جيڪي به دل ۾ شبها هُوس تن جو جواب مليس سمورا احوال پنهنجي مرشد سان اچي ظاهر ڪيائين

انهيءَ وچ ۾ هڪ عالم سرهند شريف کان شيخ صاحب وٽ ديو. شيخ صاحب ان کان حضرت اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جو احوال پڇيو ان عالم باعمل ٻڌايو. الله قرب فرمايو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي باطني جذبات بيان ڪرڻ جي ته مون ۾ طاقت ڪانهي آهي، مگر ظاهري عمل ۾ پيروي نبوي صلي الله عليه وسلم جي اهڙي آهي جو سندن ثاني پيو ڪو نهي. روئي زمين جي مشائخن جا ظاهري عمل گڏ ڪجن ته به حضرت امام رباني قدس سره جي عمل اڳيان سويون ڀاڱي به نه ٿين. شيخ فضل الله اهو ذڪر ٻڌي نهايت خوش ٿي چوڻ لڳو ته اهڙي ڪماليت وارو مرد مجدد الف ثاني ۽ قيوميت جي دعوي جو حقدار آهي. جن ڏينهن ۾ حضور اقدس قدس سره کي وقت جي بادشاه تڪليف ڏني هئي انهن ڏينهن ۾ شيخ صاحب سندن حق ۾ پنجن وقتن کان پوء دعا گهرندو هو، جيڪڏهن ڪو به شخص سرهند شريف جي طرف کان سندن مريد ٿيڻ لاءِ ايندو هو ته انکي هرگز مريد نه ڪندو هو، چوندو هو ته توهان جي علائقي ۾ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره موجود آهي ۽ توهان پنهنجي گهر جي سچ کي ڇڏي مون جهڙي تاريڪي جي پنيان ڇو ٿا ڊوڙو ٿا.

شيخ حسن غوثي قدس سره

هي بزرگ هندوستان جي وڏن مشائخن مان هو ۽ حضرت امام رباني قدس سره النوراني جي مجدد الف ثاني ۽ قيوميت جي شان مڃڻ ۾ کجهه شبهو هوس، هڪ ڏينهن بزرگ خواب ۾ ڏٺو ته هڪ جاءِ تي امت جا سڀ ولي گڏ ٿيا آهن ۽ سڀ هي الفاظ ٿا چون ته "جو شخص حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ۽ قيوميت جو شان نه مڃيندو موت جي مهل ان جو ايمان کسي وٺندا" انهي خواب ڏسڻ شرط شيخ صاحب جو شبهو دفع ٿيو ۽ سچي دل سان سندن مجدد الف ثاني ۽ قيوميت جو ٻيو مڃيائين، هڪ ڪتاب تذڪرة الاولياء نالي لکيائين جنهن ۾ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي نسبت ۾ هن طرح لکيو "اهو حضرت مجدد محبوبيت جي مسند نشينن ۾ بالا نشين ۽ وحدانيت جي محفل جو صدر مقام فرديت ۽ قطبيت جو بادشاهه، قيوميت ۽ مجدد الف ثاني جي مرتبه جو صاحب آهي".

سيد ميرڪ بلخي

هي سيد بلخ جي وڏن بزرگن مان هو جڏهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي ڪمالات ۽ ارشادات جي مشهوري ٻڌائين ته هن پنهنجي اختيار ٿي هڪ

نيازنامه سندن ڪمالات کي ڏسي، غائبانه توجه ۽ دعالاءِ التجا طور عرض رکيائين

قيوميت جي ٻاويهين سال ۾ صاحب روضة القيوميه سيد ميرڪ جو هي واقعه بيان ڪيو آهي. سيد صاحب کي ٿورن مان هڪ رات مڪتوبات قدس آيات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي ڪي مطالع ڪيم، جڏهن ان جاءِ تي پهتس جتي پاڻ انهن بزرگن جي حق ۾ فرمايو اٿن "جي هزار سال کان توحيد وجودي جا قائل هوا، جاڪي جو اُهي ويچار انداري ڪُڇن کان نکري ڪيترا انهن نه دوڙيا آهن ان وقت هي بيت بي اختيار پڙهڻ لڳس.

مجدد شيخ ما سرشار عرفان — که سلطان هزاران بايزيد است
مريدان و مريدان مريدان — جنيد و شبلي و شيخ فريد است
خمير طينتش داني که از کيست — باواز سيد عالم رسيده است

ساڳي ڪتاب جي انهيءَ باب ۾ لکيل آهي ته جڏهن شيخ المشائخ ڪبرويه سيد مؤمن بلخي ۽ ماوراء النهر، خراسان ۽ بدخشان جي ٻين بزرگن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي مڪتوبات شريف جا ڪي مڪتوب شريف مطالع ڪيا ته سڀ خوشي سان ڏسڻ ۽ وجد ڪرڻ لڳا ۽ چيائون ته هن اندازي وقت ۾ بي وقوف ماڻهو اهڙي بزرگ جو قدر ڇا ڄاڻن، جيڪڏهن سلطان العارفين بايزيد بسطامي يا سيد الطائفه جنيد بغدادي ۽ اهڙا ڪامل اُمت رحمة الله عليهم هن وقت هجن ها ته جيڪر انهيءَ مرد خدا جي غاشيه بردار ي دخدمت گذاري، ڪن ها ۽ دل وجان سان مريد ٿين ها. حضرت عالم باعمل ڪامل مڪمل خدمت محمد جان قدس سره مدرس مدرسه ذوقانيه حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي باري ۾ بالڪل درست فرمايو آهي جزاه الله خيرا

اِنَّ الشَّرِيعَةَ وَالطَّرِيقَةَ فِيهِمَا — كَمُلَتْ رِجَالٌ قَدْ مَضَوْا فِيمَا غَبَرَ
بيشڪ شريعت ۽ طريقت ٻنهي ۾ — ڪيترا ئي ڪامل ٿي گذريا آهن

كَمُلُوا وَلٰكِنْ كَانَ فِي اَحَدِهِمَا — وَلَاَنْتَ فِي كِلْتَيْهِمَا بَحْرٌ زَخَرْ
اهي ڪامل هئا پر ڪمال انهي ٻنهي مان هڪ ۾ هيو — ۽ البته تون انهي ٻنهي ۾ بحر زخار آهين

دَلَّتْ عَلٰى مَا قُلْتُ مِنْكَ صَحَائِفُ — فِيهَا الشِّفَا لِمَنْ اَتٰى وَلِمَنْ اَفْتَكَرْ

انهيءَ ڳالهه تي جيڪا مون چئي اوهان جا مڪتوب شريف شاهد آهن، انهن مڪتوبن ۾ شفا آهي انهن لاءِ جن غور ڪيو

آثَرٌ اَلَّتِي نُحَا مِنْ يَرَاعِكَ بَاقِيًا ... عِظَةٌ لِّمُتَّعِظٍ وَذِكْرٌ لِّمَنِ ادَّكَرْ

اهو نشان نادر، اوهان جي قلم جو قيامت تائين باقي رهندو، نصيحت وٺندڙ لاءِ نصيحت آهي هدايت وٺندڙ لاءِ هدايت آهي

مُلِئَتْ غَوَامِضُ مِنْ إِشَارَاتٍ كَمَا ... تُمْلَى الْحَقَائِبُ بِاللَّآلِيْ وَالدُّرَرْ

اهي مڪتوب شريف باريڪ اشارن سان ڀريل آهن، جيئن ڊٻليون موتين سان ڀريل هونديون آهن.

فَمَنِ ادَّعَى فَضْلًا عَلَيْكَ فَبَاطِلٌ ... مَا إِنَّ عَيْبَهٗ فَلَيْسَ بَارٍ كَالنَّخِرْ

پوءِ جيڪو ماڻهون اوهان کان ٻئي ڪنهن جي دعويٰ ڪري، پوءِ انهيءَ جي اها دعويٰ ڪوڙي آهي جو ته جهڙي ڪا جوهو پاڻ ۾ مڃتا نه آهي

وقت جي بزرگ جو ارشاد

سائين سال جي ذڪر ۾ ٻه قصا آهن هت تمام مختصر لکجي ٿو ته هڪ خدا جو فقير پوشيده هو
جو ڪڏهن غائب ٿي ويندو هو، ڪڏهن حاضر ٿيندو هو. ان وقت
هڪ عورت صالحيائي جنهن جو وقت جي گهڻن بزرگن کان ارشاد ورتل هو، حضور اقدس
امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي زيارت کان بمشرف ٿي هئي سا گهڻن عورتن
سان گڏجي ان بزرگ وٽ آئي، عرض ڪيائين ته مونکي باطني فيض جي عنايت ڪريو.
ان بزرگ چيو ته قطب قيوم زمانه جو حضرت مجدد الف ثاني آهي جو هن امت جي ڪل
وليءَ کان زور ڀريو آهي تون اُن جي زيارت ڪري پر ان کان تو فيض نه ورتو، جيڪو
تہ سمنڊ مان توکي ڍؤ نه ٿيو پوءِ مون نديءَ ڪهڙو فائدو ڏيئي ٿيندءِ. جوڻ ٻڌو ته
مون به ان سردار جي هڪ پيرو زيارت ڪئي آهي ان شاء الله تعالىٰ ورري به هڪ دفعو ان
امام الاصفياء جي زيارت ڪندس، جو شخص اُن جي زيارت سچائي سان ڪري ان
تي دوزخ جي باه حرام آهي. تون به اُتي وڃ تنهنجو مطلب پورو ٿيندو. آخر اها عورت
مريدي کان مشرف ٿي. الخ

علامه عبدالحڪيم سيالڪوٽي

جناب مولوي عبدالحڪيم سيالڪوٽي قدس سره وقت جي عالمن
جو بادشاهه ۽ تصانيف عاليه جو مالڪ هو. جنهن هر علم ۾ ڪو نه
ڪو ڪتاب ضرور تصنيف ڪيو آهي جن کي طالب علم تحصيل علم جي آخري درجي ۾
ٿا پڙهن، اهڙو ڪو ڪتاب نه هوندو جنهن تي مولانا سيالڪوٽي جو شرح ۽ حاشيو نه هجي
گهڻا طالب علم ان مان فائدا حاصل ٿا ڪن بلڪ سندن حاشين ۽ شرحن جي مدد کانسواءِ
ڪتاب حل ٿي نه سگهي، هي حضرت سال ١٢ قيوميت جي ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني
رضي الله تعالىٰ عنه جي حضور پرنور ۾ اچي مريدي کان مشرف ٿيو. سندن مريدي ٿيڻ جو

هئي سبب ٿيو ته مولوي صاحب جو هڪ شاگرد جو ٻين شاگردن کان لائق ۽ ذڪي طبع
جو ۽ ذهن وارو هو، اهڙي طبع موچاري هئس جو مولوي صاحب جو ٻيو ڪوبه شاگرد ان
سان برابري ڪري نه سگهندو هو. اتفاق سان اهو ٻه ٽي ڏينهن سبق جي پڙهڻ لاءِ نه آيو
مولوي صاحب کيس ڳولائي موڪليو، جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪالولس مولوي
صاحب نه اچڻ جو سبب پڇيو ته هن عرض ڪيائين ته ٻه ٽي ورق منهنجي هٿ لڳا آهن جنهن جي
مطالعي ۾ محو آهيان. انهن کي ڇڏي ڪنهن ڪتاب جي مطالعه لاءِ دل نٿي گهري. پوءِ اهي
ورق بغل مان ڪڍي مولوي صاحب کي ڏنائين، جڏهن مولانا انهن ورقن مبارڪن
کي مطالعو ڪيو ته هن اهڙو ڪلام ڏسڻ ۾ آيس جنهن جا علم ۽ معرفتون بالڪل نيون
نراليون ۽ سهڻيون ۽ شريعت مبارڪ جي حڪمن سان برابر هيون، مولوي صاحب اهو
ڪلام ڏسي حيران رهيو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڪهڙي بزرگ جو ڪلام آهي هڪ شخص جو
حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي ڪلام مبارڪ کان مشرف ٿي چڪو هو ۽ ان وقت
مجلس ۾ موجود هو چوڻ لڳو ته هي ڪلام حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني قدس سره جو آهي، مولوي
صاحب انهن علمن ۽ معرفتن جي مطالعه کان حضور اقدس حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه
جو بالڪل گهڻو ئي معتقد ٿي پيو. انهيءَ وچ ۾ هڪ رات مولوي صاحب حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني
رضي الله تعالیٰ عنه جي ديدار پُرانوار کان خواب ۾ مشرف ٿيو. حضرت جن مولوي صاحب
کي هي تلقين فرمائي. قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ. يعني تون الله چئو
پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي ته پنهنجي غفلت ۾ کيڏندا رهن.

حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جي فرمائڻ شرط مولوي صاحب جو سينو روشن
ٿي پيو ۽ دل ذڪر ڪرڻ لڳس بلڪ ذڪر الاهي سموري بدن ۾ اثر ڪري ويس ۽ مولوي صاحب تي عجب حالت
غلبو ڪيو، جڏهن جاڳيو ته هن دل پنهنجي کي ذڪر ۾ مشغول ڏٺائين ۽ متين حالتن
جو پاڻ ۾ مشاهدو ڪيائين، بي وقت نياز مندي، دُعا ۽ توجه لاءِ حضرت مجدد الف ثاني
رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ عريضو لکيائين ۽ ماڻهن کي چوڻ لڳو ته آءٌ حضرت شيخ
احمد امام رباني مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو اويسي آهيان. هن کان پوءِ حضور
جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي مريد ٿيو مولانا صاحب مجدد الف ثاني جي اثبات ۾ رسالو
دَلَائِلُ التَّجْدِيد جي نالي لکيو آهي. واقعي انهيءَ رسالي ۾ نهايت قوي دليل ۽ برهان پيش ڪيا اٿس

خواجه محمد هاشم رحمة الله عليه "برڪات الاحمديه" ۾ تحرير ٿو فرمائي ته هڪ ڏينهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي درگاه ۾ گهڻا ماڻهو حاضر هوا، اُتي هيءُ ذڪر نڪتو ته حضور اقدس جي تجديد الف ۽ قيوميت جي شان جو ثبوت ته اسان ماڻهن تي اظهر من الشمس آهي پر جيڪڏهن ڪو عالم، جو علم ۾ پنهنجي وقت جو سردار هجي ۽ جنهن جو قول خلق لاءِ سند هجي، اهو تجديد الف ۽ قيوميت جو اقرار ڪري ته پوءِ مخالفن جي لاءِ دليل قوي ٿيندو. انهيءَ ذڪر بعد سڀئي سمورا اهل مجلس حضور اقدس جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا ان وقت حضور انور رضي الله تعالىٰ عنه ننڍ مان اٿي وضوء ڪري جوارا دو ٿي فرمايو ۽ قيوميت جي نور سان گڏ ريل ذڪر معلوم ڪري خادمن کان پڇي فرمايائون ته مولوي عبدالحڪيم هن وقت ۾ ڪٿي آهي سڀني عرض ڪيو ته اڄ ڪلهه معقول ۽ منقول ۾ جهڙس ڪو به ڪونهي تنهن تي پاڻ فرمايائون ته مولوي صاحب مون ڏانهن هڪ خط لکيو آهي ان کي پڙهي ڏسو. حضور جن ايجان اهو گفتگو پوري ڪري فرمايو ته قاصد حضور جن کي هڪ خط اچي ڏنو. حاضرين عرض ڪيو ته هيءَ مولوي صاحب جو خط آهي، جڏهن کولي پڙهيائون تڏهن ان ۾ حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جي باري ۾ ڪيترائي جملا مدح جا لکيل هوا، جن جملن مان هڪ هيءُ آهي: "امام رباني محبوب سبحاني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه" تنهن کان پوءِ ان خط ۾ پنهنجو خواب ۽ پنهنجي حالت سڀ ڪجهه عرض ڪيل هوائين. هي مولوي صاحب جو پهريون خط هو جو حضور اقدس مجدد الف ثاني جي خدمت ۾ موڪليو هوائين

شيخ عبدالحق محدث دهلوي

هي بزرگ حضرت خواجه مجدد الف ثاني قدس سره جي وقت جو هو ۽ هندستان جي عالمن ۾ يڪتا گوهر هو. "جذب القلوب الى ديار المحبوب"، "مدارج النبوت"، "تاريخ مدينه"، "تڪميل الايمان" شرح مشڪواة شريف وغيرها انهي بزرگ جا جوڙيل ڪتاب آهن. پنهنجي پٽ نورالحق کي هڪ خط حضرت مجدد الف ثاني جي ناليءَ لکي ڏنو هوائين جنهن جو مطلب هيءُ هئو ته حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف على نبينا وعليهما الصلواة والسلام جي وچ ۾ محبت ايتري قدر هئڻ جي ڪهڙي حڪمت هئي؟ پاڻ هڪ مڪتوب شريف جو مڪتوبات شريف

ٻي ٽئين جلد ۾ موجود آهي ان جي جواب ۾ لکي ڏانهنس موڪليائون. مٿيون محرّث سنڌ ن مڪتوب شريف ڏسي سنڌ ن دل وجان سان ارادت مند ٿيو ۽ سنڌ ن مجدد الف جو شان مڃيائين. (روضة القيوميه ٢)

معلوم ٿي ته شيخ عبدالحق دهلوي حضرت سلطان الاولياء امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جو اڳ ۾ منڪر هو جئين ابن جوزي حضرت سيدنا غوث الاعظم محي الدين جيلاني قدس سره جو منڪر هو.

ذوالمعارف صاحب تفسير ٻوٽي پنهنجي مرشد حضرت شاه غلام علي قدس سره جي ملفوظات ۾ لکي ٿو ته آڳاري جي ڏينهن تاريخ ١٣ ربيع الآخر جي فرمايائون ته شيخ عبدالحق صاحب پنهنجي رسالي ۾ لکيو آهي ته مونکي حضرت مجدد الف ثاني جي عالي قدر هجڻ ۾ شبهو هو ۽ جتو آيت قرآني، جا حضرت موسى على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي شبهي تار ڦلاءِ نازل ٿي آهي منهنجي دل ۾ وارد ٿي، پوءِ فرمايائون ته معلوم ٿيو جو ارادو رکندڙ حضرت مجدد الف ثاني ڏانهن آهي سو موسوي آهي ۽ جو منڪر آهي فرعوني آهي. خواجه باقي بالله قدس سره جي خليفه خواجه حسام الدين ڏانهن حضرت شيخ عبدالحق صاحب هڪ اخلاص نامو لکيو جنهن ۾ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره ڏانهن نهايت گهڻو اعتقاد جاتائي ڪيائين ته اهڙن بزرگن سان بد اعتقاد رهڻ چڱو نه آهي. پڻ سنڌ ن خط مان معلوم ٿيو ته منهنجو انڪار ٻوٽو نفسانيت جي سبب ڪان هو. الخ

علامه محمد مراد حضرت شيخ عبدالحق صاحب جي خط لکڻ کان پوءِ رقم ٿو فرمائي. لَا يَخْفٰى عَلَى النَّبِيْهِ مِنْ هٰذَا اَنَّ اِعْتِرَاضَهٗ اَوَّلًا اِنَّمَا كَانَ بِمُوْجِبِ الْبَشَرِيَّةِ وَهُوَ كَذٰلِكَ فَاِنَّ كَلَامَ الْمُنْكِرِيْنَ كُلَّهٗ مِنْ هٰذَا الْقَبِيْلِ اِلَّا اَنَّ الْحَقَّ سُبْحَانَهٗ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاءُ وَيُنْجِيْهِ مِنْ هَاوِيَةِ الْاِنْكَارِ وَيُؤْوِيْهِ اِلٰى جَنَّةِ التَّصْدِيْقِ بِاَوْلِيَائِهٖ وَنِعْمَ دَارُ الْقَرَارِ وَيُبْقِي الْبَعْضَ عَلٰى مَا هُوَ فِيْهِ مِنْ نَارِ الْاِنْكَارِ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ٣

---

١ مڪتوب ٢٢١ جلد ٽيون مڪتوبات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره
٢ سال ٧١ ٿيو ميت جي ۾ اهو ذڪر آهي
٣ معرب المڪتوبات الشريفة المرسوم بالدرر المڪنونات النفيسة مطبوعه مڪه ص ٢

— پڻ سبع سيارہ ۾ آهي ته شيخ عبد الحق صاحب هڪ ڏينهن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ديدار کان مشرف ٿيو، حضرت جن صلي الله عليه وسلم تمام گهڻي تنبيه ڪئين ۽ عتاب فرمايائون ته حضرت مجدد جو تون ڇو منڪر ٿيو آهين پوءِ توبه ڪيائين ۽ دل و جان سان ارادت مند رهيو الخ. ٻئي جاءِ تي آندو ويو آهي ته جيڪي اعتراض ڪيا هوائين سي پاڻ ۾ ڏوڙي ڇڏيائين ۽ ڏوڙ جو حڪم پڻ ڏانهن ڪيائين اهو پڻ هڪ پيري ”رِجَالٌ لَا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ“ جي آيت قرآن شريف مان ڪڍي جنهن جو قصو سلسلة الذهبيه ۾ لکيل آهي ۽ ڪلمات جي ذڪر ۾ ايندو. پڻ حسن افغاني هتڙادو مڪتوب لکي حضرت امام رباني جي نالي ڪري ڪيس اچي ڏنو هو، انهي مڪتوب تي شيخ صاحب اعتراض ڪري ڇڏيو جڏهن واقف ٿيو ته مڪتوب ڄڙتو آهي تڏهن پشيمان ٿي حضرت اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ڏانهن عذر ۽ رجوع لکيائين ۽ معافي گهريائين، جنهن جو ذڪر مناقب العارفين ۽ سلسلة الذهبيه ۾ آهي. بهر حال انهي سبب ظاهري سبب حضرت شيخ جي رجوع ٿيڻ جا ٿيا ولله الحمد. علامه محمد مراد لکي ٿو لکي.

وَاخْتُلِفَ فِي سَبَبِ رُجُوْعِ الشَّيْخِ مِنْ اِنْكَارِهٖ ظَاهِرًا قِيْلَ رَاَى النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْمَنَامِ فَهُوَ لَوَّمَهٗ عَلٰى اِنْكَارِهٖ وَقِيْلَ تَفَاءَلَ فِيْ حَقِّهٖ بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ فَخَرَجَ ”وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ“ وَقِيْلَ خَرَجَ مَرَّةً ”رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ“ وَقِيْلَ اِنَّمَا كَانَ اِعْتِرَاضُهٗ عَلَيْهِ بِحَسَبِ مَكْتُوْبٍ مَجْعُوْلٍ عَلَيْهِ مِنْ طَرَفِ بَعْضِ اَعْدَائِهٖ فَلَمَّا وَقَفَ عَلٰى ذٰلِكَ رَجَعَ وَتَابَ وَاعْتَذَرَ لِلْاِمَامِ قُدِّسَ سِرُّهٗ عَمَّا صَدَرَ فَحَذَرَ وَانْقَلَبَ اِلَى الصَّفَاءِ الْكُلِّيِّ وَلَمْ يَبْقَ مِنْهُ اَثَرٌ وَلَا مَانِعَ مِنِ اجْتِمَاعِ كُلِّ ذٰلِكَ وَحَيْثُ ثَبَتَ رُجُوْعُهٗ عَنْ ذٰلِكَ عُلِمَ اَنَّهٗ مِمَّنْ اَدْرَكَتْهُ الْعِنَايَةُ الْاِلٰهِيَّةُ بِاَيِّ طَرِيْقٍ كَانَ الخ (درر المعلومات ص ۱۴۵)

— اهي ٻن رنگن جي بيان ڪيا ويا، سي گهڻو ڪري اُهي آهن جي وڏي عمر جا هوا ۽

حضور اقدس امام رباني قدس سره جي نور جي ظهور جي شروعات هئي، باقي جن بزرگن ۽ محققن سندن ڪمال ظهور جي وقت جو شرف حاصل ڪيو ۽ سندن فيض جي نور کان

سو جيڪو ورد ٿو ڪري ته ٽين جي نيڪي جي خبر پوڻ الله جل وعلا کان سواءِ ناممڪن آهي جيڪو هن
ڪوڙ ڳوڙهن بزرگن جو بيان ڪجي ته به بي شمار دفترن جي ورقن. انهن جي مناقب
۾ ڪيترا ڪتاب جُڙي ويا آهن. علامه محمد مراد مڪي مٿين مضمون ڪيل جي باري
۾ ڪي ٿو: وَهٰؤُلَاءِ الَّذِيْنَ ذَكَرْنَاهُمْ اَكْثَرُهُمْ مِمَّنْ اَدْرَكُوْا فِيْ اَوَاخِرِ عُمُرِهِمْ
اَوَائِلَ ظُهُوْرِ الْاِمَامِ قُدِّسَ سِرُّهٗ وَاَمَّا الَّذِيْنَ اَدْرَكُوْا كَمَالَ ظُهُوْرِهٖ
وَبَايَعُوْهُ اَوِ اقْتَبَسُوْا مِنْ اَنْوَارِهٖ مِنَ الْمُحَقِّقِيْنَ وَالْمُدَقِّقِيْنَ فَلَا يُحْصِيْ
عَدَدَهُمْ اِلَّا اللّٰهُ لَوْ حَاوَلَ شَخْصٌ ذِكْرَهُمْ لَا تَسْتَغْرِقُ مُجَلَّدَاتٍ
كَثِيْرَةٍ وَقَدْ اُلِّفَ بِالْفَارِسِيَّةِ مَنَاقِبُ شَتّٰى الخ

جڏهن الله جلّهٗ وعلا حضرت مجدد الف ثاني کي دين اجارڻ لاءِ تجديد الف جي رتبي سان نوازيو ته پاڻ اٿيا ۽ دين جو سُڌارو فرمايائون جنهنجو احوال ڏهن مختصر ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. اهڙو مُلڪ ڪونه رهيو جنهن مُلڪ ۾ سندن خليفا نه ويا هجن ڪو به بادشاه نه رهيو جو سندن مريد نه ٿيو هجي. جاءِ بجاءِ مسجدون نهي ويون دين جو غلغلو ايتري قدر ٿيو جو بادشاهه وقت (جهانگير) کي گهڻو خوف ٿي پيو ته منهنجي بادشاهي کسجي ويندي. نيٺ يوسف زماني خواجه امام رباني قدس سره کي ان کان جا تڪليف پهتي انجو بڌاهو سبب هو جنهنجو مفصل احوال روضة القيوميه جلد اول ۾ آهي ۽ مختصر جواهر مجدديه ۾ ڪيو ويو. ڇو ته جڏهن پاڻ تڪليف سٺائون ته ڏهن هيڪاري دين جي رياد ٿي پي. بادشاهه ان جا رهيل ڪامورا مريد ٿيا ۽ بادشاه هميشه [illegible] رهندو ويو. حضور اقدس کي جيڪا بادشاه تڪليف ڏني هئي ان جو ڪجهه ذڪر اڳتي ايندو. وقت جي ڪيترن مشائخن پنهنجيون گاديون ڇڏي ڏنيون ۽ حضور اقدس ۾ اچي لڳا ڪن کي حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جو حصو ڏنو ويو ڪن کي ڪن وليڻ ڪاملن جو، خصوصاً غوث الاعظم قدس سره جو. هر هڪ جا احوال ڏيکڻ ته گهري هت مختصر روضة القيوميه تان ڪي بيان ڪجن ٿا.

خواجه فرخ حسين بدخشاني

صاحب روضة القيوميه جو سال ٣ قيوميت جي ۾ ڪي ٿو ته خواجه فرخ حسين بدخشاني ما وراء النهر جي اڪابرن مان هڪ وڏو مشائخ هو. انهي بزرگ کان حضور اقدس جن جي قيوميت ۽ تجديد الف ثاني جو بشارتون

ٻڌايون هوائين ۽ پاڻ ۾ موچارا خواب ڏٺا هوائين. توران جي ملڪ ۾ مشهور ٿيو ته حضرت باقي بالله قدس سره پڻ سندن مريد ٿيو آهي. نبيرهٔ خواجه حسين اتان هليو ۽ اچي لاهور ۾ حضرت جن جو مريد ٿيو. ان وقت سندن منزل لاهور ۾ هئي.

سيّد نصير احمد رومي

سيّد نصير احمد، روم جي وڏن مشائخن مان هو. هڪ ڏينهن روضهٔ انور حضرت سيّد المرسلين صلي الله عليه وسلم جي حرم شريف ۾ ويٺو هو ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم کين ارشاد فرمايو ته هند جي زمين ۾ هڪ بزرگ پيدا ٿيو آهي جو امت جي سڀني ولين کان وڌيڪ آهي، جيڪڏهن تون سعادت جي خواهش ٿو رکين ته ان جي حضور ۾ وڃ ۽ ان کان دعا گهر، جو دين دنيا جو سرمايو آهي." مٿيون سيّد سڳورو حڪم موجب هندستان ڏانهن روانو ٿيو. آخر اچي لاهور ۾ پهتو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن پڻ اتفاق سان لاهور ۾ هوا جت سيّد صاحب مريد ٿيو، دارين جي سعادت کان مشرف ٿيو. [له]

شيخ طاهر بدخشي قدس سره

صاحب روضة القيوميه سال ع٢ ۾ لکي ٿو ته هن سال ۾ بزرگ، طالقان شادمان، ڪولاب ۽ بدخشان جا طالب سندن حضور ۾ آيا، ڪن پنهنجي پيري جون گاديون ڇڏيون ۽ ڪن مدرسا ترڪ ڪيا. بدخشان جي سلطان جو مقرب شيخ طاهر بدخشي هو، ان هڪ رات حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي خواب ۾ زيارت ڪئي، سان ئي چار يار سڳورا عليهم الرضوان پڻ همرڪاب هوا. آنحضرت صلي الله عليه وسلم شيخ طاهر کي گهڻي عنايت ڪري فرمايو ته توکي بادشاه سان گڏ رهڻ لائق نه آهي، بهتر آهي ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿي." شيخ طاهر صبح جو جاڳڻ شرط سرهند شريف جو رستو ورتو.

هڪ بلخ جي بزرگ جو سندن حضور ۾ اچڻ

تجديد ۽ قيوميت جي ٽئين سال ۾ آهي ته بلخ جو هڪ بزرگ حضور اقدس ۾ آيو، پاڻ ان کان احوال پڇيائون، چيائين ته مون خواب ڏٺو ته ڪن ماڻهن هڪ جنازو وڏي عظمت ۽ جلال سان آندو آهي جنهن پٺيان خلق جو گهڻو انبوه آهي جن ۾ آڳيان نبي پڻ سمورا اولياء خصوصا ماوراء نهر جا مشائخ جهڙوڪ خواجه

له سيّد مير نصير احمد رومي جو ذڪر روضة القيوميه جي ٽئين سال قيوميت جي ۾ آهي.

عبدالخالق غجدواني، سرحلقهٔ خواجگان حضرت خواجه بهاؤالدين شاه نقشبند ۽ خواجه عبيدالله احرار ۽ سندن زماني ۽ وقت جا بزرگ سڀئي پاڻ ۾ گڏ ٿيا هئا، جنهن جي پرسان اچي بيٺا آهن، مون انهن بزرگن مان هڪ کان پڇيو ته هي ڪهڙي بزرگ جو جنازو آهي ۽ هي سڀ بزرگ ڪنهن جي انتظار ۾ آهن. انهن چيو ته هي هيءُ هن ملڪ جو قطب آهي ۽ هي سڀئي بزرگ هن امت جي اوليائن جي قطب الاقطاب جي انتظار ۾ آهن جو اچي جنازو پڙهائيندو ۽ اتي ۾ هڪ بزرگ سڙو جي قد، گندمي مائل اچاڻ جي رنگ وارا هئا، جنهن جي نوراني پيشاني ۽ اکيون مبارڪ ڪشاديون ۽ نڪ ڪ بلند ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۽ وار گهاٽا، صاحب حُسن جو، جنهن جو حسن، يوسفي حسن جي خبر ڏيئو ڏئي. محمدي ملاحت ۽ پيشاني تي ولايت جا چمڪارا هئا. عزت ۽ تمڪين جي نشاني جو سردار اچي پهتو سڀني اُن جي تعظيم ڪئي هٿ ٻڌي سامهون بيهي رهيا اُن بزرگ امامت ڪرائي پوءِ جنازو ڪنيائون ڪنهن پڇيو ته هي امامت ڪرائيندڙ ڪير ۽ ڪٿان جو آهي؟ ڪنهن جواب ڏنو ته هن جو نالو حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني آهي جنهن جو هٺ سرهند شريف ۾ ٿيندو آهي، جڏهن آءٌ ان هوش ۾ آيس ته مون کي حضرت مجدد الف ثاني جي زيارت لاءِ بي قراري ٿي ۽ صبح جو ئي جنهن گادي جڏي هن قطب الاقطاب جي چائٺ مبارڪ تي آيس. هت اچي ڏٺم ته خواب واري صورت مبارڪ کان هڪ وار جو به فرق ڪونه هو ۽ سندن درگاه اقدس کان گهڻائي فائدا حاصل ڪيم.

هڪ چشتي خاندان جي گادي نشين جو حضور اقدس ۾ اچي مريد ٿيڻ

انهي سڳي سال ۾ هڪ چشتي خاندان جي بزرگ سندن مريد ٿي فيض کان مشرف ٿيو، مريد ٿيڻ کان پوءِ هي بيان ڪيائين ته مون حضرت خواجه معين الدين چشتي قدس الله تعالى سره کي خواب ۾ ڏٺو ڪ گويا ڪ هن پاسي تشريف ٻيا فرمائي ۽ سندن اڳيان وڏي فوج ۽ شاهي جهنڊا آهن، ايتري ۾ ڪنهن ان فوج مان مون کي چيو ته تنهنجو پيءُ ڏاڏو چشتي طريقي جو مريد هو تون ڪهڙي سبب حضرت مجدد الف ثاني جو مريد ٿيو آهين مون جواب ڏنو ته ڪُتو جتي ڪجهه لهندو آهي اُتي وڃي ويندو آهي هن تي

ان جيئن ته خواجه معين الدين قدس سره ۽ حضرت مجدّد الف ثاني قدس سره ۾ ڪهڙو فرق ڏٺو جو اُنهي خدمت ۾ فيض ياب ٿيو آهين مون جواب ڏنو ته ايترو فرق ڏٺم، جيترو حضرت موسىٰ ۽ حضرت محمّد على نبيّنا و عليهما الصلوٰة والسلام ۾ آهي حضرت خواجه معين الدين قدس سره اعتراض ڪندڙ کي جهڙڪ ڏني ۽ چيو ته فرمايائين ته ان جو پير، اُمّت جي سيني وڻن کان وڌيڪ ٿيو آهي، نهايت شريعت وارو ۽ نهايت مستقيم الاحوال آهي خبردار هن کي ڪجهه نه چئو

حضرت مشڪل ڪشا شاهه نقشبند قدس سره جو فرمودو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي شان ۾

حضرات القدس ۾ آهي ته حضرت مجدّد الف ثاني رحمة الله عليه جي مريدن مان هڪ سادات سڳوري بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن حضرت مجدّد الف ثاني جي منڪرن مان ڪنهن مونکي چيو ته حضرت مجدّد ٿو فرمائي ته جيڪڏهن هن وقت حضرت خواجه بهاؤالدين شاهه نقشبند قدس سره حيات هجي ها ته اهو به منهنجي خدمت ڪري ها. مونکي معلوم هو ته حضور اقدس کي ڪنهن به طرح ڪنهن شيءِ جي عادت نه آهي، يعني اُهي سنت ۽ شرع جي مخالف آهي. مون عجب ڪيو، اوچتو آءٌ مرض طاعون ۾ گرفتار ٿيس ۽ مرض نهايت سختي ڏيکاري ايتري قدر جو ملائڪ منهنجي روح قبض ڪرڻ لاءِ آسمان کان نازل ٿيا، ايتري ۾ حضرت خواجه شاهه نقشبند قدس سره جن ظاهر ٿي ملڪن کي فرمايو ته توهين موٽي وڃو سيد زادي کي حياتي بخشي وئي آهي. ملڪن سبب پڇيو خواجه بهاؤالدين قدس سره فرمايو ته جي هي مري ها ته ڪي آدمي ڪافر ٿي مرن ها، هڪ مريض، ٻيو ان کي چوڻ وارو، تنهن ڪري ڇوڙڻ واري کان بڇو، "كذا في السلسلة الذهبيه" ص ۲۲

ڏسو ته درويش مونکي ارشاد ڪيائون ته اگرچه جئين ان گمراهه بيان ڪيو آهي تئين حضرت امام رباني قدس سره ڪونه فرمايو آهي پر حقيقت هيءَ آهي ته ان جو شان ۽ مرتبو انهي کان گهڻو زياده آهي. اهه ـــــــ حضرات القدس مان معلوم ٿو ٿئي ته مٿيون چشتي بزرگ به اهو سا ڳو حضرت آهي جنهن کي طاعون ٿيو هو.

معلوم ڪرڻ گهرجي ته حضرت غريب نواز خواجه معين الدين چشتي رضي الله تعالى عنه

وارثان ۽ قطب روم وشام خواجه بسطام ۽ محبوب حق في حضرت خواجه ابو الحسن خرقاني ۽ حضرت غوث الثقلين جگر گوشهٔ حسنين محبوب رب المشرقين والمغربين سيدنا ومرشدنا پير دستگير محي الدين ابي محمد شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنهم حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي مدح خواني ڪيئن سودن جي ڪري ڪئي آهي. جنهن جو احوال اڳ گذري ويو. حضرت خواجه اجميري قدس سره الاقدس جو فرمودو هن عالم ۾ ظاهر ٿي آيو. سبحان الله! ڪهڙي نه شان بي پايان پيو پير ان حضرت مجدد مهربان قدس الله تعالیٰ سره جو آهي جنهن جا وڏا وڏا اولياء عظيم الشان برگزيدگان بارگاهِ رحمان مدح خوان ٿيا آهن.

علامه خواجه محمد جان قدس سره حضرت مجدد رضي الله تعالیٰ عنه جي درٻار ۾ ڪيئن نه التجا ڪئي آهي.

مَا قَدْرُ مَنْ اُثْنِيْ عَلَيْكَ وَاَنْتَ مَنْ يُثْنِيْ عَلَيْكَ ... اَلْخَوَاجَهْ مِنْ اَجْمِيْرِهِ وَالْغَوْثُ مِنْ جِيْلَانِهِ

ڪهڙي طاقت آهي ان شخص جي جنهن اوهان جي ثنا ڪئي حالانڪه اوهين اهي شخص آهيو جنهن جي ثنا ڪئي خواجه اجمير ۾ ...

وَكَذَا اَبُو الْحَسَنِ الْوَلِيُّ وَبُوْيَزِيْدَ كِلَاهُمَا ... هٰذَا الْكَرِيْمُ بِبِسْطَامِهِ هٰذَا الْكَرِيْمُ بِخَرْقَانِهِ

۽ اهڙيءَ طرح حضرت ابو الحسن ولي ۽ حضرت بايزيد ٻنهي، هي ٻنهي بسطام ڪان ۽ هي ٻئي خرقان کان

جَاءَ الْفَقِيْرُ اِلَيْكُمْ يَا سَيِّدِيْ فِيْ اَمْرِهِ ... اِنَّ الْفَقِيْرَ لَيَلْتَجِيْ اَبَدًا اِلٰى سُلْطَانِهِ

عرض ۾ آيو آهي فقير مداح اوهان ڏانهن اي منهنجا آقا پنهنجي ڪم جي باب ۾ بيشڪ محتاج هميشه التجا وٺي ايندو آهي پنهنجي بادشاه

هٰذَا الْعَبْدُ وَاقِفٌ فِيْ سُوْحِكُمْ مُتَضَرِّعًا ... مِنْ تَالِفٍ مَا عِنْدَهُ عَمَلٌ سِوٰى عِصْيَانِهِ

هي ٻانهون اوهان جي گهٽيءَ ۾ عاجزي سان بيٺو آهي، يعني اهو برباد ٻانهون جنهن وٽ ڪو عمل ڪونهي سواءِ گناهن جي آهي

هٰذَا الرَّقِيْعُ صَحَائِفُ تُشْتَقُّ مِنْ فِكْرِهِ ... وَلَعَلَّهُ يَوْمَ الْحِسَابِ يَكُوْنُ فِيْ مِيْزَانِهِ

هي نظم آهي جنهن کي ان ناهيو آهي ٻن ڳالهين جي بيان ۾، پر اميد آهي ته قيامت جي ڏينهن اهو سندس ترازيءَ ۾ هوندو

وَمُؤَلِّفُ الْاَبْيَاتِ فِيْ مَدْحِ الْمُجَدِّدِ اَحْمَدٍ ... حَاشَاهُ يَاْبٰى بَابَهُ وَيَعُوْدُ فِيْ حِرْمَانِهِ

حضرت مجدد شيخ احمد جي مدح ۾ بيتن ناهڻ وارو، محال آهي ته سندن در وارو ٿي اچي ۽ محرومي ۾ موٽي

اَوْ تَارِكٌ مَمْلُوْكَهُ يَبْقٰى اَسِيْرَ مُلِمَّةٍ ... حَاشَا لِعَاظِمِ قَدْرِهِ حَاشَا لِجَلَالَةِ شَانِهِ

يا اهو حضرت پنهنجي غلام کي ڇڏڻ وارو آهي ته پيو قيد مصيبت ۾ باقي رهي، سندن مرتبي وڏي ۽ سندن شان کي

هي ڳالهه بالڪل ٻاهر آهي

يَا مَنْ يَرُومُ وَيَبْتَغِي مَدْحَ الْمُجَدِّدِ أَحْمَد   مَهْلًا فَلَا تَهْتَجْ بِهِ إِذْ لَسْتَ مِنْ فُرْسَانِهِ

اي اهو شخص جو حضرت مجدد شيخ احمد جي مدح خواني ٿو چاهين ۽ تڪڙ ٿو ڪرين ته ذرا ترس ڇو ته تون هن ميدان جي شهسوارن مان نه آهين

شَرْحُ الْغَرَامِ إِلَى مَتَى أَقْطَعْ نَشِيدَكَ بِالثَّنَا   وَلْنَشْرِ مِسْكِ خِتَامِ هٰذَا النَّظْمِ فِي نَفَحَاتِهِ

پنهنجي عشق جي بيان کي ڪيستائين ڊگهو ڪندو رهندين تنهن ڪري هي بيان ختم ڪريان ٿو ۽ هن نظم جي آخر ۾ ان جي خوشبوءِ کي پکيڙيان ٿو.

هڪ قادري بزرگ جو سندن خدمت ۾ اچي مريد ٿيڻ

تجديد ۽ قيوميت جي سورهين (١٤) سال ۾ صاحب روضة القيوميه هڪ وڏو بيان آندو آهي، جنهن جو اختصار هي آهي. حضرت مير سيد احمد روايت ٿو ڪري ته هڪ شخص مشڪن ۾ مليو جنهن کان هڪ تصرف ڏٺم جنهن تي ان کان احوال پڇيم ان چيو ته آئون پنجاب جي رهڻ وارو سوداگر آهيان، مونکي حضرت غوث الثقلين ميران محي الدين عبد القادر جيلاني رضي الله تعالى عنه سان نهايت گهڻي محبت هئي. ڏهاڙي نماز کان پوءِ انهي روح انور کي ختمو ڏيندو هوس ۽ پنهنجا احتياج سندن خدمت ۾ عرض ڪندو هوس ۽ طريقي قادري سلسلي جا ورد وظيفا ۽ ذڪر هوا پڙهندو رهندو هوس. هڪ رات ننڊ ۽ جاڳڻ جي درمياني حالت ۾ حضرت غوث الاعظم قدس سره جي زيارت کان مشرف ٿيس ۽ قدمن تي ڪري پيس پاڻ فرمايائون ته "ظاهر ۾ پڻ پير ڪرڻ ضروري آهي" مون عرض ڪيو ته وقت جي مشائخن مان جنهن لاءِ حڪم ٿئي اهو پير ڪريان. حضرت غوث الاعظم قدس سره فرمايو ته "سرهند شريف ۾ هڪ بزرگ ظاهري ۽ باطني علمن جو جامع حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد نالي آهي سڀني امت جي وچ ۾ اهڙي رتبي جو ٻيو ڪو ڪونهي ان وٽ وڃي حاضر ٿي". صبح جو اٺ شرط سندن حضور ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪيم. آخر سندن خدمت کان مشرف ٿيس. پنهنجي ساري حقيقت سندن اڳيان بيان ڪيم پاڻ نهايت عنايت فرمائي سلوڪ جي ريت سان مونکي سينگاريائون، ٿوري عرصي ۾ پنهنجي مقصود کي پهتس". اهو ماخص.

(آئنده ص ١٣٥ تان) مگر طفيلي جو شان ۽ رتبو اصلي جهڙو نه آهي. كذا افاد حضرت سيدي سندي استاذي ومرشدي تنهن حضرت شاه آغا محمد ظلهم العالي.

(آئنده ص ١٣٩ تان) ۽ اعتراضن جي جواب ۾ لکيل آهي. تنهن جا قلمي نسخا حضرت جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي وفات سنه ١٢٥١ هجري مطابق سنه ١٨٣٥ع ۾ ٿي.

(٦) حيدرآباد: - حيدرآباد سنڌ، ميرن کان ذڪر اوله طرف پيراج ڪالوني شاخ. حضرت خواجه غلام محي الدين سرهندي مجددي بن حضرت غلام صادق بن حضرت غلام محمد معصوم بن حضرت شاه محمد اسماعيل (باقي ص)

حضرت پير دستگير غوث الاعظم رضي الله تعالىٰ عنه جي تشريف شريف، سرهند شريف ۾ عجيب واقعو

سال ٻارهين ۾ صاحب روضة القيوميه جو لکيل آهي ته جڏهن ماڻهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جا ڪمالات ٻڌا اجهڙوڪ قيوميت ۽ طينت ۽ اصالت وغيره، تڏهن جيڪي عاقل هوا سي سڀني ڪمالات قبول ڪري مريدي کان مشرف ٿيا ۽ جي عقل کان بهره ور نه هوا اُهي نه رڳو منڪر ٿيا بلڪ حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جي اهانت ڪيائون ۽ چوڻ لڳا ته جي ڳالهه واقعي قيوم ۽ مجدد الف آهن ته اسانکي اڳين پيغمبر دا نگر ڪانيشاني ڏيکارن جي پنهنجن منڪرن سان ڪي ڏيکار ٿيندا هوا. حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن جڏهن اهڙن جون واهيات ڳالهيون ٻڌيون تڏهن فرمايائون ته اهڙن کي چئو ته جي اوهانجي دل گهري ته اچو ته مباهلو ڪريون.

تحقيق مباهله

جڏهن ڪو نبي نبوت جي دعوىٰ ڪندو هو ۽ خلق انجي نبوت کان انڪار ڪندي هئي، تڏهن اهو نبي پنهنجي اهل عيال سودو ۽ مخالف ڌر به اهل عيال سان اچي هڪ مقرر جاءِ تي وضوءَ سان هڪ ٻئي جي لاءِ درگاهه باري جل دعلي ۾ غضب جي دعا گهرندا هوا. نبي سڳورو پنهنجي دعوىٰ ۾ سچو هوندو هو تنهن ڪري اهڙن منڪرن تي قهر الاهي نازل ٿيندو هو.

جڏهن حضرت مجدد الف ثاني جو پيغام هن ڌر کي پهتو پاڻ مجلس مقرر ڪري صلاح ڪيائون. آخر هي راءِ قائم ڪيائون ته گهڻو گمان آهي ته حضرت مجدد الف ثاني ۽ انجي اولاد جي دعا قبول ٿيڻ پوءِ اسان تي وڏي مصيبت نازل ٿيندي تنهنڪري ڪا اهڙي ڳالهه ڪجي جو حضرت مجدد الف ثاني نه ڪري سگهي ۽ بالڪل محال هجي جنهن ته اهڙن مان هڪ معتبر شخص اچي حضور ۾ هي درخواست ڪئي ته جيڪڏهن حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رضي الله تعالىٰ عنه جياني ۾ تي هت اچن ۽ اوهانجي تجديد الف ثاني ۽ قيوميت جا اقرار ڪن ته پوءِ اسين بي شڪ مجدد الف ۽ قيوميت تي ايمان آڻينداسون حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جڏهن هي ڳالهه ٻڌي تڏهن فرمايائون ته جنهن ڳالهه کي اهي مخالف مشڪل ٿا سمجهن الله تعالىٰ ان کي آسان ڪرڻ ۾ قادر

آهي“. انهي وچ ۾ هڪ شخص جان محمد رحمة الله عليه نالي جالنڌر جي شهر جو حضور
جن جي خدمت ۾ اچي قادري طريقي ۾ مريد ٿيو، صبح شام اچي ٿو، حضور اقدس جن
حاضر رهندو هو جو ڪابه گهڙي سندن حضور ڪان جدا نه ٿيندو هو. جڏهن حضور
اقدس جن حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائيندا هوا ته ٻاهر دروازي پاڪ تي هٿ ٻڌيو
بيٺو رهندو هو. ـــــ مولانا بدرالدين قدس سره جان محمد جي رباني حضرات القدس
۾ نقل ڪيو آهي“ هن ڪتاب جو حوالو شاه عبدالعزيز محدث دهلوي پڻ فتاوىٰ جي ٻئي
حصه جي آخر ۾ آندو آهي، ”ته هڪ ڏينهن سج لٿي کان اڳي آءٌ خدمت ۾ بيٺو هوس حضور جن
مونکي فرمايو ته آءٌ توکي هڪ ڪم تو ڏسيان تون اهو ڪري سگهندين؟ عرض ڪيم ته
منهنجا ماءُ پيءُ توتي قربان ڇو نه ڪري سگهندس. حضور اقدس جن مونکي هڪ اکروٽ
ڏئي فرمايو ته حافظ رحمت جي باغ ۾ فلاڻو درويش رهيل آهن انهن وٽ وڃ. انهن ۾
هڪ درويش کي چهري تي سيري جا داغ آهن انکي منهنجا سلام ڏئي هي اکروٽ
انکي ڏئي ڪيس ورني اچ. آءٌ حڪم موجب باغ ۾ ويس ڏٺم ته ٻه درويش آزادانه روش
ويٺا آهن ۽ ٽوري ورتي ٿي هڪ درويش جدا ويٺو هو جڏهن ان مونکي ڏٺو ته پڇيائين
ته ڇا توکي حضرت مجدد الف ثاني مون ڏي موڪليو آهي. مون چيو ته هائو. ٻيو ۽ اکروٽ انکي
ڏئي حضور اقدس جا ڪيس سلام ڏنم ان مونکي چيو ته حضور جن مونکي گهرايو آهي اُتي
ته هلون. جڏهن حضور ۾ آياسون ته پاڻ محراب ۾ ويٺا هوا درويش ٻئي طرف ويهي
رهيو، ايتري ۾ مونکي حضور اقدس جن فرمايو ته قهوه ڪڻي اچ آءٌ اُن جاءِ ۾
ڊوڙندو ويس جتي قهوه تيار ٿي ٿيو، پيالو ڀري حضور جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيس
پاڻ فرمايائون، هن درويش کي ڏي. جڏهن اُٺي ويس، ڏٺم ته اُهو شخص سڀ حضرت
اقدس جي مُهاندي تي بيو آهي ان چيو ته حضرت مجدد الف ثاني کي ڏي، جڏهن هيڏانهن
نگاهه ڪيم ته حضرت مجدد الف ثاني جن ويٺا آهن اُن درويش پڇيائين حضور اقدس
جن کان منهنجو حال پڇيو پاڻ انکي فرمايائون ته فلاڻي جو پٽ آهي تنهن تي درويش چيو ته انهي
جو پيءُ منهنجو آشنا هو، ادهان هن کي ڪهڙي طريقي ۾ مريد ڪيو آهي. حضور اقدس
جن فرمايو ته طريقه قادريه ۾. تنهن تي ان درويش عرض ڪيو ته آءٌ سفارش ڪريان
ته حضرت غوث الاعظم جي هن کي ملاقات رجسهي، فرمايائون آئنسواءِ منهنجي لاءِ ٻهتر

جو باعث ٿي پوندو" ۽ جڏهن ته مٿي ذڪر ٿي گذريو. راوي ٿو چوي ته ايتري ۾ حضرت
مجدد الف ثاني جن مون کان پاڻي جو ڪوزو وٺي جهٽ گهڙي لاءِ بيت الخلاءِ ۾ تشريف فرما ٿيا پوءِ وضو
جي فراغت کان پوءِ مون کي فرمايائون ته "جان محمد! ڇا قطب تاري کي سڃاڻين ٿو؟" ها اُهو
آهي ۽ اشارو قطب تاري ڏانهن ڪيو. فرمايائون ته "چتائي ڏس" ڏٺم ته اهو تارو آهسته
آهسته ڪاٿي هو ٽڙي ٻگوءِ وڌندو ويو آخرڪري ڏڪي ڦاٽي پيو جڏهن ته ان جا ٽڪرا ٿي پيا ان جي
وچان هڪ شخص جنهن جو حياتي وارو ڪاري لباس سان نڪتو بنا دير هڪ لمحه اندر ئي
پهتو حضرت مجدد الف ثاني مون کي فرمايو ته هي شيخ عبد القادر جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه آهي
ان جو ادب بجاءِ آڻ مون حڪم موجب ملازمت ادا ڪئي انهي وقت حضرت امام رباني مجدد
الف ثاني جا ستر جڻا مُنڪر حاضر هوا هئي حالت ڏسي بالڪل حيران ٿي ويا تهن کان پوءِ حضرت
شيخ عبد القادر جيلاني بُلند آواز سان فرمايو ته "جو ڪجهه حضرت مجدد الف ثاني فرمائي توهان کي
قبول ڪرڻ گهرجي جو ته دين دنيا جي بهتري انهيءَ ۾ آهي ۽ هي حضرت مجدد الف ثاني
امت جي وليءَ کان نه ورتو آهي ان جو منڪر ٿيڻ ايمان جي کسجڻ جو سبب آهي جو شخص پنهنجي
ايمان جي سلامتي جو خواهان آهي. اهو جناب جي سموري ڪمالات کي دل جي سچائي سان
قبول ڪري" سموري مجلس وارن حضرت غوث الاعظمؓ جي انهي نصيحت کي پنهنجن ڪنن
سان ٻڌو ۽ حضرت غوث الاعظمؓ جي جمال مبارڪ کي ظاهري اکين سان ڏٺو هي نصيحت
پوري ڪري حضرت غوث پاڪؓ حضور اقدس مجدد الف ثانيؓ کان موڪلائي قطب تاري ڏانهن
متوجه ٿيا ۽ وري ان ۾ غائب ٿي ويا ۽ قطب تارو وري پنهنجي اڳوڻي حالت تي اچي ويو. هن جاءِ تي
حضرت خواجه محمد احسان قدس الله تعالیٰ سره تو فرمائي ته هن روايت ڪيترا ڀيرا
حضرت خليفة الله خواجه محمد زبير رضي الله تعالیٰ عنه جي زبان گوهرفشان کان
ٻُڌي ان حضرت حجة الله قدس الله تعالیٰ سره کان ان حضرت عروة الوثقىٰ امام محمد
معصوم قدس سره المكتوم کان ـــــ حضرت امام معصوم جن پاڻ انهي مجلس ۾ حاضر هوا
شهر ۾ جيترا منڪر موجود هوا سڀني توبه ڪئي ۽ حضور اقدس جي خدمت ۾ اچي مريد ٿيا.
ـــ حضرت خليفة الله خواجه محمد زبير رضي الله تعالیٰ عنه جن کان روايت آهي ته
جنهن درويش کي جان محمد عليه الرحمة باغ مان وٺي آيو اهو قادري طريقه سڳوري جي دعويٰ
رکندڙ هو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه ان تي تصرف ڪيو ۽ حضرت شيخ

محي الدين جيلاني رضي الله تعالیٰ عنه کي ڪرائي ۽ پنهنجي تجديد الف ۽ قيوميت جو اقرار ڪرايائون، باقي پيادر ويش جي باغ ۾ وڃڻ هواسي پڻ امت جي مشائخن سڀني جي طريقي جي دعوىٰ رکندا هوا هن کان پوءِ انهن کي به حضور جن ڪرائي ۽ هڪ ڪي پنهنجو تصرف ڪيائون پر ڏهه جو وقت وڃهو هو جو هن فيصلو کان فارغ ٿيا هئي معاملو ۹ ذي الحج سنه ۱۰۲۱ھ جمعه جي رات فيصل ٿيو.

خليفه صدرالدين جي حڪم موجب هڪ شخص جو اچڻ جو سچو طالب هو

مولانا محمد هاشم "زبدة المقامات" ۾ لکي ٿو ته هڪ درويش شاملاتي ٿيس جنهن ۾ اثر معرفت ۽ ولايت جا تمام گهڻا ڏٺم هيڪر ان کي ڏٺم ته هڪ پڻ سڪو آگيان ڪري ۽ اکيون ان ۾ اثر ايون وينو آهي. مون پڻ ۾ توجه ڪرڻ جو سبب پڇيو، فرمايائين ته هي پڻ جنهن ڏسان ٿو ته هن انهيءَ پڻ ۾ مونکي سچو جهان ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ اهڙي عنايت ٿو ڏسان جنهجو بيان ٿو ڪري سگهان پوءِ فرمايائين ته آءٌ حضرت محبوب سبحاني امام رباني قدس سره جو مريد آهيان. مون کانئس مريد ٿيڻ جو سبب پڇيو، درويش فرمايو ته "سواد ديهور جي پسگردائي ۾ هڪ رات تهجد کان پوءِ زبدة المتاخرين خليفي صدرالدين جي روح ڏانهن متوجه ٿيس. خليفو صاحب حضرت محمد زاهد بلخيءَ جو خليفو هو ۽ گهڻا سال سلسلي ڪبروي ۾ رهنما هو ۽ مونکي پنهنجي والد شريف نبي پڻ جي حالت ۾ ان جو ريدڪرايو هو، ۽ عرض ڪيم ته اوهين جهان مان لڏي ويا آهيو مونکي ڪنهن ڪامل جو ڏس ڏيو عرض ڪرڻ شرط مونکي ننڊ وٺي وئي، حضرت خليفي صاحب کي ڏٺم، مونکي فرمايائون ته آءٌ توکي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي خدمت ۾ ڏو مڪليان ٿو، پنهنجي مرشد جي حڪم تيئن شرط چرين واڳ نهايت شوق سان حضرت اقدس ۾ اچي حاضر ٿيس، جا حالت منهنجي ٿو ڏسين سا حضرت امام رباني قدس سره جي هڪ گهڙيءَ جي نظر جو اثر آهي" اهه (زبدة المقامات ص ۳۹۱)

اهڙيءَ طرح ڪيترائي ماڻهو بزرگن ۽ صالحن جي ارشاد موجب بيري پري کان حضور ۾ ٿي آيا.

راقم الحروف:- جڏهن ته مان اختصار جي در پئي آهيان تنهنڪري ايترن نالن تي اڪتفا ڪيان ٿو. سندن فيض جي گهٽائي ايتري قدر ته آهي جنهنجو احوال بيان ڪري نٿو سگهجي. سندن حالات جي ڪتابن کي مطالعه ڪندي بي اختيار هي بيت سندن ثنا ۾ پڙهڻ تائين جي سندن حق ۾ ڪنهن عارف فرمايا آهن. وَلِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ

بعالم نبي گوئي آمد دوبار	ازو تازه شد دين بعد از هزار
بجوشد زگويش هزاران ولي	نبي نيست امّا برنگ نبي

الله اڪبر! سندن وجود مبارڪ الله تعاليٰ ڏاتي مينهن وانگر عام خاص خلق جي لاءِ هن جهان تي آندو هو بي شڪ اها مسند مجدديت قيوميت جي ڪين ٿي نه ٻيا هئي

حضرت اقدس، دُرِ يتيم خزانه رسالت، گوهرِ درياءِ نبوت، غوطه زن بحرِ عرفاني خزينة الرحماني امام رباني حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي جا بشارت سندن مرشد اڪرم محي الدين خواجه باقي بيرنگ باقي بالله دهلوي قدس سره عطا فرمائي آخر صادق آئي. جيئن ته صاحب تفسير رؤفي جو ڪتاب جواهر علويه ۾ ٿو لکي ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي فرمايو ته مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته مون هڪ وڏو مشعل سج جهڙو شهر سرهند ۾ روشن ڪيو آهي ان نور جي روشنائي ڪاف اير ندي ڪان الهندي تائين سارو جهان روشن ٿي ويو آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن ان مشعل جو نور وڌندو ٿو وڃي، خلق ان مان ٻيهڪا ٻيهڪا ڏيا پيئي ٻاري. (جواهر علويه مترجم اردو ص ۹۲)

علامه محمد جان قدس سره حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حضور اقدس ۾ انهيءَ بشارت ڏانهن اشارو ڪري تمام سهڻو بيان عرض ڪيو آهي:

لِلْعَارِفِ الْبَاقِي الْوَلِيِّ الْمُعْتَبَرْ	وَلَانَتْ ذَا الْمِصْبَاحُ فِي نَادِي الْوَرٰى
حضرت عارف خواجه باقي بالله ولي معتبر کان	بي شڪ تون محفل عالم ۾ اهو ڏيئو آهين
وَتَوَقَّدَتْ مِنْهُ الْمَصَابِيْحُ الْأُخَرْ	مِنْ نُوْرِهٖ اقْتَبَسَ الْعَوَالِمُ كُلُّهَا
۽ روشن ٿيا ان مان ٻيا ڏيا	جنهنجي نور کان سمورن جهان روشني ورتي
مَادَامَ سَاعَاتُ الزَّمَانِ وَمُسْتَمِرْ	فَيْضُ الطَّرِيْقَةِ مِنْكَ يَبْقٰى دَائِمًا

اوهان جي فيض جو طريقه هميشه باقي رهندو، جيستائين زماني جون گهڙيون باقي آهن ۽ جيستائين زمانو هلندو آهي

لَكَ فِي الْمَوَاهِبِ وَالنَّوَالِ وَفِي النَّدٰى ... بَاعٌ طَوِيْلٌ مَا يُبَارِيْكَ مِنْ قِصَرْ

اوهانکي باطني عطائن ۽ جود ۽ سخا ۾، وڏي طاقت حاصل آهي جنهن طاقت ڪري اوهان تائين ڪا به

أَضْحَتْ يَمِيْنُكَ لِلْعُفَاةِ سَحَابَةً ... دَرَّتْ عَلَيْهِمْ بِالنَّوَالِ وَأَيَّ دَرّ

حضور جن جو هٿ مبارڪ سائلن لاءِ ڪڪر آهي، جو سائلن تي شاندار نموني وسندڙ ۽ ٽمندڙ آهي.

سرّ

— صاحب جواهر علويه، سندن حالات، گوهر ٣١ ۾ لکي ٿو ته حضرت امام رباني قدس

جو فيض ساري جهان ۾ مشهور ٿي ويو ۽ سندن هدايت جي شهرت هرهنڌ پکڙجي وئي

قطبيت ۽ غوثيت جو نقارو سندن نالي وڄايو ويو. ڪاملن ولايت جا نور، برڪتون، ڪرامتون

۽ عادت جي ابتڙ ڪم (خوارق عادات) ايتري قدر ظاهر ٿيڻ لڳا جو اهي سڀ عمر پوري لکڻ

۾ هرگز سمائجي نٿا سگهن ۽ قرب الاهي جي مقامات جو ڪشف متن ايتري قدر ظاهر ٿيو جو

بيان کان ٻاهر آهي. بي انداز ماڻهون، جي گمراهي جي کوهه ۾ غرق هوا، سندن وسيلي سان

شهود ۽ حضور جي ڪيفيت اچي پهتا. جهان وارا، جن پنهنجي گمراهي جي رات ڏينهن ڪئي هئي

هدايت جي رستي تي اچي رسيا. هن پر ي جي ملڪن جا عالم ۽ فاضل گهڻي ۽ مختلف

وانگر شمار کان ٻاهر سندن حضور اقدس ۾ ٿي آيا. وقت جا مشائخ پنهنجي شيخي ڇڏي

خدمت ۾ حاضر ٿي سندن صحبت ۾ گذارڻ کي پاڻ لاءِ وڏو فخر سمجهندا هوا ۽ زماني

جا اولياءَ سندن فرمان بردار ٿي ڪرڻ کي پاڻ لاءِ قرب الاهي ۾ واڌاري تيڻ جو خيال ڪندا

هوا. وقت جا بادشاه ۽ امير پروانن وانگر ان سلطان الاولياءَ جي فيض جو نور ڏسي شمع

وانگر اچي چانئٺ تي ڪرندا هوا. سندن صحبت مبارڪ ۾ خدا جي طالبن جو ايتري قدر

مجمع ٿيو جو متي آسمان جا ملڪ پڻ سندن برڪتن ۽ فيض لئي رشڪ ڪندا هوا

صيت فيضش شد زين سان سربلند ... غلغله در گنبد خضرا فگند

— فخر عاشقان در بار مجدّدي حضرت علامه حافظ شاه محمد جان

قدس سره ڪهڙي نه محبت جا موتي نظم جي سلڪ (ڌاڳي) ۾ پوئي حضور اقدس جي ثنا

هديه طور عرض ڪيا آهن.

الشَّيْخُ أَحْمَدُ فِي الْوَرٰى ذَاكَ الْإِمَامُ الْمُقْتَدٰى ... مَنْ كَانَ قُطْبًا وَاِنَّهُ مَنْ كَانَ فَرْدَ زَمَانِهِ

حضرت شيخ احمدؒ جو خلق ۾، اهو امام مقتدا هو جو پنهنجي وقت جو قطب هو، جيڪو پنهنجي

زماني ۾ الف ثاني، جو يگانه هو

مِقْدَامُ صَفِّ الْاَصْفِيَاءِ مِصْبَاحُ نَادِي الْاَوْلِيَاءِ ۔۔۔ نِبْرَاسُ جَمْعِ الْاَتْقِيَاءِ مِنْ كَامِلِيْ اَعْيَانِهٖ

برگزيده ماڻهن جي صف جو اڳواڻ، اولياءَ جي مجلس جو ڏيئو، متقين جي جماعت جي شمع، سندس ڪامل شخصن مان.

بَثَّ الْهِدَايَةَ فِي الْوَرٰى وَ اَدَّ الْبَرِيَّةَ نُوْرُهَا ۔۔۔ عَمَّ الْبَسِيْطَةَ كُلَّهَا بِسَنَاهُ مِنْ عِرْفَانِهٖ

ماڻهن ۾ هدايت پکيڙيائين ۽ سڄي خلق کي هدايت جو نور ڏيکاريائين، سندس معرفت جي روشنيءَ سڄي زمين کي ڍڪي ڇڏيو.

عَلَمُ الْهُدٰى رَأْسُ التُّقٰى غَيْثُ النَّدٰى عَيْنُ الرِّضَا ۔۔۔ اَلدِّيْنُ مِنْ اَنْصَارِهٖ وَالْحَقُّ مِنْ اَعْوَانِهٖ

هدايت جو نشان، پرهيزگاريءَ جو سر، سخاوت جو مينهن، رضا جو چشمو، دين سندس مددگارن مان ۽ حق سندس ساٿين مان آهي.

دِيْنُ الْهُدٰى صَارَتْ بِهٖ مُخْضَرَّةً اَفْنَانُهٗ ۔۔۔ وَالشِّرْكُ مُنْقَلِعُ الْبِنَا بِتَرَكِّيْ عَلٰى خِذْلَانِهٖ

هدايت وارو دين سندس ڪري سرسبز شاخن وارو ٿيو. شرڪ جو بنياد ڪٽجي پنهنجي خواريءَ ۾ ڊهي پيو آهي.

مَنْ ضَاءَتِ الدُّنْيَا بِنُوْرِ وُجُوْدِهٖ وَظُهُوْرِهٖ ۔۔۔ فَالْخَلْقُ اَصْبَحَ شَاكِرًا بِجَنَانِهٖ وَلِسَانِهٖ

اهو حضرت جنهن جي وجود ۽ ظهور سان دنيا روشن ٿي وئي، پوءِ خلق شڪرگذار ٿي پنهنجي دل ۽ زبان سان.

مَنْ كَانَ بَاهِرَ حُجَّةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ فِيْ خَلْقِهٖ ۔۔۔ مَنْ كَانَ وَاضِحَ اٰيَةٍ لِلّٰهِ فِيْ اَكْوَانِهٖ

جو روشن دليل هو رب جي طرفان سندس مخلوقات ۾، جو الله تعالى جي کليل نشاني هو سندس سموري ڪائنات ۾.

حَبْرُ الشَّرِيْعَةِ مَاهِرًا بَحْرُ الطَّرِيْقَةِ زَاخِرًا ۔۔۔ مَنْ جَاءَ مَحْضُوْرًا لَدَى الرَّحْمٰنِ فِيْ رِضْوَانِهٖ

شريعت جو عالم، طريقت جي درياءَ جو ماهر، جو خدا تعالى جي رضامنديءَ ۾ حاضر ٿيل هو.

حضور اقدس جي فيض جي ڳالهائي ۽ شان بابت پکين ۽ گهوڙن جو شاهد ٿيو

روضة القيوميه جي جلد اوّل جي اخير ۾ آهي ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جا مريد، صاحب فيض جا نوَ لک هوا، تن ۾ ڪامل مڪمل مشهور خليفا پنج هزار هوا. پاڻ دعوت اسلام جي لاءِ هر ملڪ ڏانهن خليفا موڪليندا هوا، جنهن سال ۱۰۱۴ع جي ذڪر ۾ آڻيندا وڃون ٿا تنهن سال ۾ حضور اقدس امام رباني قدس سره جن پير دستگير جي حڪم سان پنهنجا خليفا دنيا جي طرف ڏانهن خلق الله جي هدايت جي غرض سان روانا فرمايا جن ۾ ستر خاص اهل ارادت جا ۽ فيض وارا ملڪ ترڪستان ۽ قپچاق ڏانهن موڪليائون، تن مان مولانا بابا محمد قديم طالقاني کي سردار مقرر ڪيائون ۽ چاليهه اهڙا خاص خاص بزرگ صاحب ڪمال جا ملڪ عرب ۽ يمن ۽ شام ۽ روم ڏانهن روانا فرمايائين

انهن جو سردار مولانا صادق کي مقرر فرمائي ڪاشغر جي ولايت ڏانهن روانو ڪيائون ۽ ٻيا خليفا توران ۽ خراسان ڏانهن روانا ڪيائون ۽ انهن جو سردار شيخ احمد برڪي مقرر فرمايائون. جڏهن هي بزرگ ان شاديل ملڪن ۾ پهتا ته انهن اتان جي ماڻهن گهڻي تعداد کي مريد ڪيو. انهن بزرگن کان حد کان زياده ڪرامتون ظاهر ٿيون جنهن ڪري انهن ولايتن جي ماڻهن جو انهن ڏانهن رجوع زياده ٿيندو ويو. انهن ملڪن جا بادشاهه پڻ مريدي کان مشرف ٿيا. ترڪستان جا گهوڙا جي وحشي سيرت هوا جن مان ڪي تابع ٿيا ته ڪي نه ٿيا بلڪه انڪار ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن هي بزرگ جهنگل ۾ ويٺا هوا گهڻا ان اردگرد پڻ ان جاءِ تي موجود هوا ۽ ڪي منڪر پڻ حاضر هوا انهن جي وقت جو بادشاهه پڻ زيارت لاءِ آيو هو. هنن بزرگن فرمايو ته ڪي ماڻهون اسان کان منڪر آهن ۽ نٿا اچن ته اسان کان انڪار ڪرڻ ايمان جي نقصان جو سبب آهي. ٻيءَ ماڻهن جي گهوڙن ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون ته ”اي گهوڙا توهين شاهدي ڏيو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قيوم عالم جا آهن ۽ اسان کي هنن ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو اٿن“. گهوڙن چٽن الفاظن سان چيو ته

حضرت مجدد الف ثاني قيوم جهان جو آهي ۽ توهان کي هنن ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو اٿس. اي ماڻهون جي توهين هنن بزرگن جي تابعداري ڪندؤ ته چڱو ٿيندو ۽ جي انهن جو چوڻ نه مڃيندؤ ته توهان جو دين ۽ دنيا خراب ٿيندو.

هن کان پوءِ جي ڪي اڏامند اتي آيا سي به سڀ گهوڙي ۾ مضمون نهايت چٽن الفاظن سان چوڻ لڳا. ترڪستاني اهو تعجب ڏسي حيران رهيا ۽ سڀ خدمت ۾ اچي مريد ٿيا. بادشاهه ۽ امير پڻ انهن بزرگن جي مريدي ۾ داخل ٿيا ۽ انهن حضرات کان ڪي ڪرامتون ظاهر ٿيون.

حضرت اقدس جا ٻيا خليفا جي ٻين ولايتن لاءِ مامور هوا انهن کان پڻ اهڙي طرح بي شمار ڪرامتون صادر ٿيون جن جو تفصيل ڪرڻ تمام مشڪل ڪم آهي. غرض ته جن بادشاهن ۾ سندن خليفا آيا انهن جا رهڻ ۽ حاڪم هدايت جي واٽ کان بهره ور ٿيا. خليفن جي خانقاهن جو خرچ پڻ بادشاهن وٽان ايندو هو. ڪي بادشاهه حضور اقدس ڏانهن تحفا موڪلي ۽ فيض حاصل ڪندا هوا ۽ حضرت سرهند شريف ۾ اچي قيوم عالم

جي قدم بوسي کان مشرف ٿيندا هوا. اھ ملخصًا

— سنڌ جي حالات جي ڪتابن مان معلوم ٿو ٿئي ته حضور اقدس ۾ اهل خدا جا هر روز بي شمار ايندا هوا. ڪي ته پنهنجن وطنن کان پوءِ قافلا ڪري شهر شريف ۾ پهچندا هوا.

تجديد ۽ قيوميت جو ارڙهون سال

هن سال ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي متعدد همراه ڏٺا ويٺا هزار کن آدمي حاضر ٿي رهيا، فيض وارا ٿي ويندا هوا. جي انهي حساب ۾ ڏهه ورهه جو حساب ڪجي ته هن سال جي خبر صاحب روضة القيوميه جو ٿو ڏئي، ته ڏهه ورهه ۾ ڏهه ٽڪ مريد ٿيا، ٻي اڳين وليّن سڳورن جي پيشنگوئي پوري ٿي، جيڪي انهن بزرگن فرمايو هو ته ان کان پوءِ حضور اقدس جو فيض عالمگير ٿيو.

— صاحب سلسلة الذهبيه جو لکي ٿو ته جنّين حضور اقدس ۾ حياتي ۾ وارا ماڻهون اچي بي شمار مريد ٿي کان مشرف ٿيندا هوا ته پيءُ متين جا جنا اچي ڪين لڳي سنڌ جي حضور ۾ آئيندا هوا جن کي پنهنجي ارشاد کان مشرف فرمائيندا هوا پوءِ انهن جا وارث ڪين دفن ڪندا هوا ورهي اهي اهل ممات وارا قريبن کي حضور اقدس جي حلقي ۾ پنهن حياتي وارن سان گڏ ويهي ڏسڻ ۾ ايندا هوا. اھ مثال لاءِ هڪ نقل سلسلة الذهبيه ۾ موجود آهي. اھ "هٰذا من عجائب تصرفاته"

حضور اقدس جن انسانن واڳر جنّن جا به رهبر هوا

پائي بوستان حضرت امام رباني، نحلين ٻه ڏلدار خواجه مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جا هن فن جي ڪتابن ۾ ڏٺا... ڏاڍا ته جنّين حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن جي انسانن جام شد هوا تئين جنّ به فوجن جون فوجون ٿي حضور اقدس ۾ اچي مريدي کان مشرف ٿيندا هوا ۽ جنّن جا وڏا وڏا امير ۽ بادشاه سنڌ ۾ دهشت، هيبت ۽ ادب کان ڊڄندا ٿا ۽ ڪنبندا رهندا هوا جو حضور اقدس جن جي جمال جهان آرا تي نظر پوندي هئي ته رڪوع وانگر جهڪي ويندا هوا ڪه هن کي طاقت نه رهندي هئي جو ڏانهن گستاخانه نهاري سگهي.

هر ڪه ترسيد از حق و تقوىٰ گزيد ... ترسد ازوي جن و انس و هر ڪه ديد

— جنّات ٻرابر ٿي طرح حضور اقدس جي جلالت کان ڪنبندي ۽ ڊڄندي هئي جن جا

ڪيترا مثال راويان اخبار، حاجيان راست گفتار ۽ خادمان خدمت شعار، پنهنجن ڪتابن ۾ آندا آهن. جن مان هڪ مثال روضه تان اٿڻ جو.

جنات تي حضور اقدس جي حڪمراني ۽ درگاه تي اچي سندن مريدي قبولڻ

سال ١٢ ع ٿيو ميت جي مصاحب روضه جو لکڻ ٿو فرمائي ته حضور اقدس خواجه امام رباني جي خانقاه عالم پناه ۾ جنن هزارن سالن کان جن رهندا هوا انهن کي ٻاهر لوڌائي ڇڏيائون. ان جو سبب هي هو ته هڪ رات حضرت خواجه محمد سعيد خازن الرحمة رضي الله تعالى عنه جن حجري جي ڇت تي آرام فرما هوا ته جنن اچي اڳئين ڪرڻ شروع ڪيو انهن جي گوڙ کان حضرت خازن الرحمة جن جاڳي پيا. جيتوڻيڪ جنن هر هر دروازي کي ڪٽ ڪايو ۽ انهن جو خيال هو ته ان رات کين تڪليف پهچايون ايتري ۾ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن ٻه جاڳي پيا ۽ کنگهڪار ڪري فرمايائون ته حضور اقدس جي ڳوٺ شرط جن پاڻ ۾ جوڙ لڳا ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن جاڳيا آهن اسان سڀني کي ماري ڇڏيندا اچو ته ڀڄون ايتري ۾ حضور اقدس جن بلند آواز سان فرمايو ته "محمد سعيد دروازو بند ڪر" ته يڪبارگي سڀ جن ڀڄي ويا. هن کان پوءِ حضور اقدس جن جنن جي بادشاهه کي گهرايو. هو اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ تمام گهڻي عاجزي سان معافي گهريائين. انهن جنن جو حضرت خازن الرحمة رضي الله تعالى عنه کي تڪليف ڏيڻ جي خيال کان آيو هو ان کي اتي مار ڇڏيائين ۽ ڪيترا هزار جن، جو حويلي مبارڪ ۽ خانقاه جي چوڌاري رهندا هوا انهن کي لوڌائي ڇڏيائين. ــــ حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن فرمايو ته جڏهن جنات جي قوم کي اسان لوڌيو ته سڀ رُئندا ٻاهر نڪتا ڇو ته اهي جن هزارن سالن کان اتي رهندا هوا ۽ نڪرڻ جي وقت گهر جو اسباب ۽ سامان ساڻن هو. هن کان پوءِ جنن جي بادشاهه حضور اقدس ۾ عرض ڪيو ته ڪيتري مدت کان حضور جن جي قدوم ميمنت لزوم جو منتظر هوس سو الله تعالى جل جلاله جو شڪر آهي جو ديدار فيض الانوار کان مشرف ٿيس هاڻي اميد وار آهيان ته اوهانجي مريدي کان مشرف ٿيان

انهيءَ باري ۾ گهڻي قدر التجا ڪيائين. حضور اقدس جن جنّن جي بادشاهه ۽ انهي لشڪر کي مريد ڪيو. جنّن جي بادشاهه پنهنجي هڪ امير کي ڪيترن هزارن جنّن سان حضور اقدس جي خدمت ۾ رهڻ لاءِ موڪليو. وري هفته کان بعد جمعه جي ڏينهن پاڻ به اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هيءُ اهو جنّن جو بادشاهه آهي جنهن عالم باعمل مولانا عبدالرحمٰن کي حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي مبعوث ٿيڻ جي خبر ڏني هئي" جنهن جا احوال اشارةً اڳ ڪري آيو هت به اُن جو مختصر ذڪر ڪندس" اڪثر جنّ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ باطني سلوڪ حاصل ڪرڻ لاءِ رهيا پيا هوندا هوا. جن جنّن کي سند نه بادشاهه حضور اقدس جي خدمت ۾ جنّ پوءِ هو سيئي حضور جن جا مريد ٿيا. حضور اقدس جن انهن کي خانقاه ۽ حويلي پاڪ جي چوڌاري رهڻ لاءِ جاءِ ڏني ۽ اڄ تائين جيڪي جنّ حضرات سرهند ۾ سڳورن جي محله ۾ ٿا رهن انهن جنّن جا اولاد آهن. جنّن جي بادشاهه جيڪي جنّ درگاهه جي خدمت لاءِ موڪليا هوا سي انهن محلن جا نگهبان آهن ۽ محله ۾ ڪنهن کي به ايذاءُ نٿا ڏين نه ڪنهن ٻئي کي ايذاءُ ڪرڻ ٿا ڏين.

ـه هڪ ڀيري حضرات ڪرامين جي خاندان پاڪ ۾ شادي هئي اتفاقاً حضرات ۾ هڪ شخص مٿي ڇت تي چڙهيو ڏٺائين ته ڪيتريون عورتون گڏ ٿيل آهن جي سڀ ايون پاڻ ۾ خوشيون پيون ڪن دريافت ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته اهي جنّن جون عورتون آهن انهيءَ حضرت انهن عورتن کان پڇيو ته اوهان ڇو ٿيون سڀ گڏ ٿيون؟ عرض ڪيائون ته مرشد جي اولاد جي شادي آهي ته انهن ڪري خوشي ٿيون ڪريون. حضور اقدس خواجه امام رباني ۽ حضرت امام معصوم رضي الله تعاليٰ عنهما جي روضن پاڪن جي چوگرد گهڻا صالح جنّ رهن ٿا بلڪ انهن عبادت جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ اهليا انهيءَ کي آهي جيڪو پيرا ماڻهن کي عبادت ڪندي ڏسڻ ۾ آيا آهن.

مولانا عبدالرحمٰن واري واعدو ڪيل قصه[1] جو بيان

روضة القيوميه ۾ آهي ته هي مولانا پنهنجي زماني جو جيد عالم ۽ صالحن جو سردار هو. فرمائي ٿو ته "هڪ ڀيري اڪبرآباد (آگره) کان دهلي ٿي آيس، اتفاق سان هڪ منزل تي مونکي پيٽ ۾ سور پيو لاچار اتي جهنگ ۾ رهي پيس. مونکي رفيق ڇڏي ويا ۽ آئون هر قضا حاجت جي خيال لاءِ ٿي اٿيس، نيٺ رات پئجي وئي. ان جهنگ ۾ وچ هڪ قتل جاءِ هئي. سڀئي پوڙ ڪري اتي وڃي رهيس. اڌ رات گذرڻ تي هڪ وڏي فوج ڏسڻ ۾ آئي جا هن قتل جاءِ جي

[1] هي قصه، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي وجود مسعود بابت اڳين اوليائن جي پيشنگوئين جي بيان ۾ روضة القيوميه مترجم اردو صفحه ٥٣ اندر تفصيل سان بيان ٿيل آهي.

ڏٺائون جي هڪ نهايت عاليشان فرش وڇايل هو ۽ ان فرش تي هڪ تخت اچي رکيائون، جنهن کان پوءِ هڪ نوجوان اچي اُن تخت تي ويٺو ۽ هزارين آدمي انهيءَ جي چوڌاري ادب سان بيٺا. آخر معلوم ٿيم ته هي جنن جي بادشاهه جي فوج آهي، تنهن تي مون کي گهڻو خوف ٿيو ايتري ۾ جنن جي بادشاهه چيو ته "معلوم ٿو ٿئي ته هي انسان جي قوم کان سواءِ ڪو ٻئي قوم جو فرد آهي". تنهن مون کي پڪڙي بادشاهه وٽ وٺي ويا بادشاهه چيو ته "ڪير آهين؟" چيم ته آدم جي اولاد مان هڪ مولوي ماڻهو آهيان"، تنهن تي چيائين ته "اسين به مسلمان آهيون، ٻئي مضمون علمي بيان ڪر ته اسين تنهنجي علم کان فائدو وٺون". مون ٿوري ڳالهه ۽ فقه جا مسئلا ۽ اهل سنت جماعت جي عقيدن جي متعلق بيان ڪيو، پڇاڙي ۾ چيم ته "هن وقت ۾ اسان جو علم دين بالڪل ڪمزور ٿي ويو آهي". بادشاهه چيو ته "ڇو؟" مون چيو ته "اسان جو بادشاهه ڪافر آهي" (يعني اڪبر بادشاهه ڪافر هو جو سجدو وغيره ڪرائيندو هو جنهنجو ذڪر مٿي گذري چڪو) تنهن تي چيائين ته "اسين به انهي بابت ۾ ان بادشاهه کان سخت ناراض آهيون ۽ اسان کي پنهنجي علم مان معلوم ٿيو آهي ته هڪ شخص پيدا ٿيڻ وارو آهي جنهنجي برڪت سان الله تعالیٰ ڪفر جي اونداهي کي سنت نبوي صلی الله عليه وسلم جي نور سان هٽائيندو ۽ ان جو طريقو اُمت جي ڪل ولين کان زور ڀريو هوندو، انهيءَ حالت جي اقوال افعال سنت نبوي صلی الله عليه وعلی آله واصحابه وسلم جا تابع هوندا، انهيءَ جو طريقو مشرق کان مغرب تائين پکڙجي ويندو ۽ قيامت تائين قائم رهندو. توهين ضرور ان مرد جي زيارت ڪندا". ــــــــ مولانا عبدالرحمن انهي ڏينهن کان وٺي حضرت مجدد الف ثاني رضی الله تعالیٰ عنه جو معتقد ٿيو، نيٺ مجدد پاڪ ۽ قيوميت جي پهرين سال ۾ قدم بوسي کان مشرف ٿيو. سبحان الله! ان جنن انسانن جي پيشوا غوث اهل الارض والسماء برگزيده ايزد رحمان حضرت مجدد رحمهان رضی الله تعالیٰ عنه جا، جا انسان، جا حيوان، جا جنن ڪيتري قدر ثنا خوان ٿي چڪا آهن. بي شڪ حضرت فاروق اعظم رضی الله تعالیٰ عنه جي گلزار جهن کان اهڙي شاخ روشني ڏار الله جل وعلا ظاهر فرمائي، جنهن سڄي دنيا سڄي جهان کي گمراهي ۽ شرڪ جي اونداهي کان نجات ڏني. ولله در من قال في شانهم قدس سره

هَيْهَاتَ لِلْإِنْسَانِ شَرْحُ ثَنَائِهٖ مَعَ كَوْنِ بَعْضِهِمْ لِبَعْضٍ مُسْعِدًا

انسان جي طاقت کان ٻاهر آهي جو حضرت مجدد جي تعريف بيان ڪري سگهي، باوجود انهي جو هڪ ٻئي جا مددگار ٿين

يا خير فرع ثابت من دوحة ... تنمى الى فاروق نجم المقتدى

اي چڱن ۾ چڱي شاخ، اُن وڻ جي پاڙ مان ڦٽل، جا منسوب آهي حضرت فاروق اعظم جي طرف، جو محمد ﷺ جو پيشوا هو

لما ولدت وشمس وجهك اشرقت ... فلكان يومئذٍ بدا صبح الهدى

جڏهن تون پيدا ٿيئن ۽ اوهان جي رخ انور جو سج چمڪيو، تڏهن بي شڪ انهي ڏينهن هدايت جو صبح ظاهر ٿيو

وبنورها ظلم الضلال تقشعت ... وظلام رجس الشرك جاء مشردا

اُن نور آفتاب کان گمراهي جون اونداهيون دفع ٿيون، ۽ شرڪ جي اونداهي جي پليدي تڙجي وئي

قد كنت نور الله بين عباده ... فبك اهتدى منهم اليه من اهتدى

اوهين خدا جو نور هوا ان جي ٻانهن جي درميان، پوءِ اوهان جي سبب ڪري ئي ماڻهون هدايت وارا ٿيا

بك جاء اسّ الغي مقتلعا كما ... بك جاء بنيان الرشاد مشيدا

اوهان جي ڪري گمراهي جو بنياد پاڙان پٽجي ويو، اهڙيءَ طرح اوهان جي وسيلي سان هدايت جو بنياد محڪم ٿيو

جمعت بين شريعة وطريقة ... فأتيت في كلٍّ هماما مرشدا

شريعت ۽ طريقت ٻنهي کي اوهان حاصل ڪيو، پوءِ اوهين شريعت وارن خواه طريقت وارن جا سردار ٿيو

وسعيت في تخليص كلٍّ منهما ... فهما بذلك تألقا وتجددا

اوهان انهن ٻنهي جي خالص ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪئي، تڏهن ٻئي يعني شريعت ۽ طريقت چمڪندا ۽ نوان ٿيا

جددت مندرس الرسوم لشرعنا ... ويحق للمرء ان يكون مجددا

اسان جي دين جا ڌنڌلا نشان اوهان تازا ڪيا، ۽ ڪابي انسان لاءِ ڪماليت آهي ٿيڻ مجدد جو خطاب ملبس

امير، وزير، شاهه، گدا حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جي مريدي کان مشرف ٿي جناب رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جي شريعت جي تابعداري ۾ سرگرم رهيا، مگر افسوس! جو هن وقت تائين هندستان جو بادشاهه جهانگير گهر جي نعمت کان مشرف نه هو. حالانڪ سرهند شريف کي ٻين ملڪن وارا هڪ عاليشان شفاخانو باطني بيمارين لاءِ سمجهي دل جان جي اخلاص سان حضور پُرنور جي سند ۽ نظر اڪسير اثر جي وسيلي سان ڪمال ايمان جي صحت وٺي چڱا ڀلا ٿي ويندا هوا ۽ زماني، زبان حال سان زماني وارن کي علامه حافظ محمد جان قدس سره جا شعر پڙهي ٻڌايا.

---

(۱) اندل مرشد تان) بن حضرت خواجه صبغة الله بن حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقى بن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس الله تعالى اسرارهم، جي مشهور درگاه آهي - جي حضرت شڪارپور سرهندي بن حضرات جو مورث اعلى آهي (باقي ص ۱۸۹)

فِي الْهِنْدِ اِنِّي لَا اَرٰى لَكَ بُقْعَةً فِيهَا شِفَا　　اِلَّا وَتَاتِي يَا فَتٰى سَرْهِنْدَ مِنْ بُلْدَانِهٖ

هندستان ۾ ڪا اهڙي جاءِ نٿو ڏسان جنهن ۾ تنهنجي شفا هجي، مگر هي جا جيئن تون اي جوان سرهند شهر ۾ اچين.

فَهُنَاكَ تَظْفَرُ بِالْمُنٰى وَيُسْقِمُ قَلْبَكَ بِالْدَّوَا　　يَشْفِيكَ مِنْ اَلَمِ الْهَوٰى تُحْيِيكَ مِنْ اَشْجَانِهٖ

پوءِ اتي تون ڪاميابي ٿيندين جنهن سان تنهنجو دل بيماري جي دوائي، شفا ڏيندو توکي عشق جي ڏک کان جڏهن اٿيندي توکي انهيءَ غمن کان.

سَقْيًا لَهَا مِنْ تُرْبَةٍ نَفَحَاتُ مِسْكٍ دُوْنَهٗ　　وَغَمَامُ رِضْوَانِ الْاِلٰهِ عَلَيْهِ فِي هَطَلَانِهٖ

خدا ان مٽي کي سيراب ڪري، اهڙي مٽي آهي جو مشڪ جون خوشبوئون ان کان گهٽ آهن. الله تعالى جي رضامندي جو ڪڪر ان تي وسندو رهي.

فِيهَا مَصَابِيحُ الدُّجٰى فِيهَا دَرَارِي الْهُدٰى　　مِنْ اَنْجُمٍ اَنْوَارُهَا كَالْبَدْرِ فِي لَمَعَانِهٖ

ان ۾ اونداهي جا ڏيئا آهن ان ۾ هدايت جا ستارا آهن، اهڙا ستارا جو انهن جا نور چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪندڙ آهن.

فِيهَا كَوَاكِبُ حُجِّبَتْ بِحِجَابِ طِيْبِ تُرَابِهَا　　وَالنُّوْرُ مِنْهَا دَائِمًا فِي الْخَلْقِ فِي فَيَضَانِهٖ

ان ۾ اهڙا ستارا آهن، جو خاڪ جي حجاب ۾ محجوب آهن، ۽ هميشه نور انهن کان ماڻهن ۾ فياض ٿيندو رهي ٿو.

اَمَّا الَّذِي كَالشَّمْسِ فِيمَا بَيْنَهَا فَهُوَ الَّذِي　　فِي السَّمَاءِ فَجَائِرُهَا بِمَقَامِهٖ وَمَكَانِهٖ

پر اها هستي جو انهن جي وچ ۾ سج وانگر آهي، اها هستي اها آهي جو جنهن جيا آسمان تي وڏي ويا پنهنجي درجي ۽ مرتبي ۾.

اَلشَّيْخُ اَحْمَدُ فِي الْوَرٰى ذَاكَ الْاِمَامُ الْمُقْتَدٰى　　مَنْ كَانَ قُطْبَ اَوَانِهٖ مَنْ كَانَ فَرْدَ زَمَانِهٖ

يعني حضرت شيخ احمد (قدس سره) جو خلق ۾ امام مقتدا هو، جو پنهنجي وقت جو قطب، جو پنهنجي زماني جو يگانو هو.

سج جيڪڏهن ته گهر جي اڱڻ ۾ وضو ڪري پاڻي جو ڦڙو نه ٿيندو آهي پوءِ به ته اهو آبڪوثر ئي هجي. لَا قَدْرَ لِلْمَاءِ الَّذِي دَامَ جَارِيًا　　عَلٰى بَابِ اِنْسَانٍ وَاِنْ كَانَ كَوْثَرًا

— اڪبر بادشاه جي مرڻ ۾ ماڻهون خوش هوا پر جڏهن اڪبر مري ويو ته ان جي سند سٺو پٽ جهانگير بڻيو وارو يون بدعتون جهڙوڪ نه ورڻ سجدو ڪرائڻ وغيره نه جڏيون. "النَّاسُ عَلٰى دِيْنِ مُلُوْكِهِمْ" واري اصول موجب هندستان جا گهڻا ماڻهو بدگماهي ۾ هوا. جنهن ته دکن طرف هڪ شاعر پنهنجو تخلص ڪفري رکيو ۽ ساماڻي ۾ هڪ خطيب جنهن يارن سڳورن جي تعريف خطبي ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏني. حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن آية ڪريمه "لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۝" ڏانهن متوجه ٿي ڪل ڳهٽي نظر ۾ ڏارين اهواءِ ڪمال اتباع سنت محمدي صلى الله عليه وسلم جي ڪري سندن وجود مسعود ۾ "حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝" جو اطلاق ڪما حقه موجود هو. سندن متوجهي هونه ڪري ڪري من اسلام کان خارج نه ٿي انهي سبب ڪري جتي

ڪفري تخلص وارو شاعر رهندو هو ان شهر جي حاڪم ڏانهن لکيائون ته "شاعر کي گمرائي انکان اهو تخلص ڇڏايو" ۽ سامانيءَ جي رئيس ڏانهن لکي موڪليائون ته "اوهان چالاءِ چئن يارن سڳورن جا نالا خطبي ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ آئنده ائين نه ڪجو اگرچه نالا پاڪ خطبي ۾ داخل نه آهن پر جڏهن ته دين جا مخالف گهڻائي پيا آهن ۽ باطل مذهب پکڙجي ويا آهن انهيءَ ڪري ضروري آهي ته اهي نالا پاڪ وصفن سان خطبي ۾ پڙهڻ گهرجن". سنڌي سڀني مڪتوبات شريف اسلام جي اشاعت ڪرڻ تي دلالت ڪري رهي آهي. مخالفن، خصوصًا اهل تشيع جي رد ۾ رسالا تحرير فرمايائون. افسوس! جو جهانگير بادشاه جو ڏوڏ ۾ ري ٻه شيعه مذهب جو هو ۽ نورجهان بيگم جا اصل ايران جي هئي اهو مذهب ٻه اهيوئي هو تنهن ڪري بادشاه جي طبع جو لاڙو به انهيءَ مذهب ڏانهن هو. ان آنسوا هو اهڙو ته سود اڳي مزاج وارو هو جو ڪنهن به باطل مذهب واري سان صحبت بعد گويا انهيءَ مذهب جو پوءِ لڳ لظر ايندو هو جيئن ته روضة القيوميه ۾ مفصل بيان آهي. اگرچه وڏا وڏا امير حضور اقدس جن جا مريد هوا جهڙوڪ، خان خانان، خان اعظم، خان جهان لوڌي، سڪندر خان لوڌي، تربيت خان، سيد صدر جهان، اسلام خان قاسم خان، جاري خان، مهابت خان، دريا خان، مرتضا خان ۽ ٻيا. مگر حضور اقدس جن جو خيال مبارڪ هو ته ڪنهن به طرح بادشاه ٻنڌ رسمن جي مرض کان آزادي اسلام تي قابو رهي ۽ هدايت وارو ٿئي.

هندستان جي مريدن جڏهن ڏٺو ته پئي کان پوءِ به جهانگير نه سڌريو ته ڏهن حضور جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائون ته ڪفر جي رسمن جو غلبو ڏسي اسين عاجز ٿي پيا آهيون. پاڻ فرمايائون ته جيستائين اسين پنهنجي نفس تي تڪليف نه سهنداسون تيستائين خلق خدا جي هن بلا کان نه ڇٽندي.

حضور جن جو شيخ بديع الدين قدس سره کي لشڪر جي هدايت لاءِ موڪلڻ

هن کان پوءِ شيخ بديع الدين قدس سره کي حضور جن خلافت کان مشرف فرمائي جهانگير جي لشڪر ۾ موڪليو ۽ موڪلڻ وقت ان کي فرمايائون ته "توکي بادشاهي فوج ادب سان

پيش ايندي ۽ تنهنجي غلامي قبول ڪندي ۽ ڪا به تڪليف پهچي ته دلگير نه ٿجو پر صورت ۾ توکي به تڪليف
پهچندي ۽ اسين به تڪليف هيٺ ايندا آسون". آخر شيخ صاحب حڪم موجب وڃي لشڪر ۾ پهتو
اتي سندس قبوليت عام ٿي ۽ ڪيترن شاهي وڏن ڪامورن سندس مريدي قبول ڪئي،
هزارين لشڪر جا آدمي مريد ٿيڻ لڳا. ته هاڻي ايتري قدر خلق جو گوڙ ٿيندو هو جو
وڏن وڏن اميرن کي به شيخ جي زيارت مشڪل سان نصيب ٿي سگهندي هئي. حضور اقدس
مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جا مخالف حسد ۽ حسرت جي باه ۾ ٻرهمتي وانگر ٻرندا
هوا. انهيءَ وچ ۾ شيخ صاحب ڪنهن محتاج کي وزير آصف جاه[1] جي ڏي اعتمادالدوله ڏانهن
سفارش لکي ڏني. وزير ان ۾ لقب اهڙي قسم جا لکيائين جيئن ڪو ادنىٰ دوست ماڻهون
ڏانهن لکي. وزير جي پڙهڻ شيخ صاحب جي لکڻ تي محتاج جو ڪم پورو ڪري ڏنو پر اتفاق
سان انهي وقت آصف جاه اچي نڪتو ۽ شيخ صاحب جو خط پڙهي چوڻ لڳو ته "هي لکندڙ ڪير
آهي؟ جو اسان ڏانهن هڙن گهٽ القابن سان خط لکي". حاضرين مان ڪنهن چيو
ته "شيخ صاحب لکيو آهي". پوءِ پڇيائين ته "ڪنهن جو مريد آهي" ان چيو ته "حضرت مجدد
الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جو مريد آهي". وزير شيطان نظير، حضرت پيران پير
محي الدين مير رضي الله تعالىٰ عنه جو نالو پاڪ ٻڌي نانگ وانگر وٽجڻ ۽ وڪوڙجڻ لڳو ۽ سندس
دماغ مان عداوت جا دونهان نڪرڻ لڳا. هن کان اڳي حضور اقدس رضي الله تعالىٰ
عنه سان پوري دشمني هئس. ڇوته هي دين متين جو وڏو دشمن هو. حضرت
فاروق اعظم رضي الله تعالىٰ عنه جي جگر گوشي جي هدايت جي نور کان سارو ملڪ روشن
ٿيو، هن منحوس لاءِ دل تي وڏو داغ هو، جيئن چمڙو هميشه هن ۾ راضي هوندو
آهي ته سڀ ائين ملڪ ۾ انڌار هجي تڏهن هي خبيث به راضي هو ته پڻ ملڪ ۾ اونداهي
رهي. مگر جو نور الله جل وعلا ٻاريندڙ لوڪري ڪنهن جي ڦوڪ ڏيڻ سان هرگز هرگز
وسامي نٿو سگهي. يُرِيدُونَ أَنْ يُطْفِئُوا نُورَ اللَّهِ بِأَفْوَاهِهِمْ وَيَأْبَى اللَّهُ إِلَّا أَنْ يُتِمَّ
نُورَهُ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ ٥

جيئن حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جي مجدديت ۽ ٻين ڀلائن جي اندر
جو خلق ۾ شهرو ٿيندو ٿيئن ٻين حاسدن جو عموما ۽ هن جو خصوصا حسد جو مرض

---

[1] ڪن ڪتابن ۾ آصف جاه جي بجاءِ آصف الدوله لکيل آهي

وڌائين ٿي ڇڏيو. فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۝. تورات جي پيشگوئي جاهن مضمون پوري ٿيڻ تي لکندس، ۽ رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جون بشارتون ۽ اوليائن ڪرامن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين جا فرمودا ضرور پورا ٿيا هوا، دين جي تجديد ۾ ڪمال ڪوشش ڪرڻ ڪري حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو مرتبو ايڏو ته وڏو جو بزرگان سابقين کان فائق ۽ بلند ٿيڻ هو. "لا تبديل لكلمات الله" حق ۽ صحيح آهي.

حضرت زبدة العارفين عمدة السالڪين عالم باعمل ڪامل مڪمل خواجه محمد جان قدس سره حضرت مجدد الف ثاني جي مدح ۾ ڇا ته چڱو فرمايو آهي.

مَوْلَى الْبَرِيَّةِ كُلِّهَا وَعِمَادُهُمْ ۔ صَدْرُ الْوَرٰى شَرَفُ الْاَنَامِ مُجَدِّدًا

تمام مخلوقات جا سردار ۽ ان جا معتمد عليه آهن، مخلوقات جا صدر نشين پڻ، ماڻهن جا شرف آهن

فَخْرُ الْكِرَامِ وَقُدْوَةٌ لِّفِئَامِهِمْ ۔ زَيْنُ الْخَلِيْقَةِ مُقْتَدَى دِيْنِ الْهُدٰى

بزرگن جو فخر ۽ بزرگن جي جماعت جا اڳواڻ، مخلوق جو سينگار، دين هدیٰ جا امام آهن

بُرْهَانُ وَجْهِ اللّٰهِ بَعْدَ ظُهُوْرِهِ ۔ وَمَصُوْنُ سِرٍّ قَبْلَ اَنْ يَّتَوَلَّدَا

پنهنجي ظهور کان پوءِ خداوند تعالیٰ جي ذات جا روشن دليل هوا، پنهنجي ولادت کان اڳي ڳجهه ۾ محفوظ

نَطَقَ الزَّمَانُ بِبَاهِرٍ مِّنْ فَضْلِهِ ۔ وَاَقَرَّ جَهْرًا اِذْ دَعَاهُ مُجَدِّدًا

سندن غالب فضيلت ۽ بزرگي تي زمانو ڳالهائي چڪو ۽ ان جو ظاهر اقرار ڪيائين، جڏهن ته ان کي مجدد سڏيائين

مَلَأَ الْعَوَالِمَ نُوْرُهُ وَضِيَاؤُهُ ۔ لَمَّا اَتٰى وَجَلَا الظَّلَامَ وَبَدَّدَا

سندن نور ۽ روشني ساري جهان کي ڀري ڇڏيو، جڏهن پاڻ دنيا ۾ آيا ۽ اونداهي کي ڪڍي ڇڏيائون ۽ ماٺ ڪيائون

كَمْ مِّنْ فَضَائِلَ لَا يُقَادَرُ قَدْرُهَا ۔ اَوْلَاهُ مَوْلَانَا فَصَارَ مُحَسَّدًا

ڪيتريون اهڙيون فضيلتون جن جي قدر جو اندازو نه ٿو ڪيو وڃي، اسان جي مولا حقيقي کين ڏنيون جنهن ڪري ٻيا

بِشَمَائِلٍ طَابَتْ وَجَلَّ قَلِيْلُهَا ۔ عَنْ اَنْ يَّكُوْنَ مُبَيَّنًا وَّمُعَدَّدًا

اهڙين خصلتن سان جو سٺيون ٿيون ۽ جن جو ٿورو به حصو هن کان مٿاهون آهي جو بيان ڪيو وڃي ۽ شمار ڪيو وڃي

حَتّٰى تَسَامٰى فِي الْاَوَّلِيْنَ بِاَسْرِهِمْ ۔ رَغْمًا لِّاَنْفِ الْجَاحِدِيْنَ تَبَلُّدَا

ايتري قدر جو پاڻ اڳين بزرگن سڀني کان فائق ۽ بلند ٿي ويا، انهن ماڻهن جي خلاف جو بيوقوفي کان انهن جا منڪر آهن

آخر رئيس الشياطين امام الحاسدين هڪ ڏينهن گهٽي حسد کان
وجھ وٺي بادشاھ کي چوڻ لڳو تہ" سرهند جي شهر ۾ پير شيخ احمد مجدد الف ثاني،
وٽ هڪ لک پهلوان زره پوش جنگي سوار موجود آهن ۽ ايران، توران، بدخشان
۽ ٻين ملڪن جا بادشاه ان جا مريد ٿي چڪا آهن. انهيءَ پير صاحب کي بادشاهي
هٿ ڪرڻ جي خواهش آهي ۽ ايتري طاقت وارو آهي جو اڄ لشڪر گڏ ڪرڻ گهري تہ
ايترا ماڻهون گڏ ڪري سگهي ٿو جو هوند گڏ ڪري يا اينده تہ بادشاه نہ گڏ ڪري
سگهن. اڳوڻي وقت ۾ شاه اسماعيل نالي فقير هو تنهن بہ مريدن جا ٻارهن هزار
گڏ ڪري ايران جي بادشاهي تي قبضو ڪيو هو. جي هن پير بہ ماڻهون گڏ ڪيا تہ پوءِ
ان سان منهن ڏيڻ بالڪل مشڪل ٿيندو، تنهن ڪري ڪجهه ۾ علاج ڪرڻ گهرجي،
پهرئين هي ئي رٿ بحال ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي لشڪر جا ماڻهو خواه ٻيا انهيءَ پير صاحب
يعني حضرت مجدد الف ثاني، جي خليفي شيخ بديع الدين وٽ آمدرفت تا ڪن انهن
کي روڪڻ گهرجي جيئن آئنده شيخ بديع الدين وٽ ڪو بہ اچ وڃ نہ ڪري. هن کان
پوءِ ان پير صاحب (مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه) کي گهرائي پنهنجو مطيع ڪرڻ گهرجي
جي فرمان نہ مڃي تہ پوءِ ان کي قيد ڪرڻ گهرجي". بي وقوف بادشاه وزير جي انهن
ابليسي فريب ڀرين ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ حڪم ڪيو تہ" هن کان پوءِ ڪو بہ شخص شيخ بديع الدين
تائين آمدرفت نہ ڪري". هي حڪم ٻڌي ڪن ضعيف اعتقاد وارن ماڻهن اچ وڃ
بند ڪئي ۽ ڪي لڪ چپ ۾ ايندا ويندا هوا، باقي جيڪي سچي اعتقاد وارا هوا سي بالڪل
ظاهر، ٻنهي لڳ جي شيخ صاحب جي خدمت ۾ ايندا ويندا هوا، رات ڏينهن حضرت
مجدد الف ثاني جو ذڪر بادشاه وٽ ٿيڻ لڳو. گهٽين ۽ بازارن، شهرن ۽ ڳوٺن
۾ بلڪ هندستان جي سموري بادشاهي ۾ مجدد الف ثاني جو نالو ورد ٿي ويو. اعلیٰ ادنیٰ
جي وات ۾ ٿيڻ لڳو، ڇو تہ هندستان ۾ هن خليفي صاحب کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا
خلفاء پکڙيل هوا. بادشاه، جاسوس مقرر ڪيا، جي هر وقت حضرت مجدد الف ثاني رضي
الله تعالیٰ عنه ۽ سندن خليفن جي خبرن کان ڪيس واقف ڪندا رهن. شيخ بديع الدين
صاحب، اهي مجددي معرفتون جي عام ڪندا. نہ هوندي ٻون هيون سي بہ ماڻهن کي ٻڌائيندو
هو. دين جي دشمنن انهن معرفتن جو بيان بادشاه کي هن طرح ڏيئي ڪيو تہ حضرت مجدد

الف ثانيؒ، ٻاهر کي اعلى رتبي وارو ٿو ڪونه ٿئي ۽ پنهنجي مريدن کي جناب پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي اصحابن سان برابر ٿو سمجهي. اهڙي طرح ڪمينو، نالائق دين جو دشمن بادشاهه وٽ حضور اقدسؒ جي باري ۾ واهيات بڪندو هو. لشڪر مان جيڪو شخص شيخ صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ته اهو بادشاهي ڏوهه هيٺ ايندو هو. شيخ صاحب ماڻهن کي روڪيندو هو ته "مون وٽ نه اچو ڇو ته هت اچڻ سبب اوهان کي بادشاهه کان تڪليف ٿي پهچي". شيخ صاحب بالڪل پريشان ٿي حضور اقدسؒ ۾ عريضو عرض رکيو.

شيخ بديع الدينؒ حضور اقدسؒ ۾ عريضه لکڻ ۽ ان جو ڪيس جواب ملڻ

شيخ بديع الدين بالڪل پريشان ٿي حضور اقدسؒ ۾ عريضه لکيو، جنهن ۾ سموري حقيقت بيان ڪري ڇڏائين ۽ عرض ڪيائين ته مون کي ڪرامت جي طاقت عنايت ٿئي. حضور اقدسؒ کيس جواب ۾ تسلي ڏني ۽ سخت تاڪيد لکيو ته "تون مستقل مزاج ٿي رهه منهنجي حڪم کان سواءِ شاهي لشڪر کي نه ڇڏ ۽ جيڪي اوهان ڪرامات جي باري ۾ لکيو آهي سو ڪرامات جا منتظر ٿيو ان شاءَ الله تعاليٰ اوهان کان ڪرامات صادر ٿينديون". هن کان پوءِ شيخ صاحب کان بالڪل گهڻيون ئي ڪرامتون صادر ٿيون جيئن ته هڪ ڀيري هڪ امير شيخ صاحب جي خدمت ۾ آيو کيس فرمايائون ته "هن فساد کي ڪنهن به طرح هٽايو". ان ڀاڳي برگشته رهڙ گار جواب ڏنو ته مون ۾ اها اميد نه رک، جا ڳالهه اوهان وٽان ٿي هوندي اها هن وقت ئي وڃي بادشاهه کي ٻڌائيندس، تنهن تي شيخ صاحب سخت ناراض ٿي فرمايو ته "جيڪڏهن آئون پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهيان ۽ منهنجي مرشد حضرت مجدد الف ثانيؒ جو بارگاهه الاهي ۾ اهو قرب حاصل آهي جيڪو اسانجي اعتقاد ۾ آهي ته پوءِ الله تعاليٰ تو کي اهڙي ڳالهه ڪرڻ تائين مهلت نه ڏيندو ۽ جلد اهڙي مصيبت ۾ گرفتار ٿيندين جنهن کان ڇٽي نه سگهندين. اهو خر جڏهن بادشاهه وٽ پهتو ۽ سجدي ڪرڻ کان پوءِ بدگوئي جي نيت سان حضرت مجدد الف ثانيؒ جو نالو ورتائين ته ان ئي وقت ان کي اهڙو ته پيٽ ۾ سور پيو جو چهري جو رنگ هيڊو ٿي ويس ۽ زبان بند ٿي ويس، تخت

جي اڳيان ليٽڻ لڳو. پنهنجن هٿن سان مٿو پٽڻ لڳو انهيءَ طرح ڦٿڪي مري ٿي داخل في النار ٿيو. جڏهن مخالفن هيءَ حالت ڏٺي ته شيخ صاحب کي جادوگر چوڻ لڳا. ورندي بي تدبير شيطان تطير مخالفان دين ۽ منافقان بي يقين سان گڏجي لڳي پيا ۽ حضور قدس رضي الله تعاليٰ عنه جي باري ۾ صلاحون ۽ مشورا ڪندا هوندا. ساڻن چاڪر ڪرڻ گهرجي، ڪن راءِ ڏني ته "ڪين نظر بند ڪرڻ گهرجي" ڏيري سان لاڳاپو رکندڙ هڪ شخص، جو دل جان سان حضور اقدس جو معتقد هو ان اهو سمورو ئي ڳالهه حضرت شيخ بديع الدين کي وڃي ٻڌائي، شيخ صاحب ارادو ڪيو ته حضور اقدس ۾ هيءَ احوال عرض ڪريان، مگر بادشاه جي سخت روڪ هئي ته سرهند ۾ انهن هٿان ڪنهن به قسم جي خط وڪتابت نه ٿئي، تنهنڪري عريضه نه لکي سگهيو، انهيءَ ڪري شيخ صاحب پاڻ سرهند شريف روانو ٿيو جڏهن خدمت ۾ پهتو تڏهن حضور اقدس جن مٿس سخت ناراض ٿيا ۽ فرمايائون ته "اسان توکي ڪيترو نه تاڪيد ڪيو هو ته اسان جي اجازت کان سواءِ نه اچ هي تو کان خطا ٿي وئي، خير جيڪي ٿيو سو ٿيو ۽ تون هاڻي اوترا انهن موٽي نه وڃ". شيخ صاحب سمجهو ته حضور اقدس جن ڪاڏهن جي موٽڻ روڪيو آهي، چڳون آهي ته موٽي وڃان. نيٺ بنا اجازت شاهي لشڪر ۾ ويو شيخ صاحب جي موٽي اچڻ جي ڳالهه دشمنن بادشاه کي پهچائي ۽ هي گمان ظاهر ڪيائون ته لشڪر وارن ۽ ڪامورن جي پار ان شيخ صاحب پنهنجي مرشد کي انهن جا ڳجها اسرار پهچائي ڏنا هوندا. وري پنهنجي مرشد رجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جا پيغام لشڪر کي آڻي ڏنا اٿس.

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي خدائي الهام ٿيڻ

سال سورهين ١٦ قيوميت جي ۾ ذڪر آهي ته حضور اقدس جناب قطب الاقطاب خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي الهام ٿيو ته "جيستائين تون پنهنجي نفس تي تڪليف نه سهندين تيستائين دين متين جي نه تازگي ٿيندي ۽ نه ڪفر جي اندر سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي روشني سان مٽبي ۽ نه دين کي فروغ ۽ زينت حاصل ٿيندي ۽ نه خلق هدايت کان محروم رهجي ويندي جي اوهانکي انهيءَ دين جي سڌارڻ جو ڳالهه خيال ۾ هجن ته تڪليفون سهو جيئن اڳيان نبي سڳورا ڪافرن کان تڪليفون سهندا هوا ۽ پوءِ انهن جي دين کي پورو رواج ٿيندو رهيو. نبين اولوالعزمن صلي الله عليهم وسلم

تي لازم هوندو آهي ڪافرن سان جهاد ڪن ۽ انهن ايذائن کي برداشت ڪن ۽ توهان کي معلوم آهي ته جناب رسول مقبول صلي الله عليه وسلم ڪيترين ڪافرن جون تڪليفون سهيون. انهن کان سواءِ حق تعاليٰ جي عظمت ۽ جلالت جا ڪي اسرار آهن جن جو بنا تڪليفن سهڻ جي، انهن جو سير نه ٿو ٿي سگهي. اوهان لاءِ ضرور آهي ته پيغمبري سنت جو استعمال پنهنجي حق ۾ ڪريو." هن الهام کان بعد قضائي پروردگار تي راضي ٿي انهي مصيبت سهڻ جا منتظر رهيا ۽ رات ڏينهن اهو شوق هوندو هو ته اسان تي ڪا تڪليف الاهي ڪڏهن ايندي، پنهنجن مريدن ۽ خليفن کي به انهي الهام کان واقف ڪري انهن کي صبر ۽ تحمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪيائون.

حضور اقدسؒ جي باري ۾
بادشاه جي ڳجهي ڪچهري

معلوم ٿي چڪو ته بادشاهه، وزيرن جي چوڻ تي حضور اقدسؒ کان بدگمان ٿي پيو هو. هڪ ڀيرو وزيرن جي عرض سان هڪ ڪچهري ٿي جنهن ۾ دين جا دشمن به گڏ ٿيا هوا. انهن مان ڪن بادشاهه کي هيءَ صلاح ڏني ته حضور اقدس رضي الله عنه کي مريدن سوڌو قتل ڪرائڻ گهرجي ۽ بفحواءِ آيت "وَإِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِينَ كَفَرُوا لِيُثْبِتُوكَ أَوْ يَقْتُلُوكَ أَوْ يُخْرِجُوكَ ۚ وَيَمْكُرُونَ وَيَمْكُرُ اللَّهُ ۖ وَاللَّهُ خَيْرُ الْمَاكِرِينَ ۝" سوره انفال رڪوع ڪن صلاح ڪارن حضور اقدس جي باري ۾ هيءَ راءِ ڏني ته کين هندستان مان ڪڍي ڇڏجي. جڏهن ته حضور اقدسؒ اتباع سنت محمدي علي صاحبها الصلوات والتحية جا پورا عاشق هوا ته هو ڪري کين به مشئين آيت ولاري محمدي پيروي نصيب ٿي. وزير کي قتل ڪرائڻ واري راءِ پسند نه آئي ۽ چوڻ لڳو ته "لشڪر جا گهڻا سپاهي ۽ آفيسر انهيءَ سرهندي پير صاحب جا مريد آهن. جي اسان جي ڳالهين جي جاچ ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن کين شهيد ڪرائڻ لاءِ فوج جو سنئون مقرر ڪنداسون ته مريدن فوجين کي خبر پئجي ويندي جنهن ڪري وڏي فساد جو امڪان آهي." ____ اهڙيءَ طرح وزير کي حضور اقدسؒ جي ملڪ نيڪالي جي ڳالهه به پسند نه آئي ۽ چوڻ لڳو ته "انهيءَ پير صاحب سرهندي (مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ) جي خوش بياني ايتري قدر آهي جو هو جتي به ويندو اتي ماڻهو متس

عاشق ٿي پوندا. وڏي ڳالهه جا آهي ته ٻين ملڪن جا بادشاهه به گهڻو ڪري سندن مريد آهن
۽ سموري جهان ۾ سندس خليفا پکڙجي ويا آهن ۽ هر ملڪ جا بي شمار ماڻهو سندس
طريقي ۾ داخل آهن. جڏهن انهن کي خبر پوندي ته اسان جي مرشد کي ملڪ نيڪالي ملي
آهي ته هو ضرور عوض وٺڻ لاءِ تيار ٿيندا. توران ۽ خراسان جا بادشاهه انجام ۾
آهن. اهي به پنهنجي مرشد جي ننگ ناموس لاءِ ضرور ٻين بادشاهن سان هڪ
ٿي ويندا ۽ هندستان جا امير به باغي ٿي انهن سان ملي ويندا ۽ ساري جهان جا
ماڻهو اسان جا دشمن ٿي پوندا پوءِ نه هي مسئلو تمام مشڪل ٿي پوندو. تنهن تي بادشاهه
چيو ته "پلا ڇا ڪرڻ گهرجي"؟ وزير شيطان چيو ته "جيڪي وڏا وڏا ڪامورا ۽ فوجي آفيسر
حضور جن جا مريد آهن انهن کي پري پري حدن تي بدلي ڪري ڇڏڻ گهرجي پوءِ پير صاحب
سرهندي کي سندس خلفائن سوڌو گهرائي انهن کي اڪبري رسمن (سجدو وغيره) ڪرڻ وغيره
بجاءِ آڻڻ لاءِ چئجي جي منجهائون ته بهتر نه ته پوءِ پير صاحب (مجدد الف ثاني رح) کي اهڙي
انتظام ۾ سختي سان قيد ڪرڻ گهرجي جو اُتي انجام ٻين ۽ مخلص نه پهچي سگهن. جڏهن
قيد جي سختي ڏسندو ته هو جيڪي چوندا سو لاش سوڙهو ٿي مڃيندو. جيڪڏهن
هندستاني امير شور ڪندا ته اسين پير صاحب کي انهي خليفن سوڌو قتل ڪري ڇڏينداسون
تنهن کان پوءِ باغين سان سمجهي پونداسون جڏهن انهن جو مرشد قتل ٿيو ته هو
هن کي مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه رهندي ۽ نه اهڙن ورن وارو ڪو به خليفو ٿي سگهندو
آخر لاچار ٿي پوندا ۽ پنهنجي مرشد جي پٽ ماتم جي ۾ ويهي رهندا. انهي وچ ۾ ٻين
ولايتن جا خلفاءِ ايندا ته اسان به انهن سان ظاهري طرح ماتم پرسي ڪنداسون ۽
چونداسون ته اسان آهي جو ڪن دشمن حضور جن کي شهيد ڪيو آهي ۽ ڪي ماڻهو
مارائي جا لائق پير صاحب جي عوض ۾ انهن جي وڏيرن کي قتل ڪرائينداسون. پير صاحب
جي مزار شريف تمام گهڻي خرچ سان ٺهرائينداسون ۽ سندن هندستاني مريدن کي ٻي شمار
ڀيا ۽ جاگيرون ڏينداسون ۽ سندن ٻين ملڪن وارن خليفن ۽ انهن جي مريدن
ڏانهن عذر خواهي جي خطن سان گڏ تحفا موڪلينداسون ۽ جڏهن ٻاهرين
ولايتن جا ماڻهون پير صاحب جي فاتحه خواني لاءِ ايندا ته هو هندوستان جي
حدن ۾ هر منزل تي انهن جي مهمان نوازيءَ جو پورو بندوبست ڪري سندن مرشد

جي شهيد ٿيڻ جو گهڻو ڏک ڪندا اسون. آخر انهن جي دلين مان عداوت نڪري ويندي ۽ پوءِ اسان سان محبت رکندا. سموري مجلس وارن کي ورير شيطان نظير جي اها اصلاح بالڪل پسند آئي ۽ انکي آفرين چيائون. ٻئي ڏينهن تي اهي ڪلمو ۽ آفيسر جي حضور اقدس جا مريد هوا تن کي بادشاهه ڪرائي سر دار ۽ جا پرهاتا ڏئي ڇڏيا پر ڀي حدن تي بدلي جا حڪم ڏنائين جن هن انهن جي پهچڻ جا خط ولتس آيا تن هن کو فين دار وطر اقو اختيار ڪيائين

بادشاهه جو ڪوفن وانگر حضور اقدس ڏانهن خط لکڻ

عاملن جي بدلين بعد بادشاهه حضور اقدس ڏانهن هن مضمون جو عريضه لکيو ته "اسانکي اوهان ۽ اوهانجي خليفن جي زيارت جو بالڪل گهڻو شوق آهي اميد ته جناب جن قدم رنجه فرمائي، پنهنجي ديدار فيض آثار کان مشڪور فرمائيندا". ۽ هن سان گڏ سرهند شريف جي ظاهري حاڪم جي نالي خط لکيائين ته ڀي انتهائي ڪوشش ڪري حضرت پيرصاحب کي هيڏانهن روانو ڪج. بادشاهه پنهنجي ماڻهو کي زباني هيئن به چيو هو ته "حضرت مجدد الف ثاني جي متعلقين مان جيئن ٻنهي کو به نه رهي"

حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن خط پهچڻ شرط سفر جي تياري ڪئي ۽ پنهنجن فرزندن حضرت خواجه محمد سعيد ۽ حضرت امام محمد معصوم رضي الله تعالى عنهما کي خفيه طور ڪوهستان ڏانهن موڪليائون. دشمنن جي تقاضا جي باوجود، حضور جن صاحبزادن جي هلڻ ۾ مصلحت نه ڏٺي. موڪلائڻ وقت سندن اهل عيال ۽ ٻين آدمين فڪر ۽ ڏک ظاهر ڪيو پر حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن سڀني کي تسلي ڏني ۽ صبر جي وصيت فرمائي ۽ ارشاد ڪيائون ته "رڳو هڪ سال مون تي هي تڪليف رهندي پوءِ آرام ٿيندو، خاطر جمع رکو". آخر پاڻ اهل عيال کان موڪلائي پنهنجن مريدن سان روانا ٿيا حالانڪ ان وقت هڪ هزار جڻا سو خليفا درگاهه شريف تي موجود هوا. بادشاهه حضور اقدس جي تشريف آوري جي خبر ٻڌي، پنهنجن سپي اميرن کي استقبال لاءِ موڪليو ۽ پنهنجي خاص تنبو جي پر سان حضور اقدس جو تنبو

ڪوٺرايو. سنڌ ۾ خليفن ۽ مريدن لاءِ جدا جدا تنبو کڻايا ويا. وري ٻيو ضمير
حضرت جن جي بادشاهه سان ملاقات لاءِ اهڙو وقت مقرر ڪيو جنهن وقت بادشاهه
نشي ۾ الوٽ هو. تنهن کان سواءِ ڪجهه ناراض به هو.

بادشاهه جا ٻه وقت مقرر هوندا هئا هڪ خوشي جو، جنهن وقت شراب
پيندو هو ۽ خلق کي انعام ۽ اڪرام ڏيندو هو، ٻيو نشي جو، جنهن وقت ناراض هوندو
هو ان وقت خلق تي تمام گهڻو ظلم ڪندو هو. جنهن وقت حضور اقدس جن رضي الله
تعالیٰ عنه ولس تشريف فرمايا ان وقت بادشاهه انا نيت ڪري ويٺو، جي تخت تي آنا ربکم
الاعلیٰ جو نعرو فرعون وانگر هڻي چڪو هو. ان وقت جو به اُن کي ڏسندو هو سو کيس سجدو
ڪندو هو. جڏهن حضرت موسوي سيرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه ولس تشريف
فرمائي وقت ڪنهن به قسم جو ادب بجاءِ نه آندو ۽ نه ڪو سلام عليڪ به نه ڪيائون، ويتر
دل ۾ خوش ٿيو ته هاڻي بادشاهه پنهنجي عادت موجب ضرور حضور اقدس جي شهيد ڪرڻ
لاءِ حڪم ڪندو. حضور اقدس جي خليفن ۽ مريدن آڳي رت ڪري ڇڏي هئي ته جي
خدانخواسته حضور اقدس کي ڪا تڪليف پهتي ته پوءِ بادشاهه ۽ وزيرن ۽ ٻين سان هٿ
جو صفايون ڪنداسون پر بادشاهه ڪجهه نه ڪيو ۽ وزير حيران ٿي پيو فساد دل ۾
نا هئي بادشاهه کي چوڻ لڳو ته هي اهو شخص آهي جو پاڻ کي سيني نبين کان پيلو ٿو جاڻي

حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه
۽ بادشاهه جو پاڻ ۾ گفتگو

حضور جن پاڻ بادشاهه جي سوالن جي جواب ۾ فرمايو ته حضرت علي ڪرم الله
وجهه، جو چوٿون خليفه آهي، ان حضرت کي جيڪي شرع جي حد کان زياده محبت
ٿا رکن سي ان کي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه کان به پيلو ٿا جاڻن حالانڪ
حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه انبياءَ عليهم الصلواة والسلام کان پوءِ
بني نوع انسان کان افضل آهي. هزارين سالن کان وٺي اسين انهن ٻن نظرن جي
منهن تي پليتي سان پيل پادري هئي رهيا آهيون راهوا شاهه حضور اقدس جن
وزير ڏانهن ڪيو چيو ته اهو به شيعو هو، حضور جن جو رسالو "رد روافض" مطالعه

ڪري ڇڪو ھوڄتان وزيرڪي دشمني جاڳي ھُئي) ھن کان پوءِ فرمايائون ته "منھنجي نزديڪ ھڪ ادب يعني مستحب جو ڇڏڻ گناھ ڪبيري وانگر آھي، پوءِ اھڙي ڳالھ ڪيئن ڪري سگھندس جا قرآن شريف ۽ حديث شريف جي مخالف ھُجي. يعني آئون ڪھڙي طرح پاڻ کي نبين سڳورن سان مٽ يا ور ڀيڪ چوندس. ھا الله تعالیٰ جون بي شمار نعمتون منھنجي حق ۾ وارد ٿيون آھن سي به منھنجي لاءِ منھنجي جنس وارن کان ممتاز ٿيڻ جو سبب آھن. نبين سڳورن جي جنس پاڪ ته بالڪل اعلیٰ آھي. اھي ڳالھيون ڪو به عقل سليم وارو ويٺ نٿو ڪري سگھي"

بادشاھ چيو ته بي شڪ مون جيئن اوھانکي سمجھيو ٿي اوھان اھڙا ئي صالح ۽ متقي آھيو. اوھان کان اھل حق جي مخالفت نٿي ٿي آھي. بادشاھ جو اھو گفتگو ٻڌي وزير ستري ڪلر ودانگي جي تري جھڙ وٺي ويو ۽ ڏٺائين ته منھنجو ھي بدداءُ نه ٻڌو وري بادشاھ کي چوڻ لڳو ته ھن پير صاحب ڪو به بادشاھي ادب بجاءِ نه ڪيو آھي، تھن تي بادشاھ سوداڻي حضور اقدس کي چيو ته اوھان ڇو نه شاھي آداب بجاءِ آندا! حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو ته اڄ تائين مون سواءِ خدا ۽ رسول جي ڪنھنجو به اھڙو ادب بجاءِ نه آندو آھي، اسان اسلامي طريقه موجب جڏھن پاڻ ۾ ملندا آھيون ته السلام عليڪم چوندا آھيون. مونکي معلوم ھو ته توھين سلام جو جواب نه ڏيندا تھن ڪري مون سلام به نه ڪيو" بادشاھ چيو ته مونکي سجدو ڪريو. حضور اقدس جن بالڪل ڏمر جي فرمايو ته مون سواءِ خدا جي نه سجدو ڪيو آھي ۽ نه ڪندس. اھڙي ڳالھ مونکي نه چئو" وري بادشاھ فرعون جاھ چيو ته مونکي سجدو ڪر ۽ ضرور توکان سجدو ڪرائيندس. حضور اقدس جن فرمايو ته تون ھرگز ھرگز مونکان پاڻ کي سجدو نه ڪرائي سگھندين. مولوي عبدالرحمٰن مفتي جو حضور اقدس جن جو قديمي مخلص ۽ مريد ھو ۽ اتي حاضر ھو. حضور ۾ عرض ڪرڻ لڳو ته ھھڙي حالت ۾ اوھانکي سجدو ڪرڻ ضروري آھي. حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو ته اھا فتویٰ اوھان مولوين لاءِ آھي ۽ مون لاءِ نه آھي. ھزارين نبين سڳورن ۽ سندن صحابن خدا جَلّ وعلا جي واٽ ۾ پنھنجا ساھ قربان ڪيا سو آئون پنھنجي سنت ماڻڪر ڪري لوڏي ٿيو جي واٽ ۾ ساھ ڏيندس تھن تي بادشاھ چيو ته اوھان رڳو مٽي کي ٽورو

لوڙايو، ٻيا آداب اوهانکي معاف آهن، ڇو ته مونکي شرم ٿو اچي. مان اهو حڪم ڪري چڪو آهيان، اڄ تائين منھنجي حڪم کان ڪنھن به انڪار نه ڪيو آهي. حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن فرمايو ته ”آئون انهي ڪري هرگز مٿو به نه نوائيندس“. بادشاه پنھنجن ٻن ٽن خاص مقربن کي چيو ته هن پير صاحب جي مٿي کي وٺي رڳو ڪجهه قدر لوڙايو پوءِ انکي زر ۽ تحفا ڏئي موڪل ڏيو. تڏهن ڇٽا ٻُت ۾ پيل بهادر امير اُٿيا جن حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جي سر مبارڪ کي ڪجهه لوڙائڻ جو عزم ڪيو. ڪيترائي زور ڏنائون مگر ڪجهه نه ڪري سگهيا. حالانڪ حضور اقدس جن بالڪل نازڪ اندام هوا ۽ سندن گردن مبارڪ بالڪل باريڪ هو. اميرن به ايتري قدر زور ڏنو هو جو حضور اقدس جن جي نڪ مان رت نڪري پيو. هڪ نسخي ۾ ڏنل ته اميرن جي نڪ مان رت نڪتو والله اعلم.

حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جي نگاهه جا آسمان ڏانهن هئي سا ڦيرائي نه سگهيا. هن کان پوءِ بادشاه چيو ته هن پير صاحب کي هن ننڍي دروازه مان وٺي اچو جو منھنجي سامهون آهي، ڪين لنگهڻ وقت ضرور مٿو نوڙائڻو پوندو. حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن دروازي مان لنگهڻ وقت اول پنھنجو قدم مبارڪ رکيائون پوءِ مٿي کي ٻاهريئين پاسي لاڙي داخل ٿيا. وزير بادشاه کي چوڻ لڳو ته ڏسو پير صاحب ڪھڙو اشارو ڪري چڪو آهي ته ”تنھنجي تخت ۽ بادشاهي کي پنھنجن پيرن هيٺان لتاڙيندس“. جڏهن هت اوهانجي دربار ۾ ايترو تڪبر ڏيکاري رهيو آهي ته پوءِ ٻاهر الائي ڪھڙا فساد مچائيندو جن جو علاج مشڪل ٿي پوندو ڇو ته اهڙو وقت هٿ نه ايندو. هاڻي پير صاحب کي قيد ڪرڻ گهرجي نه ته پوءِ هٿ هٺا پوندا. بادشاه وزير جي چوڻ تي مجبور ٿي حضور اقدس يوسف زماني مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي قيد ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو

حضور اقدس جي ديدار ڪرڻ سان هڪ راجا
بت پرست جيل جي آفيسر جو مسلمان ٿيڻ

هندستان جو هڪ وڏو راجا، جو بُت پرست هو انهي مجلس ۾ حاضر هو. جڏهن انهيءَ حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جي استقامت ۽ استقلال جو

مشاهدو ڪيو ته هن سندن تصرف سان انهيءَ سيني مان ڪفر جي انڌاري ڪافور ٿي ويو ۽ نور اسلام سان انهيءَ دل روشن ٿي پئي.

هڪ اهو نومسلم وزير کي چوڻ لڳو ته هن پير کي مون وٽ قيد رکو ۽ وزير خيال ڪيو ته هي ڪافر آهي ضرور پير صاحب کي قيد ۾ سختي سان رکندو ۽ ننهن ڪري ڪين انهيءَ حوالي ڪيائين. جڏهن حضرت اقدس جن اتي پهتا ته هن ان نومسلم نهايت تعظيم ۽ تڪريم سان حضور جن کي رکيو ۽ پنهنجن سيني متعلقين سوڌو مريد ٿيو. صبح شام حلقي ۽ مراقبي ۾ حاضر ٿيڻ لڳو. ٻين طالبن کي به حضور اقدس اڳين مقرر ٿيل وقتن مطابق توجه ڏيڻ شروع ڪيو. پوءِ ته ڪيترين جماعتون اچي مريد ٿيڻ لڳيون. قيد خانو هڪ گلزار جنت ٿي پيو ۽ قيدي خدا جي محبت ۾ قيد ٿي پيا. رات ڏينهن فيض جو هنگامو گرم ٿيو. جڏهن اها خبر وزير شيطان نظير کي پهتي ته هن بادشاهه کي چيائين ته متان ڪو فساد ٿي پوي، هن پير صاحب کي اهڙي قلعي ۾ نظربند ڪرڻ گهرجي جو حفاظت ۾ بي نظير هجي. آخر بادشاهه حضور اقدس جن کي قلعي گواليار ڏانهن جو جاءِ ويڪاڻ ٢٢٤ ميلن تي هو، موڪلڻ لاءِ حڪم ڪيو. الغرض حضور انور جن کي سمورن خليفن مريدن سوڌو گواليار پهچايو ويو ۽ ان قلعي جي سنتري ۽ جيلرن کي تاڪيد ڪئي ويئي ته قلعي ۾ اندر وڃڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني وڃي. جيتري سختي ٿي سگهي پير صاحب ۽ انهيءَ خليفن کي ڏيڻ ۾ اچي. ازان سواءِ وزير ته خاص طرح انهي سختي رکڻ لاءِ پنهنجو هڪ ماڻهو مقرر ڪيو جو بالڪل بدخلق ۽ شقي القلب هو.

حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جو گواليار جي قلعي ۾ پهچڻ

هڪ جڏهن سلطان الاولياء ملڪ الاصفياء قرة چشم مصطفىٰ هيڪل نوراني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن قلعي گواليار ۾ پهتا ته هن قلعي جا حاڪم ۽ سنتري بادشاهه ۽ وزير جي حڪم مطابق حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن تي گهڻي سختي ڪرڻ لڳا. حضور اقدس جن سان ٻه جي خليفا همراهه هوا تن جڏهن اها سختي ڏٺي ته سخت ناراض ٿي سنترين کي چوڻ لڳا ته اسان کي بادشاهه قيد ڪري موڪليو

آهي، تنهنڪري اوهين اسانکي معمولي ماڻهو سمجهندا هوندؤ، مگر ياد رکو ته اسين حڪم الاهيءَ سان هت آيا آهيون. اسانجي من نظر پيا ڪم ٿيا ٿين. ائين ئي خديفا سڳورا اڏامڻ جي نموني ٽپ ڏئي ٿلهي جي پيتين ۾ چڙهي ويٺا ۽ چوڻ لڳا ته ڏسو اڄ هو ها ۾ اسين پيت ڪي چيري ڦاڙي ناس تاڪ يون. بعضي خليفن ڪيترن ڪرامتن جو اظهار ڪيو، مگر حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن انهن کي ڌڙڪو ڏئي فرمايو ته ”مون ۾ ڪرامتن جي ظاهر ڪرڻ جي طاقت ناهي ڇا؟ جو تو هين ڪرامتون ڏيکارڻ لڳا آهيو. اسانجي هت اچڻ مان خاص مقصد هيءُ آهي ته ايندڙ ٿي سهون جو الاهي امراهه بطرح آهي“. جڏهن سڀني حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي استقلال جي اها حالت ڏٺي ته هو سڀئي پشيمان ٿي توبه ڪرڻ لڳا ۽ حضور انور کان معافي گهريائون ته اسانکي حضور جي شان جي خبر نه هئي، آخر سڀ مريد ٿيا.

جناب افسر اولياء سر دفتر اصفياء حضرت محبوب سبحاني قطب رباني حضرت امام رباني يوسف زماني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن قيد وارن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته هي مصيبت اسانجي نفس جي شامتن جو نتيجو آهي انهي ڪري منهنجي باطني ترقي بالڪل گهٽجي ٿي آهي. قلعي واري زمان ڪنهن شخص سندن حضور ۾ نظربندي جو سبب پڇيو جواب ۾ فرمايائون ته اها اسانجي عملن جي شامتن جو سبب آهي ۽ هي آيت پڙهيائون ”مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ“ حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن جي عادت مبارڪ هئي ته پنهنجي هر عمل کي گهٽ ڪري سمجهندا هوا ۽ پنهنجن مريدن کي فرمائيندا هوا ته نيڪ عمل کي خود پسندي ائين تباهه ڪري ڇڏيندي جيئن سُڪل ڪاٺيءَ کي باهه ڀسم ٿي ڪري. جيڪي ڏينهن حضور اقدس جن نظربند هوا، سواءِ حضور اقدس جي سندن فرزندن ۽ ڪن رضي الله تعاليٰ عنهم جي سمورن سالڪن ۽ اوليائن جون ترقيون بند ٿي ويون. حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جا مخالف سندن نظربند ٿيڻ تي خوشيءَ مان ڪيئن نه ڪيندا هوا ۽ حضور پُرنور جي حق ۾ نوڪون ڪندا هوا.

عاشقان بارگاهه مجددي والهان دربار احمدي قدس الله تعاليٰ اسرارهم دشمنن جون اجايون ڳالهيون سهي نه سگهندا هوا. جيئن ته هڪڙي ڏينهن سندن

هڪ عاشق جان گداز حضور ۾ اهو قصو لکي عرض ڪيو، يعني پنهنجي قبض باطني جو احوال، خلق جي ملامت ۽ شڪايت پيش ڪيائين. حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن انهيءَ جي جواب ۾ هڪ عجيب ارشاد نامون لکيو جو روضة القيوميه[1] ۾ بجنسه لکيل آهي جنهن ۾ عجيب معرفتون لکيون اٿن. انهن ڏينهن ۾ هڪ مڪتوب شريف پنهنجي خاص خليفه سيد مير محمد نعمان قدس سره ڏانهن موڪلي فرمايائون جو ان مڪتوب ۾ هدايت ۽ معرفت جا عجيب موتي، تڪليفن سهڻ جي باري ۾ فرمايا اٿن روضة القيوميه ۾ موجود آهن. راقم الحروف دري اختصار جي آهي من شاء فليرجع اليها

حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي نظربندي ڪري، سندن خليفن، مريدن ۽ اهل عيال بالڪل گهٽين ۾ ٿي گذاريو ته الائي ڪڏهن سندن آزادي ٿيندي جڏهن حد کان زياده انهن جو فڪر ڏٺائون ته سيني کي تسلي جو رائي موڪليائون ته اوهان خاطر جمع رکو جنهن ڪملاءِ مون هن نظربندي کي قبول ڪيو هو الله تعاليٰ پنهنجي ڪمال فضل ۽ ڪرم سان انکي سرانجام فرمايو آهي هاڻي جلد قيد کان آزادي ملندي خلق هي خبر ٻڌي بالڪل خوش ٿي.

هڪ اهل الله جو عجيب خواب ڏسڻ

حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي نظربندي جي ڏينهن ۾ سندن هڪ مخلص، هڪ اهل الله خواب ڏٺو ته ماڻهن جون هر طرف کان جماعتون ڊوڙنديون پيون ٿيون اچن، مون پڇيو ته خير ته آهي جو نا ڊوڙن ٿا؟ انهن چيو ته "حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني جن رضي الله تعاليٰ عنه" هن پٿر جي قلعي ۾ نظربند آهن ۽ حضرت خاتم الرسل صلي الله عليه واله واصحابه وسلم سمورن اصحابن ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين سوڌا حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي خبر پڇڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا آهن انهي ڪري هي سموري خلق انهي طرف ڊوڙندي ٿي وڃي" آئون به انهن سان شامل ٿيس جو مون کي به آنحضرت صلي الله عليه واله واصحابه وسلم جي ديدار پرانوار جو شوق ٿيو. آئون جڏهن ان قلعي جي دروازي کي اوڏو پهتس ته هن ماڻهن جو گوڙ ۽ شور ڇٽڪر ٿي ويو ۽ خلق صفون ٻڌي بيهي رهي. گهڙي کان پوءِ شهر ۾ شور مچي ويو ته جناب رسالت

---

[1] روضة القيوميه رڪن اول سال سورهون قيوميت.

صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي ڪين ڪان ڇڏ آهن فرمايو ۽ جنهن ڪم لاءِ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه هي قيد قبول ڪيو هو اهو ڪم الله تعاليٰ سرانجام ڪيو. انهيءَ وچ ۾ منهنجي نظر هڪ سواري تي پئي جنهن لاءِ چيائون ته حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه آهي ۽ انهي پٺيان جناب پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جن پيا اچن. مون حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه جي گوڏي مبارڪ تي هٿ رکي چمي ڏني ۽ محبت کان روئڻ لڳس. حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه مونکي فرمايو ته جڏهن به مونکي ياد ڪندين ته آءٌ اچي حاضر ٿيندس.. ايتري ۾ جاڳي پيس ۽ ڏٺم ته منهنجي اکين مان برسات وانگر لڙڪ وهي رهيا آهن

هندستان جي اميرن جي بغاوت

آخر اها نظربندي جي خبر حضور اقدس جي انهن مريدن کي پهتي جن کي بادشاه پريي پريي بدلي ڪري ڇڏيو هو. جيئن ته خان خانان کي دکن. مهابت خان کي ڪابل، خان جهان کي مالوه ۽ خان اعظم کي گجرات. تڏهن اهي حد کان زياده غمگين ٿيا ۽ بادشاه سان جنگ ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان لکپڙهه ڪرڻ لڳا. آخر هيءَ صلاح بيٺي ته ڪابل جي حاڪم مهابت خان کي پنهنجو سردار مقرر ڪجي ۽ باقي ٻيا امير جي حضور اقدس جن جا مريد آهن سي ان کي فوج ۽ خزاني جي مدد ڪن. هن کانسواءِ بدخشان خراسان ۽ توران جا بادشاه، جي حضور اقدس جن جا مريد آهن تن کان به مدد وٺڻ گهرجي. ذڪر ڪيلن اميرن پوشيده طور خزانا ۽ فوجون ڪابل موڪليون مهابت خان زور ڏو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو ۽ چڱي طرح انهيءَ ڪم ۾ مشغول ٿيا. ٻين ولايتن جي بادشاهن کي جڏهن حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي نظربندي جي خبر پئي ته گهڻو غمگين ٿيا. سڀني مهابت خان جي حتي المقدور مدد ڪئي هر روز هزارين سپاهي ڪابل ۾ اچڻ لڳا. ڪابل ۽ پشاور جي گرد نواح جا مغل ۽ پٺاڻ، جي حضور اقدس جن جا مريد هئا سي به مهابت خان سان اچي مليا. جڏهن مهابت خان وٽ پورو بندوبست ٿيو ته هن باغي ٿي خطبي خواه سڪي مان بادشاه جو نالو ڪڍي.. ڇڏيائين. اها خبر بادشاه ٻڌي ڊنو ۽ وزير ابليس نظير ۽ ٻين اميرن کي گهرايو

صلاح مصلحت ڪرڻ لڳو. ڪن راءِ ڏني ته پهريائين پير صاحب کي خليفن سوڌو قتل ڪري پوءِ باغين جي بيخ ڪني ڪريون. وزير چيو ته ها وقت جي مصلحت نه آهي جو ته مونکي پڪي طرح معلوم ٿيو آهي ته هندستان جو سمورو لشڪر بغاوت لاءِ تيار آهي خراسان، بدخشان ۽ توران جا بادشاهه انهيءَ جي مدد ۾ آهن. هر وقت انهن وٽان هنن کي مدد پهچي رهي آهي ڪيترا مغل پٺاڻ به انهن سان مليا آهن. جي اها مصيبت اسان تي اچي پهتي ۽ دشمن به گهڻا اچي ويا ته پوءِ اهي شاهي لشڪر وارا پير صاحب جا مريد به اسان جا دشمن ٿي پوندا اچي اڳيئي اهڙي اوجهه ڳولهي رهيا آهن ۽ پير صاحب جي آزاديءَ کي گاديءَ تي ويهاريندا. پوءِ ته اسان جو بچڻ مشڪل آهي. چڱي صلاح هيءَ آهي ته مخالفن ڏانهن پيغام موڪليون ته ”جي توهين فساد ڪندؤ نه ياد رکو، توهان جي پير صاحب کي قتل ڪيو ويندو.“ پوءِ جي انهيءَ ڌڪ کي سان ڊڄي شورش بند ڪن نه بهتر، نه ته معتبر ماڻهن کي گواليار جي قلعي ۾ مقرر ڪرڻ گهرجي منهنجو هڪ عزيز هن کان اڳ اتي موجود آهي، انکي وري سخت تاڪيد ڪرڻ گهرجي ته پير صاحب کي وڏي احتياط سان نظر ۾ رکي. ٻاهرين ماڻهن کي اندر وڃڻ نه ڏئي ۽ نه قلعي مان ڪنهن کي ٻاهر نڪرڻ ڏئي. هتي اسين مخالفن سان جنگ شروع ڪريون ۽ آزمودگار ماڻهون لشڪر مان چونڊي لڙائي ۾ موڪليون ۽ انهن جي مدد لاءِ خود بادشاهه کي موڪليون. جي فتح ڪئي سون ته پوءِ ڪنهن کان به اسين نه ماربا سون ۽ جي شڪست ٿي ته پوءِ اسين هنن سان هرگز نه ٻڌي سگهنداسون پوءِ انهيءَ صورت ۾ پير صاحب کي آزاد ڪري خدا عزوجل ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جو نالو ۽ قرآن شريف ميز ڪري وٺنداسون ته اسان جي ابتر ماڻهن کي نه ڇيڙن پوءِ پير صاحب جي وسيلي سان مخالفن سان صلح ڪنداسون پوءِ پير صاحب ۽ انهن کي عزت سان رکنداسون نه ته فساد جو انديشو رهندو. اها صلاح بادشاهه خواهه اميرن کي پسند آئي. وزير پنهنجا خاص ماڻهون هڪ هزار چونڊي قلعي ۾ مقرر ڪيا انهن مان اڪثر سندس ماڻهن هوا ڪين حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي تڪليف ڏيڻ لاءِ گهڻو تاڪيد ڪيا ٿين.

وزير جي ڀاءُ جو پنهنجن سائين سميت مريد ٿيڻ

”مقلب القلوب جلّ جلاله انهن جي دلين جا ڦير حضور اقدس جي توجه
سان ڪونٿ فرمايا جنهين ته وزير جو ڀاءُ پنهنجن سائين سوڌو حضور اقدس رضي الله
تعاليٰ عنه جو مريد ٿيو. پر پنهنجي مريد ٿيڻ جي ڳالهه شاهي لشڪر کان لڪايائين ۽ بادشاهه
کي چورائي موڪليائين ته اوهين خاطر جمع رکو آءٌ احتياط ۾ ڪجهه نه گهٽائيندس.
”بادشاهه باغي سردارن ڏانهن پيغام موڪليو ته جي توهين شورش ڪندو ته
اسين پير صاحب کي قتل ڪنداسون. هنن کي حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي
فرمان موافق پڪي طرح سان معلوم هو ته بادشاهه ڪين ڪنهن به قسم جي تڪليف نه
پهچائي سگهندو. هن کان سواءِ قلعو به حضور اقدس جن جي قبضي ۾ اچي ويو هو
جو ته قلعي وارا حضور جن جا مريد ٿي چڪا هوا جي بادشاهه ڪيترا سال ڪوشش ڪري
ها ته به قلعو هٿ نه ڪري سگهي ها. انهي سبب ڪري هنن بادشاهه جي چوڻ جي ڪجهه به پرواهه
نه ڪئي. بادشاهه هڪ ڏهو لشڪر وٺي جنگ جي ارادي سان ڪابل ڏانهن روانو ٿيو. هو
مهابت خان جو ڀي تمام لشڪر پڻ مقابلي لاءِ تيار ٿيو. جنهن وقت بادشاهه روانو ٿيو ته جيڪي
به امير هندستان ۾ هوا، سي سڀئي باغي ٿي ويا ۽ بادشاهي نوڪرن کي پنهنجن علائقن
مان لوڏي ڪڍي ڇڏيائون ۽ حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾
عريضو موڪليائون ته حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن قلعي کان ٻاهر نڪري تخت تي
جلوه افروز ٿين. ”حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمايو ته“ توهان
جو ايتري قدر شورش ٿا ڪريو، سو مونکي بادشاهي جي ڪا خواهش نه آهي. مونکي ٻيا ڪم
ملحوظ خاطر هوا جنهن واسطي مون چاهي خوشي سان هي نظربندي قبول ڪيو.
جڏهن اهو ڪم پورو ٿيندو ته توهان جي ڪوشش کان سواءِ هن قيد کان آزاد ٿيندس.
بهتر آهي ته اوهان انهي شورش کان باز اچو ۽ پنهنجي بادشاهه جا فرمان بردار ٿي رهو
خاطر جمع رکو، آئون انشاء الله تعاليٰ عنقريب آزاد ٿيندس“. جڏهن اها خبر فرحت اثر
اميرن ٻڌي ته بغاوت کان باز آيا. جڏهن بادشاهه منزلون ڪندو درياءَ جهلم تي پهتو

ته هو ڏاڍو مهابت خان بد درياءَ جي پار واري ڪپر تي تنبو هڻايا. مهابت خان پنهنجو لشڪر، ڪو ڪاڏي ڪو ڪاڏي ڪري ڇڏيو هوائين، ظاهر ڪيائين ته جڏهن لشڪر سندن حڪم کان ٻاهر آهي ۽ گهوڪي ٿورا سوار وٽس رهيا ۽ بادشاهه جي لشڪر ۾ جيڪي حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جا مريد هوا انهن مهابت خان جي اشاري تي مهابت خان تي حملو ڪيو، مهابت خان جڏهن اڳو بادشاهه انهي پنيان وڃڻ شروع ڪيو تنهن تي مهابت خان پڪاري سمورو لشڪر ڪٺو ڪري بادشاهه کي چوڌاري وڪوڙي ويو. وزير بد ته پيريا في لشڪر سان پابند وبست ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪيس بادشاهه جي گرفتار ٿيڻ جي خبر پئي ته ڏاڍو حيران ٿيو. ٻي ڪا واهه نه ڏسي آخر وڃي مهابت خان کان معافي گهريائين. مهابت خان وزير تي سخت ناراض ٿيو ۽ ڪرڻي جو توبر وزير آئي سندس منهن تي چاٽ هڻايائين ۽ ان اخبث کي چيائين ته هي ساري شرارت تنهنجي آهي. تو ئي حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه کي قيد ڪرايو ۽ هاڻي معافي ٿو گهرين وزير توبه ڪئي بادشاهه به معافي گهري ۽ چوڻ لڳو ته مون حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جو قدر نه سڃاتو جنهنڪري مون کان هي گستاخي ٿي آهي. هاڻي پنهنجي ڪئي ڪرتوتن تي سخت پشيمان آهيان

هند جي اميرن جو خط مهابت خان کي پهچڻ

— انهي وچ ۾ مهابت خان کي خان خانان ۽ ٻين اميرن وٽان خط پهچي ويا جن ۾ لکيل هو ته اوهان فتني ۽ فساد کي ڇڏي ڏيو ۽ بادشاهه جا فرمانبردار ٿي رهو. جو ته حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن جو اسان کي اهڙو حڪم مبارڪ آهي، مهابت خان بادشاهه کان حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي آزاد ڪرڻ جو انجام ڏنو. پوءِ انهي سر جو ڇاءِ ڪيائين. بادشاهه ته دل سان انهي ڳالهه کي منظور ڪيو تنهن کان پوءِ مهابت خان بادشاهه کي ڇڏي ڏنو ۽ کيس تخت تي وهاري پاڻ هٿ ٻڌي اڳيان بيهي رهيو سواءِ سجدي جي ٻيا سڀ آداب بادشاهي جا بجاءِ آندائين ۽ پنهنجي قصور جي معافي گهريائين ۽ بادشاهه کي خبر ڏنائين ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه اوهان جي فرمانبرداري لاءِ موڏي حڪم موڪليو آهي. بادشاهه قصور معاف ڪري شاهاڻي مهربانين سان کيس شاهي خلعتن سان سرفراز فرمايو.

— بادشاهه کي ڏينهن ۽ ڪن جي قول موجب ست ڏينهن تائين مهابت خان وٽ

نظربند رهيو ۽ ڪن جي چوڻ موجب هن کان به زياده وقت رهيو. ڪن تاريخ وارن جن بادشاهن جي حالات لکي آهي، بادشاه جو درياءَ کان پار لنگهڻ ۽ مهابت خان جي هٿان گرفتار ٿيڻ ٻئي طرح سان بيان ڪيو آهي، پر صاحب روضة القيوميه جو لکيو تہ هي قول، جو مٿي لکيو ويو آهي سو معتبر ماڻهن کان روايت ڪيو ويو آهي.

بادشاه جو ڪشمير ڏانهن رخ ڪرڻ ۽ وزير بدتدبير جي خبث باطني

هن کان پوءِ بادشاه ڪشمير ڏانهن رخ ڪيو. بادشاه ۾ وزير حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي آزادي جو حڪم ڪين ٿي ڏنو ۽ وزير ابليس نظير پنهنجي خبث باطني کان حڪم جي تعميل ۾ دير ڪرائيندو هو. شهزادي شاهجهان ۽ نورجهان بيگم حضور اقدس جي آزادي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي هئي. شاهزادي تہ ڪيترا ڀيرا اُن کي چيو هو تہ ”اوهان تہ سان ڏسو تہ عنقريب پنهنجي بادشاهي تي ڪهڙي مصيبت نازل ٿيڻي آهي جو توهان تمام اُمت جي وليُن کان وڏي ولي حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي قيد ڪيو آهي ۽ ڏاڍي وڏو منحوس آهي، حضرت پيرصاحب جي بارگاهه ۾ جيڪي ڳالهيون ٿو ڪري تن تي توهان کي پڪ نہ ڪرڻ گهرجي“. درحقيقت حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جو سير عظمت ۽ جلالت جي اسمن ۽ صفتن کان اڳاڀرو ٿي ويو هو، تنهن کان سواءِ بعضي امور، جي دين ۽ اسلام جي رواج ڏيارڻ جي متعلق هوا، انهن جي خاطر حضور اقدس جن پنهنجي واسطي نظربندي قبول ڪئي هئي، جن ڳالهين اڃا حاصل نہ ٿيون هيون، تنهن ڪري شهزادي جي ڪوشش ڪارگر نہ ٿيندي هئي. شاهزادي شاهجهان کي خاص هن ڪوشش جي واسطي الله جلّ جلاله حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي مريدن ۾ داخل ڪيو ۽ انکي ظاهري بادشاهي به عنايت فرمائي. ——— حضرت قيوم ثاني محصوم زماني خواجه عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمائيندا هوا تہ ”اسين شاهجهان جا حق ادا ڪري نٿا سگهون. حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي طريق مبارڪ ۾ جيڪي به داخل آهن تن سڀني تي انجو حق آهي“.

حضور اقدس جو سير جلالي پورو ٿيڻ ۽ کين الهامِ الٰهي عطا ٿيڻ

حاصل ڪلام جڏهن الٰهي جلالي تربيت حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کان پوري ٿي وئي ۽ جمالي پرورش جا آثار نمودار ٿيا، تڏهن اهو وقت آيو جنهن ۾ الله تعاليٰ سنت نبوي صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وسلم ۽ حنفي مذهب کي زيب ۽ زينت بخشي ۽ دين اسلام جو رواج ٿئي ۽ بدعت ۽ ڪفر جو انڌارو فنا ٿي وڃي. مذهبن ۽ طريقن ۾ جي خاميون هيون، سي سموريون دفع ٿين، تڏهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي الهام ٿيو ته "جنهن ڪملاءِ تو پنهنجي واسطي نظر بندي قبول ڪئي هئي اهو ڪم اسان پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پورو ڪري ڇڏيو ۽ جو تنهنجو مقصد هو اهو اسان تو کي عطا فرمايو. هاڻي هن قيد کان پاڻ کي آزاد ڪريو." حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن ٻه رڪعتون شڪراني جون ادا ڪيون ۽ هي خوشخبري پنهنجن خليفن ۽ مريدن کي ٻڌايائون جنهن تي سڀ خوش ٿيا ۽ خدا جلّ وعلا جا شڪر بجا آندائون

"مقامات" ۾ علامه سيد عبد الاحد بن مولوي غلام محمد لکي ٿو فرمائي ته "جڏهن سندن عمر مبارڪ پنجاهه ورهه کان وڌي هئي تڏهن پاڻ فرمائيندا هوا ته "ٿيونجاهه ورهه جي عمر ۾ قضا معلق آهي ڏسجي ته ڇا ٿو پيش پوي." ٻئي هن طرح فرمائيندا هوا ته "هن وقت تائين منهنجي پرورش جمالي طرح سان هئي مگر هن کان پوءِ خدا جلّ وعلا کي هي منظور آهي". جنهن ته ان جي ظهور بعد پاڻ گواليار جي قلعي ۾ قيد ڪيا ويا. مشائخن اهل يقين اوليائن صديقن تائين ته، جڏهن پاڻ قيد خاني ۾ هئا تڏهن ڪيترا هزار ڪفار، جي شاهي قيد خاني ۾ قيد هوا، سي سندن صحبت اڪسير خاصيت جي برڪت سان مسلمان ٿيا ۽ سوين آدمي سندن بيعت کان سرفراز ٿيا ۽ وليئن جي درجي کي پهتا. حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن بادشاه کي ڪڏهن بددعا نه ڏنيون بلڪ فرمائيندا هوا ته جهانگير بادشاه جي مونکي هٿ نموڪل ڇا ته هيترا

هزار آدمي ڏيڻي ٿائڪن کان ڪيئن ٻھروڙن ها. ويچارا محروم رهجي وڃن ها.
پيو ته منهنجي مقامن جي ترقي هن نزول ۾ لاتي منحصر هئي هن کان سواءِ مونکي
ڪهڙي طرح ترقي ٿئي ها" له

حضرت اقدس جي تصرف سان شاهي تخت جو اونڌو ٿي پوڻ بادشاه جي دل تي ڇڪڙي هيبت جو غلبو

انهيءَ وچ ۾ هڪ رات بادشاه تخت تي ويٺو هو. سڀئي سڀ خاص ڪامورا ۽ دوست حاضر هوا. عيش جي مجلس گرم هئي اوچتو بادشاه پنهنجن ڪامورن ۽ خاص ماڻهن کي چيو ته "حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني اچھو اچي پهتو." حاضرين مجلس عجب ۾ پئجي چرڻ لڳا ته "حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه گواليار ۾ آهي ۽ توهين ڪشمير ۾ ٻنهي شهرن جي وچ ۾ ڪن مهينن جي پنڌ جو رستو آهي" تهن تي بادشاه چوڻ لڳو ته ڏسو اچھو اچھو اچي ويا" ۽ ايتري ۾ پاڻ شاهي مجلس ۾ تشريف فرما ٿيا. حاضرين مجلس حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جي تشريف آوري ڏسي بالڪل حيران ٿي ويا. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن بادشاهي تخت کي باد شاه سوڌو مٿي کڻي تمام گهڻي زور سان زمين تي اڇلائي غائب ٿي ويا. بادشاه جو هڏ هڏ ڀڄي پيو ۽ ماڻهن اچي بادشاه کي کنيو ن گهڻي دير تائين بي هوشي جي حالت ۾ هيو. هوش اچڻ بعد معلوم ٿيو ته ڪيس طرحين بيماريون وڃي ويون آهن. جنهن ته پيشاب صفا بند ٿي ويس. شاهزاده شاهجهان پيءُ کي ملامت ڪرڻ لڳو ته مون ته توهانکي اڳي ئي چيو هو ته توهان ڪنهن وڏي مصيبت ۾ گرفتار ٿيندؤ ۽ هن منحوس وزير جي ڪري توهانکي وڏي تڪليف ڏسڻي پوندي". بادشاه اها ڳالهه ٻڌي گهڻو شرمند ٿيو ۽ انهي وقت حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي خدمت ۾ هڪ عريضو لکيائين جنهن ۾ پنهنجن خطائن جي بالڪل گهڻي عاجزيءَ سان معافي گهريائين ۽ عرض ڪيائين ته حضور جن قلعي گواليار کان لشڪر ۾ تشريف فرمائين

حضور اقدس جن جو خط بادشاه جي عريضي جي جواب ۾

حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن جواب ۾ لکي فرمايو ته منهنجو نڪرڻ ڪن شرطن سان

له ڪتاب مجموعه حالات و مقامات امام رباني مجدد الف ثاني حصه اول اردو ص ٥٣ ۾ اهو بيان تفصيل سان آهي

ٿيندو، جي اهي شرط توکي منظور هجن ته آئون اينديس ته گواليار جي قلعي مان ٻاهر نڪرايان.
پهريون[1] مسجد ڊاهڻ بند ڪرايو، ٻيو[2] ته هندستان جي سموري بادشاهي ۾ جيڪي مسجدون ڊهرايون ويون آهن انهن سڀني کي از سر نو تيار ڪرايو، پنهنجي دربار عام جي دروازي تي هڪ مسجد شريف تيار ڪرايو جنهن ۾ مسلمان اچي نماز ادا ڪن.

— ياد رهي ته اڪبر جي وقت کان مسجدون ڊهرايون ويون هيون جن ۾ لشڪر وارن جا گهوڙا ۽ خچر ٻڌڻ ۾ ايندا هوا، پڻ ڳاءِ ڪشي صفا بند هئي وغيره، مفصل بيان روضة القيوميه ۾ آهي.

— ٽيون[3] ته تون پنهنجي هٿ سان ڳئون ڪُهه ۽ عام طرح پنهنجي ملڪ ۾ حڪم جاري ڪر ته جنهن موجب سموري بادشاهي ۾ جاري ٿين، جا بهرحال هن ۾ ڳاءِ ڪشي جو رواج ٿئي. چوٿون[4] شريعت محمدي علىٰ صاحبها الصلواة والتحية جا خدمت ڪندڙ ڪامورا مقرر ٿين، جهڙوڪ قاضي، محتسب، مفتي ۽ ٻيا. پنجون[5] ڪافرن کان جزيو ورتو وڃي ڇهون[6] شريعت جي سمورن حڪمن کي ساري ملڪ ۾ پکيڙيو وڃي. ٻي ديني جون رسمون ۽ شرڪ جون عادتون سرڪاري حڪم سان بند ڪرائي ڇڏجن. بدعت جا سمورا ڪم دفع ڪيا وڃن، ستون[7] جيڪي به قيدي آهن تن سمورن کي آزاد ڪيو وڃي.

بادشاھ جو خواب ڏسڻ

هيئن ته انهن بادشاه خواب ۾ ڏٺو ته ڪو انکي چوي ٿو ته هيءَ تنهنجا سمورا مرض حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي دعا کان سواءِ دفع نه ٿيندا ۽ حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جي توجه کان سواءِ تنهنجي بادشاهي به قائم نه رهندي انهي واسطي بادشاه انهن سمورن شرطن کي منظور ڪيو ۽ پنهنجن ڪيترن وڏن امير کي حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جي خدمت ۾ موڪليائين ته گهڻي تعظيم ۽ تڪريم سان حضور جن کي لشڪر شاهي ۾ آڻين

حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن جو قلعي کان ٻاهر نڪرڻ

— جڏهن امير پهتا ته هن حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه امر الاهي موجب قلعي کان ٻاهر آيا ۽ جي قيدي ڪيتري مدت کان قيد جي تڪليف کان بالڪل ڏٻرا ٿي چڪا هوا تن کي آزادي ملي انهن عرض ڪيو ته اسان حضور اقدس جي محبت ۾ قيد ٿي ويا

آهيون اسان کان پنهنجو گهر ٻار وسري ويا آهن. آخر ڪار سڀ حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن سان همراه ٿيا جن جو اولاد اڄ تائين سرهند شريف ۾ موجود آهي تلي گواليار کان سواءِ ٻيا به جيڪي قيدي خانا سموري بادشاهي ۾ هوا سي حضور اقدس جي حڪم موجب بند ڪري قيدي سڀ آزاد ڪيا ويا. وات ۾ جنهن به شهر يا ٻهراڙي کان حضور جن جو لنگهڻ ٿي ٿيو اتي مسجدون ۽ مدرسا تعمير ٿي ڪرايائون ۽ شرع محمدي صلی الله عليه وسلم جي خدمت لاءِ ڪامورا مقرر فرمايائون. جاءِ بجاءِ ڳئون ڪُٺڻ لاءِ ڪاسائي مقرر فرمايائون. آخر جڏهن دارالارشاد سرهند شريف ۾ پهتا تڏهن خاص سرهند شريف جا سڀ ماڻهو ننڍا وڏا خوشيون ڪرڻ لڳا.

ـــه حضور اقدس جي استقبال لاءِ ڪيترا مولوي طالب دوڙندا اچي حاضر ٿيا. هر هڪ زبان حال سان هيٺيان دل وڻندڙ شعر ٿي پڙهيا، جي سندن تعريف ۾ خواجه محمد جان فرمايا آهن.

يَا سَيِّدِي يَا مَنْ فَدَيْتُكَ مُهْجَتِي ‏ ‏ ‏ ‏ يَا مَنْ تَمَثُّلُكَ لَمْ يَكُنْ أَنْ يُوجَدَا

اي سردار منهنجا اي اهڙا ذات جو فدا ڪئي مون توتي جان پنهنجي، اي اهڙا ذات جو مثال تنهنجو نه ڏٺو ويو جو لڌو وڃي

يَا عُرْوَتِي الْوُثْقَى الَّتِي لَا تَنْفَصِمُ ‏ ‏ ‏ ‏ يَا عُمْدَتِي يَا عُدَّتِي يَوْمَ النِّدَا

اي ڪڙا منهنجا مضبوط سو ڪڙا جو نه ٿو ڇنجي. اي پير دين جي ڪيل منهنجا اي وسيلا منهنجا قيامت جي ڏينهن

اِسْمَحْ لِمِسْكِينٍ أَتَاكَ مُهَرْوِلًا ‏ ‏ ‏ ‏ مُتَرَجِّيًا مُتَطَلِّبًا مِنْكَ النَّدَى

ٻخشش ڪر تون واسطي مسڪين جي، جو آيو تو وٽ دوڙندو. اميد وار، گهرندڙ توکان ٻخشش کي

تَسْخُو لِمَنْ يَأْتِيكَ فِي حَاجَاتِهِ ‏ ‏ ‏ ‏ فَنَجَاحُ حَاجَاتِي جُعِلْتُ لَكَ الْفِدَا

تون سخاوت ڪرين تون واسطي ان شخص جي جو آيو تو وٽ پنهنجي حاجتن لاءِ. پورو ڪاميابي ٿيو منهنجي حاجتن ۾ ڪيو ويس مان تو تان فدا

اُنْظُرْ إِلَيَّ بِعَيْنِ لُطْفِكَ رَحْمَةً ‏ ‏ ‏ ‏ أَنَا مِنْكَ أَطْلُبُ نَظْرَةً لَا أَزْيَدَا

نظر ڪر تون طرف منهنجي پنهنجي مهرباني جي اک سان واسطي رحم جي. مان اوهان کان هڪ ڀيرو نظر ڪرڻ تو گهران نه زياده

(الجذبة الشوقية الى الحضرة المجددية ص۵)

ـــه اڪثر شاعر هن خوشيءَ جي موقعه تي سندن مدح ۾ دل کي موهيندڙ آواز سان قصيدا پڙهڻ لڳا. هڪ روايت آهي ته حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن ان وقت پنهنجن طالبن قصيدن پڙهندڙن کي فرمايو ته اوهان پڻ قصيدا پڙهو ۽ خوشيون ڪريو

چو ته هي خوشيءَ جو ڏينهن آهي. حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن سرهند شريف ۾ پهتا
ٻئي ڏينهن ۽ ڪن جي قول موجب ٽئين، ياد رهي شاهي لشڪر ڏانهن ڪشمير روانا ٿيا. وڏن قرب
قدس الله تعالىٰ سرهم کي سرهند شريف ۾ پهچڻ ياتون. بادشاهه استقبال لاءِ پنهنجي
پٽ ۽ وزيرن کي موڪليو، جي حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه کي نهايت تعظيم ۽
تڪريم سان لشڪر ۾ وٺي آيا. بادشاهه بستري بيماريءَ جي ٻي پيو هو جنهن کي اٿڻ جي به
طاقت نه هئي. جڏهن حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن بادشاهه جي بستري جي
ويجهو پهتا ته بادشاهه شفا جي دعا لاءِ عرض ڪيو. حضور جن فرمايو ته توکي شفا
تڏهن ٿيندي جڏهن شرعي حڪمن کي ملڪ ۾ رواج ڏياريندين. جواب ۾ عرض
ڪيائين ته حضور جن جيڪي شرط فرمايا آهن اهي ته آئون قبول ڪري چڪو آهيان. اتي حضرت
امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن تازه وضوء ڪرڻ لاءِ پاڻي گهرايو
ته نماز ادا ڪري بادشاهه لاءِ شفا جي دعا گهرن. وضوءَ جي لاءِ سونهري ڪرو ۽ سونهري
چلمچي آندائون. پاڻ فرمايائون ته سون ۽ چانديءَ جي ٿانون جو استعمال ڪرڻ حرام آهي
بادشاهه چيو ته حرام ڇا کي چوندا آهن. حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو ته حرام
ان کي چئبو جنهن کان الله جل وعلا ۽ اُن جي رسول مقبول صلى الله عليه وآله واصحابه
وسلم منع فرمائي هجي. بادشاهه کي دين ۽ اسلام جي حڪمن سان اها مناسبت هئي جو ايتري
به نه سمجهائين ته حلال ۽ حرام ڇا کي چئبو آهي. بادشاهه جي بيگم جا پٺيان پرديءَ جي
ويٺي هئي ۽ سڀ ڪجهه ڏسي رهي هئي ۽ گهڻي فهم ۽ عقل واري هئي، ان بلوري ڪرو ۽
بلوري چلمچي موڪلي. جڏهن حضور جن وضو ڪري نماز ادا ڪئي ۽ نماز کان فارغ
ٿي بادشاهه جي شفا واسطي دعا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. تڏهن حضور جن فرمايو ته "آئون
دعا ٿو ڪريان ۽ تون روءُ ته توتي حق تعالىٰ رحم ڪري". بادشاهه چيو ته "مونکي رُئڻ
نه ٿو اچي باقي پنهنجي مٽيءَ کي اگهاڙو ڪريان". حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن
جي دعا گهرڻ شرط بادشاهه جي بيماري ڪافور ٿي وئي. يڪدم حضور انور جي خدمت ۾
اچي حاضر ٿي اُٿي ويٺو ۽ مريد ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين

(آنڌل ص ۱۶۳ تان) هيءُ حضرت، قيوم جهان حضرت خواجه شاهه صفي الله قدس سره جو سڳو ڀائٽيو آهي
وفات ۱۲۴۹ھ ۾ آهي

بادشاه جو مريد ٿيڻ
۽ دين جو غلغلو

حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن بادشاه کي پنهنجو مريد ڪيو. انهيءَ وقت بادشاه قطعي حڪم ڏنو ته سڄي بادشاهيءَ ۾ هر شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ مسجدون ۽ مدرسا ٺهرايا وڃن ۽ بازارين ۽ گهٽين ۾ ڳئون جو گوشت وڪرو ڪيو وڃي هر شهر ۾ قاضي ۽ محتسب مقرر ڪيا وڃن تاڪيدي حڪم ڏنائين ته ملڪ مان هر قسم جي بدعت ڪڍي وڃي جي ڪافرن سان لڳل گهرجي. اهڙيءَ طرح بادشاه پاڻ کي سجدي ڪرائڻ کان ماڻهن کي روڪيو ۽ اڳوڻي بدعتن کان توبه ڪيائين. هڪ ڳئون گهرائي پنهنجي هٿ سان ڪُٺيائين. ٻين اميرن به، هر هڪ دربار عام جي دروازي تي ڳاءِ ڪشي ڪئي ۽ ڳائي گوشت جو ڪباب بادشاه وزيرن سوڌو ڪاڌو. دربار عام جي دروازي جي قريب مسجد شريف تيار ٿي وئي. بادشاه اميرن سوڌو مسجد شريف ۾ آيو. سڀني جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جي پٺيان جماعت سان نماز ادا ڪئي. مسلمان بالڪل خوش ٿيا ۽ دين اسلام کي زيب ۽ زينت حاصل ٿي، شريعت جي رواج رونق ورتي، سنت نبوي صلي الله عليه واٰله واصحابه وسلم جو حد کان زياده غلغلو ٿيو ۽ بدعت جي اونداهي مٽجي وئي هندستان جا مسلمان جي اسلام جا حامي هوا سي حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جا بالڪل مشڪور ۽ ممنون ٿيا ۽ نعمت عظميٰ جا شڪر بجا آڻي، هن طرح شعر چوڻ لڳا:

بسيط روئ زمين از گشت آبادان — بلطف خارق آن قطب مصدر عرفان
تو دادی منبر اسلام را نشست صليب — تو برگرفتی ناقوس را بجائے اذان
ز بازوی تو قوی گشت بازوی اسلام — که از تصادم کفار گشته بد ويران

حضرت فاروق اعظم رضي الله تعالیٰ عنه جي گلزار جي خوشبوءِ اظهار ٿيڻ تي زمانو زبانِ حال سان فخرِ عاشقان "حضرت مجدد الف ثاني" عالم رباني علامه حافظ محمد جان قدس سره جا شعر پڙهڻ لڳو.

أَرَطِيبُ غُصْنٍ شُقَّ مِنْ أَصْلٍ يَعْمُرُ — وَلَنِعْمَ ذَا الْأَصْلُ الْأَصِيلُ وَأَنْتَ مِنْهُ قُضِيبًا

اي تازي شاخ جو ڦٽي آهي حضرت عمر فاروق رضه جي مضبوط ٽڙ مان. ۽ البت چڱو ٿيو اهو مضبوط ٽڙ حالانڪ اوهان ان ٽڙ جي تازي ٽاري آهيو

لِعَظِيْمِ مَجَاهِكَ اِذْ عَنَتْ كُلُّ الْوَرٰى اِلَّا الَّذِيْ　　طُمِسَتْ بَصِيْرَةُ قَلْبِهٖ اَوْ خَاضَ فِيْ عُدْوَانِهٖ

اوهانجي وڏي مرتبي آڏيان تابع دار ٿي سڀ خلق، سواءِ ان شخص جنهن جي دل جي بينائي ڍڪي وئي هجي يا ڪا بيو ڦيل دشمني ۾

بِجَلَالَةٍ وَّنَبَالَةٍ تَسْمُوْ عَلٰى فَلَكِ الْعُلَا　　وَبِهِمَّةٍ وَّبِفِكْرَةٍ تَعْلُوْ عَلٰى كَيْوَانِهٖ

وڏائي ۽ فضيلت سان مٿاهان ٿيا اوهان بلند آسماني. همت ۽ فڪر سان مٿاهان ٿيا اوهان آسمان جي ڪيوان يعني زحل کان

لَوْ قِيْسَ بِالْقَصْرِ الرَّفِيْعِ مَجَادَةً وَّشَرَافَةً　　فَلَاَنْتَ مُحْكَمُ اُسِّهٖ اَوْ اَنْتَ مِنْ اَرْكَانِهٖ

بزرگي ۽ شرافت جيڪڏهن قياس ڪئي وڃي هڪ مٿاهين ماڙي سان، پوءِ بي اوهان ان ماڙي جا محڪم بنياد آهيو يا اوهان ان ماڙي جا ٿنڀا آهيو. (المقالة الثانيه من الجذبة الشوقية الى الحضرة المجددية ص)

راقم الحروف نظر محمد سومرو سندن حضور اقدس ۾ التجا ڪري ٿو ته شال هن ٿي ڪرم سان قبول فرمائي. آمين

يا مُجَدِّدِ الف ثاني تون امام الاولياء　　بارِ اوج لامڪاني تون امام الاولياء

تنهنجي آمد ڪا ٿيو هندان جي طبيعت نشاد　　مرحبا يوسف زماني تون امام الاولياء

تو ڪئي سنت سڄي ارٿي واسطي ڪوشش گهڻي　　واه ته تنهنجي جان فشاني تون امام الاولياء

”ڪا هن بدعت ۾ نه آهي حسن“ تو فرمايو　　پيشواءِ عارفاني تون امام الاولياء

معرفت جي موج زن دريا جو غواص تون　　ماهرِ سبع المثاني تون امام الاولياء

توکي سمجهايو خدا سڀ آيتون متشابهات　　تون سرار زن داني تون امام الاولياء

مَنْ تَوَسَّلْ جو مِنا توکي عجب الهام ٿيو　　خاص تو سان مهرباني تون امام الاولياء

نور ٿيو سرهند سارو جڏهن ته ڪوه طور تيو　　تنهنجو در باغ جناني تون امام الاولياء

عابد و عارف ۽ زاهد جو ٿين سينگار تون　　سونهن ۾ تون خواجگاني تون امام الاولياء

اوليائن اصفيائن اتقيائن ۾ تيو　　تنهنجو ڪوئي مٽ نه ثاني تون امام الاولياء

واه تون ابدال ۽ اوتاد جو مرجع ٿئين　　تون وسيلو دوجهاني تون امام الاولياء

ساري دنيا ۾ اوهان جو فيض عالم گير ٿيو　　دين جو سر نو تون باني تون امام الاولياء

ٿي عرب ايران ۽ يونان ۽ تاتار ۾　　خوب تنهنجي حڪمراني تون امام الاولياء

ٿيا حلب ڪرڪوڪ ۽ مڪي مديني ۾ سدا　　تنهنجا بي شڪ دوست جاني تون امام الاولياء

ويا لکين تنهنجي لنيف ابرڪ ۽ قپچاق ۾　　فيض تنهنجو آسماني تون امام الاولياء

ڪردستان ۽ ترڪستان ۾ طالب لکين سيراب ٿيا　　رشد ۾ شاهه شهاني تون امام الاولياء

له ان بشارت ڏانهن اشارو آهي جيڪو حضور کي حق جن جي عنايت ٿي آهي جنهنجو بيان آڳتي ايندو. غفرت لك ولمن توسل بك بواسطة او بغير واسطة الى يوم القيامة ١٣٠

ڀري ٿو جهڙو تو ولايت ڪا ٿئي ڪنهن کي ملي — تو حوالي الف ثاني تون امام الاولياء
شان تنهنجي ۾ ملي جمع الجوامع ۾ حديث — واقف اسرار نهاني تون امام الاولياء
غوث اعظم نالو تولي ابن عربي ۾ بين — تنهنجي ڪئي آمدح خواني تون امام الاولياء
جي سنڌ ۾ منڪر وڏي تن کي سرا پير ملط — تن جو ايمان فاني تون امام الاولياء
اَنْتَ الَّذِيْ بِانْعُمِهِ مِثْلُكَ لَيْسَ فِيْ دَهْرٍ اَبَدْ — مقتداء انس جاني تون امام الاولياء
اُنْظُرْ عُبَيْدَكَ قَدْ اَتَى بِجَاهِكُمْ مُتَضَرِّعًا — حَالُهُ عِنْدَكَ عَيَانِيْ تون امام الاولياء
تو سڃاڻ ڏين راهي ڏيل ڪو پنهنجو ڪراءِ — اي وسيله عاجزاني تون امام الاولياء
دين ۽ دنيا سندا مشڪل سڀئي پورا ڪرڻ — ٿيءِ عطا امن واماني تون امام الاولياء
ڪر سندم اولاد صالح سڀئي سڀ جو صدل — سربراهِ خادماني تون امام الاولياء
ڪر سگهو پنهنجن محبن عاشقن تي نظر — آهين تيو مِ جهاني تون امام الاولياء
ڪر تون ڏيهاڻي جي منور دل محمد معبرا — جڏ ڪر ڪامهرباني تون امام الاولياء

حضرت رسول مقبول صلى الله تعالى عليه وسلم
جي حالات پاڪ جو تمثيل

معارج النبوة ۾ حضرت رسالت پناه جي حالات جي بين ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جڏهن دين محمدي صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جو غلغلو ساري جهان ۾ ڦهلجي ويو ۽ روز بروز دين اسلام کي رونق ٿيڻ لڳي، تڏهن ڪفار قريش اها حالت ڏسي حسد ۾ ڪامڻ لڳا. رات ڏينهن هن فڪر ۾ هوا ته حضرت پيغمبر خداء صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جن کي ڪا تڪليف پهچائين. جيئن ته هڪ ڏينهن مڪه جا ڪافر مسجد الحرام ۾ ويهي صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا ته حضور انور عليه الصلواة والسلام جن کي اصحابن ڪرامن رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين سوڌو ڪنهن خاص جاءِ ۾ قيد ڪيو وڃي ۽ انهن سان خريد فروخت ۽ ڏيڻ وٺڻ بند ڪيو وڃي. شهر جي ماڻهن کي بندوڪجي ته انهن سان ڏي وٺ نه ڪن عرب جا سمورا قبيلا ساڻن مٽي مائٽي جي نه ڪن. انهيءَ بابت هڪ معاهدو لکي ڪعبه معظمه جي دروازي تي لٽڪائي ڇڏيائون ۽ حضرت خاتم النبيين رحمة اللعالمين شفيع المذنبين انيس الغريبين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم کي سمورن بني هاشمن

۽ اصحابن سڀني سوڌو اهڙي جڳهه ۾ "جنهن کي شعب ابوطالب ٿا چون" نظر بند ڪيائون، چوڌاري پهري وارا ماڻهو ويهاريائون جيئن انهن مان ڪو به ٻاهر نه نڪري. جيڪڏهن ڪو به سڀ کان ڳجهو نڪتو ته انهيءَ کي گهڻي تڪليف ٿي ڏنائون. شهر جي رهندڙن کي طاقت نه هئي جو انهن سان ڪو خريد فروخت ڪري. جيڪڏهن ڪو ٻاهريون سوداگر ايندو هو ته پوءِ مسلمانن جي ڪان نڪري ان کان ڪجهه خريد ڪرڻ جو ارادو ڪندا هوا، پر قريش مسلمانن جي ايذاءُ ڏيڻ لاءِ، چوڻي قيمت کان گهٽ ڪا شيءِ نه ڏيندا هوا. تنهن ڪري مسلمان خالي هٿين موٽي ايندا هوا. مسلمانن جي لاءِ بالڪل سخت نازڪ وقت هو، هفتي کان پوءِ سو به سوين مشڪلاتن سان هڪ آدمي کي هڪ کارڪ کائڻ لاءِ ملندي هئي ۽ ڪڏهن ته اها به هٿ ڪين ايندي هئي نه سڀني وٽ ڪپڙو هو نه جُتي. جي ڪپڙو هو ته سو به ڦاٽل پراڻو ۽ ميرو. بک سبب لاچار ٿي پيا هوا. ٽي سال سانده اها حالت رهي. بعثت جي ستين سال کان وٺي نائين سال تائين نظر بند رهيا ڪي نرم دل ماڻهو لِڪ ڇپ ۾ انهن مسلمانن ڏي کاڌو موڪليندا هوا. جڏهن بين قريشن مثلاً عمر بن هشام يعني ابوجهل وغيره کي اها خبر پوندي هئي ته انهن سان سخت وڙهندا هوا. هڪ ڏينهن حڪيم بن حزام پنهنجي هڪ دوست کي چيو ته وڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو اسين خوشين ۾ گذاريون ۽ اسان جا ڀائر، ڀينر، مائٽ ۽ ٻار بک ۾ پيا ليلائن. ان چيو ته مونکي به اها ڳالهه ناپسند آهي پر ڪنهن ٻئي کي پنهنجي راءِ سان شامل ڪريون. ٻئي ڄڻا ٿي ابوسفيان وٽ آيا ۽ اها تجويز پيش ڪيائون. ان به جواب ڏنو ته ٻيا پاڻ سان شامل راءِ ڪريون. اتفاقاً ابوالبختري به صلاح پائي ٿي ويو آخر هي ٺهراءُ ڪيائون ته صبحاڻي جڏهن به ٿي سگهي ڪيل معاهده ڦاڙيون جو ڪعبه معظمه جي دروازي تي لٽڪيل آهي. ابن حزام چيو ته اها ڳالهه آءٌ ڪندس اوهين تائيد ڪجو. ٻئي ڏينهن جڏهن قريش مسجد الحرام ۾ گڏ ٿيا ته هن ابن حزام پنهنجي سنگتين مان هڪڙي کي چيو ته ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته تو پنهنجن مائٽن کي ڇُڙه ۾ کاڌو موڪليو آهي؟ ان ورندي ڏني ته ها. تنهن تي ابن حزام چيو ته تو بالڪل چڱو ڪيو ۽ مٽي مائٽي جو حق ادا ڪيو. ايتري ۾ ابوجهل ٻڙڪو ڏئي اٿيو ۽ ڪاوڙ جي جوش ۾ لڳو ته تو ڇو کاڌو موڪليو. تنهن تي ابن حزام ۽ ابوالبختري چوڻ لڳا ته تون مٽي ڳنڍڻ کان ڇو ٿو منع ڪرين. قسم خدا جو اسان به اڳتي ائين ڪنداسون ۽ مٽي مائٽي ڳنڍيندا اسون ۽ انهي عهد نامه کي ڦاڙي ڇڏيندا اسون. ابوسفيان پڻ

قريشن جي مدد ڪئي ۽ ابوجهل سان مناظرو ڪيائين. ابوجهل نااهل جيو ته هي سموري رات اڳيئي پڇائي آيا آهيو. ايتري ۾ ابوطالب چيو ڪان اچي ڇيو ته سيتن نار رسول مقبول (محمد صلي الله عليه وسلم کي سندن معبود جل وعلا خبر ڏني آهي ته انهي ڪاغذ ن جي اکرن کي سواءِ بسم الله جي سڀ اُڏوئي ويو آهي، جي (حضرت محمد صلي الله عليه وسلم) انهيءَ ڳالهه ۾ سچو آهي ته ڪيس اصحابن "سڳورن" سودو آزاد ڪريو. ٻي حالت ۾ ڪيس اوهان جي حوالو ڪيان. سڀني اِها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ان ڪاغذ کي لاهي جو ڪو ڏٺائون ته باسمڪ اللهم (جو بسم الله جي بدران جاهليت ۾ لکندا هوا) کان سواءِ سڀ اکر ڪٽ ڪائي ويو آهي. ڪاغذ تي مس جو ڪو به نشان ڪو نهي. جڏهن ته حڪيم ابن حزام، ابوسفيان ۽ ٻين جناب حضرت پيغمبر خدا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تنهن ڪري الله جل وعلا کين اسلام سان مشرف ڪري اصحابن ۾ داخل فرمايو.

آنحضرت صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن جڏهن ايتري قدر تڪليف برداشت فرمائي تنهن کان پوءِ حضور جن جو دين روئي زمين تي پکڙجي ويو. اولهه، اوڀر، اتر ۽ ڏکڻ طرف نور محمدي صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي روشنائي پکڙجي وئي. انهي جي مانزاد ٿيڻ بعد کين معراج حاصل ٿيو جو پروردگار جي قرب جو انتهائي درجو، ڪلي امتياز ۽ بلائي آهي. ولله در من قال في شانه.

يَا صَاحِبَ الْجَمَالِ يَا سَيِّدَ الْبَشَرِ — مِنْ وَجْهِكَ الْمُنِيْرِ لَقَدْ نُوِّرَ الْقَمَرُ
لَا يُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقُّهُ — بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا وَمَعْشُوْقِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَالطَّاهِرِ
الزَّكِيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاَحْبَابِهٖ وَعِتْرَتِهٖ وَاَوْلِيَائِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه. حضرت خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو خاص غلام نائب اصل ۽ مظهر اتم آهي انهيءَ ڪري کين نظربندي واري سنت نبوي صلي الله عليه وسلم نصيب ٿي. دين متين محمدي صلي الله عليه وسلم کي ڪمزوري ۾ مان قوت، زيب ۽ زينت حاصل ٿي. بدعت جي اندازي خداءِ جل وعلا پنهنجي حبيب يا صاحب لولاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي صدقي ۾ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي وسيله سان دفع ڪري فرمائي.

—— الله تعالیٰ جي قدرتي قانون موجب هزار سال گذرڻ تي دين بالڪل ڪمزور ٿيندو آهي وجه هي جو حضرت خاتم النبيين صلي الله تعالیٰ عليه وسلم کان اڳي الله جلّ وعلا هر هزار سال کان پوءِ اولوالعزم پيغمبر، صاحب شريعت جو مبعوث ڪندو هو جو نئين طرح دين کي تازگي ڏيندو هو. انهيءَ اڳوڻي دستور موجب جڏهن هزار سال گذرڻ تي هن دين محمّدي صلي الله عليه وسلم ۾ ڪمزوري اچي ويئي، تڏهن ضرور هو ته ڪو پيغمبر اولوالعزم پيدا ٿئي. پر ظاهر آهي ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان پوءِ بفحوائي آيت "وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ" جي ڪنهن نبي جو پيدا ٿيڻ بالڪل محال هو. انهيءَ سبب ڪري هن اُمّت مان ڪو اهڙو شخص پيدا ٿيڻ گهربو هو جو اولوالعزم پيغمبر جو قائم مقام ٿئي ۽ اهڙن علمن ۽ معرفتن کي ظاهر ڪري جي ذات بحت (خالص) حق تعالیٰ جلّ وعلا سان لاڳاپو رکندڙ هجن. جيئن نبي ڪريم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم کي عطا ٿيا جي گذريل نبين سڳورن کي عنايت ڪونه ٿيا هوا. اهڙيءَ طرح انهيءَ ڪم لاءِ خاص طرح حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه مبعوث ٿيو. اهڙا علم ۽ معرفتون مٿن ظاهر ٿيون جو گذريل هزار سال ۾ ڪنهن به اهل الله کي معلوم نه ٿي سگهيون. سندن علم ۽ معرفتون خاص نبين جا علم ۽ معرفتون آهن. انهن علمن جو خاصو هي آهي ته اهي جنهن تي برظاهر ٿا ٿين، ان تي شريعت جي حقيقت جا ڪمالات پڻ ظاهر ٿي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري نبين سڳورن شريعت کي ترتيب ڏيڻ ۾ بلڪ نبي عليهم الصلوٰة والسلام خاص شريعت جي اجراءَ ۾ مشغول هوا، هميشه هوش ۾ هوندا هئا، شريعت جي برخلاف ڪو ڪم نه فرمايائون. تنهن حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه به انهن علمن ۽ معرفتن کان دين کي زينت ۽ تازگي بخشي جيئن نبي سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام تڪليفون برداشت ڪندا هوا پاڻ به اها سنت اختيار فرمايائون. حديث شريف "عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ" (تبليغ جي مشابهت ۾ منهنجي امّت جا ولي بني اسرائيلن جي نبين جو رتبو رکندا)، حضرت اقدس جن تي صادق آيو ۽ هميشه هوش ۾ رهيا. اهڙي عزت ۽ قدر ڪين عطا ٿيو جو ڪنهن کي طاقت نه آهي جو ساڻن زيادتي ته پري ته برابري جي دعويٰ ڪري سگهي هرگز نه. —— الجذبة الشوقيه الحضرة المجدّديه جي مقاله ثانيه ۾ علامه حافظ محمد جان صاحب قدس سره چاندي چڱو فرمايو آهي.

كَمْ مُعْضِلَاتٍ فِي الْعُلُوْمِ تَحَيَّرَتْ فِيْهَا النُّهٰى ۔ فَاَحَاطَهَا عِلْمًا بِهَا وَاَبَانَهَا بِبَيَانِهِ

ڪيترين مشڪلاتن علمن ۾ جن ۾ حيران ٿيا عقل، پوءِ احاطو ڪيائون انهن علمن کي ان وقت
علم جي ۽ بيان ڪيائون انهن علمن کي پنهنجي بيان سان

دَحَجَتْ نِهَايَةَ غَيْرِهِ فِي بَدْئِهِ فَاقْدُرْ بِهِ ‏ مَا عِزُّهُ مَا قَدْرُهُ قَرِّبَا الَّذِي حِمَايَةِ

داخل ٿي ان جي غير جي نهايت انجي شروعات ۾ ان شاءالله وڪري. ڪهڙي انجي عزت ۽ ڪهڙو مرتبو آهي

مَنْ يَدَّعِي سَبْقًا عَلَيْهِ فَقُلْ لَهُ لَا تَعْجَلَنْ ‏ مِنْ قَبْلِ ذَالِكَ سَاوِهِ يَا مُدَّعِي اَوْدَانِهِ

جو شخص تو دعوىٰ ڪري انڪان اڳ ان جي پو ءِ چئو ته واسطي انجي ... ان کي آهي دعوىٰ ڪا اڳ ٿيڻ ... تي تو ان کي يا

اَمُجَدِّدَ الْاَلْفِ الَّذِي اَدْنىٰ مَنَاقِبِ ذَاتِهِ ‏ اَعْيىٰ لِسَانَ مَصَاقِعِ الْاُدَبَاءِ فِي تِبْيَانِهِ

اي مجدد الف جنهن جي ذات مبارڪ جي ادنىٰ مرتبي، عاجز ڪيو بليغن اديبن جي زبان کي ان جي بيان ڪرڻ ۾

اَمُعَوَّلِي فِي دَفْعِ كُلِّ بَلِيَّةٍ وَّرَزِيَّةٍ ‏ غَوْثَ الصَّرِيْخِ وَعَوْنَ ذِي بُؤْسٍ فِي لَهْفَةٍ لَهَا امَانِهِ

اي منهنجا معتمد سڀ ڪنهن بلاءِ مصيبت جي دفع ڪرڻ ۾. فرياد ڪندڙ جا فرياد رس ۽ صاحب حاجت جا مدد گار انجي

توريت جي وعدي ڪيل پيشنگوئي

روضة القيوميه جي رڪن اوّل ۾ آهي ته حضرت خواجه محمد اشرف بن امام عروة الوثقىٰ جي ڌهني شيخ عبدالله ٻنهي والد بزرگوار قيوم الزمان صبغة الله تاج الاولياء کان نقل ٿو ڪري ته ڪابل ۾ منهنجي والد بزرگوار حضرت شاه صبغة الله رضي الله تعالىٰ عنه جي خدمت ۾ هڪ يهودي اسلام کان مشرف ٿي انجي مريد ٿيو. مريد تيڻ کان پوءِ ان يهودي بيان ڪيو ته منهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۽ مريد ٿيڻ جو سبب هيءُ آهي ته مون توريت ۾ پڙهيو ان ۾ هڪ آيت هن مضمون سان ڏنم ته پيغمبر خدا صلي الله تعالىٰ عليه وآله واصحابه وسلم جي هجرت کان هزار سال گذرڻ ٿي آخر زماني ۾ هڪ شخص امت محمدي عليه الصلواة والسلام ۾ هيٺين وصفن سان مبعوث ٿيندو جو بالڪل پوري طرح انجي پيغمبر صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جو نائب هوندو. جڏهن اوهانجي مريدن کان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جون وصفون ٻڌم ته ته هن پڪ ٿيم ته آهي ساڳيون وصفون آهن جيڪي مون توريت ۾ پڙهيون هيون حق تعالىٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مونکي هدايت ڪئي ۽ اسلام جي حقيقت مون تي چڱي طرح واضح ٿي جو مون حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن کي حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم جو فرزند ۽ خليفو سمجهي اسلام قبول ڪيو ۽ اوهانجي درگاه ۾ اچي مريد ٿيس. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلىٰ ذَالِكَ

حاصل ڪلام جڏهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن قيد کان آزاد ٿيا دين اسلام جي رونق حد کان زياده ٿي. مسلمان بالڪل خوش ٿيا ۽ بادشاه بيماري کان

آزادي عرض ڪرڻ ٻڌو ته حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن مون کان جدا نه ٿيو. حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن کي الٰهي امر به لشڪر ۾ رهڻ جو ڪو هو تنهن ڪري ان جو عرض قبول ڪيائون وري خاتمه بالخير هوڻ جو عرض ڪيائين. حضور اقدس جن کيس بشارت ڏني. اي جا لڳ گذري آئي. ـــــــ سال ١٨ قيوميت جي ۾ ذڪر آهي ته هن کان پوءِ "وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۚ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا" جي آيت پاڪ جو ظهور ٿيو باطل مذهب نڪري ويا. اهل سنت جماعت جو مذهب زور وٺي ويو سيڪهن شهر ۾ مدرسا ۽ مسجدون ٺهي ويون هر هڪ مسجد شريف ۾ هزارين ماڻهون عبادت الٰهي ۾ مشغول ٿيا بادشاهي لشڪر جا هزارين ماڻهون نوان مريد ٿي مشرف ٿيا. هر روز صبح شام ويهن هزارن کان زياده آدمي مريد ٿيڻ لڳا. دين متين جي بازار خوب گرم ٿي. وزير جي حسد جو مرض ناصور وانگر سندس رڳ رڳ ۾ اثر ڪري ڇڏيو هو. سندس مطلب جي برخلاف، دين جي ترقي ڏسي پچڻ ۽ ڪامڻ لڳو.

شيعه مذهب جي واڌاري لاءِ وزير شيطان نظير جي ناڪام ڪوشش

وزير شيطان نظير مجبور ٿي ايران جي علمائن جي سردار نورالله شاستري کي وڏي خرچ سان گهرايو. بادشاه کي ان ته ان ماڻهن مائل ڪيائين. سندس خيال هو ته ساري هندستان ۾ شيعه مذهب جو رواج ٿئي بادشاه وٽان اهڙي حڪم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي طرح ڪوشش ڪيائين اتفاقاً انهي زماني وٽ حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو خاص مريد موجود هو، جنهن سموري حقيقت حضور انور وٽ پهچائي. حضرت امام الشريعة والطريقة بحر الحقيقة والمعرفة امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي انهيءَ احوال ٻڌڻ تي جوش آيو بادشاه کي گهرائي هدايت ڪيائون سندن تصرف ۽ هدايت بادشاه جي دل تي اهڙو ته اثر ڪيو جو شريعت جي محبت جي جوش ۾ اچي ڳاڙهو لباس ڏکي ڪاوڙ جي وقت ڳاڙهو هو ڏکي ڪيڏو وهو. خوشي جي وقت اڇو، نورالله شاستري کي گهرائي مست هاٿي جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏيائين. سندس ايران کان آيل رفيقن کي به گهرائي قتل ڪرائي ڇڏيائين. وزير ناڪامي ڪري ڏاڍو سخت پريشان ٿيو سراپا خوف ٿي دين محمدي صلي الله

تعالیٰ عليه وسلم جي خلاف اهڙا اکر چوڻ ٻڌو جو ڪافر ٿي پيو. ٻنهي عزت بچائڻ خاطر چوڻ لڳو ته مان اهو مونکي ناحق شيعه ٿا چون. جي (العياذ بالله) حضرت امام حسين رضي الله تعالیٰ عنه کي منهنجي سامهون قتل ڪن ته به مونکي هوند رحم نه اچي. مفصل احوال روضة القيوميه ۾ ڏسو.

وزير جا يورپ مان پادري گهرائڻ

جڏهن وزير متين کوشش ۾ ڪامياب نه ٿيو ته هن وري خيال ڪيائين ته يورپ مان اهڙا شعبده باز پادري گهرايان جن جي شعبده بازي ۽ سحر ڪري بادشاهه اسلام کان ڦري وڃي آخرڪار پادرين کي بي ودي خرچ سان گهرايائين. بادشاهه انهن جون سحر بازيون ۽ هٿ ناٽ جا ڪم ڏسي موهجي پيو. آخر هڪ ڏينهن پڪو ارادو ڪري ٻڌو ته هاڻي نصارن جو دين قبول ڪرڻ گهرجي ۽ انهي دين جو رواج ڏيارجي. جڏهن اها خبر حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه کي پهتي ته هن بادشاهه کي گهرائي فرمايائون ته سخت افسوس آهي جو تون سچي دين کي ڇڏي منسوخ دين تو اختيار ڪرين. ايا تو کي پنهنجي ابي اڪبر واري رڳ نه ٿي ڇڏي جو هڪ بدي کي ڇڏي ٻي ته وري ٻي لاءِ تيار ٿيو پيو آهين. تنهنجي هڪ گناهه کان معافي تو گهران ته تون وري ٻئي گناهه ۾ ڦاٿو پيو آهين. بادشاهه عرض ڪيو ته قبله پادرين مونکي ڪرامتون ڏيکاريون آهن. پاڻ فرمايائون ته اهي ڪرامتون نه آهن، اهو سڀ استدراج آهي. هاڻي انهن کي گهراءِ ته ڏسان ته ڪهڙي طرح ٿا ڪرامتون ڏيکارين. بادشاهه پادرين کي گهرايو ۽ حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن انهن جو استدراج سلب ڪري ڇڏيو.

سوال پادرين جو

پادرين حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن کان سوال ڪيو ته حضرت عيسيٰ عليه السلام کي اوهين به مڃيو ٿا ۽ اسين به مڃيون ٿا فرق ايترو آهي جو اوهين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کي به مڃيو ٿا مگر اسين نٿا مڃيون پوءِ چئبو ته اهڙو دين جنهن کي مسلمان ۽ نصاري ٻئي مڃين ٿا اهو سچو آهي.

جواب حضور جن جو

حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن فرمايو ته اوهان حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام جي توريت کي حق ٿا ڄاڻو ۽ يهودين جو بان تي ايمان آهي. انجيل کي رڳو اوهين ٿا مڃيو نه ڪي يهودي ڪونه ٿا مڃين پوءِ جي يهودي توهان جي مقابلي ۾ اها حجت پيش ڪن جا اوهين اسان جي روبرو پيش ٿا ڪيو ۽ چون ته موسوي اهو دين آهي جنهن کي توهين ۽ اسين ٻئي ٿا مڃيون ۽ عيسائي دين کي رڳو توهين

حق ثابت ڪيو اسين حق ثابت ڪيون پوءِ موسوي دين جنهن کي اسين اهين ٻين تمام دينن اولىٰ ۽ افضل آهي. انهي سوال پڇو دين جي جو جيڪو اوهين جواب ڏيندؤ سو اسان جو جواب سمجهو. (هڪ نسخي ۾ برعڪس ڏنل والله اعلم) حقيقت هيءَ آهي ته اسين دليلن سان حضرت خاتم المرسلين صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي مبعوث ٿيڻ کان بعد ٻين دينن کي منسوخ ٿا سمجهون

سوال پادرين جو

لوري ماڻ کان پوءِ پادرين چيو ته الله تعالىٰ اسان جي پيغمبر عيسىٰ عليه السلام کي اهڙو معجزو عطا ڪيو هو جو هو مُئلن کي جيئرو ڪندو هو

جواب حضور جن جو

حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن فرمايو ته اسان جي پيغمبر صلي الله تعالىٰ عليه وسلم کي هن دنيا مان رحلت ڪئي هزار سال گذري چڪا آهن مگر اڄ به هن اُمت محمدي صلي الله تعالىٰ عليه وآله واصحابه وسلم ۾ سندن اهڙا غلام موجود آهن جي چئو ته هي سندن غلام هڪ اشاري سان آسمان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏي.

جوش قيوميت

حضرت خواجه محمد احسان پنهنجي والد شريف کان ۽ اهو پنهنجي ڏاڏي بزرگوار حضرت خواجه امام محمد معصوم رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت ٿو ڪري ته حضرت امام محمد معصوم رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو ته مون کي انهين وقت اهڙو قيوميت جو جوش آيو جو جيڪڏهن پادري مون کي چون ها ته آءٌ ان هڪ اشاري سان آسمان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيان ها. حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جو مٿيون فرمودو بادشاه ٻُڌي اچي ڊنون ۽ عرض ڪيائين ته حضور انور جي تصرف ۽ ڪرامتن ۾ ڪو شڪ نه آهي، اوهين سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿا مگر ائين نه ٿئي متان اسان تي ٻيون مصيبتون اچي نازل ٿين تنهن ڪري اسان کي حضور جن معافي ڏين. تنهن کان پوءِ حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن پادرين جو ڏاڍو ڳرائي انهن تي اهڙي ته غضب جي نظر فرمايائون جو سڀ زمين تي ڪري پيا ۽ مري ويا ٻين رهيل پادرين کي ڳرائي فرمايائون ته اوهان جي طرح ڇڪاسي ڏسو ته هي جيئرا آهن يا مئل؟ جڏهن پادرين پنهنجي ساٿين کي ڏسي چيو ته هي سڀ مري ويا آهن ته هن حضور جن انهن کي فرمايو ته جي چئو ته آءٌ هن خداءِ جل وعلا جي حڪم سان هنن کي جيئرو ڪريان. پادرين چيو ته ها ٺيڪ. پوءِ بسم الله الرحمٰن الرحيم چئي

فرمايائون "قم باذن الله" ته سڀ جيئرا ٿي پيا ۽ مسلمان ٿيا. وري ٻين عيسائين کي به ساڳئي طرح ماري جيارايائون پر اهي به مسلمان ٿيا. جنهن ڪري بادشاهه انهن سڀني پادرين کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ حڪم ڏنائين ته هندستان ۾ ڪو به عيسائي نه رهي. اها ڳالهه ٻڌي جيڪي به عيسائي هندستان ۾ موجود هوا حضور اقدس جن جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿي مريد ٿيا ۽ ڪن عذر پيش ڪيو ته سائين، جن گناهه ڪيو تن کي سزا ملي اسان ڪو به ڏوهه نه آهي. پاڻ انهن تي هيئنئن شرط سان رحم ڪيائون ته آئنده اهڙي حرڪت نه ڪندا ۽ ڪنهن به مسلمان کي عيسائي نه بنائيندا انهن کان پوءِ هو خفيه طور پنهنجي دين جي ترغيب ڏيڻ تي ڪفايت ڪندا هوا. خواجه محمد احسان ته فرمائي ته مون مٿئين واقع جي تصديق معتبر عيسائن کان ڪئي آهي. پوءِ وزير ڏاڍو شرمند ٿيو ۽ وري اهڙي حرڪت نه ڪيائين. بادشاهه از سر نو حضور اقدس کان معافي گهري.

بادشاهه جي ڪافرن سان دوستي رکڻ ڪري مصيبت نازل ٿيڻ

هن کان وڌيڪ ٻي مصيبت جيڪا جو سنڌ تي شاهجهان نافرمان ٿي پيو ۽ تيموريت جي ١٩ سال جي ۾ آهي ته ماڻهن جي چوڻ تي شاهجهان پنهنجي پيءُ کان باغي ٿي وڏو لشڪر تيار ڪري سامهون لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ڪيترا بادشاهي امير به شهزادي سان وڃي مليا. بادشاهه کي سخت نقصان جو انديشو ٿيو تنهن ڪري بي اختيار ٿي حضور اقدس ۾ آيو ۽ پنهنجي فتح جي دعا لاءِ عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائون ته هي سڀ عيسائن سان دوستي جو نتيجو آهي. بادشاهه نهايت پشيماني ظاهر ڪري، توبه ڪئي ۽ چوڻ لڳو

ڪنون در توبه ڪم باصد ندامت   قيامت ڪرده ام پيش از قيامت

حضور انور جن سنڌس عاجزي ڏسي ڪيس فرمايو ته خاطر جمع رک، جو مون شاهنشاهه حقيقي جل وعلا کان انجام وٺي آهي ته تو کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به هندستان جي بادشاهي نه ملندي. وڃ تون تو کي فتح ٿيندي. آخر حضور انور جي حڪم موجب ڪيس فتح ٿي. وري سنڌس پٽ بيهر تياري ڪئي ۽ وقت جي پيرن وٽ ويو انهن ڪيس فتح جي بشارت ڏني. پوءِ حضور اقدس جي خدمت ۾ عرض ڪيائين ته پيرن ڀڄڻ موکي هن طرح بشارت ڏني آهي

حضور جن به مونکي بشارت ڏين جو آءٌ اوهانجو قديمي نيازمند آهيان، منهنجي لاءِ دعا گهرڻ اوهان تي حق آهي. پاڻ انکي جواب نکي موڪليائون ته اسانکي تنهنجي فتح معلوم نٿي ٿئي پر عاقبت جي چڱي ٿي معلوم ٿئي.

حضور انور جو کشف صحيح

شهزادو ٻين مشائخن جي کشف جي ڀروسي تي ٻئي ڀيرا پنهنجي پيءُ جي سامهون ٿيو مگر ڪيس سيڪنهن ڀيري شڪست حاصل ٿي. مولانا بدرالدين حضرات القدس ۾ لکي ٿو ته شهزادي کي ٻڌڻ ۾ آيو ته گرد نواح ۾ هڪ درويش آهي جو ڪمالات ۽ ڪرامات جو صاحب آهي جنهن جو ڪشف بالکل صحيح ۽ اعلى درجي جو آهي. تنهن کري ان درويش کان وڃي پڇيائين ته ڪهڙو سبب آهي جو ڏي لشڪر جي باوجود منهنجي فتح نٿي ٿئي. سا ڪهڙي وقت منهنجي پيءُ جا امير بدمون سان ملي ويا آهن. ان بزرگ انهي بابت ۾ توجّه ڪيو ڪشف سان معلوم ڪري فرمايائين ته هن زماني ۾ چار شخص آهن جن جي رضامندي تي هي ڪم منحصر آهي جن مان ٽي تنهنجي فتح ۾ راضي آهن پر چوٿون شخص جو سڀني جو سردار آهي، اهو راضي ناهي.

حضور جن سڀني ولين جا سردار آهن

شهزادي پڇيو ته اهو ڪير آهي؟ فرمايائين ته حضرت شيخ احمد سرهندي امام ربّاني مجدّد الف ثاني رضي الله تعالى عنه تنهنجي بادشاهي ۾ راضي نه آهي. شهزادو رات جو مخفي طرح حضور اقدس ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته ”آءٌ اوهانجو قديمي غلام آهيان نظر بندي جي ڏينهن ۾ حضور جي مخالفن سان لڙندو هوس ۽ پنهنجي پيءُ تي رنج ٿيندو هوس. عجب آهي جو اوهان منهنجي بادشاهي ۾ راضي نه آهيو.“ پاڻ فرمايائون ته ”مون الله جلّ وعلا کان انجام ورتو آهي ته منهنجي حياتي تائين تنهنجي پيءُ جي بادشاهي رهي. سو هن وقت منهنجي عمر ختم ٿيڻ واري آهي ۽ جلد هن فاني دنيا مان رحلت ڪندس ۽ قيوميّت جو در جو محمد معصوم جي حوالي ڪندس تون خاطر جمع رک مون کان پوءِ ظاهري بادشاهي تنهنجي هٿ ۾ ايندي ۽ باطني محمد معصوم جي قبضي ۾ رهندي. ظاهري سلطنت تنهنجي اولاد ۾ رهندي جيستائين منهنجي اولاد جي عزّت ڪندا رهندا. خبردار هرگز متان منهنجي طريقي ۽ اولاد جي عزّت نه ڪرين.

شاهه جهان جو مريد ٿيڻ

شاهه جهان اها بشارت ٻڌي تمام خوش ٿيو ۽ آداب بجا آڻي مريدي کان مشرف ٿيو. شاهجهان تبرڪ طور پاڻ انکي پنهنجي دستار مبارڪ عطا فرمايائون جيستائين اهو خاندان دستار مبارڪ ۾ حضور انور جي وضو پاڪ جي خاڪ پاڪ جو ادب ڪندو آيو تيستائين بادشاهي برقائم هين، جيئن حضور انور جي سوانح عمري ۾ آهي“. پيو عرض ڪيائين ته ڪا اهڙي علامت عطا فرمايو جنهن جو بادشاهي ۾ رواج ٿيان پاڻ فرمايائون ته ٻگا ٿا هن جهنڊن کي سائو ڪري ۽ تنبن کي ٻگا ٿا هو راڱي هند جي بادشاهن جا تنبو ٻگا ٿا ها هوندا هوا، ٻيو حضور جن فرمايو ته مون تنهنجو نالو خرم جي بجاءِ شاهجهان رکيو آهي (اصل نالو خرم هوس) حضور انور جي فرموده موجب ظاهري حڪومت شاهه جهان ۽ انجي اولاد کي ملي ۽ باطني حڪومت قيامت تائين حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جي اولاد ۾ رهندي.

شاهه جهان جي بادشاهي جي زماني ۾ سندس وڏي پٽ دارا شڪوه گهڻو خيال ڪيو ته حضرت عروة الوثقیٰ امام محمد معصوم رضي الله تعالیٰ عنه کي تڪليف پهچايان پر جڏهن پيءُ سان اها ڳالهه ڪئي ندو هو ته پٽس شاهه جهان انکي سخت روڪيندو هوس.

حضور اقدس جو لشڪر ۾ رهڻ
خلق جي لاءِ ظاهري ۽ باطني فائدو هو

جيئن حضرت يوسف عليه السلام جو نظر بندي کان آزادي ٿي. بادشاهه سان گڏ رهڻ ۾ خلق کي گهڻا ظاهري باطني فائدا اهڻا. تيئن يوسف زماني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو بادشاهه سان گڏ رهڻ به فائده کان خالي ڪونه هو. اهو ذڪر قيوميت جي ويهين سال ۾ آهي.

خواجه محمد هاشم برڪات الاحمديه ۾ لکي ٿو ته حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو بادشاهه هند سان گڏ ڪن شهرن ۾ رهڻ زمان لشڪر حڪمت کان خالي نه هو جو ته اتان جا رهندڙ خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿي سندن نظر ڪيميا اثر کان مشرف ٿيندا هوا. جيئن هڪ سفر جو واقعو آهي جنهن ۾ آءُ به هوس

هڪ ڏينهن بادشاهي لشڪر درياءِ چناب جي ڪناري تي هڪ ٻهراڙيءَ ۾ پهتو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خادمن ان ٻهراڙيءَ جي قريب تنبو هنيا. ايتري ۾ حضور جن کي ڏٺم ته اڪيلا، پيرين پيادا ان ننڍي ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ آيا، آءٌ سندن پٺيان ڊڪي اچي پهتس مونکي ڏسي فرمايائون ته ”دل ۾ آيو ته هن ڳوٺ ۾ ڪا مسجد هوندي جتي وڃي تازو وضو سان نماز ادا ڪريان.“ اڃا ٿي وکون اڳتي مس وڌيا ته هڪ عاليشان مسجد شريف ڏسڻ ۾ آئي. پاڻ وضو ساري ٻه رڪعتون ادا ڪيائون. انهيءَ ڳوٺ جي هڪ فقير مونکان پڇيو ته هي بزرگ ڪير آهي. مون حضور جن جو نالو مبارڪ ٻڌايو، جنهن تي هو ڊوڙندو ويو هڪ تمام پيرسن آدمي کي جو اٺانوي ورهين جو هو، مسجد شريف جي پرسان انجي جاءِ هئي وٺي آيو اگرچه ان پيرسن مرد کي هلڻ جي طاقت نه هئي مگر حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جون وصفون ٻڌي گهڻي اشتياق زيارت لاءِ اچي حاضر ٿيو ۽ حضور جن جي قدمن تي ڪريو.

هرچند پير خسته دل و ناتوان شدم — هرگه که یاد روی تو کردم جوان شدم

— ويچارو ڪيترو هو عاجز، عشق جي طاقت سان پهچي زيارت سان هيئنئون بيت چوڻ لڳو.

همائے اوج سعادت بدام ما افتد — اگر ترا گذرے بر مقام ما افتد

— انهيءَ رات حضور جن جي سمورن مريدن سوڌو دعوت ڪيائين ۽ پاڻ سڀني آڪهه سوڌو مريد ٿيو. حضور انور جي توجه جي برڪت سان سيئي صاحب حضوري ٿيا ۽ ولين ۾ داخل ٿيا. موڪلائڻ وقت هڪ منزل تائين حضور انور سان هم رڪاب رهيا انهيءَ سفر ۾ جڏهن حضور اقدس جن لاهور پهتا ته شيخ طاهر قدس سره کي لاهور جي قطبيت کان مشرف فرمايائون. جڏهن سرهند شريف ۾ تشريف فرما ٿيا. تڏهن بادشاهي لشڪر سوڌو حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو لنگر مهماني طور کاڌو. ڪيس طعام اهڙو وڻيو جو حضور ۾ عرض ڪرڻ لڳو ته هن قسم جو طعام مون عمر ۾ نه کاڌو آهي. حضور جن پنهنجن ٻورچين کي حڪم فرمائين ته منهنجن ٻورچين کي اهڙو طعام ناهڻ سيکارين. پاڻ فرمايائون ته اهڙو طعام تنهنجن ٻورچين کي ناهڻ نه ايندو. بادشاه عرض ڪرڻ لڳو ته روز منهنجي ماني درگاه تان اچي. بادشاه جيڪي مهينن تائين سرهند شريف ۾ رهيو درگاه جي ماني کائيندو رهيو.

— سبحان الله! بيشڪ وليّن ڪاملن جي طعام ۾ نورانيت جي ڪري جا لذت آهي

سا بادشاهن جي طعامن ۾ هرگز نه ٿيڻي آهي.

راقم الحروف ته آزموده لڌو آهي ته جيڪي حضرت عمدة العلماء الراسخين امام الاولياء العارفين قدوة الڪملاء الواصلين جبل الحلم والتمڪين قبلهٔ عالم غوث الاعظم قيوم زمن محبوب ذوالمنن امامنا وقبلتنا ومولانا ومهدينا ومرشدنا خواجه الحاج حافظ محمد حسن جان مجددي سرهندي سجاده نشين دارالارشاد ٽنڊو سائينداد ادام الله فيوضاته علينا جي درگاه پاڪ جي طعام مان لذت ۽ ذوق ايندو آهي سو هرگز ٻئي هنڌ نه ايندو ۽ اهو ئي باعث نورانيت جو آهي.

سوداڳر بادشاه بعضي غريبن جا گهر ڊهرائيندو هو. حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن بادشاه کي تنبيه ڪري انهن کي پيسا وٺرائي ڏيندا هوا. مسڪينن جي هر طرح پرداخت ڪندا هوا. هڪ ڀيري ٻن عزت وارن شخصن کي پوليس وارا هٿ پنن سان ٻڌي وٺيو ويا، حضور اقدس جن پڇيو ته ڇالاءِ هنن سان کي اوهان ٻڌو آهي عرض ڪيائون ته بادشاه جو حڪم آهي ته هنن کي بي عزتي قتل ڪري ڇڏيو حضور جن فرمايو ته اوهين لوٽ واري ته هو. پاڻ پاءِ پياده بادشاه ڏانهن ويا سندس تنبو درگاه کان پري ڪتل هوا. بادشاه پنهنجي بيگم سان ڪنڌ الاهيو سيهڙيو هو. پاڻ ٻاهر بيهي پردو حضور جن لوڏيو. بادشاه پڇيو ته ڪير؟ پاڻ فرمايائون ته احمد (رضي الله تعالیٰ عنه) بادشاه حيران ٿي ويو عرض ڪيائين ته اوهين ڇالاءِ تشريف فرما ٿيا آهيو. پاڻ مظلومن لاءِ سفارش جو بيان فرمايائون. بادشاه چيو ته اهي ماڻهو منهنجي استقبال لاءِ نه آيا هوا تنهن ڪري انهن جي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو اٿم. پاڻ فرمايائون ته "تون انهن کي معاف ڪر" آخر سوداڳر بادشاه گهڻي گفتگو بعد ڪين معافي ڏني. حضور جن فرمايس ته "هنن عزت وارن کي ذليل ڪيو آهي تنهن ڪري انهن کي وڏا ٻه ڏي ته انهن کي خلق ۾ عزت حاصل ٿئي" بادشاه عرض ڪيو ته اوهانجي حڪم موجب مون هنن کي معاف ڪيو آهي نه ته پنهنجي حڪم تان نه هٽندو آهيان. وري هاڻي فرمايو ته وڏا ءِ زر به ڏيان آخر عذر ڪري ٻڌو ته هن وقت ٿورو ڏيندس ڪو نه هي دولت گهٽي ڪئي وئي ماڻهو سڀ ننڍ هوا پاڻ فرمايائون ته تون بادشاه آهين جنهن وقت به گهرين ان وقت ڪڍي سگهين ٿو. آخر ٻه هزار روپيا ٻه خاص بادشاهي وڳا حضور جن کي ڏنائين. پاڻ ان جاءِ تي موٽي آيا جتي مسڪين هئي

ٻيهر پاڻ هوائون . مٿيان انجام عزت وارن کي ڏيئي ڪين آرام ڪرڻ ڏيائون . مفصل احوال[1] روضة القيوميه ۾ آهي .... سبحان الله ! حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جو وجود مسعود سراسر رحمت هو . جنهن ڪيترن گنهگارن کي توجه جي برڪت سان ماسويٰ جي محبت کان آزاد ڪري شهنشاهه حقيقي جل وعلا کان حضور ۽ آگاهي جا انعام ۽ اڪرام ڏيارڻ ۾ مشرف فرمائيندا هوا . تنهن ظاهري مظلومن تي مهربانيون فرمائيندا هوا .

حضرت خواجه حافظ محمد جان قدس سره ڇا ته چڱو فرمايو آهي .

مَنْ لَاذَ فِي دُنْيَاهُ أَوْ فِي دِينِهِ — بِحَظِيرِ جَاهِكَ لَا يَزَالُ مُؤَيَّدًا

جنهن شخص پناهه ورتي پنهنجي دنياءِ پنهنجي دين ۾ ، اوهان جي وڏي مرتبه کان ، ته هميشه رهندو تائيد ڪيل آهي

فَارْحَمْ كَئِيبًا هَائِمًا فِي حَاجَةٍ — مِنْ دِينِهِ حَتَّى أَتَاكَ مُعَنَّدًا

پوءِ رحم ڪريو غمگين تي جو پريشان آهي ، پنهنجي دين جي هڪ حاجت ۾ ايتري قدر جو اوهان وٽ متصد دل ڦٽيل ٿيو

بِقَرِيضِهِ هٰذَا الَّذِي قَدْ صَاغَهُ — بِكَلِيلِ فِكْرٍ لَيْسَ فِيهِ مُجَوِّدًا

پنهنجي هن نظم سان جهڙي ان ناهي آهي ، عاجز فڪر سان ، جنهن ۾ ان کي هن خوبي جو اظهار نه ڪيو آهي

وَبَيَانِ نُطْقٍ عَنْ مَدِيحِكَ قَاصِرٍ — وَلِسَانِ قَوْلٍ جَاءَ فِيهِ مُقَيَّدًا

۽ اهڙي بيان گفتگو سان جو اوهان جي مدح کان قاصر آهي ۽ اهڙي زبان گفتن سان جو ان باري ۾ بند ٿيل آهي .

(الجذبة الشوقية الى الحضرة المجددية صفحه ۸)

جنهن تي الله جل جلاله حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي وجود مسعود کي رحمة للعالمين صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي باقي رهيل مٽي پاڪ مان پيدا ڪري فرمايو . تنهن ڪري رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي مهاڀاري رحمت جي عادت مبارڪ سندن وجود مبارڪ ۾ وڌائين . پڻ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي طفيل ڪين قيامت ۾ شفاعت ڪرڻ لاءِ بشارت عطا فرمايائين ۽ جيڪي حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي طريقي پاڪ ۾ روز قيامت تائين داخل ٿيندا تن کي الله جل جلاله بخشش جي بشارت عنايت ڪئي . جنهن حضرت شيخ محمد امين ڪردي اربلي شافعي پنهنجي ڪتاب المواهب السرمديه في مناقب النقشبنديه ص ۱۸۵ ۾ انهن بشارتن جي تصريح حضور جن جي ارشادات ۾ ڪري چڪو آهي .

---

[1] روضة القيوميه رڪن اول قيوميت جي ويهين سال ۾ اهو مفصل احوال آهي ۱۲

وَقَالَ قَدَّسَ سِرَّهُ بَشَّرَنِيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِاَنَّكَ مِنَ الْمُجْتَهِدِيْنَ فِيْ عِلْمِ الْكَلَامِ وَيَغْفِرُ اللّٰهُ بِشَفَاعَتِكَ اُلُوْفًا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَكَتَبَ لِيْ خَطَّ الْاِرْشَادِ بِيَدِهِ الشَّرِيْفَةِ وَقَالَ لَمْ اَكْتُبْ لِاَحَدٍ قَبْلَكَ مِثْلَهُ وَقَالَ قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُ كُنْتُ مَرَّةً فِيْ حَلْقَةِ الذِّكْرِ مَعَ اَصْحَابِيْ فَخَطَرَ لِيْ اَنِّيْ فِيْ قُصُوْرٍ وَنُقْصٍ فَاُلْقِيَ اِلَيَّ فِي الْحَالِ اِنِّيْ قَدْ غَفَرْتُ لَكَ وَلِمَنْ تَوَسَّلَ بِكَ اِلَيَّ بِوَاسِطَةٍ اَوْ بِغَيْرِ وَاسِطَةٍ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ۔

حضور اقدس کي جناب رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي بشارت

حاصل مطلب ته جناب خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن کي جناب رسول پاڪ، صاحب لولاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن بشارت عطا فرمائي ته تون علم ڪلام جو مجتهد آهين ۽ قيامت جي ڏينهن تنهنجي شفاعت سان هزارين ماڻهو بخشيا ۽ حضرت رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم پنهنجي هٿن سڳورن سان ارشاد جو هڪ خط حضرت مجدد کي لکي ڏنو ۽ پوءِ کين فرمايائون ته هن کان اڳي مون ڪنهن لاءِ هن قسم جو خط نه لکيو آهي.

حضور انور رضي الله تعاليٰ عنه جا مريد جيڪي به قيامت تائين ٿيندا ڏني تعاليٰ جل جلاله انهن کي بخشيو

حضور اقدس جن هڪ ڀيري پنهنجن مريدن سان حلقي ۾ ويٺا هوا، ان وقت مٿن قصور عمل جي اظهار جو غلبو هو. اتي ۾ الهام ٿيو. ته "تحقيق توکي بخشيم ۽ تنهنجي مريدن کي، خواه بغير واسطه، خواه بواسطه هجن ۽ جيڪي به قيامت تائين تنهنجي طريقي ۾ داخل ٿيندا." انهن بشارتن ڏانهن حضرت علامه علوم صوري ۽ معنوي مدرس مدرسه فرقانيه لکنوي قدس الله سره چاڏ پنهنجي قصيده ۾ اشارو ڪري حضرت مجدد الف ثاني جي دربار پر انوار ۾ عرض ڪيو آهي.

بِاللّٰهِ كُنْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ شَافِعًا ۔۔۔ لِيْ عِنْدَ مَنْ يَقْضِي اللُّبَانَةَ وَالْوَطَرْ

مراد خدا واسطي ٿيو توهان قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندڙ، منهنجي لاءِ ان ذات وٽ جو پورو ٿو ڪري حاجتن ۽ ...

بِكَ يُرْتَجَى الْغُفْرَانُ فِيْ يَوْمِ الْجَزَا ۔۔۔ سَيَنَالُهُ بِشَفَاعَةٍ مِّنْكَ الزُّمَرْ

اوهان مان اميد رکي وڃي ٿي بخشش ملڻ جي ڏينهن جزا جي، جلدي پهچندي توهان بخشش کي اوهان جي شفاعت سان

إِذَا أَنْتَ لِيْ عِنْدَ الْإِلٰهِ وَسِيْلَتِيْ　　فَلِمَا أَخْتَشِيْ تَقْصِيْ وَذَنْبِيْ يُغْتَفَرُ وبينا

جڏهن ته اوهان منهنجي لاءِ خداوند تعاليٰ وٽ وسيلا آهيو، پوءِ ڪيئن نه منهنجي حاجت پوري ٿيندي ۽ ونئي ۽ گناهه منهنجا

إِذْ أَنْتَ يَا مَوْلَايَ عَوْنِيْ فِيْ غَدٍ　　إِذْ أَنْتَ خَيْرُ الذَّخَائِرِ مُدَّخَرْ

جڏهن ته اوهان منهنجا سردار منهنجا مددگار آهيو قيامت ۾، جڏهن ته اوهان منهنجي لاءِ بهترين ذخيرا آهيو گڏ ڪيل

إِذْ أَنْتَ لِيْ فَرَطِيْ وَأَنْتَ كِفَايَتِيْ　　فَأَقُوْلُ مَا خَوْفِيْ فِيْ لَدَيْكَ الْمَحْشَرْ

جڏهن ته اوهان منهنجي لاءِ فرط (اڳ موڪليل) ۽ اوهان منهنجي لاءِ ڪفايت آهيو، پوءِ چوندس ته ڪهڙو خوف آهي مونکي اوهان جي وٽ حشر ڏينهن

جَزَاكَ يَا مَوْلَايَ عَنَّا رَبُّنَا　　خَيْرًا وَأَفْضَلَ مَا يُجَازِيْ مَنْ شَكَرْ

جزا ڏئي شال اوهان کي اي منهنجا سردار اسان جي طرفان اسان جو رب، جزا خير ۽ ان کان بهتر جيڪا جزا ڏئي ٿو الله تعاليٰ ان شخص کي جو شڪر ٿو ڪري

وَحَبَاكَ مِنْهُ زِيَادَةً تَرْبُوْ عَلَىٰ　　عَدَدِ الرِّمَالِ وَعَدِّ قَطْرٍ مِنْ مَطَرْ

شال بخشي اوهان کي پنهنجي طرفان ايترو گهڻو جو زياده ٿئي، ڳاڻاٽي واريءَ جي ڪڻن کان به وڌيڪ زياده ٿئي ڳاڻاٽي مينهن جي ڦڙن کان

(المقالة الثالثة من الجذبة الشوقية الى الحضرة المجددية ص ۱۳)

حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن جڏهن مٿي ڏنل ذڪر جي جيئري ڪرڻ لاءِ ڪوشش فرمائيندا هوا ۽ هن ڳاله جي حريص هوا ته ڪو بد نفساني ارادن جي پوري ڪرڻ جي عذاب ۾ گرفتار نه ٿئي. تنهن جڏهن به قبرستان ۾ تشريف فرمائيندا هوا ان ساري قبرستان جي بخشش لاءِ شهنشاهه حقيقي جل وعلا جي درگاهه ۾ گهڻي ٿي باڏائي نيٺ سرڪار پروردگار کان مغفرت جي منظوري وٺندا هوا. مثال لاءِ روضة القيومية[1] جي سال ۱۳۲ع مان هڪ نقل آڻيان ٿو.

حضور انور جي دعا سان قبرستان جو قيامت تائين بخشجڻ

هن سال حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي جهڙن (ڏاڏي پاڪ) پشت حضرت سيّدنا الامام رفيع الدين رضي الله تعاليٰ عنه (جو وقت جو قطب هو) جي زيارت لاءِ تشريف فرمايا. فاتحه بعد سڄي قبرستان جي بخشش لاءِ درگاهه الاهي ۾ دعا گهريائون. الهام ٿيو ته هڪ هفته لاءِ هن قبرستان تان عذاب رفع ڪيوسون. وري عرض ڪيائون ته اي پروردگار تنهنجي رحمت کي انتها ناهي. اڃان زياده مغفرت فرماءِ. وري الهام ٿيو ته هڪ

[1] روضة القيوميه رڪن اول سال تيرهون قيوميت جو مترجم اردو ص ۱۵۴

معنيٰ لاءِ هن مقام تان عذاب دفع ڪيو سون. ٻيهر حضور جن عرض ڪيو، الهام ٿيو ته چئن هزار سالن لاءِ عذاب دفع ڪيوسون. پاڻ وري بارگاهه باري تعاليٰ جل وعلا ۾ نهايت عاجزيءَ سان عرض ڪيائون. الهام ٿيو ته توهان جي خاطر، پنهنجي فضل سان هن قبرستان تي قيامت تائين عذاب نه ٿيندو. بدين خوبي و رعنائي تو از هر در که باز آئي — درے باشد کہ از رحمت بروے خلق بکشائي

انهيءَ سال هڪ ڏينهن حضور اقدس رحمت دو جهاني قيوم زماني خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي والد بزرگوار حضرت قطب العارفين دليل الله الصمد مخدوم خواجه عبد الاحد رضي الله تعاليٰ عنه جي مزار پر انوار جي زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا ان وقت ڪين دل ۾ حديث شريف جو خيال آيو ته "جڏهن ڪنهن عالم جو، ڪنهن قبرستان تان لنگهه ٿئي ٿو ته چاليهن ڏينهن تائين قبر وارن تي عذاب نه ٿو ٿئي". هن خيال اچڻ شرط منجهان الاهي الهام ٿيو ته "اوهان جي تشريف آوري سبب اسان قيامت تائين هن قبرستان تان عذاب دفع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيو جو شخص هن قبرستان ۾ دفن ٿيندو ان کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بخشينداسون" (شهر سرهند شريف جو اهو ڏو قبرستان آهي) اهو ئي اثر حضور اقدس جي رحمت ڀري طبيعت خاطر جو هو، جو جڏهن به جنازي ۾ حضور جن ٿي شامل ٿيا سو مغفور ٿي ويو. جيئن ته الله جل وعلا سندن کي بشارت عطا فرمائي ته جڏهن به جنازي ۾ اوهين حاضر ٿيا سو مغفور بخشيل ٿيو (ڪذا في مقامات امام رباني للسيد عبد الاحد بن سيد غلام محمد)

خلق تان آفت ٽارڻ لاءِ رحمت رباني حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي قرباني

هن کان ٻيو ڪجهه ٿي رحمت جيئي جو پنهنجي اولاد کي خلق تان آفت ٽارڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏيائون. جيئن قيوميت جي ۹ سال ۾ صاحب روضة القيوميه آندو آهي ته هن سال شهر سرهند شريف ۾ طاعون جي بيماري جو اهڙو زور ٿيو جو هر روز هزارين آدمي فوت ٿيڻ لڳا. ماڻهو جڏهن ظاهري تدبيرن کان عاجز ٿيا ته هو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿي دعا لاءِ عاجزيءَ سان عرض ڪيائون. پاڻ تازو وضو فرمائي ٻه رڪعتون ادا ڪري دعا ۾ مشغول ٿيا. بعد فراغت دعا جي فرمايائون ته

له يعني ٻيو هون سال قيوميت جو. ٿه هن ڪتاب جي صاحب، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي بعض فضائل ۽ ان فضيلت ۾ ۲۷۴ ۾ اها بشارت ذڪر ڪئي آهي ص ۹۶.

حق تعالیٰ جي درگاه مان مون کي قرباني ڪرڻ جو حڪم ٿيو آهي. تنهنڪري هيتري خلق تان آفت ٽارڻ لاءِ پنهنجو پُٽ قربان ٿو ڪريان. انهيءَ ڏينهن سندن نو فرزند ننڍن سعيد، حضرت شيخ محمد عيسىٰ، جو ٻارهن ورهين جي عمر جو هو مرض طاعون ۾ فوت ٿيو. ياڻ غسل ڏئي تجهيز تڪفين ڪري مخدوم صاحب قدس سرهٗ جي قبرستان ۾ دفن ڪيائون. پر اجابه تخفيف نه ٿي. حضرت صاحبزاده جي وفات کان پوءِ ٽيهن ڏينهن ورري به خلق گڏجي حضور اقدس ۾ دعا لاءِ عرض ڪيو. وري حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه دعا گهري. ڪين الهام ٿيو ته پنهنجو ٻيو فرزند مخلوق تان فدا ڪر. ياڻ فرمايائون ته اسين ٻيو فرزند فدا ڪريون. پوءِ سندن فرزند حضرت شيخ فرخ، جو ڏهن ورهين جي عمر جو هو فوت ٿيو انهيءَ صاحبزادي کي به ساڳي طرح حضرت مخدوم قدس سرهٗ جي مقام ۾ دفن ڪيائون، پر وبا اجابه گهٽ نه ٿي ماٺ ٿيو. وري اچي دعا لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيا. انهيءَ پيري سندن نياڻي پاڪ معصومه، جا ڪيو پياڪ هئي وصال فرمايو، انهن ڏينهن ۾ حضرت فخر الخلق اڪابر اولياء خواجه حافظ محمد صادق رضي الله تعالیٰ عنه وفات فرمائي، جو سندن ڏودو فرزند هو. فوت ٿيڻ کان اڳي حضرت خواجه صاحب فرمائيندا هوا ته ڪوبا ستين لقمو گهري ٿي ۽ اهو آءٌ آهيان. جو مرشد جي والد شريف حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي الهام ٿيو هو ته پنهنجو فرزند ڏي. فرزند مان مراد آءٌ هوس، مگر حضور جن مون سان نهايت شفقت ڪري رکي، انهيءَ ڪري ٻين منهنجن ڀائرن کي فدا ڪيائون ۽ مونکي محفوظ رکيائون. هاڻي مونکي معلوم ٿيو آهي ته ان فرزند مان، آءٌ مراد هوس انهيءَ ڪري ياڻ کي مخلوق تان قربان ٿو ڪريان. انهيءَ چوڻ شرط بيماري ۾ گرفتار ٿيا ۽ ساعت به ساعت مرض وڌندو ويو. نيٺ ٽيٽن ڏينهن وصال فرمايائون. پوئين وقت هي خبر ڏنائون ته هاڻي وبا دفع ٿي ويئي، جي هن کان پوءِ ڪنهن به وبائي ڏيبيماري جي ڳچي ۾ ڪو به منهنجو نالو لکي ٻڌندو ته ان کي الله جل وعلا پنهنجي فضل سان شفا بخشيندو.

حضرت خواجه حافظ اڪابر اولياء محمد صادق رضي الله تعالیٰ عنه جي وصال

کان پوءِ وبا جي بيماري ۾ هڪ به ماڻهو جي ڪنهن کي بيماري ٿيو ته ان کي ڳچيءَ ۾ سندن نالو پاڪ لکي ٻڌائون، انکي شفا ٿي. هيءُ عمل مرض طاعون لاءِ بالڪل مجرب آهي. حضرت سلطان الاولياء قيوم رابع خواجه زبير رضي الله تعالیٰ عنه جي وقت ۾ وبا جو گهڻو غلبو ٿيو ۽

خواجه صاحب جو نالو پاڪ لکي ڏيندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته خواجه محمد صادق رضي الله تعالى عنه جو نالو مبارڪ وباجي اثر دفع ڪرڻ لاءِ بالڪل مجرب آهي

؎ حضرت خزينة الرحمة امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه پنهنجي فرزند بزرگوار رضي الله تعالى عنه کي غسل ۽ تجهيز تڪفين فرمائي مسجد شريف کان اتر طرف ڪنب ۾ سندن وجود مسعود خزانه الهي کي زمين جي حوالي فرمايو. انهي جاءِ لاءِ حضور اقدس جن بهشتي زمين هئڻ جي بشارت ڏيڻ فرمائي ۽ پنهنجي مدفن گاه جو اشارو به انهي زمين لاءِ ڪندا هوا. پوءِ خواجه صاحب جي مٿان قبو ٺهرايائون. پاڻ حضرت خواجه محمد صادق رضي الله تعالى عنه جي جنازي تي ويٺا هوا ته هڪ شخص مانين جو خونچو کڻي حاضر ٿيو ۽ چيائين ته هي جناب پيغمبر خدا صلى الله تعالى عليه وسلم جي نيت جي ماني آهي. پاڻ باوجود هن جي جو غم جي مجلس ۾ هوا مگر محبت نبوي صلى الله تعالى عليه وسلم سبب ان مان لقمون کڻي تناول فرمايائون. اهـ ؎ حضرت خواجه محمد صادق رضي الله تعالى عنه جي نالي پاڪ لکڻ جي ترتيب تفصيل سان منهنجي مرشد مڪمل عالم باعمل قطب الاقطاب غوث الاحباب حضرت حاجي صاحب رضي الله تعالى عنه جي معمول آهي ته سندن حالات ۾ لکي اٿم. من شاء فليرجع اليها.

حضرت رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم جو حضرت مجدد کي پنهنجو فرزند چوڻ

؎ رحمة اللعالمين صلى الله عليه وسلم، جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه کي جڏهن خميره[1] طينت جي بشارت کان نوازيو. تڏهن هڪ ڏينهن جناب رسول ڪريم صلى الله تعالى عليه وسلم مٿن ظاهر فرمايو ته تون منهنجو فرزند آهين، جيئن منهنجا فرزند قاسم ۽ ابراهيم رضي الله تعالى عنهما آهن. تنهن کان بعد حضرت خاتم الرسل صلى الله تعالى عليه وسلم پنهنجي حرم پاڪ ام المومنين خديجة الكبرى رضي الله تعالى عنها کي فرمايو ته شيخ احمد مجدد الف ثاني منهنجو ۽ تنهنجو فرزند آهي ۽ قاسم ۽ ابراهيم جو ڀاءُ

---

[1] مڪتوبات شريف جلد ٽيون مڪتوب ع ١٠٠ ۾ خميره طينت ڏانهن هن طرح اشارو آهي "بعد از تخليق وتڪميل او عليه وعلى آله الصلوات والتسليمات بقيه مانده بود که در خوان دولت ضيافت کريمان زياده تها لازم ست که او لش گويان نصيب خادمان بود آن بقيه را بيکے از دو تمنايان امت او عليه وعلى آله الصلوات والسلام او لش گويان عطا فرموده اند وآن را خميرمايه ساخته خميره طينت او فرموده و به تبعيت و وراثت او شريک دولت خاص او گردانيده عليه وعلى آله الصلوات والسلام سے باکريمان کارها دشوار نيست ملخصا

آهي، جو حق تعاليٰ اسان کي عطا فرمايو آهي. حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي پنهنجي هنج ۾ ويهاري مٿن گهڻي شفقت جي نظر فرمائي ارشاد ڪيو ته تون منهنجو پٽ آهين گويا پاڻ ڪو گهر جو ڪم ٿا ڪن ۽ کين ٿا فرمائن ته پٽ هي ڪم ڪر وغيره تفصيل روضة القيوميه جي باطنيت[1] ۾ ڏسڻ گهرجي مڪتوبات شريف جي جلد[2] ٣ ۾ به موجود آهي

حضور جن کي مصافحي جو شرف حاصل ٿيڻ

روضة القيوميه[3] ۾ لکيو آهي ته حديث شريف ۾ آهي ته جو شخص سنن ۽ سيلين سان مون سان مصافحو (هٿ هٿ ۾ ڏيڻ) ڪندو ان جي لاءِ بهشت واجب ٿيندو. مولانا بدرالدين قدس سره حضرات القدس ۾ لکي ٿو ته حضرت مجدد الف ثاني کي چئن واسطن سان مصافحو نصيب ٿيو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه حاجي عبدالرحمٰن بدخشي معروف حاجي رمزي سان مصافحو ڪيو ان حافظ سلطان ادهمي[4] سان جن جي عمر هڪ سو ڏه ورهه هئي. ان شيخ محمود الفراري سان ان شيخ سعيد معمر حبشي سان ان حضرت رسالت پناه صلي الله تعاليٰ عليه وسلم سان.

هندستان جي نبين سڳورن جي حضور جن سان ملاقات

سال چوڏهين[1] قيوميت جي ذڪر ۾ صاحب روضة القيوميه لکي ٿو ته هن سال حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جهنگل جي سير واسطي ٻاهر تشريف فرمايائون. ٻاهر ميدان ۾ اتر ۽ اولهه جي ڪنڊ ۾ هڪ وڏو دڙو آهي. پاڻ مٿس چڙهي نماز ظهر جي پڙهي

---

١ هي مضمون روضة القيوميه ص ٩٩ ۽ ص ١٠٠ مترجم اردو مطبوعه لاهور، طينت، اصالت ۽ محبوبيت ذاتي جي بيان ۾ تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. ٢ مڪتوبات شريف حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جلد ٽئين مڪتوب ١٠٢ ۾ هن طرح اشارو آهي. «من درآن وقت مي يابم ڪه من بآن سرور عليه وعلى آله الصلوٰة والسلام دريڪ جام ودر رنگ نيز با پدر زندگاني بتمام حضور آن سرور عليه وعلى آله الصلوٰة والتسليمات بر من غريب نيست وآن ڪاغذرا بجهيده بدست خود نهاده در رنگ فرزندان محرم داخل حرم شريف ايشان گشته ام ڪالامهات المؤمنين مراد حضور آن سرور در بعض خدمات باهتمام ميفرمايند وميگويند ڪه انتظار وتنعيم چنان وچنان بايد ڪرد الخ» ٣ ترجمه روضة القيوميه مطبوعه لاهور ص ٦١ مصافحي جي بيان جي پڇاڙي ۾ لکي ٿو ته حضرت قيوم رابع خليفة الله سلطان الاولياء محمد زبير قدس سره فرمائيندا هوا ته هي روايت ۾ آهي ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه ۽ جناب پيغمبر خدا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي وچ ۾ چار شخص آهن. جن مان هڪ جن آهي ٤ حضرات القدس فارسي مطبوعه محڪمه اوقاف لاهور ص ٣٠٣ ادهمي جي بجاءِ رباني صفحه آئنده

گھڻي دير تائين مراقبو فرمايائون، فراغت بعد رفيقن کي فرمايائون ته نظر ڪشفي سان هن جاءِ تي نبين سڳورن جون قبرون ڏسڻ ۾ ٿيون اچن بلڪ انهن اڪابرن عليهم الصلواة والسلام جي روحن سان ملاقات به ٿي جن مون کي فرمايو ته اسين هت آرامي آهيون. جيئن مڪتوبات جلد اول مڪتوب ٢٥٩ ۾ حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله تعالیٰ عنه جي نالي، لکن ٿا ته "هاڻ ته جي نبي سڳورا هند ۾ مبعوث ٿيا آهن ۽ انهيءَ جاءِ ۾ آرام فرما آهن سي مون تي ظاهر ٿيا آهن ۽ ڏسان ٿو ته انهن جي نور جا شعلا سندن قبرن مان نڪري آسمان تائين پهچي رهيا آهن. هندستان جي نبين سڳورن ڪنهن جي به پيروي نه ڪئي بلڪ ڪن جو هڪ امتي ٿيو ڪن جا ٻه ۽ ڪن جا ٽي. ڪشف جي نظر سان معلوم ٿيو ته انهن مان ڪو به اهڙو نبي ڪونهي جنهن جا امتي چار ٿيا هجن. جي آئون گهران ته انهن جا نالا ۽ قبرن جا نشان به ڏئي ٿو سگهان" الخ

— شيخ محمد امين شافعي قدس سره انهيءَ ڳالهه جو ثبوت پنهنجي ڪتاب ۾ هن طرح لکي. وَقَالَ اَطْلَعَنِیَ اللّٰهُ عَلٰی قُبُوْرِ الْاَنْبِيَاءِ الْمَبْعُوْثِيْنَ اِلٰی اَرْضِ الْهِنْدِ بِحَيْثُ اَرٰی اَنْوَارًا سَاطِعَةً مِّنْ قُبُوْرِهِمْ (ڪتاب المواهب السرمديه ص ٢٨٣ مطبوعه مصر)

— حضرت خواجه امام رباني رضي الله تعالیٰ عنه جي نبين سڳورن سان ملاقات سندن وڏي شان تي دلالت ڪري رهي آهي ۽ ٻيو الله جل وعلا کين متشابهات قرآني جا پوشيده راز ۽ مقطعات قرآني جا اسرار عطا فرمايا. اها راز داري جي عنايت جيئن جناب رسول مقبول صلي الله تعالیٰ عليه وسلم پنهنجن خاص اصحابن سڳورن تي ڪئي هئي تيئن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه پنهنجي خاص فرزند ۽ خليفي حضرت امام محمد معصوم رضي الله تعالیٰ عنه کي انهيءَ نعمت کان سندن استدعا تي مشرف فرمايو. جنهن جاءِ ڪعبو شريف آيو هو ان جاءِ تي پنهنجي فرزند کي رڳو "ق" جي معنيٰ جا اسرار ٽن ڏينهن تائين. اربع جي ڏينهن تاريخ ستين ذي الحج صبح جي نماز بعد پڙهائڻ شروع فرمايائون ۽ مذڪور مهيني جي نائين تاريخ جمعه ڏينهن شام جي وقت پورو ڪري فرمايائون. انهيءَ وچ ۾ پاڻ ننڊ ڪانه ڪيائون ۽ نماز به رڳو فرض ۽ سنت مؤکده ئي ادا ڪيائون (از روضة القيوميه ملخصاً رڪن اول سال چوڏهون قيوميت جو)

(آيل صفحه ٢٤٢ کان اڳين تان) اوپر لکيل آهي ته جواهر علويه ۾ حضرت مولانا مولوي محمد رؤف صاحب نقشبندي مجددي خليفه اعظم حضرت شاه غلام علي صاحب دهلوي قدس سره لکي ٿو ته شيخ محمد سعيد حبشي رضي الله تعالیٰ عنه جي عمر هڪ ٿو ته جي مطابق هڪ هزار ۽ ٻي سو سالن ۽ هڪ قرن موجب هڪ هزار تاريخ سال ٿي انهن صدي يا ڏهين صدي ۾ هن جهان مان رحلت ڪيائون (روفيحت)، جي ماده کان سندن تاريخ وفات ظاهر ٿئي ٿي.
٨١٥

— معنيٰ بيان ڪرڻ کان اڳ سوڙي جهان جي جنن ۽ شيطانن کي ڪاري دريله ۾ قيد ڪرايائون. تقريبًا وقت ملائڪن جون صفون حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ۽ حضرت امام محمد معصوم رضي الله تعاليٰ عنهما جي چوڌاري هڪ ٻئي جي مٿان آسمان تائين پهچي ويون هيون. هن لاءِ ڏهي خدائي گجهه آهي مٿان انسان جو زبردست دشمن شيطان چوري ٻڌي رهي. تنهنڪري حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن اوّل اهو بند وبست فرمايو هو.

— سبحان الله! ڪهڙو نه شان مجدد جي عالي درجي کي پهتل آهي، مفصل احوال جنهن طالب کي ڏسڻو هجي روضة القيوميه جي سال چوٿهين ڏينهن ۾ ڏسي اگرچه مواهب السرمديه ۽ حدائق الوردية ۽ حدائق الندية ۽ جامع ڪرامات الاولياء ۽ هن فن جي ٻين ڪتابن ۾ به انهي جو ڪجهه ذڪر آهي.

حضور جن کي هڪ نئون طريقو عطا ٿيل هو

حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن اگرچه سيني طريقن ۾ ڪن ۾ داخل هوا ۽ نقشبندي طريقو حضرت مرشد نا سيدنا خواجه محي الدين باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه کان ورتو هوائون ته هن کان سواءِ ڪين نئون طريقو مجدد جي عطا ٿيو جو الله جلّ وعلا کي روز قيامت تائين جاري ڪرڻو هو جيئن ته ڪيترا پيرا اهڙيون بشارتون عالي پهتل هيون جي، اڳتي اتيل اهو طريقو خاص طرح اهڙو عالي ته رهو جو سندن مرشد مڪمل به ڪائون انهي طريقي مان فائدو ورتو. جيئن علامه محمد مراد مڪي قدس سره تو لکي.

وَلِهٰذَا اُسْمِيَتِ الطَّرِيْقَةُ الْخَاصَّةُ بِهِ الطَّرِيْقَةَ الْمُجَدِّدِيَّةَ وَكَانَ شَيْخُهُ يَسْتَفِيْدُ مِنْهُ تِلْكَ الطَّرِيْقَةَ الْخَاصَّةَ بِهِ وَكَانَ يُعَظِّمُهُ تَعْظِيْمَ الْمُرِيْدِ شَيْخَهُ الخ[له]

— معلوم ٿيو ته حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه سندن ايترو قدر ادب ڪندو هو جيئن ڪو مريد مرشد جو ادب ڪري، هڪ ڀيري حضرت خواجه صاحب رضي الله تعاليٰ عنه حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حجري ۾ تشريف فرما ٿيا. حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن استغراق ۾ هوا خادم اُٿاريو ته حضور جن کي اطلاع ڏيان. پاڻ انهي منع فرمايو ۽ آهستي آهستي ٿي موٽيا ته مٿان حضور جن جي استغراق

له حاشيه الدرر المكنونات الغرر المكتوبات ص ٢٤ - ٢٥ -

کي حاجت ٿي. ان حجري جي ٻاهران ويهي رهيا جيستائين حضور جن ازخود نه جاڳيا. ان کان پوءِ حضرت مجدد الف ثاني جن عرض ڪيو ته دروازي تي ڪير آهي؟ حضرت خواجه صاحب فرمايو "محمد باقي" فَخَرَجَ مُسْرِعًا وَقَامَ بِكَمَالِ الْاَدَبِ وَالتَّوَاضُعِ. حضرت مجدد الف ثاني تڪڙو ٻاهر نڪتا ۽ گهڻي ادب ۽ تواضع سان سندن اڳيان اچي بيٺا.

[1] حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي اعليٰ درجي هوڻ ڪري مٿن ٻين طريقن سڳورن جا اولياء ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين عاشق ٿي پيا سيئي هن جي دعويٰ هئي ته حضرت مجدد الف ثاني اسانجو آهي ۽ اسانجي طريقي کي رواج ڏياري آنجناب رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي حڪم موجب هر هڪ ولي پنهنجي پنهنجي امانت حضرت مجدد الف ثاني کي عطا ڪئي. حضرت خواجه مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه سڀئي امانتون پنهنجي خاص امانت سان ملايون. سندن خاص امانت سيني کي منور ڪري فرمايو جو ٻيئي سڳورن رضي الله عنهم جو اصل مقصود هو ته سالڪي بروز قيامت جي اجر حاصل ٿئي. سندن مقصد الله جل وعلا پورو ڪرڻ فرمايو. هي فيصلو ان ڏينهن ٿيو جنهن حضرت غوث الاعظم رضي الله تعاليٰ عنه جو خرقو مبارڪ کين پهتو

کين حضرت غوث الاعظم رض جو خرقو عطا ٿيڻ

روضة القيوميه[ط] جي سال ٢ قيوميت ۾ آهي ته هن سال جو خرقو جناب قطب الاقطاب غوث الاعظم محي الدين عبد القادر جيلاني پنهنجي صاحبزاده سجاده نشين سيد تاج الدين عبد الرزاق رضي الله تعاليٰ عنه کي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه تائين پهچائڻ لاءِ عطا فرمايو هو سو امانت طور پشت به پشت هلندي حضرت سڪندر شاه قدس سره کي مليو جنهن خرقه جي اصلي وارث حضرت مجدد الف ثاني کي اچي ڏنو.

[1] تفصيل انجو هيءَ آهي ته حضرت شاه سڪندر کي سندس ڏاڏي شاه ڪمال قدس سره اهو خرقو حوالي ڪيو هو ۽ کيس چيو هوائين ته هن خرقي جو وارث جڏهن مبعوث ٿئي ته انکي ڏج. شاه سڪندر اهو خرقو پنهنجي ڏاڏي جي مزار شريف تي رکي ڇڏيو هو. جڏهن حضرت مجدد الف ثاني جي فيض جو غلغلو زمين کان آسمان تائين وڃي پهتو ته هن شاه ڪمال قدس سره شاه سڪندر قدس سره کي خواب ۾ چيو ته هي خرقو قيوميت مآب حضرت

ط روضة القيوميه رڪن اول اردو ترجمو مطبوعه لاهور ص ١٠٨

مجدد الف ثاني کي پهچائي ڏي. شاهه سڪندر قدس سره ويچار ڪيو ته گهرجي نعمت ٻئي کي ڪيئن ڏيان. وري ٻئي ڀيري کيس شاهه ڪمال قدس سره حڪم فرمايو ته پير ابوالحق توهان کي دير ڇو ڪئي آهي، جلدي ڪري هي خرقو مالڪ کي پهچائي ڏي. وري به شاهه سڪندر جاني ڪري سُستي ڪئي تنهن تي شاهه ڪمال سخت ناراض ٿي کيس فرمايو ته جي، پنهنجي خيريت ٿو گهرين ته هي خرقو اصلي وارث کي ڏي ڇڏ ته تنهنجي امانت ڪسجي ويندي. شاهه سڪندر مجبور ٿي خرقو مبارڪ حضرت مجدد الف ثاني جي حضور پُر نور ۾ اچي پهچايو. ان وقت پاڻ صبح جي نماز بعد مراقبي ۾ مشغول هوا. مراقبي کان فارغ ٿي اهو خرقو حضور انور جن ڍڪيو ۽ قادري نسبت ڏانهن متوجه ٿيا ايتري ۾ قادري نسبت مٿن ايتري قدر غلبو ڪيو جو نقشبندي نسبت مغلوب ٿي وئي. وري نقشبندي نسبت ايتري قدر غلبو ڪيو جو قادري نسبت جهڪي ٿي وئي. اهڙي طرح ڪيترا ڀيرا بعضي هڪ نسبت غالب ٿي بعضي ٻي.

سرهند شريف ۾ اُمّت جي سيني وليّن جي تشريف آوري

ايتري ۾ جناب حضرت غوث الاعظم رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجن سمورن پيرن پنهنجي طريقي جي سمورن خليفن، مريدن ۽ جناب شاهه ولايت مآب حضرت علي ڪرم الله وجهه سميت تشريف فرمائيا. تنهن کان پوءِ حضرت بهاءالدين شاهه نقشبند رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجن سيني پيرن ۽ پنهنجي طريقي جي سيني خليفن، مريدن ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه سميت تشريف آندي ۽ حضرت خواجه بيرنگ باقي بالله رضي الله تعالىٰ عنه پڻ تشريف فرمائيا ۽ پوءِ پاڻ ۾ مناظرو ڪرڻ لڳا ـــــ حضرت غوث الاعظم رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو ته هن مرد بزرگ "مُجدّدِ الف ثاني" ٻاراڻي حالت ۾ منهنجي امانت قادري حاصل فرمائي آهي" يعني ننڍپڻ ۾ شاهه ڪمال جي زبان چوسي سموري قادري نسبت وٺي ورتائون جنهن جو ذڪر مٿي گذريو. تنهن ڪري سيني کان منهنجو حق زياده آهي ۽ مناسب آهي ته هيءُ پيارو وجود اجلّ وعلا جو منهنجي طريقي کي رواج ڏياري. ـــــ خواجه بهاءالدين شاهه نقشبند رضي الله عنه فرمايو ته تڏهاڻي اهو منهنجي سلسلي نقشبندي جي ارشاد جو مسند نشين آهي ۽ جا نسبت خاص جناب پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم کان کيس پهتي آهي اها به انهيءَ بزرگ کي اسانجي وسيلي سان پهتي آهي

انهيءَ ڪري اسان جو حق وڌيڪ آهي ته فخر ڪريون اهو مرد اسان جي طريقي نقشبنديءَ کي رواج ڏئي.

اها نسبت خاص جيڪا رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه کي عطا ڪئي هئي سا امانت طور حضرت خواجگان ۾ هلي ٿي آئي ۽ آخر انهي وارث حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي عنايت ٿي جنهن جو تفصيل روضة القيوميه ۾ آهي.

ايتري ۾ چشتي طريقه جي بزرگن به تشريف فرمائي ۽ انهن فرمايو ته اسين به انهيءَ دعويٰ جا حقدار آهيون جو ته انهي مرد خدا (مجدد الف ثاني) جو والد بزرگوار ۽ ڏاڏا بزرگوار اسان جي طريقي ۾ هوا انهيءَ طرح طريقي سهروردي ۽ ڪبروي ۽ ٻين طريقن جا مشائخ به تشريف فرما ٿيا ۽ مناظره ڪرڻ لڳا سڀ ڪنهن طريقي جي مشائخن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي پاڻ ڏانهن ٿي ڇڪيو ته اسان جي طريقي کي رواج ڏيارڻ فرمايو

ولين سڳورن جو بيشمار هجوم ٿيڻ
آنحضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو فيصلو فرمائڻ

خواجه محمد هاشم ۽ مولانا بدرالدين قدس سرهما پنهنجن تاريخن ۾ ٿا لکن ته امت جي ولين جا روح پاڪ ايتري قدر سرهند شريف ۾ گڏ ٿيا جو سموريون گهٽيون ۽ بازاريون بلڪ شهر جي گرد نواح ۽ آس پاس جا ميدان اوڏا گوڙ پرجي ويا. صبح کان ٻيپهري نماز تائين اهو مناظرو پيو هليو آخر حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي حضور ۾ وڃي سيني فيصلو گهريو. پاڻ انهن لطف ۽ ڪرم جي سيني کي تسلي ۽ دلاسو ڏئي فرمايائون ته توهان سڀئي پنهنجون امانتون هن منهنجي پياري کي ڏيو ۽ هن مرد جي هٿان نقشبندي طريقي جو رواج زياده ٿيندو ڇو ته جا امانت خاص هن مرد کي پهتي آهي سا به انهيءَ طريقي نقشبندي وارن جي معرفت ان کي پهتي آهي ۽ هن طريقي نقشبنديءَ جو سردار حضرت صديق اڪبر رضه آهي جو سواءِ نبين جي باقي ساري مخلوقات کان ڏور پيو آهي ۽ هن طريقي ۾ سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي پيروي ۽ بدعت جي ڪمن کان ڪناره ڪشي حد کان زياده آهي. هن کان بعد ٻئي درجي تي هن منهنجي پياري کان قادري طريقه جو رواج ٿيندو ڇو ته هن طريقي جو مٿس حق آهي.

باقي ٻين طريقن کي ٻڌائڻ ڪا ڪجهه فائدو ٿيندو

سڀني طريقن جي امانتن جو طريقي مجدديءَ ۾ ملي وڃڻ

هن ڪان پوءِ سڀني طريقن جي مشائخن جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي حڪم موجب پنهنجون پنهنجون امانتون حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي نظر ڪيميا اثر اڳيان حاضر ڪيون. پاڻ انهن سڀني امانتن کي پنهنجي طريقي ۾ ملايون ۽ پنهنجي نسبت خاص کي جنهن سبب ڪري الله تعاليٰ کين ممتاز فرمايو هو انهن امانتن ۾ داخل ڪيائون جنهن سبب اهي سڀ امانتون منوَّر ٿيون. هن ڪان پوءِ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي طريقي ۾ سندن امانت خاص ۽ باقي ٻين طريقن جون امانتون گڏجي ويون. جيڪو به سندن طريقي مجدديءَ ۾ داخل ٿو ٿئي سڀني وليّن جي طريقن ڪان بهره ور ٿو ٿئي ۽ سڀني طريقن جي مشائخن کي انعام ٿو ملي. هي واقعو سومر جي ڏينهن ١٥ شعبان سنه ١٠١٥ھ ڏهه سو پندرهن هجري جي نماز ديگر ۽ مغرب جي وچ ۾ ٿيو.

هن بيان مان حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جون ڪيتريون ڪرامتون ۽ وڏا وڏا اسرار معلوم ٿين ٿا جو ذڪر ڪندڙن تي مخفي ناهن.

صاحب "نفائس السانحات في تذييل الباقيات الصالحات" جو، علامه محمد مراد مڪي قدس سره آهي واقعو مختصر لکي پوءِ هيٺين عبارت ٿو لکي:

وَهٰذَا يَدُلُّ عَلٰى عُلُوِّ شَانِهٖ وَيَشْتَمِلُ عَلٰى اَنْوَاعٍ مِّنَ الْكَرَامَاتِ كَمَا لَا يَخْفٰى عَلَى الْمُتَاَمِّلِ فِيْهِ.

حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي خاص نسبت جي عنايت حضرت مجدد الف ثانيءَ کي ڪهڙي طرح ڪئي؟

روضه جي رڪن اول جي شروعات ۾ گذري آهي مگر هت مختصر احوال ٿو لکجي، جڏهن آيت "اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا" جي حضرت رسول مقبول صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي نازل ٿي ۽ کين اختيار ڏنو ويو، گهرو ته دنيا ۾ رهو، گهرو ته لقاءِ ربي جو حاصل فرمايو". حضور جن صلي الله عليه وسلم جن هن ته پنهنجي امت جي حق ۾ بالڪل ڪريم

۽ رحيم هوا. اهو حڪم ٻڌي غمگين ٿيا ته مٿان منهنجي اُمّت مون کان پوءِ اسلام کان ڦري ويندي، جيئن اڳوڻن نبين جون اُمّتون ڦري وينديون هيون حالانڪ نبي سڳورا به انهن ۾ موجود هوا جيئن سامري جو قصو آهي. پوءِ الله تعاليٰ جَلَّ وَعَلا جناب رسول مقبول صلي الله عليه وسلم تي وحي نازل فرمايو ته هي منهنجي اُمّت ٻين امتن کان زياده ڀلي ۽ صالح آهي. هن اُمّت جو نگهبان آءٌ آهيان هن اُمّت ۾ علماء ڪرام اهڙا اهڙا ٿيندا جو اڳوڻن اُمّتن جي نبين وانگر هوندا جيئن ته انهي ڳالهه تي قرآني آيتون ۽ حديثون دلالت ڪري رهيون آهن. (١) قوله تعاليٰ كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ (الآية) (٢) اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهُ لَحٰفِظُوْنَ ۝ پڻ پرورگار جَلَّ وَعَلا حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي اطمينان قلبي لاءِ اُمّت جي سموري حالات کان آنحضرت صلي الله عليه وسلم کي واقف فرمايو ته "هيترا ولي ۽ صالح مرد منهنجي اُمّت ۾ هوندا." جڏهن حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي نظر آخرين زماني تي پئي، ته ڏٺائون ته انهي زماني جا ماڻهو فسق ۽ فجور ۽ حق تعاليٰ جي نافرماني ۾ ڪوشش ڪندا ۽ نبوّت جي زماني کان پري رهڻ سبب ساري جهان ۾ ظلم پکڙجي ويندو. خيال فرمايائون ته مون کان پوءِ نبيّ به نه ٿيڻو آهي جو اڳ هزار سالن کان پوءِ ٿيندو هو. انهيءَ سبب ڪري پنهنجي نسبت خاص الخاص جو سڀني ڪمالات جي مُنْتَهَا هئي، حضرت صديق اڪبرؓ کي گهرائي عطا فرمايائون ۽ وصيّت فرمايائون ته اها نسبت امانت آهي اچي ۽ هزار سال بعد، اسان اصلي وارث کي ڏئي ڇڏجي. اهو مرد هيترين قدرن اسلام کي رواج ڏيار يندو، سارو جهان انهي نور کان منوّر ٿيندو ۽ انهي زندن ۽ خليفن جي وسيلي قيامت تائين انهي هدايت جو نور قائم رهندو وغيره وغيره.

نسبت خاص حضور جن تائين

ڪهڙي طرح پهتي انهيءَ جو مختصر ذڪر

جا نسبت خاص حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه کي جناب رسول خدا صلي الله عليه وسلم کان حاصل ٿي، اها نسبت حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه کي گهرائي حوالي فرمايائون ان کان حضرت صديق اڪبر انجام ڏئي ته انهي نسبت جي نگهباني ڪجو ۽ منهنجي حوالي ڪرڻ ان کان پڻ محافظت جو انجام ڏنو. اهو سلسلو جاري رهيو، جيستائين انهيءَ جو اصلي وارث پيدا ٿيو. حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه اها نسبت خاص حضرت قاسمؒ بن محمد بن ابي بڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنهم جي حوالي ڪئي. انهيءَ پنهنجي ڏهتي حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه

جي حوالي ڪئي. انهيءَ سبب ڪري امام صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمودو آهي ته "مونکي صديق اڪبر رضه ٻه ڀيرا ڄڻيو." (ولادت صوري ته ظاهر آهي جو پلاڻ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جو ڏهٽو آهن ۽ ولادت معنوي هن ڪري جو حضرت امام صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جو حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ آهي) ———— حضرت سيدنا امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه تائين انهي نسبت جو خاص ظهور رهيو ته ان کان پوءِ پوشيده رهيو. انهيءَ وجه آهي جو جناب رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جو ارشاد آهي ته "خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ". پوءِ اها نسبت خاص امانت طور حضرات خواجگان جي سلسلي ۾ هلي ٿي آئي جيئن ته حضرت امام الاولياء امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه بطور اويسيت اها نسبت حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي رضي الله تعاليٰ عنه کي عطا ڪئي ان حضرت شيخ ابوالحسن خرقاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حوالي ڪئي نيٺ اهڙي طرح حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه تائين اچي پهتي. انهي وچ ۾ اها نسبت لڪل رهي ۽ ڪنهن تي به ظاهر نه ٿي تانجو ١٠٠٩ ڏهه سو نو هجري ۾ حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه اها نسبت خاص امانت باسلامت سندس اصلي وارث حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حوالي ڪري ڏني. هزار سال بعد وري انهيءَ نسبت جو ظهور ٿيو انهيءَ واسطي جناب رسالت مآب صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي "اِنَّ اُمَّتِيْ اَوَّلُهَا خَيْرٌ وَّ اٰخِرُهَا خَيْرٌ فِيْ وَسْطِهَا كَدِرٌ". جنهن وقت اها نسبت جا رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي ڪمالات نبوت جو لخص خاص هو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه تي ظاهر ٿي جنهن جو ڪنهن به اهل الله تي پرتوو به نه پيو هو انهي نسبت خاص جي وسيلي سان بدعت ۽ گمراهي جا ساري جهان ۾ پکڙجي ويئي هئي فنا ڪري ڇڏيائون. شريعت ۽ طريقت جو درجو جناب رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ ۾ هو، اهو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي وقت ۾ از سرنو تازو ٿيو. صحابن ڪرام ۽ مجتهدن سڳورن کان پوءِ جيڪي شريعت ۽ طريقت ۾ نيون بدعتون شامل ٿي چڪيون هيون انهيءَ جي بنياد کي حضور جن پاڙان پٽي ڇڏيو. سندن مڪتوبات شريف مٿين ڳالهه تي ثبوت ڏئي رهي آهي. سندن توجه سان سارو جهان مشرق کان مغرب تائين روشن ٿي ويو ۽ ان شاء الله تعاليٰ قيامت تائين اهڙي طرح روشن رهندو. حضور جن پنهنجي وقت کي صحابن رضه جي طبقي سان پوري مشابهت ڏياري. انهيءَ واسطي جناب رسول خدا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي "مثل اُمَّتِيْ كَمَثَلِ الْمَطَرِ لَا يُدْرٰي اَوَّلُهَا خَيْرٌ اَمْ اٰخِرُهَا خَيْرٌ" اها

نسبت خاص، جو هزار سال بعد حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جن تي ظاهر ٿي انهيءَ بابت پڻ ڪنهن شخص ڇا ته چڱو فرمايو آهي:

بعد الف آن سر مخفي شد جلي   از محمد شيخ احمد ڪابلي

— سبحان الله! جهڙيءَ طرح الله جَلَّ وَعَلا ڪين نسبت خاص ملڻ ڪري طريقو لاثاني عطا فرمايو تهڙيءَ طرح سندن ارشاد جو فيض به بالڪل ٿوري وقت ۾ روءِ زمين تي پکڙجي ويو، جنهن جو نظير ملڻ محال آهي. اهو الله جَلَّ وَعَلا جو فضل آهي جنهن کي گهري تنهن کي عطا فرمائي.

— علامه محمد مراد مڪي الدرر المڪنونات جي حاشيه صفحه ٢٢٤ تي حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي اشاعت فيض جي باري ۾ گهڻو لکيو آهي. مختصر عبارت تبرڪ طور هت لکان ٿو.

حتى انتشرت انوار فيضه في اسرع الاوقات الى اطراف العالم وعمت اسراره فضله
من ادركته العناية الازلية من بني آدم ولا زالت الى يومنا هذا تتزايد يوما فيوما بحيث
بواسطة خلفائه واولاد اولاده هلم جرا لم يبق مملكة من ممالك
الاسلام الا وفيها من يتنور بطريقته من الاعلام بفضل الله الملك العلام
ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ

حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه جي نسبت خاص ۽ قيوميت جي منڪرن تي خدائي غضب

— سال ٤٠ جو تين ذڪر قيوميت جي ۾ صاحب روضه جي لکيو آهي ته جن بزرگن حضور جن جي اعليٰ شان کان انڪار ڪيو تن جون امانتون ڪسجي ويون. شيخ تاج قدس سره به انهن مان هڪ هو. شيخ تاج پنهنجي باطني احوال ڪسجي وڃڻ جي ڏک ۾ هو ته خواب ڏٺائين ته وليُن سڳورن تڏ اسرارهم جي هڪ وڏي مجلس آهي انهن مان هڪڙو شيخ تاج کي ٿو چوي ته تون اُٿي وڃ جو منڪر ٿيو آهين پوءِ اُمت جي وليُن ۾ ڏور پيو آهين. جا توکي مصر رناهي ته جيڪو هُو ءِ امر خدا جي پيارن جو منڪر ٿيندو ان جا دين ۽ دنيا ته خراب ٿيندا پر سندس ايمان ڪسجي ويندو. اها ڳالهه يقين ڪري سچ ۽ توبه ڪر. مجلس جي هڪ ولي شيخ تاج کي هدايت ڪئي. شيخ تاج حيران ٿيو ته اهو مرد ڪير آهي جو افضل اولياءِ امت آهي جنهن جي انڪار سبب قهر جو لائق ٿيو آهيان. ايتري ۾ ڏٺائين ته ان سڀني مجلس جو صدر جناب خليفه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه آهي ۽ سڀني وليُن سڳورن جو منهن مبارڪ انهيءَ طرف آهي، سڀ مجلس جا سردار پاڻ آهن. شيخ تاج ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ توبه تائب

ٿي حضور ۾ اچي معافي گهرڻ پيا.

شيخ حسام الدين جو خواب

شيخ حسام الدين قدس سره ٻڌائين ٿا ته هن ڏٺو ته جناب رسالتپناه صلي الله عليه وسلم هڪ منبر تي چڙهي حضرت مجدد الف ثانيءَ جي تعريف ۾ خطبو پڙهي رهيو آهي ۽ پاڻ بالڪل چٽيءَ طرح فرمائي ٿو ته مون کي وڏو فخر حاصل ٿيو آهي جو منهنجي اُمت ۾ هن جهڙو شخص اچي پيدا ٿيو، ۽ پاڻ انهن ظاهر ٿيو آهي، جنهن منهنجي دين کي بالڪل چڱيءَ طرح سڌاريو آهي ۽ انبياءِ جي منهنجي اُمت جي ولين ۾ ٻڌو پلو آهي.“

ان وقت جي درويشن جو واقعو ڏسڻ

ان وقت جي درويشن، ختم خواجگان جو ٿي پڙهيو ته هڪ صاحب کشف کي ڏسڻ ۾ آيو ته هڪ درويش هڪ ڏٻو ٻاريو آهي اوچتو هڪ وچ جو جهلڪو آيو جنهن سڀني جي ڏيئن کي وسائي ڇڏيو ايتري ۾ غيب کان آواز آيو ته هي ڏيئو حضرت مجدد الف ثانيءَ جي منڪر درويشن جا آهن، جن کي حضرت مُجَدِّدُ الف ثانيءَ جي توجه وسائي ڇڏيو. ڇو ته انهن جي ولايت جو ڪو اثر نه رهيو.

جيڪو حضرت مجدد الف ثانيءَ جو منڪر آهي
تنهن تي وڏي مصيبت نازل ٿيندي

خواجه حسام الدين خواب ۾ ڏٺو ته حضرت خاتم المرسلين صلي الله عليه وسلم جن فرمائي ٿا ته حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه جي طالبن مان جيڪي حضرت مجدد الف ثانيءَ جا منڪر ٿيا آهن تن تي وڏي مصيبت نازل ٿيندي. هي جڏهن اڳاهو آهي ته جيڪو حضرت مُجَدِّدُ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي وضوء جو مستعمل پاڻي پيندو، اهو انهي مصيبت کان ڇٽي ويندو. جڏهن اهو خواب حضرت مجدد الف ثانيءَ جي حضور ۾ خواجه حسام الدين قدس سره پيش ڪيو ته هن پاڻ فرمايائون ته مستعمل پاڻي پيئڻ مڪروهه آهي. فقه جي ڪتابن ڏسڻ تي ايترو نڪتو هٿ آيو آهي ته جيڪڏهن جوتين پيرين ٻنان نيت قرب ۽ ثواب، جي عضوا ڌوئڻ ته اهو پاڻي مستعمل نه ٿيندو ۽ ان جو پيئڻ مڪروهه نه آهي، ان موجب حضور اقدس جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جو جوتين پيرين وارو پاڻي سڀني سچي اعتقاد سان پيتو. الله تعاليٰ انهن کي سندن برڪت سان مصيبت کان بچايو. سڀني مٿا اگهاڙا ڪري پيڪا ڳچين ۾ وجهي اچي معافي ورتي. اهه ملخصًا

معلوم ڪرڻ گهرجي ته هي سڀ حسد سبباً هو مگر جڏهن حاسدن جو حسد

وڌندي ويئي ويو تئين نور مجدد جي پکڙبو ويو — علامه محمد مراد قدس سره چانڊيو فرمايو آهي

وَاَنْوَارُ مَعَارِفِ الْاِمَامِ مُنْتَشِرَةٌ وَمُنْبَسِطَةٌ فِي جَمِيْعِ الْآفَاقِ وَالْاَقْطَارِ لَا يَقْدِرُ الخصم العنيد علىٰ سترها بغيوم الجحود والانكار بل كان انكارهم سببًا لشدة ظهور ذالك النور وزيادة الانتشار. ولله در من قال شعر

وَاِذَا اَرَادَ اللهُ نَشْرَ فَضِيْلَةٍ — طُوِيَتْ اَتَاحَ لَهَا لِسَانَ حَسُوْدٍ

(حاشيه الدرر المكنونات من المكتوبات ص٢٤)

حضرت سرهند شريف ۾ مذهب جي امامن جو اچڻ

— صاحب روضة القيوميه جو مڪتوبات معصومي کان نقل ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن فرمايو ته ”حضرت امام اعظم ابوحنيفه رحمة الله عليه جن سيني استادن ۽ شاگردن سميت مون وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ پنهنجو مذهب پيش ڪيائون. حضرت امام اعظم صاحب رحمة الله عليه ۽ سندن استادن ۽ شاگردن مان هر هڪ جي نور مون ۾ اثر ڪيو ۽ انهن جي نور جي مون کي فنا ۽ بقا حاصل ٿي. اڃا هڪ لمحو نه گذريو ته حضرت امام شافعي رحمة الله عليه پنهنجن استادن ۽ شاگردن سوڌو تشريف فرمائي ۽ انهن جي نور مون ۾ اثر ڪيو ۽ انهي نور جي فنا بقا مون کي حاصل ٿي.“

— حضرت اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن ٻنهي مذهبن جي رعايت ڪندا هوا اگرچه پاڻ حنفي مذهب جا هوا حضرت امام اعظمؒ جي طرف ۾ حصو حق سمجهندا هوا ۽ حضرت امام شافعيؒ ڏانهن هڪ حصو. — حضور جن کي جناب رسول مقبول صلى الله عليه وسلم بشارت عطا فرمائي ته ”تون منهنجي امت جو مجتهد آهين ظاهري باطني اجتهاد تو تي ختم آهي“. ڪيترا مسئلا سندن اجتهادي مڪتوبات شريف ۾ موجود آهن الخ — راقم الحروف گذارش ڪري ٿو، هيستائين روضة القيوميه جو حوالو ڏنو جو علامه محمد مراد معي قدس سره برانهي ڪتاب ۾ جواهر علويه جا حوالا گهڻا ڏنا آهن جنهن ته هڪ جاءِ تي حضرت مجدد الف ثاني جي آباءِ اجداد قدس الله تعالىٰ سرهم جي باري ۾ تو لکي ته جيڪي به حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جا ڏاڏا هوا سڀ عالم، صالح ۽ فاضل هوا جنهن جو احوال تفصيل سان روضة القيوميه ۽ جواهر علويه ۾ آهي. زياده احوال جو خواهان انهن ڪتابن کي ڏسي، هت هڪ قطرو ان درياءَ مان تو لکان عبارت بجنسه مختصر هي آهي. وكان آباء الكرام واجداد العظام كلهم من صلحاء الانام وعلمائهم وفضلائهم كما ذكر احوالهم بالتفصيل في الروضة القيوميه والجواهر العلوية

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نُوۡرٌ عَلٰى نُوۡرٍ ؕ يَهۡدِى اللّٰهُ لِنُوۡرِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ

(نور ٻيو ٢)

حضور اقدس امام رباني قدس سره جا مختصر ڪشف، ارشاد ۽ ڪرامتون حضرات القدس جي جلد ثاني تان آندل

حضور اقدس جا ڪشف، ڪرامات ۽ ملفوظات وڏن ڪتابن ۾ چڱي طرح لکيل آهن جن جي پڙهڻ سان طالبن مخلصن تي هدايت جا نور ظاهر ٿين ٿا. (جي دلين) مون هت مختصر لکيو آهي ته اهو نور پڙهي طالبن جون دليون نوراني ٿين ۽ منڪرن جون دليون هدايت ياب ٿي مسرور ٿين

مڪاشفه: - رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ حضور اقدس فرمايو ته ”اڄ مون کي عجيب معاملو ڏسڻ ۾ آيو. آءٌ مراقبي ۾ ويٺو هوس اوچتو ڏٺم ته هڪ شخص منهنجي پاسي ۾ ويٺو آهي خيال ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته اهو سيد الاولين والآخرين حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وعلى آله افضل الصلواة والسلام آهي. پاڻ فرمايائون ته آءٌ هن لاءِ آيو آهيان ته تنهنجي لاءِ اجازت نامون لکان جو هيستائين ڪنهن لاءِ به نه لکيو اٿم. ڏٺم ته ان اجازت نامي جي متن ۾ اهي لطف، نصيحتون ۽ مهربانيون لکيل آهن جي هن جهان سان لاڳاپو رکن ٿيون. ان اجازت نامي جي پٺيءَ تي پڻ اهي عنايتون ۽ مرحمتون لکيلون هيون جن ٻئي جهان سان لاڳاپو ٿي رکيو.“ اهو ذڪر مڪتوبات شريف جلد ٽئين مڪتوب نمبر ١٠٦ ۾ آهي.

مڪاشفه: - حضور اقدس فرمايو ته شريعت کي ڏٺم ته هن اسانجي جاءِ ۾ لٿي آهي جنهن کي قافلو ڪنهن جاءِ ۾ اچي لهي اشارو پنهنجي مسجد شريف ۽ حويلي ڏانهن ڪيائون

مڪاشفه: - فرمايائون ته هڪ ڏينهن مون کي پنهنجا عمل نهايت گهٽ ڏسڻ ۾ آيا ۽ انهي حالت ايتري قدر غلبو ڪيو جو نماز ۾ الحمد شريف جي سورة پڙهندي جڏهن ”اياڪ نعبد“ جي لفظ تي پهتس تڏهن نهايت حيران ٿي ويس ته ڇا ڪريان ڇا ڪريان. جي پڙهان ٿو ته مصداق لِمَ تَقُوۡلُوۡنَ مَا لَا تَفۡعَلُوۡنَ ۝ جو ٿو ٿيان جي نٿو پڙهان ته ترڪ واجب جو ٿو ڪريان. ايتري ۾ الهام

ٿيو ته تنهنجي عبادت مان شرڪ ڪڍي ڇڏيو سون ۽ "الا لله الدين الخالص" جو مصداق ظاهر ٿيو.

مڪاشفه:- فرمايائون ته تڪلف ۽ تعصب جي بوءِ ڪانسواءِ جيڪي تو ته ڪشفي نظر ۾ حنفي مذهب جي نورانيت درياءِ عظيم جو نمونو ڪري ۽ ٻيا مذهب حوضن ۽ واهن وانگر نظر ۾ ٿا اچن.

مڪاشفه:- فرمايائون ته پنهنجي فرزندن کي ختمي ڏيارڻ لاءِ ماني ڪئي هيم، جا درويشن کي ٿي کارايائين ۽ وچ ۾ منهنجي زبان تي آيو ته هي منهنجو صدقو قبول ٿيندو يا نه؟ ته حق تعالى تو فرمائي "انما يتقبل الله من المتقين" يعني تحقيق الله تعالى پرهيزگارن کان قبول ٿو ڪري، انهيءَ گفتگو ۾ هوس ته حضرت حق جل وعلا کان الهام پهتم "انك من المتقين" يعني تحقيق تون پرهيزگارن مان آهين.

مڪاشفه:- فرمايائون ته مونکي جاتايو ويو ته منهنجي وقت کان حضرت مهدي جي زماني تائين انهن ڪماليتن ۽ معاملات سان جيڪي مونکي بخشيا ويا آهن، ڪو به ڪونه ظاهر ٿيندو.

مڪاشفه:- فرمايائون ته پنهنجي فرزند خواجه محمد صادق قدس سره جي تربت جي سامهون آءٌ مدفون ٿيندس ۽ اهي مونکي بهشت جي باغن مان هڪ باغ ڏسڻ ۾ آيو آهي.

مڪاشفه:- حضرت خواجه عروة الوثقى محمد معصوم رضي الله تعالى عنه روايت ٿو ڪري ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه فرمايو ته منهنجي روضه جي خاڪ جي مٺ جنهن جي قبر ۾ پئي اهو الله عزوجل جي گهڻن عنايتن ۽ رحمتن جو اميدوار آهي پوءِ جو بان مقام ۾ دفن ٿيندو ان لاءِ ته نهايت زياده ڀلائي آهي.

مڪاشفه:- سندن روضي مبارڪ جي اڳ لاءِ جو سندن وقت ۾ احاطو چوڌاري ڏنل هو تنهن لاءِ ٿي فرمايائون ته انهي زمين ۾ باغ آهي بهشت جي باغن مان.

فائدو: هن وقت ان زمين اڳ واري ۽ جو سند و جاتايل ڪونهي.

مڪاشفه:- پاڻ فرمايائون ته الله جل وعلا مونکي هن طرح جاتايو آهي ته جيڪي معرفتون ۽ حقيقتون مون لکيون آهن "يعني رسالا ۽ مڪتوبات شريف جن سان ڀريل آهي" سي حضرت مهدي موعود جي نظر کان گذرنديون. اهي ڪيس تمام گهڻو وڻنديون ۽ قبول ڪندو.

مڪاشفه:- فرمايائون ته حضرت مهدي موعود هن نسبت عالي ۾ داخل هوندو، اهو اشارو پنهنجي نسبت ڏانهن ڪيائون جنهن پنهنجن رسالن مڪتوبن ۾ لکيو اٿن. بهجة السنية ۾ علامه محمد بن عبد الله خاني خالدي قدس سره هن طرح لکيو آهي.

وَكَانَ يَقُوْلُ قُدِّسَ سِرُّهٗ نِسْبَتِيْ هٰذِهٖ تَبْقٰى بِوَاسِطَةِ اَوْلَادِيْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ حَتّٰى
اَنَّ الْاِمَامَ الْمَهْدِىَّ يَكُوْنُ عَلٰى هٰذِهِ النِّسْبَةِ الشَّرِيْفَةِ

مڪاشفه:- پاڻ فرمايائون ته نظر ڪشفي ۾ تو اچي ته جهان کي بدعت جي اونداهه وڪوڙي ڇڏي آهي ۽ سنت نبوي عليه الصلواة والسلام جو نور تانباڻي وانگر ڪن جاين تي ڪٿ ڪٿ ڏيکاري ڏئي ٿو

مڪاشفه:- پاڻ فرمايائون ته جي بدمائهو منهنجي طريقه ۾ داخل ٿيا آهن ۽ قيامت تائين واسطه يا سواءِ واسطه جي داخل ٿيندا سي سڀ هاڻي منهنجي نظر هيٺ آيا آهن انهن جو نالو ۽ نسب، جسمُ ۽ رهڻ جي جاءِ مونکي هاڻي ڏيکاري وئي آهي، جي گهران ته هونئن سڀني جو هاڻي بيان ڪري ڏيان

مڪاشفه:- هڪ ڏينهن حضور اقدس جن قضاءِ حاجت لاءِ پاءِ خاني ۾ آيا ته ڪين هڪ پيالو پليتي ۾ پيل ڏسڻ ۾ آيو جنهن تي اسم الله جل جلاله جو لکيل هو، اهو نالو مبارڪ پڻ پليتي ۾ پيو هو. حضور اقدس جن اهو پيالو ڪڍي نڪتا. خادم کي فرمايائون ته ڪو ڪڍي اچ ۽ پوءِ پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪن سان انکي ڌوتائون. خادمن گهڻوئي عرض ڪيو ته اسين ٿا ڌوئون، پر پاڻ انهن کي ڌوئڻ نه ڏنائون ۽ پاڪ ڪرڻ کان پوءِ ان پيالي کي مٿاهين جاءِ تي اچي ڪپڙي سان ڍڪي تمام گهڻي تعظيم سان رکيائون. پاڻ جڏهن به پاڻي پيڻ جو ارادو فرمائيندا هوا ته ان پيالي ۾ پيئندا هوا. انهيءَ وچ ۾ رب الارباب جل وعلا کان حضور اقدس کي خطاب مستطاب پهتو ته جئن تو منهنجي نالي کي تعظيم ڏني آهي تئن مون تنهنجي نالي کي دنياءِ آخرت ۾ تعظيم وارو ڪيو.
پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن سو ورهه رياضت ۽ مجاهدا ڪريان ها ته به جيڪو فيض مونکي هن ادب جي عمل مان مليو، انهن مجاهدن مان حاصل ڪين ٿِيَنِ ها.

مڪاشفه:- پاڻ هڪ ڏينهن صبح جي حلقي سان مراقبي ۾ مشغول هوا ۽ مٿن پنهنجن عملن کي گهٽ سمجهڻ جي حالت گهڻو غلبو ڪيو، درگاهه باري تعالىٰ جي ۾ نهايت عجز ۽ زاري ڪيائون بحڪم "مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ". حضرت غَفَّارُ الذُّنُوْبِ سَتَّارُ الْعُيُوْبِ کان کين خطاب مليو غَفَرْتُ لَكَ وَلِمَنْ تَوَسَّلَ بِكَ بِوَاسِطَةٍ اَوْ بِغَيْرِ وَاسِطَةٍ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ يعني مون توکي بخشيو ۽ جن توکي وسيلو ڪري تو واسطي سان يا بغير واسطي جي ڏينهن قيامت تائين تن کي به بخشيم. فرمايائون ته هن بشارت جي اظهار ڪرڻ لاءِ حڪم ٿيم

مڪاشفه:- برات جي صبح جو کين ڪشف ٿيو ته شيخ طاهر لاهوري، جو سندن خاص مريدن مان هو تنهن کي سعادت وارن مان ڪيو يعني مومنن مان ڪيو ڪافرن بدبختن ۾ داخل ڪيو

اٿن پاڻ، درگاهِ الاهي ڏانهن متوجه ٿيا نظر ۾ آين ته عرش مجيد ۾ هن قضا کي مبرم لکيو اٿن، پاڻ حيران ٿي ويا. انهي وچ ۾ حضرت غوث الثقلين قدس الله سره جو ڪلام ياد آين جو فرمايو اٿن ته قضاءِ مبرم ۾ تصرف ڪرڻ جي مون کان سواءِ ڪنهن کي به توفيق ناهي. پاڻ حضور باري تعاليٰ ۾ نهايت عاجزي سان هن طرح عرض ڪيائون ته خداوندا جيئن تو پنهنجن پيارن مان هڪ برگزيده تي اها عنايت ڪئي آهي، انهن مان هن درويش کي پڻ محتاج ڪندين ته پنهنجي مهرباني کان پري ناهي. سندن اهو عرض قبول ٿيو ۽ ان وقت معلوم ڪيائون ته هڪ قضا جو قسم جو، لوح محفوظ ۾ مبرم آهي، مگر الله جل وعلا وٽ معلق آهي، ان ۾ ڪنهن جي شفاعت يعني سفارش يا ڪنهن ٻئي امر سان اخص الخواص کي تصرف جي اجازت ملي آهي باقي جا قضا، الله جل وعلا وٽ مبرم آهي اها متي نه سگهندي. "مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ" جي معنيٰ انهي ڳالهه جي وضاحت ڪري ٿي.

راقم الحروف:- مولانا شيخ خالد ڪردي، يمني، مجددي، قادري پنهنجي مڪتوب ۾ جو عبدالله بادشاهه ڏانهن لکيو اٿن، انهي متئين ساڳي تقرير جا، حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن، مڪتوبات شريف[1] ۾ ڪئي آهي سا بيان ڪري پوءِ هن طرح ارشاد فرمايو اٿن:

"وما يحكى عن بعض اصحاب الغوث الاعظم الگيلاني ان الله تعالى رد له مبرم القضا فغير ثابت بهذا اللفظ وبفرض ثبوته هو الشائع فالولي يقدر في نطقه بغير المشروع لسكره ومحوه ولا يجوز تقليد غيره له بشعوره وصحوه ولا يسقط التكليف الا عمن سقط عنه شرعًا وايضًا الخطاء الكشفي كالخطاء الاجتهادي يعذر صاحبه ولا يقلد فيه ومن لم يجوز الخطاء على الاولياء لم يفرق بين النبي والولي ثم ايضًا قد يكتب في اللوح المحفوظ امر من غير تعليق فيظنه بعض اهل الكشف مبرمًا لعدم رؤية تعليقه في اللوح فيخبر بابرامه وصادق بحسب الظاهر لانه لم يره الا مبرمًا مع انه مُعَلَّقٌ في علم الله تعالى. فالمعلق قسمان احدهما معلق في العلم واللوح. والثاني معلق في العلم مبرم في اللوح وما وقع للغوث الاعظم قدس سره الاقوم من القسم الثاني وقد وقع لغيره من الاولياء ايضًا وكما يجب التحرز عن انكار الاولياء يجب التحرز عن الغلو في الاعتقاد بهم بحيث يؤدي الى الخلل

---

[1] مڪتوبات شريف حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جلد اول مڪتوب نمبر ٢١٧ ۾ قضا مبرم ۽ قضا معلق بابت بيان آهي.

في فرض الحقيقة وهذا اكثر من المفرطين في حسن الظن بالاولياء. اهـ ملخصًا

مڪاشفه :- ٻڌائي فرمايائون ته هڪ وقت بانگ کان پوءِ دعا ٿي گهريم، هٿ گوڏن تي رکيل هوم، دعا جي وچ ۾ خيال آيم ته هٿ کڻي دعا گهران جو ته هي روش ادب کان پري آهي. پوءِ هٿ کڻي دعا ۾ مشغول ٿيس، انهي ادب جي رعايت ڪري يڪدم ڏاڍو غفار ستار ڪان آواز پهتم ته توکي هرگز ڪنهين به قسم جو عذاب نه ڪندس.

مڪاشفه :- هڪ ڀيري حضور اقدس قدس سره جن پنهنجن فرزندن، جن سندن حضور ۾ وفات فرمائي هئي تن جي روحن مبارڪن کي ختمي ڏيارڻ لاءِ طعام تيار ڪرائي پنهنجي هٿن سان ورهائي ڏنائون ۽ فرمايائون ته، گهڻي توجه بعد معلوم ٿيو ته اهو طعام قبول پيو ۽ اٿين معلوم ٿيو ته ملائڪ سگورا طعام جا خونچا کڻي سندن قبرن تي پهچائن ۽ بهشت جي باغن مان هڪ باغ ۾ کين گڏ ڪيائون. پوءِ ڏٺم ته سارو طعام انهن کي ڏنو ويو. تنهن کان پوءِ ڏٺم ته انهن جي ٿيون استعداد ظاهر ٿيو ۽ عروج ڪرڻ لڳا. جڏهن گهڻو عروج ڪيائون ته جڏهن بهشت ظاهر ٿيو جنهن ۾ نهايت مرتبي شان ۽ تازگي سان اندر آيا. جڏهن ته حضور اقدس خواجه امام رباني قدس الله تعالى سره جن ختمي ڏيڻ وقت مرني مومنن، مومنياڻن ۽ ملڪن کي ٻڌڻ شريڪ ڪيو هو تنهنڪري فرمايائون ته ڪاقبر مؤمن ۽ مؤمنياڻي جي اهڙي نه ڏٺم جنهن اهو طعام نه پهتو هجي، ڪو بهشت نظر نه آيم جو انهي مهماني کان خالي هجي ۽ پڻ ڏٺم ته ملڪن ڏانهن به قسمن قسم خونچا تاڻين جنهن ثواب مان ڪجهه گهٽتائي نه ڪيائون. اهـ ملخصًا

حضور اقدس جا ڪي ارشاد
حضرات القدس جي جلد ثاني تان ورتل

ارشاد :- ٻڌائي فرمائيندا هوا ته دنيا جي ڪا به آرزو، هڪ ڪُنب ۾ ويهي، هر هر ڪلمه طيبه پڙهي، لذت حاصل ڪرڻ جي برابر نه ٿي سُجهي. پر جيڪي جو مرتبي سڌن حاصل ٿي نه ٿيون سگهن. ڪمن مان جو ڪم عارف کي مَلَڪيت مان بشريت ۾ تو آڻي سو ڪاٿم ڪالنساء في شيءٍ ناهي ڪڏهن ڪڏهن تهجد جي وقت طعام جي ڪدورت مثالي صورتن وڃي نظر ايندي آهي.

ارشاد :- فرمايائون ته مونکي جيڪي عطا ٿيو آهي سو الله پاڪ عمَّ نواله جو فضل ۽ ڪرم هي جنهنجو نهانو حضرت سيد الانبيا عليهم الصلواة والتسليمات جي متابعت آهي. ان ڪري پنهنجي ڪم جو مدار ٿو چاهيان، مونکي سڀ ڪجهه سنت محمدي صلي الله عليه وسلم جي تابعداري جي واتان

مليو آهي. باقي جو ڪجهه نه مليو اٿم انجو سبب هي آهي ته مون کان بحڪم بشريت، تابعدار ي ۾ ڪو نقصان ٿيو هوندو. ان ڳالهه ڪندي فرمايائون ته هڪ ڏينهن پاءِ خانه ۾ وڃڻ وقت اوّل ساڄو پير رکيم، جنهن ڪري مون تي احوال جا در وارا بند ٿي ويا، پشيماني ۽ استغفار ڪان پوءِ ان جاءِ تان موٽيس

ارشاد ٣

فرمايائون ته هڪ ڏينهن پيشاب جي غلبي ڪري تڪڙ ۾ پيشاب ڪرڻ جي جاءِ ۾ آيس، اوچتو مس جو ڪلڙو نڪو نهن ٻي ڏسڻ ۾ آيم جو قلم جي چيڙڻ کان ان جاءِ ۾ پيو هو. جنهن ته مس قرآن شريف جي اکرن لکڻ جو اسباب آهي تنهن ڪري اتي ٿڪڻ ۾ ته سخت بي ادبي سمجهه ۽ تڪڙ ۾ مونکي باهر مس لڳل جاءِ کي ڌوتم پوءِ خواهش پوري ڪرڻ ويس اگرچه پيشاب جو غلبو گهڻو هوم پر اها تڪليف پسند ڪيم، مگر ادب ڇڏڻ روا نه رکيم.

ارشاد ٤

هڪ ڀيري حضور اقدس جن نفلي روزا ٿي رکيا. هڪ شخص عرض ڪيو ته حضور جن هي روزا ڪهڙي نيت سان ٿا رکن فرمايائون ته رمضان شريف جي ڪن ڏينهن ۾ استنجا جو اتفاق ٿيو هو انهيءَ قضا احتياطي ٿو ڪيان.

ارشاد ٥

فرمايائون ته مراقبي ۽ فڪر جي هميشگي ڪريو، هي دنيا عملن جي پوک ڪرڻ جي جاءِ آهي ۽ حضور باطني جي ڪمال ظاهري ادبن ۽ عملن جي رعايتن سان لڳل ڪري ڪم ۾ مشغول رهو.

ارشاد ٦

فرمايائون ته عام ماڻهو رياضت ڪرڻ لاءِ روزن رکڻ کي تاجائن پر وچولي احوال جي رعايت هميشه روزن رکڻ کان زياده ڪاڻ ۾ آهي لاءِ طعام کائڻ جي ڳڻپ رکيو مڃي اڌ ڏهڪري اڌ بک ليجان اٿس جو کاڌو بس ٿو ڪري ته اها رياضت بکن ڪيڻ واري رياضت کان سخت آهي. جو ته هن جواڻ چڪيل شيءِ کي ڇني ڏنو آهي ۽ هن چکي پوءِ کاڌو کان هٿ کي يو اٿس.

ارشاد ٧

فرمايائون شهر ٺٽي جي اڪيلي نماز پڙهڻ جي حالت ۾ باوجود استطاعت جي رکوع ۽ سجدي ۾ تسبيحون ٽوڙ پورن پڙهجن.

ارشاد ٨

فرمايائون عام ماڻهون رياضتن ۽ مجاهدن ڪرڻ لاءِ سٽ ڦٻيا ڪن مگر رياضت ۽ مجاهدو، شريعت جي ادبن جي رعايت ڪرڻ جي برابر نه آهي خصوصاً نمازون، فرض واجب ۽ سنّتون ادا ڪرڻ. نماز جا انهي نفوفي سڀا جو حڪم فرمايو اٿن تمام ڏکي آهي. حق سبحانه وتعالى فرمائي "وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ۝ الَّذِيْنَ الآية"

ارشاد ٩

فرمايائون شهادت آڱر اٿل التحيات ۾ اشارو ڪرڻ، اگرچه ظاهري حديثن ان تي دلالت ٿيون ڪن ۽ مجتهدن کان بعضي روايتون آيون آهن جن مان جواز معلوم ٿو ٿئي پر جڏهن چڱي طرح تحقيق

ڪيو ويو، اَحوَطُ مُتَّفَقٌ بِهِ اشاري نه ڪرڻ جو قول ظاهر ٿيو ۽ گهڻن علمائن، اشاري ڪرڻ کي حرام ۽ مڪروه چيو آهي. جڏهن ڪو به امر، حل ۽ حرمت ۾ دائر ٿو ٿئي ته ترڪ ان جو اولىٰ آهي.

ارشاد ۱۰ فرمايائون احوال شريعت جا تابع آهن، نه احوال جي شريعت هرگز تابع ناهي جو ته شريعت قطعي دليلن سان ثابت ٿي آهي ۽ احوال ظني آهن جو، ڪشف ۽ الهام سان ثابت ٿيا آهن

ارشاد ۱۱ فرمايائون عجب آهي خام درويشن تي جي، ناتمام آهن، جي پنهنجي ڪشف تي پيروي ڪري شريعت جي انڪار ۽ مخالفت ۾ ڪاهي پيا آهن. حالانڪ جي حضرت ڪليم الله عليه الصلوٰة والسلام حضرت نبوت رسالت پناه صلى الله عليه وسلم جي زماني ۾ هجي ها ته ان کي سواءِ تابعي شريعت محمدي صلى الله عليه وسلم جي ٻيو ڪو به چارو نه رهي ها ڇو ته درويش باطن جا انهن شريعت نبوي صلى الله عليه وسلم مان چاجاڻن

ارشاد ۱۲ فرمايائون، حضرات خواجگان نقشبندي قدس الله اسرارهم جن فرمايو آهي ته نسبت اسانجي مٿي نسبتن کان عالي درجي کي پهتل آهي اهو ئي سبب آهي جو طريقو سندن متابعت سنت سنيه ۽ رعايت عزيمت قويه جي ٻين طريقن کان زياده آهي ان ڪري هنن سڀني جي نسبت ٻين طريقن جي نسبت کان زياده ٿي.

ارشاد ۱۳ فرمايائون، عمل صالح کي هٿ ائين ڦاٿو ڪري، جيئن ٻار ڪاٺين کي. هٿ هن کي جنهن جو عمل ڪندڙ کي پنهنجا عمل سهڻا نظر اچن. ماڻهن کي گهرجي ته گهڻيون نيڪيون ۽ خرابيون پنهنجيون ياد ڪري اه ملخصًا

ارشاد ۱۴ فرمايائون، جيستائين ڪنهن کي علم ظاهري جو پورو محاورو نه هوندو، اهو ولين سڳورن جو ڪلام مبارڪ سمجهي نه سگهندو.

ارشاد ۱۵ پوئين بيماري ۾ فرمايائون ته جا، ڪماليت جنهن جو حاصل ٿيڻ انسان جي حق ۾ متصور ۽ ممڪن آهي سا معالي آن سرور عليه وعلى آله الصلوٰة والتسليمات جي مونکي عطا ٿي آهي. هن عبارت جو حق حضرات مخدوم زادن لکيو آهي.

راقم الحروف:- صاحب حدائق الورديه جي حضرت شاه غلام علي محدث دهلوي قدس سره جي ملفوظات ۾ انهي عبارت کي هن معنىٰ جو لباس ڏنو ويو آهي

وَقَالَ كُلُّ الْكَمَالَاتِ الْمُمْكِنَةِ فِي الْاِنْسَانِ دُوْنَ النُّبُوَّةِ

ظَهَرَتْ فِي حَضْرَتِ الْمُجَدِّدِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالىٰ عَنْهُ اه ملخصًا

حضور جن جا فرمودا
مڪتوبات شريف تان ورتل

فرمودو | اي فرزند! فرصت ۾ وانڊڪائي ۽ چڱڀلائي غنيمت سمجهڻ گهرجي هميشه
پنهنجن وقتن کي ذڪر الاهي ۾ مشغول رکڻ گهرجي جيڪو به ڪم شريعت روشن جي موافق
ڪيو وڃي، اهو ڪم ذڪر ۾ داخل آهي اگرچه خريد، فروخت جو ڪم هجي، پوءِ به پنهنجي
سمورن ڪمن، خواه نشت برخواست ۾ شريعت جي حڪمن جي رعايت ڪرڻ گهرجي
جو، طالب جا اهو ڪم به ذڪر ۾ داخل ٿئي. (مڪتوب ٤٥ دفتر ٻيو)

فرمودو | نصيحت، جا دوستن سعادت وارن کي ڪرڻ جهڙي آهي، سا هيءَ آهي تہ تابعداري سنّت
محمدي علي صاحبها الصلوات والتحية جي ڪرڻ گهرجي ۽ پرهيز بدعت ناپسند کان. جو ڪم،
سنّت محمّدي صلي الله عليه وسلم جو، خلق صفائي ۾ ٿورو هجي ان سنّت کي ڪري
يعني ان کي عمل ۾ آڻي ته ان کي سؤ شهيدن جو ثواب آهي ۽ جو شخص ڪنهن فرض
واجب مثل کي ڇڏي ته ان کي ته بالڪل گهٽ ثواب ملندو. نماز جي رڪنن ۾ آرام ۽ تعديل
(رڪوع، سجدي، قومه ۽ جلسي ۾) جو، اڪثر علمائن حنفين وٽ واجب آهي ۽ امام
ابويوسف ۽ امام شافعي وٽ فرض آهي ۽ بعضي علمائن حنفين وٽ سنّت موڪدہ واجب
جي قريب آهي. اڪثر ماڻهن انهي عمل کي ڇڏي ڏنو آهي. اهڙي عمل کي ڇڏڻ ڇولجہ،
سؤ شهيدن في سبيل الله جي ثواب کان زياده ٿيندو انهي قياس تي ٻيا ڪم شريعت جا
آهن، مثلاً حرمت، حلت ۽ ڪراهت وغيرها. حاصل ڪلام ظاهر پنهنجي کي شريعت
جي حڪمن سان سينگاري پوءِ باطن ڏانهن متوجه ٿيڻ گهرجي. شريعت جي تابعداري
کانسواءِ طالب جو باطن ڏي متوجه ٿيڻ غفلت آهي. شريعت جي احڪامن سان پاڻ کي
سينگارڻ به سواءِ مدد باطني جي ڏکيو آهي. علماء فتوي ٿا ڏين، ڪما اهل الله ٿا ڪن ته
جيڪو باطن سان مشغول ٿو رهي ۽ ظاهر شريعت کان پري ٿو رهي، اهو شخص ملحد
(بي دين) آهي اهڙي شخص جا جي احوال باطني ڪيس پاڻ کي ڏسڻ ۾ اچن سي استدراج
آهن باطن جي حال جو صحيح هجڻ ان جو نشان آهي ته اهو شريعت جي احڪامن سان
سينگاريل هجي، استقامت جي واٽ هي آهي (مڪتوب ٨٧ دفتر ٻيو)

فرمودو | ڳاءِ ڪشي هندستان ۾ وڏو اسلامي شعار آهي ڪفار جزيه ڏيڻ ۾ شايد راضي ٿيندا

پر ڳاڙکنشي ۾ هرگز راضي نه ٿيندا. "مڪتوب ٨١ جلد اول"

فرمودو: جي طالب کي ٻن شين ۾ سستي نه ڪرڻ گهرجي. هڪ تابعداري صاحب شريعت عليه وعلیٰ آله الصلواة والتسليمات والتحيات جي هجي يعني جناب رسول مقبول صلی الله عليه وسلم جي شريعت جي حڪمن تي پورو قائم رهڻ ٿو هجي. ٻيو پنهنجي مرشد، صاحب شريعت جي محبت ۽ اخلاص ۾ پورو هجي، انهن ٻن شين جي ثبوت هوندي جي، هزارين اڻ انداز پنهنجي باطن تي غالب ٿو سمجهي ته ڪو فڪر نه ڪري نيٺ ان کي ضايع نه ڪندو جي عياذ بالله سبحانه انهن ٻن شين ۾ نقصان پيدا ڪيائين يعني جي شريعت جو تابع نه آهي ۽ مرشد جي محبت تي قائم ناهي. اها پنهنجي لاءِ خرابي جي مٿان ڄاڻي، اگرچه پنهنجي خيال ۾ هو ڄاڻي ته انهن ٻن شين کان سواءِ به منهنجي قلب کي حضور آهي ۽ جمعيت حاصل اٿم جو ته اهو مرگو استدراج آهي (يعني شيطان در جي ٻڌ رجي) انهيءَ طالب کي خراب ڪرڻ ٿو گهري قال الله تعالیٰ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝ وَاُمْلِيْ لَهُمْ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ۝) جو آخر ڪار اهڙي قسم جي طالب کي دز(خرابي)بش اچڻي آهي. گهرجيس ته حق سبحانه وتعالیٰ جي درگاه ۾ عاجزي ۽ زاري سان سوال گهري ته مٿس مٿين ٻن شين جي استقامت کيس نصيب ٿئي جو ته انهن شين تي دين جي ڪم جو مدار آهي ۽ اهي اخروي نجاة جو سبب آهن. مڪتوب ٣٠ جلد ٻيو)

قدسيات حضرات القدس
جلد ثاني تان آندل

قدسيه ۱:- فرمايائون، ڪمال عنايت جل جلاله جي مون ڪمترين سان هئي آهي ته ڪا گهڻي هن وات باطن جي ۾ نه رهي آهي جنهن ۾ مون کي جاءِ نه ملي هجي. مريد پنهنجي استعداد موافق سيکنهن طريقي ۾ جو به سلوڪ ڪيو ته مون کي اهو طريقو معلوم ڪرايائون. ان سالڪ کي طريقي ۾ ڪماليت تي پهچايم.

قدسيه ۲:- حضرت حق سبحانه وتعالیٰ پنهنجي عنايت سان درويش(هن) کي اهڙي طاقت بخشي آهي جو جيڪڏهن هن ڪاني ٿڪي کي توجه ڪريان ته هو نه اها ڪاني پنهنجي فيض کان سارين جهان کي روشن ڪري. پر هن آخر زماني ۾ اظهار لاءِ مرضي پرورد گار جي نٿو ڏسان.

قدسيه ۳:- مڪتوب شريف ۾ لکيو اٿن ته علم ۽ معرفتون وڏن نشانن ۽ وڏن ڪرامتن مان آهن. انهي واسطي معجزو قرآني، مڙني معجزن کان زور قوة ۽ بقاوارو ٿيو.

قدسيه:- حضور اقدس کن مکتوبن ۾ لکيو آهي تہ وليئن کان، ڇا ڳين، ڇاپوين، هر ساعت ۾ ڪرامتون ظاهر ٿيون ٿين. مدعي انهن کي ڄاڻي يا نہ ڄاڻي. سچ جو ڏوهہ نہ ٿيو جي انکي ڇمر ٿي نہ ڏنو. گهڻو ڪري ڪرامتون بزرگن جون مريدن خاص ۽ هم مجلس تا ڏس زمانن گذرڻ کان پوءِ اهي ٻانن ۾ ٿڪلن هيٺ تا اچن.

قدسيه:- فرمايائون، جئن قيامت اوڏي ٿيندي ويندي تئن دين ۾ ضعف گهٽو ٿيندو ويندو لاچار ڪرامتن جو ظهور، جو دين جي رواج سببان هو، سو گهٽ ٿو ٿئي. اولياءِ عشرت جا اولياءِ خلوت وانگر ڪرامتن جي ظاهر ڪرڻ کان خدا جي طرف کان روڪيل تا ٿين، خصوصاً هن دور گذرڻ تي حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جي وفات کان پوءِ. ڇو تہ ڪرامتن جو ظهور خواهش ڪندڙ اسم هادي جو آهي جو، ارشاد ۽ هدايت خلق الله جي سان لاڳاپو رکندڙ آهي آخر زمانہ جو خواهش ڪندڙ اسم مضل جو آهي جو، بدعت ۽ گمراهي سان ٻڌل آهي.

قدسيه:- فرمايائون ڇا، ڪرامت صاحب ارشاد مرشد کي ضروري آهي اها ڳالهہ آهي تہ مريد کي هڪڙي خلق کان ٻئي خلق تائين پهچائي ۽ هڪڙي حال کان ٻئي حال تي پهچائي ۽ مريد سعادت جي نشاني وارو هر وقت پنهنجي مرشد کان ڪرامتون ٿو ڏسي ۽ پاڻ ۾ اثر تصرف جا، مشاهدي ۾ ٿو ماڻي. وليئن کي لازم نا آهي تہ عام خلق الله تي ڪرامتون اظهار ڪن، بلڪ محاملو ولايت جو، لڪائڻ سان زور، لانقبّت تور کي "اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قِبَائِيْ لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ". جو فرمودو الهي ڳالهہ تي شاهد عادل آهي. بزرگن فرمايو آهي "عُقُوْبَةُ الْاَنْبِيَاءِ حَبْسُ الْوَحْيِ وَعُقُوْبَةُ الْاَوْلِيَاءِ اِظْهَارُ الْكَرَامَاتِ وَعُقُوْبَةُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَلتَّقْصِيْرُ فِي الطَّاعَاتِ". يعني وحي جو بند ٿيڻ نبين لاءِ عقوبة آهي ۽ ڪرامتن جو اظهار وليئن لاءِ عقوبت آهي ۽ عبادات ۾ سستي ڪرڻ مومنن لاءِ عقوبت آهي. اهـ ملخصاً

معلوم ٿيو تہ ڪرامتون ولايت جو شرط نہ آهن ۽ نہ گهڻن ڪرامتن وارن کان پلو آهي جنهن کان ٿوريون ڪرامتون صادر ٿيون هجن ڇو تہ اصحابي سڀ کان رضي الله تعالى عنهم اتفاق راءِ سان امت جي سڀني وليئن کان زور پلا آهن حالانڪ انهن کان امت جي اولياءُن جيترين ڪرامت صادر نہ ٿي آهي جي، ڪرامتون پلائي تي دلالت ڪن ها تہ هوند انهن کان گهڻيون ڪرامتون صادر ٿين ها.

حضرت سيد نا موسىٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام نبي هو ۽ اتفاق سان اصحابن سڀ کان

ن منهنجا اولياء منهنجي ڪَتي جي هيٺان لڪل آهن ڪوئي انهن کي منهنجي سوا نہ ٿو سڃاڻي

ڪان پيو آهي. ان ڪان پڻ نَوَ معجزا صادر ٿيا. وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍ بَيِّنٰتٍ جي آيت شاهد عادل آهي. بهرحال صاحب شريعت واري ڪان ابتدا عادت جي کوڪم صادر ٿئي ڪرامت آهي جا اهڙا ڪرامت خود معجزو ٻئي ڪريم صلى الله عليه وسلم جو آهي ۽ ڪرامت اولياءَ جي معجزه اعتقاد اهل سنّت جماعت جو آهي، حضرت خواجه امام رباني مجدّد الف ثاني قدس سره ڪان پڻ ٻي شمار ڪرامتون صادر ٿيون آهن جي مون هت جواهر مجدّديه تان آندي يون آهن. تنهن ڪانسواءِ ٻين ڪتابن تان تمام ڪي ٿوريون خاص تبرڪ لاءِ نڪان ٿو جي ڪرامتون حضرات القدس جلد ٻئي تان نقل ڪيون آهن تن جو حوالو ڪونه لکيو اٿم.

پهرين ڪرامت حضرت مجدّد رضي الله تعالىٰ عنه جي سندن ڪلام مبارڪ آهي

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي پهرين ڪرامت سندن ڪلام مبارڪ جنهن ۾ حضور جن ذات ۽ صفات الٰهي جون معرفتون ۽ حقيقتون تان پون ۽ نبوت بالڪل شريعت سان برابر بيان فرمايا اٿون، جو گذشته اوليائن جي حقيقتن معرفتن بيان ڪيلن ڪان ڪيترا ڀيرا زياده آهن. هي به سنّت نبوي صلى الله عليه وسلم جي آهي، جو آنحضرت صلى الله عليه وسلم جو سڀني معجزن ڪان وڏو معجزو قرآن مجيد آهي جنهن وقت ۾ جنهن به شيءِ جو گهڻو رواج ٿيو ٿي انهي قسم جو معجزو نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي عطا ٿيو جيئن انهي رواج ڪيل شيءِ تي غالب اچي جيئن ته حضرت موسىٰ عليه الصلوٰة والسلام جي وقت ۾ جادو جو گهڻو رواج هو. الله تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام کي لٺ مبارڪ عطا فرمائي جنهن سڀني جادوگرن کي بس ڪرائي ڇڏي. حضرت عيسىٰ عليه الصلوٰة والسلام جي وقت ۾ طبيبن جو وڏو زور هو، جيئن ته سمورا حڪيم مثلاً افلاطون، ارسطاطاليس، جالينوس ۽ ٻيا انهي زماني ۾ هوا. انهي ڪري حڪيم مطلق جَلَّ وَعَلا حضرت عيسىٰ عليه السلام کي مئلن کي جيري ڪرڻ جو معجزو عنايت فرمايو جنهن ڪري سڀ حڪيم عاجز ٿي پيا. حضرت رسالت پناه صلى الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو وڏو چرچو هو جيئن ته عرب جا شاعر پنهنجا پنهنجا قصيدا لکي ڪعبه معظمه جي ديوار پاڪ تي چنبڙائي ايندا هوا، انهي ڪري الله جَلَّ جلاله قرآن شريف جو فصاحت ۽ بلاغت جي ڪماليت جو نمونو آهي، جناب حضرت رسالت مآب

صلي الله عليه وسلم کي عنايت فرمايو جنهن شاعر ان ڏسي نهايت قصيدا جا سوراڪ اتي ڳالهه ٻڌايا

— حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي وقت ۾ حقيقتن ۽ معرفتن جو عام رواج هو جيئن ته زماني جي مشائخن جي مجلسن ۾ اهو نئن ڪرهندا هئا ۽ انهي علم جا ڪتاب جوڙيندا هئا سو الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي سنت نبوي جي مطابق ۽ موافق اُهي اُهي حقيقتون ۽ معرفتون منڪشف فرمايون جو هزار سال جي عرصي ۾ ڪنهن به ولي الله کان ظهور ۾ نه آيون هيون اهائي حقيقت شريعت جي آهي جنهن لاءِ نبي سڳورا مبعوث ٿيا ۽ ڪلام مجيد جي معرفت آهي جو الله تعاليٰ حضور جن تي ظاهر فرمائي برخلاف هن جي پهرين ولين جون حقيقتون ۽ معرفتون سراسر شريعت جي برخلاف آهن جيئن ته وحدت وجود جا قائل هوا جنهن جي تلقين جيڪو به صاحب قال جو ڪري ٿو گمراهي ۾ پوي ٿو.

حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي ڪلام جو تفصيل

— حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي تصنيفات درباره حقائق ۽ معارف ٽي جلد مڪتوبات شريف جا ۽ ست رسالا آهن. پهرين جلد ۾ نبين جي تعداد مطابق ٽي سو تيرهن[۳۱۳] مڪتوب آهن. ٻئي جلد ۾ اسماءِ حسنيٰ جي شمار موافق نوانوي[۹۹] آهن ۽ ٽئي جلد ۾ قرآن شريف جي سورتن جي عدد برابر هڪ سو چوڏهن[۱۱۴] مڪتوب شريف آهن ست رسالا هي آهن. هڪ[۱] "مبدء معاد" ٻيو[۲] معارف الدنيه" ٽيون[۳] مڪاشفات عينيه" چوٿون[۴] اثبات النبوة" پنجون[۵] "رد روافض"، ڇهون[۶] "رساله تهليليه" شرح ڪلمه طيبه ستون[۷] "شرح رباعيات خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه. روضة القيوميه سلسلة الذهب واري پڻ ٻيا به رسالا مبارڪ لکيا آهن، "تعليقات[۸] عوارف"، "آداب المريدين[۹]". "زبدة المقامات جو صاحب، هڪ رساله جذبه[۱۰] وسلوڪ" زياده لکي، رقم تو فرمائي ته هن کانسواءِ ٻيا به رسالا هئا

— حضرت قبله عالم غوث الاعظم مرشد نامولانا خواجه حاجي آغا سجاده نشين حضرت دارالارشاد ٽنڊو سائينداد جن پنهنجي رسالي انساب الانجاب ۾ هيٺيان رسالا زياده لکي فرمايا آهن، "رساله[۱۱] تعين لاتعين"، رساله[۱۲] وحدة الوجود، رساله[۱۳] مقصود الصالحين.

— راقم الحروف عرض تو ڪري ته مٿين رسالا تيرهن[۱۳] مٿيان معلوم ٿيا هن کانسواءِ ٻيا به

هوندا ته عجب ڪونهي. جڏهن ته دهليءَ جي شهر ۾ هڪ ڪتب فروش مونکي ڇپيو ٿيل هڪ ڪتاب
مون وٽ موجود هو مگر هاڻي فروخت ٿي ويو آهي جنهن ۾ ڇاپيل حديثون صحيح خاص نماز
جي باري ۾ وڏي تحقيقات سان لکيل هيون اهو رسالو جناب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني
رضي الله تعالیٰ عنه جو تاليف ڪيل آهي. بهر حال حضرت مرشد ڪريم مشفق غريبم انساب الانجاب
۾ رسالن جانان الامبارڪ جي آخر ۾ جانان چڱو تحرير فرمايو آهي جو بالڪل ڪافي، وافي ارشاد آهي
وهو هذا " هاڻو:- جنهن شخص لاءِ مڪتوبات شريف جهڙو ڪتاب ياد گار رهي پئي ٿو ان جي لئي
ڪلمه ته آهي من چه گويم وصف آن عالي جناب نيست پيغمبر ولے دارد ڪتاب

ڪرامت:- هڪ بزرگ صاحب وجد ۽ حال کان روايت آهي ته جڏهن حضور اقدس جون
ڪرامتون ۽ مناقب پنهنجي ملڪ ۾ ٻڌم ۽ سندن شهرت هر ملڪ ۾ ٿي وئي، تڏهن سندن ديدار
فائض الانوار جي ارادي سان سرهند شريف ۾ آيس. جو ٽين پهر رات جي گذري وئي هئي جو
شهر ۾ داخل ٿيس شهر ۾ هڪ مسجد هئي جنهن ۾ منهنجو رهڻ ٿيو ان مسجد جي پاڙي
وارا مونکي پنهنجي گهر وٺي ويا ۽ تمام گهڻي تعظيم ڪئائون مون انهن مان هڪ کان حضور
اقدس جو احوال پڇيو اهو بدبخت سندن حق ۾ گهٽ وڌ چوڻ لڳو مونکي تمام گهڻي ڏمنيان لڳي
پوءِ حضور اقدس جي باطن ڏانهن متوجه ٿيس ۽ وچتو ڏسڻ ۾ آيو ته حضرت اقدس جن جي
اگهاڙي تلوار هٿ ۾ آهي ان بدبخت يهودي واقعي ٽڪي تلوار سان ٽڪر ٽڪر ڪري ٻاهر
ڪري ويا مونکي انهي حالت ڏسڻ کان پوءِ گهڻي دهشت غالب ٿي آئون پشيمان بدن ٿيس مگر ڪين
مون ڪنهن کي نه چيو جو غائب ٿي ويا صبح جو سندن حضور ۾ اچي مشرف ٿيس مونکي اهو ئي خوف
۽ ڪئي بدن ۾ موجود هئي. پاڻ مونکي ڏسي پاڻ مرڪي ڪن ۾ فرمايائون مَا مَضَى بِاللَّيْلِ لَمْ
يُذْكَرْ بِالنَّهَارِ. يعني رات واري حالت ڏينهن جو بيان نه ڪجي تڏهن کان پوءِ ان پاڙي ۾ وئيس
ڏٺم ته اتي وڏو شور ۽ گوڙ آهي ته فلاڻي کي رات جو الائي ڪير ڪهي ويو.

راقم الحروف:- صاحب مواهب السرمديه جي لکيو آهي ته اهو شخص دور دراز ملڪ جو
ويل هو جڏهن ته لکي ٿو " وَقَصَدَ زِيَارَتَهُ رَجُلٌ مِّنْ بِلَادٍ شَاسِعَةٍ فَأَتَى سَهْرَنْدَ لَيْلًا وَبَاتَ عِنْدَ
اَحَدِ الْمُنْكِرِيْنَ عَلَى الشَّيْخِ قُدِّسَ سِرُّهُ وَهُوَ لَا يَشْعُرُ فَسَأَلَهُ عَنْ سَبَبِ شُخُوْصِهِ إِلَى سَهْرَنْدَ
فَقَالَ لَهُ الخ (المواهب السرمديه في مناقب النقشبنديه مطبوعه مصر (ص ١٨٢))

ڪرامت:- هڪ بزرگ ڪماليت وارو روايت تو ڪري ته آئون بنگال کان اڪبرآباد ۾ آيو هوس

حضور اقدس قدس سره جن ڀيڻ ان شهر ۾ تشريف فرمايا هوا هڪ رات سندن حضور ۾
اچي ذڪر وٺڻ لاءِ عرض ڪيم پاڻ منهنجو عرض قبول ڪري ذڪر جي تلقين ڏنائون. سندن توجه
عنايت ٿيڻ پر تاثير مان اهڙي حالت غالب ٿي جو ان رات چڙين وانگر ٿي اُٿاهون ٻاهر نڪتس
۽ جهنگ ۾ وڃي پيس. گهڻي مُدّت جبلن ۽ پٽن ۾ پيو گهميس. ڪانڊا، پٿر ۽ ٻنڊ ڪرڻ مان ڪنهن
بہ قسم جي خبر ڪا نہ هيم. جيڪي انهي وچ ۾ ڏٺم ۽ جن مرتبن کي پهتس تن جي ڳالهه ڪري نٿو سگهان

تصرّف:- هڪ سادات سڳوري کان روايت آهي جو ظاهر ۾ سوداگر ۽ باطن ۾ خدا جلّ وعلا
سان حاضر هو، تہ آءُ وقت جي گهڻن مشائخن جي خدمت ۾ ويو هوس. هر هڪ کان ذڪر ۽ مراقبي
جي ترتيب ورتي هوم. آخر هڪ دفعه سرهند شريف کان گذر ٿيڻ جو اتفاق ٿيم سومهڻي
جي محل سندن آستان عرش نشان تي پهتس ۽ سندن حضور ۾ حاضر ٿي پنهنجي طلب
جو شوق ظاهر ڪيم. جواب ۾ فرمايائون تہ تادهانگي ذڪر جي تعليم ڏبي. جنهن تي نهايت
عاجزي سان عرض ڪيم تہ ظاهري طرح گهڻن مشائخن کان ذڪر خاص ورتو اٿم پر فائدو ڪونہ
ٿو ٿئي. پاڻ ان وقت مراقبي ۾ سر مبارڪ گريبان ۾ ڪري پنهنجي توجه کان مون کي نوازيائون
مون تي ان هڪ گهڙي جي نظر پُراثر جي برڪت سان استغراق ايترو غلبو ڪيو جو ٻيءَ جي وقت
تائين پنهنجي وجود جي پوري خبر ڪا نہ رهيم. صبح جو هوش آيم پوءِ سندن حضور ۾ عرض
ڪيم تہ سوداگري کي ڇڏي خلوت قبول ڪيان؟ پاڻ فرمايائون تہ "سوداگري ۾ لقمو حلال جو
حاصل ٿيندو ان کي نہ ڇڏ جيڪي تو کي مليو آهي ان کي محڪم ڪر. پوءِ هي آيت سڳوري پڙهي
مون کي ڏنائون. رِجَالٌ لَّا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ (الآيَةَ)

ڪرامت:- هڪ صحيح النسب سيد، جو حضور اقدس سره جو گهڻو رهي سندن تصرف کان
اهڙي مرتبي کي پهتو هو. جو زمين ۽ آسمان جا طبقا ان تي ظاهر ٿي ويا، عجيب احوال ان کي
ڏسڻ ۾ ايندا هئا ان کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن منهنجي دل ۾ خطرو ٿيو تہ حضور اقدس جن هن وقت
۾ ڪرامت ظاهر نٿا فرمائن. خطري پوڻ شرط، جا مهرباني مون تي هُئي بند ٿي وئي. يقين
جاتم تہ هي قبض، خطري جو نتيجو آهي پوءِ ٽڪو ڳچي ۾ وجهي حضور اقدس جي قدمن
مبارڪن ۾ وڃي پيس ۽ عجز ۽ زاري ۾ مشغول ٿيس پر پنهنجي خطري کي ظاهر نہ ڪيم. حضرت جن
لمحي کان پوءِ سر مبارڪ کڻي فرمايو تہ ڪرامت جا طالب ٿيا آهيو اهو خطرو تو تي فلاڻي جي صحبت
کان ٿيو آهي پوءِ نالو ان جو ورتائون جنهن جي صحبت کان مون کي خطرو پيو هو.

ڪرامت ٩:- هڪ ڀيري حضور اقدس کي بيماري ٿي. ڏهه، ٻارنهن ڏهن داڻا ڏاک جا ڪاٺ لاءِ گهرايائون، جي خادم خدمت ۾ اچي حاضر ڪيا. حضور اقدس جن مراقبو ڪري هن ڳالهه ڏانهن متوجهه ٿيا ته ڏاک جو ڪاٺ نفع ڪندو يا نه. گهڙيءَ کان پوءِ مٿو مبارڪ مراقبي کان مٿي ڪري فرمايائون ته عجيب احوال ڏسڻ ۾ آيو، جو هي داڻا ڏاک جا مناجات ۾ مشغول ٿي دعا پيا ڪن ته اي خدا اجل وعلا جڏهن مونکي تنهنجي دوست، ڪاٺ لاءِ گهرايو آهي ته تنهنجي مون ۾ صحت ۽ نفعي جو اثر عطا فرماءِ جيئن ته جيڪو به مريض اسان مان کائي، تنهن کي شفا ٿئي. حق سبحانه وتعاليٰ انهن جي مناجات قبول ڪئي. فرمايائون ته هي ڳالهه مونکي اهڙي ريت ڏسڻ ۾ آئي جنهن ۾ ڪنهن قسم جو شبهو ڪونهي. پوءِ ٻئي داڻا کاڌائون ڪاٺ شرط پاڻ چڱا ڀلا ٿيا تنهن کان پوءِ، جو به بيمار، باقي رهيل ڏاک مان کائيندو هو ڪاٺ شرط تندرست ٿي ويندو هو. پوءِ پاڻ فرمايائون ته جي داڻا گهڻا هجن ها ته هونئن گهڻن کي فائدو ٿئي ها.

ڪرامت ١٠:- هڪ سادات سڳورو، جو سنڌ جي قديمي مريدن مان هو نقل ٿو ڪري ته حضور اقدس جو پاڻ "سرونج" جي شهر ۾ رهندو هوان ته انهن مونکي خط ڏنائون ۽ فرمايائون ته منهنجي پاءِ کي ڏيئي اچ. حڪم عالي موجب وڃڻ لاءِ تيار ٿيس. موڪلائڻ وقت الحمد پڙهي فرمايائون ته رات ۾ "لِاِيۡلٰفِ قُرَيۡشٍ" جي سورة گهڻي پڙهج جو آفتن کان سلامت رهندين ۽ جڏهن به توکي ڪا مشڪل پوي ته مونکي ياد ڪج پوءِ پيرن ٿي هٿ رکي راهي ٿيس اتفاق سان هڪ وڏي جماعت مون سان واٽ ۾ رفيق ٿي. جڏهن "سرونج" پهچڻ ۾ ٻئي منزلون رهيون ان جاءِ تي نهايت ڊپ جهڙو جهنگ هو، جنهن جو ڳاهه آدمي جي ٻن قدن جيترو بلند هو. آءُ قضاءِ حاجت جي خيال سان جهنگ ۾ ويس رفيق ٻاهران بيٺي رهيا. فراغت کان پوءِ وضو ساري شڪراني جون ٻه رڪعتون نفل پڙهيم انهي وچ ۾ جهنگل جو ڳاهه چرڻ لڳو نگاهه ڪيم ته شينهن گجندو ٿو اچي. آخر منهنجي سامهون اچي بيٺو، مون حضور اقدس امام رباني قدس سره کي سڏ ڪري چيو ته اوهان مونکي فرمايو هو ته جنهن وقت ڪا به مشڪل توکي پوي ته مونکي ياد ڪج هاڻي مدد جو وقت آهي. شينهن کان بچايو. اجا ڳالهه پوري نه ڪيم ته حضور اقدس جن اچي حاضر ٿيا شينهن کي هٿ مبارڪ سان اشارو ڪيائون ته پري ٿيءُ. شينهن منهن ڦيرائي ڀڄي ويو. جڏهن نگاهه ڪيم حضور اقدس جن منهنجي نظر کان غائب ٿي ويا رفيقن اهو سمورو احوال پري کان بيٺي ڏٺو مونکي چيائون ته هي ڪهڙو رنگ هو، جو هن وقت

تنهنجي مدد لاءِ آيو. مون حضور اقدس جو نالو مبارڪ ورتو پوءِ ساري جماعت ڏانهن نهايت اعتقاد واري ٿي
ڪرامت ۽ـ هڪ سادات سڳوري نقل ڪئي ته مون حضور اقدس کان ٻڌو هو ته جتري
ته بدڪافرن جي ٻُتن جي اهانت مسلمانن کان ٿي سگهي ڪرڻ ۾ سُستي نه ڪن جو انهن
کي ثواب غازين جو ملندو ۽ جيڪي جهاد ڪندا آهن. هڪ ڀيري آءٌ ٻن ٽن دوستن سان ڪن
جي جهنگل ۾ پئي ويس ته هڪ بُت خانو نظر آيو جنهن ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو دل ۾ خيال ڪيم
ته حضور اقدس جي نصيحت تي عمل ڪريون يعني انهي مورتين وغيره جيڪي به بت منجهس رکيل
آهن تن جي ڇتيون اهو ارادو پڪو ڪيو سين نيٺ ڪن بتن کي ڀڳو سين اوچتو هزارين ماڻهو، جي
مورتين جي ويجهو رهندا بت پرست هوا هٿن ۾ لٺيون، پٿر، تيرون ۽ ٻيون وڙن سان پري
کان ڏسڻ ۾ آيا مونکي خواه منهنجي رفيقن کي ڏاڍو خوف ٿيو جنهن جي ڪاواڙ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي
جنهن ڪري مرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه علاج نظر ۾ ڪونه آيو، انهي وچ ۾ حضور اقدس امام رباني
مجدد الف ثاني قدس سره کي دل ۾ ياد ڪري ۽ نهايت عجز ۽ زاري سان ڪين پنهنجي اڳيان
حاضر سمجهي پڪاري عرض ڪيم ته اي بزرگ دين جا اوهان جي نصيحت تي پورو عمل ڪري
هي ڪم ڪيو سون اسانکي هنن ڪافرن جي شر کان بچايو انهي ٻاتاڻ جي حالت ۾ حضور اقدس
جو منهنجي ڪن تي هي آواز پهتو ته دل جاءِ ڪر جو سگهو ئي تنهنجي نگهباني لاءِ لشڪر اهل اسلام جو ٿا
موڪليون، مون اها خبر پنهنجن رفيقن سان ڪئي ايتري ۾ ڪافر به هڪ تير جيترو جو قدر اڳي
ويجهو پهتا اوچتو مٿاهين کان چاليهه سوار غيب کان ظاهر ٿيا. تکي گهوڙن کي لڪ هڻي
پهتا ۽ ڪافرن جي جماعت تي سخت ڪاوڙ سان يا اسان کي ڪافرن جي شر کان بچائي پاڻ همراه ڪيائون
جن هن ڪافر نظر کان غائب ٿيا ته هن اسان کان موڪلائي ويا.
ڪرامت ۽ـ غفران پناه حاجي عبدالحق دهلوي، جو هندستان جي وڏن عالمن ۽ صاحب تصانيف
مان هو، نقل ڪئي ته هڪ ڏينهن وقت جي عالم جي ڪچهري ۾ ويٺو هوس انهي وچ ۾ حضور
اقدس جو ذڪر نڪتو اهو عالم سندن نسبت ۾ گهٽ وڌ چوڻ لڳو مون چيو ته مون سان ڪٿي
صحبت ڪئي آهي ۽ ٻين گهڻن مشائخن کي ڏٺو اٿو، جا تابعداري سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي حضور
اقدس کي عطا ٿيل آهي اهڙي استقامت نه ڪنهن بزرگ ۾ ڏٺم نه ٻڌم. اهو عالم گهڻو بحث ڪرڻ لڳو تڏهن
مون چيو ته اچو ته وضو ڪري قرآن مجيد کولي جا آيت پهرين نڪرندي اها آيت پڙهبو ته حضور اقدس
جي باطني احوال جي گواهي ڏيندي ته هوندي نيٺ وضو ڪري بزرگ کتون ته هيو سون پوءِ ان عالم قرآن شريف

نهايت عاجزيءَ سان ڪنيون کوليائين ته هيءَ آيت سڳوري سورة نور جي نڪتي. رِجَالٌ لَّا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ الاٰية. اِهو عالم سورة نور جو نور ڏسي حيرت جي عالم ۾ پئجي ويو ۽ انهيءَ نور جي وسيلي سان هدايت واريءَ پهچي اچائي گفتگو کان پشيمان ٿي توبه ڪري ٻگوءِ مون شڪر خدا انعم نواله جو بجاءِ آندو.

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن ۾ مان هڪ امير ٻڌو ته حضور اقدس جن بادشاه جي وزير جي گهر تشريف فرمايا آهن، دل تنگ ٿي چوڻ لڳو ته حضور اقدس کي لائق نه هو جو دنيادار جي جاءِ تي وڃن، هڪ درويش حضور اقدس جي مخلصن مان ويٺو هو چيائينس ته حضور اقدس جن ڪنهن مسلمان جي ڪم پوري ڪرڻ يا دين جي رواج ڏيڻ لاءِ ويا هوندا ۽ ولين سڳورن تي اعتراض ڪرڻ جو نتيجو چڱو نه نڪرندو. امير ان رات خواب ڏٺو جنهن جو احوال ڪيائين ته هڪ ڏاڍي جماعت رجال الغيب جي ڏنڊن جي مونکي ڏوهين وانگر گهلڻ لڳا ۽ منهنجي زبان وڍڻ لاءِ ڪاتي ڪڍي چيائون ته تو حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه تي جو اعتراض ڪيو هو جنهن توبه ۽ گهڻو استغفار ڪيم ته انهن مونکي ڇڏي ڏنو ته اڳتي وري اعتراض ڪرڻ کان توبه ڪيم.

ڪرامت:- حضور اقدس جن جي ارشاد جي اڃا پوري شهرت ڪانه هئي. اول وقت هو ته ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پاڙي ۾ نيڊ جي چوري ٿي دلي وقت جي حاڪم کي ماڻهو موڪليا ته پاڙي وارن سڀني کي وٺي اچو انهن ۾ ڀي چيائون ته حضور اقدس کي چيو ته توهان کي حاڪم گهرايو آهي حضور اقدس جن ان وقت حويلي مبارڪ کان ٻاهر نڪتا هوا ۽ سنڌ ۾ مريدن مان ڪوبه ان وقت حاضر ڪونه هو. پاڻ انهن ماڻهن سان پيادا اڳتي جي حاڪم ڏانهن تشريف فرمايا. حاڪم جڏهن حضور اقدس کي ڏٺو ته هن بي اختياري سندس ساري بدن ۾ ڏڪڻي پوڻ لڳي جنهنڪري حضور اقدس کي موڪل ڏنائين پر حضور اقدس جي غيرت جو تير ڪمان کان ٻاهر نڪري چڪو هو ان ڏينهن يا ٻئي ڏينهن حاڪم سان هڪ جماعت جي جنگ شروع ٿي غيب مان حاڪم جي دروازي کي باهه لڳي جنهن ڪري پهچي پاڻ پٽن ۽ گهر وارن سميت سڙي مري ويو جنهن جي جسم جو نالو ۽ نشان ڪونه رهيو.

بی ادب تنها نه خود را داشت بد — بلکه آتش در همه آفاق زد

وَلِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ: پروانه چرا سوخت چو با شمع درافتاد — با سوختگان هر که درافتاد برافتاد

راقم الحروف:- زبدة المقامات مان معلوم ٿيو ته قطار دڇرهن، نيز جو جو راڳي ويو هو مولانا طاهر ان وقت حاضر هو ان حاڪم ڀي ادب کي گهڻو سخت ڳالهايو هو.

ڪرامت:- حضور اقدس جڏهن جن ڏينهن ۾ اجمير شريف رهندا هوا، تن ڏينهن ۾ رمضان شريف جو چنڊ ميهن وسندي ڏٺو. ميهن جو تمام گهڻو غلبو هو، رات ڏينهن ميهن بند نه ٿيندو هو. حضرت جن اندر مسجد ۾ تراويحون پڙهڻ شروع ڪيون جنهن ۾ سندن مريدن کي گهڻي تڪليف ڏني. هڪ رات تراويحن کان فارغ ٿي جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪتا تڏهن آسمان جي طرف نظر ڪري فرمايائون ته "جي قرآن شريف جي ٽن ختمن ڪرڻ تائين، جا اسان جي اڳوڻي عادت آهي، برسات رات جو فرصت ڏئي جيئن تراويحون مسجد جي اڱڻ ۾ پڙهون ته نعمت آهي". ان رات کان وٺي برسات رات جو وسڻ بند ٿي. ستاويهين رات ٽئي ختمان قرآن شريف جا پورا ڪيائون ختمي پوري ڪرڻ کان پوءِ ان رات ايترو ميهن يڪبارگي آيو گويا آسمان جي وات ٽٽي وهڻ لڳو ۽ هڪ ٻيهري پيپ پاڻي هاري ڇڏيائون. مطلب ته بارش گذريل راتين جي ڪثر ڏئي ڇڏي.

صاحب حدائق الوردية جي هيٺين عبارت جو مطلب به انهي ڪرامت ڏانهن آهي

وَنَظَرَ مَرَّةً إِلَى السَّمَاءِ وَهِيَ تُمْطِرُ فَقَالَ بِهَا أَقْلِعِي إِلَى وَقْتِ كَذَا فَحُبِسَ الْمَطَرُ إِلَى ذَالِكَ الْوَقْتِ

جي اهڙو ويو وقت هوندو ته به عجب نه آهي.

ڪرامت:- انهيءَ ساڳي مسجد شريف جي ڇت نهايت ڪچي ڪُني ٿي ٽڙي پي ڪرڻ کي ويجهي ٿي هئي ماڻهن کي خيال هو ته جاڻ ٿي ڪري ته هنڪري کوبان جي ويجهو نه ٿي آيو. حضور جن فرمايو ته فڪر نه ڪريو جيستائين اسان هت هونداسون ڇت نه ڪرندي تنهن کان پوءِ حضور جن جا طالب ٻنان اُٿڻ کي ۽ انتظار جي ان ڇت جي هيٺان نماز پڙهندا هوا، مراقبي، ذڪر ۽ شغل ۾ رهندا هوا جڏهن حضور جن جي اتان هوڻ روانگي ٿي ته بنياد ڇت ڪري پئي. (روضة القيوميه)

ڪرامت:- هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته مونکي مرض سبات اهڙو هلاڪ ڪيو جو هلڻ جي طاقت نه رهي ما انهي حالت ۾ روح پرفتوح حضرت اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ڏانهن متوجه ٿيس. توجه ڪندي بي هوشي جي حالت ۾ مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته حضور اقدس جن حاضر ٿي منهنجو هٿ وٺي فرمايائون ته اُٿي. ان نفس نفيس عيسىٰ دم جي برڪت سان هوش ۾ اچي تپ ٽڙي اُٿيس هڻن ظاهر جي اکين سان سندن ديدار کان مشرف ٿيس. جمال جهان آرا جي ڏسڻ شرط منهنجي بدن ۾ گهڻي توفيق ڏنم ۽ تعظيم واري ڏانهن هلڻ لڳس پاڻ فرمايائون ته تو جا آندو آهي ۽ عرض ڪيم مون اخلاص آندو آهي، فرمايائون ته پوءِ تو سڀ جيڪي آندي پوءِ پاڻ نظر کان غائب ٿي ويا تنهن کان پوءِ منهنجي بدن ۾ نگاه ڪيم ته بيماريءَ جو ڪو به اثر ڪونه هو

فيض روح القدس ار باز مدد فرمايد — ديگران هم بکنند آنچه مسيحا مي کرد

ڪرامت:- شيخ محمد، جو مولانا بدرالدين، صاحب حضرات القدس واري جو چيلو هو نقل ٿو ڪري ته اصفهان جي سفر کان موٽندي گهوڙي تان وات ۾ ڪِري جيئن ڪري پيمانو ڪري آءٌ قافلي کي ڇڏي گهرجين جي گوڏن ۾ ولين جنهن ۾ گهڻو وقت لڳي ويو ايتري ۾ قافلو منهنجي نظر کان غائب ٿي ويو. برپٽ ۽ جبلن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به مونکي نظر نٿي آيو. حيران پريشان ٿي وئڏ تهه طرف ڊوڙيس قافلو يا ڪو انسان مونکي نظر ۾ نه آيو. ان وقت پنهنجي حياتي کان اميد لاهي ڇڏيم. پاڻيءَ جي ڪناري تي ويهي وضو ساري درگاه حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي ۾ نياز ۽ عاجزي ۾ مشغول ٿي مدد گهريم. اوچتو حضور اقدس جن کي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺم جو منهنجي پرسان اچي بيٺا فرمايائون ته هٿ مونکي ڏي. هٿ منهنجو وٺي پويان گهوڙي تي چاڙهي گهوڙي کي تکڙو هڪليائون. هڪ گهڙي ۾ مونکي قافلو ڏسڻ ۾ آيو، پوءِ مونکي گهوڙي تان لاهي فرمايائون ته هاڻي وڃي قافلي سان گڏج حڪم موجب آءٌ قافلي سان وڃي گڏيس جڏهن پوئتي نهاريم حضور قدس سره کي نه ڏٺم.

باش دائم در حضور اوليا — تا نه بيني خويشتن را در بلا
هر که دارد دوستي دوستان — او شود مقبول در هر دو جهان
عارفان گشتند پيش از فوت فوت — لا تموتون هست ازان از مصطفيٰ

ڪرامت:- سرهند شريف جي شهر جو هڪ قاضي زاده، جو حضور اقدس تائين نهايت ارادي وارو هو. هڪ ڀيري اهڙو سخت بيمار ٿيو جنهن جي علاج کان سڀ حڪيم عاجز ٿي پيا. آخر حضور اقدس ۾ هڪ نياز نامون موڪليائين جنهن ۾ نهايت عجز ۽ نياز سان شفا لاءِ دعا گهريائين. حضور اقدس ان جي جواب ۾ لکيو ته اسان توکي پنهنجي ياد ۾ رکيو، انهي بيماري کان ڇڱو ڀلو ٿيندين ان شاءَ الله. حضرت حق سبحانه مهاڻي توجه حضور اقدس جي ان قاضي زاده کي مهلڪ بيماري کان خط پڙهڻ شرط شفا عطا ڪئي. پوءِ اهو قاضي زاده، جڏهن به ڪنهن مجلس ۾ حضور اقدس جو ذڪر ايندو هو ته اهو نقل سوز ۽ تاب سان ۽ شوق ذوق سان بيان ڪندو هو ۽ اهو لکيل جواب حضور اقدس جو پاڻ وٽ تبرڪ ڪري رکي ڇڏيائين —— سبحان الله:- حضور اقدس جو خط مبارڪ ان ارادي واري لاءِ حڪيم لا ثاني ٿي چڪو.

اي کرا اسرافيل وقتند اوليا — مرده را زايشان حيات است و نما

ڪرامت:- حافظ صاحب جنهنجي شفاياب ٿيڻ جو مختصر بيان جواهر مجدديه ۾ ٿي گذريو

نقل ٿو ڪري ته تنهن ٻئي جي وقت ۾ مون قرآن شريف ياد ڪيو هو. اله آباد جي سفر ۾ مون دور نه
پڙهيو تنهن ڪري قرآن شريف وسري ويم انهي حالت کي ٻئي ورهيه گذري ويا. گهڻي مدت
کان پوءِ پنهنجي وطن سرهند شريف ۾ آيس ان ڏينهن ۾ حضور اقدس جن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره کان خلافت وٺي آيا هوا ۽ دهلي وارن يارن جي اڳيان نئين مسجد ٺهرائي
هئائون ۽ رمضان شريف جا ڏينهن هوا. جڏهن سندن حضور اقدس ۾ آيس، ته پاڻ فرمايائون
ته "اي حافظ تراويح ۾ اسان کي قرآن شريف ٻڌاءِ". عرض ڪيم ته قرآن شريف مون کان
وسري ويو آهي. فرمايائون ته پڙهه توکي خدا جل وعلا توفيق ڏيندو. مون ٻڌي پيرانڪا
ڪري سگهيو ٿي عرض ڪيو پاڻ به سگهيو ٿي جواب ٿي فرمايائون نيت موجب حڪم قرآن شريف شروع
ڪيم. سندن فيض جي برڪت سان ٻن رڪعتن ۾ هڪ سيپارو قرآن شريف جا پڙهيم
حضور اقدس جن پٺيان ٻڌندو. ٻين جماعت سان پيو ڪو ڪونه پنهنجو پڻ رات ختم پورو ڪيم. ڪنهن
جاءِ ٿي به اٽڪاءُ ڪون نه پيم اهو سندن خاص تصرف هو ته مون کان قرآن شريف صفا وسري ويو هو
ڪرامت:- ٻئون حافظ، جو هميشه تراويح ۾ ختم پڙهندو هو ۽ حضور اقدس
جي آڳاتن مريدن مان هو، نقل ٿو ڪري ته حضرت جن کي انهن ڏينهن ۾، جو اجازت
طريقي جي ملي، سيد يوسف جي وفات سان آيا هوا اول "مستڪان" جي شهر ۾ آيا تنهن کان پوءِ
"ڪيٿل" جي شهر ۾ شاه ڪمال جي زيارت لاءِ متوجه ٿيا وري موٽي "اجل ور" ۾ آيا، زيارت
شيخ احمد اجراري لاءِ الله رحمه ۾ گهري ويا. جڏهن ته آءٌ سندن سائي منزل هم رڪاب
ٻڌندو آيو هوس. عضوا منهنجا گرم ٿي ويا هوا، اگهه ۾ سار ويهن ن غرق ٿي ويو هو؛ پيٽ نهايت
خشڪ هئي. اڃ جي گهڻائي سبب تڏ وياڪل ٿي پيس. پيٽ شرط حال منهنجو مٽجي ويو. منهن
جو رنگ هئي وقي ويو. دل سڪست ٿيڻ لڳي. نيٺ مرڻ کي ويجهو پهتس. ائين پئي معلوم ٿيم
ته گويا روح منهنجو پيرن کان نڪري سيني تائين پهتو آهي ماڻهو مون ٿي اچي گڏ ٿيا. منهنجو
حال ناميدي جهڙو ڏسي حيران ٿيا انهي ۾ حضرت جن ٿي ڪاڻ نڪري فرمايو ته تنهنجو
ڪهڙو حال آهي"؟ عرض ڪيم ته گرمي ۾ آيو هوس. اڃ جي گهڻائي ڪري پاڻ پيس. هاڻي دل
جي سستي گهڻي آهي. ساه منهنجو هاڻي جاڻ نڪتو. حضرت جن ٻين خادمن کي فرمايو ته "حافظ
کي منهنجي محافي ۾ ڪٽي اچو" پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيا. پاڻ مريدن کي فرمايائون ته "قريب هو
جو حافظ جو ساه نڪري وڃي ها پر مون انکي پنهنجي پاڪ ۾ ورتو". هاڻي گهڙيءَ ۾ چگو

پلو ڏيندو. حافظ ڏوچوي ته اجا تو ري وات نه ڌنيا هوا سون ته پنهنجي بدن ۾ قوت ۽ صحت ڏنم ايتري ته پنهنجو محافي مان لهي پيادو سندن نهم ڪاب تي منزل تائين ڊوڙندو آيس.

ڪرامت:- پڻ حافظ مٿيون قدس سره نقل ڪري ٿو ته هڪ ڀيري حضور اقدس ۾ قرآن شريف جو ختم تراويحن ۾ ٿي پڙهيم. اتفاق سان جنهن رات ختم پورو ٿيڻو هو مونکي تپ محرقي اهڙو عاجز ڪيو جو بي هوش ڪري ڇڏيائين. وچين جي نماز پڻ انهيءَ بي هوشيءَ ۾ قضا ٿي ويم. شام جي وقت هوش ۾ آيس، روزي جو ٽوڙڻ ڪان پوءِ نهايت تڪليف سان سندن حضور انور ۾ حاضر ٿيس فرمايائون "ڪهڙو حال آهي؟" عرض ڪيم ته تپ جو غلبو آهي منهنجو هٿ وٺي فرمايائون ته تپ سخت آهي پر قرآن شريف پڙهي سگهندين؟" عرض ڪيم ته حال منهنجو اهو آهي پر جي توجه ۽ مدد حضور اقدس جي ٿيندي ته پوءِ پڙهي سگهندس. فرمايائون ته "اوري اچ ۽ پڙهه متان ٿي خير آهي". جڏهن قرآن شريف تراويحن ۾ پڙهڻ شروع ڪيم گهڻو ساري بدن کي وڻي ويو. تپ صفا ڇڏي ويو. برڪت نفس عيسوي حضور اقدس جي سان چڱو ڀلو ٿي ختم پورو ڪيم.

ڪرامت:- مولانا محمد يوسف، جو وقت جي علماءُ مان هو جنهن کي حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جن حضور اقدس حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي حوالي ڪيو هو ته کيس سلوڪ پورو ڪرائڻ فرمائي اجا سلوڪ پورو نه ڪيو هوائين جو مٿانس اجي اجل پهتو حضور اقدس جن انجي سيرانديءَ کان اچي ويٺا انجي سلوڪ باقي رهيل لاءِ متوجه ٿيا ۽ ان کي پنهنجي توجه کان واقف ڪندا ٿي ويا ۽ هر ساعت ان کان احوال پڇندا ٿي ويا. هن کي جيڪا ترقي نصيب ٿي ٿي عرض ڪندو ٿي ويو. نيٺ پنهنجي تصرف سان انکي سارو سلوڪ پورو ڪرايائون تنهن کان پوءِ مٿئين ذڪر ڪيل مولانا وفات ڪئي. ناظرين حضور اقدس جي توجهن ٿي، جو رڳو هڪ جو ڪم، ساعت ۾ پورو ڪري ڏيکاريائون.

يک لحظه نظرت اى بنده نواز — بهتر زهزار سال تسبيح و نماز

ڪرامت:- هڪ ڀيري حضور اقدس جن سيد جي ارادي سان برپت ۾ توجه فرمايو جو هوا جي گرمي ۽ غبار بي انداز هو جنهن کان اچ، تڪ ۽ گرمي مريدن کي رڃ سان ٿڪ گڏ ساڏا هوا، گهڻو غلبو ڪيو. جڏهن ته عظمت ۽ جلالت حضرت جن جي سندن دل ۾ پوري ويٺل هئي تنهن ڪري حضور ۾ عرض ڪري نٿي سگهيا مٿيون خطرو سندن دل ۾ ڏري وڃڻ وڃي ويو. حضور اقدس جن مولانا محمد يوسف سمرقنديءَ ڏانهن نهاري فرمايو ته سج جي گرمي ۽ غبار سنگتين کي عاجز ڪيو آهي. مولانا عرض ڪيو ته حضرت جن کي سڀ احوال معلوم آهي. دريش جي عرض ڪرڻ جي حاجت

ڪانه رهي حضرت جن مرڪي حق بين اک جي ڪنبڻ سان آسمان ڏانهن نظر فرمايائون ۽ ڪجهه
چَپُن مبارڪن ۾ پڙهڻ فرمايائون. ٻه ٽي وکون اڃا اڳتي ڪونه هليا ته هڪ ڪڪر ظاهر ٿيو حضرتن
جن ۽ سندن مريدن تي ڇانو ڪيائين ۽ بوندون وسڻ لڳي جنهن ڪري واٽ جي رَئي دٻجي وئي
۽ هيٺ اُتر جي وچولي گُهلي جنهن جي سبب ڪري واٽ جي گرمي ۽ تڪليف ۽ غبار ڪري مريدن کي امن مليو
حالانڪ برسات جي موسم به ڪانه هُئي.

ڪرامت:- هڪ سادات نقل ٿو ڪري، جو ان کي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي جنگ ڪرڻ
سان خصوصاً حضرت معاويه رضه ڏانهن بغض هو ته هڪ رات مطالعو مڪتوبات قدسي آيات
حضرت جن جي ٿي ڪيم اُتي ڏٺم ته پاڻ لکيو اٿن ته امام مالڪ "امير معاويه رضه کي ڇڙ وجهڻ ائين
ٿو چائي جيئن ابوبڪر صديق ۽ عمر بن الخطاب رضي الله تعالیٰ عنهما کي بڇڙو چوي، انهي نقل ڪري
ڪاوڙ پس ۽ مڪتوبات شريف کي زمين تي اڇليم ايتري ۾ ننڊ وٺي وئي خواب ۾ ڏٺم ته حضرت جن
تمام گهڻي ڪاوڙ سان آيا آهن، منهن جي ٻنهين ڪنن کي وٺي فرمايائون اي بيوقوف نادان منهنجي
لکيل تي اعتراض ٿو ڪرين ۽ منهنجي ڪلام کي زمين تي ٿو اڇلين، جي هن لکيل کي اعتبار ۾ نه ٿو آڻين ته
آءٌ تو کي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حضور انور ۾ وٺي ٿو هلان". اهڙي طرح مون کي جهنگل
باغ ۾ وٺي ويا اُتي هڪ جاءِ عالي قدر ڏسڻ ۾ آيم جنهن ۾ هڪ بزرگ ويٺو هو حضرت جن انهي بزرگ
لڳيان گهڻو تواضع ڪيو. اهو بزرگ به حضرت جن کي ڏسي تمام خوش ٿيو. پاڻ منهنجي ڳالهه ان
بزرگ کي ڪرڻ لڳا تنهن کان پوءِ مون کي فرمايائون ته اجهو حضرت امير علي ڪرم الله وجهه ويٺو آهي ٻُڌ ته
ڇا ٿا فرمائن مون وڃي سلام ڪيو، حضرت امير ڪرم الله وجهه مون کي فرمايو ته خبردار خبردار
خبردار، حضرت سيد الابرار صلی الله عليه وسلم جي اصحابن سڳورن سان دل ۾ بغض نه رک ۽ ڪنهن
قسم جو عيب انهن سڳورن جي نسبت ۾ زبان تي نه آڻ. آءٌ ۽ منهنجا يار ڇالٿون" پوءِ حضرت
اقدس امام رباني مجدد الف ثاني ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون ته هن جي ڪلام کان منهن موڙ
راوي ٿو چوي ته باوجود انهي نصيحت جي منهنجي دل مان بغض نه ويو، پوءِ حضرت امير علي ڪرم الله وجهه
جي حڪم موجب حضرت جن زور سان منهنجي سيني تي مُڪ هنيائون. انهي وقت منهنجي دل مان
بغض نڪري ويو ۽ سندن ڪلام مبارڪ ۾ گهڻو اعتقاد ٿيم.

ڪرامت:- صاحب حضرات القدس جو مولانا بدرالدين رحمة الله عليه نقل ٿو ڪري ته
هڪ رات نماز سومهڻي کان پوءِ حضرت جن پنهنجي خاص خلوت ڏانهن متوجه ٿيا. هڪ ماڻهو

سنڌ ۾ عزيزن مان حاضر هو. مونکي چيائين ته عجب طعام حاضر آهي جي قبول ڪرين ته هي گڏجي کائون. مون انجو چوڻ قبول ڪيو. اهو لقمن اڃا وات ۾ حضرت جن جي گلا شروع ڪرڻ لڳو آئون انجي رفاقت کان بيزار ٿيس انجي جاءِ تي پهچڻ تائين صبر ڪيم منهنجي اڳيان طعام جو طبق رکي پاڻ منهنجي پاسي ۾ ويهي رهيو ايتري ۾ حضور اقدس مجدد الف ثاني جي غيرت کان ان جا سڀ عضوا هڪ ٻئي کان جدا ٿي ٽڪر ٽڪر ٿي پيا منهنجي بدن ۾ ڏڪڻي شروع ٿي خوف کان اٿاهون ٽڪر وٺيس جڏهن حضرت جن جي خلوت خاص جي دروازي تي پهتس، ڏٺم ته پاڻ دروازي تي عادت جي خلاف بيٺا آهن مون ڏانهن نهاري مشڪي ورتائون ۽ اڳتي روانا ٿيا جڏهن ان شخص جي جاءِ تي پهتا پاڻ اندر تشريف فرمايائون آئون ٻاهران بيهي رهيس ساعت کان پوءِ حضرت جن نڪتا ۽ اهو شخص به ساڻن تندرست ۽ سلامت همراه هو. حضور ۾ عذر پيش ڪيائين پاڻ موڪلائي پنهنجي جاءِ تي پهتا. آئون حيرت ۾ گم رهيس ته هن گهڙي ۾ مون ٽڪر ٽڪر ٿيل ڏٺو هو سا اڳئين گهڙي ۾ جيئرو ٿي زخم نه ڏٺو سان. حضرت جن فرمايو ته جيڪي تو ڏٺو ڪنهن نامحرم سان اهو حال اظهار نه ڪج.

ڪرامت:- هڪ بزرگ طائفاني جو حضور اقدس جي مريدن مان هو. نقل ٿو ڪري ته منهنجو پاءُ سخت بيمار هو جنهن جي بچڻ جي ڪنهن کي اميد نه هئي. ايتري قدر جو ڪفن پڻ ان لاءِ وٺي آيا هو جڏهن ته بيمار کي بچڻ جي اميد ڪانه هئي هڪ ڏينهن ڏهر پيا حضور اقدس سجادنشين صبح جي وقت حضور اقدس کي خواب ۾ ڏٺائين ته ان کي هٿ مان وٺي بيمار پيو اٿي ۽ انکي فرمايائون ته ڏک نه ڪر. جڏهن جاڳيو پنهنجي بدن ۾ ايتري قدر قوت ڏٺائين جو بيمار کي لٺي ويهي رهيو ۽ چيائين ته مونکي بک لڳي آهي جيڪي ماڻهو ان وقت ويٺا هوا چوڻ لڳا ته ٿي هوش ۾ وڃي ٿو. ان چيو ته آئون وڃان ٿو. حضور اقدس جي زيارت ڪرڻ ۽ بشارت ڏيڻ جو بيان ڪيائين پوءِ ان کي شروع ٿو ڏنائون. حضور اقدس جي ڪرامت ۽ عنايت سان انهي ڏينهن چڱو ڀلو پاڻ ۾ بيماري جو ڪو اثر نه ڏٺائين.

ڪرامت:- حضور اقدس جو هڪ مريد اخلاص وارو نقل ٿو ڪري ته اناپي جي حاڪم منهنجي سڀ زمين ضبط ڪري ڇڏي سموري زمين ظلم سان کسي ورتو اهو احوال حضور اقدس جي خدمت ۾ عرض ڪيم حضور اقدس جن، ساعت مراقبي ۾ ٿي فرمايائون ته تو تي ظلم نه ٿيندو ۽ حاڪم پڻ قهر هيٺ ايندو. نيٺ مون تي جو ظلم ٿيو هو دفع ٿيو ۽ ان حاڪم کي

اس اٿي هڻن درهه قين مليو.

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان هڪ برگزيده نقل ٿو ڪري ته حضور اقدس جو رواج هو، جو نئين ڏي، پنهنجي پرائي کان سلام ڏيڻ ۾ اڳرائي ڪندا هوا، جا ها سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي آهي. هڪ ڏينهن دل ۾ خيال ٿيم ته اڄ سندن حضور ۾ اوچتو وڃي سلام ڏيڻ ۾ اڳرائي ڪندس اڃا ٿي ڪون سندن جاءِ کان پري هوس نه مون کين ڏٺو هو ۽ نه پاڻ مونکي ڏٺو هوائون جو اندر ان جاءِ جي سندن آواز آيو ته السلام عليڪم اي فلاڻا." آئون اڃان ٻاهر هوس لاچار جواب ڏنم "وعليڪم السلام" ۽ پنهنجي نيت "اڳرائي ڪرڻ سلام جي" عرض ڪيم پاڻ مرڪڻ فرمايائون.

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته آئون تپ محرقه ۾ سخت بيمار هوس انهي حالت کي گهڻا ڏينهن گذري ويا هوا آخر هيٺائي اهڙو غلبو ڪيو جو جيئڻ جي اميد ڪانه رهيم ماڻهو مون تي راتيون جاڳندا هوا ته جيئن منهنجي مرڻ جي مهل حاضر رهن. مون درگاه حضور اقدس جي ڏانهن متوجه ٿي مدد گهري ان سختي مرض جي ۾ ڏٺم ته هڪ مڙس ظاهر ٿيو جنهن کي چادر نهايت اڇي نوراني مٿي کان وٺي پيرن تائين ويڙهيل هئي سندس منهن به ڍڪيل هو، مون وٽ آيو ۽ چيائين ته هي چادر آهي جا حضرت سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والتسليمات قطب اعظم حضرت شيخ احمد فاروقي نقشبندي ڏانهن موڪلي هئي انهي تنهنجي لاءِ موڪلي آهي آئون توکي ڍڪايان ٿو جنهن جي برڪت سان توکي صحت ٿيندي. جڏهن هٿ ان چادر تائين پهچايم ڪا شيءِ منهنجي هٿ ۾ نه آئي باقي پيرن کان مٿي تائين ته ان نهايت گهڻي ظاهر ٿي. جڏهن پيڻ منهنجا هٿ بيو نريل ڏناجاتا ٿين ته وقت منهنجو پويون آهي. ڏڪندي آئي ۽ مونکي هنج ۾ ڪري روئڻ ۽ واڪا ڪرڻ لڳي، آئون فريادن تي جاڳي پيس، چيم ته مونکي صحت ٿي آهي ڏک نه ڪريو. شڪر جو گهر ۾ ڪاڏو انهي گهڙي ۾ چڱو ڀلو ٿيس، صبح جي نماز به پڙهيم.

ڪرامت:- ساڳيو مٿيون مخلص نقل ٿو ڪري ته مون ۽ منهنجو هڪ سنگتي، جو حضور اقدس جو مريد هو، هڪ دوا امساڪ جي جنهن ۾ افيون يعني آفيم پيل هو گهر پنهنجي ۾ ناهي سون. اسان ٻن کان سواءِ ٻيو ڪو به انهي ڳالهه کان واقف ڪونه هو. اڳين نماز جي حلقي ۾ حضور اقدس جن جي حضور ۾ ويس، دل ۾ ارادو هوم ته گهر وڃي اها دوا کائيندس. حضور اقدس

جن حاجت جي فراغت کان پوءِ حويلي شريف ڏانهن تشريف جو ارادو فرمايو، پوءِ پاڻ دروازي
تي ويهي رهيا اسان پنهنجي ڪمائي، بهشت، حورن ۽ ماڻهن جو ذڪر ڪيائون ۽ دنيوي لذت
جي رد ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيائون ۽ آخرت جي لذت تي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي تن زور فرمايائون
نيٺ چيائون ته، جادو وارو هان آئيم ۾ ناهي آهي، اهڙا ته ڪاڻو، حيران ٿياسون لاچار قبول
ڪيوسون ان ڏوا کي پاڻي جي حوض ۾ وڌوسون اها ڪرامت ڏسي ساڳيو هيڪاري ارادو گهڻو ٿيو

بندگان خاص علام الغيوب — در جهان جان جواسيس القلوب
در درون دل در آيد چون خيال — پيش او مکشوف باشد سر حال
آنکه واقف گشت بر اسرار هو — سر مخلوقات چه بود از پيش او

ڪرامت :- ساڳيو مريد نقل ڪري ٿو ته منهنجي والده بيمار هئي حضور اقدس جي خدمت
۾ جي پيسا حضرت خواجه بهاؤالدين شاه نقشبند قدس سره جي نالي کي ويس، عرض ڪيم ته شفا
جي لاءِ دعا گهرو ته پاڻ دعا گهري فرمايائون ته هي باسيل پيسا پاڻ وٽ سوگها ڪري رک، مطلب ته انهن
ته رد قبول نه ڪيائون، رات جو خواب ۾ ڏٺم ته حضور اقدس جن حاضر ٿي مونکي فرمائن ٿا ته فلاڻا
جاڳ ته تنهنجي والده جي وفات جو وقت آهي وڃي حاضر ٿيءُ، خواب کان جاڳي بي تاب ٿي رات جو حضور
۾ وڃي حاضر ٿيس ڏٺم ته تهجد کان فارغ ٿيا ويٺا آهن، سلام ڏيئي پنهنجو خواب بيان ڪيم پاڻ
گهڙي تائين مراقبي ۾ ٿي فرمايائون ته سگهو وڃ جو تنهنجي والده جي وفات جو وقت آهي
رڙ ئند وڃي پنهنجي والده وٽ پهتس، نبض ڏٺم ته جاءِ ڇڏي وئي آهي، سامهن کان پوءِ
وفات ڪيائين. اهـ ______ ڪتاب مان معلوم ٿو ٿئي ته، جو حضور اقدس ۾ شفا جي
لاءِ دعا گهرڻ آئيندو هو جي اهو جيئڻو هوندو هو ته ته رد قبول ڪندا هوا نه ته هو نا ڏيندا هوا

ڪرامت :- هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته جن ڏينهن ۾، ڪن دين جي دشمنن جي تحفي
تي حضور اقدس کي بادشاه کان تڪليف پهتي هئي هڪ شخص جادو جا ٽڪرا مونکي ڏيو
ته پڙهي اسم هندي زبان ۾ تو جا ٽان جي اڳئين نماز کان وڃي وڃين تائين پڙهجن هوند سيڻ
دشمنن ڏينهن مري وڃن هي عمل مجرب آهي انهي اسم کاغذ جي ٽڪري تي مونکي
لکي ڏنائين ۽ پوءِ چيائين ته گهر جي ڇت جي ڪاني ۾ رکج پوءِ اهي اسم ان کان سکيم ۽ ڪاغذ
لکيل گهر جي ڇت ۾ قابو ڪيم دل ۾ هي خيال پڪو هو ته پڙهڻ سياڻي ڏينهن اڳئين ڪري جو آهي اهي
اسم پڙهندس رات جو حضور اقدس کي خواب ۾ ڏٺم شهد آگرين ۽ مبارڪن ۾ ڏيئي ٿا فرمائن

ته منهنجن مريدن کي اهڙا اکر نه ڪرڻ گهرجن جن ۾ ته اهو جادو آهي. لاچار مون اهو ڪم ڇڏي ڏنو. تنهن کان پوءِ جا تڪليف حضور اقدس کي بادشاهه ڏني هئي، "جهڙي حضرت سيدنا يوسف علي نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ڏني هئي" ان کان بادشاهه پشيمان ٿيو، ڪين گواليار قلعه کان ڪڍايائين، جنهن جو ڪجهه احوال هتي گذري چڪو آهي. زياده احوال روضة القيوميه جلد اول ۾ موجود آهي. ـــــ حضور اقدس جن سرهند شريف ۾ تشريف آندي آئون به سندن حضور ۾ وڃي حاضر ٿيس. ساري جهان جا آدمي سندن زيارت لاءِ اچڻ لڳا، مون دل ۾ خيال ڪيو ته جي رو برو مونکي منهنجي ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ جادو جي ڪم کان روڪين ته پوءِ اهو ڪم ڇڏي ڏيندس نه ته هڪ ڀيري ان بي ادب بادشاهه جي جگر تي تير هڻندس ٽي ڏينهن پاڻ سرهند شريف ۾ رهيا. ٽيئي ڏينهن انهي نيت سان سندن حضور ۾ ويندو هوس. ٽئين ڏينهن خلق الله جي انبوهه مان اٿي حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائي ٿيا، هيڪر دروازي تي پهچي مونکي گهرايائون آئون حاضر ٿيس. فرمايائون ته "اي فلاڻا! هندي اسم نه پڙهه جو اهو جادو آهي". شرمندو ٿي انهي ڳالهه کان انڪار ڪيم. فرمايائون ته "جا لاءِ اٿئين تو چرين حالانڪ اهي نالا فلاڻي جادوگر کان تو سکيا آهن ۽ جو ڪاغذ جنهن تي مٿيان اسم لکي ڇڏ جي فلاڻي ڪاڻي ۾ رکيو اٿئي. اگرچه جنين ان ڇيو آهي جادو اثر ٿو ڪري. پر جادو حرام آهي وڃي انکي ڦاڙي ڇڏ". مون شرم کان منهن هيٺ ڪيو، فرمايائون ته مون سان انجام ڪر ته آئون انکي ڦاڙي ۽ انهي ڪم کي هرگز ويجهو نه ويندس پوءِ منهن جو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ تي هنيائون. مونکي انهي ڪرامت ڏسڻ سان دهشت غلبو ڪيو. تمام حيران ٿيس جو ته انهي ڳجهه کان مون ڪنهن کي به واقف نه ڪيو هو، تڪڙ وڃي گهر ۾ اچي اهو ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيم.

اولياء اطفال حق اند اي پسر — درحضور وغيب آگه باخبر
پاسبان آفتاب اند اوليا — در بشر واقف ز اسرار خدا

ڪرامت:- هڪ بزرگ نقل ٿو ڪري ته مونکي سدائين هيءُ خيال دل ۾ رهندو هو ته حضور ۾ حاضر ٿي طريقي جي ذڪر سان مشغول ٿيان پر ڪڏهن سبب ڪري منهنجو سندن حضور ۾ وڃڻ نه ٿيندو هو. هڪ رات ارادو پڪو ڪيم ته سڀاڻي سندن خدمت ۾ وڃي عرض ڪندس ته مونکي پنهنجي مريدن ۾ داخل ڪيو ۽ ذڪر جي تعليم ڏيو. ان رات خواب ۾ ڏٺم ته هڪ اونهون درياءُ آهي ۽ اوريئين پار بيٺو آهيان. اوچتو حضور اقدس جي نگاهه مون تي پئي فرمايائون ته "سگهو سگهو آءُ"

تو ديرِ ڇو ڪئي آهي". سندن فرمائڻ شرط منهنجو قلب ذڪر ۾ مشغول ٿيو جڏهن جاڳيس پنهنجي
قلب کي ذڪر ڪندو ڏٺم جيئن طريقه نقشبنديه ۾ آهي. حالانڪ مون ڪڏهن ڪان نه ٻڌو هو ته
سندن طريقي ۾ شغل ڪهڙو آهي. صبح جو سندن خدمت ۾ آيس سندن تصرف ۽ ڪرامت جو
احوال عرض ڪيم. فرمايائون ته" طريقو اهو آهي انهيءَ تي هميشگي ڪر.

تشنه مي نالد که اي آبِ گوار — آب هم نالد که کو آن آب خوار
تشنگان گر آب جويند از جهان — آب هم جويد به عالم تشنگان

ڪرامت: مولانا محمد حنيف ڪابلي ٿو فرمائي ته هڪ بزرگ ملاقي ٿيم احوال ڪيائين ته آءٌ
حرمين الشريفين زادهما الله سبحانه شرفاً وعظماً وڪرماً ڏانهن ٿي ويس جڏهن سرهند
شريف ۾ پهتس سندن آستان بوسي کان مشرف ٿيس ان وقت پاڻ نماز کان فارغ ٿي
خلوت جي جاءِ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ٿي فرمايائون. انهي وچ ۾ مون سلام ڪيو ۽ سندن حضور
۾ اڳيان بيهي رهيس. حضور اقدس جن خادم کي فرمايو ته وڃ ٽڪر ماني جو درني تان وٺي
اچ. خادم حڪم موجب ٽڪر ماني جو آندو. حضور اقدس جن ٽڪر خادم کان وٺي منهنجي ٻغل
۾ وجهي فرمايو ته" اي درويش وقت تنگ آهي هي ٽڪر ماني جو تنهنجو مرشد آهي، تنهنجي
سلوڪ باطني جي سينگار ڪرڻ لاءِ هي استاد ڪافي آهي. تنهن کان پوءِ خدمت مان موڪلايم
هر گهڙي منهنجو احوال باطني زور و شور ۾ ٿي ويو هر لحظي ۾ بيو بيو حال ٿيندو هو ۽ جيڪي عنايتون خداوندي هڪ ساعت ۾ ٿيون اڳ
جي ويهه ورهه رياضت ۾ نه ٿيم ۽ هن معه ماني جي ٻوءِ ڪاڻ هيم. الله اڪبر ڇا ته فيض
مجدد جي موج زن آهي. وَيَعْنِيْهِ دَرُّ مَنْ قَالَ

جو شانِ مجددؒ کو مانا نهيں هے — تو شانِ رسالت کو جانا نهيں هے

ڪرامت: حضور اقدس جي مريدن مان هڪ خدا جو پيارو نقل ٿو ڪري ته آءٌ
حضور اقدس جو مريد هوس پر اڃا پوليس جي نوڪري نه ڇڏي هوم. هڪ رات منهنجي جوئي
ڏيڻ جو وارو هو سنگتين مان هڪ نشي گڏائي شربت مون لاءِ آندو ۽ گهڻو زور ڀريائين
ته پي، پر مون ان نشي جي پيئڻ کان انڪار ٿي ڪيو هن جو ارادو هو ته زوري ڪري به مون کي پيارين
اينتري ۾ حضور اقدس جن جاڳ ۾ حاضر ٿيا. شهد آڱر ڏندن مبارڪن ۾ وٺي انهي ڪه ڇڪي
جي منع لاءِ اشارو فرمايائون. مون کي سندن صورت مبارڪ ڏسڻ شرط جذبي غلبو ڪيو ۽ چريو ٿي پيس
ڇهن مهينن تائين اهو جذبو رهيو. انهي جذبي جي حالت ۾ هميشه حضور اقدس کي هر جاءِ تي

اکين آڏيان بيٺل ڏسندو هوس.

هان وهان اين دلق پوشان من اند ❊ صد هزاران صد هزار و يڪ تن اند

ڪرامت:- هڪ ٻُڌت وارو، سنڌ جي مريدن مان نقل ٿو ڪري ته هڪ پيري آئون هڪ رنگيلي تي عاشق ٿي پيس اهڙي حالت کي پهتس جو پنهنجي اختيار جي چرين وانگر منهنجي هٿن مان نڪري وئي هئي. هڪ ڏينهن پنهنجي گهر مان معشوق کي گهرائي عيش جي مجلس ڪرڻ جي عزم تاج وصال ڪريان. اوچتو حضور اقدس جن حاضر ٿيا ۽ منهنجي منهن تي چماٽ هڻي پوءِ نظر کان غائب ٿي ويا. چماٽ لڳڻ شرط ساري بدن ۾ ڏڪڻي وٺي ويم. جنهن ڪري ان بڇڙي ڪم ڪرڻ جي توفيق ڇڏي ويم پوءِ انهيءَ بڇڙي ڪم کان پشيمان ٿي سچي دل سان توبه ڪيم.

دست پيران غائبان ڪوتاه نيست ❊ قبضه او جز قبضه الله نيست

ڪرامت:- حضور اقدس جي مريدن مان بزرگ نور محمد نالي نقل ٿو ڪري ته منهنجي گهر ۾ جنن جو گهڻو ايذاءُ هو، منهنجي ٻارن کي نقصان پهچايو هوائون، آخر انهي آسيب ۾ فوت ٿيو تنهن کان پوءِ مونکي پڻ جنات جو آسيب پهتو جنهن ڪري ڇهن مهينن تائين ويس منهنجي حياتي جي اميد ماڻهن لاهي ڇڏي هئي. هڪ ڏينهن سمهيو پيو هوس، جو هڪ جن منهنجي مٿان چڙهي ويٺو، ايتري توفيق سان جو سوڙ پاڻ تان لاهي نه ٿي سگهيس انهي پريشاني حالت ۾ حضور اقدس جن مونکي ظاهر ڏسڻ ۾ آيا هڪل ڪري فرمايائون، "اي نور محمد ڏک نڪر هي جن آهي ڇڏي ويندو. "اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطَانِ كَانَ ضَعِيْفًا" ط جن انهي ڪلام ٻڌڻ شرط مونکي ڇڏي ويو. جڏهن اُٿيس حضور اقدس جن منهنجي نظر کان غائب ٿي ويا. هن کان پوءِ ڪنهن کي اسانجي گهر ۾ آسيب نه پهتو. جن ان گهر مان نڪري ويا هيڪر مون جنن کي ڏٺو ته متاع سميت لڏي ٿي ويا ۽ چيائون ٿي ته اسانکي هتان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني لڏائي ڇڏيو آهي ۽ شاديوال ڏانهن ٿا وڃون

هر ڪه ترسد از خدائے انس و جان ❊ ترسد از وي جمله شيء اندر جهان

ڪرامت:- سيد شرف الدين حسين، جو حضور اقدس جو خاص مريد هو نقل ٿو ڪري ته مونکي خيال ٿيو ته ٻه ٽي سُنا ڪپڙا ۽ ٻيا ڪي ڪمائتا ۽ سلا بورچي خانه جا، حضور اقدس ڏانهن موڪليان. اهو سامان رضاعي ڀاءُ جي هٿ موڪليم. هڪ عورت، جا منهنجي ساهُرن مان منهنجي گهر مهمان هئي اندران نڪري چيائين ته هڙ اڪيلا جو موڪلين ٿو، تن کي ڏه وش

چاڪ ڪندا پاڻ هرگز ڪين ڏيکاريندا، مون چيو ته جي پاڻ نه ڏيکاريندا ته گهر اچي مون کين کي بکما ڏيندا. جڏهن منهنجو ضايع ٿيل مال يار حضور انور ۾ حاضر ٿيو، ڪپڙا ۽ اسباب بوري جي خالي جو خدمت ۾ حاضر ڪيائين. حضور اقدس جن خادمن کي فرمايو ته اسباب بوري جي خالي جو ذڪر ٿو." پوءِ ڪيترن ڏانهن نگاهه ڪري فرمايائون ته سيد شرف الدين حسين کي پُڇ ته هي ڪپڙا سُٺا عمدي نموني جا آهن، جي درويش جي ڪم نه ايندا. تعجب عورتن جي جيڪي گهر ۾ آهن انهن کي ڏجهو ته ڏيکن، جو انهن جي لائق آهن." آخر اهي ڪپڙا موٽائي موڪليائون جن جي عورت اهو گفتگو ڪئي هئي، انهي ڪرامت کان نهايت شرمندي ٿي توبه ڪيائين ۽ چيائين ته پيهر حضور اقدس جي نسبت ۾ گفتگو نه ڪنديس.

در بشر روپوش ڪرده است آفتاب — فهم ڪن والله اعلم بالصواب

ڪرامت:- هڪ ڏينهن حضور اقدس جن خلوت ۾ ويٺا هوا عبدالمؤمن نالي نَون مسلمان ٿيل حضور ۾ حاضر هو انکي فرمايائون ته "گهر جا تو گهر ٻين جيڪي ٻر گهرندي اهو ٿيندو". عبدالمؤمن چيو ته حضرت منهنجا منهنجي ماءُ پيءُ ڪفر ۾ آهن مون سان گهڻي دشمني اٿن گهڻو در لاتم پر مسلمان نٿا ٿين، دعا ڪريو ته اسلام قبول ڪن. حضور اقدس فرمايو ته "ڪجهه ٻيو گهرين ها" عرض ڪيائين ته بالفعل اهو عرض آهي ٻيا مطلب ته اوهان جي برڪت سان نيٺ حاصل ٿيندا. حضور اقدس فرمايو ته "چڱو سگهو مسلمان ٿيندا". ٽئين ڏينهن اهي ساماڻي شهر کان سرهند شريف ۾ حضور ۾ حاضر ٿي مسلماني کان مشرف ٿيا.

ڪرامت:- حضور اقدس جو هڪ مريد نقل ٿو ڪري ته ماڻهن کان لڪي افيون يعني آفيم کائيندو هوس. انهي ڳالهه کان ڪو ماڻهو واقف ڪونه هو. هڪ ڏينهن هم رڪاب سعادت مآب حضور اقدس سان ٿي ويس انهيءَ وچ ۾ مون ڏانهن نگاهه ڪري فرمايائون ته اي فلاڻا تنهنجي قلب ۾ اونده ڏٺو سان تنهنجو ڇا سبب آهي "لاچار اقرار ڪيم ته آفيون لڪي آفيم ٿو کاوان، پر هاڻي توبه ڪيم.

ڪرامت:- حضور اقدس جي عزيزن مان هڪ سگوري کي پٽ ڄمندا هوا پر ننڍي پڻ ۾ فوت ٿي ويندا هوا. انهيءَ ڪري حيران پريشان رهندا هو. هيڪر انجي گهر فرزند ڄمندو ٿو ڏڌو ٿيو. حضور اقدس ۾ ڪٺي آيو ۽ عرض ڪيائين ته جي هي منهنجو پٽ ڏو ٿيو ته اوهان جي

درگاهه عرش پناهه جو تصور ڪندا هئا. حضور اقدس توجه کان پوءِ فرمايو ته "هن نينگر جو نالو عبدالحق رکو. جيئرو رهندو ۽ وڏي عمر وارو ٿيندو. پر هر مهيني پنج ڀلوڻي ننه حضرت خواجه بهاءُ الدين شاهه نقشبند رضي الله تعالیٰ عنه جو ڏيندا رهجو". آخر حضور اقدس جي نفس نفيس عيسيٰ دم جي برڪت سان اهو نينگر وڏي عمر وارو ٿيو.

ڪرامت:- خواجه محمد احسان پنهنجي والد بزرگوار شيخ احمد حسن قدس سرهما کان روايت ڪري ٿو ته هڪ ڪيمياگر، مرد خدا جل وعلا حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. اڪسير جو وڏو پڙو پنهنجي اسباب مان ڪڍي حضور انور رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ پيش ڪري عرض ڪيائين ته هن مان ايترو سون ٺهي سگهندو جو هندستان جي سڄي بادشاهي جي خرچ برابر هوندو. حضور انور جي خانقاهه جي ڪيترا طالب، تن جي خرچ جي ڪم ۾ ايندو. حضور انور رضي الله تعالیٰ عنه جن ان کي فرمايو "آءٌ توکي هڪ ڪم ٻڌايان، شرط هي آهي جي اهو ڪم تون ڪندين ته توکان پوءِ آءٌ اهو پڙو اڪسير جو وٺندس. ڪيمياگر عرض ڪيو ته قربان وڃان، حضور جن جو حڪم بجا آڻيندس. حضور جن هڪ خادم کي فرمايو ته جنهن وقت آءٌ پاخانه مان ٻاهر نڪران ته هن منهنجو بول براز سڀ ڪجهه ان شخص ڪيمياگر کي ڏجو ۽ ان کي چئجو ته شهر کان ٻاهر نڪري پوءِ ان ۾ نگاهه ڪري. ان ڪيمياگر حسب الارشاد بنان ڪنهن ڪراهت جي اهو بول ۽ براز ڪپڙي ۾ کڻي جهنگ جي طرف روانو ٿيو. جڏهن شهر کان نڪري ان ۾ نگاهه ڪيائين ته سمورو سون خالص هو. هي عجيب حالت ڏسي حيران ٿي حضور جن جي مريدي کان مشرف ٿي سموري عمر پنهنجي درگاهه فلڪ بارگاهه ۾ پوري ڪيائين. (روضة القيوميه جلد اول)

بندهٔ يک مرد روشن دل شوی — به که بر فرق سرِ شاهان شوی
صحبتِ با اوليا چون کيمياست — کيميائی خود باين خوبي کجاست

ڪرامت ثاني:- منقول آهي ته هڪ بزرگ زاده پٽ وٽ حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره پاڻ کي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه کان ڀلو ٿو ڄاڻي، انهي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ حضرت اقدس ۾ آيو ته سچ پچ حضور اقدس جن فرمايو آهي يا نه. پيو ته جيڪڏهن حضرت امام رباني قدس سره صاحب ڪماليت ۽ ولايت جو هوندو ته منهنجي پنهنجي ڏاڏي جو اطلاع ڏيندو ۽ هر هڪ جو نالو نشان ٻڌائي، پڻ منهنجي وڏن جي حالات بيان ڪندو. ٿيو ته

ڪير چانور، جي موڪلي ڪاريا ٿيئن ته چاڻندس ته ڀي شڪ وڃي آهي حضور اقدس جن جي حويلي مبارڪ ڏانهن ڀي ويا. ڪجهه پيري وڃي پوءِ موٽي آيا گهٽي ۾ بيٺي ان بزرگ کي فرمائڻ لڳا ته موڪلي ان شخص جي مسلماني ۾ شڪ آهي جو پاڻ کي ڪافر فرنگي کان ڀلو ٿو ڄاڻي، حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه کان ڀلو ڄاڻڻ ته پري آهي وري فرمايائون ته تنهنجي ڀيءَ ڏاڏي جو هجيءَ نالو هو پوءِ وري ان جي وڏن جي هر هڪ جي ڪمالات بيان ڪري خادم کي فرمايائون ته ڪيڏي چانور، جو مون ڏاڪڙي ۾ رکيو هو هن جوان کي آڻي ڏي، اهيو حصو انهيءَ لاءِ رکيو هوم. بزرگ زاده هي ڳالهيون ٻڌي حضور اقدس جي قدمن مبارڪن تي ڪري پيو ۽ خطري کي ظاهر ڪري پوءِ مريد ٿيو (سلسلة الذهبيه ص ٤٣)

ڪرامت:- نقل آهي ته هڪ بادشاهزادي جي قتل ڪرڻ لاءِ بادشاهه حڪم ڪيو، بادشاهزادو نهايت حيران ٿي پيرن فقيرن کان دعائون پنڻ لڳو انهيءَ وچ ۾ ان جو بخت کليو جو حضور اقدس جن جي آگري ۾ تشريف ٿي ان قيدي شاهزادي پنهنجي هڪ آشنا کي جو حضور اقدس جو مريد هو چيو ته منهنجي پاران حضور اقدس کان دعا گهرجو پوءِ جيئن ته الله ڪارڻ مدد فرمائي ان آشنا شاهزادي جي پاران اچي عرض ڪيو پاڻ انهي جو ڇوٽڪاري لاءِ متوجه ٿي فرمايائون ته شاهزادي کي چئو ته قتل کان بچي ويئن شاهزادي اها خوشخبري ٻڌي پر دل کي آرام نه آيس گهڻي پريشاني جي ڪري هڪ معتبر ولي مجذوب وقت ديوان جيس ته ڪابر اولياء نقشبند زمان هڪ شخص اچي تنهنجي پيڙي کڻي مان ڪڍي ڇڏي آهي. شاهزادي کي هن مجذوب اها خبر ڏني ته تڏهن آرام آيس ڪن ڏينهن کان پوءِ قيد کان ڇٽي سڀ کان وڏي درجي تي مقرر ٿيو.

(سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٢٩)

ڪرامت:- مولانا محمد هاشم برڪات احمديه ۾ لکي ٿو ته آئون هڪ ڏينهن قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هوس پڙهندي پڙهندي جڏهن هن آيت تي آيس "وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا" تڏهن دل ۾ خطرو پيدا ٿيو ته تهجد پڙهڻ وارن کي پڻ مقام شفاعت جي ۾ دخل آهي. پوءِ هي ارادو ڪيم ته هي مسئلو حضور اقدس کان پڇندس. پوءِ انهي نيت سان سندن خدمت ۾ آيس پاڻ ان وقت وضو ٿي ڪيائون. مون کي ڏسي فرمايائون تهجد پڙهندو ڪر مون عرض ڪيو ته گهڻو ڪري پڙهندو آهيان. فرمايائون جو شخص مقام محمود کان "جنهن کي مقام شفاعت جو چوندا آهن" پنهنجو حصو گهري، ان کي گهرجي ته پاڻ تي تهجد پڙهڻ واجب سمجهي. پوءِ پاڻ پڻ متين آيت سڳوري تلاوت فرمايائون. مون عرض ڪيو

ته خدمت عاليءَ ۾ اچي ارادي لاءِ حاضر ٿيو هوس، سو الحمد لله عرض ڪرڻ کان سواءِ حضور اقدس جي ڪرامت سان منهنجو مطلب پورو ٿيو. سلسلة الذهبيه ج ۱ ص ۴۹ و زبدة المقامات وعمدة المقامات

ڪرامت ۶:- حضرت قيوم جهان مرشدنا ومولانا خواجه حاجي شاه فضل الله صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جن عمدة المقامات ۾ لکن ٿا ته مون ڪن اڪابرن کان ٻڌو ته لکنو جو هڪ رافضي حاڪم هو ان جي ماڻهن مان هڪ شخص، جو لکنو جي آس پاس رهندو هو. تن يارن سڳورن رضوان الله تعالیٰ عليهم اجمعين کي بد شد چوڻ لڳو ان پسگردائيءَ ۾ هڪ سردار اهل سنت جماعت جو هو تنهن کي اها ڳالهه ناپسند آئي جنهن ڪري ان رافضيءَ کي قتل ڪرائي ڇڏيائين جڏهن اها خبر لکنو جي حاڪم کي پهتي تمام گهڻي ڪاوڙ ڪري قسم کنيائين ته آءٌ ان شخص کي جنهن منهنجي ماڻهوءَ کي قتل ڪرايو آهي، گهڻو عذاب ۾ ڦاسائي ماريندس ۽ آدمي دوڙايائين ته سگهو ان کي پڪڙي مون وٽ وٺي اچو جڏهن ته آدمي آيا ۽ انکي پڪڙي حاڪم ڏانهن وٺي هليا. سردار اهل سنت جماعت جي ڏٺو ته هڪ جماعت محترم حضرات خواجگان نقشبنديه ۽ پنهنجي وظيفن ۾ مشغول آهي. ان جماعت کي قيدي سردار اهل سنت جماعت عرض ڪيو ته اي حضرات! منهنجي هي ڪيفيت آهي ۽ آفت جي ڄنبي ۾ گرفتار آهيان، خدا ڪارڻ مون کي دعا ڪريو. ان جماعت جي ماڻهن هن کي وات ختمي "لاحول ولا قوة الا بالله" جي ڏسي ته پڙهندو رهه، جو اهو ختمو حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه ڏانهن منسوب آهي اُهو شخص پڙهندو رهيو، وات ۾ هڪ درياءَ جو ڪپر نظر ۾ آيس، ان قيديءَ کي ڏسڻ ۾ آيو ته هڪ نوراني شخص ٻيڙيءَ ۾ ويٺو آهي ۽ اها ٻيڙي سواءِ مُهاڻي جي پئي هلي. جڏهن ويجهي آئي ته هن ان بزرگ فرمايو ته ختمي جو مالڪ آءٌ آهيان تنهنجي ڇڏائڻ لاءِ آيو آهيان تون هر طرح خاطر جمع رک ۽ دل نه لوڏ. ڇڪي وٺندو ٻين. غرض ته ٻيڙي رواني ٿي وئي ۽ اهو شخص منزل بمنزل اچي حاڪم جي روبرو پيش ٿيو حاڪم ان کي ڏسڻ شرط اُٿيو انس ادب سان ويهي رهيو ۽ وڏي خوشي سان عذر ڪيائين ۽ گهڻا رپيا ۽ وڳا ان کي عنايت ڪري موڪل ڏنائين، جڏهن انهيءَ هڙتي هلاڪيءَ کان ڇوٽڪارو پاتو ته ان کان سواءِ ٻيون پڻ حضرت امام رباني قدس سره جون ڪرامتون ڏٺائين تنهن ڪري حضور اقدس جو پڪو مريد ۽ مخلص ٿيو ۽ هڪ قصيدو سنڌي زبان ۾ لکيائين تخلص پنهنجو اويسي رکيائين ۽ حضور اقدس جي اولاد امجاد جي پڻ گهڻي تعريف لکي. اتس هن جاءِ تي نمونيءَ لاءِ ڪجهه ڪُن

قصيدن مان هڪ قصيدو لکيو اٿن: مراقبة الحروف بر تصيدي جي پنجين حصي بيتن مان ڪي بيت تبرڪا ڪي ٿا:

آنکہ نامش چو بر آمد بزبان می گردد — قوت ناطقہ را علم لدنی از بر

شیخ احمد کہ مجدّدُ لقبش کرد خدائے — الف ثانی شدہ زو تازہ بدین مستظہر

الفش از احدیت ز حقیقة حایش — میم از معرفتہ دال بدانش رہبر

در ولایت بہ کمالات نبوت مخصوص — بہر اتصال خلائق بہ معانی ز صور

ہر کہ در حلقہ خاصش نفسی زد آورد — حلقۂ در بدر لاهوت ز مفتاح اثر

آسمان جاه شہنشاه سریر تکمیل — کہ شود قطب زمان حاجتش از فیض نظر

بست بر صفحۂ ہر سادہ دل نقش کمال — نقشبندی بجہی ہست بدین تازہ ہنر

ہر کس احرام حرم میکند از بہر طواف — کعبہ در مسجد ش آمد بہ صفائی منظر

گفتگوئش بحقائق زرہ صدق و صفا — نطق حق دان کہ بود زبدۂ اولاد عمرؓ

جوش علمش ہمہ ہر جا کہ بود آل علیؓ — کان بی دار علوم نبوی آمد در

نسبتِ فضل طریقش بطرق ہست چنان — کہ بصدیقؓ بود رتبۂ اصحاب دگر

رفت از دائرۂ ظل سوی مرکز اصل — یعنی از ذات احد گشت بجان مستبشر

مشرب احمدی و خلت ابراہیمی — کرد این جمع بحر بس دلش را اظہر

نقشبندی بدو قادری و چشتی بال — طائر معرفتش را کہ بود عالی پر

نسبتِ فیض طریقش نہ باحیاست فقط — مستفیض ست ازو مجمع اہل مقبر

اوست قیوم کہ عالم بفیوضش قائم — تا قیامت بود از مہلکۂ خوف و خطر

ہر کہ راشد بسوئے مبدء فیاض عروج — ہمتش ہست عموماً بتوسط مضمر

ڪرامت:- جناب سيادة پناه سيد جمال، جو صاحب ذوق ۽ حال جو هو ۽ حضور انور جي خاص مريدن ۾ داخل هو بيان ٿو ڪري ته هڪ ڀيرا آئون ماواچيتو منهنجي روبرو شينهن ٻچي سميت ٻاهر نڪري هيڪلائي ۾ ان درنده جي هيبت ڪان سخت ڊنس. ڀڄڻ جي ٻي واه نه ڏٺم لاچار ٿي مون حضور جن جي باطن ڏانهن نهايت عاجزي سان متوجه ٿي مدد گهرڻ لڳس. اوچتو ڏٺم ته ٻاڻ پري ڪان لٺ هٿ ۾ کنيون ڊوڙندا اچن آخر اچي شينهن جي منهن تي زور سان لٺ هنيائون. جنهن ڪري ٻئي ڀائي ڊسي ڀڄي ويا. پوءِ ته نه شينهن نظر آيو نه حضور جن رضي الله تعالیٰ عنه ڏسڻ ۾ آيا

آنکہ بر افلاک رفتارش بود — بر زمین رفتن چہ دشوارش بود (زبدة المقامات ص ۲۶۳) (ص ۱ دستور ج ۲)

ڪرامت:- حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي هڪ مريد تي جذام (ڪوڙهه) جي مرض زور اهڙو ورتو جو ماڻهن ان سان اٿڻ وهڻ ۽ گڏ جڳ صفا ڇڏي ڏنو ۽ سيڪڙن کان پري ٿيڻ لڳو، ايتري قدر جو سندس دوست به هڪ ڏينهن ساڻس گڏ کائڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ڪري بالڪل شرمنده ٿي حضور انور جي التجا دعا طلبي لاءِ ڪيائين:-

رحمت رباني حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان اهڙي توجه فرمائي جو اها بيماري ان کان لهرائي پاڻ تي آندائون جنهن ڪري اهو مرض جو داغ سندن پيرن مبارڪن تي ظاهر ٿيو. پر ان شخص ۾ انهي مرض جو نالو نشان نه رهيو. طالبن ۽ حضور جن جي فرزندن سڳورن ڏک ۾ پير جي خدمت ۾ انهي مرض جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪين عرض ڪيو. پاڻ، "جو سندن وجود مبارڪ عين رحمت هو" فرمائڻ لڳا ته انهي ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. مونکي انهي بيماري ۾ رهڻ ڏيو. ماڻهن حد کان زياده عاجزي سان عرض ڪيو ته خدا ڪارڻ هن مرض کي پاڻ تان دفع فرمايو ته هنن تي حضور جن طالبن جي خاطري لاءِ هوءَ بيماري هڪ وڻ تي وڌي جنهن وڻ کي ڪافر پوڄيندا هئا. انهي ڪري اهو وڻ صفا سڪي ويو. (روضة القيوميه) ربنا ما معلوم ٿيو ته ان بيمار جو نالو محمد صادق هو.

المه وابرص چه باشد مرده نيز — زنده گردد از فسون آن عزيز

ڪرامت:- مولانا محمد امين قدس سره، "جو خواجه ديوان سور تي جو مريد هو": اهڙو بيمار ٿيو جنهن کي نه دعا نه دوا ڪنهن جي اثر ٿي ڪيو. حضور اقدس ۾ عريضو لکيائين ته منهنجي حال تي توجه فرمايو ۽ ڪو ڪپڙو تبرڪا عطا ڪريو. حضور جن کي ان جي حال تي بالڪل رحم آيو عريضه جي جواب ۾ تحرير فرمايائون ته ڪو به فڪر نه ڪر انشاءالله تعاليٰ تون چڱو ڀلو ٿيندين. تنهنجي طرف کان مون کي دعا آهي. تنهنجي گهر ڏي پيراهن موڪلجي ٿو. جو ڪڻ گهر جي جنهن مان گهڻن فائدن جو اميدوار هجو. مولانا جن هن حضور انور جن جو پيراهن مبارڪ ڍڪيو. بلڪل جي چڱو ڀلو ٿي پيو، پوءِ حضور اقدس ۾ حاضر ٿي مريدن ۾ داخل ٿي آخر عمر تائين سندن خدمت ۾ رهي حضور انور جي فيوض ۽ برڪتن کان مشرف ٿيو. سلسلة الذهبيه جلد اول صفحه ٩٤

زبدة المقامات ۾ بعينسه مڪتوب شريف حضور جن جو به لکيل آهي، جو مولانا ڏانهن ارقام فرمايو اٿن

ڪرامت:- هڪ درويش، جو حضور اقدس جو مريد هو. پنهنجي شهر ملتان کان درگاه شريف تي آيو عرض ڪيائين ته منهنجي گهرواري، جا حضور اقدس جي مريد ياڻي آهي، سا ڪيترن ورهن کان سخت بيمار ۽ گهڻن مرضن ۾ گرفتار آهي جنهن جي علاج کان طبيب نهايت عاجز ٿي آيا

ياڻي بد نهايت پريشان ٿو گذاري. حضور اقدس جي توجهه جو اميدوار آهيان ان جي حق ۾ شفالاءِ دعا گهران. جنهن گهڻي زاري ڪيائين تنهن فرمايائون ”اورا در ضمن خود گرفتم“ يعني ان کي پنهنجي حمايت ۾ ورتم.“ تنهن کان پوءِ ڊپ وليش موڪلن وڃي جنهن مدتان پهتوا تاٿهون حضور اقدس ڏانهن عريضو لکيائين، تنهن تي نهن حضور اقدس جن دعا فرمائي هئي انهيءَ ڏينهن منهنجي اهليه تندرست ٿي. حضور اقدس جن ان جو خط پڙهي فرمايو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذَالِكَ. سلسلة الذهبيه ص ٩٣ جلد اول. وغيرها.

ڪرامت:- هڪ دولتمند جنهنجو خاندان عالي شان بزرگن ادن مان هو، سندس والده بادشاهزادي هئي، تنهن جي مرض ۾ گرفتار ٿيو. انهيءَ بيماريءَ ۾ ڪيتريون مدتون پئي ڇڙيو. طبيب حاذق به علاج ڪري ڪري عاجز ٿي نااميد ٿي پيا. ان بيمار حضور اقدس ڏانهن ڪنهن مريد کي عريضو لکي ڏنو. حضور اقدس جن صبح جو ان جي حال ڏانهن توجه فرمايو ۽ پنهنجي مريد کي فرمايائون ته تون وڃ ان بيمار کي مبارڪ ڏي ته تون چڱو ڀلو ٿي وئين. حڪم موجب بيمار جي گهر آيو، جو ڪتولي ۾ پيو هو. حضور اقدس جي مريد چيس ته ميان تون ته چڱو ڀلو ٿيو آهين. خدا تعالى توکي صحت بخشي آهي. هاڻي تون ڇو سمهيو پيو آهين. مريض چيو ته ڳالهه ڪر ته ڇا ٿيو؟ چيائين ته منهنجي پير مرشد مڪمل حضرت خواجه امام رباني قدس سره توکي چڱڀلائيءَ جي مبارڪ ڏني آهي اُٿي ويهي رهه. اهو ٻڌي هن جو بيمار جنهن اٿي ويهي رهيو تنهن حضور اقدس جي توجه جي برڪت سان پنهنجو وجود ۾ بيماريءَ جو ڪو به اثر نه ڏٺائين. سلسلة الذهبيه ص ٨٣ وغيرها. جواهر علويه ص ٩٧

ڪرامت:- هڪ شخص حضور اقدس سان اچي نذر ڪري عرض ڪيو ته منهنجو پٽ بيمار آهي انجي شفالاءِ دعا گهرائڻ آيو آهيان گهڻو ئي زاريءَ نيازي ڪيائين مگر پاڻ انجو نذر قبول نه ڪيائون مجلس وارن سمجهيو ته حضور اقدس جن نذر نه موٽائيندا آهن هي جو موٽايائون شايد هن جو پٽ نه بچندو. مجلس وارن جو خيال پورو ٿيو جو آخر شام تائين ان جو پٽ مري ويو. سلسلة الذهبيه وغيرها ص ٨٥

ڪرامت:- خواجه محمد هاشم صاحب نقل ٿو ڪري ته مون سان هڪ عزيز صاحب فطرت جي، جو حضور اقدس جو پيارو مريد هو، ڳالهه ڪئي ته ڪنهن ضروري ڪم لاءِ لاهور کان برهانپور ٿي ويس. جڏهن سرهند شريف ۾ اچي حضور اقدس جي قدم بوسيءَ کان

مشرف ٿيس تڏهن مون کي سخت بيماري هيٺ ڪري ورتو، فڪر ۾ رهيس ته هتي رهان يا وڃان حضور اقدس جن فرمايو ته جي توکي ضروري ڪم آهي ته روانو ٿي، ان شاءالله تعالىٰ سڀ خير آهي. حڪم موجب اڳتي روانو ٿيس، جڏهن ٻه ٽي منزلون هليس تڏهن سگهي بيماري مون تي غلبو ڪيو. رات جو تمام هيٺ ٿي پيس، انهي ضعف جي غلبي ۾ دل ۾ چوڻ لڳس ته حضور اقدس جن فرمايو هو ته وڃ سڀ خير آهي، هن وقت وري هيءَ حالت ٿي پيئي آهي انهيءَ خطري کان پوءِ ان پريشانيءَ تپ ۽ جوش جي حالت ۾ حضور اقدس جو جمال نظر آيو. فرمايائون ته خاطر جمع رک تنهنجو ضعف لاهي ڇڏيم هاڻي اڳتي روانو ٿي صبح جو بدن ۾ بيماري جو ڪوبه اثر ڪونه ڏٺم جڏهن دهليءَ ۾ پهتس اتان هون جي هڪ دوست مون کي گرم معجون ناهي ڏني، ڪائڻ شرط هيڪاري هيٺ ٿي پيس، هڪ جاءِ تي پيو هوندو وهوس ۽ حضور اقدس جو نالو مبارڪ وٺي مدد گهرندو وهوس، پر ڏينهن نه لنگهيا جو منهنجو هڪ جهونو دوست، جو حضور اقدس جي خدمت ۾ رهندو هو وچتو مون وٽ آيو، احوال ڏنائين ته مون کي حضور اقدس جن موڪليو آهي ۽ مون کي فرمايائون ته تنهنجو يار بيمار آهي، تو جهٽ وڃ ۽ مصريءَ عطردان ان سان همراه ٿيڻ موڪليو آهي. موڪلائڻ مهل ڳوٿري مصريءَ جي گهرائي مون کي تولا ڏنائون جا هيءَ حاضر آهي مون ڇيو ته هي مصري حضور اقدس جن منهنجي مرض ٽارڻ لاءِ دوا ڪري موڪلي آهي ۽ انکي شربت ڪري ٿو پيان طبيبن جهليو ته تپ جي غلبي ۾ مٺاڻ ۽ ٿڌي شيءِ ڪائڻ نقصان آهي. مون انهن کي جواب ڏنو ته بي فائدو ونه ڳالهايو ان طبيب الٰهي مون ڏانهن موڪلي آهي لاچار مون کي شربت ناهي ڏنائون. پيئڻ شرط اڌ بيماري لهي ويئي ٻئي ڏينهن باقي رهيل مصري شربت ڪري پيتم. سڀ بيماري لهي ويئي. جيڪي حاضر هوا حيرت ۾ پئجي ويا اها ڪرامت ڏسي مريدن ۾ داخل ٿيا. زبدة المقامات ص۲۳۴

چند خواني حڪمت يونانيان — حڪمت روحانيان را نيز خوان
دل منور ڪن ز انوار جلي — چند باشي ڪاسه ليس بوعلي

ڪرامت:- نقل آهي ته وهاجي ڏينهن ۾ هڪ شخص ٻيهر اخواب ڏنا حضور اقدس وٽ تاجي احوال ڪيائين ته پاڻ کي گهرائي حصن الحصين جو اجازت ڏنائون جنهن پڙهي پوءِ ڪيائين ته حضور ۾ اچي احوال ڪيائين ته پاڻ فاتحه يعني سورة الحمد لله پڙهي پوءِ فرمايائون ته الحمد لله ڏسڻ ۾ آيو ته تنهنجي چوڌاري مظبوط ڪوٽ تيار ٿيل آهي پر ڪي ڪنڊون ضعيف ڏسڻ ۾ آيون معلوم ٿئي

ته تو ختمي پڙهڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي آهي. وري ان ٻيهر ختم ڪيو. پوءِ حضور اقدس جن فرمايو ته هاڻي تو چڱو پڙهيو آهي ۽ فرمايائون ته عجيب احوال ڏسڻ ۾ آيو ته ڪوٽ ڀرين تو کان ٻيزار ٿيو. مون پاتيو ته منهنجي چوڌاري آيو مگر جلد کان پوءِ معلوم ٿيو ته تنهنجي پاڻيءَ ڏانهن متوجه ٿيو انکي پنهنجي حفاظت ۾ رکيائين حقيقت ۾ ائين ٿيو ان بعد تمام سخت بيمار ٿيو جنهنجي علاج ڪرڻ کان حڪيم عاجز ٿي پيا هوا آخر انهن ڏينهن ۾ حضور اقدس جي فرمودي موجب اهڙيءَ ٿي ته چڱو ڀلو ٿيو ۽ اهڙي ڇاڇي کي جنهن کي اجل ويڙهو هوائون تنهن کي بدو ڀاڄي جنهن کان ڏاڍي ڇڏايو اها خاص سنڌن توجه عالي جي برڪت هئي. (زبدة المقامات ص ٢٧٢ از بياض خواجه محمد معصوم صاحب و مخدوم زادگان

ڪرامت ۾:- هڪ امير زادي تي وقت جي بادشاه بالڪل سخت حڪم ڪيو ته انهن کي گهرائي بنا ڏين جي هاٿي جي پيرن ۾ لتاڙائي مارائي ڇڏجي. ان امير زادي جو جنهن سرهند شريف کان لنگهڻ ٿيو سندن حضور ۾ حاضر ٿي نهايت زاري سان پنهنجي جي جان بچاءِ لاءِ دعا گهرائين. حضور اقدس رضي الله تعالى عنه جن ڪجهه مراقبو فرمائي ان امير زادي کي ارشاد ڪيائون ته خاطري جمع رک تو کي بادشاه ڪا به تڪليف نه ڏئي سگهندو بلڪ تو کي قسمين قسم انعام اڪرام شاهي ملندا. اوري ان سخت پريشان حال هوندي عرض ڪيو ته حضور جن مونکي ڪي ڏيئي ته منهنجي دل کي تسلي ٿئي پاڻ انهي تسليءَ خاطري لاءِ انکي هي اکر لکي ڏنائون "چون فلاني از خوف غضب سلطان بفقراء باب الله رجوع آورد فقير او را در ضمن خود گرفته از اين مهلڪ رهانيد" (يعني جڏهن فلاڻي شخص بادشاه جي خوف کان اسان طرف رجوع ڪيو ته اسان انکي پنهنجي ضمانت ۾ ڏئي ان هلاڪت کان بچايو) امير زادو ته موڪلائي ويو ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪن آدمين اچي خبر ڏني ته بادشاه ان تي گهڻو ڪاوڙيو پوءِ هٿڙيون حالتون ان تي گذريون. پاڻ فرمايائون ته مونکي ان جو معاملو ڏينهن روشن وانگر ڏيکاري ڏئي رهيو آهي ته بادشاه ان تي ضرور مهربان ٿيندو. اها خبر سچي ناهي. پوءِ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ لاڳيتو هڪ ٻئي جي پٺيان ماڻهن کان معلوم ٿيو ته جيئن حضور جن فرمايو هو اهڙي طرح ٿيو. جنهن امير زادو بادشاه جي روبرو پهتو ته هن بادشاه مرڪي ڏنو ۽ انکي نصيحت جا ٻه ٽي ڪلما چئي پوءِ قسم قسم جا انعام اڪرام ڏئي کيس سائڳي عهدي تي مقرر ڪيائين (سلسلة الذهبيه ص ٨٢ ايضا حضرات القدس مترجم اردو جلد ٢ ص ٢٤٣).

ڪرامت ۽:- منقول آهي ته نواب خان خانان ڏانهن بادشاه کي شڪ ٿيو ته دشمن سان ڳجهي طرح مليو آهي. تنهن ڪري کيس موقوف ڪري جيل ۾ موڪليائين ۽ ايترو ڪاوڙيل هو جو

شايد قتل ڪرائي ڇڏيس ها. سيّد محمد نعمان جو حضور جن جو خليفو برهان پور ۾ رهندو هوان ڏانهن خان خانان عريضو لکيو ته حضور اقدس ۾ منهنجي سفارش ڪريو. سيّد صاحب خان صاحب وارو عريضو حضرت مجدّد الف ثاني جي درگاه ۾ دعا طلبي لاءِ پهچايو عريضي سان گڏ موڪليو حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه جن سيّد صاحب ڏانهن لکيو ته "دروقت مطالعه ڪتاب شمه خان خانان درنظر رفيع القدر برآمد خاطر شريف ازمعامله او جمع باشد". سيّد صاحب بجنسه حضور انور جن جو خط خان خانان ڏانهن موڪليو. آخر بارهين ڏينهن کان پوءِ بادشاه انکي دکن جي گورنري ڏئي اعزاز سان نوازيو ۽ گهڻا خاص عطا ڪيائين سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٩٣ حضرات القدس مترجم اردو ص ١٦٤

ڪرامت:- هڪ حاڪم ڪنهن غنيم تي چڙهائي ڪرڻ جو خيال ڪيو، هڪ فقير کيس استخاره بعد فتح جي خوشخبري ڏني جنگ جي تياري جو حڪم ڏنو ۽ حاڪم غنيم تي چڙهائي ڪئي انهي فقير اطلاع طور حضور اقدس ۾ عريضه لکيو يا توجّه بعد جواب ڏيڻ فرمايائون ته تنهنجي مڪاشفه ۾ غلطي آهي، اسانکي سندس شڪست نظر اچي ٿي کيس جهليو ته تڪليف اٿندس. فقير حاڪم جي پويان ماڻهون موڪليو مگر هو گهڻو پري وڃي چڪو هوءِ جنهن ڏينهن بعد فقير کي سندس شڪست جي خبر پهتي. حضور جن جو ڪشف صحيح نڪتو ۽ حاڪم نقاره ۽ نشان ڦرائي لشڪر ماراڻي واپس آيو (روضه) (مطبوعه لاهور ص ٢٣١)

ڪرامت:- شاهجهان بادشاه جنهن وقت پيءُ سان لڙيو رهيو هو، جڏهن ته علمائن ۽ قرائن جو محب هو تنهن ڪري سڀڪو انجو خيرخواه هو، ڪنهن وقت جي بزرگ حضور اقدس رضي الله تعالىٰ عنه ڏانهن عريضو لکيو ته دهلي جي طرف سمورن بزرگن کي ڪشف سان معلوم ٿيو آهي ته شاهجهان کي فتح ٿيندي. حضور انور جن جواب ۾ لکيو ته منهنجو ڪشف ٻين جي خلاف آهي يعني في الحال شاهزادي خورم کي فتح نه ٿيندي پر آخرڪار شاهزادي عالي مقدار جو معامله بالڪل چڱو نظر ٿو اچي. ٿيو به اهڙي طرح جيئن حضور جن ارشاد ڪيو جو ڇهن پنجن سالن تائين انکي گهڻيون پريشانيون سهڻيون پيون تنهن کان پوءِ حق سبحانه وتعالىٰ انکي پنهنجي پيءُ جو جانشين ڪيو اهڙو وخت بلند جانشين جو سموري هندستان جي بادشاهي ۾ اهڙو ڪوبه نه ٿيو سندس حڪومت جي انتظام عجيب نوع وارو ۽ علمائن ۽ قرائن جي عزت بالڪل وڌي وئي. شريعت نبوي علىٰ صاحبها الصلواة والسلام پڻ طرح جو زيب ۽ زينت ورتي. سنه ٣٧ سن جلوس جو هاد جناب حضرت خواجه محمد هاشم صاحب قدس سره "زينت شرع" مان ڪڍيو آهي. (زبدة المقامات ص ٢٨١)

١٠٣٧

كرامت :- حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو ننڍي وياءِ حضرت شيخ محمد معصوم قدس سره ناليءَ کان ڪملاءِ قندار تشريف فرما ٿيو هوا انهن ڏينهن ۾ حضور جن مان هُن کي فرمايو ته عجيب معاملو آهي جو جڏهن محمد معصوم جي احوال جي طرف متوجه ٿيس ڪيترو انکي گوليه پر نالن مساري رڙي زمين تي تڪيه پرهو نکي منهنجو ڏسڻ ۾ نه آيو جڏهن وري توجه ڪيم ته مونکي انجي تبرڪ ۾ آئي ڪُڻ ڏينهن کان بعد انجي رفيق اچي خبر ڏني ته حضور جن جي پاءِ وفات فرمائي - (روضة ص٣٣٠ زبدة المقامات ص٣٦٩)

چشم شان را هم ز انوار سر شته اند　　تا ز روح را ز افلاک بگذشته اند
ظل ما اندر زمين چون کوه قاف　　روح او سيمرغ بس عالي طواف

كرامت :- خواجه حسام الدين احمد قدس سره پنهنجي پٽ جمال الدين حسين کي ڏهڪائڻ سرهند شريف حضور جن جي مريد ٿيڻ لاءِ موڪليو. خواجه جمال الدين حسين پاڻ ٿو روايت ڪري ته جڏهن آئون حضور ۾ حاضر ٿيس تڏهن پاڻ منهنجي حال تي توجه فرمايائون. ٿوري دير کان پوءِ فرمائڻ لڳا ته آئون توسان ڳوٺ ته تنهنجي قلب تي هڪ زال جا پيچ ويا آهن جيستائين اهي پيچ تنهنجي دل تان نه هٽندا، توکي فائدو نه ٿيندو. مون عرض ڪيو ته آئون پنهنجي چاچي جي ڌيءَ تي عاشق آهيان پوءِ حضور انور جن اها توجه فرمايو جو اهو منهنجي دل جو عشق ائين نڪري ويو جو بالڪل منهنجي دل عشق مجازي کان ڄڻ ته پاڪ ٿي وئي گويا منهنجي دل ۾ ڪڏهن ڪا ڳالهه نه هئي. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص٦٥، ايضاً جواهر علويه ص٩٥).

كرامت :- هڪ اهل الله نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري مون حج جو پڪو ارادو ڪيو. موڪلائڻ ۽ دعا وٺڻ جي لاءِ خدمت ۾ آيس پاڻ سر مبارڪ مراقبي ۾ ڪري فرمايائون ته آئون توکي عرفات ۾ ڪونه ٿو ڏسان توهان حج جو ارادو ڪهڙي طرح ڪري رهيو آهين. غرض ته اڄ ڏينهن تائين پوريه ورهه گذري ويا آهن جڏهن به حج جو ارادو ٿو ڪريان يا ارادي جي تياري يا اسباب سفر جو هٿ نه ٿو اچي (سلسلة الذهبيه جلد اول ص٨٥).

كرامت :- حضرت خواجه حسام الدين قدس سره حضور جن ڏانهن عريضو لکيو ته مونکي حج جي وڃڻ جو ارادو آهي پاڻ جواب ۾ تحرير فرمايائون ته مونکي اوهانجو وڃڻ معلوم نٿو ٿئي مٿين خواجه صاحب اگرچه وڃڻ جو هر طرح انتظام ڪري ڇڏيو هو مگر وڃي نه سگهيو (جواهر مجدديه ص١٤٠)

كرامت :- هڪ فقير دکن ۾ رهندو هو ۽ هو واڄا اهو حضور انور سان ۾ حاضر نه ٿيو هو پر ته پوءِ

جو اشتياق حد کان زياده رکندو هو. هڪ ڀيري ان حضور ۾ هڪ عريضو لکيو جنهن ۾ پنهنجي اشتياق جي تفصيل وار ڪيفيت عرض رکيائين حضور جن انهي جواب ۾ لکيو ته تنهنجي خط مطالعه ڪرڻ وقت توهان جي آس پاس گهڻي نورانيت پکيڙيل ڏسڻ ۾ آئي اهو طالب دکني حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو اهو مڪتوب شريف پڙهي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ٿوري مدت خدمت ۾ اچي رهيو آخر حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه انکي خلافت عطا فرمائي موڪل ڏني انهي آس پاس ۾ هزارن ماڻهن باطني فائدا ورتا ۽ فناء بقا حاصل ڪيائون ان جي هدايت جي نور کان گرد نواح منور ٿيو حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جو فرمود حرف بحرف سچو نڪتو (روضة القيوميه ص ٢٣٨)

آنڪه از حق يابد وحي و جواب هرچه فرمايد بود عين صواب

ڪرامت:- هڪ بزرگ جناب خواجه محمد هاشم قدس سره سان بيان ڪيو ته مون حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ هڪ عريضه لکيو جنهن ۾ ڪالهون هي راز دريافت ڪيو هوم ته ڪهڙو سبب آهي جو صحابي سڳورا رضي الله تعالیٰ عنهم جناب سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والسلام جي هڪ صحبت جي برڪت کان اهڙو درجي تي وڃي پهتا جو ڪاملن ولين ۽ غير صحابن سڀني کان زور پيدا ٿيا جا انهن کي حضور پرنور جناب رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي هڪ صحبت ۾ ڪا اهڙي حالت باطني حاصل ٿيندي هئي جنهن سبب ڪري اهي اصحاب سڳورا امت جي سمورن ولين کان زور پيدا ٿيا. حضور اقدس حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جواب هن طرح تحرير فرمايو ته هن سوال جو حل صحبت ۽ خدمت سان لڳايو ٿو رکي. مٿيون بزرگ بيان ٿو ڪري ته آئون سندن صحبت ۽ خدمت ۾ حاضر ٿيس پهرين صحبت ۾ مون تي حالت باطني اهڙي غالب ٿي جو بيان ۾ نٿي اچي سگهي. آخر انهي ڏينهن مونکي گهرائي فرمايائون ته ڏس اجوڪي ڏينهن ۾ مون تنهنجي حالت کي بدلائي ڇڏيو تنهنجي صورتحال ڪجهه بي ٿي وئي هوندي انهي ۾ مان پنهنجي سوال جو حل ۽ جواب سمجهي سگهين ٿو مون مٿو نيازمندي سان زمين تي رکيو ۽ سندن دل جي وهندڙ دريا فيض مان انوار ورتا اقتباس ڪيمياء بدر المقامات ص ٢٩٧.

صاحب مواهب السرمديه جو لکي ته حضور جن جي هڪ نظر سان سيد مقام ولايت جان بزرگ کي حاصل ٿيا. حاصل مثل هڪ آهي. عبارت مواهب جي هي آهي

وڪتب اليه بعض المشائخ ان المقامات التي تدعيها هل نالتها الصحابة اولا

وَعَلَى الْأَدْنَى هَلْ نَالُوْهَا دَفْعَةً وَاحِدَةً أَوْ تَدْرِيْجًا فَأَرْسَلَ إِلَيْهِ أَنَّ الْجَوَابَ مَوْقُوْفٌ
عَلَى حُضُوْرِكَ فَحَضَرَ فَتَوَجَّهَ إِلَيْهِ بِجَمِيْعِ الْمَقَامَاتِ فَتَرَامَى فِي الْحَالِ عَلَى قَدَمَيْهِ
وَقَالَ آمَنْتُ أَنَّ جَمِيْعَ الْمَقَامَاتِ كَانَتْ تَحْصُلُ لِلصَّحَابَةِ رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ بِمُجَرَّدِ
نَظَرِهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (المواهب السرمدية في مناقب النقشبندية ص ٢٨٥)

ڪرامت ٣:- نقل آهي ته هڪ درويش حضور اقدس جي خدمت ۾ آيو، جو قلب اهڙي ذڪر ۾ مشغول هئو جيئن وارا ماڻهو ٿي انجي ذڪر کان واقف ٿيندا هوا، حضور اقدس هن کي فيض جي طلب لاءِ حاضر ٿيو هو. پاڻ فرمايائون ته هي شخص جذب استعداد جي اهڙي درجي کان مٿي وڌڻ جوڳو لائق آهي. مگر گهڻائي ذڪر ۽ ٻين مشائخن جي خلافت هن کي تڪبر ۾ پاتو جي مرض ۾ وجهي ڇڏيو آهي انهي ڪري هن جي واڌاري جي وات بند ٿيل آهي، هن جي ترقي لاءِ هي علاج آهي جو اڳين حالت کسجي وڃي، انهي ڳالهه کي ٻه ٽي ڏينهن اچا نه گذريا هوا ته حضور اقدس جن انجي اڳين حالت کسي ڇڏي، جڏهن به حضور اقدس جن انجو ذڪر سلب ڪندا هوا ته هن اهو بازار ۾ ڏٺو هو، ڪيترا ڏينهن حضور اقدس جن انکي خيال ۾ به نه آندو ته پيلي تڪبر ۾ پاڻ رجوع سندس دماغ ۾ پيل هو، نڪري ويو آخر هن ڏاڍي بري حالت کي پهتو. هڪ ڏينهن حضور اقدس جن انکي ڪنهن گوشي ۾ گهرائي نظر ۾ اثر سان اهڙي درجي کي پهچايائون جو سندس پهرين حالت هن جي پهرين ڏاڪي جي برابر نه هئي ۽ اهو درويش پاڻ اڳين حال جي نقصان جو اقراري ٿيو. (سلسلة الذهبية ص ٨٤، روضة القيومية مطبوعه لاهور ص ٢٤٠)

ڪرامت ٤:- هڪ درويش صاحب ولايت جو نقل ٿو ڪري ته هڪ پيري مون تي بي قراري اهڙو غلبو ڪيو جو ڪٿي به آرام نه ٿي آيو، جي جهنگل ۾ ٿي ويس ته ويڙهه ۾ ٿي آيس زياده بي قراري ۾ ٿي ويس ته اُتي پڻ فرحت نه ٿي آئي هڪ ڏينهن حضور اقدس جي خانقاه ملائڪ پناهه ڏانهن ويس ان وقت پاڻ دروازي مبارڪ جي اندران هوا ۽ دروازي جا خادم خليفاء بيٺا ماڻهون ٻاهران صف ناهي نهايت ادب سان هٿ ٻڌيون اهڙي طرح بيٺا هوا جو ته انهن جي ٻُت ۾ ساهه ڪو نه هي جڏهن آئون اوڏو پهتس ته ڏهن حضور اقدس جن منهنجي حال کان واقف ٿي يڪدم دروازو کولي مون ڏانهن اشارو فرمايائون ته فلاڻا جلدي اچ آئون تڪڙو وڌي ويس ۽ حضور اقدس جي ڀر ۾ وڃي ٿيس. پاڻ ڪمال بنده نوازي فرمائي منهنجي گردن ۾ هٿ وجهي ۽ مٿو پنهنجي ٻغل ۾ ڏيئي فرمايائون ته اي فلاڻا توکي جا نصيحتائي پهتي سا تنهنجي زماني وارن مان ڪنهن کي نه پهتي. آهو حضور اقدس جو

ارشاد مثل آب حيات جي هو جو منهنجي دل جي ويراني کي آباد ڪيائون ۽ بي قراري، بي آرامي، جوش ۽ خروش سڀ ختم ٿي ويو ۽ نهايت فرحت ۽ آرام ٿيو. (سلسلة الذهبيه ص ٩٦ وغيره)

ڪرامت:- هڪ سوداگر، جو مريدن مان هو، سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته آئون پيري کي پهتو آهيان اڃا تائين اولاد ڪونه ٿيو آهي. خدا ڪارڻ منهنجي حال تي عنايت فرمايو. پاڻ هڪ ساعت فڪر ۾ رهي فرمايائون ته هن زال مان تو کي اولاد لوح محفوظ ۾ لکيل ڪونهي، ٻيو نڪاح ڪندين ته ان مان بيشڪ تو کي اولاد ٿيندو، جو اهو تو کان پوءِ نيشاني رهندو، اوچتو انهي زال مري وئي پوءِ ٻيو نڪاح ڪيائين جنهن مان پٽ ڄاوا الله جي عنايت ٿيس. (سلسلة الذهبيه ص ٩٦ وغيرها)

ڪرامت:- مولانا ناصر تقي نقل ڪري ٿو ته مونکي منهنجي والد شريف وفات مهل وصيت ڪئي هئي ته منهنجي جنازي کي حضرت محبوب سبحاني امام رباني قدس سره جي خدمت ۾ وٺي عرض ڪجو ته حضرت! خدا ڪارڻ هنکي پنهنجي طريقي ۾ داخل فرمايو. جڏهن ته حضور اقدس جو مزاج هئو ته ملن کي پنهنجي فيض کان سرفراز فرمائيندا هوا. سندن حضور انور ۾ تلقين ڏيارڻ لاءِ جنازو حاضر ڪيو هو، مون پنهنجي والد شريف جي وصيت جو امر بجاءِ آندو، جنازو آڻي سندن حضور ۾ رکيم ۽ پنهنجي والد جي وصيت جو پڻ احوال ڪيم. فرمايائون چڱو صبح مريدن جي حلقه ۾ ويهي معلوم ڪجو پئي ڏينهن جڏهن آئون حلقي ۾ ويس، ته هڪ شخص جي دي ۾ مون پنهنجي والد شريف کي ويٺل ڏٺو ذڪر فڪر جي شغل ۾ ويٺو هو مون شڪر خدا جو بجاءِ آندو. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٩٤)

ڪرامت:- حضور اقدس کي ڏهن مريدن روزي چوڻ لاءِ شام جي وقت جي دعوت ڏني پاڻ ڏهني جي دعوت قبول ڪيائون وقت مقرر تي ان هڪ ساعت ۾ سڀني جي گهر تشريف فرمائي روزو چوڙيائون. مواهب السرمديه مطبوعه مصر ص ٩٦. سلسله. حدائق الورديه ص ٩٤.

ڪرامت:- مولانا محمد هاشم سان شيخ بديع الدين صاحب هي ڪرامت جي عجيب ڳالهه ٻڌائي ته هڪ ڏينهن مونکي هڪ دوست هڪ بزرگ جي قبر جي زيارت لاءِ زور ڪيو جنهن بزرگ جي زيارت لاءِ دوست ٿي چيو ان ڏانهن حضور اقدس جن شريعت جي مخالف ڳالهه ڪري رهيو هو. انهيءَ ڪري مون گهڻو ئي کسايو مگر ان دوست جي چوڻ ڪري

لاچار ٿي ان بزرگ جي سيراندي کان مراقبو ڪيم، اوچتو ڏسڻ ۾ آيو ته هڪ شينهن گجندو نهايت ڪاوڙ ۾ ڀريل ان جاءِ تي ظاهر ٿيو. مون ان شينهن ڏانهن ڏسندي ئي پئي ڏٺو ته اوچتو ان شينهن جون اکيون حضور اقدس جي اکين مبارڪن جهڙيون ٿي ويون بلڪ آخر ان شينهن جو سارو منهن انساني ٿي پيو ۽ مون تي نهايت ڪاوڙ سان حملو ڪيائين، انهي هيبت کان منهنجو مراقبو ٽٽي پيو ۽ تمام تڪڙ واڻيس ۽ استغفار ڪيم. (زبدة المقامات ص ٢٦٧)

حضور اقدس جي شريعت جي استقامت جو حال اهو آهي جو ڪجهه معلوم ڪري سگهجي. وَلِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ

مرد درويش بي شريعت گر — بپرد در هوا مگس باشد
يا چو ڪشتي روان شود بر آب — تو يقينش بڪن ڪه خس باشد

ڪرامت:- هڪ گادي نشين پير دور دراز سفر ڪري حضور اقدس ۾ آيو، پاڻ ان تي ڪنهن به قسم جي مهرباني نه ڪيائون حالانڪ سندن اها عادت هئي جو جيڪو به ڪو مشائخ يا صالح صلاحيت وارو سندن حضور پرنور ۾ ايندو هو ان تي تمام مهرباني جي نظر فرمائيندا هوا، سندن خدمت ۾ ڪنهن مريد عرض ڪيو ته هي مشائخن مشهورن مان آهي خاندان ۽ گادي نشين دور دراز سفر ڪري آيو آهي، هن کان اهو زياده عنايت جو اميدوار آهي پاڻ فرمايائون بيشڪ ته هي ڳالهه پوري آهي، مگر آئون ڇا ڪريان، انهي پيشاني تي ڏٺم ڪفر سان انڪار جو لفظ لکيل آهي، سڀ مخلص درگاه جا حيران ٿيا ۽ ڪجهه مدت تائين اهو پير خانقاهي رهيو پوءِ هو ان کان پوءِ اسلام کان انڪار ڪري مرتد ٿيو، يعني دين اسلام کان ڦري ڪفر اختيار ڪيائين. (روضة القيوميه ص ٢٢٩، زبدة المقامات ص ٢٤٢)

ڪرامت:- حضور اقدس جن هڪ ڀيري لاهور ۾ رونق افروز هوا، سومهڻي جي نماز ادا ڪري هڪ گهر جي ڇت هيٺان ويهي فرمايائون ته هي ڇت ڪرڻ واري آهي گهر وارن کي چئو ته ٻاهر نڪري وڃن ۽ هن عمارت جي ويجهو به ڪو نه وڃي. جڏهن ته نڪا بارش هئي ۽ نڪو طوفان ۽ نه ڇت ضعيف هئي تنهن ڪري ماڻهو حيران ٿي خيال ڪرڻ لڳا ته هن گهر جو ڪهڙو ڪم؟ جن ڪن تعميل ڪئي پوءِ پر ڪي بيٺا رهن، اهڙا جو اها جاءِ اوچتو ڪري پئي هيٺان هڪ ٻار جي سڌ هئي، جاد جي دلي ۾ ويجهن مان ڪي سُرڻ جلدي لڳا صبح جو پاڻ عتاب سان فرمايائون ته "اسان جي چوڻ جي تعميل ڇو نه ڪيو. ان ٻار کي ڪي وني ايجو". حڪم موجب حاضر ڪيائون، توجه عالي جي برڪت سان انکي ڪو آسيب نه پهتو ۽ صحيح هو. (زبدة المقامات ص ٢٨٠، روضة القيوميه مترجم اردو رڪن اول مطبوعه لاهور ص ٢٣١ وغيرها)

ڪرامت ۵:- مولانا محمد هاشم جن پنهنجي ڪتاب زبدة المقامات ۾ تو لکي ٿا جو هڪ ڏينهن مون کي

حضرت محبوب سبحاني خواجه امام رباني قدس سره جن رابطي جي طريقي ۾ مشغول فرمايو،
تڏهن حضور اقدس جي محبت ۽ اشتياق ۽ عشق بازي جي وات گهڻي جاري هئي، هڪ ڏينهن
رباعي جي حضور ۾ پهچايو۔ اي آنکه ملائک مگس قند تواند ؛ دل سوختگان عشق اسپند تواند

کان نمک از لعل تو آواره بکوه ؛ عالم همه در شور شکر خنده تواند

حضور اقدس جن پهرين مصرعه بدلي فرمايو ته اهڙي طرح مدح ۽ ذکر ڪرڻ گهرجي جو
ڪنهن ٻئي جي مرتبي ۾ گهٽتائي ٿئي، معنيٰ مصرعه پهرين جي هي آهي ته هنجي فيض جي ميناج مثال ۽ ملائڪ
پڻ مکين وانگر محتاج آهن". حضور اقدس فرمايو ته "ملائڪن کي ميناج تي مک بنائڻ، ادب جو ترڪ آهي
مذهب جمهور اهل سنت جماعت جو آهي ته خاص ملڪ، عام ماڻهن کان جن ۾ اولياء وغيره داخل
تي چڱا ڀلا آهن". انهيءَ وقت مونکي مثنوي شريف جو بيت دل ۾ ياد آيو.

بی عنایاتِ حق و خاصانِ حق ؛ گر ملک باشد سیاه هستش ورق

يعني سواءِ عنايت باري تعالى جَلَّ وَعَلا ۽ انهيءَ خاص ٻانهن جي دولت سڳورن ۽ انبياء ڪرام جيتوڻيڪ
ملائڪ هجي ته ان جو ورق ڪارو آهي، اگرچه اهو بيت دل تي آيو پر ادب جي ڪري حضور اقدس ۾ بيان
ڪري نه سگهيس انهيءَ خطري جي جواب ۾ ان خود فرمايائون ته توشايد مثنوي جي بيت تي پرسو ڪيو
آهي مگر مولوي روم "خاصان حق" مان مراد نبين جي جماعت ورتي هوندي يا بيهوشي جي حالت ۾
بي اختيار تي اهو بيت چيو هوندائين. زبدة المقامات مطبوعه نولڪشور ص ٢

ڪرامت:- نقل آهي ته حضور اقدس جن هڪ سفر ۾ ڪنهن مسافرخاني ۾ منزل اندر
ٿيا هئا خادمن کي فرمايائون ته معلوم ٿو ٿئي ته اڄ هن جاءِ تي وڏي
آفت اچڻي آهي پوءِ فرمايائون ته هڪ ٻئي کي خبردار ڪيو ته بِسْمِ اللهِ
الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ. أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ
مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ" اها دعا پڙهندا رهن جنهن جي برڪت سان سندن مال ۽ جان محفوظ رهندا، پڻ
گهڙي ٻن گذرڻ کان پوءِ ڪن گهرن کي باه لڳي ۽ اهڙو زور ورتائين جو انهي وسائڻ کان ماڻهو عاجز
ٿي پيا سيءُ گهر مال ۽ سامان سميت سڙي ويا ۽ ڪيترا ماڻهو پڻ سڙي ويا. جيڪي باه کان بچيا سي به
ڏک ڏوڙ ۾ نهايت عاجز ٿي پيا، مولانا عبدالمؤمن جو حضور اقدس جي مخلصن مان هو انجو پڻ
سامان سڙي ويو، مولانا صاحب گهڻي محبت سان حضور اقدس جن تائين پهتو، حضور اقدس سرجن
فرمايس ته اها دعا ڇو نه پڙهي؟ هو جواب ۾ عرض ڪيائين ته حضرت منهنجا مونکي ڪنهن ڪانه ڏسي

حضور اقدس جن خادمن کي تنبيه فرمائي ته اوهان هن غريب کي چو نه خبر ڏني؟ مطلب ته جن حضور اقدس جن جي حڪم موجب اها دعا پڙهي هئي سي هر طرح امن ۾ رهيا ۽ جن نه پڙهي تن سان مٿين حالت پيش آئي (زبدة المقامات ص ٢٩٦) (روضة القيوميه ص ٢٣٨)

گرچه از حلقوم عبدالله بود گفته او گفته الله بود

ڪرامت ٻ:- هڪ ڏينهن صبوح جي حلقه ۾ ارشاد فرمايائون ته پنهنجن سنگتين مان هڪ جي پيشانيءَ تي "هو الڪافر" لکيل ڏٺو سان ٿورا ڏينهن نه گذريا ته مولانا محمد طاهر لاهوري ڪافر ٿي ويو. اگرچه درگاه تي رهندڙن سڀني کي حد کان زياده خوف هو ته اسان مان الائي ڪنهن تي اها تقدير لاڳو ٿي آهي (زبدة المقامات ص ٣٤١) حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن انهيءَ مصيبت جي دفع ڪرڻ لاءِ متوجه ٿيا جو، حضرات صاحبزادن مان هڪ حضرت عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله تعالیٰ عنهما سندن حضور ۾ مولانا طاهر لاءِ سفارش ڪئي. مولانا حضرات صاحبزادن جو استاذ هو. (زبدة المقامات ص ٣٤١ و خزينة الاصفيا جلد اول ص ٦١٧). حضور انور رضي الله تعالیٰ عنه کي ڏسڻ ۾ آيو ته لوح محفوظ ۾ به "هو الڪافر" لکيل آهي آخر پاڻ نهايت گهڻي عجز ۽ زاري سان درگاه باري جل وعلا ۾ مشغول ٿيا ۽ عرض ڪيائون ته خداوند! لجناب حضرت غوث الاعظم رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو آهي ته منهنجي وسيلي سان تقدير مٽجي ٿي وڃي جيڪا هن پنهنجي خاص عنايت سان هي تقدير به مٽجي وڃي ته تنهنجي ڪشادي رحمت کان هي ڳالهه پري نه آهي". سندن دعا جناب الهي ۾ قبول ٿي ۽ مولانا محمد طاهر وري اسلام کان مشرف ٿيو ۽ حضور انور جي نظر عنايت سان ولايت جي مٿاهن مقامن کي پهتو آخر حضور جن انهيءَ کي خلافت ۽ قطبيت جي مرتبي کان مشرف فرمايو. (سلسلة الذهبيه جلد اول ص ٨٤)

کان دعائے شيخ ني چون هر دعاست فانيست و گفته او گفته خداست

آن دعائے بي خودان خود ديگرست آن دعا زو نيست گفتِ داور ست

ڪرامت ٻ:- شهزادو دارا شڪوه قادري ڪتاب سفينة الاولياء ۾ لکي ٿو ته مولوي شيخ ميرڪ بن فصيح الدين، جو شهزادي خرم جو استاد هو مون سان هي ذڪر ڪيو ته آءٌ اتفاق سان هڪ پيري سرهند شريف ويس ۽ حضرت امام رباني قدس سره جي زيارت کان مشرف ٿيس مون چار سوال دل ۾ سوچيا، خيال ڪيم ته جي جواب مون کي ڏنائون ته کين ولي ڄاڻندس، هڪ ته

عام مشهور آهي ته حضرت مجدد قدس سره پاڻ کي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه
کان پلو ڏيئي ٿو چالي. ٻيو ته ٻئي وهيم ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره پنهنجي مرشد جي اجازت
کان سواءِ مريد ڪيا. انهيءَ نسبت ۾ جواب وارو گهرجي. ٽيون ته مونکي پنهنجي پيءُ
وڏن جو احوال پهتو آهي. جو ٿيون ته خواجه خاوند محمود غازي قدس سره ڏانهن سند نکڻي
عقيدو آهي سو انهن خود بيان ڪري. پاڻ مونکي خطن کان واقف ٿي اول ته جاوداڻي جو هينئا
هڪ جز رکي هئي سا مونکي ڏني فرمايائون ته مطالعو ڪر. جنهن مطالعو ڪيو فرمايائون ته انهي
جز مان ڇا ڪو اهڙو مضمون معلوم ٿو ٿئي ته حضرت صديق اڪبر خليفو رسول اڪرم صلي
الله عليه وسلم جي کان آئون پاڻ کي پلو ٿو ڄاڻان عرض ڪيم ته هن مان ڪجهه به معلوم نه
ٿو ٿئي. فرمايائون ته حقيقت اها آهي پيو سڀ مون تي ڪوڙو بهتان آهي وري فرمايائون ته هڪ
پيري خواجه خاوند محمود هت تشريف آندي هئي جيائين ٿي ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره
پنهنجي مرشد کان مريد ڪرڻ جو اجازو ظاهر نه ورتو هو. جو ته هڪ ڏينهن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره جي مرشد خواجه امڪنگي قدس سره گذاري وٺي ڪاڏو پاڻ ذڪر ڪري
سڀ حاضر مجلس کي پيو ڏنائون. باقي خواجه باقي بالله قدس سره کي نه ڏنائون مجلس
وارن عرض ڪيو ته حضرت خواجه باقي قدس سره حاضر آهي انکي پڻ ڏيو فرمايو. خواجه
امڪنگي قدس سره فرمايو ته اسين انکي سڄو ڏينداسون خواجه باقي بالله قدس سره
اهو گفتگو ٻڌي خوش ٿيو ۽ پنهنجي ته مونکي اجازو مليو. خواجه خاوند محمود جڏهن تقرير پوري
ڪئي تڏهن ٿي مون چيو ته اها ڳالهه اڻ پوري آهي. اوهان واري تقرير مون پنهنجي پيءُ خواه
سندن مخلصن مان ڪانه ٻڌي آهي بلڪ حقيقت هن طرح آهي ته جڏهن حضرت خواجه
باقي بالله قدس سره کي سندن مرشد اجازو ڏنو تڏهن ٿي پاڻ انڪار ڪري فرمايائون ته هي وڏو ڪم
خلافت جو مون کان پورو ٿي نه سگهندو، سندن مرشد عذر قبول نه ڪيو فرمايائون ته
تون هر طرح لائق آهين انهيءَ وچ ۾ ٿي سفيد ريش جوان وقت حاضر هو ته حضرت
امام رباني قدس سره جي قول جي تصديق ڪئي تڏهن ٿي خواجه خاوند محمود فرمايو ته مون
جا تقرير ڪئي هئي سا غلط ٻڌي هيم، وري حضرت مجدد قدس سره منهنجي وڏن جو جيڪو
احوال ڏنو تنهن کان پوءِ فرمايائون ته خواجه خاوند محمود اسانجو پيرزادو آهي حضرت خواجه
بهاءالدين شاهه نقشبند قدس سره جو اولاد آهي جڏهن جين سوالن جا جواب حضور

قدس سره جن مونکي جهڙي طرح تہ نا تہ ڏهن کين ٻنهي جهانن جو وسيلو کري مرشد ورتو عمر ڀريءَ
کان مشرف ٿيس (سفينة الاولياء مطبوعه نول ڪشور ص ١٩٧)

ڪرامت ٨:- اڪبر بادشاهه جڏهن حضور (قدس سره) جن طرفان سجدي ڪرڻ تي بندش لاءِ نصيحت ٻڌي جنهن جو ذڪر روضة القيوميه ۾ آهي، تڏهن پڌرهڪ ٿيون ڪشاديون ڪيون نهر ايائين هڪ جو نالو بارگاهه اڪبري، ٻيءَ نهر جي نالي جي مناسبت تي رکيائين ۽ ٻي جاءِ جو بارگاهه محمدي رکيائين. اڪبري بارگاهه نهايت رونقدار هئي جنهن ۾ سون ۽ موتين جي ڪمي ڪانه هئي جنهنکي شاهاڻي آب تاب سان درٻون در وانڌ اهواءِ بارگاهه محمدي ۾ سڀري ڪا ڏل ڪا نيون ۽ بيڪار تنبو کوڙايائين جنهن جي در سان ڪو به ٻيو نٿي سگهيو. عام پڙهو ڏيارايائين تہ ڪوبہ ڪي اختيار آهي جنهن جي دل گهري اڪبري بارگاهه ۾ داخل ٿي بادشاهه جون رسمون سجدي ڪرڻ وغيره جون بجاءِ آڻي ۽ جنهن جي دل گهري سو بارگاهه محمدي ۾ داخل ٿي دين محمدي جي حڪمن تي قائم رهي پاڻ بادشاهه فرعون اشتباهه نمرود جاهه دربار جي ٺٺ جي جاءِ تي هڪ بالاخاني ۾ شاهانه سازو سامان سان ويٺو هو. جن کي نور ايماني مان ذرو هو ۽ جناب قيوميت مآب حضرت امام رباني قدس سره جي اخلاص جي دولت کان ٻهرو ڀرئي سعادت ازلي کان نصيب ور ٿيا هوا تن کي ستاهي خبر ڪا ڏيکاري ڪانہ ڏني جنهن ڪري بارگاهه محمدي ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ ڪيترا امير جهڙوڪ سيد صدر جهان، مرتضي خان، خان خانان، خان اعظم ۽ ٻيا غريب ۽ فوج جا ماڻهون وغيره ٻئي هوا جي ايمان جي نور کان نا اميد هوا اهي بارگاهه جهانپناهه اڪبري ۾ ويا ان وقت هڪ سيد ڪامور وبارگاهه اڪبري ڏانهن ٿي ويو تڏهن وقت بارگاهه محمدي مان هڪ غريب ٻانڪ سڏ ڪري چيس تہ مياڻ سيد توهان بادشاهه جي خوف ڪري پنهنجي ڏاڏي جي بارگاهه کي ڇڏي ٿا وڃو تہ قيامت ۾ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم کي ڪهڙو جواب ڏيندين. شاهه صاحب شرمندو ٿي بارگاهه محمدي ۾ داخل ٿيو جڏهن خلق پنهنجي خواهش موجب پنهنجن جاين تي پهچي وئي تڏهن انهن لاءِ طعام آيو، بارگاهه اڪبري جو طعام نهايت لذيذ ۽ شاهاڻو هو ۽ بارگاهه محمدي جو نهايت خراب هو جنهن وقت ٻئي طرف کائڻ ۾ مشغول ٿيا تڏهن حضور (قدس) امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن هڪ آدمي موڪليو جنهنکي خاڪ جي مٺ عنايت ڪيائون جنهن سندن حڪم موجب بارگاهه محمدي جي چوڌاري ليڪو ڪڍي ڇڏيو. ڪجهه گهڙي وڌي بارگاهه اڪبريءَ ڏانهن حضور قدس جي خاڪ مبارڪ ڇڏائي. اچانڪ شرط اتر جي طرف کان (سرهند شريف اتاهون اتر تي هو) گرم هوا جو طوفان

زور شور سان لڳو ۽ بارگاهه اڪبري جي اهڙي ابتر حالت ٿي جو جاءِ جون ميخون اکڙي پيون
۽ کوکا اونڌا ٿي ڏوڙ ۾ پيا جي ويا ڍينچي جي تختي جي ٻيءَ هڪ ونگ ۽ تختو بادشاهه جي مٿي ۾ اهڙو
لڳو جو مردود جو مغز ڀڄي پيو مٿي ۾ ست ڦٽ ٿي پيس. اڪبري بارگاهه وارا ماڻهو گهڻا ته مري ويا
۽ ڪن کي ڏک ۽ ڪن کي ميخون ۽ ڪن جي منهن تي طعام جا کوکا ٿيا هوا جي زور سان اهڙا لڳا
جو مري ويا. بادشاهه ڪبوتر وانگر پيو ڦٿڪندو هو ۽ هڪ هڪ عضوو ۽ هڏ هڏ ڀڄي پيس آخر ستين
ڏينهن بادشاهه دوزخ ۾ داخل ٿي دوزخ جي فرشتن جي حوالي ٿيو ڀڄي مري ويو. عجيب
شان ڪبريائي ۽ غيرت جلال الهي اُن مٺ خاڪ حضرت مجدد الف ثاني جي صاف ظاهر ٿيو
بارگاهه محمدي اهڙي هيٺاهين هوندي پٽ رکي ڪان زياده مضبوطي ۽ بارگاهه محمدي وارن
تمام لذت سان طعام کاڌو ستن ڏينهن تائين طوفان رهيو ۽ مرتدن کي داخل جهنم جي
ڪيائين. انهن ڏينهن بند ٿيو. تنهن کان پوءِ حضور اقدس ۾ هزارن جا هزار مخلوق حاضر
ٿي مريدي کان مشرف ٿيا ۽ هڪ توجه سان خدا وارا ٿي ٿيا. روضه درڪن اول سان نقل جون ٿيو هيٺ

ڪرامت ۽:- شيخ بديع الدين جو هندستان جي بزرگن ادن مان هو آڳي وقت ۾ حضور
اقدس وٽ توضيح تلويح جو ڪتاب پڙهندو هو. پر خدا وارن ڏانهن ڪو اعتقاد نه هوس
بلڪ نماز فرضي پڻ ادا نه ڪندو هو. نقل آهي ته جنهن سال ۾ حضور اقدس جن وٽ پڙهندو
هوس انهن ڏينهن ۾ هڪ جوان معشوق سان دل ڦاٿل هيم. سبق وقت به منهنجي دل انهي
حيراني ۾ رهندي هئي دل ۾ چوندو هوس ته هتان ڪڏهن واندو ٿيندس جو ان محبوب
جي گهٽي جو نظارو ڪري ۽ انهي منهن جي ورق کي مطالع ڪندس. انهي وچ ۾ مونکي حضور اقدس
جن فرمايو ته اي فلاڻا نماز پڙهڻ گهرجي ۽ جي ڪم شرعي نيت ۾ درست ناهن انهن کان پاسو
ڪجي جو ته جيترا ڪم علم ظاهري پڙهڻ جي وقت پڻ بي برڪتي پيدا ڪندڙ آهن. عرض ڪيم
ته حضرت منهنجا گهڻا ماڻهن کان نصيحتون ٻڌيون اٿم. جيڪڏهن رب جي وات ڏانهن
ڇڪي ڏنو ۽ ڪرامت ڏيکاريو ته پوءِ امين اٿم ته انهي وسيلي سان صاحبن جي جماعت ۾ داخل
ٿيندس. پاڻ ٽهڪ ڏئي ڪن مان ڪري فرمايو ته صبح ٿي انهي نيت سان مون وٽ اچ ڏسجي ته ڇا ٿو
ٿئي اتفاقاً صبح جو اهو محبوب جنهن سان دل ڦاٿل هيم مون وٽ آيو تنهن ڪري منهنجي دل ان
دل نه گهريو ته ياري گهر ۾ ڪي ڇڏي حضور اقدس جن وٽ وڃان پر ٽن ڏينهن کان پوءِ حضور
۾ ويس ته فرمايو ته تو ڇو نه ڪيو جو تو کان وعدي خلافي صادر ٿي خير هاڻي وڃ وضو

ساري ٻه رڪعتون پڙهي اچ حڪم موجب وضو ساري ٻه رڪعتون پڙهي حاضر ٿيس. ٻوءِ
مونکي ڪنڊ ۾ ويهي ۽ ويهاري ذڪر تلقين جي تعليم ڏنائون ۽ اهڙي توجه فرمايائون جو مستي ۽ خودي
کان خالي ڪري ڇڏيائون ۽ بي هوشيءَ جي حالت ۾ مونکي گهر کڻي ويا ۽ هڪ ڏينهن کان پوءِ هوش
آيم هن کان پوءِ منهنجي دل انهيءَ عشق ۾ بين لڳايائين کان سر ڏيڻ ڏئي پوءِ درگاهه جي خدمتگاري
جي سعادت حاصل ڪيم ۽ سندن نظر ڪيميا اثر جي برڪت سان هر روز پاڻ کي پاڻ کان
پري ۽ عالم غيب جي ويجهو ڏٺم ——— مخدوم هاشم جي ته شيخ بديع الدين کي حضور
اقدس جن ٿوري مدت ۾ خلافت کان نوازي سهارنپور موڪليو پوءِ آگري ويو انهيءَ مرد
خدا جي اهڙو فيض ڏنائون جو سندن فيض کان ڪُتا پڻ فاني ۽ واصل ٿيا سندن لشڪر ڏانهن
وڃڻ ۽ موٽي اچڻ جو احوال روضة القيوميه ۾ آهي. (زبدة المقامات ملخصًا ص ٣٢٧)

ڪرامت:- مولانا محمد هاشم لکي ٿو ته شيخ حميد بنگالي جو، ديني علم لاهور ۾ پڙهيو
هو، سو آگري ۾ مفتي خواجه عبدالرحمٰن ڪابليءَ وٽ رهندو هو. شيخ صاحب جي احوال جي
مفتي صاحب روايت ٿو ڪري ته شيخ حميد علم جو نهايت قابل هو جنهن ڪري شيخي جو لقب ڏيندا
هُيُس. جڏهن مون وٽ آيو خيال ڪيم ته پاڻ ۾ گڏ رهون ۽ علمي بحث ڪيون هڪ ڏينهن
ولين ۽ فقيرن جي علم جو گفتگو هليو مون انهيءَ گفتگو مان محروم ڪيو ته خدا وارن جو منڪر هو
۽ حضرت خواجه امام رباني قدس سره ڏانهن ته هيڪاري انڪار هوس انهيءَ گفتگو کي ٻه ٽيا
ڏينهن گذري ويا جو حضور اقدس جن سرهند شريف کان آگري تشريف فرما ٿيا سندن
منزل براسانجي پاڙي ۾ هئي جڏهن شيخ حميد کي حضور اقدس جي تشريف جي خبر پيئي
ته هن منهنجي جاءِ تي آيو چيائين ته هاڻي هن پاڙي کي ڇڏي ٻئي هنڌ ٿو وڃان جيڪي سال
منهنجا تو وٽ آهن سي مونکي ڏي پڇيو مانس ته ڪهڙو سبب آهي جو هي جاءِ ٿو ڇڏين
تنهن تي سبب ڇڏڻ جو حضور اقدس جي تشريف جو ڏنائين. مون چيس ته اهو مرد ته
وڏو ولي ڪامل، صالح ۽ عالم آهي انڪان توکي نفرت ڪرڻ نالائقي آهي. چيائين ته
منهنجي ان سان ٿوري اک واقفي ٿيل آهي لاچار پاڙي ۾ اچڻ جي سبب ملاقات ضرور ڪرڻي
پوندم جي سندن حضور ۾ نه ويندو ته به مشڪل، ۽ جي ويندو ته هيڪاري مشڪل، اهڙي
طرح ڪجهه گفتگو هلائي موڪلائي ٻئي پاڙي ۾ وڃي رهيو پر ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن ڪم
رهيل لاءِ مون وٽ آيو پاڻ ۾ ويٺا سون گفتگو علمي پئي ڪيوسون جو اوچتو هڪ شخص آيو

جڏهن ٻيو ته حضرت محبوب سبحاني خواجه امام رباني اجهو در وازي ۾ ويٺو آهي. مونکي حيرت ۾ ته ائين ڇا هوندو. شيخ حميد پنهنجي اچڻ کان پشيمان ٿيو ته ڇو آيس. آءٌ سندن خدمت لاءِ اٿيس آخر پاڻ اچي ويٺا ۽ فرمايائون ته مسئلو پڇڻ لاءِ آيو آهيان عرض ڪيم ته اهو ڪهڙو مسئلو هوندو جنهن کان حضور اقدس جن واقف نه هوندا. انهن تي فرمايائون ته ”مفتي کان پڇڻ پرهيزگاريءَ جو سبب آهي“. جڏهن مسئلي جو گفتگو پورو ٿيو جو نهايت مشهور هو. تڏهن شيخ حميد ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته ”ٻيا شيخ حميد هن آيو آهي“. پوءِ هڪ بد نظر عجيب ڪيفيت سان ان ڏانهن ڪري هڪ ساعت مراقبو ڪيائون. تنهن کان پوءِ اٿيا مون تمام گهڻي قدر عرض ڪيو ته ڪجهه ترسو ته حضور اقدس سان جي خادم ساڻ آهن ته لاءِ طعام آڻيان. پاڻ قبول نه ڪيائون ۽ اٿيا آءٌ ساڻن باهرين در وازي تائين ويس. مونکي گمان هو ته شيخ حميد پنهنجي جاءِ تان اٿيو به نه هوندو ۽ پيرن تي نه شيخ هن پنهنجي پيرن تي آيو جڏهن حضور اقدس کان موڪلائي گهر آيس شيخ حميد کي ڪونه ڏٺم ڇا ڪيم ته شايد پنهنجي جاءِ تي ويو هوندو ۽ جاچ لاءِ ڪنهن کي موڪليم خبر پيم ته شيخ حميد پاءِ پيادو حضور اقدس جي پيرن ڊڪندو ويو جي پيران جي پاڻ ڪاپر واه نه ٿا رکن جڏهن حضور اقدس جن منزل تي آيا تڏهن شيخ حميد دروازي تي مٿو ونڌو ڪيون نهايت حيراني ۽ نااميديءَ جي حالت ۾ پيو رُئي. حضور اقدس جن گهڻي دير کان پوءِ اندر گهرائي هر قسم جي عنايت ڪيائون ۽ اهڙو محبت الهيءَ ۾ غرق ۽ حضور اقدس جي صحبت ۾ مشغول ٿيو جو هن پنهنجي سنگت ۽ پنهنجي ڪتابن جي يادگيري، جن سان نهايت پيار هوس وسري ويس ۽ علم جو ڪو اکر ياد نه رهيس جڏهن حضور اقدس جن سرهند شريف ڏانهن روانا ٿيا تڏهن شيخ حميد پاءِ پيادو آگرا کان سرهند شريف تائين ڊڪندو ويو. خواجه عبد الرحمان مفتي جيڪو راوي آهي حضور اقدس جي اهڙي عجيب ڪرامت ڏسي آءٌ پڻ وڃي مريد ٿيس (زبدة المقامات ص ٣٥٢)

حضور جن جي جتي مبارڪ جو فيض

ڪرامت: - شيخ حميد جي حالات ۾ صاحب حضرات القدس جو لکي ته جڏهن حضور اقدس جن شيخ صاحب کي خلافت کان نوازيو. موڪلائڻ وقت حضور ۾ عرض ڪيائين ته مونکي پنهنجي جتي مبارڪ تبرڪ لاءِ عنايت فرمايو. حضور اقدس جن ان کي جتي مبارڪ عطا ڪئي. شيخ صاحب قدس سره جتي مبارڪ کي وات ۾ وجهي عاجزيءَ سان پوئين پيرن تي پنهنجي ملڪ جو

رستو ور تائين پنهنجي ملڪ پهچڻ تائين درگاهه شريف ڏانهن پٺ نه ڪيائين. ٿڪن ٿا ته نيڻ جتي وات مان ڪيي ورب پڳ ۾ وڌائين لهاجتي مبارڪ سندن متي تي جت جڙ اُڏ جو نمونو بڻيو انهيءَ حالت سان وڃي گوٺ پهتو.

اگر خاکے ازین کو بر سر آید مرا بهتر ز چندین افسر آید

جڏهن گوٺ پهتو، جتي مبارڪ لاءِ جدا حُجرو ٺهرايائين ۽ تمام تعظيم سان رکيائين. ان مُلڪ جا ماڻهو جي مشڪلات وارا هوا جڏهن اها ڳالهه ٻڌائون ته يارت لاءِ ايندا هوا انهيءَ وقت سندن مشڪل آسان ٿيندو هو ۽ بيمارن جي شفا لاءِ پاڻي جا ڪَرا پري کڻي ايندا هوا حضرت شيخ حميد قدس سره جُتي مبارڪ جي ڪُنڊ ڪري ۾ وجهي ڏيندا هو پيئڻ شرط بيمار جتي ويندا هوا. جي بيمار کي لجل او تدهوند وته ڪري ۾ جتي مبارڪ جي ڪُنڊ وجهڻ شرط ڪرو پڇي پوندو هو اهو عمل مجرّب هو.

برزمینے کہ نشانِ کفِ پائے تو بود سالہا سجدہٴ صاحب نظراں خواہد بود

جيستائين شيخ حميد قدس سره حيات هو انهي طرح حالت گذرندي هئي. سندن وفات کان پوءِ شيخ صاحب جي متن کان جاروناهي ان ۾ جتي مبارڪ رکيا ئون. هن وقت تائين بيشمار ماڻهو ان جتي مبارڪ جي برڪت سان شفاياب ٿي ٿا وڃن. صاحب روضة القيوميه جو جلد اوّل جي آخر ۾ لکي ته اهاڻ بارگاهه منگل ڪوٽ جي شهر ۾ آهي. ان مُلڪ جا ماڻهو طبيبن جا هرگز محتاج نه ٿا رهن هر قسم جا بيمار حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره جي جتي مبارڪ جي برڪت سان شفاياب ٿا ٿين

جمالِ ہمنشین درمن اثر کرد وگرنہ من ہماں خاکم کہ ہستم

راقم الحروف :- حضرت شيخ حميد قدس الله تعالیٰ سره العزيز، حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سرهٔ تي پورو عاشق جانثار هو. حضور اقدس جي صاحبزادن سڳورن ڏانهن قدس الله تعالیٰ اسرارهم. هڪ مڪتوب شريف لکيو اٿس جو نمونو لاءِ تو ڪان انهي مان اڳو عشق پيو تڙي گهرجي ۽ طالبن کي محبت مجدّدي جو سبق وٺڻ گهرجي ڇو هُنَ اَلحَمدُ لِلّٰهِ الَّذِي جَعَلَكُمَا صَاحِبَ سجادة مولاي ومرشدي وقبلتي وقبلة الانام قطب الارشاد وبدر الزهاد لم يات مثله الا الخلفاء الراشدون ولا يأتي بعده شبهه الاصحد المهدي وهو لحد بين المحمدين وثاني اثنين. فيضه في العالم

الآن كما كان باقي الى يوم القيامة. اعني خواجه محمد سعيد وخواجه محمد معصوم سلمهما الله سبحانه وابقاهما واوصلهما الى غاية ما يتمنيهما وزاد عمرهما وعمر اولادهما الخ

حضرات القدس جلد ثاني. هن عبارت شيخ حميد قدس سره جي مڪتوبن کي شبهو پوي ٿو مڪتوب ع ٢٠٩ جلد اول ۾ ڏسي. عبارت مختصر مڪتوب شريف جي هيءَ آهي.

بالجمله ڪمالاتِ اولياءِ اين طبقه (بعد از هزار سال از ارتحال خاتم الرسل صلى الله عليه وسلم) شبيه بکمالاتِ اصحابِ کرام است هرچند بعد از انبياء فضل مر اصحابِ کرام راست عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ امّا جائے آن دارد که از کمالِ تشابه يکے را بر ديگرے فضل نتوان داد ازينجا تواند بود که آن سرور فرموده عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ لَا يُدْرٰى اَوَّلُهُمْ خَيْرٌ اَمْ اٰخِرُهُمْ نه فرمود لَا اَدْرِيْ اَوَّلُهُمْ خَيْرٌ اَمْ اٰخِرُهُمْ هُوَ بِعِلْمِهٖ بِحَالِ كُلٍّ مِّنَ الْفَرِيْقَيْنِ لِهٰذَا قَالَ خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ اما چون از کمالِ مشابهت جائے تردد بوده فرموده لَا يُدْرٰى اگر پرسند که آن سرور عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ بعد از قرنِ اصحاب قرنِ تابعين را خير ساخته است و بعد از قرنِ تابعين قرنِ تبع تابعين را پس خيريت اين دو قرن نيز بر اين طبقه متيقن باشد پس تشابه اين طبقه در کمالات باصحابِ کرام چه خواهد بود در جواب گوئيم تواند بود که خيريت آن دو قرن بر اين طبقه باعتبار کثرتِ ظهورِ اولياء الله باشد و قلتِ وجودِ اهلِ بدعت و ندرتِ اربابِ فسق و معصيت وَهُوَ لَا يُنَافِيْ كَوْنَ بَعْضِ الْاَفْرَادِ مِنْ اَوْلِيَاءِ اللّٰهِ فِيْ هٰذِهِ الطَّبَقَةِ خَيْرًا مِّنْ اَوْلِيَاءِ ذَيْنِكَ الْقَرْنَيْنِ كَحَضْرَةِ الْمَهْدِيِّ مثلاً

فيض روح القدس ار باز مدد فرمايد ؞ ديگران هم بکنند آنچه مسيحا مي کرد

امّا قرن اصحاب از جميع وجوه خير است آنجا سخن کردن از فضولي است سابقان سابقانند و در جنتِ نعيم مقربان ايشانند که انفاق کوهِ ذهب ديگران بمُدِّ شعير ايشان نرسد وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ

حضور جن جي مصلي مبارڪ جو فيض

ڪرامت:- مولانا بدرالدين صاحب، حضرات القدس ۾ نقل ڪري ٿو ته حضور جن اُوني مصلي تي نماز پڙهندا هوا جن هن ڳالهه تي حتى الامڪان جتن ڪيو هئين جي رعايت ڪندا هوا ته حضرت امام مالڪ رضي الله تعالى عنه جي مذهب ۾ اوني ڪپڙي تي سجدو ڪرڻ مڪروه آهي تنهن ڪري سجدي جي جاءِ تي سوٽي ڪپڙو سبرايو هوا ٿون

گھڻن سالن انهيءَ نماز پڙهيا هئائون جنهن ڪري اهو تڪر ڍرو ٿيو ٿي ويو ۽ هو ته هن انهي کي اڪيلي بيهو نئون تڪر ۽ سِبي جڙت پيدا ٿيا. مولانا بدرالدين ٿو فرمائي ته مون مصلي مبارڪ جو اهو تڪر ۽ تبرڪ لاءِ ڪنيون ۽ پنهنجي ۾ وجهي جو اراده ڪيو ته گهر ۾ گهڻي تعظيم سان وجهي رکندس. اتفاق سان مون کي اُن رات پنهنجي وڃي سمهڻ جي نماز پڙهي سمهي پيس اهو تڪر ۽ مصلي مبارڪ وارو پنهنجي مٿا هيٺ وسري ويم. حضور اقدس جي ڪرامت سان اُن رات حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم جي ديدار فائض الانوار کان ٻارهن ڀيرا بلڪ زياده مشرف ٿيس.

حضور جن جي وضوءَ جي پاڻيءَ جو فيض

ڪرامت:- مولانا شيخ صالح ڪولابي قدس سره جي حالات ۾ گهڻو ڪري پاڻ فرمائيندا آهن ڪتاب ۾ لکن ٿا ته مٿيون شيخ پنهنجي احوال جي باري ۾ هن طرح ٿو ڪري ته آئون طالب فيض جو گهڻي قدر رهندو هوس. هيڪر حضور اقدس کي اڪبرآباد جي مسجد ۾ ڏٺم ته بار بار ڪرڻ شش ماه سندن نورانيت ڏي ڇڪيو ٿي پيس آخر سندن مريدي کان مشرف ٿي گهڻي ڪوشش باطني ۾ ڪندو هوس، پر وا ادار د باطني حالت جو پاڻ ۾ ڪو نه ڏسندو هوس. نيٺ هڪ ڏينهن حضور اقدس جن جي وضوءَ جو استعمال ٿيل پاڻي جلهڙيءَ ۾ رکيل ڏٺو ۽ واڌاريءَ جي نيت سان پي ڇڏيم پيٽ ۾ پهچڻ شرط انهي گهڙي ۾ جي باطني ڪماليتون هيون تن سڀني کان مشرف ٿيس. صاحب زبدة المقامات جو لکي ٿو ته حضور اقدس جن پوئين ڏهي رمضان شريف جي ۾ اعتڪاف ۾ ويٺا هوا جلهڙيءَ ۾ توڙي جي خدمت مولانا صاحب جي هٿ ۾ هئي حضور اقدس جن هٿ ڌوتا ان پاڻي پيڻ مان ڪيس فائدو پهتو جو مٿي گذريو ۽ انهن ڏينهن ۾ خلافت کان مشرف ٿيو. (زبدة المقامات ص)

ڪرامت:- شيخ مزمل، جو حضور اقدس جن جو وڏو خليفو هو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ فيض جاري ڪرڻ ۾ مشغول هو. هڪ ڀيري جبل جي سير تي ويو، اوچتو ڪنهن جانور وٽ لاءِ هڪ جهڳ جي ڪناري تي وڃي ويو جتي پير ترڪي ويس ۽ ان جهڳ ۾ ڪري پيو، ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڏاڍي تڪليف آيس، ان احوال جي ڪنهن کي خبر ڪا نه هئي. حضور اقدس جن ان وقت سرهند شريف ۾ رونق افروز هوا. شيخ مزمل جي حالت کان واقف ٿي مجلس وارن کي فرمايائون ته "ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته شيخ مزمل ڪنهن خوفناڪ جاءِ ۾ ڪري پيو آهي نڪرڻ لاءِ گهڻوئي هٿ پير ٿو هڻي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي." پر ٽن ڏينهن کان پوءِ ان ملڪ جو ماڻهو درگاه شريف تي آيو ۽ حضور اقدس جي خادمن کي شيخ مزمل جي ڪري پوڻ جو احوال ڏنائين حضور اقدس جن فرمايو هو ته ڪيائين ۽ پڇيائين ته ڪن ماڻهن کي

حضور اقدس جي توجه سان خبر پئجي وئي جنهن شيخ صاحب کي اچي ڪيو. (زبدة المقامات ص ۳٦۳)

ڪرامت:- مفتي غلام سرور چشتي حديقة الاولياء ۾ تذڪره مجدديه کان نقل ڪري ٿو ته هڪ شيعي مذهب واري هڪ پيري حضرت خواجه امام رباني رضي الله تعالیٰ عنه جي مڪتوبات شريف هٿ ۾ ڪئي ڪوبي هڪجاءِ تي حضرت صديق اڪبر خليفه اول رضي الله تعالیٰ عنه جي تعريف ٿيل ڏٺائين ڏسڻ شرط مڪتوبات شريف کي زمين تي اڇلايائين ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه جي حق ۾ گهٽ وڌ ڳالهايائين. رات جو خواب ۾ حضرت اقدس کي ڏٺائين گويا انهي گهر آيا آهن ۽ فرمائن ٿا ته اي مردود تو منهنجي مڪتوبات کي ڇالاءِ اڇلايو ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه جي حق ۾ تو گهٽ وڌ چيو. تون سزا جي لائق آهين. ڪيس پڪڙي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي حضور ۾ وٺي ويا ۽ سمورا احوال سندن حضور ۾ عرض ڪيائون تهن تي حضرت علي ڪرم الله وجهه ان مردود کي فرمايو ته "اي بد اعتقاد تون بزرگن جي ڪتاب کي اڇلايئين ۽ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اصحابن سڳورن کي گهٽ وڌ ڳالهايئين تون ته هن ڪري تون سزا جو لائق آهين." ائين چئي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن اٿيا ۽ انهي مُنهن تي چماٽ هڻيائون جنهنجي اثر کان جاڳي پيو ۽ پنهنجي اکين مان رت وهندو ڏٺائين پوءِ آرسي کڻي پنهنجو مُنهن ڏٺائين جو سڄو ڪارو ٿي ويو هيس انهي وقت پنهنجي اڳين اعتقاد کان توبه ڪري صبح جو حضور اقدس ۾ حاضر ٿي سندن مريد ٿيو. مريد ٿيڻ شرط مُنهن تان ڪاراڻ لهي ويس پوءِ ساري عمر حضور اقدس ۾ گذاري سندن ارشادن کان مستفيض ٿيو

ڪرامت:- حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جناب حضرت سيد آدم بنوري قدس سره کي ٽن ڏينهن ۾ ولايت جي مٿاهين مقامن تي پهچائي پوءِ انکي فرمايائون ته توکي هاڻي فيض عنايت ٿيندو. جڏهن ته سندن فرمودو پورو ٿيو جو هڪ ڏينهن حضرت آدم بنوري قدس سره هڪ جهنگل ۾ تشريف فرما هو جو هڪ نور جي چادر عالم غيب کان اڏامندي اچي سندس اڳيان پئي جنهن کان سندس بدن مبارڪ ۾ ٿلهري حالات باطني جي رقت غالب ٿي. (جواهر علويه (مترجم اردو مطبوعه لاهور ص ۹))

ڪرامت:- حضور جن هڪ پيري هڪ سوداگر تي توجه اهڙي ڪئي جو پهرين توجه سان ان تي بي هوشي ۽ استغراق ايتري قدر غلبو ڪيو جو دنياوي لاڳاپن ۽ گهر ٻار کان دست بردار ٿي ويو ٻيهر مٿن عنايت جي نظر ڪيائون ۽ انکي هوش جي حالت ۾ آڻي سلوڪ کان مشرف

ڪيائون. جواهر علويه (مترجم اردو مطبوعه لاهور ص٩١) جواهر مجدديه.

ڪرامت:- بنگال جي رهڻ واري هڪ درويش ان حضور جن اهڙي دعوي جنهن سان توجه ڪيو جو اڳهاڙي مٿي جهنگل ۾ هليو ويو. جواهر علويه (ص٩١)

ڪرامت:- هڪ ڏينهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن مرتضى خان جي تربت تي دير تائين مراقبي ۾ رهيا ۽ سندن چهري مبارڪ تي ڏک جون نشانيون ظاهر ٿيون آخرڪار مراقبي کان مٿو کڻي وڏي افسوس سان فرمايائون ته مرتضى خان عذاب ۾ گرفتار هو. مون درگاه الهي ۾ عاجزي ڪئي ڏني تعالى انکي ڇوٽڪارو عطا فرمايو. مرتضى خان جو هڪ دوست هميشه فڪر ۾ رهندو هو ته منهنجي دوست جو لائي ڪهڙو حال هوندو. جنهن ڏينهن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه عذاب جي نجات لاءِ درگاه ۾ التجا ڪئي هئي ان ڏينهن گذرڻ تي رات جو مرتضى خان پنهنجي دوست کي خواب ۾ اچي چيو ته آئون ڪيترن ئي مدت کان عذاب ۾ گرفتار هوس. اڄ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي توجه کان مونکي ڇوٽڪارو نصيب ٿيو. جواهر علويه (اردو ترجمه مطبوعه لاهور ص٩٢)

ڪرامت:- مولانا جمال دهلوي جو، هڪ وڏو فاضل عالم هو، حضور ۾ عرض ڪيائين ته پوئين زماني جا صوفي وحدت وجود جي مسئلي ۾ تمام حد کان ٻاهر غلو ڪري رهيا آهن حضور جن جي انهي حقيقت جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟ پاڻ هڪ لحظو مراقبو ڪري انهي حال ڏانهن اهڙو توجه ڪيائون جو مولانا تي هڪ قوي حالت اثر ڪيو جنهن کان ان بي اختيار تي توحيد جو اقرار ڪيو ۽ محبت خدا عزّ وجلّ جي ۾ مالامال تي صاحب ڪمال جو ٿيو. جواهر علويه (ص٩٦) ساڳي طرح واڱر مولانا جمال تلوي جو به ذڪر آهي ان به حضور ۾ وحدت وجودي جي باري ۾ پڇيو ته صاحب زبده جو ڪي ٿو ته حضور جن مولانا جي ڪن ۾ ڪي اهڙو ڪر فرمايا جو مولانا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ چهري جو رنگ ڦري ويو ۽ ڪيتري دير تائين ان تي هٿ هڻڻ ٻگو پو ۽ نهايت عاجزي سان رخصت پذير ٿيو. ڪنهن کي به معلوم نه ٿيو ته حضور جن ڇا انکي فرمايو ۽ هن جي صورتحال جي گوش ڇا ٿي و

ندانم چه گفتي چه انگيختي ❊ که گفتي وا از ديده خون ريختي (سلسلة الذهبيه ج٢ ص٣)

نه حسنش غايت دارد نه سعدي را سخن پايان ❊ بميرد تشنه مستسقي و دريا همچنان باقي

¹حضور اقدس جي ڪرامتن جو ڇيهه ۾ شمار ڪرڻ جي هٿ ڪي نموني لاءِ ڪيون ويون آهن انهن مان ڪن کي مڪتشاف به چئي ٿو سگهجي. صاحب حضرات القدس جو نائين حضرت ۾ ٿو ڏکي نه آئون ستر

¹ نائون حضرت:- ڪتاب حضرات القدس جو عنوان آهي حضرات القدس سڄو ڪتاب ٻارهن حضرت جي عنوان (باب) ...

ورهه حضور اقدس جي حضور ۾ حاضر هوس انهن ڏينهن ۾ جي سندن ڪرامتون، تصرف مقامات، درجا، ڪشف ڏسڻ ۾ آيم جي ان وقت گڏ ڪرڻ جي خواهش ٿيم ها ته هونئن ڪيترا دفترن جا جيئن ها سندن هڪ هڪ خيلي کان پڻ لکها ڪرامتون صادر ٿيون هر ساعت حضور اقدس کان ايتريون ڪرامتون ڏسندو هوس جي سڀ لکڻ ته مشڪل، پر جي سيڪڙن ڏينهن جي هڪ ڪرامت لکان ته به هزارين ٿي پون. انتهيٰ ملخصاً.

حضور اقدس جو سنت نبوي صلي الله عليه وسلم ۾ ڪماحقه پورو رهڻ ۽ دين جي سُڌاري لاءِ تڪليفون وٺڻ ۽ اڄ تائين سندن طريق مبارڪ ۾ فيض رهڻ اها سندن هڪ وڏي ڪرامت آهي پاڻ جيڪي لکيو آهن سو حرف بحرف مان انهن تي ظاهر ٿي ته پاڻ فنا في الرسول جي مقام تي پوري طرح ممتاز هوا عبرت لاءِ هڪ نقل لکجي ٿو ته مان سندن فنا في الرسول جي درجا اتباع سنت محمدي تي دلالت آهي ان مقام جي معنيٰ معلوم ڪري سگهجي.

سيد محمد نعمان جو فيض موود

صاحب حضرات القدس جو حضرت سيد محمد نعمان قدس سره جي حالات ۾ لکي ٿو ته شاه صاحب ٿي فرمايو ته هڪ ڀيري حضرت اقدس قطب ارشاد امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي صبح واري حلقي ۾ ويٺو هوس جڏهن مراقبي کان متوجه ٿي ڪنيم ته ڏٺم ته حضور اقدس خواجه امام رباني جي جاءِ تي حضرت سيد الڪونين عليه وعلي آله الف الف صلوات والتسليمات جن ويٺا آهن مون تي هيبت غلبو ڪيو وري متو هيبت ڪيم ساعت کان پوءِ متوجه ڪنيم ڏٺم ته حضرت اقدس خواجه امام رباني قدس سره جن پڻ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاسي ۾ ويٺا آهن وري متوجه ڪري مراقبي ۾ مشغول ٿيس ساعت کان پوءِ متوجه ڪنيم ته ڏٺم ته حضور اقدس جي جاءِ تي حضرت پيغمبر ڪريم عليه وعلي آله الصلوات جن ويٺا آهن ۽ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جاءِ تي حضور اقدس جن ويٺا آهن وري به مراقبي ۾ مشغول ٿيس. ساعت کان پوءِ متوجه ٿيس ته ڪي حضرت پيغمبر صلي الله عليه وسلم ڏٺم نه ڪي ان کان پوءِ ٻنهي جاين تي حضور اقدس جن ڏٺم. تنهن کان پوءِ ڏٺم ته ٻنهي حضور اقدس جن ويٺا آهن اهو معاملو هڪ ٻئي سان ٿي ڏٺم نه خواب هو نه واقعو فاعتبروا يا اولي الابصار.

شيخ بديع الدين جو واقعو ڏسڻ

شيخ بديع الدين قدس سره جي حالات ۾ آهي ته شيخ صاحب ٿي فرمايو ته هڪ ڀيري ذڪر جي حلقي ۾ ڏٺم ته صحبت حضرت رسالت پناه صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي ۾ حاضر ٿيو آهيان ڪنهن شخص حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کان پڇيو ته يا رسول الله

صلي الله عليه وسلم سنّت زوال جي ادا ڪيو ٿي يا نہ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ماٺ
ڪئي تہ مون وري عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه وسلم حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني
قدس سره اها نماز پڙهندا آهن حالانڪ حضرت مجدّد الف ثاني قدس سره اهو عمل جاءِ ثواب جي
جواب ڏيهان ڪيو آهي حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن مزاجي ڪان متوجہ ٿي فرمايائون تہ
جيڪي مجدّد الف ثاني ٿو ڪري سو حق آهي اهو سڳورو عمل آهي اها نماز آئون بہ ادا ڪندو آهيان.

مختصر ڪيو مقام ۽ درجا سڳورا جي حضرت مجدّد الف ثاني کي خصوصيت طرح عطا ٿيا

سيادت پناه سيد ميان عبدالاحد صاحب قدس سره سلسلة الذهبيه جلد اول
۾ ارقام ٿو فرمائي تہ واضح هجي تہ حق سبحانہ وتعالیٰ حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه
کي خاص پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اُهي مرتبا عطا فرمايا جو بيان انهن ۾ تن کي بالڪل تورا
پهتا آهن. جن مان نہ اُهي مرتبا ڳاڻي بيان لاءِ نادر شمار ڪيا ويا آهن تن مان ڪي اُهي مرتبا سندن
ذات خاص سان خصوصيت ٿا رکن ۽ جي مواهب جليله الهيه ۽ عطايا جزيله نامتناهيه
جهڙوڪ، ڪشف مقامات مخصوصه ۽ معارف جديده از قسم معارف حضرت ذات جلّ
جلاله ۽ صفات ۽ شيونات ۽ معارف غريبه الهيه ۽ حقائق انبياء عليهم الصلوٰة والسلام ۽
مبادي تعينات انبياءُ عظام ۽ ملائڪ ڪرام ۽ اسرار ڪماليت درسالت واولي العزمي ۽ ڪشف
رموز مقطعات قرآني ۽ متشابهات فرقاني ۽ معاملات اصالت خاصه ۽ خلقت ذاتيه، بقيه
طينت حضرت خاتم الرسل عليه وعلى آله الصلوٰة والتحيات ۽ منشاء ولايت مقام محبت و
محبوبيت ذاتي ۽ حقيقت لاهوت ۽ تجديد الف ثاني ۽ ٻيون بہ ڪيتريون فضيلتون ۽ ڪمالتيون
ڪين جيڪي عطا ٿيل آهن، جنهن جي پروڙ ڪان عقل قاصر آهي. سندن ذات اقدس سان متعلق
آهن. اهي مٿيان مقام حضرت مجدّد الف ثاني کان اڳي بعد زمانه تبع تابعين جي اُمت جي ڪنهن
بزرگ کي عطا نہ ٿيا، اها عنايت خاص حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني تي عطا ٿي. جنهن
ڪري حق سبحانہ وتعالیٰ مجدّد الف ثاني کيو، انهي ڪري ڪيترا پيرا الهام ٿيو تہ مجدّد الف ثاني
تون آهين ۽ انهي ظاهر ڪرڻ لاءِ بہ ڪيترا حڪم ٿيو تہ هن ڳالهہ کي ظاهر فرمايو. پاڻ حڪم الاهي موجب
حضور اقدس رضي الله تعالیٰ عنه جن ٻن ٽن مڪتوبن شريفن ۾ اشارو فرمايو آهي. جنهن تہ هڪ
مڪتوب ۾ ارقام ٿا فرمائن. "اي فرزند اين آن وقت است کہ درامم سابقہ" الخ ٻئي هن مڪتوب شريف

جو سنڌي ۾ ترجمون ڏنو ويو آهي)، ٻئي مڪتوب شريف[1] ۾ انهيءَ مدعا کان پوءِ لکي ٿا فرمائن.

اي برادر اين سخن امروز بر اکثر خلائق گران است و از افهام ايشان دور دور اما اگر بر سر انصاف بيايند و علوم و معارف يکديگر را موازنه کنند و صحت و سقم احوال را بمطابقهٔ علوم شرعيه و عدم مطابقهٔ آن ملاحظه نمايند و تعظيم و توقير شريعت و نبوت را به بينند که در کدام يکے بيشتر شايد از استبعاد برآيند ديده باشند که فقير در کتب و رسائل خود نوشته است که طريقت و حقيقت خادمان شريعت اند و نبوت افضل از ولايت است اگرچه ولايت آن نبي باشد و نوشته که کمالات ولايت را بکمالات نبوت هيچ مقدارے نيست کاشکے حکم قطره داشتے نسبت بدريا محيط.

هن قسم جا مضمون پاڻ گهڻن جاين تي لکي فرمايا اٿن خاص طرح ان مڪتوب شريف ۾ جو پنهنجي فرزند ارجمند رضي الله تعالیٰ عنه ڏانهن لکيو اٿن. ان ۾ اهڙو بيان لکي پڇاڙيءَ ۾ تحرير تا فرمائن ته اسان جو مقصود هن گفتگوءَ مان الٰهي نعمتن جو اظهار ڪرڻ ۽ هن واٽ سلوڪ جي طالبن لاءِ ترغيب ڏيڻ آهي نه ڪي مقصود آهي ته پاڻ کي ٻين کان بزرگ سمجهڻ ۽ پيلو ٻنهي جا جن اهي الفاظ مبارڪ هيءَ آهن. "مقصود ازين گفتگو اظهارِ نعمتِ حق است سبحانه و ترغيبِ طالبانِ اين طريقت نه تفضيل خود بر ديگران معرفتِ خدائے جل وعلا برآنکس حرام است که خود را از کافر فرنگ بهتر داند فکيف از اکابر دين.

ولے چون شد مرا بر داشت انعام	سزد گر بگذرانم سر از افلاک
من آن خاکم که ابر نو بهاري	کند از لطف بر من قطره باري
اگر بر رويد از تن صد زبانم	چو سوسن شکر لطفش کے توانم

جواهر جي جوهر جي باري ۾ فرمودو صاحب جواهر الحقائق جو پنهنجي ڪتاب ۾ تو لکي ته حضرت امام رباني شيخ احمد سرهندي رضي الله تعالیٰ عنه جن انهن وڏن صوفين مان آهن جي پنهنجي دل ماسوي کان صاف ڪري ولين جي زمري ۾ داخل ٿيا. ظاهر ۽ باطني علمن جا جامع ۽ مٿاهين مقامن ۽ وڏن ڪرامتن جا صاحب آهن اڪثر عالم ۽ عارف سندن بزرگي جا قائل آهن. فاضل محقق عبدالحکيم سيالڪوٽي قدس سره سندن مجدد الف ثاني جي شان جو اولين

---

[1] يعني هيءَ عبارت مڪتوب شريف ٢٣٤ جلد اول حصه چوٿين مڪتوبات مطبوعه امرتسر جي ص ٣٣ ۾ آهي. هي مڪتوب پنهنجي وڏي فرزند اڪابر اولياء حضرت خواجه محمد صادق قدس سره ڏانهن لکي فرمايو آهي. هن عبارت جو ترجمو هن ڪتاب جي ص ١٥ جي پڇاڙيءَ ۽ ص ١٦ جي شروع ۾ ڏنو ويو. [2] مڪتوب ٢٧١ جلد اول حصه پنجون مڪتوبات شريف مطبوعه امرتسر جي ص ٩٩ ۾ هيءَ عبارت آهي. هي مڪتوب حضرت ميان محمد صادق قدس سره ڏانهن لکيو ويو. [3] يعني مڪتوب ٢٧١ جلد اول پڇاڙيءَ مڪتوب ۾ تحرير تا فرمائن.

فرمايو. هند، سنڌ، عرب، عجم، خصوصاً روم، شام، عراق، ڪردستان ۽ ٻين شهرن جا مشهور عالم سنڌن طريقي مبارڪ ۾ داخل ٿيا آهن ۽ انهن ملڪن ۾ سنڌن زماني مبارڪ ۾ سنڌن پوري شهرت ٿي ۽ حضرت مجدد الف ثاني اهو شخص آهي جنهن علمن ۽ اسرارن جا قسم پوري طرح سان ظاهر فرمايا ۽ باطني رستي جي مقامن جو ايترو قدر بيان فرمايائون جو اڳوڻن ولين ڪا اگرائي ڪري ڇڏيا ۽ حضرت مجدد الف ثاني اهو شخص آهي جو مقطعات قرآني جي سمجهڻ کان محروم ۽ سرفراز ٿيا ۽ متشابهات فرقانيه جي اسرارن جي حصول کان ممتاز ٿيا ۽ حضرت مجدد الف ثاني اهو شخص آهي جنهن کان هندستان جي نبين جا نالا ۽ مقام ۽ درجا ۽ پڻ انهن جي تابعين جا احوال معلوم ٿيا. ۽ حضرت مجدد الف ثاني اهو شخص آهي جنهن ذات الٰهي تعالىٰ جل وعلا جي ذاتي شانن سان ولايت، نبوت، رسالت ۽ ڪمالات اولي العزمي ۽ مقامات خلت ۽ محبت جا بيان فرمايا ۽ مخصوصاً سيد الانبياء عليه وعليهم الصلوٰة والسلام جا ظاهر ڪيائون قدس الله تعالىٰ روحهم وافاض علينا فتوحهم. انتهي (هديه مجدديه)[1] ـــــ ساڳي اها عبارت عربي ۾ علامه محسن مراد جي "الدرر المڪنونات" جي حاشيه ۾ مطبوعه مڪه مڪرمه زادها الله شرفاً صفحه هڪ سو ستهتر ۱۷۷ ۾ لکي آهي.

مختصر بعض حالات بلند ومقامات ارجمند
حضرت مرشد مجدد رضي الله تعالىٰ عنه

ساڳيو مٿيون سيادة پناه عالي جاه سيد عبد الاحد صاحب بن سيد غلام محمد قدس سرهما مٿئين ڪتاب[2] ۾ ارقام تو فرمائي ته اگرچه جناب حضرت شيخ امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي حالات، معاملات ۽ سنڌن خاصيتون مٿاهيون ايترو قدر آهن جو جي لکن لاءِ هڪ جدا وڏو دفتر گهرجي مگر هت ڪتابن تان چونڊ ڪري ڪي سنڌن خاصيتون وڏيون ۽ مڪاشفا عالي ۽ اهي بشارتون جي خواجه صفا ڪيشان حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعالىٰ عنه جن حضور اقدس جي حق ۾ فرمايون هيون هت درج ڪيون ٿيون وڃن.

(۱) حضور اقدس مرشد مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جي قطبيت جو استحصال حضرت خواجه صاحب کي سنڌن اچڻ کان اڳي ڪيترا سال معلوم ٿي چڪو هو.

(۲) سنڌن نور عالم افروز کي حضرت خواجه صاحب جن سنڌن هن ظهور ۽ معاملي کان اڳي

---

[1] مطبوعه مجتبائي ص ۹۶ ۽ ۹۷ حضرت مولانا مولوي وڪيل احمد سڪندرپوري جو اهر الحقائق ۾ جو حواله سان هي بيان آندو آهي. [2] يعني ڪتاب السلسلة الذهبيه في احوال اڪابر نقشبنديه المجدديه جي ص ۶۳ ۾ حضرت مولانا عبد الاحد قدس سره هي بيان تو فرمائي.

ڪيترن سالن تائين وڏي شمع جي صورت سان روشن ڏٺو.

(٣) حضرت خواجه صاحب جن حضور اقدس جي باري ۾ پنهنجي ڪنهن مريد ڏانهن هن طرح لکيو: "چراغي شود که عالمها از و منور گردد".

(٤) حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جو پنهنجي ڪنهن مريد کي انهي عرض ڪرڻ تي هن طرح فرمائڻ. هن پيري جن هن جناب حضرت شيخ احمد اينده آڏون تنهنجي لاءِ سفارش ڪندس جو اهو پنهنجي توجهه سان پنجن ڇهن ڏينهن ۾ توکي ولايت جي وڏن مرتبن تي پهچائيندو.

(٥) حضرت خواجه صاحب جي حضرت مجدد کي بشارت ڏيڻ ته توکي مرتبو مراديت ۽ محبوبيت جو حاصل ٿيو.

(٦) حضرت خواجه صاحب جي توجهه سان حضور اقدس جو اڍائي مهينن ۾ ڪامل ٿيڻ ۽ سڀني مرتبن کي پورو ڪرڻ.

(٧) حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالیٰ عنه جو حضرت مجدد ڏانهن لکڻ "مخدوم درويشان بحضرت شما نوشتن بغايت بي شرمي است".

(٨) حضرت خواجه عالي مقدار جو حضور مرشد جن ڏانهن لکڻ. "مدتي هست که عرض نياز مندي بدرگاه ولايت پناه نکرده ايم".

(٩) ٻئي هنڌ حضرت خواجه صاحب جو حضرت مجدد ڏانهن لکڻ. "ما را احمد خود بايد نگاهداشت واز فضول احتراز نمودن".

(١٠) ٻئي هن طرح حضرت خواجه صاحب جو لکڻ. وَلِلْاَرْضِ مِنْ كَاْسِ الْكِرَامِ نَصِيْبٌ

(١١) ٻئي هن طرح - "چه شد که مشعل مجددي از فتيله باقي بالله جست".

(١٢) ٻئي حضرت خواجه صاحب جو حضرت مجدد ڏانهن لکڻ - "شيخ الاسلام انصاري قدس سره فرمايو ته مان خرقاني جو مريد آهيان جي هن وقت خرقاني حيات هجي ها ته باوجود پير هجڻ جي اهو به منهنجو مريد ٿئي ها، يعني هن وقت منهنجو ۽ تنهنجو حال به انهي طرح آهي".

(١٣) حضرت خواجه عاليشان جو سندن ڪشف سان پنهنجي حالات عاليه جو تحقيق ڪرڻ.

(١٤) پير پنهنجي حضرت خواجه باقي رضي الله تعالیٰ عنه جو پنهنجي مريدن جي حالات حضرت مجدد کان دريافت فرمائڻ.

(١٥) سڀ کان وڏي عجب جهڙي ڳالهه جي آهي جو خود حضرت خواجه عاليشان رضي الله تعالیٰ عنه جو حضرت مجدد الف ثاني جي حلقي ۾ ويهڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ.

(١٦) حضرت خواجه عاليشان رضي الله تعالیٰ عنه - حضرت مجدد مهربان جي شان ۾ فرمائڻ ته "ايشان آفتابي اند که مثل ما هزاران ستارگان در ضمن ايشان گم اند". هن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون خاصيتون حضرت مجدد الف ثاني کي عطا ٿيل آهن، جي پاڻ تقريرا خواه تحريرا ۾ صراحةً ۽ ڪنايةً ڪي ڪنهن طرح ۽ ڪي اشاري طرح بيان فرمايون اٿن.

(١٧) حضرت خواجه صاحب جن جون ڪيئن نسبتون عالي عطا فرمائڻ ۽ مٿاهين مقامن تي پهچائڻ

(١٨) امانتون ولايت ۽ اقتباس نبوت جي عنايت ڪرڻ ۽ لٽڻ مان ڪڍڻ ۾ بدعطائي جي لٽڻ ته، سابه بالڪل لٽيو ويو قدس. حضرت خواجه باقي بالله رضي الله تعاليٰ عنه انهن کان ڪين لٽايو ۽ حضور جن هن هڪ جي محرمت کان سرفراز ٿيا آهن. جيئن ته ڪيترا ڀيرا پاڻ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن هن طرح فرمائيندا هوا. "از ڪمال عنايات او سبحانه در حق اين بندهٔ ڪمترين اين است ڪه هيچ ڪوچه از اين راه نماند الا ڪه اين حقير را بران عبور دادند و از نسبت عليه سريان دمعيت و احاطت و وحدت و تشبيه و تنزيه و اسرار اين جهاني و آن جهاني و وجوبي و امڪاني علحده علحده بمحض ڪرم بهره ور گردانيدند."

(١٩) جناب حضرت شاه ولايت علي مرتضيٰ ڪرم الله وجهه جن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي آسماني علمن جي تعليم عطا فرمائي جيئن ته پاڻ پڻ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو فرمايو اٿن.

(٢٠) جناب حضرت خضر ۽ الياس عليهما السلام حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي ملاقات لاءِ تشريف فرما ٿيا. پنهنجي حياتي ۽ مماتي جي حقيقت کان کين واقف فرمايائون. جيئن ته پاڻ انهيءَ ڳالهه جي تصريح هڪ مڪتوب شريف ۾ ڪئي اٿن.

(٢١) سلوڪ جي ابتدا ۾ وقتن حضرت خضر عليه السلام جي روحانيت تشريف فرمائي کين علم لدني سيکاريو، جنهن علم سکڻ لاءِ حضرت سيدنا موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام کي خدائي حڪم هو جنهن جو قرآن شريف ۾ ذڪر آهي جيئن ته حضور جن مبدء معاد ۾ انهيءَ[١] ڏانهن اشارو فرمايو آهي

(٢٢) حضرت خاتميت عليه وعلى آله الصلوٰة والتحية جن کين علم ڪلام جي مجتهد هوڻ جي بشارت ڏني جنهن جو احوال هڪ مڪتوب ۾ پاڻ اظهار فرمايو اٿن.

(٢٣) کين الهام[٢] ٿيو ته توکي ۽ تنهنجي مريدن کي ڏينهن قيامت تائين بخشيم. جنهن جو ذڪر مبدء معاد ۾ آهي. هي احوال اڳ گذري آيو.[٣]

(٢٤) هڪ ڏينهن حضور اقدس جن پنهنجي فرزند فوت ٿيل جي روح پرفتوح کي ثواب پهچائڻ لاءِ کاڌو تيار ڪرايو. انهيءَ وقت کين هي خطرو پيو ته حق تعاليٰ جو فرمودو آهي ته پرهيزگارن جو ڪم الله تعاليٰ قبول ٿو ڪري آءٌ ڪو پرهيزگار ته آهيان، پوءِ منهنجو هي عمل ڪٿي قبول ٿيندو ﴿وَاِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ﴾ پاڻ انهيءَ خيال ۾ هوا جو هڪ آواز ٿيو ﴿اِنَّكَ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ﴾ "تحقيق تون پرهيزگارن مان آهين." هي احوال

١- ان رازن جو اشارو مبدء معاد مطبوعه مجددي امرتسر جي صـ٥ ۾ آهي. ٢- ان الهام جو ذڪر مبدء معاد مطبوعه مجددي امرتسر صـ٩ ۾ آهي. ٣- ان بشارت جو احوال هن ڪتاب جي صـ٢ ۾ اڳ گذري آيو

اڳي ٻه ڳڻ ڌري آيو آهي.

(٢٥) حضرت مرشد مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن ڪڏهن به تهجد تي پاڻهي نه اُٿيا بلڪ هُو پَنهن
رات حڪم ۽ علم الٰهي ٿيندو هو ۽ جتي طرح آواز پهچندو هو - هڪ ڀيري بنا آواز
ٿيڻ کان سواءِ جاڳيا پاڻ خيال فرمايائون ته آئون ڪير آهيان جو پاڻهين اٿي بندگي ۽ طاعت الٰهي
جي ۾ مشغول ٿيان - وري پاڻ آرام لاءِ ليٽي پيا، اڃا گهڙي نه گذري جو هر طرف کان بانگن جا
آواز بالڪل چٽا ۽ سڌا شروع ٿيڻ لڳا. جنهن تي پاڻ فرمائن: "هرگز من خود به تهجد برنخاستم بلڪه
هميشه مرا باذن و اعلام و صدا و امثال آن در ثلث آخر شب بيدار کرده اند - يکبار بے آنکه صريح ندائے رسد بيدار
شدم گفتم من کيم که بخود برخيزم و به بندگي و طاعت او تعالىٰ آويزم باز سر را بخواب نهادم لحظه نرفته بود که از هر طرف
آواز اذان و اعلام برخاست.

(٢٦) ڪين هي بشارت ملي ته جنهن به جنازي تي حاضر ٿيندين، اهو ميّت بخشيل آهي.

(٢٧) ڪين هي به بشارت حق تعالىٰ کان عطا ٿي ته اي شيخ احمد جيڪي به علم تو بيان ڪيا آهن ۽ لکيا آهن
اهي سڀ اسانجي طرف کان آهن.

(٢٨) حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جن فرمايو ته شريعت جي ڏنڌ منهنجي ڳچي ۾
ائين پيچي ٿي آهي جئن ڪو ڪافلو ڪنهن مسافرخاني ۾ پيچي هجي - اسلام مسافرن وانگر آواره
۽ سرگردان هو، جنهن حضرت مجدد الف ثاني جي درگاه کي دين جي پناه سمجهي پيچي آرام
حاصل ڪيو، ٻن هزار جي مدت ۾ انهائي جاءِ اسلام جي حوالي ٿي، هيءَ اج تائين حضرت مجدد
الف ثاني جي اولاد امجاد ۽ خلفائن جي رهندي سان اسلام جي پوري خاطرداري ٿيندي ٿي پيچي بمصداق
فطوبيٰ للغربا" جي حضرت مجدد الف ثاني لائق تحسين حضرت سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم
جو ٿيو - حضرت خواجه محمد معصوم مهاجر مکي دام برڪاته چا نچگو فرمايو آهي.

اگر پوچھو کہ بعد الف ثانی سے قیامت تک — جہاں میں فیض ہے کس کا مجدد الف ثانی کا
جو منکر انکا ہے وہ فیض حق سے ہو گیا محروم — کہ اب ہے واسطہ اعلا مجدد الف ثانی کا

(٢٩) حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه ٿي فرمايو ته رمضان المبارڪ جي
پوئين ڏهي ۾ تراويحن بعد مونکي ڳڻن ٿي ڪجهه تڪ مخدوم ٿيڻ بگو تفکري پنهنجي وڇايل بستري تي ويس
سمهڻ مهل ننڊ جي غلبه کان پهريائين سڄو پاسو هيٺ ڪري سمهڻ واري ڳالهه وسري ويم جا سنت
نبوي صلى الله عليه وسلم آهي ۽ کٻي پاسي کي هيٺان ڪري سمهي پيس. پاسي کي ٿوري کان بعد ياد آيم ته مونکي

سنّت ترڪ ٿي ٿئي. نفس کي انهيءَ سستي تي بالڪل گهڻو تڏهن، شرمندو ڪيم ته هيءَ سنّت تو ڇو وساري
آخر سنّت جي ڇڏڻ جي خوف موکي نه ڇڏيو، اهو خوف زور ورتندو ويو ۽ لاچار ٿي وري سڄو
پاسو هيٺان ڪري سمهيس. منهنجو سمهڻ ۽ هو ته انهن الهي ڪرم سان بي انتها انوارن ڳجگ مٿان
وسڻ شروع ڪيو. جنهن آواز آيو ته اي شيخ احمد توجو ايتري سنّت محمّدي جي رعايت ڪئي آهي
تنهن ڪري اسين ڪنهن بد وجه جو عذاب آخرت جو توتي نه ڪنداسون ۽ انهيءَ رعايت جي سبب
اسان تنهنجي خادم کي بہ بخشيو جوان وقت حضور جن جي پيرن مبارڪن کي زور ڏئي رهيو هئو.

راقم الحروف:- جڏهن حضور جن جو اتباع سنّت تي بالڪل گهڻو قدر خيال هو اهڙيءَ طرح
بدعت کان نفرت بہ حد کان زياده هيئي اها بدعت کان نفرت حضور جن جي ٻاراڻي وقت کان
عادت ٿي چڪي هئي جنهنجو هڪ مثال انساب الانجاب[1] تان اتاريان ٿو جو اهو رسالو متبرڪ
حضرت مرشدنا ومولانا قطب الزمان قيوم جهان ادام الله فيوضاته علينا تحرير فرمايو آهي
دهوندا، هڪ ڏينهن ٻاراڻي وقت ۾ حضرت شاه ڪمال قادري قدس سره سندن والد بزرگوار
رضي الله تعالى عنه وٽ مهمان هو. حضور جن کي سندن والد بزرگوار رضي الله تعالى عنه
کڻي حضرت شاه ڪمال قدس سره جي خدمت ۾ آندو. حضرت شاه ڪمال قدس سره جن
حضور اقدس مجدّد الف ثاني کي بغل ۾ ويٺي پنهنجي آڱر مبارڪ سندن وات ۾ وڌائون. حضور انور
جن روئڻ لڳا. حضرت شاه ڪمال رضي الله تعالى عنه جي هٿ مبارڪ ۾ ڪا اهڙي شيءِ هئي جنهن
۾ آثار بدعت جا هوا. حضرت شاه ڪمال حضرت مجدّد الف ثاني جو روئڻ ڏسي مرڪڻ لڳو ۽ ان
شيءِ کي هٿ مبارڪ مان لاهي ڇڏيائون. بس لاهڻ جي دير هئي جو حضور جن حضرت شاه ڪمال
جي آڱر مبارڪ چوسڻ لڳا. خدمت حضرت شيخ ڪمال قدس سره حضور انور کي فرمايو بابا
هاڻي بس ڪر ڪجهه منهنجي اولاد لاءِ باقي ڇڏ. پوءِ حضور انور جي والد بزرگوار حضرت مخدوم
رضي الله تعالى عنه کي حضرت شاه ڪمال قدس سره فرمايو ته هيءُ نينگر تنهنجو مجدّد الف ثاني
بالڪل گهڻو شريعت جو پابند رهندو ۽ سنّت محمّدي علي صاحبها الصلواة والتحية جو
پورو ملتزم ۽ تابع هوندو ۽ حق جي ڳالهه ڪرڻ کي هرگز ڇڏي نه ڏيندو ۽ اڄ هو هاڻي اوهان ننڍو
ته موکي پڻ ان هٿ ۾ پيل شيءِ بدعت جي لاهڻ لاءِ دلالت فرمايائون منهنجي امانت (قادري)
سهروردي کي زبان جي رستي ڇڪي ورتائون مگر ڪجهه منهنجي اولاد لاءِ باقي ڇڏيائون. اه

---

[1] هي ڪتاب قدوة السالڪين زبدة العارفين حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره جو تصنيف ڪيل فارسي ۾ آهي، مجدّدي حضرات جي نسب جو بيان فرمايو اٿن.

حضرت مرشد قيوم جهان سندن شان ۾ ڇا نہ چڱو فرمايو آهي.

آن محمد طينت و احمد بنام ‌‌ صاحب تجديد شاه و خاص و عام
بعد پيغمبر در اقليم شهود ‌‌ اين چنين شاهے نيامد در وجود

(٣٠) رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ حضور جن کي جناب رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه وسلم جي زيارت فيض بشارت نصيب ٿي اجازت نامون کين عطا فرمايائون. جنهن جو احوال اڳي گذري آيو.

(٣١) جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي حضرت رسالت پناه رسول مقبول صلي الله عليه وسلم هي بشارت عطا فرمائي تہ قيامت جي ڏينهن هيترا هزار آدمي توهان جي شفاعت سان بخشيا ويندا جيئن تہ مولانا محمد هاشم زبدة المقامات ۾ تحرير تو فرمائي تہ جنهن ڏينهن کين هي بشارت عطا ٿي تہ هن پاڻ ان جي شڪريه ۾ ڪيترو طعام تيار ڪري طالبن ۽ مسڪين کي کارايائون. ۽ هن بشارت جو ذڪر فرمايائون.

(٣٢) وسيلة دوجهان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن هڪ مڪتوب[1] شريف ۾ لکي فرمايو آهي. "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ جَعَلَنِيْ صِلَةً بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ وَمُصْلِحًا بَيْنَ الْفِئَتَيْنِ" يعني شڪر آهي پروردگار جل و علا جو جنهن مونکي ٻن درياءَن جي ملائڻ وارو ۽ ٻن جماعتن جو پاڻ ۾ صلح ڪرائيندڙ فرمايو آهي - هي عبارت پاڻ انهي جاءِ تي ارقام فرمائي اٿن جتي پاڻ وحدت وجودي وارن ۽ پيائن سڳورن ٻنهي ڌرين علماءُن جي ڪلام ۾ تطبيق ڏئي ڏيکاري فرمائي آهي ۽ ٻنهي جماعتن جي تڪرار کي لفظي جي طرف راجع فرمايو آهي ۽ معنيٰ ۾ اهڙي طرح موافقت فرمائي اٿن جو ڪنهن طرح جو بہ ڪو شڪ شبهو نہ رهيو، مولانا محمد هاشم قدس سره زبدة المقامات ۾ تحرير تو فرمائي تہ مون ۽ هڪ عالم جو پاڻ ۾ متين ڳالهين تي تڪرار ٿيو هو - عالم چوڻ لڳو تہ تنهنجو پير (مجدد الف ثاني) اهڙن وڏن معاملن جي دعويٰ تو ڪري - سندن دعويٰ جو ڪنهن حديث ۾ ضرور اشارو هجي ها. جيئن سرور ڪائنات صلي الله تعالیٰ عليه وسلم جي طرف کان مهدي موعود جي شان ۾ حديثن ۾ اشارا موجود آهن - جي هن قسم جي ڪا حديث وارد هجي ها "يعني ٻن فرقن جي صلح ڪرائڻ وارو ۽ ٻن درياءَن جي ملائڻ وارو، جئن پاڻ مڪتوب شريف ۾ لکيو اٿن" تہ پوءِ بي شڪ حق سڳوري هجي ها تہ اها حديث سندن شان ۾ آئي آهي، چوڻ تہ واقعي بي شڪ حضور جن ٻن فرقن کي جدا ڪان ڇڏيو آهي - مون چيو تہ حديث نبوي جو نہ مونکي احاطو آهي نہ توکي پر ۽ ڪتابن معلوم ٿيو تہ هن قسم جي ڪا به حديث آئي آهي

[1] يعني مڪتوب ڇهون جلد ٻيو حصو ڇهون مڪتوبات مطبوعه امرتسر ص ٣٢ ٢ برابري ٿي جهڳڙو

جي هوندي ته عجب ڪرڻهي - وري ان عالم چيو ته مون وٽ ڪتاب جمع الجوامع جو، علامه سيوطي
جو ڪيو آهي سو موجود آهي اهڙي ڪا حديث شريف نه هوندي جا ان ۾ موجود نه هوندي - هن امت جي
ڀلارين جي باب ۾ ڪوبه ڪو ٻيو حديث سند ۾ دعويٰ جي موافق آهي. جيتوڻيڪ مون ڪتاب شريف
کوليو ۽ اُمّتَ جي ڀلارين واري باب کي جاچيم ته هي حديث شريف مدعا جي موافق نڪتي يَكُونُ فِي أُمَّتِي
رَجُلٌ يُقَالُ لَهُ صِلَةُ يَدْخُلُ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَتِهِ كَذَا وَكَذَا - يعني منهنجي اُمّتَ ۾ هڪ مرد ڪامل ٿيندو
جنهن کي صلهٗ ڪري سڏيو ويندو جنهن جي شفاعت سان ڪيترا بهشت ۾ داخل ٿيندا - مون ان فاضل
کي چيو ته هيءَ حديث شريف اسان جي مرشد ڪريم مجددِ الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حال جي طرف
پوري طرح سان اشارو ڪري رهي آهي، اسان جي مرشد ڪريم به لفظ صِلَةُ جو مڪتوبن عبارتن ۾ ذڪر ڪيو
آهي ۽ بشارت سرورِ دين و دنيا حضرت احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وسلم جي به بالڪل پوري مطابق
آئي. اهو فاضل جنهن کي ڪو به شڪ ڪو نه هو، ائين جي مڃي ويو. خواجه محمد هاشم ٿو
فرمائي ته هي سمورو احوال مون حضرت مجدد الف ثاني جي حضور ۾ پهچايو پاڻ مرڪي فرمائي
شڪر الاهي ادا ڪيائون ته هن باهه جي حق ۾ گهڻو ئي التفات فرمايائون.

(٣٣) حق تعاليٰ جَلَّ وَعَلا کين سڀ درجا حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي متابعت جي
عطا فرمايا ۽ انهن جي نور ۽ برڪتن کان کين مشرف فرمايو جنهن جو ذڪر هن سڀن درجن جي تفصيل
ڏنو ويو آهي جو هتي مڪتوب شريف ۾ موجود آهي. شائقان درگاه مجددي وانهان ارشادات
احمدي ۾ آيو ته سي تاسڳهن، صاحب روضه جو فرمودو آهي ته بين بزرگن فقط بند درجن کان
شرف ملندو آهي.

(٣٤) حق تعاليٰ جَلَّ وَعَلا خاص پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني
رضي الله تعاليٰ عنه جي سيني کي ڪين کان خناس ۽ وسواسن کي بالڪل پاڪ ڪري ڇڏيو
جيئن ته پاڻ فرمائن ٿا ته مون نماز زوال جي پڙهي اوچتو ڏسان ۾ آيو ته منهنجي سيني
کان هڪ وڏي بلا نڪري ٻاهر هلي وئي ۽ وري هي به ڏٺو ويو ته ان جو اڪيرو به ڪيئي اچي
ديو ۽ جي ڪيترا پنهن الله اربون ان جي هن هُن پاسي هيون اُهي به صاف ڪيون ويون
اينڪري تن رجوان جو ڪجهه به اثر باقي نه رهيو اهي نڪرڻ شرط عجيب انشراح سيني ۾
ظاهر ٿيو، (اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ) جنهن کان معلوم ٿيو ته هي خناس هو جو منهنجي سيني

ل ڪنز العمال ج ٦ ڪتاب الفضائل من قسم الاقوال ص ٢٣٦ ۾ هن نماز جو بيان آيل تفصيل سان ايندو

ڪان ڪڍي ٻاهر اڇلايو ويو ۽ انهي وسواس خنّاس کان پناهه گهرڻ لاءِ جناب سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم کي امر انهي هو (مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ ۝ الَّذِي يُوَسْوِسُ فِي صُدُورِ النَّاسِ) ۽ هي به ڏيکاريو ويو هو ته جي خطرا حصول دين ۾ پيدا ٿا ٿين اهو سڀ خنّاس جي منشأ کان ٿا ٿين جو سيني ۾ آکيرو ٺاهي رکي ۽ هر وقت نيش زني ڪري رهيو آهي.

راقم الحروف:- جناب رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جي سنّت جي ڪمال اتباع ۽ عشق بي پايان ڪري جو حضرت مجدد الف ثاني جي رڳ رڳ ۾ اتباع محمدي جو عشق مالامال هو. انهي عشق جي صلي ۾ ڪيس انشراح صدر جو عطا ٿيو جو "اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۝" جي خطاب موجب حضرت رسول مقبول صلى الله عليه وسلم کي عطا ٿيل هو- متبوع جي متابعت تابع کي هن درجي تي پهچايو ولله الحمد

(٣٥) الله تعالیٰ خاص پنهنجي عنايت سان سندن عبادتن کي شرڪ خفي کان خالي ڪري ڇڏيو. جڏهن نماز پڙهڻ مهل سورة فاتحه جي قرأت وقت کين بالڪل خوف غالب ٿيندو هو. جڏهن إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ۝ جي جاءِ تي ايندا هوا. آخر الله جلّ وعلا سندن ديده تصوّا اعمال جي ڪري سندن عبادت مان شرڪ دفع ڪيو ۽ نعمت أَلَا لِلَّهِ الدِّينُ الْخَالِصُ جي ظهور ۾ آئي- الحمد لله على ذالك. هي احوال اڳي تفصيل سان گذري ويو [1]

(٣٦) حضور جن جي عنايت اتباع رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ رسوخ علم عمل جي سبب وقت جن هين جا امام سڳورا تشريف فرما ٿيا. حضرت امام اعظم رضي الله تعالیٰ عنه جا استاد بہ مثل ابراهيم نخعي به تشريف فرما ٿيا- جنهن جو ذڪر گذري آيو [2]

(٣٧) شاهه سڪندر صاحب حضرت شاهه ڪمال قدس سره جي روحانيت جي حڪم موجب جڏهن کين حضرت غوث الاعظم رضي الله تعالیٰ عنه جو خرقو پهچايو. سيني طريقن جا اولياء ڪرام تشريف فرمائي مناظره ڪرڻ لڳا.

زهر آن بت چون شمع چون گل گرفته جنگ با پروانه بلبل

هي سمورو عجيب قصو گذري آيو [3] - حضور جن نقشبندي مجددي طريقي کان سواءِ قادري طريقي ۾ به مريد ڪندا هوا ۽ کين چشتي طريقي جي اجازت سندن والد بزرگوار قدس سره کان ملي هئي. پاڻ چشتي طريقي ۾ به مريد ڪندا هوا, مگر ڪمال تقويٰ ۽ التزام متابعت سنّت سنيّه على صاحبها الصلوٰة والتحيه جي ڪري سرود ۽ وجد ڪرڻ وغيره کان بالڪل احتراز فرمائيندا هوا.

---

[1] تفصيل سان هي بيان هن ڪتاب جي صفحه ٢٣ جي حاشيي ۾ ٢٣٢ جي شروع مڪاشفي آيو آهي [2] هي بيان هن ڪتاب جي صفحه ٢٣٣ ۾ آيو [3] هن ڪتاب جي صفحه ٢٤٥ ۾ هي بيان گذري آيو -

راقم الحروف: - حضور اقدس امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن ڪيترن خليفن کي چشتيءَ قادري طريقي جي باجازت ۽ خلافت عطا فرمائي. جيئن ته سيد آدم بنوري قدس سره انهن ٻنهي طريقن ۾ جناب حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جي خلافت کان مشرف ٿيل هو - نقشبندي مجددي ۽ چشتي طريقي کان پنهنجي خليفي حضرت سعدي لاهوري قدس سره کي نوازيائون ان پنهنجي خليفي حضرت شيخ حاجي ايوب قدس سره کي - ان پنهنجي خليفي خواجه حافظ جمال الله قدس سره کي ان پنهنجي خليفي زبدة الواصلين مخدوم محمد اسمعيل پريان لوئي قدس سره کي - هن حضرت ٻنهي طريقن کان جناب سراج الواصلين فخر العاشقين حضرت سيد محمد بقا قدس سره کي نوازيو - ٻيو هن حضرت پنهنجي فرزند محيي السنة النبوية ماحي آثار البدعة حضرت شيخ سيد محمد راشد ڪنگري شريف والد پير پاڳارو ٢ قدس سره کي انهن ٻنهي طريقن کان مشرف فرمايو - ٻيو هن حضرت فخر الاولياء زين الاصفيا حضرت شيخ سيد صبغة الله قدس سره کي مجددي ۽ چشتي طريقي جي خلافت کان ممنون فرمايو - جناب حضرت پير روضي ڌڻي قدس الله تعالیٰ سره جو فقط قادري طريقي سڳوري جو پيو مرشد ڪريم هو يعني حضرت سيد عبد القادر جيلاني قدس سره (رحمتا شريف وارا) باقي مجددي ۽ چشتي ٻن طريقن جو سندن مرشد ڪريم حضرت مخدوم محمد اسماعيل قدس سره آهي جو جيئن واسطن کان پوءِ مريد درگاه حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جو آهي - معلوم ٿيو ته حضرت پير روضي ڌڻي قدس سره ٽن طريقن کان مشرف هو. هي سمورو ذڪر جو لکيو ويو جناب نهايت نقابت دستگاه ولايت سيادت پناه جناب علي گوهر حسيني پنهنجي ڪتاب متبرڪ خزانة المعرفة ملفوظات حضرت خليفة الله جي مقدمه ۾ آندو آهي انجو اختصار هت لکيم باقي شجره نسبت معنوي حضرات راشدن سڳورن جو سڄي ڪتاب تان اڳتي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي لکندس.

(٣٨) حضرت خواجه خواجگان مرهم دلهائي دردمند ان امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو ته جو منهنجي طريقي ۾ داخل ٿيو يا آئنده تا قيامت جي داخل ٿيندو بواسطه يا بي واسطه عورت خواه مرد سڀ الله تعالیٰ مونکي هن ڏيکاريا آهن. انهن جو نالو ۽ حسب نسب بخشش معنوي ۽ ذات ۽ جمڻ جي جاءِ ۽ تڪڻ جي جاءِ، سڀڪي مونکي الله تعالیٰ جل جلاله ڏيکاريو آهي جي آءُ گهران ته هر هڪ جو نالو ۽ پتو هاڻي ڏسي سگهان ٿو.

(٣٩) هندستان جي نبين سڳورن جي حقيقت ڪين معلوم ٿي جيئن گذريو - (الانوار الاحمديه ص ٣)

(۴۰) احوال جن جي چوٿين ڳالهه هنن ڪري ٿي ته جيڪي زماني فترت (جنهن وقت ۾ رسول ڪونه هو) جي ۾ مري ويا انهن جو حساب قيامت ڏينهن ڪهڙي طرح ٿيندو (ماتريدين وٽ انهن جو ٺڪاڻو دوزخ ۾ ويندي اشعرين جي مذهب ۾ انهي بر خلاف) حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه تي هن طرح ڪشف ٿيو ته انهن کي جياري حساب جي مقام تي بيهاري انهن جي گناهن جي اندازي جيترو عذاب ڪيو ويندو حقن جي استيفاء کان پوءِ بين حيوانن غير مڪلفن وانگر انهن کي معدوم مطلق ۽ محض لاشئ ڪيو ويندو - انهي ٻنهي امرن جي تحقيقات مڪتوب شريف ع ۲۵۹ ۾ سو اٺهين دفتر اول ۾ چٽائي سان ڪيل آهي. انهي ٻنهي ڪشف جي تحرير کان پوءِ لکي فرمايو اٿن ته هي عجيب مسئلو جنهن حضرات انبياء عليهم الصلوٰة والسلام جي حضور ۾ عرض ڪيو ويو ته هن سڀني سڳورن تصديق فرمائي هن مسئلي کي مقبول ڪيائون

(۴۱) حق تعالىٰ جل وعلا ڪين علماء کي راسخين مان ڪري فرمايو ۽ اسرار متشابهات قرآني ۽ رموز مقطعات ڪلام رباني جو ماهر فرمايو جنهن ته پاڻ تحريرا فرمائن

تا مدتها اين فقير تاويل متشابهات را مفوض بعلم حضرت حق سبحانه مي ساخت وعلماء راسخين را غير از ايمان بمتشابهات نصيب نمي يافت وتاويلاتے کہ علماء صوفيه بيان کرده اند آنهارا لائق شان آن متشابهات نمي دانست واز اسرار يک قابل استتار باشند آن تاويلات را تصور نمي کرد چنانچه عين القضاة در تاويل بعضے از متشابهات گفته مثلاً از الف لام ميم الم خواسته کہ معني درد ست کہ لازم عشق ومحبت است وامثال آن آخر کار چون حضرت حق سبحانه وتعالىٰ بمحض فضل خود شمه از تاويلات متشابهات را برين فقير ظاهر ساخت وجدولے از ان دريائے محيط بزمين استعداد اين مسکين کشاده گردانيد دانست کہ علماء راسخين را نيز از تاويلات متشابهات نصيب وافر ست الخ - (مڪتوب ع ۳۱۰ مڪتوبات شريف ج ۱)

له جاڻڻ گهرجي ته شريعت اسلامي جي ڪن حڪمن جو تعلق اعتقاد سان هوندو آهي انهن حڪمن کي احڪام اصلي يا اعتقادي چوندا آهن مثلاً ايمان توحيد، رسالت، حساب، ڪتاب، عذاب ۽ ثواب وغيرهم ۽ ڪن حڪمن جو تعلق عمل سان هوندو آهي انهن کي احڪام فرعي ۽ عملي چوندا آهن مثلاً - احڪام نماز، زڪوٰة، روزا ۽ حج وغيرهم - جهڙي طرح احڪام فرعي ۽ عملي جا چار ئي وڏا مجتهد عالم امام مجتهد چار ٿي گذريا آهن جهڙوڪ حضرت امام ابوحنيفه، حضرت امام شافعي، حضرت امام مالڪ ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رضي الله تعالىٰ عنهم، پوءِ هر هڪ جي تابع (پوئلڳ) کي حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي چئبو آهي. اهڙي طرح احڪام اصلي ۽ اعتقادي جا جاڻو ۽ وڏا عالم اهل السنة والجماعة جا مشهور ٻه ٿي گذريا آهن، هڪ شيخ ابوالحسن اشعري ۽ ٻيو شيخ ابو منصور ماتريدي پوءِ هر هڪ جي تابع کي اشعري ۽ ماتريدي چوندا آهن. اشعري نسبت هڪ قبيلي ڏانهن نسبت آهي جنهن ۾ حضرت ابوموسىٰ اشعري صحابي مشهور آهي، ماتريدي نسبت سمرقند جي هڪ ڳوٺ ماتريد ڏانهن نسبت آهي والله اعلم بالصواب. تاڪ احڪام عملي جي چئني مذهبن کي برحق تسليم ڪيو آهي باقي آئنده

(و الفضا فرموده) و همچنين حروفِ مقطّعات که در اوائلِ سُوَرِ قرآني وارد شده اند نيز از متشابهات اند که بر تاويلِ آنها اطلاع نداده اند مگر علماءِ راسخين را خيال نکنند که تاويلِ عبارت از قدرت ست که بيد تعبيرِ آن نموده اند و يا ذات ست که بوجه آن را معبّر ساخته بلکه تاويلِ آنها از اسرار غامضه ست که باخصِّ خواصّ آن را نموده اند از حروفِ مقطّعاتِ قرآني چه نويسد که هر حرفي از آن حروف بحريست مَوّاج از اسرارِ خفيهٔ عاشق و معشوق و رمزيست غامض از رموزِ دقيقهٔ محِب و محبوب محکمات هر چند اُمّهاتِ کتاب اند اما نتائج و ثمراتِ آن که متشابهات اند از مقاصدِ کتاب اند - الخ [1]

(۴۲) حضرت مرشد مجدّد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي حق تعاليٰ قطبيّت ارشاد ۽ قطبيّت افراد جي مرتبن جو جامع ڪري فرمايو هو ۽ هي مرتبا عالي اڻلڀ آهن - جيئن ته مبدأ معاد ۾ انهن جو ذڪر موجود آهي (مبدأ معاد مطبوعه مجدديه امرتسر ص ک)

(۴۳) حق تعاليٰ جَلّ وعلا حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنهٗ کي نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والتحيّة جي ولايتن جون ڪماليتون مڪشوف فرمايون هيون ۽ هن طرح، جو هر طالب خواهن بزرگ پيغمبر جي قدم تي هو، اهو به منت الله جَلّ وعلا ظاهر ڪري ڇڏيو هو - جيئن ته پاڻ فرمايا هوا ته فلاڻو موسوي ولايت ۾ آهي ۽ نقطه مرڪز جي قريب آهي، ۽ فلاڻو دائري جي قريب آهي انهيءَ طرح گهڻن مقامات پاڻ بيان فرمائيندا هوا. جيئن ته منقول آهي ته هڪ شخص کي پاڻ فرمايائون ته تون ولايت ابراهيمي تي آهين تنهن تي اهو بزرگ پنهنجي دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو ته اگرچه حضور جن کي هي مقام معلوم آهي مگر جي عنايت ڪري مون کي پڻ ڏيکارن ته وڏي عنايت ۽ بنده نوازي ٿيندي - جيئن ته انهيءَ بزرگ انهيءَ رات معاملي ۾ ڏٺو ته حضرت خليل الرحمان علىٰ نبيّنا وعليه الصلوٰة والسلام ڪمال بزرگي ۽ نورانيت سان تشريف فرمائي آهي ۽ حضرت شيخ مجدّد الف ثاني قدس سرهٗ سندن خدمت ۾ تمام ادب سان بيٺا آهن ۽ بيا شخص به تي برحاضر آهن جن کي ولايت ابراهيمي جي بشارت ڏني هوائون پاڻ منهنجو هٿ وٺي حضرت خليل عليه الصلوٰة والسلام جي قدمن مبارڪن تي رکيائون ۽ آسين

(آنديل صفحه اڳين تان) ان لاءِ ته اصول ۾ چارئي مذهب حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي متفق آهن اختلاف بعضي فروعي مسئلن ۾ آهي. سڳيءَ طرح اشعري ۽ ماتريدي ٻئي اهل السنة والجماعة جا مذهب آهن انهن جو اختلاف به فروعي آهي اصول ۾ ٻئي متفق آهن جيئن عملي مذهبن کي چئني طرح شا اهل السنة والجماعة ليکيو وڃي ٿو اهڙي طرح اشعري ۽ ماتريدي به اهل السنة والجماعة آهن انهن جيئن عملي مذهب ۽ انهن ٻنهي اعتقادي مذهبن کانسواءِ ٻين کي اهلِ حق چيو نه ويندو آهي ۱۲ - [1] مڪتوبات شريف جلد اول مڪتوب ۲۷۴ جي شروع ۾ هي عبارت آهي ۱۲.

قدمن مبارڪ جي پٺيان هليا سون. انهيءَ واقعي جو اُهو ڏينهن ته جڏهن آءٌ صبح جو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جي حضور ۾ ويس پاڻ مُرڪي مون کي فرمايو ته تون ته جيڪي اسان توکي چيو هو، ڇا اهي ان بابت ۾ توکي ڪو شڪ آهي؟ ڇا توکي معلوم نا هي ته طالبن کي جڏهن حق تعاليٰ ڪو به علم عطا ٿو فرمائي ته ڏهن ان علم جي دقيقن احوالن ۽ مشرب جي استعداد کان بدانهن کي واقف ٿو ڪري اهڙي قسم جا علم گهڻي مدت کان پوءِ ڪن خاص ماڻهن کي الله جل وعلا عطا ٿو فرمائي. ڇا توکي معلوم نا هي ته شيخ نجم الدين ڪبريٰ قدس سره اگرچه زماني جي ولين ڪاملن مان هو، مگر ان کي هي معلوم نه هو ته آءٌ حضرت انبياء عليهم السلام مان ڪهڙي نبي جي قدمن تي آهيان. آخر اُن انهي تحقيقات لاءِ پنهنجي هڪ طالب کي هڪ بزرگ جي خدمت ۾ موڪليو جنهن کي الله جل وعلا انهي راز کان واقف ڪيو هو. هي طالب جڏهن ان بزرگ وٽ ويو ۽ پنهنجي مرشد جي احوال جي جاچ ڪرڻ لڳو ته ڏهن ان بزرگ جيس ته تنهنجو پهودي ڪهڙي حال ۾ آهي. هي طالب اهي اکر ٻڌي بالڪل رنج ۾ پيو ۽ حيران دل تنگ ٿي پنهنجي پير جي خدمت ۾ آيو ۽ جو بزرگ کان ٻڌو هو اهي عرض ڪيائين. شيخ نجم الدين قدس سره هي حقيقت ٻڌي يڪدم اٿي وجد ۾ آيو ۽ فرمائڻ لڳو ته منهنجو مقصد حاصل ٿي ويو ۽ معلوم ٿيم ته آءٌ حضرت موسيٰ ڪليم الله عليه السلام جي قدم تي آهيان ۽ هي اشارو ان بزرگ جو منهنجي نسبت جو اتباع حضرت ڪليم الله ڏانهن آهي.

(٢٤) حق سبحانه وتعاليٰ حضرت امام الاولياء مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي اهڙي باطني ۽ تصرف عطا فرمايو هو جو پنهنجن مخلص طالبن مان جنهن کي به لائق سمجهندا هئا پنهنجي تصرف سان انکي هڪ ولايت ۽ مشرب کان ٻي ولايت تي جو ان کان عالي درجي وارو هئي، پهچائيندا هئا. جيئن ته حضرت امام عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم رضي الله تعاليٰ عنه ڏانهن لکي فرمايائون ته اسان توکي ولايت موسوي کان ولايت محمدي تي پهچايو. هذا من اعجب العجوبات ومن اعظم التصرفات.

(٢٥) حق تعاليٰ جل وعلا شانه هادي راه حقاني حضور انور امام رباني رضي الله تعاليٰ عنه کي اسرار معاملات قلوب خمسه کان مشرف فرمايو خاص ڪري ان مرتبي عظميٰ کان جو قلب خامس سان متعلق آهي ۽ هي مقامن ۾ هڪ نادر مقام آهي جنهنجو ذڪر مبدا ومعاد[١] آهي.

---

[١] هي بيان تفصيل سان مبدا ومعاد مطبوعه مجددّيه امرتسر ص ١٥، ١٦، ١٧، ١٨ ۾ آهي ١٢.

(۴۶) حامي بيچارگان مقبول بارگاهه رحمان حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه کي حق تعاليٰ حقيقت قرآني ۽ حقيقت ڪعبه رباني ۽ بيت المقدس جي انوارن ۽ اسرارن کان هڪ تمام وڏو حصو مرحمت فرمايو جيئن ته سندن مڪاتيب مان ظاهر آهي.

(۴۷) حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه کي حق سبحانه وتعاليٰ حق اليقين کان مشرف فرمايو جنهن کي ٻين اوليائن ڪرامن رضي الله تعاليٰ عنهم حق اليقين فرمايو آهي اهو حضور اقدس رضي الله تعاليٰ عنه وٽ علم اليقين هو جيئن ته پاڻ هن مضمون کي مڪتوب چوٽيهين جلد ٻئي ۾ چڱائي سان بيان فرمايو اٿن.

(۴۸) حضور انور رضي الله تعاليٰ عنه کي بسبب متابعت سيد الانبياء عليه التحيه والثناء جي حق سبحانه وتعاليٰ اهو مرتبو عنايت فرمايو جو مقام رضا کان مٿاهون درجو آهي ۽ انکي محبت ذاتي تاڃو ني

(۴۹) ولايتون ٽي صغريٰ، ڪبريٰ، عليا ۽ ولايتون اوليائن، نبين ۽ ملائڪن جون، هي سڀ حضور اقدس مجدد الف ثاني رضي الله عنه تي ظاهر ڪيون ويون آهن ۽ هر هڪ ولايت جي ڪمالتن کان پاڻ بهرور ٿيا آهن. جيئن ته انهن درجن جو تفصيل مڪتوبات عاليات مان ظاهر آهي

(۵۰) حق سبحانه وتعاليٰ ڪين خاص ٻنهي لطف ۽ مهرباني سان رحمت جو خزينو بنايو. جيئن ته پاڻ دفتر اول، مڪتوب ٻي سو يارهين ۾ تحرير فرمايو اٿن.

(۵۱) الله تعاليٰ جل وعلا جي طرف کان حضرت مجدد و منور الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه کي معلوم ٿيو ته سندن وقت کان وٺي حضرت مهدي آخر الزمان عليه السلام جي ظهور تائين جيڪو به ڪو ٿيو صاحب معاملات ۽ صاحب ڪمالات باطني جو پيدا ٿيندو.

(۵۲) جڏهن ڪين طواف خانه ڪعبه جي شوق زياده غلبو ڪيو ته هن پاڻ ڏٺائون ته ڪعبو شريف انهيءَ موجود آهي پاڻ طواف کان مشرف ٿيا. جيئن ته پاڻ تحرير فرمايو اٿن. مفصل احوال گذري آيو [1]

(۵۳) حضور اقدس رضي الله عنه جي بالڪل وڏن خاصيتن مان هڪ وڏي خاصيت هي آهي جو پاڻ ايام وصال جي قريب فرمايو هو ته جو ڪمال نوع بشر کي ملڻ ممڪن آهي اهو سڀ حق سبحانه وتعاليٰ بوراثت ۽ تبعيت حضور سيد البشر صلي الله عليه وسلم جي مون کي عطا فرمايو آهي جي آئون گهران ته انهن سڀني ڪمالتن کي عقلي طرح سان بيان ڪري ٿو سگهان ع "قلم اين جا رسيد سر بشکست". هن ڪانسواءِ حضور اقدس رضي الله عنه جا مڪاشفا

---

[1] هن ڪتاب جي ص ۱۳۲ ۾ هي بيان تفصيل سان آيو آهي ۱۲ -

۽ خصوصيتون وڏي وڏي شان واريون ۽ مرتبا مٿاهان ايتري قدر آهن جو بيان ۾ اچي نٿا سگهن هت بالڪل مختصر لکيا ويا آهن. طالبان صادق محبان واثق حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه جا حضرات القدس ۽ زبدة المقامات ۽ عمدة المقامات ۽ مڪتوبات شريف ۽ مبدأ معاد ۾ ملاحظو فرمائن - هت جناب سيد عبدالاحد صاحب جي لکيل ڪتاب سلسلة الذهبيه جو مضمون پورو ٿيو.

هن کانسواءِ ٻيون به ڪيتريون خصوصيتون هن فن جي ڪتابن ۾ موجود آهن روضة القيوميه ۾ (٦١) موجود آهن. جواهر مجدديه ۾ جو مختصر ڪتاب آهي (٧) آهن زبدة المقامات جي فصل پنجين ۾ (٣٣) آهن ان کانسواءِ ڪيتريون خصوصيتون فصل ٽئين ۾ لکيون اٿس. اهڙيءَ طرح عمدة المقامات ۾ جو هن فن جي ڪتابن ۾ اعلىٰ درجي جو ڪتاب آهي ۽ حضرات القدس ۽ ذڪر مجدد وغيرها من الڪتب المعتبرة.

بي اختيار دل گهريو ته روضه ۽ جواهر ۽ زبدة تان تبرڪاً ڪجهه ٿورو لکي سعادت دارين حاصل ڪريان وهو هذا

خصوصيتون قدسيه روضة ان

(١) حق سبحانه وتعالىٰ حضور انور کي مجدد الف ثاني جو خطاب عطا فرمايو جڏهن گذريو[1]

(٢) حق سبحانه وتعالىٰ کين قيوم عالم جو ڪري فرمايو. جو پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني مبارڪ کان وٺي ڪو به انهيءَ درجي کان مشرف نه ٿيو هو جڏهن گذريو[2]

(٣) کين محبوبيت ذاتي جا طينت محمدي صلي الله عليه وسلم تي موقوف آهي عطا ٿي هئي ڪا ٻي ڪا به ولي الله تي اها عنايت ڪانه ٿي هئي.

(٤) حضور انور[3] جو بدن مبارڪ جناب حضرت پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي طينت جي بقيه خمير مان آهي جئين کي حضرت سيدنا آدم عليه السلام جي خمير طينت مان آهي

---

١ هن ڪتاب جي ص ١٢٢/١٢٣ اندر (مجدد جي شان ملڻ جي بيان ۾) هي احوال تفصيل سان گذري آيو

٢ هن ڪتاب جي ص ١٣٠ اندر قيوميت جي عطا ٿيڻ واري بيان ۾ هن شان جو تفصيل ڏنو آيو

٣ يعني حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو بدن مبارڪ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي طينت جي بقيه مان آهي جيئن باقي مڪتوبات شريف جي ٽئين جلد مڪتوب ١٠٠ ۾ ارشاد فرمائن - بعد از تخليق آنحضرت صلي الله عليه وعليٰ آله الصلوات والتسليمات بقيه مانده بود که در خوان دولت ضيافت کريمان زياده خيال لازم است که او ڪند گويان نصيب خادمان بود آن بقيه را به يکي از دولتمندان امت او عليه وعليٰ آله الصلوة والسلام الخ گويان عطا فرموده اند و آنرا خميرمايه ساخته خمير طينت او نموده و تبعيت و وراثت او شريڪ دولت خاصه او گردانيده باقي

اَكْرِمُوْا عَمَّتَكُمُ النَّخْلَةَ فَاِنَّهَا خُلِقَتْ مِنْ طِيْنَةِ اٰدَمَ لە

(٥) ڪين خلت ابراهيمي جي عطا حاصل ٿي

(٦) ملاحت ۽ صباحت کي حضور انور جن ملايو جو گڏ ٿيڻ بدولي کي اها ذات عطا نه ٿي

(٧) الله جل وعلا ڪين وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ جي جماعت ۾ داخل فرمايو

(٨) باوجود ضمنيت جي الله جل وعلا ڪين اصالت عطا فرمائي .

(٩) سير انفسي ۽ آفاقي ۽ جذبي ۽ سلوڪ کان هڪ جدا خاص طريقو ڪين عطا ٿيو . جنهن کي پاڻ مڪتوبات شريف ۾ اقتباس نبوة جي نالي سان ڪوٺيو اٿن .

(١٠) الله تعالى پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان حضور انور جي طريقي مجددي کي ٻين سڀني طريقن سڳورن کان ترو پيلو ڪري ڏيکاريو ۽ هن طريقي وارا ٻين طريقن جي نسبت پهريائين بهشت ۾ داخل ٿيندا .

(١١) جناب پيغمبر خدا صلى الله عليه وسلم جي اُمت جي اڪثر نيڪ مردن جو حشر حضرت مجدد الف ثاني جي سلسلي ۾ ٿيندو .

(١٢) قيامت تائين سموري خلقت کي فيض ، رشد ، هدايت ، ايمان ، عمر ، شفا ، رزق ۽ ٻي غرض ته سمورا ديني ، دنيوي امور حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جي طفيل ۽ وسيلي سان نصيب ٿيندا . مفصل ذڪر روضه ۾ آهي . ٢ه

(١٣) اڳوڻن اُمت جي وليّن قدس الله تعالى اسرارهم جن شرع جي خلاف ڪن امورن جو رواج ڏيار يو هو جهڙوڪ وحدت الوجود ۽ رقص ۽ سماع وغيره . حضور جن انهن سڀني کي منسوخ ڪرايو . يعني سندن وقت کان انهن غير شرعي ڪمن ڪرڻ ۾ باطني ترقي ڪنهن کي به نصيب نه ٿيندي .

(ٿلهي ليکي صفحه تان) عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ سم با کريمان ڪارها دشوار نيست پس اين بقيه در رنگ آن بقيه طينت حضرت آدم ست علٰى نبينا وعليه الصلوٰة والسلام که نصيب خلقت درخت خرما آمده است كما قال عليه وعلى اٰله الصلوٰة والسلام اكرموا عمتكم النخلة فانها خلقت من طينة اٰدم . پس للارض من كاس الكرام نصيب . الخ

لە قال في التمييز رواه ابو يعلى وابن ابي حاتم و العقيلي وابن عدي وابن السني وابو نعيم في الطب وابن مردويه عن علي رضي الله تعالى عنه (حاشيه مڪتوبات شريف)

٢ه روضة القيوميه رڪن اول مترجم اردو مطبوعه لاهور ص ١٣٩ . خاصيتن جي بيان ۾ هي ذڪر تفصيل سان آهي (آئيني صفحي ٢٤ تان ٻي شامل آهي . جتي ڪتاب حضرات القدس ٻئي جلد جي ديباچه ۾ بيان فرمايو اٿن ته ڪتاب حضرات القدس بارهن حضرات تي شامل آهي . دفتر اول حضرت اول تي ختم ٿيو باقي يارهن حضرات هن ٻئي دفتر ۾ بيان ڪيا ويندا . هن ٻئي دفتر کي ٻئي حضرت کان شروع ڪيو ويندو . اه

(١٤) حضرت مهدي موعود عليه السلام سندن سلسلي ۾ هوندو ۽ حضور انور جن جي سيني خليفن کان وڏن خليفن ۾ ڳڻبو (بالمقام) ۽ جئن تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ مهدي موعود منهنجي عزيز الوجود نسبت ۾ مبعوث ٿيندو.

(١٥) سندن ولايت محمدي صلى الله عليه وسلم خاص ولايت آهي.

(١٦) جناب حضرت پير دستگير غوث الاعظم رضي الله عنه جي سرهند شريف ۾ تشريف فرمائڻ - حضور جن جي عالي رتبن جو خلق کي بيان ڪرڻ جئن گذريو.

(١٧) جناب پيغمبر خدا صلى الله عليه وسلم سندن مبعوث ٿيڻ جي خبر ڏني هئي جئن ڏيکاري گذريو.

(١٨) اُمت جي ڪيترن وليّن سڳورن قدس الله تعالى اسرارهم سندن وجود مسعود جي خبر ڏيڻ فرمائي. جئن گذريو.

(١٩) پاڻ تحرير فرمائي اٿن تہ آئون اهڙي مقام ۾ پهتس جتي ازل ابد هڪ ٿيو ڏٺم تہ اڳي گذريل انبياء عليهم السلام جي ڏسڻ ۾ آيا جن هاڻي ڏٺا آهن ۽ جي ڪم آئينده ٿيڻ وارا آهن اهي بہ هن وقت موجود آهن. گذريل ۽ ايندڙ زماني ۾ پنهنجي کي موجود لڌم.

خصوصيتون جواهر مجدديہ تان

(١) حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه ۾ مقامات تعين جي ۽ وجودي ظاهر (ڪيو ويو).

(٢) متوسلين مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن وڏن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم وانگر آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي اتباع جي درجن کان سرفراز ٿيا.

(٣) حضور انور جي زيارت لاءِ ڪعبو شريف آيو جو ڪن زيارت نصيب ٿي ۽ سندن خانقاه شريف جي ڪوه مان (جو روضي مبارڪ جي صحن ۾ آهي) زمزم شريف جو پاڻي نڪري ظاهر ٿيو. ڪيترن ماڻهن کي حج ڪرايائون ۽ خلق کي زمزم جو پاڻي پيارايائون.

(٤) سندن طريقي ۾ سيني وليّن جا فيض گڏيل آهن انهيءَ ڪري سندن طريقو افضل ۽ اسهل آهي.

(٥) سندن طريقو جامع شريعت ۽ طريقت جو آهي ۽ هن طريقي ۾ مقامات ولايت کان سواءِ ڪمالات نبوة بہ شامل آهي.

خصوصيتون زبدة المقامات تان

(١) حضور جن بعد وصال جي مرڪڻ فرمايو. مولانا عبدالقادر بنالوي کان اها روايت آهي.

(٢) ڪين الله تعالى جي ۽ علم محدث فرمايو جئن گذريو. [1]

---

[1] هن ڪتاب صفحه ١٣٦ ۾ محدث جي خطاب جو بيان ۽ لفظي تشريح ڏني ويئي

(۳) حق سبحانه و تعاليٰ سندن دنيا کي پڻ هن جي فضل جي ڪرم سان آخرت ڪري فرمايو. هي عجيب (خاص) خصوصيت آهي تفصيل زبده ۾ آهي. (زبدة المقامات مطبوعه نولڪشور ص ۱۸۹)

(۴) پاڻ رسالهٔ مبدأ معاد[1] ۾ لکي فرمايو اٿن ته مون اوائل حال ۾ ڏٺو ته هڪ مقام کي چوڌاري طواف ڪري رهيو آهيان ۽ مون سان گڏ ٻيا ماڻهو به طواف ڪري رهيا آهن پر منهنجي رفتار ايتري تکي آهي جو جنهن وقت ۾ هو ماڻهو ٻه ٽي قدم کڻن ٿا اوتري وقت ۾ هڪ سڄو طواف (چڪر) پورو ڪري ٿو وٺان. معلوم ٿيو ته عرش جي مٿان اهو مقام آهي ۽ ٻيا طواف ڪندڙ ملائڪ ۽ انبيا علىٰ نبيّنا و عليهم الصلوٰة والسلام آهن وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْم.

(۵) حضور جن رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته منهنجون جيڪي به خصوصيتون آهن منهنجي اولاد ۾ قيامت تائين باقي رهنديون (ڏيکي ٻئي ٻئي الف ڪا انسواء ڪذا في الروضه وغيره)

(۶) حضور جن رضي الله عنه جي مناقبن ۽ ٻين عجيب خصوصيتن مان هي (به) خصوصيت آهي ته حق سبحانه و تعاليٰ کين بوجه سبقت ۽ وراثت جي وصل کان پڻ نصيب ۽ حظ عطا فرمايو جنهن ته سندن مڪتوب شريف ۾ انهي تحقيقات ۽ تفصيل مذڪور آهي، هن جاءِ تي راقم الحروف (صاحب زبده) جو قلم ٽٽي پيو - يعني لکڻ کان عاجز ٿي پيو -

گر بگويم شرح آن بيحد شود　　　مثنوي هفتاد من کاغذ شود

جيڪڏهن ڪو عارف صاحب علم جو سندن مڪتوبات شريف کي پڙهي ته اهو ڪنهن شڪ بنا سندن خصوصيتن ۽ مناقبن تي يقين آڻيندو. جيتري قدر مون سندن خصوصيتون هيستائين بيان ڪيون آهن اهي ناظرين جي چاشني ۽ سمجهڻ جي لاءِ ڪافي آهن، دل جي سان مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڪم آهي.

راز را جز رازدان انبار نيست　　　راز اندر گوش منڪر راز نيست

رضي الله عن صاحب الاحوال و رضي عنه سبحانه و تعاليٰ - اهـ

هنن خصوصيتن جي باري ۾ جناب حضرت خواجه محمد معصوم مهاجر مڪي ادام الله فيوضاته ڇا ته عجيب فرمايو آهي.

فضائل خاص تھے مخصوص ذات عالی ہیں　　　نہیں ان میں کوئی ہمتا مجدد الف ثانی کا

برگزيدهٔ رحمان خواجه محمد احسان قدس سره جناب مرشد مڪمل امام رباني

---

[1] هي رسالو شريف حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي تصانيف مان آهي. مطبوعه مجدديه ص ۳۳ ۾ هي بيان آهي

مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي شان مبارڪ ۾ چاڙ بالڪل چڱو فرمايو آهي جزاه الله خيرا

بملڪ اوليا چون او نزاده — محمد ثمره چون او نداده
زتجديدش حديث ڪهنه نوشد — ڪسے داند ڪه در عشقش گروشد
هزار اندر چمن دستان گذارست — ڪه اين گل رونق باغ هزارست
همه پيران بنزدش طفل راه اند — چون من لب تشنه نيم نگاه اند

حضور جن جي مختصر متفرق حالات

حضور انور جن، جو حرمين الشريفين جو سفر ڪرڻ فرمايو آهي، انجو مفصل احوال جدا مونکي نظر ۾ نه آيو معلومات ٿي انشاء الله تعالىٰ جدا رسالو لکندس مگر ڪتاب فقط هيترو ٿي ٿو ته لکن ته حرمين الشريفين جي سفر ۾ حضور انور جن علماء حرمين جي کان سند حديث شريف جون حاصل فرمايون جنڪن ته حدائق الحنفيه ۾ لکيو آهي.[له] باقي هندستان جي سفرن مان حضور انور جن رضي الله عنه ڪيترا ٻيا سفر آگرا جو ۽ ٻيا ٻيا سفر دهلي شريف جو ڪرڻ فرمايو. حضرت سيدنا مرشدنا خواجه محي الدين بيرنگ باقي بالله رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ به ٻيا ڀيرا آگره تشريف فرما ٿيا آهن. هن کان سواءِ جڏهن حضور انور جن بادشاه جي نظر بندي کان آزاد ٿيا ته هن بادشاه کين پنهنجي لشڪر ۾ گڏ رهڻ لاءِ عرض ڪيو ان ڪري بادشاه سان گڏ به ملڪ ۾ کين سفر ڪرڻون پيو جنهن ۾ هيءَ حڪمت هئي ته خلق عام خاص سندن صحبت کان مشرف ٿي جنهن گذريو - زبده مان معلوم ٿو ٿئي ته ٽن سالن جي مدت حضور جن جو لشڪر سلطاني سان رهڻ ٿيو.

له حدائق الحنفيه جي پارهين حديقه - مطبوعه نولڪشور ص ۴۰۵ ۾ اهڙي طرح لکيل آهي. باقي عام ٻين ڪتابن ۾ حضور اقدس جن جي سفر حرمين الشريفين جو ذڪر نه آيو آهي ڪتاب فقط هيترو لکن ٿا ته پاڻ حج جي ارادي سان دهلي پهتا، حضرت خواجه بيرنگ باقي بالله جي خدمت ۾ بيعت فرمايائون ۽ سفر حج ارادو ملتوي ڪيائون. حضرت علامه محمد مراد منهاج مڪي الدرر المڪنونات معرب المڪتوبات جي حاشيه ۾ لکيو آهي ته "حضور اقدس جن پنهنجي والد ماجد جي وفات کان پوءِ اداءِ حج جي نيت سان سرهند شريف کان روانا ٿيا جڏهن دهلي ۾ داخل ٿيا ته هڪ دوست جي صلاح سان حضرت خواجه باقي بالله جي صحبت ۾ پهتا ته کين عنايت الاهي جي جذبات اهڙي ته دوڙائي جو حج جي خيال کي پوئتي ڪرڻ مناسب سمجهيائون جو ته سندن نيت فرضي طرح نه هئي بلڪ شوق نفلي طور هئي. زيارت کان به ڏينهن پوءِ طريقه عاليه نقشبنديه ۾ بيعت فرمايائون ۽ سندن صحبت سگهو ئي کي لازم فرمايائون ۽ صاحب بيت الله سبحانه وتعالىٰ جي طلب کي بيت الله جي طلب تي ترجيح ڏنائون" الخ - عبارت مختصر هي آهي. لما دخل بلدة دهلي ڪرسي سلطنة بلاد الهند ووصل هنالڪ الى صحبة شيخه الشيخ محمد الباقي بالله بقيه ص ۲۹۹

علامه محمد مراد مکي وقت مقرر ڪونه ٿو لکي فقط ايترو معلوم ٿو ٿئي ته آخرڪجهه مدت کان پوءِ بادشاهه حضور جن کي نهايت تعظيم ۽ تڪريم سان وطن ڏانهن روانو ڪيو عبارت مختصر هيءَ آهي. لكن امره بالاقامة في معسكره مدة من الزمان ثم اطلق سراحه واعاده الى وطنه محفوفاً بالاجلال والاحترام فعاد بالوف من الفتوح على ما كان فيه اولاً من الاحوال والمقامات التي يعجز عن وصفها السنة الاقلام الخ

آخر وقت ۾ حضور جن گهڻو ڪري خلوت ۾ رهندا هوا- جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو- اول سفر آگري جو، جو عين جواني ۾ ڪرڻ فرمايو اٿن جنهن مان سندن علم جي گهڻائي، حق گوئي اسلامي جوش ۽ ٻين ڪيترين وصفن معلوم ٿيون ٿين. ذڪر ٽيرهين[13] (تيرهون سال تيوميت) روضة القيوميه ۾ ڪن اول تان مختصر آثاري پوءِ مختصر سفر دهلي شريف جا لکندس

سفر آگري جو

حضور جن جي عين جواني هئي انهيءَ وقت ۾ اڪبر بادشاهه آگري ۾ رهندو هو جنهن کي اڪبر آباد ڪري چوندا هوا- جتي ته وڏا وڏا عالم نامدار اچي رهندا هوا انهن جي ملاقات لاءِ حضور جن جي تشريف آگري ڏانهن ٿي- حضور جن جي علم جو پايو جنهن وقت جي عالمن ڏٺو ته ڏهن بالڪل حيران ٿي ويا- سارو بادشاهي لشڪر سندن علميت تي عاشق ٿي پيو عالم نامدار حضور جن کي علم جي گهڻائي سبب وڏي جبل وانگر جاڻڻ لڳا ۽ پنهنجي علم کي سندن مقابلي ۾ ذرو جو انو سمجهڻ لڳا- حضور جن کان سند حديث ۽ تفسير جي وٺڻ پائڻ لاءِ وڏو وضع ٿيندا هوا

(اڳئين صفحي تان آيل) قدس سره بدلالة بعض امرية من جذبات العناية الازلية ودلالته الى الدولة السرمدية (الى ان قال) واقتضب ان يؤخر ما في قلبه من النية حيث لم تكن نيته على سبيل الفرضية بل كانت لمجرد الاشواق القلبية فابتغه بعد يومين من ملاقاته في الطريقة النقشبندية العلية ولازم صحبته السنية ورجح طلب صاحب البيت على طلب البيت وترنم لسان حاله بهذا البيت

اليك يا منيتي حجي ومعتمري ⁂ ان حج قوم الى ترب واحجار

فائده- مڪتوبات شريف دفتر ٻئي مڪتوب ۴۲ ۾ جو حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقى ڏانهن لکيل آهي، ۾ حضور اقدس جن حج جي شوق جو اظهار ۽ حج جي فرضيت ڏانهن اشارو فرمايو اٿن، ان مڪتوب جي تحقيق ۽ تشريح لاءِ گذريل سال راقم الحروف نور احمد عفي عنه حضرت والاشان مشفق مهربان حضرت صاحب ڪلان (قبله شاهه آغا) مدظله العالي ڏانهن شيخ مانده ڪرڻ ڏانهن عريضه عرض ڪيو هو پر ان جي جواب ۾ مختصر مضمون تحرير فرمائي موڪليو اهو مضمون بجنسه ناظرين اڳيان پيش ڪيان ٿو وهو هذا- اهو مسئلو "حضرت امام رباني جو حج تي نه وڃڻ جو" گهڻن ڏينهن کان زير بحث آهي اسان پنهنجن وڏن کان ٻڌو آهي ۽ ڪتابن ۾ پڻ هن طرح آهي ته حضرت جن حج جي سفر تي تيار ٿي ڪري بندر ڏانهن روانا ٿيا هوا وڏي ۾ پنهنجي حضرت خواجه بيرنگ کان مريد ٿيا هوا- انهن مان هڪ بادشاهه جي لاڏ پٽ جو منع هو پر ٻيو ته بحري سفر ۾ جهازن تي جو ڪم انگريزن جي هٿ ۾ هو ٻيو اهي جهازران نصارى حاجين کي مجبور ڪري نماز ترڪ ڪرائيندا هوا- ۽ جهازن ۾ شراب نوشي ۽ خنزير جو گوشت کائيندا هوا ۽ (باقي)

خدمت ۾ اچي سندن حلقه ارادت ۾ داخل ٿيندا هوا ۽ ڪيترن ئي زماني جو مجتهد مجيند هوا. ڪيترن ئي جماعتن علمائن جون سندن درس ۾ حاضر ٿيڻ لڳيون. لشڪر جا ماڻهو سندن زيارت کي عين سعادت ڄاڻي ڏيدار کان مشرف اچي ٿيندا هوا. جناب حضرت شيخ سليم چشتي قدس سره بادشاهه اڪبر جي ڏينهن ۾ آگره تشريف فرما هو حضور جن جي مجلس مبارڪ ۾ هڪ ڏينهن حاضر ٿيو ۽ تيليءَ سندن پيشاني مبارڪ تي هٿ ڏسڻ لڳو. مجلس وارن حضرت شيخ قدس سره کان سبب پڇيو تنهن تي حضرت شيخ فرمايو ته مونکي خواب ۾ ساڳي اها صورت مبارڪ هن کان اڳي ڏسڻ ۾ آئي آهي. جيڪو شخص آهي جنهن جي خبر اڪثر امت جي وڏن ڏني آهي پر اجا انجي ظهور جو وقت نه آيو آهي جو هن وقت عمر مبارڪ ننڍي ۽ اٿس. حضور انور جي پيشاني مبارڪ ۾ سجدن جي جاءِ کان وٺي ٻن ڀرون جي جاءِ تائين هڪ ٻه ٽي ليڪ تاري وانگر چمڪندي رهي جا سندن تجديد الف جي علامت هئي تنهن لاءِ حضرت شيخ سليم فرمايو ته اها ٻه ٽي ليڪ جنهن کي چتائي ڏٺم سندن بزرگي تي دلالت ٿي ڪري. عنقريب هي بزرگ حق تعاليٰ جي طرف کان اهڙن ڪمالن کي اظهار ڪندو جو ڪنهن به وقت ۾ ڪنهن بزرگ ڪيو آهي نه ايندڙ ڪو ڪري سگهندو. سندس فيض جو سلسلو مشرق کان مغرب تائين پکڙجي ويندو ۽ قيامت تائين رهندو ۽ انهيءَ سفر ۾ جيڪو به مشائخن مان حضور انور جي زيارت کان مشرف ٿيندو هو ٻي اختيار چوندو هو ته عنقريب هن نوراني مرد کان اهڙا امر عظيم ظاهر ٿيندا جو هن کان اڳ ڪنهن کان به ظاهر نه ٿيا.

ابوالفضل ۽ فيضي جو خدمت ۾ اچڻ

ابوالفضل ۽ فيضي جي، بادشاهه هند جا وزير اعظم هوا، حضور جن جي خبر ٻڌي سندن زيارت جا مشتاق ٿيا ڪيترو ئي ڪوشش ڪيائون ته اسانکي وٽن وڃڻو نه پوي پاڻ هت اچن مگر هنن جي ڪوشش بالڪل ڪارگر نه ٿي آخر هڪ ڏينهن ٻئي پاڻ گڏجي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ گهڻو ئي اخلاص ظاهر ڪيائون. حضور انور جن به سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي مطابق انهن جي حال تي نهايت عنايت فرمايائون. ٻئي ڏينهن تي حضور جن کي نهايت ادب سان دعوت لاءِ عرض ڪيائون پاڻ قبول ڪري انهن جي جاءِ تي

(آڏل لڳيل ص ٢٩٩ تان) تنهنڪري پاڻ اهو سفر ملتوي ڪيائون انهي شخص کي محصور چوندا آهن يعني ڪو شخص سفر حج تي روانو ٿئي مگر ڪنهن عذر ڪري رڪجي پوي ۽ ڪتابن فقه ۾ لکيل آهي ته ڪو شخص سمجهي ته مون کان هن سفر ۾ هڪڙي فرض نماز قضا ٿي ويندي ته هن کي حج جي سفر تي نه وڃڻ گهرجي. "ڪذا في مناسڪ علي قاري"

تشريف فرمائيا. ٻي ڏينهن ٻي راتيون وٽن رهيا. هو ٻه سندن شاگردن وانگر هن مت ٻيا آئي رهيا هئا. حضور جن ته انهن انهن جي گهڻي محبت ٿي جيڪي ٻه ڏينهن پاڻ آگري ۾ هوا تحفاءِ سوکڙيون خدمت ۾ موڪليندا هوا ۽ کين مجتهد سمجهڻ لڳا ۽ سندن فرمودي کي سند سمجهي دليل وٺڻ لڳا ۽ سندن تعريف ڪرڻ کان نه ڌاپيندا هوا. انهن ڏينهن ۾ ابوالفضل ۽ فيضي جي طبيعت بنا نقطن جي تفسير لکڻ جو شوق جاڳيو. اگر چه ٻئي پاڻ وڏا عالم هوا انهن هوندي به ٻيا ڪيترا علماءِ هندستان جا، جهڙوڪ مولانا جمال لاهوري تلوي ۽ ٻيا تفسير لکڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ گهرايا ٿون. ٻئي سيپارا لکي چڪا هوا. آخر هڪ جاءِ تي ٻئي پاڻ ۽ ٻيا عالم سورا لاچار ٿي پيا ابوالفضل حضور جن کي اچي عرض ڪيو ته اسين پاڻ خواه ٻيا عالم عاجز ٿي پيا آهيون هن ڪم ۾ حضور جن اسان کي مدد ڏيڻ فرمائن ته بالڪل احسان. حضور جن کي اگرچه بنا نقطن جي عبارت لکڻ جو استعمال به نه هو پر هن جي التجا تي قلم کنيا ٿون ۽ نهايت فصاحت بلاغت سان فصاءِ شان نزول اهڙا لکيا ٿون جو سڀ عالم حيران ٿي ويا. هن تفسير جو اڪثر حصو پاڻ خود حضرت مرشد مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي تصنيف آهي يا سندن مدد سان تصنيف ٿيو

مناظرو ابوالفضل ۽ فيضيءَ سان حضرت مجدد الف ثاني جو

هڪ ڏينهن ابوالفضل جي مجلس ۾ جو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن به تشريف فرما هوا، فلسفي علمن ۽ فلسفي دارن جي ايتري قدر تعريف ٿي جو دين جي عالمن جي توهين ٿيڻ لڳي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن جو شان اسلام کان اها ڳالهه سهي نه سگهيا ۽ فرمايا ٿون ته فلسفي ماڻهون جن علمن جو پاڻ کي واضع ٿا سمجهن جهڙوڪ الهيات، حڪمت، نجوم، هيئت ۽ طب وغيره ۾ جي علم ڪجهه دين ۾ ڪم ٿا اچن اهي سڀ علم انهن ڪميڻن فلسفين گڏ ڪري پنهنجن سڳورن جي ڪتابن ۽ انهن جي ڪلام مبارڪ کان چورايا آهن ۽ جي علم انهن ڪميڻن جي طبيعتن جو نتيجو آهن جهڙوڪ رياضي ۽ طبعي وغيره هن قسم جي علمن مان دين کي ڪو فائدو ڪونه آهي اهوئي سبب آهي جو حضرت امام غزالي ۽ ٻين حق جي علمائن پنهنجن ڪتابن ۾ انهن تي ڪفر جي فتوىٰ ڏني آهي. جڏهن ابوالفضل حضور جن جي تقرير ٻڌي، سخت ناراض ٿي چوڻ لڳو ته غزالي نامعقول چيو آهي. هيءَ ڳالهه ٻڌي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه سخت ڪاوڙجي ابوالفضل کي گهٽون ڳالهائي مجلس مان اٿي ويا. ابوالفضل سخت پشيمان ٿي معافي گهري ۽ ٻيءَ ٻه ٽي ڏينهن حضور جن وٽ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته حضور جن جو فرمودو حق هوا هان

صاحب دل مان رعش ڪيو ڇڏ يو گهڻي نياز عجز سان حضور جن کي پنهنجي گهر وٺي ويو

حضور جن جي حق گوئي

عين ظهر جي ڏينهن جناب حضرت خواجه مرشد نا امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن ابوالفضل جي جاءِ تي تشريف فرمائيا - اهڙيءَ [٢٩] اٿينهون ڪيو هوائون آسمان ۾ ڪجهه ڪڪر هوا سواءِ بادشاهه جي ڪنهن به چنڊ نه ڏٺو هو ر گو بادشاهه اڪبر ، جي چوڻ تي عيد ڪئي هوائون . حضور جن احتياطاً انهيءَ ڏينهن روزو افطار نه فرمايو هو تيپهري جو وقت هو جو ابوالفضل خدمت ۾ آيو سندن نه چهري مبارڪ ۾ روزي جا نشان ڏسي چوڻ لڳو ته شايد اوهانکي روزو آهي پاڻ فرمايائون ها ٿو - ابوالفضل چيو ته ساري جهان عيد ڪئي آهي اوهان روزو چو رکيو - پاڻ فرمايائون ته آسمان تي ايترا ڪڪر نه هوا جو بادشاهه کان سواءِ ٻيو ڪو به چنڊ نه ڏسي سگهي ها ، جي ڪئي مجبي ته بادشاهه چنڊ ڏٺو ته به انهي صورت ۾ جڏهن آسمان تي بالڪل ڪو ڪڪريون هجن ، هڪ ٻن آدمن جي شاهدي منظور نه آهي بلڪ هڪ جماعت جي شاهدي جي ضرورت آهي جن جي شاهدي کي عقل ڪوڙ نه ڪري سگهي ان سواءِ هن باري ۾ بادشاهه جي شاهدي ته مطلقاً غير معتبر آهي چو ته اهو ئي کان قريب آهي - ابوالفضل چيو ته قاضيءَ جو علم ڪافي آهي - پاڻ فرمايائون قاضيءَ جو علم معاملات ۾ ڪفايت ٿو ڪري نه عبادات ۾ آخر چوڻ لڳو ته اهي شڪ ڇڏيو ڏيو اڄ عيد آهي روزو ڇوڙيو جنهن ته پاڻي گهرائي هٿ ۾ وٺي حضور انور جن جي چپن مبارڪن جي ويجهو آندائين پاڻ پيالي تي جوهٿ مبارڪ جوش کان هنيائون جنهن کان سمورو پاڻي ان جي ڪپڙن عمدن تي پيو جڏهن ته هو بادشاهه جو وزير اعظم هو ڪپڙن ڇنڊڪي سخت ناراض ٿيو پر حضور جن جي هيبت ڪري زبان مان ٻڙڪ به ڪڇي نه سگهيو سچ "هيبت حق است هيبت خلق نيست" . ايتري ۾ وڏي جماعت اچي چنڊ ڏسڻ جي حضور ۾ شاهدي ڏني پاڻ ان خود پاڻي سان روزو افطار فرمايائون .

پير حضور جن جو مناظرو ابوالفضل سان

ڪن ڏينهن کان پوءِ هڪ ڀيري ابوالفضل جي عرض تي حضور جن ڏنس آيا ، هو فلسفين جي تعريف ۽ علماءِ متڪلمين جي توهين ۾ شروع ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته جڏهن ته خرق التيام محال آهي انهيڪري فرشتا آسمان مان لهي ڪونه ٿا سگهن ڇاڪاڻ ته آسمان برابر مليل آهي جنهن ۾ ڪو ٽُٽو ڪري فرشتن کي نازل ڪرڻ محال آهي ، حضور جن عقلي نقلي دليلن سان فرشتن جو آسمان کان بنا خرق التيام جي لهڻ ثابت فرمايو هن طرح تي ته حڪماءِ فلاسفه فرشتن کي مجردات مان ٿا ڄاڻن ۽ متڪلمين انهن کي نوري ٿا ڄاڻن

ٻنهي وچ ڏهن سان فرشتن جو آسمان مان لنگهڻ بنان خرق التيام[ل] جي ممڪن آهي جهڙو ڪ نظر جو عينڪ
مان سواءِ ڪائي ڇڪ ٽٽ جي لنگهي وڃڻ پار، روشني جو شيشي مان. ابوالفضل چوڻ لڳو ته ممڪن آهي ته
فرشتو نازل ٿئي پر هي ڪيئن معلوم ٿيو ته هڪ مقرر شخص تي نازل ٿئي ۽ اشارو حضرت
خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم ڏانهن ڪيائين حضور انور جن ان ڪان پڇيو ته تو کي ڪيئن
معلوم ٿيو ته ابونصر فارابي ۽ ابن سينا حڪيم هو. چوڻ لڳو ته انهن جا ڪتاب ۽ انهن جا علم
تن جي حڪمت تي دلالت ٿا ڪن. حضور جن فرمايو ته پوءِ انهي طرح ته قرآن شريف ۽ حديث شريف
مان ثابت ٿو ٿئي ته جناب حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جن نبي هوا، هي
حضور جن جو فرمودو ٻڌي ابوالفضل ماٺ ۾ رهيو جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن
نهايت عادت جي، اَلْحُبُّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ فرمائي ابوالفضل ڏنان اٿيا ۽ انهي آشنائي جي ڪري ڏنائون
ڪيتري عاجزي سان معافي گهرڻ لڳو ڪيترا پيرا حضور جن جي رهڻ جي جاءِ تي اچي معافي
جو عرض ڪيائين، مگر جناب رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جي عشق ۽ ڪمال محبت هئڻ
ڪري پاڻ ڪا به نگاهه ان ڏانهن نه ڪيائون نه سلام عليڪ ڪيائون، جو رسالو اثبات نبوة جو،
حضور جن تصنيف فرمايو آهي انجو باعث به اهو ابوالفضل وارو مناظرو هو. انهي مناظري
کي ٿورو وقت مس گذريو جو شاهزادي جهانگير جي اشاري سان ابوالفضل کي قتل ڪرايو ويو ۽ انجي
سري کي دهلي جي ان گندي تلاءِ ۾ اڇلايائون جنهن ۾ ساري شهر جي پليتي گڏ ٿيندي هئي ۽
حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني رضي الله تعالي عنه جي ڪرامت ۽ تصرف جو ظهور ٿيو.

[ل] قلمي نسخه ۾ هن طرح عبارت ڏنل. درمدت قليل باشارت شاهزاده جهانگير ابوالفضل
را قتل ڪرده سراورا در تالابدان مزبله نجاست خانه دهلي گذاشتند وتصرف وڪرامت حضرت قيوم اول
مجدد الف ثاني بظهور پيوست. ڪنهن شخص ابوالفضل جي قتل جي چڱي تاريخ لکي آهي

تيغ اعجاز رسول الله سر باغي بريد

[ل] حضور جن جو ابوالفضل سان مناظرو ڪرڻ ۽ ان مردود جو ڪس جي مرڻ هي ٻئي ڪم
حضور جن جي بعد ۾ ڪان پوءِ واقع ٿيا جڏهن حضور جن کي هن سفر آگره جي ۾ گهڻو وقت گذري
ويو ته هي ڪري حضور جن جو والد بزرگوار قدوة المقربين والابرار دليل الله الصمد جناب حضرت
مخدوم عبدالاحد رضي الله عنه سنڌ ۽ شوق ديدار ڪان بي قرار ٿي باوجود پيري ۽ پيرانهين

ل يعني فرشتن جو آسمان تي لنگهڻ آسمان جي ڦاٽڻ ٽٽڻ کان بنا ٿيڻ جي ممڪن آهي جهڙو ڪ نظر جو عينڪ مان لنگهڻ

پنڌ جي آگره تشريف فرمايا. شاهي لشڪر جا آدمي سندن زيارت لاءِ آيا عرض ڪيائون ته اوهان پيري ۾ حضور جن ايتري قدر هلڻ لاءِ تڪليف ورتي آهي - جناب حضرت مخدوم رضي الله عنه فرمايو ته آئون پنهنجي فرزند دلبند ارجمند شيخ احمد جي ملاقات لاءِ آيو آهيان نه يوسف مي آيد برون يعقوب بيرون آمده - جناب حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي حضرت مجدد رضي الله تعالیٰ عنه سان بالڪل گهڻي محبت هئي جدائي هڪ گهڙي به نه سهندا هوا جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن ۾ سندن والد بزرگوار جي تشريف ٿيڻ شرط پنهنجي وطن حضرت دارالارشاد سرهند شريف ڏانهن تيار ٿيا -

حضور جن جا ڇهه پٽ هوا

راقم الحروف :- جناب سيدنا مرشدنا خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه کان سواءِ به جناب حضرت مخدوم قدس سره المڪتوم کي ڇهه پٽ فرزند ارجمند هوا ٻه حضور جن کان وڏا هوا، ٽي حضور جن کان ننڍا هوا حضور جن وچان هوا خير الامور اوسطها - سيني جي دائري جو مرڪز حضور جن جيئن سج جو آهن آسمان جو ستارو آهي جو تمامي آسماني ستارن جو بادشاهه آهي، تيئن حضور جن به پيو ٽان فرزندن آهن ۽ مثل شمس بين النجوم فلڪ ولايت جي جا آهن - حساب جي مرتبن ۾ هزار چوٿون درجو آهي رايڪن، ڏهن، سون، هزارن، حضور جن به مجدد هزار جا يعني مجدد الف ثاني آهن حضور جن جا سڀ پٽ قدس الله اسرارهم فاضل، صالح ۽ صاحب امانت جا هوا

حضور جن جو پهريون پٽ

حضور جن جو وڏو پٽ حضرت شيخ شاهه محمد قدس الله سره آهي - علم ظاهري ۽ نسبت باطني پنهنجي والد ماجد حضرت مخدوم صاحب رضي الله عنه کان حاصل فرمائي هوائون - حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه پاڻ فرمائيندا هوا ته مون پنهنجي والد بزرگوار جي واتان ڪيترا ڀيرا ٻڌو "شاهه محمد قال ۽ حال ۾ منهنجو تلميذ رشيد آهي" افسوس جو حضرت شيخ شاهه محمد سندن والد بزرگوار جي حياتي صوري ۾ وصال فرمايو رحمة الله سبحانه رحمة واسعة - حضرت مجدد الف ثاني جن ٿا فرمائن ته آئون پنهنجي وڏي ڀاءُ جي وفات وقت حاضر هوس، جو اڇتو مرڪڻ لڳا - مون کانئن مرڪڻ جو سبب پڇيو فرمايائون ته حقيقت محمدي عليه وعلیٰ آله الصلوٰة والسلام جو مقام مون تي ظاهر ٿيو آهي ۽ آئون انهي مشاهدي ۾ آهيان. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ -

حضور جن جو ٻيو پاءُ

ٻيو پاءُ حضور جن جو حضرت شيخ محمد مسعود رضي الله عنه آهي، هن حضرت ذڪر جي تلقين جناب حضرت خواجه باقي بالله رضي الله عنه کان ورتي هئي۔ حضرت خواجه رضي الله عنه جي برڪات نظر ڪيميا اثر کان احوالات ۽ مڪاشفات جي مرتبن کي پهتل هو. اهڙن ته حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جي مڪتوبات شريف مان معلوم ٿو ٿئي جو جناب اڪابر اولياءِ خواجه محمد صادق رضي الله عنه کي لکيو اٿن بالکل ٿورو ان مان هت نڪان ٿو - زياده زبدة[1] سلسله وغيرهما ۾ ڏسڻ گهرجي -

مولانا محمد مسعود از ڪشف قبور اعتبارے نگيرد ڪشف صوري محل خطا ولغزش است سعي ڪند ڪه حضور مع الله ظهور يابد و دوام پذيرد هر چند ڪه عالم صاف شده باشد ومعني نورانيت نيز از نظر بصيرت اسقاط يافته الخ

حضور جن جي باقي ڇهن پائرن جو مختصر احوال

حضور جن جي ٽئين پاءُ جو نالو مبارڪ مخدوم نٿو سگهيو. چوٿون پاءُ حضور جن جو جناب حضرت شيخ غلام محمد قدس الله سره آهي - پنجون پاءُ سند ن حضرت شيخ مودود قدس سره آهي - ڇهين جو نالو مبارڪ معلوم نٿي سگهيو. ٻهراحل حضرت شيخ شاه محمد ۽ حضرت شيخ محمد مسعود قدس سرهما کان سواءِ ٻين سند ن سيني پائرن کان اوف فيض ۽ فائده باطني ورتا - جناب حضرت شيخ غلام محمد ۽ حضرت شيخ مودود قدس سرهما جي نالي مڪتوبات شريفہ حضور جن جا مڪتوب موجود آهن.

حضور جن جو پنجون پاءُ شيخ مودود اوائل حال ۾ دنيوي اسباب جي حصول ۾ مشغول هو، ان وقت ۾ پاڻ کين هڪ ڊگهو مڪتوب شريف لکيو اٿن نموني لاءِ ڪجهه نڪان ٿو -

اے برادر وفقنا الله سُبْحَانَهُ وَإِيَّاكَ ، فرصتِ حيوة بسيار قليل است وعذاب ابدي مترتب بران حيف باشد ڪه ڪسے اين فرصت را در تحصيلِ امور لاطائل صرف نمايد ومُلتزِم آلام مخلّد گردد، اے برادر مردم از اطراف وجوانب ترڪِ اسباب دنيوي نموده در رنگِ مور ولخ ميريزند وشما قدر دولت خانگي را نا شناخته در طلب دنياءِ دنيّه بذوق ميدويد وبشوق خوابانِ حصول آئيد

وَالْحَيَاءُ شُعْبَةٌ مِّنَ الْإِيْمَانِ ، حديثِ نبوي است عَلَيْهِ مِنَ الصَّلَوَاتِ اَفْضَلُهَا وَمِنَ التَّسْلِيْمَاتِ اَكْمَلُهَا اے برادر اين نوعِ اجتماعِ اہل الله واين قسم جمعيت ڪه في الله است ڪه امروز در سرهند ميسّر است اگر گرد عالم گرديد معلوم نيست ڪه عُشرِ عَشيرِ اين دولت پيدا آريد وشما از اين ماجرا خاصل ڪنيد وشما اين چنين دولت را مفت از دست داديد الخ زبده وروضه وغيرهما.

[1] زبدة المقامات ص ٣٣٤ [2] سلسلة الذهبيه [3] مڪتوب ٢٣٤ جلد اول مڪتوبات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني

حضور جن جو آگري کان سرهند شريف موٽڻ

اڳي ڏکر ري آيو ته حضور جن کي سندن والد شريف وٺڻ آيو آخرپاڻ پنهنجي والد بزرگوار قدس سره سان سرهند شريف ڏانهن روانا ٿيا - دهليءِ سرهند شريف جي وچ ۾ شهر ٿانيسر کان سندن لنگهڻ ٿيو - اتا ٿون جو رئيس شيخ سلطان قدس سره هو جو بادشاه جو وڏو مقرب ۽ اُنهيءَ طرف کان دهليءِ لاهور جي درمياني علائقي جو حاڪم مقرر هو شيخ سلطان قدس سره جناب حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم کي خواب ۾ ڏٺو جو شيخ صاحب کي فرمائن ٿا ته "تنهنجي نياڻي جو اڄ وقت جي سيني عورتن کان نيڪ آهي، تنهنجي ۽ تنهنجي نياڻي جي سعادت هن ۾ آهي ته انجو نڪاح حضرت شيخ احمد سان ڪر جو منهنجو فرزند ۽ خليفو اعظم آهي". جڏهن شيخ صاحب قدس سره جاڳيو حيراني ۾ رهيو ته اهو شيخ احمد ڪير آهي جنهن لاءِ حڪم ٿيو آهي - پوءِ پيهريءَ جناب خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم شيخ صاحب کي صورت مبارڪ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي بيان فرمائي ته "هنن هنن وصفن سان موصوف آهي". جڏهن شيخ صاحب جاڳيو ان ذي شخص جي تلاش ڪرڻ لڳو حضور جن به انهن ڏينهن ۾ ٿانيسر ۾ تشريف فرما ٿيل هوا جي علامتون آنحضرت صلى الله عليه وعلى آله واصحابه وسلم شيخ صاحب کي بيان ڪري ڇڏيون هيون اهي سڀ حضور جن ۾ ڏٺائين، ورري به شيخ صاحب اطمينان ڪيو جي لاءِ حڪم ثانيءَ جو منتظر هو جو آنحضرت صلى الله عليه وسلم خواب ۾ فرمايس ته تون ڏينهن کان آئون ٻيو ڀيو رهيو آهيان ته پنهنجي نياڻي جي شادي شيخ احمد سان ڪر تون هن ڳالهه کي چو نٿو مڃين. جي هاڻي به نه ڪندين ته تنهنجو ايمان سلب ڪيو ويندو - هن کانسواءِ شيخ صاحب هن کان اڳي خواب ۾ ڏسي چڪو هو ته هڪ مرد خدا جو پيدا ٿيندو جنهنجي وجود جي نور کان سارو جهان روشن ٿيندو ۽ هو بدعت ۽ گمراهي کي جهان مان ڪڍي ڇڏيندو - يقين ڪيائين ته اهو مرد خدا جو هي شيخ احمد آهي - پوءِ ڏينهن حضرت شيخ سلطان هي سمورو ذڪر جناب حضرت رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جي حڪمن وارو حضور جن کي ٻڌايو - پاڻ فرمايائون ته هن معاملي ۾ منهنجو اختيار ناهي جو منهنجو والد بزرگوار اها ڳالهه منظور ڪري ته مونکي به منظور آهي - آخر جناب حضرت مخدوم صاحب رضي الله عنه اها ڳالهه منظور فرمائي ۽ انهن ڏينهن ۾ جناب حضرت مرشد مڪمل مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن حضرت شيخ سلطان قدس سره جي نياڻي پاڪ سان شادي ڪري پنهنجي وطن ۾ تشريف فرما ٿيا. هن شادي کان پوءِ حضور جن کي ظاهري مال ۽ دولت گهڻي ٿي. حضور جن پنهنجي والد بزرگوار جي حويلي مبارڪ جي پاسي ۾ هڪ نئين حويلي ٺهرايائون. "جنهن جاءِ تي سندن روضو مبارڪ آهي". حضور جن جا ٻه

سڳورا قدس الله اسرارهم اڳوڻي حويلي مبارڪ ۾ رهڻ لڳا جيئن حضور جن جي پاڙن جي اولاد جو لقب پراڻي حويلي وارا حضرات پئجي ويو.

جناب حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي هيءَ سنّت به حضرت مجدّد الفثاني کان ترڪ نه ٿي جو ساڳيءَ طرح جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کي جناب حضرت ام المؤمنين خديجه شهزادي رضي الله عنها جي نڪاح ڪرڻ کان بعد ظاهري مال ۽ دولت گهڻي حاصل ٿي جنهن تي قرآن شريف ۾ حق سبحانه وتعالیٰ فرمايو آهي. ''وَوَجَدَكَ عَائِلًا فَأَغْنٰى ۝''

حضور جن جي شادي کان پوءِ شيخ سلطان رسندن سهري جو خواب ڏسڻ

حضرت شيخ سلطان قدس سره جڏهن پنهنجي نياڻي پاڪ جو نڪاح حضرت مجدّد الف ثاني سان ڪري ڏنو. خواب ڏٺائين ته جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم منبر تي بيهي خطبو پڙهي رهيا آهن ۽ فرمائن ٿا ته مون کي هن ڳالهه جو ڏاڍو فخر آهي جو منهنجي اُمّت ۾ شيخ احمد سرهندي پيدا ٿيو آهي، وري خطبي خلص مان هڪ ڪاغذ تي تحرير فرمايا ٿون. ''منهنجا چار يار آهن پنجون شيخ احمد آهي'' پڻ فرمايائون جو شخص هن ۾ شڪ ڪندو ان جي ايمان ۾ پورو پورو فرق اچي ويندو. جناب حضرت شيخ سلطان قدس سره انهيءَ خواب جي شڪريه ۾ ٻه رڪعتون ادا ڪيون ۽ فقيرن ۽ مسڪينن کي ڪيترا پيا ڏنائين ۽ هن ڳالهه جو شڪريو آندائين ته اهڙي شخص سان منهنجي رشتيداري ٻڌجي ٿي آهي جو اُمّت ۾ افضل آهي. هن کان بعد حضور جن پنهنجي والد بزرگوار رضي الله عنه جي خدمت مبارڪ ۾ رهيا ۽ باطني ڪمالات جو فيض ورتائون حاصل ڪيائون.

جڏهن سندن والد بزرگوار رضي الله عنه جي وفات جو وقت آيو پنهنجي سڄي اولاد کي گڏايائون، سهروردي طريقي جي خلافت جو خرقو جو ڪين آباءِ اجداد کان حاصل ٿيو ۽ خرقو خلافت چشتي خانداني جو، جو حضرت شيخ عبد القدوس گنگوهي کان حاصل ڪيو هوائون ۽ خرقو خلافت قادريه جو، جو شاه ڪمال قادري کان کين مليو هو، سڀ ڪجهه حضرت مجدّد الف ثاني رضي الله عنه جي حوالي فرمايائون پنهنجو قائممقام ۽ جانشين کين ڪيائون جيئن ته حضرت مجدّد الفثاني رضي الله عنه جن پنهنجي رسالي مبدأ معاد ۾ [له] فرمائن ٿا مون کي نسبت فرديت جو سرمايو پنهنجي والد بزرگوار کان مليو ۽ ان کي هڪ مرد خدا کان مليو جو نهايت صاحب جذبي ۽ ڪرامات ۽ خوارق ۾ مشهور هو'' مرد خدا کان مراد شاه ڪمال ڪيٿلي آهي پاڻ انهي جاءِ تي

[له] مبدأ معاد مطبوعه مجدّديه جي صفحي ڇاهويان آهي

تحرير تا فرمائن ته هن درويش کي عبادت نفليءَ جي توفيق خصوصاً نماز نفليءَ جي توفيق پنهنجي والد ماجد کان حاصل ٿي هُئي ۽ اڪثر اها سعادت پنهنجي شيخ چشتي خاندانيءَ کان حاصل ٿي هئي. شيخ مان مراد حضرت عبدالقدوس گنگوهي چشتي قدس سرهٗ آهي. - روضه

دهلي شريف جو پهريون سفر

صاحب برڪات احمديه جو ارقام فرمائي ٿو ته جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه کي طواف بيت الله شريف ۽ زيارت روضه مطهر حضرت رسول الله صلی الله عليه وآله واصحابه وسلم جو ايترو ته عشق ۽ ذوق شوق رهندو هو جو رات ڏينهن بي آراميءَ ۾ گذاريندا هئا. هميشه ڪين سفر حجاز جو شوق دل ۾ پيدا ٿيندو هو، مگر سندن والد بزرگوار رضي الله عنه جي پيريءَ جي سبب ڪري جيستائين مسند حيات جي رونق بخش هوا، ڪيڏانهن به نه وڃي سگهندا هئا خصوصاً حضور جن سان محبت ڪمال هئي جنهن ڪري هڪ گهڙي به نه ڪجهه وقت ڪين آگري ۾ گذريو، ڪيتري تڪليف وٺي آگري تائين ويا انهيءَ سفر کان پوءِ اصلاً ٻاهر نڪرڻ حضور جن بند ڪري ڇڏيو ۽ مناسب به نه هو جو سندن خدمت سراپا برڪت کان اهڙي وقت دوري اختيار فرمائن. جڏهن حضرت مخدوم صاحب قدس سرهٗ جن سنه ١٠٠٧ هجري ۾ وصال فرمايو ته ڏهن پوءِ سنه ١٠٠٨ هجري نبوي ۾ سفر سعادت الحرمين الشريفين زادهما الله شرفاً وتعظيماً ڏانهن متوجه ٿيا ۽ دهلي شريف تشريف آندائون ان وقت جو فاضل مولانا حسن ڪشميري جو سندن مخلص صادق، ساڻن ملاقي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته اڄ سلسله عاليه نقشبنديه ۾ جهڙو حضرت ڪيترا برڪت خواجه باقي بالله رضي الله عنه جو وجود باجود آهي اهڙو هن ولايت جي چئني طرفن ۾ ڪو به نظر نٿو اچي طالب سندن هڪ نظر مهر انور مان اها نعمت حاصل ٿا ڪن جو ٻين جي چلن ۽ سخت رياضتن مان به پيدا هوندي حاصل نه ڪري سگهن. غرض ته حضور جن کي ڪمال اشتياق زيارت جو ٿيو. حضرت خواجه رضي الله عنه جي خدمت فيض موهبت ۾ آيا ۽ دست بوسي کان مشرف ٿيا. حضرت خواجه صاحب مٿن گهڻي مهرباني فرمائي احوال دريافت ڪيو. حضور جن پنهنجو دلي ارادو عرض ڪيو حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جو اگرچه هيءُ دستور نه هوندو هو ڪو ڪنهن کي پنهنجي طريقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فرمائن يا اهڙي متبرڪ سفر کان روڪي خانقاه شريف ۾ رهڻ جو حڪم فرمائن. مگر حضور جن جو استعداد بلند ۽ قابليت ارجمند ڏسي ڪين پنهنجي عادت جي ابتڙ فرمائڻ لڳا ته "اگرچه سفر مبارڪ جو ارادو ته رکو مگر ٻه ٽي ڏينهن فقراء جي صحبت پڻ اختيار ڪري ڇڏجي. گهٽ ۾ گهٽ

هڪ مهينو يا هڪ هفتو ته رهو انهيءَ ۾ ڪو فڪر ناهي". حضور جن حڪم موجب خدمت عاليءَ ۾ هڪ هفتو ٻه ٽي ڏينهن سيائي پر ڏيڍ هفتي نه گذري يا ته تصرف ۽ ڪشش حضرت خواجه عاليمقدار جي ۽ طريقي ۾ داخل ٿيڻ جو شوق مٿن غالب ٿيو. حضور جن خدمت ۾ شوق پنهنجو ظاهر ڪيو. پاڻ بنان استخاري جي کين گوشائي جاءِ ۾ گهرائي پنهنجن اهڙن توجهن عالين کان مشرف فرمايائون جو انهيءَ دم ذڪر الٰهيءَ ۾ قلب جاري ٿيو ۽ لذت ۽ ميناج ۽ آرام کين معلوم ٿيڻ لڳو پوءِ ته روز بروز بلڪ ساعت بہ ساعت ترقيات عاليه ۽ فيوضات متعاليه ظهور ۾ اچڻ لڳا. حضور جن جيڪي ڏٺو سو ڏٺو جيئن ته سندن ڪلام مان اڳتي ثابت ٿيندو. يا ته حضور جن کي خانه ڪعبه جي طواف جو شوق هو يا ته وات ۾ خود صاحب خانه جو ملي ويو. يا ته کين روضه منوره جي نورن کان نور ۽ روشنائي حاصل ڪرڻ جي کين تمنا هئي يا ته وچ سفر ۾ کين اقتباس انوار صاحب روضه مطهره علیٰ صاحبها الصلوٰة والتحية جو نصيب ٿيو. سبحان الله، سبحان الله. ٻئي ٽئين ڏينهن کان پوءِ حضرت خواجه صاحب جن حضور جن کي خلوت ۾ گهرائي کين هيٺيون بشارتون ٻڌايون. جو حضور جن جي باري ۾ حضرت خواجه صاحب کي ڪيترن سالن کان معلوم ٿيون هيون.

بشارت پهرين

حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه فرمايو ته جڏهن مونکي حضرت مخدوم معظم مولانا بزرگ خواجه امڪنگي قدس سره هندستان اچڻ جو حڪم ڏنو ته ڏهن فرمايائون ته هن طريقي سڳوري نقشبنديءَ کي اتي جاري ڪج. مون پاڻ کي لائق انهيءَ ڪم جو نه سمجهي خدمت ۾ عذر ڪيو فرمايائون ته وڃ استخارو ڪر. فرمان عالي موجب استخارو ڪيم، ڏسڻ ۾ آيم ته هڪ ٽاريءَ تي طوطو ويٺو آهي. اهو ڏسي منهنجي دل تي خيال آيو ته جي هي طوطو هن ٽاريءَ کان اُڏامي منهنجي هٿ تي اچي ويهي ته پوءِ گهڻو ڪري هن سفر ۾ مونکي فائدو آهي منهنجي مٿئين خيال ڪرڻ شرط اُهو طوطو ٽاريءَ تان اُڏامي منهنجي هٿ تي اچي ويٺو ۽ مون انهيءَ جي چهنب ۾ پاڻي وڌو ۽ ان منهنجي وات ۾ ڪنڊ وڌي. صبوح جو انهيءَ خواب جي ڪيفيت حضرت خواجه امڪنگي قدس سره جي حضور ۾ عرض ڪيم پاڻ فرمايائون ته طوطو هندوستان جو پکي آهي پوءِ تنهنجي دامن تربيت مان هندوستان ۾ هڪ اهڙو شخص نڪرندو جنهن کان سارو جهان روشن ٿي ويندو ۽ توکي ان مان فائدو ملندو. پوءِ حضرت خواجه صاحب قدس سره حضور جن کي فرمايو ته اهو شخص تون آهين.

بشارت ٻي | حضور جن کي حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ فرمايو ته جڏهن آئون تنهنجي شهر سرهند ۾ پهتس خواب ڏٺم ته آئون قطب جي پاڇي ۾ ويٺل آهيان. مونکي انهي صورت بدتيڪاري وئي - صبوح انهيءَ حال جي دريافت لاءِ تنهنجي شهر وارن درويشن ۽ گوشه نشينن سان مليس مگر ڪنهن ۾ آثار قطبيت جا نه ڏٺم - دل ۾ چيم ته انهيءَ مرتبي وارو ڪوهن ڪان پوءِ هن شهر ۾ پيدا ٿيندو - هاڻي جو ڏٺم ته انهي سمورا اوهان ۾ آثار ۽ نشان آهن

بشارت ٽين | حضور جن کي حضرت خواجه فرمايو ته مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته مون هڪ ڏيئو روشن ڪيو آهي جنهنجي روشني ساعت بساعت وڌندي پئي وڃي - هي به ڏٺم ته ڪيترا خلق ان مان ڏيا ٻاري رهيا آهي ۽ جڏهن شهر سرهند جي قريب پهتس ته انهن جي جهنگ کي مون روشن نور ۾ پيو ڏٺو - هي به تنهنجي نسبت خيال ٿو ڪريان -

حاصل ڪلام ته حضور جن کي الله تعالى جي عنايت ۽ حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ جي نظر ۽ تربيت جي برڪت سان ٻن ٽن مهينن جي اندر ايتري ترقي ٿي جنهنجي تقرير ۽ تحرير ڪان قلم جي زبان قاصر آهي -

حضرت قبله عالم قطب الاعظم مرشدنا مولانا روحي قلبي فداه انيس[١] شريف ۾ هن جاءِ تي چاندي جهڙو تحرير ڪري ٿا -

بالجمله آنچه بمدتِ دو سه ماه بعنايتِ حضرتِ الٰهي وبين تربيتِ آن خواجه باقي بالله درحقِ ايشان بظهور رسيده
قلم زبان وزبانِ قلم از تحرير وتقريرِ آن قاصر است که سالکان را بسالها سال بدست نيايد که آن حضرت را
بسرعت محبوبي ومرادي بحصول پيوست -

مجمل طور انهي ڪيفيتن جي حضور جن کي حضرت خواجه صاحب جي توجهن ڪان بالڪل ٿوري وقت ۾ حاصل ٿيون آهن، حضور جن هڪ طالب جي تحريص ۽ ترغيب لاءِ مڪتوبات شريف ۾ بيان فرمايون آهن - تبرڪا ڪي قدر راقم الحروف هت ٿو ڏئي وَالْقَلِيْلُ يَدُلُّ عَلَى الْكَثِيْرِ زيادهء عمده[٢] ۽ زبده[٣] ۽ سلسله[٤] ۽ روضه[٥] ۽ برڪات[٦] ۽ حضرات[٧] ۽ مڪتوبات[٨] شريف ۾ ڏسڻ گهرجي

اين درويش را چون هوسِ اين راه پيدا شد عنايتِ خداوندي جَلَّ وَعَلَا هادي کار او گشته بخدمتِ
ولايت پناه حقيقت آگاه هادي طريقِ اِنْدِرَاجِ النِّهَايَةِ فِي الْبِدَايَةِ وَالِي السَّبِيْلِ الْمُوْصِلِ اِلٰى

---

[١] هت عمدة الواصلين قدوة الكاملين مرشدنا خواجه محمد حسن جان قدس سرهٗ تنهنجي ڪتاب انيس المريدين جي صفحي ۾ هن طرح لکيو آهي - [٢] عمدة المقامات [٣] زبدة المقامات [٤] سلسلة الذهب [٥] روضة القيوميه [٦] برڪات احمديه [٧] حضرات القدس [٨] حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سرهٗ

درجاتِ الولایتِ مؤیّدِ الدّینِ المرتضیٰ شیخنا ومولانا وامامنا الشیخ محمد الباقی
قدّس اللہ تعالیٰ سرّہٗ کہ یکے از خلفائے کبار خانوادۂ حضرات اکابر نقشبندیہ قدّس اللہ
تعالیٰ اسرارہم بودہ اند رسانید (الیٰ ان قال) و این درویش را این نسبت عزیز الوجود
بعد از دو ماہ و چند روز از ابتداء زمان تعلیم ذکر حاصل شدہ بود و بعد از متحقق شدنِ این نسبت
فنائے دیگر کہ آن را فنائے حقیقی میگویند حاصل گشت و دل را آن قدر وسعت پیدا شد کہ تمام عالم
را از عرش تا مرکز زمین در جنبِ آن وسعت مقدارِ خردلہ قدرے نبود بعد ازان خود را و ہر فرد
عالم را بلکہ ہر ذرّہ را حق مے دیدم جلّ وعلا بعد ازان ہر ذرّہ عالم را فرداً فرداً عینِ خود
دیدم و خود را عینِ ہمہ انہا تا آنکہ تمام عالم را در یک ذرّہ گم یافتم بعد ازان خود را بلکہ ہر ذرّہ را
آن قدر منبسط و وسیع دیدم کہ تمامِ عالم را بلکہ اضعافِ عالم را دران گنجائش باشد بلکہ خود
را و ہر ذرّہ را نورے یافتم منبسط کہ در ہر ذرّہ ساریست و صور و اشکالِ عالم در آن نور مضمحل و
متلاشی بعد ازان خود را بلکہ ہر ذرہ را مقوّمِ تمام عالم یافتم چون بعرض رسانیدم فرمودند
کہ مرتبۂ حق الیقین در توحید ہمین است و جمع الجمع عبارت ازین مقام است بعد ازان صور
و اشکالِ عالم را چنانکہ اوّل حق مے یافتم این زمان موہوم دیدم و ہر ذرّہ را حق می یافتم بے تفاوت
و بے تمیز ہمان ذرّہ را موہوم یافتم بغایت حیرت دست داد در این اثنا عبارتِ فصوص کہ از پدرِ
بزرگوار علیہ الرّحمۃ شنیدہ بودم بیاد آمد کہ فرمودہ است اِنْ شئتَ قلتَ انّہٗ اَی العالَمَ
حقٌّ وَاِنْ شئتَ قلتَ انّہٗ خلقٌ وَاِنْ شئتَ قلتَ انّہٗ حقٌّ مِنْ وجہٍ وخلقٌ مِنْ وجہٍ
وَاِنْ شئتَ قلتَ بالحیرۃِ لعدمِ التمیزِ بینہما این عبارت فی الجملہ مسکّن آن اضطراب
گشت بعد ازان در ملازمت ایشان رفتہ عرضِ حالِ خود نمودم فرمودند کہ ہنوز حضورِ تو صاف
نشدہ است بکارِ خود مشغول باش تا تمیز موجود از موہوم ظاہر شود و عبارتِ فصوص را کہ
مشعر بر عدمِ تمیز بود خواندم فرمودند کہ شیخ بیانِ حالِ کامل نہ کردہ است عدمِ تمیز ہم نسبت
بہ بعضے ثابت است حسب الامر بکارِ خود مشغول گشتم حضرت حق سبحانہ وتعالیٰ بمحض توجہ
شریف حضرت ایشان بعد از دو روز تمیز در موجود و موہوم ظاہر گردانید تا موجودِ حقیقی از موہوم متخیل
ممتاز یافتم و صفات و افعال و آثار کہ از موہوم می نمایند از حق سبحانہ دیدم و این صفات و افعال را نیز
موہوم محض یافتم و در خارج بجز یک ذات موجود ندیدم چون این حالت را بعرضِ اشرف رسانیدم فرمودند
کہ مرتبۂ فرق بعد الجمع ہمین است و نہایت سعی تا اینجاست بیش ازین آنچہ در نہاد و استعدادِ ہر کس نہادہ اند

ظاهر مي شود و اين مرتبه را مشايخ طريقت مقامِ تكميل گفته اند الى آخر ما قال المجدد رضي الله عنه وارضاه - (مكتوب نمبر ٢٩٠ دفتر اوّل)

هن مڪتوب شريف ۾ پنهنجي حالات شريفه جي واردات ۽ دقيق ارشاد فرمايا اٿن، جيڪي هن مڪتوب شريف ۾ لحوال ڪيا اٿن سي ابتدا ۾ ڪين حاصل ٿيا جي پيا، هن جا ورهه سلوڪ ڪن ته برملا مشڪل آهي جو ته ڪين شان محبو بيت جو عطا ٿيل هو. جناب حضرت خواجه صاحب قدس سره جن سندن باري ۾ ڪيترا ئي ڀيرا فرمائيندا هوا، "ايشان از محبوبان و مرادان اند" هيتري قدر جلد، سير سلوڪ جو ڪرڻ انجو وجه اهوئي آهي - ايا حضور جن کي خواجه صاحب جي خدمت ۾ رهڻ ڪو تورو وقت گذريو هو ته حضور انور جن جي حالات ۾ حضرت خواجه صاحب کنهن پنهنجي مخلص ڏانهن هن طرح لکي فرمايو آهي جو جنهن سندن الفاظ مبارڪ لکجن ٿا

شيخ احمد نام مردي است از سرهند كثير العلم و قوي العمل روزي چند فقير با و نشست و برخاست كرده عجائب بسيار از روزگار و اوقات او مشاهده نموده بآن ماند كه چراغي شود كه عالم ها از و روشن گردد الحمد لله تعالى احوال كامله او مرا به يقين پيوسته و اين شيخ مشار اليه برادران و اقربا دارد همه مردم صالح و از طبقه علماء چندي را دعاگو ملازمت كرده از جواهر عاليه دانسته استعدادهاي عجيب دارند - فرزندان آن شيخ كه اطفال اند اسرار الهي اند بالجمله شجرة طيبه اند اَنْبَتَهُ اللهُ نباتًا حَسَنًا و فقراي باب الله دهاي عجيب دارند انتهى كلامه الصادق اللطيف.

صاحب برڪات احمديه جو تو لکي ٿو ته مون پاڻ حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه جن کان ٻڌو ته پاڻ فرمائيندا هوا ته جنهن ڏينهن کان مون کي حضرت خواجه قدس سره طريقت جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي تنهن ڏينهن کان وٺي يقين ٿيم ته عنقريب الله سبحانه وتعالى مون کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هن سلوڪ جي وات جي نهايت تائين پهچائيندو، اگرچه آئون ان يقين جي نفي ڪندو هوس، مگر ان نفي جي صورت دل ۾ هرگز نه ٿيندي هئي ۽ اڪثر هي بيت منهنجي زبان تي ايندو هو. ازين نورے كه از تو بردلم تافت ❊ يقين دانم كه آخر خواهمت يافت

هن بيان کان پوءِ بالڪل گهڻي نياز مندي ۽ استغراق سان سندن اکيون مبارڪ لڙڪن ۾ ڀري آيون ۽ الحمد لله جو ڪلمون شريف زبان مبارڪ تي آندائون.

روضه جي رڪن اوّل ۾ جناب خواجه محمد هاشم ڪان نقل ٿو ڪري ته حضور جن ٿي فرمايو ته حضرت شيخ تاج الدين قدس سره حضرت خواجه صاحب جي خليفن جو سرتاج هو

حضرت خواجه صاحب انکي حڪم ڏنو هو ته طالبن کان حالات پڇي مونکي ٻڌائيندو رهه، مگر منهنجي حالات کي پاڻ ٻڌندا هئا. شيخ تاج جو ڪو واسطو نه هو. هڪ ڏينهن ابتدا ۾ حال ۾ شيخ تاج مونکي چيو ته اي جوان ڪهڙو سبب آهي جو تون پنهنجا احوال مونکي نٿو ٻڌائين، مون ان مروئي تواضع جي چيو ته منهنجا احوال اوهان جي ٻڌائڻ جي لياقت ڪانه ٿا رکن. شيخ تاج جڏهن مونکي تمام تنگ ڪيو ته جوبه تو واقعو ڏٺو هجي بيان ڪر. اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ مون خواب ڏٺو هو ته مون شيخ ڏانهن توجه ڪري ان ۾ تصرف ڪيو آهي. شيخ تاج بي هوش ٿي ڪري پيو آهي. جڏهن ان تمام زور ڀريو ته مون انهن روئي جڏهن جي واقعه خواب ڏٺل بيان ڪيم. شيخ تاج جو اهو احوال ٻڌندي بيحال ٿي ويو ساڳي خواب ۾ ڏٺل حالت انجي ٿي وئي. اٿڻ بعد آيو آهي ته حضور جن ماڻ ڪيون خواجه صاحب جي خدمت ۾ ويا هئا (هوندا). حضرت خواجه صاحب هڪ ڀيري ڪين فرمايو ته بنان منهنجي حڪم جي تون ڇو نه ٿو احوال ڪرين. پاڻ عرض ڪيائون ته منهنجي حالات لائق ٻڌائڻ جي ناهي. حضرت خواجه صاحب فرمايو ته ڪجهه نه ڪجهه بيان ڪر، حضور جن شيخ تاج واري واقعو خواب وارو عرض ڪيائون ته جهڙي طرح ڏٺو هئائون. حضرت خواجه صاحب جن ٻڌي ماٺ ۾ رهيا ۽ حضور جن به سڪوت ۾ رهيا بهر حال حضور جن خاص پنهنجي مرشد ڪريم جي ادب جي رعايت ڪري وڏن درجن کي پهچي ويا.

¹صاحب روضه جو لکي ٿو ته حضور جن کي هڪ ڀيري حضرت خواجه صاحب گهرائي نسبت خاص الخاص، جا پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم کان بطور امانت حضرت خواجه امڪنگي تائين پهتي هئي ۽ حضرت شاه نقشبند رضي الله عنه حضرت خواجه صاحب قدس سره کي تاڪيد ڪئي اهڙي امانت پهچائڻ جو ڏنو هو، جنهنجو ذڪر هن بيان جي پڇاڙي ۾ لکندس، جنهن ڏينهن حضرت خواجه صاحب حضور جن کي نسبت معهود خاص الخاص پهچائي، ١٥ رجب سنه ١٠٠٩هه هو. جنهن حضور جن ڪماليت کي پهتا تڏهن حضرت خواجه صاحب جن ڪين خلافت کان مشرف فرمائي دارالارشاد سرهند شريف وڃڻ جي موڪل ڏنائون ۽ طالبن صادقن جي وڏي جماعت سندن حوالي ڪيائون.

¹حضور جن وڏيون نعمتون حاصل ڪري پنهنجي وطن ۾ تشريف فرمايائون جنهن تي ٿا فرمائن "بازآمدم باصد هزار خلعت و فتوح"

حضور جن جو سرهند شريف موٽي اچڻ

غرض ته حضور جن جڏهن پنهنجي مرشد جي حڪم موجب پنهنجي وطن پهتا، حضرت خواجه صاحب جي حڪم موجب طالبان حق جي تربيت ۾ مشغول ٿيا. ٿوري مدت ۾ ڪيتري خلق اجايل کي پنهنجي فيض جي سرچشمه کان ڍاول ڪيائون.

¹هن جاءِ تي سبع اسرار واري صاحب بالڪل چگون لکيو آهي، مگر هت عبارت مختصر ڪئي

سجيل يه جي ٽوتاريان ڇاجناب حضرت مولانا محمد مظهر صاحب قدس سره ارقام فرمائي آهي

حضرت ايشان باهزاران وفتوحات وبركات الٰہی مراجعت فرموده وربلدهٔ طيبه سرهند به تربيت طالبان وهدايت امت حضرت محمد مصطفٰے صلی الله عليه وسلم پرداختند ومنصب ارشاد حضرات خواجگان نقشبنديه رحمة الله عليهم باايشان مسلم شد وآوازهٔ ارشاد ايشان بجهان وجهانيان رسيد وگلبانگ هدايت برنگ افروزی دلها در ربع مسكون برآمد كوس قطب الاقطاب بنام ايشان زدند ووصول مدارج ولايت حواله بالتفات ايشان گشت ابدال واوتاد را رحلت باايشان افتاد وانوار ولايت وبركات كرامت بتوجهات عاليهٔ ايشان آن قدر ظاهر گرديد كه تحرير وتقرير ازان قاصر است گم شدگان تيه ضلالت راه هدايت يافتند وفرورفتگان بحر بُعد بساحل قُرب رسيدند وطلاب حقيقت ومعرفت مانند مور وملخ گرد آمدند وملوک وصعلوک مثل پروانه برآن شمع هدايت ريختند ودرصحبت مباركِ مجمع ازطالبان خدا انعقاد يافت كه ملائک هفت آسمان برفيوض وبركات رشک بردند از هرطرف علماء وفضلاء درواقعات بشارت يافته بطواف آستان ولايت نشان شتافته بتوجه خدارسائے آن قبلهٔ راستان بحضور وآگاهی رسيدند ومشاهدهٔ بے مجاهده وحصول توحيد بے ترک وتجريد رواجے يافت استغراق دربحر وحدت واستهلاک دردريائے احديت سالكان رامفت نقدوقت گشته شهود وحدت دركثرت وجذبات محبت ومعرفت دلها را باندک التفات آنحضرت ميسر گشت نسبت نقشبنديه ازسرنو رونق يافت بلكه بيمن همت ايشان نسبت عزيزان دراطراف عالم شيوعی ديگر پيدا كرد ونسبت ماورائے نسبت سلوک وجذبهٔ متعارفه ظاهر شده كارخانه باطن اهل طلب را بدرجهٔ اعلٰی رسانيد وتشددات غلات صوفيه از تواتر صوم وصال واختيار اربعينات باشدت جوع وعطش وترک مالوفات وعمرانات ازبركات ايشان باتوسط در اعمال وعبادات وباتباع سنت دراوراد وطاعات تبديلی يافت وماحصل رياضات شاقه بيمن التفات وتوجهات ايشان نقدوقت طلاب آمد۔ ذات كثيرالفيوضات ايشان خليفهٔ الٰہی ونائب حضرت رسالت پناهی گشت صلی الله عليه وسلم وكليد رحمت هائے نامتناهی حوالهٔ ايشان گشت

جڏهن ته حضور جن جي همت والا نهمت بلند هئي ۽ ان ڳالهه جي خواهش ڪئي ويندي هئي ته ٻين جي دلين ۾ به الله جي محبت جو اثر پيدا ٿئي ان ڪري قدرت ان همت جو غلبو ٿيو جو هڪ سيئي طالبن کي موڪل ڏنائون ۽ گوشي ۾ ويهڻ اختيار فرمايائون هي ڪيفيت ڏسي ڪن خودغرض انسانن غلط جي حضرت خواجه صاحب قدس سره جي خدمت ۾ هڪ جي ڀي ڪي مرڪبي حضرت

خواجه صاحب جن ڪجھ خفي ٿي پيا- حضور جن کي جڏهن معلوم ٿيو ته ڪن منهنجي مخالف ٿي ڪمر ٻڌي آهي ۽ حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ جي حضور ۾ هڪ جي پٺيان ٻي لکي اٿن ۽ واقعي سالڪ جي بر خلاف خط لکيا اٿن. تڏهن حضور جن حضرت خواجه صاحب قدس سرهما جي خدمت ۾ عريضو موڪليو جو جلد اوّل جو سوٺهون مڪتوب آهي انجو ڪجھ مختصر بيان تبرڪاً لکجي ٿو -

عرضداشت احقر الطلبه آنکه (الی ان قال) از آن روز که از ملازمت برآمده است بواسطهٔ میل بفوق بمقام ارشاد چندان مناسبت ندارد چندگاه خود همت آن بود که در گوشهٔ خزیده شود و مرا در صحبت بیچو بیر و شیر در نظرے در آمدند عزم عزلت مصمم شده بود امّا استخاره موافق نمی افتاد عروج در مدارجِ قرب بنهایة الغایة هرچند غایت ندارد میسّر شده می شود و میبرند و می آرند کُلَّ یَوْمٍ هُوَ فِیْ شَاْنٍ بر مقاماتِ جمیع مشائخ اِلّا مَاشَاءَ اللّٰهُ تعالٰی گذرانیدند ؎

بدان درگاهِ والا دست بردست — گلے بردند زین دهلیزهٔ پست

درین میان اگر توسطِ روحانیاتِ مشائخ را تعداد نمایم بطول انجامد با جمله از جمیع مقاماتِ اصل در رنگ مقاماتِ ظل گذرانیدند از عنایات چه نویسد قُبِلَ مَنْ قُبِلَ بِلَا عِلَّةٍ چندان وجوهِ ولایت و کمالاتِ آن را وانمودند که چه در تحریر آرد - در شهر ذی الحجه در مدارجِ نزول تا مقامِ قلب فرود آوردند و این مقام مقامِ تکمیل و ارشاد است اما هنوز چیزها از متمم و مکمّل از برائے این مقام در کار هست تا کے میسّر شود امر آسان نیست با وجودِ مرادیت چندان قطعِ منازل کرده میشود که مریدان را در عمرِ نوح هم معلوم نیست که میسّر شود بلکه این وجوه مخصوص بمراد انست مریدان اینجا قدمگاه ندارند نهایتِ عروجِ افراد تا بدایتِ مقامِ اصل است بیشتر افراد هم گذر ندارند ذٰلِکَ فَضْلُ اللّٰهِ یُؤْتِیْهِ مَنْ یَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِیْمِ وجهِ توقف در مراتبِ تکمیل و ارشاد این است که عدمِ نورانیت بواسطهٔ ظهور نور ظلمتِ غیب هست چیز دیگر نیست هرگاه در تجلیاتِ خود چیزها می بیند اعتبار نباید کرد ؎ در نیابد حالِ پخته هیچ خام ۔ پس سخن کوتاه باید والسلام

در اندیشهٔ این قسم ظنّیات احتمالِ ضرر غالب است آن جماعه را فرمایند که از احوالِ این خستهٔ بال نظر خیالی خود بپوشند مجال نظر را مجالِ دیگر بسیار هست ؎

من گم شده ام مرا مجوئید — با گم شدگان سخن مگوئید

از غیرتِ خداوندی جلّ سلطانه باید اندیشید امرے را که حق سبحانه و تعالٰی کمال میخواهد در تنقیصِ او

سخن گفتن بسيار نامناسب ست في الحقيقت معارضه است با و تعاليٰ الخ

غرض ته جڏهن حضور جن کي، جن مقامن جي گوليءَ ۾ هوا، سڀ سڀ حق سبحانه وتعاليٰ کين عطا فرمايا، تڏهن طالبن جي فائدي ڏيڻ لاءِ ورياداريءَ واءَ فيض جو کوليائون- جيئن ته هڪ مڪتوب شريف ۾ ٿا لکن، جنهن جو خلاصو مطلب هي آهي ته جڏهن مونکي حضرت خواجه صاحب طريقي نقشبنديءَ ۾ مريدن ڪرڻ جي اجازت عطا فرمائي- تڏهن مونکي پنهنجي ڪمال حاصل ڪيل ۾ تردد هو- تڏهن حضرت خواجه صاحب انهيءَ ڪرامت جي فرمايو ته تون تردد ڪر نه مشائخن جي ڪماليت ۾ تردد لازم ايندو- حڪم موجب طريقت جي تعليم ڏيڻ ۾ مشغول ٿيس طالبن ۾ اثر ڏسڻ ۾ گهٽ آيو وچ ۾ وري ڪجهه نقص ظاهر ٿيو- تڏهن مون سڀني طالبن کي نقص کان واقف ڪيو ۽ انهن کي موڪل ڏنم مگر انهن منهنجي چوڻ کي تواضع سمجهي مون وٽ اچڻ نه ڇڏيو پوءِ ٿوري ڏينهن کان بعد حق سبحانه وتعاليٰ مونکي انهن احوالن کان سرفراز فرمايو جنهن جو منتظر هوس."

| دهليءَ شريف جو ٻيو سفر | مدت کان بعد حضور جن کي حضرت خواجه عاليشان حضرت باقي بالله قدس سرهما جي زيارت جو شوق دامن گير ٿيو پاڻ سرهند شريف کان روانا ٿي سڌا دهلي شريف

آيا گهڻو وقت پنهنجي پيربزرگوار جي خدمت بابرڪت ۾ رهي سندن صحبت جي برڪتن کان مشرف ٿي درجن جي ترقي حاصل ڪيائون- حضرت خواجه صاحب جن قدس سره حضور جن تي ڪمال مهرباني جي نظر فرمائيندا هوا- وري حضور جن رضي الله عنه جو به هيءُ حال هو جو باوجود عالي مرتبه ۽ ڪثرت فضيلت جي پنهنجي حضرت مرشد پير دستگير خواجه صاحب قدس سره جو ايتري قدر ادب بجاءِ آڻيندا هوا جنهن کان وڌيڪ جيڪو بجا آڻي نه سگهي- حضرت خواجه حسام الدين قدس سره کان روايت آهي ته حضرت خواجه صاحب جن حضرت مجدد الف ثاني جي ايتري عزت ۽ تعظيم ڪندا هوا، جنهن جي حد نه هئي- حضور جن به سندن ٻي انتها ادب بجا آڻيندا هوا جو اسان کان بيان مشڪل هو جيئن ته هڪ ڀيري مونکي حضور جن جي ڪوٺڻ لاءِ فرمايائون، مون وڃي عرض ڪيو ته اوهانکي حضرت خواجه صاحب جن ياد فرمايو آهي، ٻڌڻ شرط خوف ۾ چهري جو رنگ ڦري وين بدن سمورو ڏڪڻ لڳن- مون چيو سبحان الله! نزديڪان رابيش بود حيراني

حضور جن جو جيڪو اخلاص ۽ عقيدو حضرت خواجه صاحب رضي الله تعاليٰ عنه سان هو انجو مثال مبدأ ومعاد جي هڪ عبارت آهي، جا ڪنهن ٻي جاءِ تي لکي وئي آهي- جيتري قدر سندن

له هن ڪتاب جي ص٣٢٢ ۾ مبدأ ومعاد جي عبارت جو خلاصو لکيل آهي حاشيه ۾ اصل عبارت آندي وئي آهي-

عقيدو هوا و ثري تد رکين حق سبحانه و تعالى پنهنجن اهڙين عنايتن کان سرفراز ڪيو جو حضرت خواجه صاحب قدس سره جن ارشاد جو سمورو ڪاروبار حضرت مجدد الف ثاني جي حوالي فرمايائون. طالبن کي باطني تعليم ڏيڻ جو سمورو ڪم حضور جن تي رکيائون. گهڻو وقت حضور جن حضرت خواجه صاحب جي خدمت ۾ رهيا. پوءِ پنهنجي وطن مالوف حضرت سرهند شريف ۾ موٽي آيا ۽ سالڪان الى الله کي هدايت جي رستي ڏسڻ ۾ مشغول ٿيا. سڀني خواه سندن پير ڀائن کي جي باطني حالتون ۽ ترقيون عطا ٿينديون هيون سي حضرت خواجه صاحب ڏانهن لکي موڪليندا هوا. پهريان ويهه مڪتوب شريف مطالعه ڪري عبرت وٺڻ گهرجي - جيئن حضرت خواجه صاحب جن پنهنجا طالب سندن حوالي ڪيا هوا انهن جو احوال حضرت خواجه صاحب جن ڪا نئين دريافت فرمائيندا هوا - انهيءَ لاءِ جيئن طالب حضرت دهلي شريف ۾ حضرت خواجه صاحب جن وٽ رهندا هوا انهن لاءِ به ڪين لکندا هوا ته وهين سرهند شريف مان پڻ منهنجن دهلي وارن طالبن تي توجه ڪري ۽ هر هڪ جي ترقي ۽ قابليت معلوم ڪري لکي موڪليو. هڪ ڏينهن سندن طالب ڪين عاجزي سان عرض ڪرڻ لڳو ته مون تي ڪا خاص طرح عنايت جي نظر فرمايو. پاڻ لکي فرمايائون ته هن پيري جڏهن حضرت شيخ احمد اسان وٽ آيو ته انکي تنهنجي پارت ڪندس جو تو رن ڏينهن اندر تو کي پنهنجن خاص توجهن جي وسيلي سان وڏن وليّن جي درجي تائين پهچائي ڇڏيندو. اهڙي طرح حضرت خواجه صاحب جن حضور جن کان طريقت جي علم جا دقيقا ۽ بعض اسرار باب معرفت جي مقامات جا درجا لکي پڇندا هوا - جيئن ته هڪ مڪتوب شريف حضور جن ڏانهن حضرت خواجه صاحب ارقام فرمايو آهي جنهنجي شروعات هي آهي "مسند ارشاد واسع و انوار ساطع باد". ۽ آخر ۾ لکيو اٿن محمد صادق و جميع برادران و اعزه نياز مندي قبول نمايند - هن مڪتوب شريف مان هيٺيون مطلب مختصر لکيو ويو آهي

(١) حضرت خواجه احرار قدس سره جي احوال ۾ تفتيش فرمايو. الخ

(٢) خواجه صاحب جي ڪلام مان مونکي عصمت جي معنىٰ معلوم ٿي ٿئي الخ آهن الخ

(٣) ڪن خوابن ۾ معلوم ٿيم ته حضرت خواجه نقشبند بحسب خلقت نهايت دراز بيت مند جهڙو مخلوق ٿيل

(٤) حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جي مقام ۾ نظر فرمايو الخ

(٥) پڻ توجه فرمايو ته فنا في الله جي مقام کان سواءِ ٻيو به ڪو مقام آهي يا نه الخ

(٦) هڪ نظر خانه جبروت ۾ به فرمايو جو مقام نبيّن سڳورن جو آهي صلواة الرحمن على نبينا و عليهم الخ

(٧) باقي احوال متوقف جا وهانکي بهتر معلوم آهي وڏيڪ چالڪان ڪيترن مقامن جا نالا ۽ علامتون مون کي معلوم نه آهن - الخ

[1] متوقف مان مراد حضرت خواجه صاحب پاڻ آهي ڪنز في الروضه - سمورو مڪتوب شريف زبده ۽ سلسله ۾ ڏسڻ گهرجي - مون ڏيگهه جي ڪري نه ڏنو.

[2] ٻئي ٻيو مڪتوب شريف حضور جن ڏانهن لکيو اٿن جنهن جي شروعات هي آهي

هو حق سبحانه باعلیٰ مرتبه برساناد. وَلِلْأَرْضِ مِنْ كَأْسِ الْكِرَامِ نَصِيبٌ

[3] هن مڪتوب شريف ۾ حضرت پير انصاري قدس سره وارو قصو لکيو اٿن جو خصوصيات جي باب ۾ موجود آهي[1] - ٻيو جناب سيادت پناه سيد صالح شاه نيشاپوري جي ڪين پارت لکي اٿن ته هي شاه اسان وٽ طلب لاءِ آيو آهي ان جو وقت ضايع ڪرڻ مسلماني کان ٻاهر سمجهي اوهان جي خدمت ۾ موڪلجي ٿو انشاء الله تعاليٰ اوهان صاحبن جي صحبت کان مشرف ٿي استعدادآهر بهره مند ٿي لطف ڪامل توجه جو حاصل ڪندو. والدعاء

[3] ٽيون مڪتوب لکڻ فرمايو اٿن جنهن ۾ اُهي اُهي جملا آهن جي خصوصيتن ۾ لکيا ويا آهن - سبحان الله ! سبحان الله ! ڪهڙي عالي درجي جو پير ۽ ڪهڙو عاليشان مريد حيرت جي جاءِ آهي - هن قسم جو عجز ۽ تواضع پير مريد جي ڏجيم ، ظاهر آهي ته اهڙو ڪو مثال مشڪل ملي سگهندو. پنهنجن خليفن مان جهڙي عنايت حضرت خواجه صاحب جي حضرت مجدد الف ثاني تي ٿي اهڙي ڪنهن تي به نه ٿي هميشه حضرت مجدد مهربان جا مدح خوان رهندا هوا - جيڪي فرمودا سندن مدح ۾ فرمائيندا هوا اُهي حساب آهن ڪي هٿ لکجن ٿا ڪي خصوصيات ۾ لکيا ويا آهن.

(١) هي ٿي چار ورهيه پيري نه ڪئي اتم ٻئڪ ڏند ڪيڏي اثر پر الحمد لله والمنة جو هي ڏندا ۽ دڪان پرداز ٿي فائدي نه ٿي جو اهڙو مرد مون وٽ آيو.

(٢) هي ڪامل مرد ۽ محبوب خدا جو آهي جل وعلا.

(٣) اصحابن سڳورن ۽ ڪامل تابعين ۽ مجتهدن کان پوءِ هن درجي جو لعمرالخاطر نظر نٿو اچي

[1] صاحب زبده واري کان روايت آهي ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن ٿي فرمايو ته حضرت خواجه صاحب طالبن جي تعليمي سرگرمي ۾ اوستائين رهيا جيستائين.

---

[1] هن ڪتاب جي ص ٢٨٣ خصوصيت ١٣ ۾ پير انصاري قدس سره جو قصو بيان ٿي آيو -

مونکي خلافت عطا نه فرمائي هوائون - جڏهن منهنجي ڪم کان فارغ ٿيا مريدن کي ڪرڻ جو ڪم ڏيڻ ڏنائون ۽ سڀ منهنجي حوالي ڪري فرمايائون ته هي ٻج مون سمرقند ۽ بخارا کان آندو ۽ هن زمين برڪت آئين هند ۾ پوکيم - زبده -

هڪ مڪتوب شريف حضرت خواجه صاحب جن حضور جن ڏانهن بالڪل گهڻي شوق ۽ ذوق سان لکڻ فرمايو جو روضه ۾ موجود آهي - جنهن جي آخر ۾ هي بيت آهن

بس تشنه و بس خرابم اي دوست | درحسرت يڪ دم آيم اي دوست
هرجاکه ترشحي تو بينم | دارالعطش آيم و نشينم

صاحب روضه جو لکي ته حضور جن هي مڪتوب شريف پڙهي بي اختيار ٿي دهلي شريف ڏانهن روانا ٿيا -

دهلي شريف جو ٻيون سفر جڏهن حضور جن دهلي جي اوڏو آيا - خواجه صاحب جن حضور جن جي اچڻ جو ٻڌي سندن استقبال لاءِ پاءِ پيادا ڪابلي دروازي تي تشريف فرمائيا باوجود يڪ پاڻ بيمار به هوا. ڪذافي السلسله - وڏي تعظيم ۽ تڪريم سان ڪين شهر ۾ وٺي آيا - حضور جن کي ارشاد جي مسند تي وهاري پاڻ بين طالبن وانگر سندن حلقي ۾ رهڻ لڳا. جڏهن حلقي يا مجلس مان پاڻ اٿندا هوا يوئين پير تي هلندا هوا جئن حضرت مجدد الف ثاني کي پنهنجي نزاڪت به حضور جن ڏانهن پنهنجي پير جي ڪندا هوا ۽ پنهنجن طالبن کي تاڪيد فرمائيندا هوا ته جيئن منهنجو ادب تاڪيد واجب آهي حضرت مجدد الف ثاني (قدس سره) جو به ڪندا رهو. پنهنجي باطن کي مون ڏانهن متوجه ڪرڻ بدران حضرت مجدد صاحب (قدس سره) ڏانهن متوجه ڪيو - صاحب روضه جو هن جاءِ تي لکي ته جيڪي آئون لکان ٿو حضرات القدس ۽ زبده تان آئيان ٿو ۽ جيڪي ان کان زياده آهي حضرت خواجه محمد زبير رضي الله تعالیٰ عنه کان ٻڌم - هڪ ڀيري حضرت خواجه صاحب رضي الله تعالیٰ عنه طالبن کي فرمايو ته حضرت مجدد الف ثاني جي اڳيان منهنجي هرگز تعظيم نه ڪريو ۽ توهين سمورا حضور جن وٽ ياد الاهي ۾ مشغول رهو - جناب سيد نعمان قدس سره کي خيال ٿيو ته اسين حضرت

خواجه صاحب جي خدمت مان ڇڏي ڪاڏي وڃون - تنهن ڪري انکي فرمايائون ته " اي سيد نعمان شيخ احمد اهڙو سج آهي جنهن جي مقابلي ۾ مون جهڙا هزارين تارا گم آهن هن کان اڳي اهڙو ڏند امت جي ولين ۾ پيدا ٿيو نه ٿيندو - جڏهن ته سيد نعمان قدس سره حضرت امام

مرشد مڪمل عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي بياض تان نقل ٿو ڪري ته ان ۾ لکيل آهي
ته جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه بالڪل گهڻي قدر حضرت خواجه
صاحب جي حضور ۾ عرض ڪندا هئا ته اهڙين منهنجي تعظيم ۾ مون سان اهڙو رستو
نه هلو جو آئون شرمندو ٿيان. حضرت خواجه صاحب جواب ۾ فرمائيندا هئا ته مون کي انهيءَ
طرح هلڻ جو خدا اجل وعلا وٽان امر ٿيل آهي - هڪ ڏينهن حضرت خواجه صاحب رضي
الله عنه حضرت مجدد الف ثاني کي فرمايو ته مون ۾ هيٺاهين جا اثر گهڻا ظاهر ٿي رهيا آهن حياتي
جي اميد گهٽ ڏسڻ ۾ ٿي اچي. هن کان پوءِ حضرت خواجه صاحب قدس سره پنهنجن ٻنهين
فرزندن خواجه عبدالله ۽ خواجه عبيدالله کي جي اڃا ننڍا کير پياڪ هوا - گهرائي حضور جن
کي فرمايو ته هنن منهنجن پيارن فرزندن تي توجه فرمايو پاڻ حڪم موجب صاحبزادن
تي اهڙي توجه فرمايائون جو ان توجه جو اثر حضرت خواجه صاحب تي ظاهر ٿيو مڪتوب
ٻه سو چوهٺ جلد اول ۾ ٻه اهو ذڪر آهي[له] جو حضور جن خواجه صاحب جي فرزندن جي نالي لکيو آهي
هن کان پوءِ حضرت خواجه صاحب وري حضرت مجدد الف ثاني کي فرمايو ته مون تي به
توجه ڪريو. حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنه جن وڏي ادب ۽ نياز سان معافي
گهري ته متان ترڪ ادب جو ٿي پوي، پر حضرت خواجه صاحب قدس سره فرمايو ته منهنجي
باطني ترقي صرف وحدت وجود جي مقام تائين آهي، الله تعاليٰ اوهان کي اُهي اُهي مقام پنهنجي
فضل سان عنايت فرمايا آهن جو اُمت جي وليُن ۾ ڪنهن کي نصيب نه ٿيا آهن، معارف شرعيه
جا اُهي عِلم اوهان تي ظاهر ٿيا آهن جو خاص نبيُن جو حصو آهي، وڏو افسوس ٿيندم جي
اها نعمت مون کان گجهي رکندا. جڏهن حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه تمام
گهڻي قدر تاڪيد فرمايو ته هن حضور جن کي خطرو ٿيو ته متان حڪم جي تعميل نه ڪرڻ
جي الزام ۾ اچان، مجبور ٿي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه پنهنجي پير بزرگوار جي
خواهش پوري ڪرڻ فرمائي - خواجه محمد هاشم شيخ تاج قدس سره کان روايت ٿو ڪري
ته شيخ تاج حضرت خواجه صاحب کان ٻڌو، جو پاڻ ٿي فرمايائون ته آئون ته حضرت شيخ احمد

له هن مڪتوب جو حوالو صاحب روضة القيوميه جي سال ٿيڻ قيوميت جي بيان ۾ آندو آهي مگر اهو ذڪر
ان مڪتوب شريف ۾ نه آهي شايد ڪنهن ٻئي مڪتوب ۾ هوندو وقال و - حضرت عبدالله بن حضرت خواجه باقي بالله
قدس سرهما جي نالي مڪتوب شريف ع٣٥ ۽ ع٥٩ دفتر ٻيو مڪتوبات شريف ۾ ۽ ع٥٩، ع٦٠ ۽ ع١٢٠ دفتر ٽئين ۾ موجود آهن
حضرت عبيدالله بن حضرت خواجه باقي قدس سرهما جي نالي مڪتوب شريف ع٤ دفتر ٽئين مڪتوبات شريف ۾ موجود آهي

جي توجه مبارڪ جي وسيلي سان اهڙن مقامن تي پهتس جو پهريائين اهڙا مقام مون کي ڏٺا به نه هئا. انهي (حضرت مجدد) توجه مون کي توحيد وجودي جي مقام مان ڪڍي مقامات شرعيه ۾ پهچايو. حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جن عام طرح ڪلي مجلس ۾ فرمائيندا هئا ته ”حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني رضي الله عنه“ جي توجه جي طفيل سان معلوم ٿيم ته توحيد هڪ سوڙهي گهٽي آهي. شاهراه (وڏي سڙڪ) ڪا ٻي آهي“.

”مڪتوبات شريف جي جلد اول جي ٻئي مڪتوب ۾ جي حضور جن پنهنجي پير بزرگوار ڏانهن لکيا آهن ان ۾ ٻاڌ لکيو اٿن ته ”مون عزيز متوقف کي فلاڻي مقام تائين پهچايو ۽ فلاڻي مقام کان فلاڻي مقام تائين ترقي ڪرائي“. مراد عزيز متوقف مان حضور جن جو پير بزرگوار خواجه صاحب رضي الله عنه آهي. جئن ته هڪ ٽيڪن جو ذڪر آهي ته حضرت خواجه صاحب جن ڏنا هوا ايتري ۾ سندن خدمتي حضرت مجدد الف ثاني جو عريضو آيو ان ۾ عزيز متوقف جو احوال لکيل هو. طالبن مان ڪنهن جرأت ڪري کين عرض ڪيو ته عزيز متوقف مان ڪهڙو شخص مراد آهي. حضرت خواجه صاحب قدس سره فرمايو ته عزيز متوقف آءٌ آهيان هن بعد حضور انور مجدد منور الف ثاني رضي الله عنه جن حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه جي خدمت مبارڪ مان موڪلائي دارالارشاد سرهند شريف موٽي آيا. هن کان پوءِ وري حضور انور جن کي حضرت خواجه صاحب قدس سره جي زيارت حاصل نه ٿي.

”مرءة العالم ۽ مرأة جهان نما، هي ڪتاب سلطان اورنگزيب جي حڪم سان گڏ ڪيا ويا آهن انهن ۾ ابتداءِ خلقت کان وٺي اورنگزيب جي پهرين ڏهن سالن حڪومت تائين حالات سان گڏ واقعا، حادثا ۽ نبين، ولين، بادشاهن، عالمن، شاعرن ۽ هنرورن جون ڳالهيون ذڪر ڪيل آهن. انهي عجائب روزگار واري باب ۾ آندل آهي ته حضرت خواجه صاحب قدس سره جن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو ادب ڪندا هوا.

لاهور جو سفر: حضور جن ٿورو وقت سرهند شريف ۾ رهي، حضرت خواجه صاحب جي حڪم موجب لاهور طرف سفر جو ارادو ڪري فرمايو. لاهور ۾ سندن تشريف آوريءَ جي خبر پوڻ تي خاص ۽ عام استقبال لاءِ حاضر ٿيا نهايت تعظيم ۽ تڪريم سان کين شهر ۾ آندائون وڏا وڏا رئيس ۽ عالم سندن مريد ٿيا. جهڙوڪ مولانا طاهر لاهوري ۽ مولانا حاجي محمد ۽ مولانا جمال لاهوري، ان کانسواءِ عالمن جي جماعت، سندن دوست ۽ شاگرد ٿي ويا.

جي تعداد ۾ مريد ٿيا. خواجه فرخ حسين جو بدخشان ۽ ماوراء النهر جي وڏن مشائخن مان هو، خاص طرح پهچي ملڪ کان حضور جن جي زيارت لاءِ آيو ۽ لاهور ۾ مريد ٿيو.

هڪ ڀيري مولانا جمال لاهوري حضور ۾ وحدت وجودي جي باري ۾ عرض ڪيو. سندن سوال مان وحدت وجودي جو انڪار ٿي معلوم ٿيو پاڻ هڪ توجه سان مولانا جمال کي وحدت وجودي جي مقام تي پهچايائون جو هي اختيار ٿي انهيءَ مقام جو قائل ٿيو هيءُ ذڪر ۽ مولانا دهلوي جو احوال حضور جن جي ڪرامات ۾ لکيل آهي.

حضور جن کي سلوڪ جي شروعات ۾ وحدت وجودي مقام جو ايتري قدر غلبو هو جو هڪ ڀيري سندن حضور ۾ ڪنهن ماڻهو قلم کي قط ٿي ڪيو ته سندن آڱر مبارڪ وڍجي پئي. حضور جن تجديد الف ثاني ۽ قيوميت جي مقام عطا ٿيڻ کان پوءِ توحيد وجودي جي مقام کان ترقي ڪري اهڙن درجن کان مشرف ٿيا جي اصل اصول ڪمالات نبوت جي اخص خاص ماڻهوءَ ۽ اصحاب ڪرامن کان سواءِ ڪنهن کي عطا نه ٿيا هوا. پوءِ توحيد وجودي جي باري ۾ جيڪي مڪتوبات شريف ۾ لکيو هوائون يا فرمايو هوائون ان کان نادم ۽ مستغفر ٿيا. جيئن ته پاڻ مڪتوبات شريف جي ٻئين جلد ۾ تحرير تا فرمائن ته "مون جو معارف توحيد وجودي وغيره جي باري ۾ لکيو آهي اهو محض عدم اطلاع کان لکيو ويو آهي. جڏهن مونکي اصل حقيقت معلوم ٿي، ته مون کان جو ڪجهه ابتداء ۽ وسط ۾ لکجي ويو ان کان نادم ۽ مستغفر آهيان". ٻئي جڳهه تي تحرير تا فرمائن ته "جو ڪلام مون توحيد وجودي جي باري ۾ ڪيو آهي ۽ ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويو آهي ان کان آئون توبه تو ڪريان". پوءِ اها ڳالهه مشهور ٿي وئي، واقعي مشهور ٿيل گناه لاءِ توبه به مشهور گهرجي. ڪذا في الروضه (رڪن اوّل ص٨)

حضور جن جڏهن وحدت شهودي جي اثبات ۾ قلم مبارڪ کنيون تڏهن خلق حضور جن جي مخالفت ۾ اچي شور مچايو. هڪ پاسي مقلّد وحدت وجودي وارا، جي صلحب قال جا هوا نه صاحب حال جدا ٿي پاسي بدعتي دشمن ٿي پيا، جو ته حضور جن سنّت محمدي جي اتباع جي بالڪل گهڻي ڪوشش فرمائي. ٻئين پاسي وري اهل تشيّع جاهل وٺي پيا.

مولانا حميد بنگالي قدس سره شروعات ۾ حضور جن جي مخالفت ڪئي شايد فقط مسئله وحدت وجودي جي انڪار سبب هئي آخر خلق جي فساد جو نتيجو اهو نڪتو جو وقت جي بادشاهه کي، جو موالي هو، مچائي حضور جن کي تڪليف ڏنائون. سبحان الله! ملڪ ۾ هيتري قدر خلق جو شور

۽ فساد پيو هليو مگر حضور جن کي ڪنهن به قسم جي پرواه نه هئي. پاڻ باطل عقيدي جي رد ۾ وڏا وڏا رسالا لکي شايع ڪرايائون. جيئن ته مڪتوب شريف سورهين جلد اول ۾ آهي ته پاڻ هڪ رسالو رقام فرمايائون، جنهن کي جناب رسول مقبول صلي الله عليه وسلم خنده پيشاني سان چُمي تي ڏني ۽ بين وليُن سڳورن کي ڏيکاري فخر تي فرمايائون. اهو واقعو حضور جن پاڻ ڏنو ۽ ڪين اظهار جو حڪم عطا ٿيو. جنهن مرد تي حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم راضي هجي پوءِ ان کي دشمنان دين جي ترش روئي کان ڪهڙو فڪر رهندو.

آنکه جان در روی او خندد چو قند ... از ترش روئی خلقش چه گزند
آنکه جان بوسه دهد بر چشم او ... کے خورد غم از فلک وار خشم او
در شب مهتاب مه را بر سماک ... از سگان وعوعو ایشان چه باک

ويتر حضور جن پنهنجي ڪم يعني دين ۾ زياده ڪوشش ڪندا رهيا ۽ دين جا ڇيلا به پنهنجي حسد جي مرض کان مخالفت ۽ دشمني ۾ وڌندا رهيا.

سگ وظیفه خود بجا می آورد ... مه وظیفه خود برخ می گسترد
کار کس خود میگزارد هر کسی ... آب نگذارد صفا بهر خسی
خس خسانه می رود بر روی آب ... آب صافی میرود بی اضطراب
مصطفٰے مه می شگافد نیم شب ... ژاژ می خاید زکینه بولهب
آن مسیحا مرده زنده میکند ... وان جهود از خشم سبلت میکند

حضور انور خواجه امام رباني مجدد منور الف ثاني رضي الله عنه جي سموري نظر جناب پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پيروي ڏانهن هئي خلق جي طعنن ڏانهن ڪا به نگاه نه ٿي فرمايائون جو ته خلق جا طعنا به پيروي ۽ وارثن تي اصل کان ٿيندا آيا آهن.

پیرو پیغمبران شور سپر ... طعنه خلقان همی باوی شمر
آن خداوندان که ره طے کرده اند ... گوش با بانگ سگان کے کرده اند

وحدت وجودي وارن جي فساد جو سبب

حضور جن جي مبارڪ وقت ۾ بي دين پيرن جو گهڻو زور ٿي ويو هو. وحدت وجودي جي مذهب جي تقليد، ماڻهن کي الحاد جي وادي ۾ غرق ڪري ڇڏيو هو. پنهنجي باطل مذهب کي وڌائڻ لاءِ حضرات مشائخ ڪرام قدس الله تعالى اسرارهم جا ڪي جملا جن مان وحدت وجودي معلوم پئي ٿئي سي خلق ۾ مشهور ڪرڻ لڳا، جهڙوڪ

سبب شئ حق آهي. ٻيا ٻه اوست ۽ ٻيا واهيات مسئلا ثابت ڪندا هوا شريعت جي محبت جو ها ۾ پنهنجن ڳچين مان لاهي ڇڏيو هوائون. حضور جن انهن جو رد سختيءَ سان ڪري ڇڏيائون ۽ اولياءَ سڳورن جي ڪلام مبارڪ جا تاويل فرمايائون. علامه محمد مراد مڪي جي مختصر عبارت هيٺ ڏجي ٿي

خصوصًا المقلدين بارباب التوحيد الوجودي فانهم كانوا انتشروا في جميع الآفاق وخلعوا ربقة الشريعة عن الاعناق وكانو ينقلون الكلمات المشعرة بظاهرها بالتوحيد الوجودي عن الجنيد وابي يزيد البسطامي واضرابهما من اكابر الصوفية لتأييد مذهبهم الباطل وترويجه بين العوام كالانعام فكان الامام الرباني قدس سره ينكر عليهم باشد رد ويصرح بانهم الملاحدة والزنادقة حقًا مقصودهم ابطال الشريعة الغراء ولم يبال ايضًا من تغلطة الجنيد وابي يزيد فيما اعجزه تأويل كلامهما وتوجيهه الخ

حضور جن جو انڪار ظاهري علم وارن وانگر نه هئو

حضور جن جو وحدت وجودي کان انڪار ظاهري علم وارن وانگر ڪونه هو، بلڪ پاڻ وحدت وجودي جي مقام جي تصديق فرمائيندا هوا ۽ ان کي تسليم ڪندا هوا، ڇو ته پاڻ بداول انهيءَ مقام ۾ هوا جنهن کان گذريو. سندن خاص مقصود وحدت شهودي جي اثبات جو هو ته مقصود حقيقي هن مقام کان مٿي پيو مقام آهي. پاڻ حق جَلَّ وعلاءِ خلق جي وچ ۾ غيريت، عجيب طرح سان ثابت ڪري ڇڏيائون. بخلاف وحدت وجوديءَ وارن جي جو حق جَلَّ وعلاءِ خلق جي وچ ۾ عينيت ثابت ڪن.

حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي قدس سره جي وقت کان حضور جن جي وقت تائين چار سوَ ٤٠٠ ورهه گذري ويا هوا ۽ وحدت وجودي جو مسئلو خلق جي ذهن ۾ گهڻي عرصه کان ويهجي ويو هو، جنهن هن اوچتو هي نئين مسئلو وحدت شهودي وارو ڏنائون ته هن حضور جن جي انڪار جي در پي ٿيا مگر انهن جي انڪار کان حضور جن کي ڪا به منيان نه لڳي

گر دو سه ابلہ ترا منکر شوند تلخ کے گردی چو ہستی کان قند

علامه محمد مراد مڪي قدس الله سره اهڙي قسم تي فرمائي.

قال بعض الفضلاء ان اقوي سبب هيجان هذه الفتنة هو انكار التوحيد الوجودي واثبات التوحيد الشهودي فان اسماع اكثر الناس واذهانهم كانت مملوءة بمسئلة التوحيد الوجودي مذ اربعمأة سنة يعني من عهد الشيخ الاكبر محي الدين ابن العربي الى عصره قدس سره وانكار حضرة المجدد مسئلة وحدة الوجود ليس كانكار

علماء الظاهر بل هو يصدق المقام الذي يتكلم فيه الوجودية ويسلمه ويقول ان المقصود الحقيقي فوق هذا المقام ويثبت الخيرية بين الحق والخلق الخ

ــــ جڏهن اڄوڪي وقت ۾ پاڻکي صوفي ڪوٺائي شريعت مبارڪ جي احڪامن جي باطل ڪرڻ لاءِ ڪافيون بيت اهڙي قسم جا چون ٿا جن ۾ شريعت رسول پاڪ صاحب لولاڪ صلي الله عليه و آله واصحابه وسلم جي سراسر گلا آهي - قرآن شريف جي آيت مبارڪ جو حڪم اهڙو اثر نه ڪندن جهڙو ڪه هن بيت ۽ ڪافي جي مصراع جو ٿيو ته انهن ڪافين ۽ بيتن ۾ سراسر شريعت جي مخالفت آهي ۽ اها ڳالهه نفس جي موافق آهي - قرآن ۽ حديث شريف ۾ اهي ڳالهيون آهن جي نفس جي مخالف آهن - رڳو ايتري عزت ٿا ڏين جو جيڪڏهن ان وقت ڪو اچي چوي ته آئون قرآن شريف ٿو پڙهان اوهين ٻڌو ته هو نه اهو نه ٻڌن - جي ڪو علم جي ڳالهه ڪري ته چوندا ته "جو ڪرن ۾ تواتري عشق جي چاٽ هي نٿو جڙهي" ٻانگ تي ٽوڪون ڪري "وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا" جي ٻيڪار ۾ داخل ٿا ٿين. نماز تي ٽوڪون روزي مبارڪ تي ٽوڪون ۽ انڪار بلڪ حقارت جي نظر سان ڏسڻ ۽ رمضان شريف ۾ عام طرح روزن نه رکڻ جو اعلان ڪرڻ - ڪائنات ۽ قلب اندر ڪعبي ڏسڻ جي دعوىٰ ڪري بيت الله شريف ڏانهن حقارت جي نظر سان ڏسڻ ۽ بيت الله شريف ڏانهن وڃڻ کي ضروري نه سمجهڻ حسن پرستي ڪرڻ ۽ العياذ بالله چون ته هي حسن وارو بدحق آهي ۽ مجازي عشق عبادت آهي - هن کانسواءِ حقيقي عشق ملڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته هو اهي هوندي چون ته اسين حق جل وعلا جا عاشق آهيون - مثنوي شريف واري فرمودي ڏانهن ڪا نظر ڪن ته هوند شرم ۾ غرق ٿي وڃن.

پس چرا در غير افگندی نظر	اين بود دعوی عشق ای بی هنر
عشق ز اوصاف خدای بی نياز	عاشقی بر غير او باشد مجاز
عشق آن بگزين که جمله انبيا	يافتند از عشق او کار و کيا

ــــ هنن ملحدن جو مذهب آهي جناب رسالتماب صلي الله عليه وسلم جي ٺاهيل شريعت سڄوري واري محلات کي ڊاهڻ - جڏهن پاڻ کي نعوذ بالله ! الله ڪوٺايائون، هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪفر ٿيندو - اهو سبب آهي جو شريعت سڄوري ۽ تي انهن جي ڪنهن به

له پوري آيت سڄوري هن طرح آهي ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ - ترجمه آيت سڄوري جو هي آهي ۽ جڏهن نماز لاءِ سڏيو ٿا ته اهي ان کي کل ۽ راند ٿا بنائن. اهو هن ڪري جو ڪ اهي بي عقل قوم آهن. خلاصه: جڏهن اوهان نماز لاءِ بانگ ڏيندا آهيو ته انکي چٿر ۽ کل ٿا بنائن اهو هن ڪري جو اهي بي عقلن جي جماعت آهي -

جو تنجيکو العياذ باللّٰه پاڻ کي الله کو ناڻي سو ڪئين رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شريعت جي متابعت ڪري، مگر يقين آهي ته جو رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي دروازي پاڪ جو غلام ناهي ۽ شريعت جي محلات جي آستان جي خاڪروبي نٿو ڪري انهي منهن ۾ ڌوڙ آهي.

محمّد عربي کا بر دو سرا ست | کسيکه خاکِ درش نيست خاک بر سراو

— سارو قرآن شريف ۽ حديثون ۽ اوليائن ڪرام قدس الله اسرارهم جا فرمودا الهي باطل مذهب جي پاڙ پٽي رهيا آهن - مگر هنن بي دينن جي خداءِ جلّ وعلاءِ رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي احڪامن ڏانهن ڪا نظر نه آهي ڇو ته سڀ بي علمي سبب آهي ۽ پيرن بي دينن جي شاعت آهي جن جي تقليد خلق کي خراب ڪيو آهي مگر جي ابدال حق اولياءُ ڪرام شريعت محمدي علیٰ صاحبها الصلوٰة والتحية تي بالڪل پوري طرح مستقيم آهن انهن جي صحبت عدم تي وئي - اهوئي سبب گمراهي جو آهي -

جمله عالم زين سبب گمراه شد | کم کسی زابدال حق آگاه شد

— حضور انور مجدّد الف ثاني جي وقت ۾ به بي دينن جاهلن پيرن شريعت جي دشمن جي خلق ۾ منجهاڳهڻي هئي مگر حضور جن تائيد غيبي سان سڀني عالم مان گمراهي ڪيري بي شڪ تجديد جو حق بالڪل پوري طرح سان ادا فرمايائون - حضرت اعزا نجيانه چگون فرمايو آهي

نه کيون شهره هو شيرانه مجدّد الف ثاني کا | عمر ساجد هے مردانه مجدّد الف ثاني کا
نهين جزان کي دنيا ميں مجدّد دو سرا کوئي | يه هے رتبه جداگانه مجدّد الف ثاني کا
فلک سے باادب آتے ہيں قدسي اور کروبي | وه هے دربار شاہانه مجدّد الف ثاني کا

— علامه محمد مراد مکي حضرت شاه عبدالعزيز قدس سره کان وڏي عبارت نقل ڪئي آهي جا هيٺ لکان ٿو- قال مولانا شاه عبدالعزيز ابن شاه ولي الله الدهلوي رحمهما الله سبحانه وتعالیٰ ولما استوفت هٰذه الطريقة يعني معرفة التوحيد (الیٰ ان قال) وشاع مذهب بعض الشيوخ الّذي کان بظاهره واضعًا قدمه في وادي الالحاد شيوعًا تامًا وراج بين الناس رواجًا عامًا اظهر عناية الحق سبحانه حضرت الشيخ احمد السرهندي قدس سره في الوجود والقی اليه علومًا غريبة الخ [1]

---

[1] حاشيه الدرر المکنونات النفيسة يعني معرب المکتوبات الشريفة ص ٤٦، ٤٧ جلد اوّل مطبوعه مصر-

ابتداءِ اهل تشيع جي فساد جو سبب

ايران ۾ رفض جي مذهب ايتري قدر زور ورتو جو ننڍن وڏن ڳوٺن جا ماڻهون شيعو مذهب رکڻ لڳا مسجدن ۽ مدرسن ۾ ٽن خليفن ۽ حضرت عائشه صديقه رضي الله تعالیٰ عنهم کي گاريون ڏيندا هوا. اهل سنت جماعت جي ماڻهن کي انهيءَ خبر ٻڌڻ کان بالکل جوش ايندو هو. خصوصاً ماوراء النهر جي ماڻهن ۽ علمائن کي مذهبي جوش گهڻو هو. هميشه پنهنجي بادشاه عبد الله اوزبڪ کي ايران وارن سان جهاد ڪرڻ لاءِ چوندا هوا. آخر توران جي بادشاه عبد الله اوزبڪ وقت جي علمائن جي خواهش مطابق حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني جي خدمت ۾ عريضو لکيو ته اجازت ملي ته ايرانن سان جهاد ڪجي. حضور انور جن حقيقت معلوم ڪري هڪ خط ۾ هڪ رسالو جنهن ۾ حضرت خلفاءِ راشدين ۽ حضرت ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله تعالیٰ عنهم جون ڀلايون لکيل هيون، عبد الله خان ڏانهن موڪليو. خط ۾ ارشاد هو ته هي رسالو ايرانن ڏانهن موڪليو جيڪڏهن اصحابن سڳورن جي ڀلائي جو اقرار ڪن ته واه نه ته پوءِ انهن سان جهاد ڪرڻ گهرجي. شاه عبد الله حضور جن جي حڪم موجب اهو رسالو ايران جي بادشاه شاه عباس ڏانهن موڪليو. ايران وارن اهو رسالو پڙهيو مگر صحابن سڳورن جي شان کان انڪار ڪيائون فقط حضرت شاه ولايت ڪرم الله وجهه جي شان جا اقراري ٿيا حضور جن جي دعا جي آڌار سان شاه عبد الله، ايران جي بادشاه شاه عباس سان لڙائي شروع ڪئي. عبد الله شاه فتح ٿي. عبد الله خان فتح کان بعد شاه ايران کي گهرائي چيو ته هي جنگ ۽ خونريزي مون خاص خدا لاءِ ڪئي آهي. ملڪ وٺڻ جي مون کي طمع نه هئي تنهن ڪري ملڪ توکي موٽائي ٿو ڏيان پر انهيءَ پنهنجي مذهب شيعه کان توبه ڪر، شاه عباس خوف منافقي طرح توبه ڪئي. جڏهن عبد الله خان توران موٽي ويو تڏهن ايران وارن چيو ته اهل سنت جماعت ۽ عبد الله خان، جڏهن علمي بحث ۾ اسان سان مقابلو نه ڪري سگهيو تڏهن "السيف آخر الحيل" جي مثال موجب ڀڄاڙي جو لاچار ٿي اسان تي تلوار کنيائين. پنهنجي مذهب جي تقويت جي بابت ۾ هڪ رسالو لکي عبد الله خان ڏانهن توران موڪليائون. عبد الله خان فتح جي شڪريه ۾ ڪي هديا ايرانين جي رسالي سميت حضور انور مجدد الف ثاني جي خدمت ۾ موڪليا ۽ عرضي ۾ لکيائين ته هن رسالي جو رد لکڻ فرمايو. ماوراء النهر جي علمائن پڻ جڏهن اعتراض لکيو، حضور جن

ان رسالي جي رد ۾ رسالو مبارڪ لکيو جنهن ۾ مخالفن جي سڀني شبهن جو جواب نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان لکي ماوراءالنهر موڪليائون - عبدالله خان اهو رسالو شاهه عباس ڏانهن ايران موڪليو جڏهن شيعن جي علمائن حضور جن جو رسالو مبارڪ پڙهيو عجب ۾ پئجي چوڻ لڳا ته بي شڪ جواب هن کي چئجي - هي رسالو پڙهي هزارن جاهلن ايراني اهل سنت جماعت جو مذهب قبول ڪري، حضور جن وٽ حاضر ٿي مريديءَ کان مشرف ٿيا - وري به هند کي اهڙا ڳالهه بالڪل ڏکي لڳي جنهن ۾ فساد شروع ٿيو جو احوال مختصر ڪري آيو (روضه[1] سال ستون ملخصاً)

"مضمون ڊگهار ٿي پيو مگر امين ته فائدي کان خالي ناهي باز آمدم بر سر مطلب خود" حضور جن اڃا لاهور ۾ ئي هوا ته ڪين حضرت مرشد نامي الدين خواجه باقي بالله رضي الله عنه جي رحلت جي خبر حسرت اثر پهتي پاڻ ڏاڍا غمگين ٿيا بنا دير اتان هون روانا ٿي سرهند شريف آيا ٽي ڏينهن درگاهه تي رهي پنهنجي پير بزرگوار جي زيارت ۽ تعزيت لاءِ دهلي شريف جي تياري فرمايائون - ايتري ۾ هندستان جي امير مان خان خانان ۽ مرتضيٰ خان جي اصل حضرت خواجه صاحب قدس سره جا طالب هوا سندن وصيت موجب اچي حضور جن جي مريديءَ کان مشرف ٿيا

دهلي شريف جو ٽيون سفر

ٽيون سفر دهلي جو قيوميت جي ٽئين سال سنه ١٠١٣ ۾ ٿيو يعني قيوميت جي چوٿين سال سنه ١٠١٤ ۾ حضور جن دهلي شريف ۾ تشريف فرمايائون. خواجه محمد هاشم ۽ مولانا بدرالدين پنهنجن ڪتابن، زبدة[2] ۽ حضرات القدس ۾ تحرير ٿا فرمائن ته جڏهن حضور جن دهلي شريف تشريف فرما ٿيا ته ڏهن حضرت خواجه صاحب جي مريدن حضور جن جو ڳوڻ دستور موجب استقبال ڪيو ۽ سندن ان سر نو بيعت ڪيائون انهي وچ ۾ ڪن کي شيطان برغلايو جي سندن قيوميت جا منڪر ٿي پيا - حضور جن اول هنن کي نصيحت فرمائي - آخر انهن جون امانتون سلب فرمايائون مگر باز نه آيا نيٺ پاڻ موٽي پنهنجي درگاهه شريف تي آيا - انهي وچ ۾ جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ اوليائن ڪرام کان فقيرن ۽ خليفن کي خواب جي رستي سخت حڪم آيا ته هنن ٿي توبه تائب ٿي حضور ۾ عرضيا لکيائون حضور جن انهن کي معافي ڏني - حضور انور جن رضي الله عنه ته خلق کان پنهنجو لڪائڻ ٿي پاڻ لاءِ وڏي فرحت ڄاڻندا هوا -

ما التصوف قال وجدان الفرح ۞ في الفؤادي عند اتيان الترح

---

[1] روضة القيوميه رڪن اول قيوميت جو ستون سال [2] زبدة المقامات -

مگر سنڌن نه طالب، خلق جي اعتراضن کي مٿن هرگز هرگز نه سهڻن اهواءِ ڏکئي کم گذاريل
هوا حضور جن انهن ڏانهن تاکيد سان لکندا هوا ته اوهين پنهنجي ذکر فکر ۾ مشغول
رهو. انهن جي اعتراضن جي جوابن جي فکر ۾ نه رهو جيئن ته جناب سيد محمد نعمان بدخشي
قدس سره ڏانهن هڪ مکتوب شريف لکيو اٿن جو مکتوب نمبر ۲۰۴ جلد اول ۾ موجود آهي

از سخنانِ پريشان ارباب خذلان محنت نکشند [1] كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ لائق آن که بکلمات
ومجازات متعرضِ نشوند دروغی را فروغی نیست باعث کساوت بازار آنها کلماتِ مُتناقضهٔ
آنها خواهد بود مَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ [2] شغلیکه درپیش دارند درهمان
کوشند واز غير آن چشم بپوشند قُلِ اللّٰهُ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ [3] ۝

آخر حضور جن جو فرمودو پورو ٿيو جو دروغ کي فروغ ڪونهي جيئن انڪار
منڪرن جو وڌندو ويو تيئن تائيد غيبي سان حضور جن جي شهرت ۽ قبوليت روز بروز
زياده کان زياده ٿيندي وئي مگر جيڪي انهي بدبخت هوا سي مَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا
فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ جي حڪم موجب بي نور ٿي مري ويا. هن بحث کي حضرت شاه وڪيل احمد
سڪندرپوري هديه مجدديه [4] ۾ بالکل چگون لکيو آهي من شاء فليرجع اليها.

دهلي شريف جو پنجون سفر

پنجون ڀيرو حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنه جن حضرت
خواجه باقي رضي الله عنه جي عرس شريف تي تشريف فرمايا. جيڪي بدستور
قيوميت جا منڪر ٿيا هوا جن جون امانتون کسجي ويون هيون سمورا سنڌن استقبال لاءِ
آيا ۽ سڀئي مٿا اگهاڙا ڪري پٽڪا ڳچين ۾ وجهي بالکل عاجزيءَ سان خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا حضرت
رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ارشاد موجب حضور جن جي وضوءَ جو پاڻي سڀني وٺي اخلاص سان
پيتو ان ڪري قيوميت جي انڪار سبب جيڪو مٿن قهر خدائي نازل ٿيڻ وارو هو ان کان آزاد ٿيا.
حضور جن تن کي ورهي وڌيڪ بدمعافي ڏني.

---

[1] هي قول اشارو سورة بني اسرائيل رکوع نائين جي آيت ستوين ڏانهن آهي پوري آيت هن طرح آهي قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ۝ يعني چئو اي محمد صلي الله عليه وسلم، سڀڪو ماڻهو عمل ٿو ڪري پنهنجي صورت ۽ پنهنجي طريقي تي پوءِ پروردگار اوهان جو چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي ان شخص کي جو اوهان مان سڌيءَ واٽ تي آهي.
[2] هي اشارو سورة نور سيپارو "قد افلح" رڪوع پنجين جي آيت ستوين ڏانهن آهي يعني هر اهو شخص جنهن کي الله تعاليٰ روشنائي نه ڏني، واسطو اُن جي لاءِ نور (روشني) ڪا به ناهي ان لاءِ ڪا روشني.
[3] هي اشارو سورة انعام سيپارو "وَلَوْ اَنَّنَا" رڪوع يارهين جي آيت ستوين ڏانهن آهي يعني اي محمد صلي الله عليه وسلم، الله تعاليٰ لاٿو توريت کي پوءِ انهن کي ڇڏ ته پنهنجي بحث بيهوده ڳالهين ۾ کيڏندا رهن. [4] هديه مجدديه مطبع مجتبائي ص ۹.

ـــ حضور جن اجمير شريف جو به سفر ڪري فرمايو آهي - مگر ڪيترا پيرا، تنهنجو عدد
مقرر ڪو نه لکيو اٿن - تجديد الف ۽ قيوميت جو مقام ڪين سنه ١٠١٠ ۾ عطا ٿيو سال قيوميت سورهين (١٦)
۾ ڪين بادشاه گمراهيءَ تڪليف ڏني - سال سترهين (١٧) قيوميت جي آخر ۾ سنه ن سير جلالي پورو
ٿيو سال ارڙهين (١٨) قيوميت کان وٺي ٽن سالن تائين يا ان ياده علي اختلاف الاقوال پاڻ لشڪر سلطاني ۾ رهيا

حضور جن جي عجيب ڪرامت

قيوميت جي ايڪيهين سال جو ذڪر آهي ته حضور جن حضرت خواجه
عروة الوثقيٰ ۽ حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله تعاليٰ عنهما کي سرهند
شريف وڃڻ لاءِ اجازت فرمايائون پاڻ لشڪر سلطاني ۾ هوا - حضرات صاحبزادن رضي
الله عنهما کي وات جو ٿورو ڏينهن وسري وين جن هن ٻئي حضرات هڪ منزل پوري ڪري
اچي ڪنهن جاءِ تي لٿا، معلوم ٿين ته وات جو ٿورو اسان کان وٺڻ وسري ويو حيران رهيا
ايتري ۾ خادم ڪين عرض ڪيو ته هن شهر جي ٻاهران شاهي لشڪر لٿو پيو آهي - ٻئي حضرات
حيران ٿيا ته بادشاه جو لشڪر هت ڪٿان آيو - پر پوءِ سمجهي فرمايائون ته هي جناب حضرت
امجد مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو تصرف آهي ٻئي حضرات پنهنجي والد ماجد جي زيارت
لاءِ ويا ان وقت حضور جن وضو ساري رهيا هوا - حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله عنه
کين فرمايو ته توهان کي وات جو ٿورو ڏيڻ اسان کان وسري ويو هو هي ٿورو وٺو - حضرت خواجه
امام محمد معصوم عروة الوثقيٰ رضي الله عنه جن ٿورو وٺي پنهنجي جاءِ تي آيا ته ايتري ۾
فوج غائب ٿي وئي (روضه)[1] - حضور جن جيترو وقت به ٽي سال يا ان ياده علي اختلاف الاقوال
شاهي لشڪر سان رهيا - جنهن سنده ن اتقاء ۽ پرهيزگاري هئي حضر ۽ سفر ۾ سڀڪي طرح رهي، اگرچه
ڪي وقت لاچاري جا اين اهوا مگر پاڻ بالڪل گهٽي طرح لقمو وغيره جو احتياط فرمائيندا هوا
بلڪ پنهنجن طالبن کي به جي حضور انور ۾ رهندا هوا انهي قسم جي هدايت فرمائيندا هوا -

حضور جن جي هندن کان نفرت

جڏهن ته سال ويهين قيوميت ۾ هڪ ڏينهن شاهي لشڪر درياءِ گنگا تي پهتو پاڻ
فرمايائون ته هن درياءَ جو پاڻي (وضو خواه پيئڻ لاءِ) منهنجي لاءِ نه آڻجو جو ته
هي درياءَ خاص طرح هندن جي پوڄا لاءِ مقرر آهي - ماڻهن عرض ڪيو ته هن بيسگرد اُئي ۾
ڪو به کوه ڪو نهي - پاڻ فرمايائون جتان به ٿي سگهي اتان هون پاڻي آڻيو گهٽي گولا ڪان پوءِ معلوم ٿيو
ته لشڪر کان نون ميلن جي پنڌ تي کوه آهي - آخر حضور جن لاءِ اتان هون پاڻي آندو ويو - جيترو

---

[1] روضة القيوميه رڪن اول، قيوميت جو ١٩ سال مترجمه اردو مطبع لاهور ص ٢١١

وقت شاهي لشڪر اُتي رهيو اُن ڪوه مان پاڻي آڻيندا هوا. پنهنجن طالبن کي منع فرمايائون ته جيستائين
ٻي سگهي توهين ٻڌهن درياءَ جي پاڻي کي ڪنهن استعمال ۾ نه آڻيو (روضة القيوميه مطبوعه لاهور ص ٢٠٩)

حضرت خواجه شاه نقشبند قدس سره جو حڪم حضرت خواجه صاحب کي وعدي ڪيل

هڪ ڏينهن حضرت خواجه بزرگ محي الدين باقي بالله رضي الله عنه حضرت
خواجه بزرگ بهاوالحق والدين شاه نقشبند رضي الله عنهما جي مزار
پرانوار تي ديناهوا ذڪر جي ڇپاڻ ۾ حضرت خواجه باقي بالله رضي الله عنه
کي حضرت شاه نقشبند رضي الله عنه فرمايو ته اي منهنجا پيارا عنقريب هندستان ۾ حضرت پيغمبر
خدا صلي الله عليه وسلم جو نائب بالڪل پوري پيروي وارو مبعوث ٿيندو. صحابن ڪرام رضي الله
عنهم کان پوءِ اُمت جي وليّن سڳورن ۾ ڪو به ولي اهڙو ڏٺو نه ويو آهي نه هن کان پوءِ پيدا ٿيندو ۽ ٻين
وليّن سڳورن قدس الله تعالى اسرارهم جو توجه ان ڏانهن آهي. هر هڪ انهي مرد ڪامل کي
پنهنجي طريقي ۾ آڻڻ تو گهري هن لاءِ ته ان مرد جي وسيلي سان سندن طريقو سڄي جهان ۾
پکڙجي وڃي ۽ قيامت تائين قائم رهي. جو ته ان مرد ڪامل جي هدايت ۽ نور جا شعاع عرش کان
فرش تائين پهچندا ۽ قيامت تائين انهيءَ دستور سان رهندا اسونکي (شاه نقشبند) به جهي آرزو
آهي ته اهو مرد منهنجي طريقي ۾ مبعوث ٿئي، الله تعالى جي فضل ۽ ڪرم ۾ اميد غالب اٿم ته منهنجي
هي اميد شال پوري ٿيندي. بهتر هي آهي ته توهين (خواجه باقي) جلد هندوستان ڏي وڃو ۽ ان
مرد خدا ءِ جل وعلا سان ملو. متان ائين نه ٿئي ته توهان کان اڳي انکي ڪو ٻيو پنهنجي طريقي ۾
داخل ڪري ڇڏي ۽ جا نسبت حضرت رسالت پناه صلى الله عليه وسلم جن حضرت صديق اڪبر
رضي الله عنه کي القاء فرمائي هئي، اها حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه کان مون تائين
بطور امانت پهتي هئي، اها مون پنهنجي خلفائن جي حوالي ڪئي. هن وقت اها نسبت منهنجي
طريقي جي وڏي خليفي حضرت خواجه امڪنگي رضي الله عنه وٽ آهي. پر ياءٌ خواجه
امڪنگي وٽ وڃ ۽ ان کان اها نسبت خاص حاصل ڪري، هندوستان ڏانهن روانو ٿي ۽ اها
نسبت انهي پياري مرد مولى جل وعلا کي پهچاءِ. جنهن حق پنهنجن حقدارن کي پهچي وڃي"
هي حڪم حضرت خواجه صاحب قدس سره ٻڌي يڪدم حضرت خواجه امڪنگي قدس سره
جي خدمت ۾ آيو، حضرت محمد امڪنگي بدساڳيو حضرت شاه نقشبند قدس سره وانگر
حڪم فرمايو ۽ ڪين نسبت خاص عطا فرمايائون. آخر حضرت خواجه صاحب رضي الله عنه امانت
سندس حقدار حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه کي عطا فرمائي (روضه ڪرن اول مطبع لاهور ص ٢٢٩)

حضرت سيد توڪل شاهه جي خليفه مولوي حافظ احمد حسين قادري نقشبندي حضور جن جي مدح ۾ چانه چگو فرمايو آهي -

تعالیٰ اللہ ہے کیا پایہ مجدد الف ثانی کا　　ہے برتر وہم سے رتبہ مجدد الف ثانی کا
ثریٰ سے تا ثریا شرق سے تا غرب بجتا ہو　　وہ نقارہ امامت کا مجدد الف ثانی کا
صدائے ہر ولی، ہے گو بجتی گردوں کی گنبد میں　　مگر عالی ہے آوازہ مجدد الف ثانی کا
وہیں اللہ کی رحمت میری آ چومتی ہو لب　　جو لب پر نام ہے آتا مجدد الف ثانی کا
نکیرین آئے مرقد پر میری کہتے ہیں چھوڑو مت　　سگ در ہے یہاں سوتا مجدد الف ثانی کا
بہشتی اوسکا وہ کوچہ ہیں بتلادوں پہنچا ہے　　خدا کے قرب میں سیدھا مجدد الف ثانی کا
مریداونکے مرادیں پوری کردیتے ہیں اکدم میں　　رقم ہو مرتبہ کیونکر مجدد الف ثانی کا
مہینوں برسوں کا راستہ کرادیتے ہیں اک پل میں　　ہے وجہ اللہ رخ انور مجدد الف ثانی کا
سراسر سنت بیضا ہے اونکا راستہ احمد　　طریقہ دیکھئے چلکر مجدد الف ثانی کا

جن سنتن کان حضور انور جن مشرف ٿيا
تن جو ۽ مڪتوبات شريف جو مختصر ذڪر

حضور اقدس کي جي سنتون نبوي (اللهم صل وسلم وبارڪ عليه) عطا ٿيون تن کي مختصر لکجن ٿيون جاهڪ وڏي ڪرامت آهي ۽ ڪجھ مڪتوبات شريف جي مدح پڻ لکبي -

(۱) جيئن حضرت رسول انور صلى الله عليه وسلم جي مبعوث ٿيڻ جي خبر اڳ بني سڀني اڳوڻا على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام ڏيندا آيا ۽ اشتياق ظاهر ڪي فرمايائون تيئن حضور اقدس لاءِ پڻ ڪيترن وليٽن سڳورن پيشگويون ڪيون ۽ شوق ظاهر فرمايائون جيئن گذريو -

(۲) جيئن حضرت رسول انور صلى الله عليه وسلم جن بطن حوري تو طن ۾ جمعه جي رات رونق بخشي ٿيا، تيئن حضور اقدس جن پڻ جمعه رات انهيءَ سنت کان مشرف ٿيا، كذا في الروضه حضرت امام مالڪ رضي الله عنه جمعه جي رات کي شب قدر کان زياده توجا ڪي سو ٻه متيون سبب آهي جو حضرت رسالت پناهه صلى الله عليه وسلم جمعه جي رات کي وڏي عزت وارو ڪيو ميلادالنبي

(۳) جيئن حضرت رسالت پناهه صلى الله عليه وسلم جي ولادت وقت انبيائن جا روح پاڪ مڪه شريف ۾ اچي خوشيون ظاهر فرمايون اٿن، تيئن حضور اقدس جي ولادت وقت پڻ ڪيترا ارواح اولياءن ۽ نبين جا تشريف فرما ٿيا جن سڀني حق ۾ بشارتون فرمايون جيئن گذريو -

(٤) جڏهن حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي ولادت وقت ڪسريٰ جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪري پيا جو بادشاه جي رنج جو باعث ٿيو - تڏهن حضور اقدس جي ولادت وقت اڪبر بادشاه جو تخت اونڌو ٿي پيو، جو بادشاه جي تڪليف جو سبب ٿيو - جڏهن گذريو - ﴿وَلِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ فِيْ مَنْقَبَتِهٖ فِيْ لِسَانِ الْهِنْدِيَّةِ﴾

دم ولادت شاهنشهِ ولايت دين   سرير اڪبري دين ڪا هوا منڪوس

(٥) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي ولادت وقت آتش پرستن جون باهيون وسامي ويون - جنهن ڪري نهايت حيران ٿيا - تڏهن حضور اقدس جي ولادت وقت بدعتن جا سامان ٻي حظ ٿي بند ٿيا - انهيءَ حالت ۾ حيراني جو باعث ٿين اهو سبب جو فرشتن آسمان ۾ خوشيءَ جو غلغلو مچايو - ڪَمَا مَرَّ فِيْ جَوَاهِرِ مُجَدِّدِيَّه

هے داب شرع مقدس بآمد شه دين   جو خود بخود لگي بجني چو ساز طبلک ڪوس
ملائڪ نے ڪها بڑھ ڪے خير مقدم هے   رسول پاک کا نائب هے صاحب ناموس
ملائڪ نے هر اک جگه پکار ديا   ڪه شاه دين نے ڪيا تخت معرفت په جلوس

(٦) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن مختون يعني توهر پل ڄاوا - تڏهن حضرت خواجه سلطان الاولياء امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن پڻ مختون تولد ٿيا

جيسڪه ڪهتے هيں شرط مطابقت يه هے   هوئے جو پيدا ايں مختون صاحب ناموس

(٧) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جو ٻارائپ وقت ۾ نشو نما هو - تڏهن حضور اقدس جن انهيءَ سنت ڪان ممتاز ٿيا (روضة القيوميه رڪن اول مطبوعه لاهور ص ٥٩)

خمير طينت حضرت خمير طينت هے   هوئے خزينه رحمت برحمت قدوس

(٨) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم کي استاد جي مدد ڪان سواءِ الله جَلَّ وعلا اهڙو علم عنايت ڪيو جو انسان جي ادراڪ ڪان ٻاهر آهي - تڏهن حضور اقدس جن پڻ انهيءَ سنت ڪان مشرف ٿيا جڏهن ته سترهن ورهن جي اندر علم ظاهري ۽ باطني سيني طريقن جي لحاظ ڪان مشرف ٿي طالبن کي سيني طريقن ۾ داخل ڪندا هوا ۽ انهيءَ مدت اندر قرآن شريف پڻ ياد ڪيائون ايتري مدت ۾ سندن ايتري درجي کي پهچڻ تنهن ۾ ظاهري استاد جي مدد جو امڪان ڪونهي اها ڳالهه سندن مراديت هوڻ تي دلالت ٿي ڪري جا نه ڪنهن چڱو فرمايو آهي -

يکي از جان رود در راه دلدار — دگر را مے برند از جان باسرار
مريد اوّل بود آخر مراد ست — ميان اين و آن فرق فراوان است

(هدية مجديه مطبع مجتبائي دهلي ص ١٢٩)

علامه محمد مراد مکي سندن حالات ۾ لکي ٿو: "وَقَدْ فَرَغَ مِنْ تَحْصِيْلِ الْعُلُوْمِ الظَّاهِرِيَّةِ وَالطَّرِيْقَةِ فِيْ سِنِّ سَبْعَ عَشَرَ سَنَةً وَاشْتَغَلَ بِاِفَادَةِ الْعُلُوْمِ الظَّاهِرِيَّةِ لِلطَّالِبِيْنَ وَتَسْلِيْكِ السَّالِكِيْنَ. الخ"

(٩) سندن نالو مبارڪ احمد آهي جو حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جو آهي يعني (احمدؐ) سندن والد بزرگوار جو نالو خواجه عبدالاحد قدس سره آهي ۽ حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي والد شريف جو نالو مبارڪ حضرت عبدالله رضي الله عنه آهي. خدا تعاليٰ قرآن مجيد ۾ الله ۽ احد هڪ جاءِ تي آندا آهن قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝ الخ

(١٠) جئين حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن بادشاهي گهراڻي مان جڏهن شادي ڪئي تڏهن مسڪيني ڇڏي دنيا ۽ مال ۽ ثروت جا صاحب ٿيا تئين حضرت خواجه امام رباني قدس سره جن پڻ انهي سنت کان مشرف ٿيا جئين گذريو.

(١١) جئين حضرت شفيع المذنبين صلي الله عليه وسلم جن کي چاليهن ورهن کان پوءِ نبوت ملي تڏهن کان پوءِ تيويهه[٢٣] ورهه تاج نبوت جو پهري منصب ختم نبوت تي ويهي ڪفر کي فنا ڪري ڇڏيائون تئين حضرت مجدد الف ثاني کي پڻ مجدديت جو رتبو چاليهن ورهن کان پوءِ عطا ٿيو پوءِ تجديد جي منصب تي ويهي تيويهن[٢٣] ورهن جي اندر ڪفر ۽ بدعت جي پاڙ پٽي ڇڏيائون.

(١٢) ۽ جئين حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪافرن کان قسمين قسمين تڪليفون ڏٺيون تئين حضور اقدس جن پڻ رافضن کان قسمين قسمين تڪليفون ڏٺيون، رافضن لاءِ نص قاطع آهي "لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ" جئين انهن جي شور سان گواليار جي قلعي ۾ رهيا جو هابه سنت ادائي ڪئي.

(١٣) حضور جن جو تڪليفن ۾ مستقل ۽ باتحمل رهڻ، هي به حضور انور عليه الصلوٰة والسلام جي طبيعت سان مناسبت هئي، جي ان وقت حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه تحية جو سجدو ڪن ها يا گوڏن مبارڪ کي نوڙائن ها يا ذري ۽ کان ٿنگهڻ وقت پير پائين پير مبارڪ ڪن ها ته قيامت تائين فاسقن ۽ شرير ماڻهن لاءِ هڪ حجت ٿي پوي ها. بت پرست بادشاه

هرهڪ شيطاني مانهوءَ کي وجهه ملي ٿي هان ڇو ن هان ته تو سو حضرت مجدّد الف ثاني جهڙي مرد ڪامل به خوف کان متو نو ڙايو. خصوصاً گمراه جماعت رافضن جيءَ جو تقيو ثابت ٿي پيو ها، جو هُو پاڻ ٿي (تقيو) فرض ٿا ڄاڻن.

ــ ڪمال عشق اتباع حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي ڪري سجن وهرگز هرگز نه ڪيائون. بادشاه فرعون جاه جي پڙهيل درٻارين حضرت موسوي سيرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي قتل ڪرڻ جي فتويٰ ڏني مگر حق سبحانه وتعاليٰ کين بچائڻو هو ڇاڪاڻ ته "وَاللّٰهُ يَعۡصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ۝" [1] حضور انور جن جان کي قربان ڪرڻ ۾ ڪو ذرو نه ڇڏيو هڪ پير واه نه ڪيائون سنّت حبيب خدا صلي الله عليه وسلم جيءَ تي قائم رهي شرڪ ۽ تقيه خبيثه جي دل کي پاڙان ٻنيءَ ڇڏيائون ــ

اين ڪار از تو آيد مردان چنين ڪنند (سوانح) [2]

(١٤) حضور انور جا خلفاء به جناب رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي خليفن وانگر ڪامل اڪمل تيار ٿيا، جن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي پوري غلاميءَ ڪري شريعت جي احڪامن جي ڪامل تابعداري ڪئي (سوانح) ـــــــ معلوم هجي ته سنڌ ۽ وقت ۾ رفض جو مذهب تمام گهڻو هو. سبب هيءُ هو ته ايراني نسل نورجهان بيگم، جا پهريائين شيرافگن خان جي زال هئي، انهيءَ مڙس جي وفات کانپوءِ جهانگير بادشاهه جي نڪاح ۾ آئي وان بعد پاڻ رڳو نالي جو حاڪم هو. بادشاهيءَ جا سڀ ڪم نورجهان جي هٿ هوا. ايتري قدر جو سون جي سڪي تي پڻ هيءُ بيت لکڻ ۾ آيو.

بحڪم شاه جهانگير يافت صد زيور بنام نورجهان بادشاه بيگم زر

ــ نورجهان جڏهن ته شيعو مذهب رکندي هئي. تنهنڪري ايران ۽ خراسان جي شيعن جون فوجون هندستان ۾ اچڻ لڳيون انهن مان وڏا وڏا عالم مقرر ٿيا جن اهل سنّت جي ايذاءِ ڏيڻ ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪئي قاضي نورالله شاستري، جو جامع علمن جو هو ۽ شيعي مذهب جي فتويٰ ڏيندو هو ان هو هندستان ۾ آيو. (هديه مجدديه)

---

[1] هي اشارو ڇهين سيپاري ۾ سورة مائده رڪوع ڏهين جي آيت سڳوريءَ ڏانهن آهي منڍ آيت جو هن طرح آهي "يَاۤ اَيُّهَا الرَّسُوۡلُ بَلِّغۡ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ وَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ رِسٰلَتَهٗ ؕ الآية" يعني اي رسول تو تي جيڪي تنهنجي رب وٽان نازل ٿيو سو پهچائي ڇڏ جي تو ائين نه ڪيو ته پوءِ تو ان جو پيغام نه پهچايو ۽ خدا تو کي ماڻهن کان بچائي وٺندو. بيشڪ خدا ڪافر قوم کي رستو نٿو ڏيکاري.

[2] سوانح عمري امام رباني رحمة الله عليه مولانا مولوي محمد حسين صاحب ساڪن احمد آباد ضلع جهلم مطبوعه لاهور ص ٣٢

ت حضور اقدس کي اگرچه اول وقت ۾ نهايت تڪليفون پهتيون پر نيٺ عيان ٿيو ۽ نوجوانن سنڌن مريدن ۾ اچي ويا ۽ قاضي نور الله کي بادشاه حضور اقدس جي حڪم موجب هاٿي جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏيو الخ روضه (رڪن اول سال ٨ قيوميت جو)

(١٥) جيئن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن عرب ۾ رونق افروز ٿيا ۽ عرب جي مشرڪن کان اگرچه اول وقت ۾ تڪليفون ڏٺائون - پر نيٺ اهي اڳين عادتن کان توبه ڪري پوري رستي تي آيا ۽ اهڙي ريت عرب جي مشرڪن ني اڳ ڪونه آيو ۽ پاڻ تيويهن ورهن کان پوءِ وفات ڪيائون - انهي مدت اندر هر ملڪ ۾ دين محمدي پکڙجي ويو، اهڙو زبردست نبي اڳ ڪونه ٿي گذريو - تئين حضرت خواجه امام رباني قدس سره جن هندوستان ۾ رونق افروز ٿيا - بدعتن ۽ ڪافرن کي پنهنجي صحبت جي تاثير کان پوءِ ڀيري آندائون ۽ اهڙو ولي زبردست هندستان ۾ هندستان وارن لاءِ اڳ ڪونه ٿي گذريو - جيئن ته ڪتاب سبحة المرجان ۾ مولانا محمود جونپوري جي حالات ۾ حضرت سيد غلام علي بلگرامي تو لکي -

لَا رَيْبَ أَنَّهُ لَمْ يَظْهَرْ فِي الْهِنْدِ مِثْلُ الْفَاضِلَيْنِ أَحَدُهُمَا فِي عِلْمِ الْحَقَائِقِ وَهُوَ مَوْلَانَا الشَّيْخُ أَحْمَدُ السَّرْهِنْدِيُّ وَالثَّانِي فِي عُلُومِ الْحِكْمَةِ وَالْأَدَبِيَّةِ وَهُوَ الْمُلَّا مَحْمُودٌ صَاحِبُ التَّرْجَمَةِ

ت حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره جن پڻ قيوميت جي مسند تي سنت موافق تيويهه ورهيه ويٺا تهن کان پوءِ وفات ڪيائون ۽ انهي ٿوري مدت اندر ساري ملڪ عرب عجم ۾ سنڌن طريقو مجددي پکڙجي ويو - جو اڳ ڪنهن به ولي سڳوري کان پنهنجي وقت ۾ اهڙو ڪم صادر نه ٿيو - حضرت خواجه وحدت قدس سره سنڌن حق ۾ ڇا نه چڱو فرمايو آهي

از و تازه دين گشت بعد از هزار — بعالم نبي گوئي آمد دوبار
نبي نيست اما برنگ نبي — بجو شد زکويش هزاران ولي
نگين گشت در حلقهٔ اولياء — چو در انبياء خاتم الانبياء

(١٦) جيئن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن کان اڳ اگرچه ڪيترا نبي گذريا مگر پاڻ باوجوديڪ سڀني کان پوءِ ٿيا آهن تڏهن به الله جل وعلا کين نوازيو جو اڳ ڪنهن به نبي تي اهڙي عنايت نه ٿي ۽ کين خداء تعالى وٽان اهڙيون خبرون مليون جو اڳ انهن نعمتن کان ڪو مشرف ڪونه ٿيو ۽ سنڌن تابعن کي الله جل وعلا خيالن حقيقت جو ڪري ڪو نيو سڀني امتن کان

حضرت رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جي اُمت جو زياده شان ته ڪُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ الخ[1] تنهن
حضرت امام رباني قدس سره کان اڳي ڪيترائي اولياء سڳورا قُدِّسَ سِرُّهُمْ گذريا. پاڻ اڳ جيئن ڪي
تمام پوري رونق افروز ٿيا. مگر ڪين اهڙي پون اهڙي پون خبرون الهام صادق جي وسيله سان ۽ الهام
اهڙي ادب جا خدا عزوجل وعلا وتان مليا، جو اڳ ڪنهن جي عنايت نه ٿيا ۽ نه ڪنهن بيان ڪيا. جهڙوڪ
حقيقت ڪعبه ۽ حقيقت قرآن مجيد ۽ حقيقت صلوٰة ۽ معبوديت صرفه. سندن وقت جي
گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به انڪار ڪونه ڪيو. مگر ڪي ٿورا بدبخت جن جي ڪو اعتبار ڪونهي. جئين
حضرت رسالت پناه صلى الله عليه وسلم جي شان خاتميت کان ڪو قادياني پار وانڪار ڪري ته ان
وسيلا ڪي ڪنهن اعتبار ۾ نه آڻبو. سندن حالات مان معلوم ٿو ٿئي ته تابع حضرت مُجدِّدُ
الف ثاني جا يعني مجدد ڪي هن اُمت مرحومه جا خيار آهن. مثال لاءِ نفائس السانحات جي مختصر
عبارت هيٺ لکان ٿو. وهي هٰذه: "وبعده قرناً بعد قرنٍ من غير انكار من احد الا شرذمة
قليلة لا يعتد بهم وذالك لاجتهاده في احياء الشريعة النبوية والطريقة المصطفوية
وامانة البدعة القبيحة ونشره انواع العلوم الدينية واصناف المعارف الصادقة
اليقينية واختصاصه بالمقامات العالية والحقائق السامية التى تتعلق بذات الحق
سبحانه وصفاته وافعاله وتتلبس بالاحوال والمواجيد والتجليات والظهورات وغيرها
مما لم يتكلم بها احد من العلماء العظماء ولا واحد من الاولياء الكبراء مثل كشفه في
حقيقة الكعبة المعظمة وحقيقة القرآن المجيد والصلوٰة والمعبودية الصرفة
وغيرها من خصائصه مما يطول ذكره والحاصل ان من نظر الى احواله في حال حياته
من احياء الشريعة والسنة السنية وامانة البدعة الشنيعة خصوصاً في بلاد الهند
المحفوفة بظلمة الجهل والكفر والبدعة وما حصل باجتهاده من انواع انوار الاسلام
وآثار السنة وما وقع بعد وفاته سبب اجتهاد اولاده وخلفائه وخلفاء خلفائه
الى يومنا هذا في جميع اقطار الارض من الطول والعرض على وفق اخباره بنظر الانصاف
وابعد عن نفسه الاعتساف حصل له اليقين بان كلامه حق وصدق وانه مجدد
هذا الالف وان اتباعه خيار هذه الامة المرحومة

[1] سيپارو ٤ سورة آل عمران رڪوع ١٢ جي آيت سڳوري ڏانهن اشارو آهي. آيت جي آهي ڪُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُونَ بِاللّٰهِ وَلَوْ آمَنَ أَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَهُمْ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُونَ وَأَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُونَ ٥ يعني اوهان سڀني امتن کان بهتر آهيو جا ماڻهن جي فائدي لاءِ ظاهر ڪئي وئي آهي جو حڪم ٿا ڪريو چڱن ڪمن جو ۽ منع ٿا ڪريو برن ڪمن کان ۽ ايمان ٿا آڻيو الله تي ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب ايمان آڻين ها ته انهن لاءِ چڱو هو. انهن مان ڪي ايمان وارا آهن ۽ انهن مان اڪثر نافرمان آهن.

(۱۷) جڏهن حضرت خاتم الانبياء صلي الله عليه وسلم جن الله جل و علا سان ڪلام فرمايو. تڏهن خواجه امام رباني قدس سره جن تبعيت ۽ وراثت نبوي صلي الله عليه وسلم جي انهيءَ نعمت کان مشرف ٿيا جڏهن ته خصوصيت ۾ گڏ رهيو

سر حق مگو که کوه طور ست خار و خس آن همه ز نور ست

(۱۸) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي نبوت جو اقرار حيوانن به ڪيو تڏهن به وراثت نبوي صلي الله عليه وسلم جي حضور اقدس جي ٻنهي ڀيري قيوميت جو اقرار به حيوانن کان صادر ٿيو

(۱۹) جهڙيءَ طرح حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي بيماري جي هئي - اهڙيءَ طرح حضرت خواجه امام رباني قدس سره جي بيماري جي هئي ڪما في الروضة

(۲۰) سندن عمر مبارڪ ٽيهٺ ورهه ٿي - جڏهن ته حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي هئي ڏينهن وفات جو سڳورو ڏينهن آچر ۽ مهينو به ساڳيو ربيع الاول جڏهن ته ٻهو جنهن صفر جو اٺين هو - حضور اقدس جن ٻهرين ربيع الاول جي روضه مبارڪ ۾ مدفون ٿيا
(سوانح عمري) (روضه) (روضة القيوميه رڪن اول)

(۲۱) جڏهن ته جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي دين کي پوري تقويت ٿي - تڏهن وفات فرمايائون - تڏهن حضرت مجدد الف ثاني جن ڪمال متابعت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي جڏهن دين اسلام پوري طرح بفحواي آيت اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ[1] جي پڪ جي ڏيو. جڏهن ڪافرن ۽ بدعتين ۽ گمراهن رافضين جي خاطر خواه پڇ ڪٽي ٿي - تڏهن سندن وصال ٿيو -

(۲۲) حضور اقدس جن جي تاثير مثل انوار نبوت جي ڪفر جي ڪوٽن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اهل جي سينن ۾ انوار اسلام جا داخل فرمايائون - انهيءَ ڳالهه تي ڪيترا نقل دلالت ڪندڙ آهن جي وڏن ڪتابن ۾ موجود آهن (سوانح)

(۲۳) جڏهن حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جن وضو مبارڪ خاص حجري جي ولي واري ۾ آهي پاڻ پڻ انهيءَ سنت کان مشرف ٿيا-

(۲۴) جڏهن روضه منوره حضرت رسول الثقلين صاحب قاب قوسين جن تي اڄ تائين ڪو غير شرعي ڪم ڪونه ٿو ٿئي تڏهن الحمد لله و عن حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه کي اڄ تائين انهيءَ صفت

[1] ترجمو: اڄ مون توهان لاءِ توهان جو دين پورو ڪيو ۽ مون توهان تي پنهنجو احسان پورو ڪيو ۽ توهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم. (سيپارو ۶ سورة مائده رڪوع ۱)

ڪان مشرف فرمايو آهي جڏهن ته اِهي قرآن شريف جا حافظ رمضان ۾ تراويح پڙهندا هئا، ته راڳ آهي نه سرود نه نچڻ ۽ نه ٻي ڪا بدعت - جڏهن جناب رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جي زيارت کان چند سياحن کا نسواءِ رافضي ۽ بدمذهب رکڻ وارا محروم آهن تڏهن حضرت مجدد الف ثانيءَ جي درگاهه تي به اڪثر صالح ۽ فاضل ماڻهو ٿا اچن الا ما شاء الله اهو سبب هو، جو هند وستان ۾ مشهور آهي ته جيڪڏهن ڪي هڪ جاءِ تي صالحن جو اجتماع ڏسڻو هجي ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جا مزار ڏسجن ڪنهن عارف جانءِ چڱو ن فرمايو آهي -

بهره مو آؤ کر سرکار مجدد دیکھیں — رو کش خلد وه دربار مجدد دیکھیں
دیکھنا ہووے اگر قبہ قصر جنت — روضہ پاک پر انوار مجدد دیکھیں
دیکھنے ہو دین اگر شوق سے اللہ والا — ملیں قسمت سے تو زوار مجدد دیکھیں
آئینہ دیکھنا ہو جسکو جمال حق کا — سید ھی قسمت ہو تو دیدار مجدد دیکھیں
ہے اگر نقد ارادت تو خرید کونین — تاجرا آؤ کہ بازار مجدد دیکھیں
دیکھنے چاہو نبی کے جو نشانہائے قدم — چلئے واللہ کہ آثار مجدد دیکھیں
حور ین کہتی ہیں مجدد کا ثنا گر ہے وردو — آؤ مداح طرحدار مجدد دیکھیں

جناب غوث وقت محمد حسين ولد عمدة العارفين سيد قادر بخش احمد آبادي مجددي حضور اقدس خواجا امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي سوانح ۾ ڪيترن ئي ستون تي آخر چار مقام تي فرمائي ته جيئن حضرت مجدد الف ثاني حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو وڏي شان وارو خليفو هو تيئن سندس ڪتاب يعني مڪتوبات شريف خليفو قرآن مجيد جو آهي جهڙي طرح حضرت امام رباني پنهنجي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي پيروي ۽ ڪمال تابعداري ۾ پنهنجي ساري زندگاني ۾ جان فشاني ڪئي - اهڙي طرح هي ڪتاب پڻ قرآن شريف جي پيروي ۽ تابعداري ۾ جان فشاني ڪري لاءِ هدايت ڪري رهيو آهي جڏهن ته هڪ جاءِ تي ٿا فرمائن ته جيڪڏهن ڪو هوا ۾ اڏامي يا پاڻي تي ڪشتيءَ وانگر هلي مگر هڪ مستحب حقارت جي نظر سان ڇڏي ڏي - انجي قيمت ڪنهن وڏي وٽ هڪ جَوَ جي برابر نه آهي - نفائس[1] سندن ڪتاب قيامت تائين اهو وعظ و نصيحت جو حق ادا ڪندو رهندو آهي

واضح هجي ته هن مڪتوبات شريف جي مجموع اهو ڪتاب جو حضور اقدس جن وقتاً

---

[1] نفائس النافحات في تذئيل الباقيات الصالحات تاليف علامه محمد مراد مڪي قدس سره مڪتوب ٣٢ ص عبارت بعينه هي آهي ان من طار في الهواء او سار على الماء وترك شيئا من المستحبات لا قدر له عند هذه الطائفة مقدار شعرة -

فوقتا انهن جي دوستن ۽ مريدن تائين انهن بطريق نصيحت يا ڪنهن مسئلي جي آسان ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ٻي
ديني ضرورت واسطي لکندا هوا. محترم توفيق تہ حضور جن جي خليفن ان زماني ۾ سندن مڪتوبات (خط)
شريف کي سونن ڪاغذن وانگر قيمتي سمجهي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو هو. ڪامل طور انهي تاليف ٽي - ٽن
جلدن ۾ ڪيو ويو - پهرين جلد ۾ ٽي سو ٽيرهن ٣١٣ع مڪتوب شريف آهن جو حضور اقدس جي ارشاد موجب
شاهه يار محمد جديد بدخشاني طالقاني گڏ ڪيا جن ۾ ٽي سو ٽيرهن ٣١٣ع مڪتوب گڏ ٿي چڪا
تہ هن ياد فرمايائون تہ انهي جلد کي انهي عدد تي پورو ڪرڻ گهرجي - جو تہ هي عدد پيغمبرن ۽
رسولن جي عدد موافق آهي ۽ بدر جي شهيدن جو به اهوئي عدد آهي پوءِ تبرڪا تيمنا انهي
عدد تي اهو جلد پورو ٿيو - انجو نالو "درالمعرفت" رکيو ويو انجو ٻيو نالو "ڪلمات قدسيه" آهي ڇهاٽيهين
۾ مڪتوب شريف حضور اقدس جي فرزند وڏي حضرت غوث الخلائق خواجه محمد صادق رضي الله
عنه جا ڏنل ملايا ويا جي ننڍپڻ ۾ والد شريف تان انهن لکيا هوائون - انهي پهرين جلد جو نالو درالمعرفت
تاريخي آهي جو سنہ ١٠٢٥ ۾ پورو ٿيو - ٻيو جلد ٻيو حضرت قيوم ثاني عروة الوثقى ١٠١ش خواجه محمد معصوم
رضي الله عنه جي حڪم موجب شيخ عبدالحي حصاري گڏ ڪيو جنهن ۾ نوانوي ٩٩ع مڪتوبات شريف
آهن ناالذي پاڪ عَمَّ نواله جا به ايترائي آهن - انهي لحاظ تي انهي عدد تي اهو جلد پورو ٿيو جنهنجو نالو
تاريخي نورالخلائق آهي جو سنہ ١٠٢٨ هجري ۾ پورو ٿيو ۽ ان جو ٻيو نالو "اسرار قدسيه" آهي - ٽيون
جلد حضرت امام رباني قدس سره جي خليفه اعظم سيد محمد نعمان جي ارشاد موجب مير سيد
محمد هاشم گڏ ڪيو. جامع هن جلد جو ڪامل ولي الله فصيح اللسان جادو بيان هو - مير محمد
نعمان حضرت اقدس کان اجازت حاصل ڪري پوءِ اهو ڪم سيد محمد هاشم صاحب جي حوالي ڪيو
جناب مولانا محمد هاشم مڪتوبات شريف جي جلد ٽئين جي اول ۾ لکي فرمايو تہ جڏهن تہ سنہ ١٠٣١ ۾ هي مجموع
يعني جلد ٽيون پورو ٿيو هن ۾ هڪ سو ٽيرهن ١١٣ع مڪتوب شريف لکيا ويا آهن هن مناسبت تي تہ
باقي جي لفظ ۾ به هڪ سو ٽيرهن ١١٣ع عدد آهن اول هي تہ هي فيض حضرت خواجه باقي بالله قدس سره
کان هليو - ٻيو اشارو آهي تہ هي معرفتون تا روز قيامت جي باقي رهنديون - هن ڪانپوءِ مڪتوب شريف
علوم جديده وارد سندن حڪم موجب ملايو ويو ان ڪري ڪل مڪتوب شريف هڪ سو چوڏهن ١١٤ع ٿيا ۽
ڪلام الله شريف جي سورتون به هڪ سو چوڏهن ١١٤ع آهن تنهن جي موافقت ٿي وئي باقي مڪتوبن شريفن
کي چوٿين جلد واسطي رهايو ويو پر زياده سلسله جاري نہ ٿيڻ سبب باقي مڪتوبن کي ٻئي جلدن سان
شامل ڪرايو ويو - هن جلد جو نالو اصل معرفة الحقائق آهي ۽ تاريخي نالو ڪاس الراسخين آهي ۽ عجيب

لطيفو هي آهي تہ جدن ثالث ذنيئن، جي پوري ٿيڻ جي تاريخ (ثالث) جي لفظ کان ٿي نڪري، جو نهايت مناسب آهي يعني سنہ ١٠٣١ھ - تاريخ ڪيڏٺ وارو بيروڊ ي ڪماليت ڏيکاري آهي - معلوم ٿيو تہ ساري مڪتوبات شريف حضور اقدس جي حياتيءَ ۾ پوري ٿي چڪي هئي جو تہ سندن وفات جو سن سنہ ١٠٣٤ھ آهي -

[1]هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ هي ڪتاب پڻ بنظر ڪاتب (حضرت مجدد الف ثاني) جي عاليشان هئڻ سبب جو ظلي طور، اولوالعزم رسول صلي الله عليہ وسلم جو اولوالعزم خليفو هو - رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي ڪتاب يعني قرآن شريف جو خليفو ٿيندو، جي ڳالهہ اعتراض جهڙي ناهي جو تہ هزار سالن جي سر (منہي) جو مجدد ڏنو ٿيءَ اهو هڪ اولوالعزم مجدد ڏٺو ويو جي (ارشاد الطالبين و تفسير رؤفي) انهي سبب ان جو ڪتاب پڻ هڪ اولوالعزم ڪتاب ٿيڻ گهرجي - جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي

من چہ گويم وصف آن عالي جناب نيست پيغمبر و لے دارد ڪتاب

[2]جهڙي طرح انهي ڪاتب (حضرت مجدد الف ثاني) مشڪواة نبوة کان انوار حاصل ڪري جهان کي فيض پهچايو - اهڙي طرح هي ڪتاب انوار مشڪواة ۽ قرآنيہ کان ظلي طور تي منور ٿي قرآن جو خليفو مقرر ٿيو - قرآن شريف جو لب لباب ۽ انهي معنائن جو عطر مجموعه ۽ انجي مضمونن جو ست جيڪي بہ چئو اهو آهي مگر قرآن شريف جي طبيعت ۾ آهي - ڏني عمل تواله فرمايو آهي "وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ (يعني قرآن شريف کي جو سورة سورة ۽ آيت آيت ڪري ڌار ڌار ڪيو تہ تون انکي ماڻهن ۾ آهستگيءَ سان پڙهين - هي حفظ کي آسان تر ۽ فهم کي نزديڪ تر آهي) وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا (۽ انکي آهستو آهستو ڌار ڌار سون) (ٿيو ٿيهن ورهين جي مدت ۾) اهڙي طرح هي ڪتاب پڻ ٽيويهن ورهين جي مدت ۾ آهستہ آهستہ حسب ضرورت وحاجات دين جي حڪمن جي جاري ٿيڻ لاءِ جاري ٿيندو رهيو ۽ جئن قرآن شريف حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي وفات کان پوءِ ساري جهان ۾ مروج ٿيو - تيئن هي ڪتاب پڻ بعد وفات حضرت خواجہ امام رباني قدس سره جي هر طرف پکڙجي ويو اگرچہ سندن حياتيءَ ۾ مڪمل ٿي چڪو هو جئن گذريو - جهڙي طرح حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنہ کي هڪ خليفو من جملہ "وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" چئي سگهجي اهڙي طرح هن ڪتاب کي قرآن مجيد جو خليفو حڪمن جي تبليغ ۾ چئي سگهجي - قرآن ڪريم بادشاه آهي ۽ هي ڪتاب ان جو خليفو آهي ان جا احڪام ان جا اسرار ان جا انوار ساري جهان ۾ پکيڙڻ ان جو ڪم آهي جهڙي طرح

---

[1] سورة بني اسرائيل رڪوع ١٢ سيپارو سبحان الذي ع ١٥ [2] سورة الجمعة رڪوع ١ سيپارو قد سمع الله ع ٢٨ جهڙي آيت جي هن طرح آهي "وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" يعني ۽ ٻين کي بہ انهن مان جي اڃا انهن سان نہ مليا آهن ۽ اهو ئي غالب حڪمت وارو آهي - (يعني قرآن جي حضور جن جي تعليم رڳو ڪجهہ تابعين ئي تائين نہ رهندي بلڪ ايندڙ دنيا جاري رهندي)

خليفي سلطان جي زبان تي ٿئي. ان جو ڪم سلطان جو ڪم ٿو ٿئي اهوئي اعتقاد هن ڪتاب کي نسبت قرآن ڪريم جي حاصل آهي. مطلب ته هي ڪتاب معمولي ڪتاب ناهي بلڪ هڪ عاليشان مجموعه آهي جو امت محمدي کي پنهنجي دستور العمل بنائڻ لاءِ ضروري آهي. هن ڪتاب جو خلاصه ۽ غايت ڪلام الله شريف جي پيروي ۽ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي تابعداري آهي ڪٿي پنهنجي ڪمالات جو بيان فرمايو اٿن جو پڻ اهوئي مطلب آهي ته ڪاهلي جڏهن ٿيو ۽ سُستي دور ڪيو. طلب جي وات ۾ مردن وانگر قرآن شريف ۽ سنت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي متابعت ۾ گامزن ٿيو ۽ ڪوشش ڪريو ته هي درجا اوهان کي پڻ حاصل ٿين. ڪٿي خداء تعاليٰ جي جبروت جو بيان آهي. ڪٿي انجي اوصاف ڪمالات جو ذڪر آهي. ڪٿي نصيحتون عجيب ۽ مسئلا غريب ۽ قرآني نُڪتا اهڙي طرح بيان فرمايا اٿن جو هزارين ڪتاب گڏ ڪجن ته به اهڙا مسئلا هڪ جاءِ تي مڙئي مشڪل آهن. طريقت جي سالڪن لاءِ هي ڪتاب هڪ ڪامل مرشد جو ڪم ڏئي سگهي ٿو ۽ غافلن کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائي ٿو. اوقات ۽ سنت نبوي جي پابندي جي تاڪيد ۾ اُهي اُهي سحر نگاريون ڪيون اٿن جو هن ڪتاب جو هڪ هڪ جملو سون جي پاڻي سان لکڻ جي لائق آهي ۽ دل جي صفحه تي منقوش ڪرڻ جي قابل. الغرض ته هڪ خطيب في المحراب ۽ بي نظير واعظ آهي جنهن جو هڪ هڪ لفظ گهڻن نفيس سامانن کان قيمتي آهي. سنت جي ستارڻ ۽ بدعتن جي مٽائڻ ۾ جهڙو حضرت امام رباني قدس سره جي تبليغ جو مطلب هو اهو ڪتاب جي اشاعت سان ٿيو ۽ ٿيندو رهندو. نقشبندي خاندان وارا ته خصوصًا هن ڪتاب جي تعظيم ڪندا آهن ڇو ته اعليٰ مرشد جو ڪتاب آهي. مگر آئون چوان ٿو ته تمامي اهل اسلام جي لاءِ هي ڪتاب واجب التعظيم ۽ قدرداني جي لائق آهي ۽ سيني کي ان تي عمل ڪرڻ ضروري ۽ لازم آهي. نقشبندي بزرگن ۾ حضرت خواجه عبيد الله احرار قدس سره جي مريدن مان حضرت خواجه محمد درويش قدس سره طريقت جي سالڪن لاءِ مولانا روم جي مثنوي مان لب لباب تيار ڪيو هو جنهن جي مطالعي کان گهڻن ماڻهن فائدو ورتو. وري جڏهن حضور اقدس جي مڪتوبات شريف گڏ ڪيا ويا ته هن خاندان نقشبندي لاءِ خصوصًا ۽ عوام اهل اسلام لاءِ عمومًا هي مجموعه هڪ ناصح في الخلوة ۽ خطيب في المحراب جو ڪم ڏيندو رهيو. هن ڪتاب جو اڳي جي اڄ تائين اهل فضل ۽ اهل الله وٽ نهايت قدر آهي مگر اڳ ايتري قدرداني هئي جو شاهي خزانن ۽ اعليٰ اعليٰ ڪتب خانن ۾ ان جا جلد سونهري ڪري نهايت آب تاب سان قيمتي جواهرات وانگر نهايت حفاظت ۽ ڪمال تعظيم ۽ ادب سان رکيا ويا هدايت جي وات جا سالڪ هن کان فيضياب ٿيا. جو حضور ڏٺن اهو ان جي مطالعي ڪرڻ وارا مرشد

ڪامل جي طرح ان کان فيض وٺندا هوا - جنهن ڪري هنن کي چڱي نيت سان مطالعي ڪيو سنڌ
ارشادن ۾ ٻاءِ ٻند ٿي رهيو تنهن کي ٻي شمار فائدا ٿي پهتا - هزار بلڪ ٻي شمار ڀڳوهن ڪتاب
جي مطالعي کان فيض ورتا - پر جڏهن ته هاڻي ٻي لغاميءَ جو زمانو ۽ سرڪشيءَ جو دور آيو
آهي تنهن ڪري ڪن صوفين ان تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ انهي مطالعي کان محروم رهيا جنهن
ڪري گمراهين ۾ ڦاسي ويا ۽ ٻين کي به گمراه ڪرڻ لڳا - ضَلُّوْا فَاَضَلُّوْا - دنيا طلبيءَ جو اصلي
مقصود ته ناڻو سڻ جوڙي ۽ حق گوئي جا هن ڪتاب جو اصل مقصد هئي ڇڏي ڏنيا - توحيد
رباني ۽ اعلاءِ ڪلمة الله جو هن ڪتاب جو اصلي غرض هو، اهو گم ٿي ويو - انتهيٰ ملخصا

حضور جن جي وقت ۾ تا او تا عالم مڪتوبات شريف جي مطالعي جا شوقين هوا لفظ
لفظ شرع جي موافق ته سنڌ اهو ۽ سنڌ ن ملڪ کي اعليٰ پايه جي تصنيف سمجهندا هوا ڪن
کي ته وقت جي پنهن مشائخن جي ڪتابن پڙهڻ سان دلين تي ملاليت جو زنگ ويهي ويندو هو
جو تڪين ڪي غير شرعي ذڪر ڏسڻ ۾ ايندا هوا ري انهن جڏهن مڪتوبات شريف کي ڏٺو تڏهن
سنڌن ڪلام جي برڪت سان اهو زنگ لهي ويو ۽ دل نوراني ٿي پئي - ڇو ته مڪتوبات شريف ۾ جا
بجاءِ هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته طريقت ۽ حقيقت شريعت جا خادم آهن - آخر اهي هٿ کڻي حضور جن
جي حق ۾ هن طرح دعائون گهرندا هوا اَللّٰهُمَّ سَلِّمْ هٰذَا الشَّيْخَ الْمُعَظَّمَ - ڪي عالم باعمل ته افسوس
سان چوندا هوا ته حضور جن اڳوڻي وقت ۾ پيدا ٿي هن قسم جو ڪلام ارقام فرمائن ها ته بالڪل
چڱو هو ڇو ته ان وقت جا ماڻهو فراست ايماني جي وسيلي سان الاهي ڪلام مبارڪ جو قدر ۽ عزت
ڪن ها - ۽ ٻڌه جو ستون فصل پڙهي عبث وڃڻ گهرجي -

بهرحال جڏهن اڳوڻن بزرگن ۽ مريدن ۽ خليفن سڳورن جو هن ڪتاب سڳوري جي
پڙهڻ ۾ عشق هو اڄ بالڪل گهٽ آهي تنهن ڪري عمل به ٿورو وڃي ٿو - افسوس جو اڄوڪي
زماني جا ڪي ناٿي جا خلفاء انهيءَ ڪتاب سڳوري جي علمن کان بي خبر هئڻ سبب طريقت جي
مخالفت جي مرض ۾ مبتلا آهن ۽ سندن ڏ مريد خطاءِ ۾ هوءِ ڪو ته ڏهه ۾ نهايت خوش پيا ٿين
اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ٥ —— مسلم کي گهرجي ته مڪتوبات شريف جي مطالعو ڪرڻ جو
حڪم پاڻ سلطان الاولياءِ امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه مڪتوب ۾ (٣٤) ستٽيهه جلد ٻئي
۾ ڪيو آهي - بعينه عبارت معرب مڪتوبات جي هيءَ آهي - (معرب مڪتوبات ج ١ مطبوعه مصر ص ٢١٨)
وَيَنْبَغِيْ اَيْضًا اِلْتِزَامُ مُطَالَعَةِ الْمَكْتُوْبَاتِ فَاِنَّهَا نَافِعَةٌ ... وَتِلْكَ هٰذِهِ عَلٰى كَثْرَةِ مَقْصِدٍ

سندن ارشاد موجب اڳين بزرگن وٽ هر روز هميشه مڪتوبات شريف جو درس ٿيندو رهندو هو. اهو ڪم پاڻ تي ضروري ڪري ڄاڻندا هوا. مڪتوبات شريف جي تنخواني ۾ گهڻن ولين سڳورن دفتر پڙهيا آهن جي طالبن صادقن کان ڳجها نه هوندا. ——— ڪتاب درالمعارف، جو صاحب تفسير رؤفي پنهنجي مرشد حضرت شاه غلام علي محدث دهلوي قدس سره جي ملفوظات ۾ هڪ عجيب ڪتاب لکيو آهي تنهن مان ڪي ارشاد حضرت شاه صاحب قدس سره جا هت لکجن ٿا محبت وارا دل جي ڪَن سان ٻڌو

(١) سومر جي ڏينهن ٢٣ جمادي الاولىٰ جي حضرت شاه غلام علي قدس سره جي حضور ۾ درس مڪتوبات جو ٿيو پاڻ فرمايائون ته هي معرفتون مڪتوبات شريف جون تمام اچيون آهن عارفن جي سمجهه ۾ عاقلن جي عقل کان وراء الوراء (ٻاهر) آهن تنهن کان پوءِ وري فرمايائون ته مڪتوبات شريف قدسي آيات جي معرفتن جي سمجهڻ جي باري ۾ اسان جو مثال فارس جي ان شخص وانگر آهي جو نسورو جاهل اڻ ڄاڻ هو. وضو ساري قبله شريف کي سامهون ڪلام الله المجيد کولي آڱريون سٽن تي رکي چيائين ته آهي راست گفتي دُرسفتي" يعني اي ذئي منهنجا تو سچ چيو مچ چيو تو موتي پوتا، موتي پوتا. يعني مڪتوبات شريف جي معرفتن بابت بيان ڪن ٿا جي سمجهڻ ۾ ان فارس جي جاهل وانگر آهيون.

(٢) ڇنڇر جي ڏينهن ٢٩ رمضان شريف جي حضرت شاه صاحب قدس سره فرمايو ته مڪتوبات شريف ۾ حضرت خواجه امام رباني "مجدد الف ثاني" قدس سره جن جي معرفتون بيان فرمايون آهن هن اُمت جي ولين مان ڪنهن به بيان نه فرمايون وري فرمايائون ته مقامات ۾ اسان حضور اقدس جي ۾ اختلاف ۽ مڪشوفات ۽ مقامات گڏ ربل اڪابرن جي ۾ انهي ۾ خلاف مثل آهي، جو هن ترڪيب ۾ واقع ٿيو آهي. وَخالف سيبويه الاخفش.

(٣) آڱاري جي ڏينهن ٨ جمادي الاخرىٰ جي ارشاد فرمايائون ته جي مقامات مڪتوبات شريف ۾ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن تحرير فرمايا آهن. ڪنهن به عارف نه لکيا آهن نه مين آسمان ۾ ڪتاب عرفان يزدان جي باره ۾ مثل مڪتوبات شريف حضرت مجدد الف ثاني جي ٻيو ڪونهي.

(٤) درالمعارف جي خاتمي ۾ جو سواءِ قيد تاريخ ۽ مهيني جي آهي. حضرت شاه غلام علي قادري مجددي جو هي ارشاد آهي ته هن اُمت جي ولين جون معرفتون حضرت امام رباني قدس سره جي ڪلام مبارڪ مڪتوبات شريف ۽ رسالن ۾ لکيلون آهن ۽ جي معرفتون خاص ڪين ميون آهن

فائده: اڳين صفحي جي چوٿين سٽ ۾ مولف مڪتوبات جي عبارت معلوم ٿي اصل فارسي عبارت هي آهي "مطالعه مڪتوبات را لازم گيرند ڪه سودمندست ع دادم ترا ز گنج مقصود نشان.

ٻئي ڪنهن کي اهي عطا ٿيون آهن سي ربگو سندن ڪلام مبارڪ ۾ ٿيون ليڪن ٻئي ڪنهن جي ڪلام ۾ موجود نه آهن - پڻ فرمايائون ته هڪ پيري مڪتوبات شريف جو مطالعو ڪري متوجه ٿيس - فوق الفوق کان فيض جاري ٿيو - پڻ فرمايائون ته حضرت مجدد الف ثاني قلم رباني آهي - يعني جيڪي ترقيون پاڻ ڪيون اُتي سي رب جي طرفان آهن - پڻ گهڻين جاين تي فرمايائون ته مڪتوبات شريف کان مطالع ڪندڙ کي اهڙو فيض ٿو پهچي جهڙو مرشد ڪامل کان - انتهيٰ ملخصًا

— هاڻي قلم رباني جي تقريرضروري ڪري ٿي - جناب سيد محمد هاشم صاحب ٺٽوي جل جو جامع مڪتوبات شريف جي خطبي ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کان نقل ٿو فرمائي ته جڏهن پهريون جلد پورو ٿيو ٿي جلد جي گڏ ڪرڻ لاءِ طالبن ڪا نئين اجازت گهري ٿي - پاڻ تواضع سان جواب ڏنائون ته ”اسان فڪر ۾ آهيان ته خبر ناهي ته جيڪي لکان ٿو يا بيان ڪريان ٿو سو درگاه الاهي ۾ پسند ۽ مقبول آهي يا نه“ - ائين فرمائي پوءِ اشاري ۽ بشارت جي لاءِ منتظر رهيا - پوءِ ٻئي ڏينهن تي فرمايائون ته مونکي ڏڻي جي طرف کان معلوم ٿيو ته ”جيڪي تو علم لکيا آهن يا جيڪي ڳالهائين ٿو سي مقبول ۽ پسند ڪيل آهن“ ۽ منهنجي لکيل مڪتوبن ۽ رسالن تي انهن اشارو ڪري ارشاد ڪيو ويو ته ”هي اسانجو چيل ۽ اسانجو بيان آهي“ ۽ ان وقت انهن علمن کي منهنجي نظر هيٺ رکيائون ۽ هڪ هڪ تي اجمالي ۽ تفصيلي نظر ٿي ڪيم خصوصًا اُهي علم جن ۾ مونکي تردد هو ۽ مٿين علمن کي ان حڪم يعني مقبول هوڻ ۽ پسند هوڻ درگاه باري جل و علا جي ۾ داخل ڏٺم -

— معلوم ٿيو ته جو قلم حضور اقدس سلطان الاولياء خواجه امام رباني قدس سره مڪتوبن ۽ رسالن جي لکڻ ۾ هلايو سو سڀ الله جل وعلا وت پسند ٿيل ۽ مقبول هو - پوءِ ڪين انهي سبب چوڻ ۾ ٿو اچي - امام رباني قلم رحماني قدس سره -

— سبحان الله ! جئن حضرت رسول انور صلي الله عليه وسلم جو گفتگو مقبول هوءِ ¹ وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۝ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۝ جو ڏڻي تعاليٰ عم نواله سندن حق ۾ فرمايو - تئن حضرت خواجه امام رباني قلم رحماني قدس سره کي پوري متابعت نبوي صلي الله عليه وسلم جي سبب ڪري تبعيت در انتت نبوي الله تعاليٰ انهي سنت کان نوازيو - ولِلّٰهِ الْحَمْدُ -

— علامه محمد مراد مکي ”نفائس السانحات“ ۾ سندن مدح خواني ڪري پوءِ فرمائي ٿو ته حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي شان لکڻ جي قلمن کي توفيق ناهي جنهن کي

---

¹ سيپاره ۲۷ سورة النجم رڪوع ۱ ترجمو :- ۽ نه ڪا ڳالهائي ٿو نفساڻي خواهش سان - نه آهي اهو مگر وحي جو نازل ڪيو وڃي ٿو -

سندن شان معلوم ڪرڻ جي شوق سندن مڪتوبات شريف جي مطالعي ڪري ڏسي - اي مؤمن،
جي ذوق جي گهٽتائي سبب مڪتوبات شريف نٿو ڏسي سگهين ته ان جا عالي رتبا ۽ پنهنجي نفس
کي ملامت ڪري چؤ ته اهو نور جنهن ساري زمين کي شرق غرب پورو ڪري ڇڏيو آهي ۽ عرب عجم
جي ماڻهن کي روشن ڪيو اٿس - تون نٿو ڏسين ؟

اذا لم تر الهلال فسلم ∴ لاناس رأوه بالابصار [ل]

[ك] وليڪن سگهڻ جي توفيق لاءِ اهو گهٽ ايمان آهي ۽ تون اعتراض ڪرين ٿو جيڪو هن
پنهنجي نفس ۾ تون وغيره ڏسين ته پوءِ پنهنجي نفس کي بدبختي، نااميدي رب جي رحمت
کان پري ٿيڻ ۽ محشر جي ڏينهن خوار ٿيڻ جو حڪم ڏيئي. انشاء الله جَلَّ وَعَلاَ انهي غير کان
کان پناهه ڏئي - انهن ڏانهن ڪن نه ڏي جيڪي جاهل غافل ٿا ڇون ۽ حاسد ٿا بڪن - جيڪو
جو ماڻهو جنهن شيءِ کان ناواقف ٿيندو آهي اهو ان جو منڪر ٿي بيهندو آهي - رب عَزَّ نواله
جو قول آهي "بَلْ كَذَّبُوا بِمَا لَمْ يُحِيطُوا بِعِلْمِهِ وَلَمَّا يَأْتِهِمْ تَأْوِيلُهُ" [ك] ۽ پڻ فرمايو آهي "وَإِذْ لَمْ
يَهْتَدُوا بِهِ فَسَيَقُولُونَ هَٰذَا إِفْكٌ قَدِيمٌ" —— جناب سحبان الهند مولانا مرحوم سيد
غلام علي بلگرامي چشتي پنهنجي "سبحة المرجان" ۾ حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره جي ثنا لفظي
بصفڪي ٿو - وَلَهُ مَكْتُوبَاتٌ فِي ثَلَاثِ مُجَلَّدَاتٍ هِيَ حُجَجٌ قَوَاطِعُ عَلَى تَبَحُّرِهِ وَبَرَاهِينُ سَوَاطِعُ
عَلَى تَبَصُّرِهِ وَسَمِعْتُ أَنْ عَرَّبَهَا بَعْضُ الْعُلَمَاءِ وَلَكِنْ مَا رَأَيْتُ الْمَكْتُوبَاتِ الْمُعَرَّبَةَ. انتهى
حاصل مطلب ته حضور جن جي مڪتوبات شريف جا ٽي جلد فارسي زبان ۾ آهن سندن علمي قابليت تي
قاطع حجتون ۽ علم باطني ۾ مشاهدن دليل آهن ۽ مون ٻڌو آهي ته ڪن عالمن انهن کي عربي زبان ۾
ترجمو ڪيو آهي مگر اهو مون نه ڏٺو آهي - اهـ —— مڪتوبات شريف کي عربي زبان ۾ آئيندي علامه
محمد مراد مڪي آهي پڻ ترڪي ۾ به مڪتوبات شريف جو انتخاب ڪيو اٿن جنهن ته تعريبة السنية ما
معلوم ٿو ٿئي - اردو ۾ به نهايت سليس ترجمه ڪيو اٿن - سالڪم نکوست از بهارش پيداست
[ت] علامه نور الدين محمد بيگ اورنگزيبي قدس سره "عطية الوهاب" ۾ آهي مڪتوب عربي
زبان ۾ لکيا آهن جن ۾ خلق جو اعتراض هو - پڻ ڪنز الهدايت عربي ۾ ڪيو اٿن - عرب جي ٻين گهڻن
بزرگن عالمن به مڪتوبات شريف جو انتخاب عربي ۾ لکيو آهي مگر ساري مڪتوبات عربي ڪڏهن شف

ل ترجمو - جيڪڏهن تو چنڊ کي نه ڏٺو ته پوءِ جن اکين سان چنڊ کي ڏٺو آهي انهن جي ڳالهه تي اعتبار ڪر
ك سيپارو يارهون سورة يونس رڪوع ٤ جي آيت ۾ ڪوري ٿو انهن اشارو آهي ته جنهن ان جي علم کي ڪوڙو ڪيو
ان کي جنهن کي هو پنهنجي علم جي گهيري ۾ نه آڻي سگهيا ۽ نه اڃا آيو انهن وٽ ان جو حقيقت
ك ۽ جڏهن نه انهن هدايت نه پاتي ان جي ذريعي ته چوندا آهي جو هي الله جي پراڻو ڪوڙ آهي - پارو ٢٦ سورة احقاف رڪوع ٢

فقط علامه محمد مراد مکي کي عطا ٿيو -

علامه محمد مراد مکي ”درر مکنونات“ جي حاشيه واري ٻهرين رسالي جي آخر ۾ لکي ٿو ته حضور اقدس خواجه امام رباني قدس الله تعالیٰ سره جي ڪلام مبارڪ ۾ آثارن مان سندن شان عالي معلوم ٿو ٿئي جيئن ته ڪنهن فرمايو آهي -

إِنَّ آثَارَنَا تَدُلُّ عَلَيْنَا ∴ فَانْظُرُوا بَعْدَنَا إِلَى الْآثَارِ [1]

خصوصاً سندن آثارن مان هي آهي ته هر ملڪ ۾ سندن فيض جو نور پکڙجي ويو آهي ڪن مشائخن فرمايو آهي ته حضور اقدس جن وفات کان پوءِ ٻه ڪرامتون ڇڏي ويا آهن هڪ مڪتوبات شريف، ٻيو اولاد امجاد آءٌ ٿو چوان ته ٽئين قائم ٿيندڙ ڪرامت ڇڏي ڏني آهي، اها ڪرامت سندن خليفا آهن جو ته جيئن طريقو حضرت امام رباني قدس سره جي اولاد جي وسيلي سان پکڙيو - تيئن سندن خليفن جي وسيلي سان پکڙيو - اهڙيءَ طرح حضور اقدس جي اولاد جي اولاد ۽ خليفن جي خليفن کان هن ڏي اسان جي زماني تائين هميشه ملڪ ۾ دين پکڙبو رهيو ۽ زياده ٿيندو ٿو وڃي جنکي ڪيترا زمانا گذري ويا آهن - پوءِ سندن اعليٰ شان تي هن کان زياده ڪهڙي شيءِ دلالت ڪري جو سندن حالات ڪنهن بہ شيءِ جان واقف ٿي - بس هن کان وڌيڪ احتياج ناهي - وَلَيْسَ يَصِحُّ فِي الْأَذْهَانِ شَيْءٌ ∴ إِذَا احْتَاجَ النَّهَارُ إِلَى الدَّلِيلِ

مطلب ته جڏهن ڏينهن کي به دليل جي ضرورت هجي ته ذهن ۾ ته ڪا شيءِ صحيح ناهي (ٿيو مختصر) الذي کي سج ايرڻ جا دليل ڏيڻ تنهن مان نتيجو ملي جو سور آهي - عبارت رسالي جي مختصر هي آهي

حَتَّى قَالَ بَعْضُ الْمَشَائِخِ أَنَّ الْإِمَامَ تَرَكَ بَعْدَهُ كَرَامَتَيْنِ الْمَكْتُوبَاتِ وَالْأَوْلَادَ وَقُلْتُ كَأَنَّهُ الثَّالِثُ وَهُوَ الْخُلَفَاءُ الْعِظَامُ الْكِرَامُ فَإِنَّ طَرِيقَتَهُ كَمَا انْتَشَرَتْ بِوَاسِطَةِ الْأَوْلَادِ انْتَشَرَتْ أَيْضًا بِوَاسِطَةِ خُلَفَائِهِ وَكَذَلِكَ أَوْلَادُ أَوْلَادِهِ وَخُلَفَاءُ خُلَفَائِهِ وَهَلُمَّ جَرًّا إِلَى زَمَانِنَا هَذَا الخ [2]

مفتي غلام سرور چشتي قريشي ”خزينة الاصفياء“ ۽ ”حديقة الاولياء“ ۾ پڻ اهو مضمون لکيو آهي ته مڪتوبات ۽ سندن اولاد پاڻ کان پوءِ جهان ۾ ڪرامت ڇڏي ويا آهن -

---

[1] اسان جيون نشانيون اسان تي دلالت ڪنديون هونديون؛ (ترجمو)
اسان کان پوءِ اسان جي نشانين کي ڏسندا ڪريو

[2] الدرر المکنونات النفيسة مرتب المکتوبات الشريفة مطبوعه مڪه ص ١٨ جلد اول -

حضور اقدس امام ربّاني مُجدّدُ الف ثاني قدس سرهٗ جي حليه مبارڪ جو بيان

— حضور اقدس جو حليه مبارڪ، جو حضرت سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جي حليي مبارڪ سان نهايت مشابهت ٿو رکي تنهن جو هت اختصار[1] سان بيان ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻون، جو تڏهن ڪين ٿيو ڇو ته اها به ڪين وڏي ڪرامت عطائي آهي. ـ وَ لِلّٰهِ دَرُّ مَنْ قَالَ اَعْنِيْ حضرت قيوم الزمان مرشدنا شاه صفي الله قدس سرهٗ فی منقبته ـ

روی پاکش در شمائل با نبی — آنچنان بُد کز حسن ؓ ابن علی ؓ
در صدف عالم چو گوهر بود او — اندر این اعراض جوهر بود او
بعد پیغمبر در اقلیم شهود — اینچنین شاهے نیامد در وجود

— سندن حليو مبارڪ طالبن کي ياد ڪرڻ ضروري آهي جنهن مان رابطو حاصل ٿيندو جو طالب لاءِ اڪسير اعظم آهي "سايه رهبر به ست از راه حق".

— صاحب حضرات القدس جو ڪي ٿو ته حضور اقدس جن جو حليو مبارڪ ڪڻڪ وَرنو اڇاڻ ڏانهن مائل، سندن نوراني پيشاني ڪشادي. ڳلن مبارڪن مان ايڏو نور ٿي چمڪيو جو نظر ڪرڻ وقت اکين ته وراڻي ڪياءِ نظر پوڻ مشڪل ٿي. سندن ڀروان ڪشاديون ڪمان وانگر طالبن جي دلين کي شڪار ڪندڙ ڏگهيون، ڪاريون ۽ سنهيون. اکيون سندن ڪشاديون ڪاريون انهن جي تمام ڪاري ۽ اڇاڻ انهن جي تمام اڇي. نڪ سندن ڏگهو ۽ سنهو هو. جيئن ان جو ٽيڙهين جي چنبڻ جاءِ ٿي ڳاڙهاڻ سنهان وات ان وحدت جي پاڪ جو نئين ونه ڏنو. ڏند مبارڪ ان حضرت اقدس جا پاڻ ۾ ميل ۽ بدخشان جي لال وانگر چمڪندڙ هوا. ڏاڙهي مبارڪ سندن گهاٽي ۽ ڏگهي ۽ مربع. سندن ڳلن مبارڪن تي ڏاڙهي مبارڪ جا وار وڌيل نه هوا. قد مبارڪ سندن پورو ۽ نازڪ اندام. سندن ٻانهن مبارڪ تي مک ۽ مڇر نه ويهي. سندن پيرن جي ڪڙي پڻ ڳلن جهڙي سٺي. سندن ترين ساڻي چمڪندڙ. سندن پگهر مبارڪ مشڪ وانگر خوشبودار هئي. سندو صاحبن کي ڏسڻ کان پوءِ تنهنجي نيڪي ٿيندي آهي. سندن حُسن، يوسفي حُسن جي خبر ٿي ڏيئي ۽ سندن وجاهت، وجاهت خليل الرحمٰن جي. جنهن به ڪين ڏٺو ٿي بي اختيار "مَا هٰذَا بَشَرًا اِنْ هٰذَا اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ۝"[2] جو ڪلمو زبان تي آندو.

---

[1] اختصار بود جو آهي. [2] اشاره سيپاري ١٢ سورة يوسف، رڪوع ٤ جي آيت ڏانهن آهي. يعني مصر جي زالن جڏهن حضرت يوسف کي حسن ۾ ڏٺو ته ناڻون ته ڪشش رهجي ويون، ۽ ٻين جهاڻ ۾ وڃي ويو الوتي (باقي صراحت)

۽ ”سُبحانَ اللهِ هٰذا وَلِيُّ اللهِ“ جو جملو ٿي چيو ”اذا رُؤوا ذُکِرَ الله“ گويا سندن شان ۾ وارد ٿي آهي باوجود ڪفر جي غلبي ۽ اسلام جي ضعف جي، ڪيئي ڪافر رڳو سندن زيارت کان مشرف ٿي مسلمان ٿيا ۽ ڪيترا فاسق فاجر سندن حضور ۾ حاضر ٿيڻ شرط توبه کان مشرف ٿي وليّن ڪاملن ۾ داخل ٿيا - ڪيترا ڪين خواب ۾ سندن صورت مبارڪ جي ديدار کان مشرف ٿي رابطي کان شرف لهي سندن خدمت ۾ ٿي آيا - جا صورت مبارڪ خواب ۾ ٿي ڏٺائون سا سڃاڻي ٿي لڌائون - گهڻن تہ سندن زيارت وقت خواب ۾ ذڪر حاصل ڪندا هوا - ڪي ارادو مريدي جو ڪري حضور ۾ حاضر ٿيڻ شرط سندن ديدار تو سڻ سان پنهنجي قلب کي ذاڪر ڏسندا هوا - ٻئي جاءِ تي صاحب حضرات القدس جو سيّد جان محمد تاجر نخشي کان روايت نوڪري تہ آئون تمام گهڻو حضور اقدس امام رباني مجدّد الف ثاني رضي الله عنه جي خدمت ۾ رهيو آهيان - جڏهن بہ سندن صورت مبارڪ ڏانهن ڏسندو هوس تہ ڏهن موڪي سندن پيشاني ۾ گلن مبارڪن تي اسم الله جو چٽو نڪيل نظر ايندو هو - انتهيٰ ملخصاً

ـه حضرت جامي رموز خفي ساعي اخفاءِ دقائق مخفي جناب محمد اصطفا صاحب لکهنوي سلمه الله القوي، حضور ۾ ڪهڙو نہ چڱو عرض ڪيو آهي -

تیرے در پر پڑا آکر مجدد تیرا دیوانہ   دکھا دو پیاری صورت زلف بکھرے چشم مستانہ
رخ روشن دکھائیں خواب میں بھی مجھکو گر حضرت   جمال شمع روئے پاک کا ہو جاؤں دیوانہ
خمار آیا مجھے ساقی کرم کی ہو نظر مجھ پر   چھلکتا جام، دیکر پھر بنا دے مجھکو مستانہ
غلاموں میں مجھے اپنے تصور کیجئے مولیٰ   خدا کے واسطے سمجھیں نہ ہرگز مجھکو بیگانہ
چنا کرتا ہوں نکلے دن کو تارے شب کو گنتا ہوں   دکھا کر چاند سی صورت بنایا مجھکو دیوانہ
میرے مولیٰ میرے آقا مجدد شیخ احمد ہیں   مجھے کیا ڈر چلا جاؤں گا محشر میں دلیرانہ
تیرے روضہ پہ حاضر ہیں تیرے مطلوب کے طالب   نگاہ لطف ہو سب پر ملے دیدار جانانہ
نہ جائے کوئی بھی محروم ساقی تیری محفل سے   جو میخانہ سے اٹھے ہو سراپا مست دیوانہ
ملا گو گرد احمر کی طرح مرشد مجھے کامل   زبان خلق کی جیسا سنا کرتے تھے افسانہ
نہ ہو سرہند کیونکر رشک گلزار جناں ہمدم   میرے آقا مجدد شیخ احمد کا ہے کاشانہ
بنا دو اصطفا کو اصطفا اس رشک یوسف کا   کہ ہے دونوں جہاں جسکے خریداری کا بیعانہ

ـه مڪتوبات شريف مان راقم الحروف به مڪتوب شريف تبرڪاً هت انا ري پيش ڪري ٿو ۽ ڪ باگ

(اڳين صفحي تان آندل) ۽ چوڻ لڳو تہ پاڪ آهي خدا، هي آدمي نہ آهي هي ملائڪ سڳورو - ١٢

جي اسرارن ۾ جو عربي زبان ۾ آهي - ٻيو نماز جي مدح ۾ جو فارسيءَ ۾ آهي -

بانگ جي اسرارن ۾ مڪتوب ٻي سوئي جلد ۲

حمد ۽ صلوٰة کان بعد ڄاڻڻ گهرجي ته بانگ جا ڪلمات ستا آهن (حذف مڪررات) اَللّٰهُ اَكْبَرُ :- يعني الله جَلَّ وَعَلا ڪنهن عابد جي عبادت جي ڪا حاجت ناهي - انهي مبهم معنيٰ جي لاءِ هي جملو (اَللّٰهُ اَكْبَرُ) چار ڀيرا ورايو ويو آهي اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ :- يعني آءٌ شاهدي ٿو ڏيان ته باوجود ٿيڻ جي ڪبريائي ۽ عبادت کان بي پرواهه هجڻ جي عبادت جو حقدار برابر هو ئي حق سبحانه وتعالىٰ آهي - اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ :- يعني آءٌ شاهدي ٿو ڏيان ته آنحضرت صلى الله عليه وسلم الله تعالىٰ جو رسول ۽ انهي طرف کان عبادت جي وات پهچائڻ وارو آهي - ۽ حق تعالىٰ جي پاڪ درگاهه جي لائق جيڪا عبادت آهي سا آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي تبليغ جي جهت کان حاصل ٿيل هجي - حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ :- هي ٻئي جملا اُهي آهن جن جي وسيلي نمازيءَ کي فرض نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ سڏيو ٿو وڃي - اَللّٰهُ اَكْبَرُ :- يعني ڪنهن ٻي به عبادت ان پاڪ درگاهه جي لائق نه آهي - لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ٥ يعني اهو ئي حق تعالىٰ عبادت جو مستحق آهي - اگرچه ڪنهن کان به ان درگاهه پاڪ جي لائق عبادت ٿي نه ٿي سگهي - نماز جي شان جي بزرگي هن جملن جي بزرگي مان جي نماز جي اظهار لاءِ نهايت آهن سمجهڻ گهرجي - سالي ڪه نڪوست از بهارش پيداست :- اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ الْمُفْلِحِيْنَ بِحُرْمَةِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمُ الصَّلَوَاتُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ - اي الله جَلَّ وَعَلا تون مونکي سَيِّدُ الْمُرْسَلِيْنَ صلى الله عليه وسلم جي مهابي فلاح حاصل ڪندڙ نمازين مان ڪري ڇڏ -

نماز جي باري ۾ مڪتوب ٽي سوچار جلد اول

خداءِ توکي سعادت مند ڪري :- حمد ۽ صلوٰة کان بعد واضح هجي ته مُدت کان هن ڳالهه جو تردد هو ته انهن عملن صالحن مان جن جي ڪرڻ تي اڪثر قرآن شريف جي آيتن ۾ حق سبحانه وتعالىٰ بهشت ۾ داخل ٿيڻ موقوف رکيو آهي ڇا اهي عمل صالح سڀئي آهن يا ڪي بعض عمل جي سڀني عمل صالح مراد آهن ته ٿي سگهي ٿو ته تمام مشڪل آهي جو ته سڀني عملن صالحن جي بجاءِ آڻڻ جي توفيق ڪنهن ٿورن کي شايد حاصل ٿئي ته ٿيو باقي آهي مشڪل ، جيڪڏهن مراد بعض عملن جي ٿين سي به نامعلوم آهن ، انهي مقرري جي ڪنهن کي معلوم ناهي - آخر خاص الله تعالىٰ جي فضل سان دل ۾ آيو ته عملن صالحن مان مراد شايد اسلام جا پنج رڪن آهن ، جن تي اسلام جو بنياد آهي - جي اسلام جا هي پنج اصول (ڪلمون ، نماز ، روزو ، حج ، زڪوٰة) ڪامل طور ادا ٿين ته اميد آهي ته نجات ۽ فلاح يعني ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو - جو ته هي

فِيْ حَدِّ ذَاتِهَا عمل صالح آهن ۽ سمورن بُرايُن ۽ منڪرات کان روڪيندڙ آهن ”اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ“ ط (تحقيق نماز سمورين بي حيائي ۽ برين ڪمن کان روڪي ٿي) جي آيت انهي مطلب تي شاهد آهي ۽ جڏهن اسلام جي انهن پنجن رڪنن جو بجاءِ آڻڻ ميسر ٿيو ته هن امت آهي ته شڪر به ادا ٿي ويو ۽ جڏهن شڪر ادا ٿيو ته هن گويا عذاب کان بچاءُ ڪيو، ڇو ته ”مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ“ ط (جڏهن توهان اهو شڪر ادا ڪيو ۽ ايمان آندو ته پوءِ الله تعالى توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪندو) يعني نه ڪندو، پوءِ انهن پنجن رڪنن جي بجاءِ آڻڻ ۾ دل وجان سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي، خصوصاً نماز جي ڏاڍو ڪري بجا آڻڻ دين جو ٿنڀ آهي. حتى المقدور نماز جي مستحبات مان ڪنهن به مستحب جي ڇڏڻ تي راضي ٿيڻ نه گهرجي. جي نماز کي ڪامل طور ڪنهن ادا ڪيو گويا اسلام جو اصل عظيم ان حاصل ڪيو ۽ جو ڪا ري لاءِ جبل مٿيان يعني مضبوط رهي انکي ملي ٿي وَاللّٰهُ سُبْحَانَهٗ الموفق. الله تعالى توفيق ڏيڻ وارو آهي.

— ڄاڻڻ گهرجي ته نماز ۾ تڪبير پڙهڻ مان هن ڳالهه ڏي اشارو آهي ته حق تعالى عابد جي عبادت ۽ نمازين جي نماز کان بي پرواهه ۽ برتر آهي ۽ اهي تڪبيرون جي رڪنن کان پوءِ آهن، اهي هن ڳالهه تي انهن اشارو آهن ته اهي رڪن جو ادا ٿيو حق تعالى جي پاڪ در گاهه جي عبادت جي لائق نه آهي رڪوع جي تسبيح ”سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ“ ۾ جڏهن ته تڪبير جي معنى لحاظ ۾ آيل آهي. انهي ڪري بعد رڪوع جي تڪبير جو حڪم نه فرمايائون بلڪ ”سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ“ چوڻ ۾ آيو آهي برخلاف ٻن سجدن جي اگرچ انهن ۾ به تسبيحون آهن رڪوع وانگر تڏهن هوندي به اول آخر سجدي جي تڪبير جو امر ٿيل آهي. سو هن لاءِ ته ڪنهن کي هي وهم نه ٿئي ته سجدن ۾ نهايت عاجزي ۽ هيٺائي ۽ نهايت ذلت ۽ انڪسار آهي تنهن ڪري حق عبادت جو ٿي چڪو. انهي وهم تارڻ لاءِ سجدن جي تسبيح ۾ لفظ اعلى (سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى) چوڻ جو حڪم ٿيو ۽ تڪبير جو به ڏيري ڏيري اول ۽ آخر سجدي ۾ چوڻ سنت ٿيو ۽ جڏهن ته نماز مؤمن جو معراج آهي انهي ڪري نماز جي پڇاڙي ۾ انهن جملن جي پڙهڻ جو حڪم فرمايو ويو جن جملن کان آنحضرت صلى الله عليه وسلم معراج رات مشرف ٿيو. يعني ”اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبٰتُ“ حضور انور صلى الله عليه وسلم فرمايو. پوءِ الله تعالى ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ“ فرمايو. ٻيهر حضرت رسول پاڪ فرمايو ”اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ“

لِه پارو ۲۱ سورة عنڪبوت رڪوع ۵ جي آيت ۴۵ ڏانهن اشارو آهي. ۲ پارو ۵ سورة نساء رڪوع ۲۱ جي آيت ڏانهن اشارو آهي پڇاڙي آيت جي هي آهي ”وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا“ يعني خدا قدر دان جاڻندڙ آهي.

پوءِ جبريل فرمايو اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط =
(تشييد المباني في تخريج مكاتيب امام رباني) پوءِ نماز کي گهرجي ته نماز کي پنهنجو معراج بڻائي ۽ نماز ۾ نهايت قرب حاصل ڪري - حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي اقرب ما يكون العبد من الرب في الصلوٰة سڀ کان زياده قرب، جو بانهي کي الله تعاليٰ سان حاصل ٿو ٿئي - اهو قرب نماز ۾ ٿو ٿئي - ۽ نمازي جڏهن ته الله تعاليٰ جي درگاه ۾ مناجات ٿو ڪري ۽ نماز جي ادا ڪرڻ وقت حق تعاليٰ جي وڏائي ۽ جلاليت جو مشاهدو ٿو ڪري تڏهن حق تعاليٰ جو رعب ۽ هيبت ان تي ظاهر ٿي ٿئي - انهي ڪري ان نمازي جي تسلي لاءِ نماز کي ٻن سلامن تي ختم ڪرڻ جو شارع امر فرمايو ۽ هي جو حديث نبوي علي صاحبها الصلوٰة والتحية جو حڪم آهي ته هر فرض کان بعد ستيتيهه دفعا سُبْحَانَ اللّٰهِ، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ، اَللّٰهُ اَكْبَرُ پڙهڻ گهرجي فقير (حضرت امام رباني مجدد الف ثاني) جي علم ۾ هن جو هي راز آهي ته نماز جي ادا ڪرڻ ۾ جو قصور ۽ ڪوتاهي واقع ٿي آهي انهي تلافي تسبيح ۽ تڪبير سان ڪئي وڃي ۽ پنهنجي عبادت جي ناتمام، ان لائق نه هئڻ جو اقرار ڪيو وڃي ۽ جڏهن حق تعاليٰ جي توفيق سان ڪنهن کان به عبادت جو ادا ڪرڻ ميسر ٿئي - تڏهن انکي انهي نعمت جو حمد ۽ شڪر بجاءِ آڻڻ گهرجي ۽ حق تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به عبادت جو مستحق نه بنائڻ گهرجي - جڏهن شرطن ۽ ادبن سان ڪنهن کان نماز ادائي وڃي پوءِ ته دل ساڻ مٿين ڪلمن پاڪن سان تقصير ۽ ڪوتاهي جي تلافي ڪجي ۽ حق تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن غير کي مستحق عبادت جو نه ڄاڻيو وڃي تڏهن اميد آهي ته اها نماز حق تعاليٰ جي نزديڪ قبوليت جي لائق ٿيندي ۽ اهو نمازي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو - اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ الْمُفْلِحِيْنَ بِحُرْمَةِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلٰى اٰلِهِ الصَّلَوٰاتُ وَالتَّسْلِيْمَاتُ

هن مڪتوب شريف کان بعد نماز جي اسرار ۽ مبتدين ۽ عامي ۽ منتهي جي نماز اندر فرق جي ذڪر ۾ هڪ عجيب مڪتوب آهي، شائق ان تي ملاحظو ڪن -

٢٦٦ مڪتوب ٻه سو ڇاهٺ جلد اول ۾ عجيب عجيب عقيدا بيان فرمايا اٿن - جنهن ۾ نماز وضو جي فضيلت ۽ راڳ ۽ سرود ۽ نچڻ ۽ سماع کان به سخت منع فرمائي اٿن - ارادو اٿم ته اهو مڪتوب شريف ۽ ٻيو "مريدن کي شيخ جا ڪهڙا ادب گهرجن" - اهي ٻئي مڪتوب انشاء الله تعاليٰ جي حياتي ۽ فاڪيم ته سنڌي ۾ ترجمون ڪندس - ڏني تعاليٰ شال منهنجون اميدون ديني دنيوي پوريون ڪري فرمائيندو - يَرْحَمُ اللّٰهُ عَبْدًا قَالَ آمِيْنًا

حضور انور مجدد منور الف ثاني رضي الله عنه جي عبادات ۽ عادات ۽ بعض عقيدن سڳورن جو بالڪل مختصر بيان

وقتش همه صرف در عبادت هر عادت اوست خرق عادت

حضور انور قيوم رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي سمورن حالات خاص الخاص عبادات ۽ ڪرامات ۾ داخل آهي. حضور انور جي هر عادت خرق عادت آهي. هت اسين ان بحث جي فصل ڇيڙڻ ۽ ستين تان ڌڪ ري نڪان ٿا. جيڪڏهن ٻئي ڪتاب تان ڪجهه لکڻ ۾ ته ابو جو الوڏيندس.

سنت محمدي صلي الله عليه وسلم جو عشق

حضور جن جي عادت ۽ خلق سڀ سنت محمدي صلي الله عليه وسلم جي تابع هئي. جيئن ته پاڻ گهڻو ڪري فرمائيندا هئا ته منهنجو عمل ۽ منهنجو ڪم ڪرڻ به ڪم جو ناهي. جيڪي به مونکي حق سبحانه وتعالى عطا ڪيو آهي خاص سندس فضل ۽ ڪرم آهي. جناب حضرت سيد الاولين والآخرين صلي الله عليه وسلم جو اتباع ڪرڻ جو بهانو آهي. پاڻ جناب رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي سنت تي قائم رهڻ جي بالڪل گهڻي کان گهڻي ڪوشش ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته اهو سڀ ڪجهه اتباع سبب عطا ڪيو اٿن ۽ جيڪي عطا نه ڪيو اٿن ان جو سبب اهو آهي ته بمقتضائي بشريت، مونکان اتباع سنت محمدي علي صاحبها الصلواة والتحية ۾ ڪو قصور ۽ ڪوتاهي واقع ٿي هوندي يا ٿئي ٿي. جيئن ته هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته پاڻ ٿي فرمايائون ته مون ويس ٻولي ۾ پاڻ اندر ۾ وجهڻ وقت اول سڄو پير اندر رکيو جو ترڪ سنت نبوي آهي، انهيءَ ڏينهن ڪيترا باطني احوال مون تي رد ڪيا ويا —— حضور جن جي نهن مبارڪن تي اگرچه مس جو بالڪل ٿورو نشان هوندو هو ته به انهن جي صفائي ڪرائيندا هئا ڪالنساءِ مس جي نشان سان پاڻي ۾ وجهڻ ترڪ ادب ڄاڻندا هئا. جيئن ته هڪ مثال مٿي گذري آيو.

مستحب جي محبت

هڪ ڏينهن حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن مولانا محمد صالح ملتاني (صاحب روضه جي ڪيس جيلاني ڪيو آهي ۽ سلسلي ۾ خليفو آهي) کي فرمايو ته ٿيلهي مان ٻه ٽي لونگ ڪڍي اچ. حڪم موجب ويو ۽ ڇهه لونگ ڪڍي آيو. حضور جن مٿس گهڻو رنج ٿيا ۽ فرمايائون حديث شريف "ان الله وتر يحب الوتر"[1] تي اڪي جي بجاءِ عمل ڪيئن ڪيو. اگرچه اڪي جي رعايت مستحب آهي معلوم ناهي ته خلق مستحب کي الائي ڇا ڪري سمجهيو آهي. مستحب الله تعالى جي پسند ڪيل شيءِ کي چئبو آهي. اسين مستحب جي اهڙي رعايت ٿا ڪيان جو ضروري وقت منهن ڏئي ڪوشش تو ڪريان

[1] هي حديث شريف سنن الڪبري بيهقي باب الوتر ۾ آهي.

ته اوّل سڀي ڳالهين پاڻي پوي جو ته تَيَمُّنُ بِهٖ مستحب آهي.

حضور جن جي ڪمال پرهيزگاري

هڪ ڀيري حضور انور منور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن نفلي روزن رکڻ تي بالڪل گهٽ توجه فرمائي حالانڪ پاڻ تازو بيماريءَ مان اُٿيا هوا ۽ بدن مبارڪ ۾ ضعيف هوا، اهڙي حيثيت ۾ روزو رکڻ بالڪل ڏکيو هو. جڏهن حضور انور کان پڇيو ويو ته حضرت تاهي ڪهڙا روزا تا رکو. فرمايائون ته رمضان شريف جي انهن روزن مبارڪن جي قضا احتياطي طور رکان ٿو جن ۾ استنجا ڪرڻ جو اتفاق ٿيو هو. پوءِ پنهنجي والد شريف حضرت مخدوم قدس سره جو بيان ڪرڻ لڳا ته حتي الامڪان رمضان جي روزي ۾ استنجا نه ڪندا هوا جي لاچار ڪيئن استنجا جي ضرورت پوندي هئي ته ان روزي جي قضا ڪندا هوا. سبحان الله! نعم السلف نعم الخلف.

پدر را نور و پسر را نور است مشهور ازينجا فهم کن نُورٌ عَلٰى نُورٍ

منقول آهي ته هڪ ڏينهن حضور جن رضي الله عنه پلنگ تي ٽيڪ ڏيئون ويٺا هوا ۽ اوچتو هڪ ڀيري هيٺ لهي بيٺا. فرمايائون ته معلوم ٿو ٿئي ته پلنگ جي هيٺان ڪو ڪاغذ پيل آهي[1] اگرچه هي ڪين معلوم نه ٿيو هو ته ان تي ڇا لکيل آهي ۽ ڪنهن رکيو آهي مگر پاڻ ايتري جاچ تائين دير ڪرڻ به ادب جو ترڪ ڄاتائون.

قرآن شريف جو ادب

سلسله ۽ روضه[2] ۾ آهي ته هڪ ڀيري سندن حضور ۾ حافظ سڳوري قرآن شريف تي پڙهيو. پاڻ خيال فرمايائون ته منهنجي هيٺان وڇائون وغيره زياده آهي ۽ هن ڪلام مجيد پڙهڻ واري جي هيٺان گهٽ آهي. ان خيال اچڻ شرط جهٽ پٽ پنهنجي هيٺان پيل وڇائون ورتي ڇڏيائون. اه

رياضت: هڪ امير ماڻهون کي حضور اقدس رضي الله عنه جي احوال ۾ تردد رهندو هو. هڪ ڀيري وقت جي هڪ وڏي قاضي اهل فضل، صاحب علم ۽ عمل کان پڇڻ لڳو ته حضور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن جي اوهان جي پاڙي ۾ آهن، سندن حالات کان مونکي واقف ڪيو. قاضي صاحب فرمائڻ لڳو ته ”هن جماعت (اولياء ڪرام) جي حالات اسان کان معلوم ٿيڻ مشڪل آهي مگر ايتري قدر چوان ٿو ته مونکي سندن عادات ۽ اطوار ڏسڻ سان لڳو ٿو ته اوليائن سڳورن جي رياضتن ۽ مجاهدن ڪرڻ تي يقين ٿو ٿئي جو ته ڪتابن ۾ اوليائن جي رياضتن ۽ مجاهدن کي ڏسڻ وقت خيال ٿيندو موهوم ته هي ڳالهين جي مريدن اجايو وڌاءُ ڪيو آهي. پر جڏهن مون هن

---

[1] السلسلة الذهبيه في احوال اکابر نقشبنديه المجدديه مطبع مجتبائي ص ٩٩
[2] روضة القيوميه رکن اول مترجم اردو مطبوعه لاهور ص ٢٢٥

(مڪتوب الف ثاني) جي حالات اکين سان ڏٺي تہ تهن مونکي يقين ٿيو تہ اهي ڪتاب لکندڙ محقق ٿي هوندا بلڪ ايتري قدر، تہ جوان تہ انهن اڳوڻن وليّن سڳورن قدس الله تعالیٰ اسرارهم جي حالات پوري نہ ڪئي اٿئون"۔ بي شڪ حق بہ ائين آهي جئن انهيءَ قاضي سڳوري فرمايو، جو تہ ڪنهن کي طاقت آهي جو ولين سڳورن جي سموري حالات لکي سگهي - واقعي اهو مشهور عالم صحيح علم ۽ ادب جو هو -جزاه الله عنا خير الجزاء

—حضور انور جي خدمت ۾ هڪ سعادت مند جنهن جي حوالي وضوء جو پاڻي پهچائڻ وغيره هوندو هو سان ڪان روايت آهي تہ آئون حضور جن کي ڪنهن وقت عبادت کان فارغ نہ ڏسندو هوس البت ڏينهن جو قيلولي جو وقت (ٻيپهرن جو آرام جو سنت نبوي آهي) ۽ ڪجهہ حصو رات جو آرام ڪندا هوا ياد رهي تہ سڄي رات جاڳڻ بدعت آهي - پاڻ پنهنجن طالبن کي بہ هميشہ ذڪر ۽ مراقبي جي ترغيب ڏيار يندا هوا ۽ فرمائيندا هوا تہ دنيا عمل ڪرڻ جي جاءِ ۽ آخرت جي پوک جو مقام آهي - انهيءَ واسطي ٻنهي حضور ۽ باطن کي ظاهري عملن ۽ ادبن جي رعايت سان محڪم ڪندا رهو-

حضراتن نقشبندن سڳورن جو سڀ عمل سنت جي موافق آهي

ڪن ماڻهن حضرات خواجگان نقشبنديہ جي ڪتابن مان ائين سمجهيو آهي تہ عمل تي پوري ڪرڻ جو ارشاد ڪيو اٿن حالانڪ ائين سمجهڻ پوري ناهي خواجگان نقشبنديہ جو طريقو حضرت رسول الله صلی الله عليہ وسلم جي پيروي سان بالڪل مطابق ۽ موافق آهي حضرت رسول مقبول صلی الله عليہ وسلم جو مقام محبوبيت ۽ علو منزلت حاصل هئڻ جي باوجود هي حال هو جو سندن قدم مبارڪ عبادت جي گهڻائي سبب سُڄي پوندا هوا - باقي ايتري قدر ضروري آهي تہ خواجگان جي طريقي جي شروعات ۽ درميان ۾ جڏهن سڪر ۽ جذبات گهڻو تحقق ٿو ٿئي تہ تهن سُڪر[1] ۽ استغراق[2] سان عمل سبب تور ورڪ ٿو ٿيو - انهيءَ ڪري انهن اصولن ۾ فرضن، واجبن ۽ مؤڪد سنتن تي اڪتفا ڪئي اٿن، ههڙن ضعفن سببان گالهين جي باوجود عزيمت جي رعايت کي هر حال ۾ ضروري سمجهيو اٿن - هي سندن فضل و ڏڏنريا جي قسمن مان آهي - خصوصاً جذبات ۽ غلبات جي حالت ۾ - پر جڏهن تلوينات[3] جي درجن کي طي ڪري تمڪين[4] جي درجي تي پهچن تہ تهن لاءِ بہ طرح انهن کان عبادت جي گهڻائي ظهور ۾ ٿي اچي ۽ ترقيات عاليہ تائين پهچي

حضور جن جي علم فقه سان محبت

اگرچہ حضور جن کي فقهي مسئلن جو پورو پورو حافظو هو ۽ ڪين اصول فقہ ۾ پڻ گهڻو مهارت رکندا هوا، پر پرهيزگاري جي ڪمال سبب اڪثر فقهي مسئلا فقہ جي معتبر ڪتابن مان تلاش ڪندا هوا ۽ انهيءَ ڪري سفر خواہ حضر ۾ اهي ڪتاب ساڻ هوندا هئا هميشہ مفتیٰ بہ قول کي اختيار ڪندا هوا - جيڪڏهن جواز ۽ عدم جواز حرمت جي باري ۾ فقيهن جي درميان

[1] سُڪر: لغت ۾ مستي، صوفين جي اصطلاح ۾ محبت الاهي جي ڪري بي هوشي جي حالت پيدا ٿيڻ کي چئبو آهي - [2] استغراق: - لغت ۾ محو ٿي وڃڻ کي چئبو آهي صوفين جي اصطلاح ۾ ذڪر ۽ محبت الاهي ۾ محو ٿيڻ کي چئبو آهي [3] تلوينات: - جمع تلوين جو آهي تلوين لغت ۾ رنگا رنگ ٿيڻ (رنگ ۾ رهڻ)

تعارض ۽ اختلاف ٿيندو هو ته پاڻ عدم جواز ۽ حرمت جي طرف کي ترجيح ڏيندا هوا ۽ جيتري قدر ممڪن
ٿي سگهندو هو ته فقيهن جي قولن جي درميان جمع ۽ تطبيق کي عمل ۾ آڻيندا هوا ۽ جن مسئلن ۾
حضرت امام اعظم رضي الله عنه ۽ صاحبين رضي الله عنهما جو اختلاف آهي پوءِ اگرچه فتويٰ صاحبين
جي قول تي به هجي ته اهڙن پڪن ڪمن کان احتراماً حضرت امام اعظم جي فرموديءَ تي عمل ڪندا
هوا - جئن ته قبرن جي زيارت وقت قرآن شريف پڙهڻ حضرت امام اعظم رضي الله عنه جي نزديڪ مڪروهه
۽ حضرات صاحبين وٽ جائز آهي - انهيءَ سبب ڪري پاڻ گهڻو ڪري قبرن تي قرآن مجيد پڙهندا هوا ۽ ڪڏهن
حضرت امام اعظم جي مذهب جي رعايت ڪري قرآن شريف نه به پڙهندا هوا، رڳو دعا تي اڪتفا ڪندا هوا

امامت هميشه پاڻ ڪرائيندا هوا

امامت گهڻو ڪري هميشه حضور جن پاڻ ڪرائيندا هوا - خواجه محمد هاشم
قدس سره (صاحب زبدة) جي دل ۾ خطرو پيو ته حضور جن جي هميشه امامت
ڪرائڻ ۾ ڪو سبب ضرور هوندو - انهيءَ خطري مان حضور اقدس ۾ حاضر ٿيو - پاڻ ڪجهه ذڪر جمع
بين المذاهب جي متعلق ڪري فرمايائون ته شافعي ۽ مالڪي مذهب ۾ فاتحه (اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ) سورة پڙهڻ کان سواءِ
نماز درست نه ٿي ٿئي ۽ صحيح حديثون به انهيءَ ڳالهه تي دلالت ڪن ٿيون - انهيءَ ڪري انهن مذهبن
وارا امام جي پٺيان به فاتحه پڙهن ٿا ۽ جڏهن ته حضرت امام اعظم جي نزديڪ امام جي قرأت خود جماعتي
جي قرأت آهي تنهن ڪري حنفي مذهب ۾ امام جي پٺيان فاتحه پڙهڻ جي ضرورت ناهي - هن ڳالهه تي متاخر حنفي
فقيهن جو اتفاق آهي اگرچه ڪن فقيهن فاتحه پڙهڻ جي اجازت به ڏني آهي پر اهي روايتون مرجوحه ۽
غير مفتيٰ بها آهن - جڏهن ته آئون حتي الامڪان انهيءَ طرح ڪوشش ڪندو آهيان جئن هن ۾ مڙني
مذهبن جي موافقت ٿئي، ان ڪري اها صورت هن ۾ نظر آيم ته آئون امامت ڪرايان."

غرض ته حضور جن جو عمل خواه سياري جي خواه اونهاري، خواه سفر جي خواه حضر جي هن هيءَ حالت ۾
هن طرح هو ته گهڻو ڪري اڪثر راتيون ڪڏهن پوئين رات مسنونه دعائون پڙهندا هوا ۽ ڪمال احتياط سان
وضو ڪندا هوا ۽ مستحبن جي ايتري قدر رعايت ڪندا هوا جو ان کان زياده رعايت ٿيڻ ممڪن ناهي. اهو به
ته وضو پاڻ ڪندا هوا - ٻيو ڪنهن وضو نه ڪرائيندو هو -

حضور جن جي وضو ڪرڻ جي طريقو

قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هوا ۽ پيرن مبارڪن ڌوئڻ وقت ڏکڻ اتر جي طرف متوجه
هوا ۽ هر هڪ نماز جي وقت وضو ڪرڻ مهل ڏندڻ ضرور ڏيندا هوا ۽ هر وقت نئين تازو
٩٠ وضو ڪندا هوا - بعضي ته هڪ وضوءَ سان ڪيتريون نمازون پڙهندا هوا - ڪذا في السلسلة (ص)
وضوءَ جي عضون کي ٽي دفعا ڌوئيندا هوا ۽ سڀ ڪنهن پيري ٽن عضون تان پاڻي انهيءَ طرح ٽمي

ڇڏيندا هئا جو تيئن ٿمڻ جو احتمال نه رهندو هو جو ته ٿمندڙ پاڻي جي ٻارن ۾ نجاست پيل،
۽ طهارت نه رهي، هن جو فقيهن ۾ اختلاف آهي اگرچه فتوى طهارت تي آهي - پر پاڻ احوط تي
عمل ڪندا هئا ۽ هر عضوي ڌوئڻ مهل اشهد ڪلمون ۽ ماثور دعائون پڙهندا هئا - جي تكملة
مشكوٰة شريف وغيره ڪتابن، حديث، فقه ۽ ڪتاب عوارف المعارف ۾ منقول آهن -
ــ وضو جي ادا ڪرڻ بعد چشم حق بين جي ڪنڊ آسمان ڏانهن متوجه ڪري دعائون مسنونه پڙهندا هئا

تهجد نماز ۽ ٻي عبادت

تمام گهڻي حضور ۽ طمانيت سان نماز تهجد اهڙي قدر وڏي قراءت سان
پڙهندا هئا جو ٻين تائين ڪانسواءِ ادا ڪرڻ بالكل مشڪل آهي جيئن حضرت
خليفة الله خواجه محمد زبير رضي الله عنه کان روضه[1] ۾ روايت آهي ته حضور انور مجدد
الف ثاني رضي الله عنه جن تهجد ۾ سڄو پيو سورة يٰس پڙهندا هئا - اهو ــ نماز تهجد
خواه اشراق ۽ نمازن وال ۾ سورة يٰس گهڻي قدر پڙهندا هئا جو ڪجهي انهن نمازن
۾ اسٺ، اسٺي پيو سورة يٰس مبارڪ پڙهي اٿن - هي سڀ ذڪر ابتدا جو آهي - آخر عمر ۾
حضور جن تهجد ڪانسواءِ ٻين نفلن ۾ قرآن شريف جو ختمو پڙهڻ فرمائيندا هئا

خود قوي تر مي شود خمر ڪهن — خاصه آن خمر ڪه باشد من لدن

ــ نماز تهجد کان پوءِ مراقبو ڪندا هئا ۽ ڍري صبح صادق ٿيڻ تائين مسنون طرح
تورڙي دير آرام ڪندا هئا جيئن ته تهجد ٻن ننڊن جي وچ ۾ ٿئي -

فجر نماز ۽ اشراق: ــ صبح صادق ٿيڻ شرط تازو وضو ساري فجر جي نماز ۾ مشغول ٿيندا
هئا فجر جي سنت حويلي مبارڪ ۾ پڙهي پوءِ ٻاهر نڪرندا هئا ۽ سنت ۽ فرض جي درمياني
وقت ۾ تسبيح ۽ تهليل آهستي آهستي پڙهندا رهندا هئا سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهِ سُبْحَانَ
اللهِ الْعَظِيْمِ - انهي طرح پڙهڻ فرمائيندا هئا - فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ اشراق تائين مريدن
سان حلقو ڪري مراقبو ڪرڻ فرمائيندا هئا - سج اڀرڻ بعد ٻه ٻه يعني ڪل چار رڪعتون
اشراق جي نماز پڙهندا هئا - پوءِ تسبيحون، ماثوره دعائون جي انهي وقت جي لاءِ حديثن
۾ وارد ٿيون آهن پڙهندا هئا - پوءِ حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائي اهل عيال ڏانهن
متوجه ٿيندا هئا ۽ خانگي امورن ۾ مشغول ٿيندا هئا - تنهن کان پوءِ خلوت ۾ ويهي قرآن شريف
جي تلاوت ڪندا هئا - تلاوت کان پوءِ طالبن جي حالات دريافت ڪندا هئا ۽ انهن کي گهرائي ڪانئن

---

[1] روضة القيوميه رڪن اول مترجم اردو مطبوعه لاهور ص ٢٠٧ -
(باقي صفحي ...) ... صوفين جي اصطلاح ۾ تلوين ... [illegible]

حالات پيدا ٿيندا هئا - خاص طالبن کي گهرائي تائين کي اسرارن ۽ معرفتن جي بيان کان مشرف فرمائيندا هئا

حضور جن جا اسرار عاليه ٽي قسم آهن

حضور جن کي هڪ قسم اسرارن جو اهو عطا ٿيو جنهن کي پاڻ هرگز دل تان زبان تي نه آندو اٿون - خواه سندن کو محرم راز هجي يا غير محرم راز، ڪنهن سان به بيان نه ڪيائون - جيئن ته خواجه حسام الدين احمد قدس سره ڏانهن هڪ مڪتوب شريف ارقام فرمايو اٿن جنهن ۾ ظاهر آهي ته ڪين اهو قسم اظهار ڪرڻ کان اِبائي منع ٿيل آهي "وَيَضِيقُ صَدْرِي وَلَا يَنطَلِقُ لِسَانِي"[1] جو مصداق اهو قسم آهي - ٻئي قسم مان اسرار حقائق مقطعات قرآني متشابهات آيات فرقاني آهن، جن کي اشاري سان بيان ڪرڻ به ڪين مشڪل ٿي لڳو - فقط هڪ ٻئي مقطعات قرآن مان رڳو ٽي جي معنيٰ، سا به گهڻي ڪوشش سان پنهنجي فرزند جگر گوشه حضرت خواجه عروة الوثقيٰ رضي الله عنه کي ٻڌائي اٿن جيئن گذريو - ٽيون قسم خاص ماڻهن کي خلاصي جاء ۾ گهرائي درد ۽ بند ڪرائي ٻاهران ماڻهون پهاري بيان ڪري ٻڌائيندا هئا جي اتفاق سان ڪو اغيار ان مان انهي مجلس خاص ۾ اچي سهڙندو هو ته تقرير جو رنگ ڦيرائي ڇڏيندا هئا بعضي سندن اولاد مان يا خليفن مان ڪو ڪين عرض ڪندو هو ته هن قسم جا اسرار تقرير فرمايو، انهن جي عرض تي ڪي اهڙا اسرار به خاص پيرايه ۾ تقرير فرمايا اٿن، مگر انهن کي هر ڪو هرگز نه سمجهي سگهندو - جنهن تقرير فرمائيندا هئا ته هن ٻڌندڙن تي هڪ عجيب حالت گذرندي هئي ڪين اهڙو شڪر ۽ حضوري نصيب ٿيندو هو جو لڳڻ کان ٻاهر آهي مجلس ختم ٿيڻ تي جڏهن اهي ٻاهر نڪرندا هئا ته هنن ائين معلوم ٿيندو هو ته ڄڻ ڪي ميخاني مان بي هوش ٿي نڪتا آهن -

حضور جن جو اولاد امجاد قدس الله تعاليٰ اسرارهم ۽ سندن پيا هم رازن سان ۽ ذوق ۾ رهندا هوا ته ڪڏهن وقت ايندو جو حضور جن دري بند گهرائي اسان مشتاقن کي هن حرف ۽ اسرارن ٻڌائيندا - از دل نرود لذت حرف دل او — در بست ڪه از گوش برون نتوان ڪرد

ٽيون قسم، اهي اسرار ۽ معرفتون آهن جي مڪتوبات شريف ۽ رسالن ۾ موجود آهن، ٽي ٽيون قسم به جيڪي هن پاڻ زبان در فشان سان فرمائيندا هوا ته معرفتن جو هڪ پيو لباس ٿيندو هو - يا هن طرح چئجي ته جيڪي پاڻ زبان مبارڪ سان فرمائيندا هوا حال هو ۽ جو قلم سان تحرير فرمائيندا هوا قال هو - يا هي ته جيڪي ارقام فرمايا اٿون سا معرفت آهي جيڪي زباني فرمايا اٿون سو القائي نسبت ۽ عطائي نعمت آهي جو ته جيڪي فرمائيندا هوا ٻڌندڙن کي انهي نعمت جو القاء ٿيندو هو -

---

[1] اشارو سيپاري ۱۹ سورة الشعراء رڪوع ۲ جي آيت ڏانهن آهي آيت جي پهريان ٽي هي آهي فَأَرْسِلْ إِلَىٰ هَارُونَ
ترجمو: - ۽ تنگ ٿئي ٿو منهنجو سينو ۽ نه ٿي هلي منهنجي زبان پوءِ پيغام ڏي هارون ڏي -

۽ معرفت جي اسرارن بيان ڪرڻ ۾ سندن طريقو هي هو ته جيستائين صبح صادق وانگر مٿن اهو ڪشف نه ٿيندو هو تيستائين رڳو توڻي علمي جي زور تي اهو بيان نه ڪندا هوا. هڪ ڀيري اجمير شريف جي منزل تي حضرت شيخ عبدالحق جي فرزند شيخ نور الحق کانئن حضرت يعقوب جو حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام سان محبت هوڻ جو باعث پڇيو. پاڻ فرمايائون ته جڏهن ڪشف صريح ٿيندو جواب تفصيل سان ڏينداسين. جڏهن شيخ نور الحق موٽي ويو. خواجه محمد هاشم کي فرمايائون ته رڳو علمي زور تي جواب ڏيڻ منهنجو قاعدو ناهي. اميد ته هن مسئلي جو جلد ڪشف صريح حاصل ٿيندو. ٻئي ڏينهن تي تهجد جي نماز کان پوءِ قلم گهرائي فرمايائون "مون کي حق سبحانه وتعالىٰ هن مسئلي جو تحقيقات تفصيل سان عطا فرمايو آهي". پاڻ مڪتوب لکي شيخ موصوف ڏانهن موڪليائون. حضور جن جي هڪ مخلص خواجه محمد هاشم کي چيو ته حضور جن هن مڪتوب شريف ۾ پنهنجون خصوصيتون خاص رمز ۽ اشاري سان درج فرمايون آهن. شيخ صاحب وٽ وٽن اميرن ۽ خانن سان آمد رفت ٿيندي مبادا شيخ صاحب حضور جن جو مڪتوب شريف انهن کي پڌرائي ڏيئي ۽ ڪوئي طرح قيل قال جو در وا ٿي وڃي. پوءِ ته هن تي خواجه محمد هاشم حضور ۾ مٿيون مضمون عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ دوستن کي خطرو آهي. خواجه صاحب عرض ڪيو ته بقية النخل وارو قصو جنهن مان خمير طينت جي راز جو اشارو آهي". پاڻ مرڪي ٿورو مراقبو ڪري مٿو مبارڪ کڻي هي بيت پڙهيائون ته

يارب آن غنچه خندان که سپردی بمنش
می سپارم بتو از چشم حسود چمنش

۽ حاصل ڪلام پاڻ انهيءَ طرف ڪو توجه نه فرمايائون ۽ حفظ الاهي جي پردي ۾ ئي ماٺ ۾ رهيا جنهن ڪري اهو مڪتوب شريف خلق ۾ شايع ٿيو پر جنهن ڳالهه جو خطرو هو ظهور ۾ نه آيو. هي به سندن هڪ وڏي ڪرامت آهي.

حضور جن جي طالبن کي هدايت

پاڻ طالبن کي اسرار ۽ معرفتون ٻڌائي پوءِ استعداد موافق ڪين نسبت ۽ فيض عطا ڪندا هوا ۽ جيڪي طالبن جي دلين ۾ ارادا هوندا هوا ۽ انهن تي جو پا احوال باطني ظاهر ٿيندا هوا ان کان انهن کي واقف ڪندا هوا ۽ سڀني کي سنت محمدي صلى الله عليه وسلم جي تابعداري، ذڪر جي هميشگي، حضور، مراقبي ڪرڻ ۽ حال باطني جي نگاهه لاءِ تاڪيد ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته جيڪڏهن دنيا ومافيها ۾ هڪ ذرو به جو حق سبحانه وتعالىٰ جي رضامندي موافق معلوم ٿئي ۽ ته ان تي عمل ڪريو ته هن کي غنيمت ڄاڻو ۽ هن جو

مثال هن طرح سمجهو ته هڪ شخص چند ڪڪرن جي بدلي نفيس جواهر خريد ٿو ڪري يا جمادات جي
عوض روح ٿو حاصل ڪري.

ڪلمي طيب جي تعريف

ڪلمه طيب "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" جي متعلق فرمائيندا هوا ته سمورو وجهان هن ڪلام معظم جي پاسي ۾ آهي. سڀني جي مقابلي ۾ جيڪڏهن سارو وجهان ڪلمي جي اڳيان هڪ قطره جيترو ٿئي ته به غنيمت آهي پر هڪ قطره جو حڪم نٿو رکي سگهي. هي ڪلمو طيب ڪمالات ولايت ۽ نبوت جو جامع آهي. ماڻهون عجب ٿا ڪائن ته ڪو هن ڪلمي پڙهڻ مان بهشت ۾ ڪيئن داخل ٿيو. مگر هن فقير (مجدد الف ثاني) کي معلوم ٿيو آهي ته "جيڪڏهن هن هڪ ڪلمي جي بدلي ۾ حق سبحانه وتعالىٰ ساري جهان کي بخشي ڇڏي ۽ بهشت برنصيب ڪري ته به شڪ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هن ڪلمي جون برڪتون تقسيم ڪجن ته جيڪو سمورو وجهان ابد الآباد تائين آباد ۽ ڀاڍل ٿي پوي. پر هيترو آهي ته هن ڪلمي جي برڪت پڙهندڙن تي سندن مرتبن جي قدر ٿي پهچي جيتري قدر پڙهندڙ صاحب مرتبي جو هوندو اوتري قدر ان تي برڪت پهچندي. پڻ پاڻ فرمائيندا هوا ته دنيا ۾ ڪاسٻ ۽ مقصد هن ڳالهه جي برابر معلوم نٿو ٿي سگهي جو هڪ شخص گوشه ۾ ڪنهن جاءِ ۾ تنها ويهي ڪلمو طيب پڙهي ۽ انهي حظ ۽ خوشي ۾ رهي. پر حياتي جو سمورو پورن سڀ ڪون حاصل نٿيون ٿين.

پاڻ طالبن کي فقه جي معتبر ڪتابن جي مطالعي جو تاڪيد ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته دين جي عالمن شرع شريف جي احڪامن جي تحقيقات ڪئي آهي ته ڪهڙا ڪم سنت ۾ داخل آهن جن تي عمل ڪجي ۽ ڪهڙا ڪم بدعت آهن جن کان پري رهجي. جو ته رسول مقبول صلى الله عليه وسلم جي وقت مبارڪ کان هي زمانو پري ٿي چڪو آهي ۽ گهڻا فساد، بدعتون ۽ فسق فجور هن زماني ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن. انهي ڪري سنت نبويه على صاحبها الصلوٰة والسلام جي ڏيئي جي سوجهري حاصل ڪرڻ کان سواءِ واٽ ملڻ مشڪل آهي. پڻ فرمائيندا هوا ته اولياءِ ڪرام قدس الله تعالىٰ اسرارهم ولايت جي ڪهڙي درجي کي پهچن ته به مجتهدن جي تقليد ۾ عام مومنن وانگر آهن ۽ انهن جو ڪشف ۽ الهام هن باب ۾ ڪو به فائدو نٿو ڏئي اگرچه اوليائن جا ڪشف ۽ الهام اسرار خفيه ۾ مفيد آهن پر حلت ۽ حرمت شرعيه جا مثبت نه آهن جئن ڪن جاهلن سمجهيو آهي.

ذوالنون مصري رحمة الله عليه ۽ حضرت بسطامي رحمة الله عليه ۽ حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه ۽ حضرت شبلي رحمة الله عليه ۽ ٻيا امت جا سمورا ولي قدس الله تعالىٰ اسرارهم امامن

مجتهدن ”حضرت امام اعظم، امام شافعي، امام مالڪ، امام احمد بن حنبل جا مقلد ٿيا آهن جا تابع رهيا آهن باقي انهن اوليائن ڪرام کي هيءَ فضيلت حاصل آهي يعني اهي اي باب ڪشف، مجاهدي، تجليات ۽ ظهورات جا آهن ۽ محبوب حقيقي جي سلطاني غلبه محبت سببان سندن من ماسوىٰ کان جدا ٿي، ديد ودانش غير و غيريت کان آزاد ٿي ويا آهن جي حاصل ائين ته انهيءَ کان جي واصل آهن ته پيا انهيءَ کان - عالم ۾ ٻي عالم ۾ باخود ۽ بيخود آهن (الىٰ آن قال) انهن جو پهريون قدم نسيان ماسوىٰ آهي ۽ ٻيو قدم آفاق ۽ انفس کان ٻاهر آهي - انهن الهام سچو ۽ انهن جو ڪلام انهن سان آهي - جئن مجتهدن پنهنجي اجتهاد جا تابع آهن تئن اولياءِ ڪرام به معرفتن ۽ مواجيد ۾ پنهنجي الهام ۽ فراست جا تابع آهن - جناب حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه کان منقول آهي ته هڪ ڏينهن منبر تي معرفتن ۽ اسرار بيان ڪري رهيا هوا انهي وچ ۾ حضرت خضر عليه السلام جو اتان گذر ٿيو پاڻ انکي فرمايائون ته اي اسرائيلي اچ محمدي ڪلام ٻڌ - حضرت شيخ قدس سره جي هن عبارت مان معلوم ٿيو ته حضرت خضر محمدي مان ناهي بلڪ گذريل ملتن مان آهي - پڻ معلوم ٿيو ته علم ۽ معرفتون احڪام شرعيه کان ماورا آهن ۽ مخصوص بامر الله آهن گهڻيون معرفتون ته انهن جو ثمرو ۽ نتيجو احڪام آهن - وڻ پوکڻ مان غرض ميوو حاصل ٿيندو آهي - جيسين وڻ موجود آهي ميوو به جنهن تائين ۽ جيستائين ميوو جي تبرڪ ۽ خدمت ڪبي اوتري ميوو ڏيندو - جڏهن اصل پاڙ وڻ نه رهيو ته پوءِ ميوي جي اميد رکڻ اجائي آهي جڏهن مقصود وڻ مان ميوو ٿيو - ته آهن ها ٿي شريعت تي قائم رهندو ته ۽ شريعت کان ٿهندو ته پنهنجي معاملي کي انهيءَ ڳالهه تي قياس ڪري گهرجي جو شريعت تي قائم ٿو صاحب معرفت جو آهي، جيتري قدر شريعت جي محبت زياده هوندي اوتري قدر معرفت زياده ٿيندي ۽ شريعت کان سُسُتي ڪندو ته معرفت کان بي نصيب آهي پوءِ اگرچه اهو پنهنجي گمان ۾ سمجهي ته مون ۾ ڪجهه آهي مگر حقيقت ۾ ڪجهه به ناهي بلڪ اهو استدراج آهي، جنهن ۾ جوڳي برهمڻ ۽ سناسي پاڻ آهن انهيءَ ڪري چيو ويو آهي ”ڪل حقيقة ردته الشريعة فهي زندقة وللة“ جنهن حقيقت کي شريعت انڪار ڪري حقيقت ۾ اها حقيقت ناهي بلڪ زنديقيت ۽ بي ديني آهي (ام ملخصاً)

حضور جن جي مجلس مبارڪ ۾ اڪثر ماٺ هوندي هئي وغيره

حضور انور جي مجلس مبارڪ ۾ گهڻو ڪري ماٺ هوندي هئي سندن مجلس مبارڪ ۾ ڪنهن جي به گلا يا عيب جوئي ڪنهن به طرح نه ٿيندي هئي بلڪ ڪنهن کي گفتگو ڪرڻ جي طاقت نه رهندي هئي، حضور جن تي تمڪين ايتري قدر غالب هئي جو مٿن احوال عظيمه وارد ٿيڻ جي باوجود تلون جا آثار ڪڏهن به ظاهر نه ٿيا ڪڏهن

به ڪنهن قسم جو جوش خروش ياد انهن ڪري ڪو آواز ڪانه ظهور ۾ نه آيو ـ

گفت پيغمبر که هر کو سر نهفت زود گردد با مراد خويش جفت

دانها چون در زمين پنهان شود سر شان سرسبزي بستان شود

ـــ حضور جن جي چهري مبارڪ تي ڪڏهن آواز کانسواءِ صرف لڙڪ ڏسڻ ۾ ايندا هوا معرفت بيان ڪرڻ وقت سندن اکين ۽ ڳلن مبارڪن تي حد کان زياده سرخي نظر ۾ ايندي هئي ـ حضور جن جي گفتگو مان حاضر مجلس جي دلن تي الاهي محبت جي گرمي ظاهر ٿيندي هئي ـ ڪذا في الروضه

خلق مانند شب اند و پير ماه پير تابستان خلقان تير ماه

ـــ جيڪڏهن ڪو ارادو ڪري حضور جن جي مجلس ۾ ايندو هو ته انکي اهو جواب ملي ويندو هو ـ طالب جي صحبت خواهش پوري ٿيندي هئي ـ

مشڪل از تو حل شود بي قيل و قال اي لقاءِ تو جواب هر سوال

ـــ پاڻ اشراق جي نماز خلوت ۾ پڙهندا هوا ـ بعد حال مجلس کان فارغ ٿي حويلي مبارڪ ڏانهن تشريف فرمائيندا هوا ـ منجهند جي ماني اندر کائڻ فرمائيندا هوا ـ سمورن درويشن ۽ فرزندن کي ، جو ڪجهه موجود هوندو هو پنهنجي سر پاڻ پهچائيندا هوا ـ جيڪڏهن ڪو به درويش ياڪو خادم يا فرزند حاضر نه هوندو هو ته انهن جو حصو رکائي ڇڏيندا هوا ـ ڪاڌي کانپوءِ ماثوره دعائون جوان وقت لاءِ مقرر آهن پڙهندا هوا ـ آخر عمر مبارڪ ۾ پاڻ خلوت ۾ رهڻ اختيار فرمايائون ۽ گهڻو ڪري هميشه روزي ۾ رهندا هوا ـ ڪاڌو به خلوت خاني ۾ کائڻ فرمائيندا هوا ۽ ڪاڌي کان پوءِ سورة فاتحه پڙهڻ جو رواج مشهور آهي پر پاڻ اهو فعل نه ڪندا هوا جو صحيح حديث ۾ ائين ڪرڻ جو ذڪر ناهي ـ جنهن ڏينهن پاڻ اتفاق سان روزو نه رکندا هوا بيهي ئي کان اڳ بالڪل تورو طعام تناول فرمائيندا هوا ـ ڪذا في السلسلة ـ نيڙن اصل کائڻ ڪندا هوا ـ تمام توري کاڌي جي باوجود فرمائيندا هوا ته ڇا ڪجي بکرم سرور دين ودنيا صلي الله عليه وسلم جو ڪمال اتباع ميسر ٿي نه ٿو سگهجي ـ پڻ پاڻ فرمائيندا هوا ته جا شيءِ عارف کي ملڪيت کان بشريت ڏانهن ٿي آڻي اها کائڻ آهي ـ روضه ۾ آهي ته حضور انور رضي الله عنه جن ٻن ڏينهن کان بدگهٽ تناول فرمائيندا هوا ڏيگ ٻين درويشن ڏي ايتري قدر سنهيون جو هڪ سير مان سٺ نهي سگهن ـ حضور جن کي ٻڪري ريڍ ۽ دنبي جو گوشت گهڻو وڻندو هو ـ جيئن ته اهو ڪباب دسترخوان تي موجود رهندو هو ـ پاڻ بالڪل

ڪه روضة القيوميه رڪن اول ترجمه اردو مطبوعه لاهور ص ٣٢٢ ڪه السلسلة الذهبيه ص ٩٢ مطبوعه مجتبائي
ڪه روضة القيوميه رڪن اول ص ٣٣٩ مطبوعه لاهور

عجز ۽ نياز سان ڪاڌو تناول فرمائيندا هوا ۽ پنهنجن طالبن کي نياز ۽ ادب سان ڪاڌو کائڻ لاءِ تاڪيد ڪندا هوا. کائڻ وقت وهڻ جي صورت به سنت نبوي موافق هوندي هئي. بنهي پيرن جو ڪاڌو کائڻ پوءِ سنت نبوي صلي الله عليه وسلم مطابق ٽوپي وآرام ڪندا هوا.

نماز پيشين (ظهر) ۽ نماز زوال

حضور جن جو بانگو سڳورو اڳين نماز لاءِ بانگ اول وقت ۾ ڏيندو هو بانگ بعد ڪي شرطي وضو ساري سنت زوال جي ادا ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن مبعوث ٿيڻ جي زماني کان وٺي رحلت جي وقت تائين اها سنت ڪڏهن به نه ڇڏي آهي انهي نماز ۾ ڪڏهن قرأت طوال مفصل ۽ ڪڏهن قصار ڪندا هوا. سنت زوال کان پوءِ چار رڪعتون سنت پڙهي پوءِ ظهر جو فرض ادا ڪري به رڪعتون سنت پڙهندا هوا. جو اهو عام رواج هو ته حضور جن جي درگاه شريف اندر ڪل سڀ عالم سڀئي حافظ ۽ سڀ ڪي پرهيزگار هئا طرح رهندا هئا جن اهو لوڙ جن کي ننڍن تان ڪاڌو ملندو هو اهو آهي ته نماز ظهر کان پوءِ حافظ کان قرآن مجيد جو سيپارو ڪن ٻڌندا هوا تنهن بعد پڙهندڙن کي سبق پڙهائيندا هوا. اهه

---

[1] هن نماز کي سنت زوال يا صلوٰة الزوال يا نماز في الزوال به چوندا آهن. حديثن ۾ هن نماز جي وڏي فضيلت ذڪر ٿيل آهي. هي نماز زوال ڏسڻ جي لڙڻ کان پوءِ چار رڪعتون نماز نفل بيهڻ جي پهرين رڪعتن سنت مؤڪده ڪان سواءِ پڙهي وئي آهي. جو ته عام فقه جي ڪتابن ۾ هن نماز جو بيان مفصل نه آهي انڪري ڪي ماڻهو هن نماز کي چار رڪعتون سنت مؤڪده ظهر جي سمجهندا آهن. ۽ اها خلاف التحقيق آهي. حضرت شيخ عبدالوهاب شعراني ڪشف الغمة عن جميع الامة جي جلد اول فصل في صلوٰة الضحيٰ ۾ لکيو آهي. "وكان صلى الله عليه وسلم يقول صلوٰة الأوابين اذا رمضت الفصال" وهو مقدار ارتفاع الشمس من المشرق قدر ما يكون ارتفاعها وقت العصر من جهة المغرب، وكان كثيرًا ما يصليها صلى الله عليه وسلم في هذا الوقت ركعتين ثم يتمهل الى قريب من الزوال فيحرم بصلوٰة الزوال اربع ركعات. وكان انس رضي الله عنه يقول "رأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلي قبل نصف النهار اربع ركعات ويصليها بعد الزوال ثم يصلي سنة الظهر" والله اعلم. ڪشف الغمة عن جميع الامة فصل في صلوٰة الضحيٰ جلد اول

محقق زمان مشفق مهربان سيدي حضرت قبله شيخان مجددي مد ظله جي فرمودي موجب عمدة العلماء زبدة الفضلاء حضرت مولانا مولوي نجم الدين صاحب گرڙهي ياسين مد ظله جي تحرير ان مسئلي جي زياده تحقيق لاءِ بجنسه درج ڪئي وڃي ٿي.

سوال

چار رڪعتن زوال واري نفل جن ڪي رڪعتن سنت راتبه کان سواءِ ٻيو مستقل نفل آهي يا اهي چار رڪعتون سنت راتبه آهن جيڪا هن زوال واري نفل مستقل ٻيو آهي ته پوءِ ابردوا بالصلوٰة الحديث جو مقصد ڇا آهي بينوا توجروا

جواب

ان مسئلي ۾ اختلاف آهي پر مختار قول زوال واري نفل جو مستقل ٻيو نفل آهي جئين حضرت محدث شيخ عبدالحق دهلوي اشعة اللمعات شرح مشڪوٰة جي باب السنن وفضائلها جي فصل ثاني ۾ عن ابي ايوب الانصاري قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم اربع قبل الظهر ليس فيهن تسليم تفتح لهن ابواب السماء رواه ابوداؤد ... تحت

نماز وچين وچين (عصر جي نماز) بہ قدر نه گهٽ ٿي اول وقت ۾ پڙهندا هوا ۽ فرض کان اڳ چار رڪعتون (سنت يا نفل) پڙهندا هوا۔ ڪڏهن بدران چار رڪعتون نه پڙهيائون، نماز وچين کان وٺي سج لهڻ جي نماز تائين طالبن سان مانن ۾ رهي مراقبي ۾ گذاريندا هوا۔ فجر ۽ وچين نماز کان پوءِ اڪثر حلقن ۾ طالبن جي باطني احوال ڏانهن متوجه ٿيندا هوا۔ روضه ۾ آهي ته وچين کان پوءِ حلقي ڪرڻ کي حضرت خواجه امام محمد معصوم عروة الوثقیٰ رضي الله عنه پنهنجو ثاني بڻائي فرمايو ته ان حلقي ۽ مراقبي ۾ طالبن کي توجه ڏيڻ لڳا جو اهو دستور اڄ تائين وچين کان پوءِ حلقي ڪرڻ جو هليو ٿو اچي۔ هي قاعدو به حضرت مجدد الف ثاني جي حڪم موجب مقرر ٿيو۔ اهـ۔ جواهر مجدديه ۾ آهي ته بعضي وچين نماز کان پوءِ طالبن سان گڏ ختم خواجگان پڙهندا هوا ۽ حافظ صاحب کان ڪجهه قرآن شريف ٻڌندا هوا۔ اهـ

دلائل الخيرات ص ٣٦٣ تان (جي ترجمه ۾ لکي ٿو ته) در اين جا نيز اختلاف است كه مراد باين چهار ركعت آن سنت راتبه است يا اين نماز ديگر مستقل كه گزارده مي شود در اين وقت ونا ميده آن في زوال۔ پس آنها كه قائل بآن راتبه قبل ظهر دو ركعت است جزم باين دارند وآنها كه قائل اند بآربع متردد اند وثبوت اين فضيلت منافات ندارد وبودن از رواتب ومختار است كه غير رواتب اند اهـ ص ٢٣٢ مطبوعه نامي لکهنو۔ ۽ ترمذي شريف جي باب ما جاء في الصلوٰة عند الزوال ۾ لکيل آهي ته حدثنا عبد الله بن السائب ان رسول الله صلى الله عليه وسلم كان يصلي اربعا ان تزول الشمس قبل الظهر فقال انها ساعة تفتح ابواب السماء واحب ان يصعد لي فيها عمل صالح الحديث ص ٩٣ مطبوعه مطبع مجتبائي دهلي ۽ ڪتاب سحل الشموس والاقمار وتبيانه شريعة النبي المختار ۾ علامه عبد القادر بن عبد الكريم الورديقي ص ٧٢ باب اوناجي انواع الصلوٰة ۾ لکيو ته هي خمسة عين وكفاية وسنة وفضيلة ونافلة الى ان قال واما النوافل فهي على قسمين منها ما لا سبب له وهي التطوع في الاوقات الجائزة ومنها ماله سبب وهي عشرة الصلوٰة عند الخروج الى السفر والرجوع منه وعند دخول المنزل وعند الخروج منه وصلوٰة الاستخارة وصلوٰة الحاجة وصلوٰة التسبيح وركعتا بين الاذان والاقامة واربع ركعات بعد الزوال وركعتان عند التوبة ورابعها ركعتين بعد الدعاء وركعتين لمن قرب للقتل اقتداء بخبيب رضي الله تعالىٰ عنه ۽ محبوب سبحاني سيد نا شيخ عبد القادر جيلاني قدس سره پنهنجي ڪتاب غنية الطالبين جي ص ١٠٣ مطبوعه مصر فصول اوراد النهار جي فصل اول ۾ لکي فرمائي ٿو ته اوراد النهار خمسة ايضا احدها في وقت الطلوع الفجر الثاني الى طلوع الشمس والثاني صلوٰة الضحى والثالث اربع ركعات بعد الزوال بقرأة حسنة وسلام واحد وقيل ان ابواب السماء تفتح فيها اهـ ۽ حضرت مولانا قاضي ثناء الله پاني پتي پنهنجي ڪتاب ما لابد منه فارسي جي فصل در نوافل ۾ لکي ٿو ته بعد از زوال نماز صحي هشت ركعت از پيغمبر خدا صلى الله عليه وسلم مروي گشته وبعد از زوال پيش از ظهر چهار ركعت مروي گشته اهـ ص ٦٤ مطبوعه مطبع مجيدي ڪانپور۔

مٿين سڀني ڪتابن جي عبارتن مان ظاهر آهي ته مختار قول نماز زوال جي چئن رڪعتن وارو مستقل هجڻ آهي ۽ سنت راتبه چار رڪعتون اڳ زوال واري نفل کانسواءِ آهن۔ باقي ابو داود بالصلوٰة الحديث وارو حڪم نديي ۽ استحبابي آهي جنهن زوال واري نفل پڙهڻ جي منافي نه آهي۔ هذا ما ظهر لي في هذا الباب والله تعالىٰ اعلم بالصواب واليه المرجع والمآب حرره الفقير محمد نجم الدين عفي عنه المتوطن في بلدة گرهي ياسين (هذا هو الحق والحق احق ان يتبع انا المصحح الفقير محمد قاسم عفي عنه ياسيني)

ڪ فقيهن جي اصطلاح موجب قرأت مسنون ٽي قسم آهي هڪ طوال المفصل ٻيو اوساط المفصل ٽيون قصار المفصل اڪثر فقيهن جي قول موجب سورة حجرات کان والسماء ذات البروج تائين سورتون طوال المفصل آهن ۽ والسماء ذات البروج کان سورة لم يكن تائين سورتون اوساط المفصل آهن ۽ لم يكن کان پڇاڙي قرآن شريف تائين (باقي ص ٣٦٥)

نماز شام نماز شام يعني مغرب جي نماز جيڪڏهن جهڙ نه هوندو هو ته اوّل وقت ۾ ادا ڪري ڇڏيندا هوا ۽ شام جي نماز کان فارغ ٿي ڏهه ڀيرا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ پڙهندا هوا ۽ ٻيون ماثور دعائون به ادا ڪندا هوا ڪذا في الروضة [1] ـــــــ سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ ڇهه رڪعتون ۽ ڪڏهن ڇهه رڪعتون نماز اوابين جي پڙهندا هوا هن نماز ۾ گهڻو ڪري سورة واقعه پڙهندا هوا.

سلسله ۾ آهي ته سنت ۽ فرض جي وچ ۾ اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ وَتَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ [2] جي پڙهڻ کان وڌيڪ دير نه فرمائيندا هوا.

نماز سومهڻي سومهڻي جي نماز افق کان اڇاڻ لهي وڃڻ بعد پڙهندا هوا جو ته حضرت امام اعظم رضي الله عنه جي مذهب ۾ شفق مان مراد اها اڇاڻ آهي - اول چار رڪعتون سنت ادا ڪندا هوا پوءِ چار رڪعتون فرض پوءِ ٻه رڪعتون سنت تنهن کان پوءِ وري چار رڪعتون سنت پڙهندا هوا ۽ انهن ڇهن رڪعتن ۾ هيٺيون سورتون پڙهندا هوا. الٓمّٓ سَجْدَة - سورة تَبَارَكَ الَّذِيْ - قُلْ يَآ اَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ - جي ڪنهن وقت سنت ۾ الٓمّٓ سجده ۽ تبارك الذي نه پڙهندا هوا ته پوءِ وتر بعد سجدن سان گڏ انهن ٻن سورتن کي گڏ ئي پڙهندا هوا ۽ پنهنجن طالبن کي به انهي طرح پڙهڻ جي هدايت ڪندا هوا - وتر جي پهرين رڪعت ۾ سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى ٻي رڪعت ۾ قُلْ يَآ اَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ٽين رڪعت ۾ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندا هوا. دعاءِ قنوت حنفي سان قنوت شافعي به گڏ ئي پڙهندا هوا ۽ وتر کان پوءِ ويهي ٻه رڪعتون نفل به ادا ڪندا هوا - پهرين رڪعت ۾ اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ ٻي رڪعت ۾ قُلْ يَآ اَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ پڙهندا هوا - ڪڏهن اهي ٻه رڪعتون ويهي پڙهڻ وارا پيون چند ٻڌائيندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته فقيهن جو انهن ٻن رڪعتن جي باري ۾ اختلاف آهي ۽ وتر کان پوءِ ٻه سجدا ڏيڻ جو مشهور آهن پاڻ نه ڏيندا هوا جو ته علمائن انهي ڪراهت جي فتوى ڏني آهي.

(اڳئين صفحي ۳٦٦ تان) سورتون قصار المفصل آهن.

(فائده) طوال طو جي زير سان جمع طويلة جو آهي اهڙي طرح قصار ق جي زير سان جمع قصيرة جو آهي - اوساط جمع وسط جو سين جي زبر سان آهي طوال ۽ قصار جي درمياني سورتن کي اوساط المفصل چئبو آهي گهڻن سورتن جي فصل جي ڪري انهن سورتن کي مفصل چئبو آهي (ڪذا في حاشيه نور الايضاح)

(حاشيه ص ۳٦۴) [1] روضة القيوميه رڪن اول مترجم اردو مطبوعه مطبع لاهور ص ۲۳۹

(حاشيه ص ۳٦۵) [1] رڪن اول مترجم اردو مطبوعه مطبع لاهور ص ۲۳۹

[2] السلسلة الذهبيه مطبوعه مطبع مجتبائي دهلي ص ۹۳ (باقي ص ۳۷۲)

(اڳئين صفحي ۳٦۵ تان) اهڙي طرح اهڙا جي ترڪ جي ڪري داڃ جي حالت قرب نه ٿي رهي ته ڪڍ... جو معني اهتمام ثابت ٿو قائم رکي آهي

وتر جو وقت وتر ڪڏهن اوّل رات ۾ ادا ڪندا هئا ۽ ڪڏهن تهجد کان پوءِ پڙهندا هئا.
جي اول رات ۾ وتر ادا ڪندا هئا ته پوءِ تهجد بجا آڻيو وتر وري نه پڙهندا هئا. جيئن بعضي ماڻهو
ڪندا آهن جو ته جناب حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جن فرمايو آهي ته هڪ
رات ۾ ٻه وتر ناهن. پڻ پاڻ فرمائيندا هئا ته نمازي سمهڻ وقت نيت ڪري ته وتر پوئين رات ۾
ادا ڪندس. انهي نيت بعد وتر ادا ڪري تائين ڪراماً ڪاتبين انهي اعمال نامي ۾ جڳايون پيا ٿا لکن.
انهي سبب ڪري جيتري قدر ٿي سگهي وتر پوئين رات ادا ڪرڻ گهرجي ۽ انهي سڳي تقرير مان هن طرح
سمجهه ۾ ايندو ته وتر کي اوّل رات پڙهڻ ۽ پوئين رات پڙهڻ ۾ حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه
وسلم جي تابعداري کانسواءِ ٻي ڳالهه نظر ۾ رکڻ نه گهرجي. جو ته ڪا به فضيلت آنحضرت صلي الله
عليه وسلم جي متابعت سان مٽ نه ٿيندي آهي آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن وتر ڪڏهن اوّل رات
پڙهندا هئا ڪڏهن پوئين رات. آءٌ پنهنجي سعادت هن ۾ ٿو ڄاڻان ته جيتري قدر به ٿي
سگهي ان ۾ حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي گهڻو سان مشابهت حاصل ٿئي پوءِ اگرچه
بحسب صورت جي هجي، ماڻهو بعض سنتن ۾ رات جي جاڳڻ وغيره جي نيت کي دخل ٿا ڏين، انهن جي
ڪوته انديشي تي عجب ٿو اچي، آءٌ ته هزار راتين جاڳڻ کي اڌ متابعت محمدي صلي الله عليه وسلم جي مٽ نه ٿو سمجهان

متابعت محمدي جو حد کان زياده ڪيل عشق هڪ ڀيري پاڻ رمضان شريف جي پوئين ڏهاڪي ۾ ويٺا هئا جو پنهنجن ميني طالبن کي
هدايتون ڪري فرمايائون ته هرگز سواءِ تابعداري سنت آنحضرت صلي الله عليه وسلم
جي ٻي ڪجهه نيت نه ڪريو. جو ته اسان لاءِ ڳالهه چڱي ڏيٺ ۽ گوشه نشيني رهڻ ڪرڻ بدران جو نالي هڪ
متابعت محمدي کي، پوءِ اگرچه ان مان سئو لاڳاپا ۽ گرفتاريون شامل هجن قبول ٿو ڪريان ۽ جنهن
گوشه نشيني ۽ لاڳاپن ڇڏڻ ۾ متابعت محمدي نه هوندي سان هرگز هرگز قبول نه ٿو ڪريان.

آنرا ڪه در سراي نگاري است فارغست — از باغ و بوستان تماشاي لاله زار

۱- هڪ ڏينهن حضور انور امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن تي آنحضرت صلي الله
عليه وسلم جي محبت ايتري قدر غالب ٿي جو عين مجلس ۾ فرمائڻ لڳا ته آءٌ الله تعاليٰ کي هن واسطي دوست
ٿو رکان جو محمد صلي الله عليه وسلم جو رب آهي، مجلس جا ماڻهو حيران ٿي ويا انهن کي مخالفت جي
طاقت نه ٿي جو ڪجهه چئي سگهن. پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي منهنجو قول حضرت رابعه بصريه جي
ابتڙ آهي. جو ته ان آنحضرت صلي الله عليه کي خواب ۾ چيو هو ته محبت حق تعاليٰ جي مون تي ايتري قدر
غالب ٿي آهي جو اوهان جي محبت جي جاءِ دل ۾ نه رهي آهي. وري فرمايائون ته هي جو منهنجو عين عشق ۾ آهي

۽ ذات سان تعلق ٿو رکي - الي آخرها قال المجدد قدس سره - (مبدأ معاد مطبوعه مطبع مجددي ص ٤٥)

نماز سومهڻي کان پوءِ ڪجهه گفتگو نه ڪندا هوا

نماز سومهڻي کان پوءِ بنا دير ڪري بستري استراحت کي پهچي وجود مسعود کان مشرف فرمائيندا هوا ۽ ماثوره دعائون پڙهي سمهي پوندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته جي آئون هن وقت ويهي رهان ته امڪان آهي ته رسمي گفتگو ڪري وجهان جا ڪراهت کان خالي نه هي. عمر بن عبدالعزيز کان منقول آهي ته هو ڪو وقت نماز سومهڻي جي ادا ڪرڻ کان پوءِ مخفي طرح رعيت جي حال جاچڻ لاءِ هليو ويو - رستي ۾ چوڪيدار ان کيس نه سڃاتو ۽ پڪڙي ڏر تو - جنهن ان کي پهچي ڄاڻ ۽ ڏني دياءِ ڏيڻ جي روشنائي تي سڃاتائون ته هي اساڄو بادشاه (خليفو) آهي، چوڪيدار نهايت عذر ڪري عرض ڪرڻ لڳا ته او هان چونه فرمايو ته آئون او هانجو بادشاه آهيان - خليفو صاحب فرمائڻ لڳو ته آئون سومهڻي جي نماز پڙهي چڪو هوس - نماز کان پوءِ دنياجو ڪلام مڪروه آهي تنهن ڪري او هان سان گفتگو نه ڪيم.

حضور جن جي درود شريف سان محبت ۽ پيار ورد

حضور انور جن درود شريف پڙهڻ تمام گهڻو پڙهندا هوا، خصوصاً جمعه جي رات ۽ جمعه جي ڏينهن ۽ اهڙي طرح سومر جي رات ۽ خنچر جي ڏينهن اڳي کان زياده پڙهندا هوا آخر عمر ۾ ته جمعه جي رات پنهنجن سڀني طالبن کي گڏ ڪري هزار ڀيرا درود شريف پڙهندا هوا ۽ پوءِ نهايت عاجزي سان مراقبو ڪندا هوا ائين ٿي معلوم ٿيو ته ڪين الهي طرح ڪرڻ جوامر الهي هوءِ رسالو صلواة ماثوره جو هڪ سيپاره کان زياده آهي ۽ يارهن سالورد جو جيڪو حضرت شيخ الجن والانس حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جو گڏيل آهي پڙهندا هوا -

نماز جمع، نماز عيدين ۽ تراويح

نماز جمع جي پاڻ جامع مسجد ۾ پڙهندا هوا ۽ عيدن جي پڙهڻ لاءِ عيدگاه ۾ حاضر ٿيندا هوا، چار رڪعتون آخر ظهر احتياطي جمع کان پوءِ پڙهندا هوا ۽ تراويحن ۾ قرآن شريف جا ڪيترا ختمات پڙهندا هوا ۽ روضه ۾ آهي ته ختم قرآن شريف جا مقرر طرح پڙهندا هوا - اه - تراويحون سفر خواه حضر ۾ جماعت سان ادا فرمائيندا هوا ۽ تراويح جي درميان ٻيڻي چئن رڪعتن کان پوءِ ماٺ ۾ رهي مراقبو ڪندا هوا ۽ ڪڏهن درود پڙهندا هوا بعد نماز جمع جي سورة فاتحه، سورة اخلاص، سورة ناس، سورة فلق ڇهن ڇهن ڪي ست ست ڀيرا پڙهندا هوا - ڪڏهن عيد اضحي جون تڪبيرون رستي ۾ بلند آواز پڙهندا هوا - ڪڏهن موافق فتوي مضمرات جي هوريان پڙهندا هوا - ذوالحج جي پهرين ڏهي ۾ وارن ۽ نهن نه لهرائيندا هوا جو مستحب ۽ حاجين جو تشبيه آهي مگر حج وارن کي ڏينهن رجو جڻي تشبيه اهل عرفات جو ڪندا آهن پاڻ نه ڪندا هوا - ڪذا في السلسلة ۽ ذوالحج جو سڄو مهينو سورة والفجر ۽ سورة حشر

لہ روضة القيوميه رکن اول مترجم اردو مطبوعه مطبع لاهور ص ٢٥٤ - ٢ے السلسلة الذهبيه ص ٥٩

گهڻي پڙهندا هوا. نماز ڪسوف ۽ خسوف جي به پاڻ پڙهندا هوا، نفلن ۾ جو قرآن شريف پڙهندا هوا جيئن گذري ويو. ان کان سواءِ هر مهيني ۾ قرآن شريف جا چار ختم پڙهندا هوا. ڪذا في الروضه[1]

تلاوت قرآن شريف حضور جن، حضرت عمدة العارفين خواجه يعقوب چرخي رضي الله عنه جي مقرر ڪيل طرز تي ختم احزاب ڪندا هوا. جيئن ته پاڻ فرمائيندا هوا ته هڪ ڀيري مون ڏانهن لکيو آهي ته حضرت خواجه يعقوب چرخي قدس سره جي هٿ اکر ختم احزاب جي ترتيب هن طرح ڏنل سه فاتحه، انعام، ويونس ڪروظ، اسرا، بنام　　عنڪبوت آنگه زمر يس، ق وقمر دان والسلام

قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ وقت سندن چهري مبارڪ مان ائين معلوم ٿيندو هو ته ڄڻ اسرار قرآني ۽ برڪات آيات فرقاني پاڻ تلاوت ڪري رهيا آهن. هڪ دفعي عين تلاوت ڪرڻ وقت خواجه محمد هاشم قدس سره ڏانهن متوجه ٿي فرمائڻ لڳا ته سبحان الله! ڪهڙا ڪهڙا اسرار ۽ بيان آهن جي حق سبحانه وتعاليٰ ۽ پنهنجي حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جي وچ ۾ واقع ٿيا آهن ۽ هي اهي راز ۽ بيان آهن جن کي علماء راسخين کان سواءِ ڪو به ڪونه ٿو پروڙي سگهي ۽ فرمائيندا هوا ته بعضي آيتن پڙهڻ واري کي (اشاره بنفس نفيس خود) اهڙن مقامن تي پهچائن جو اهي وهم ۽ گمان ۾ نٿا اچي سگهن. نماز ۾ خواه نماز کان ٻاهر جڏهن به تلاوت ڪندا هوا، خوف واري آيتن کي خوف جي طرح ۽ تعجب جي آيتن کي تعجب جي طرح ۽ استفهام جي آيتن کي استفهام جي طرح پڙهندا هوا. ٻڌندڙن کي خوف جي آيتن مان خوف غالب ٿيندو هو ۽ اميد جي آيتن پڙهڻ مان اميد جو غلبو ٿيندو هو. ڪذا في الروضه[2]. سفر جي حالت ۾ جيڪڏهن سنن ۽ سواري ماڻهن ۾ ٿيندي هئي ته ماڻهن کي ٻاهران ڪپڙو ڏيارائيندا هوا، جيئن رستي ۾ عورتن تي نظر نه پوي.

راقم الحروف:- عرض ٿو ڪري ته سبحان الله! هن وقت به سندن روضي مبارڪ ۾ عورتن جي اچڻ جو حڪم ڪونهي اهو - ماڻي تي چڙهي پوءِ تلاوت شروع ڪندا هوا، جڏهن سجدي واري آيت هوندي هئي ته ماڻي تان لهي سجدو ڪري وري چڙهندا هوا.

نماز جا آداب جماعت کان سواءِ جا ٻي نماز، سنتون ۽ نفل جڏهن پڙهندا هوا، ته جي رڪوع ۽ سجدي ۾ ست يا نو يا يارهن ڀيرا تسبيح پڙهندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته مونکي شرم ٿو اچي ته جا نماز اڪيلو پڙهان ان ۾ تسبيحون زياده پڙهان، جو ته امامت جي صورت ۾ ته جماعت جي رعايت ضروري آهي". نماز ۾ سنتن ۽ مستحبن ۽ تعديل ارڪان وغيره جي پوري طرح رعايت ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته ماڻهو ڏاڍيون رياضتون ۽ مجاهدا ته جون سختيون ٿا کڻن پر نٿا ڄاڻن ته نماز جي

---

[1] روضة القيوميه رکن اول صفحه ٢ [2] روضة القيوميه رکن اول صفحه

مستحبن جي رعايت کان وڌيڪ ٻي ڪا به رياضت ۽ مجاهدو ڪونهي. خصوصاً نماز فرض جي ادا ۽ سنت ۽ آدابن جي رعايت ڪرڻ. حقيقت ۾ ڳالهه هن طرح آهي ته مستحبن ۽ رڪنن (رڪوع، سجدن قومه، جلسه) ۾ آرام سان نماز ادا ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. انهيءَ سبب آهي جو حق تعالیٰ فرمايو آهي. "وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ"[1] نماز بالڪل مشڪل آهي مگر خوف وارن تي نه فرمائيندا هوا ته گهڻا ماڻهو وڏا رياضتي ۽ پرهيزگار ڏسڻ ۾ ٿا اچن جي سمورن ڪمن ۾ عزيمت ۽ احتياط کي مدنظر ٿا رکن پر نماز ۾ سستي ٿا ڪن. تحية الوضوء ۽ تحية المسجد جي نماز به پاڻ ڪڏهن نه ڇڏيندا هوا ۽ رواتب (مؤڪد) سنتون ۽ ٻيون غير مؤڪد سنتون (زوائد) به سفر خواه حضر ۾ بلا تڪليف جي ادا ڪندا هوا. ۽ تراويحن جي نماز ڪانسواءِ ڪو به نفل جماعت سان نه پڙهندا هوا. عاشورن ۽ شب قدر جي نفلن کي جماعت سان پڙهڻ کان منع فرمائيندا هوا جئن ته هن باب ۾ هڪ مڪتوب شريف فقهي معتبر روايتن سان رقم فرمايو اٿن.

نقشبندي طريقي جا بعض متاخرين جي نماز تهجد جي جماعت سان پڙهندا هوا انهن تي گهڻو عجب ڪاڻي فرمائيندا هوا ته هن طريقي نقشبنديه جو بنياد ڪمال اتباع سنت نبوي علیٰ صاحبها الصلوٰة والسلام والتحية تي آهي پوءِ انهن کان اهڙو ڪم سنت جي مخالف ڇو ٿو صادر ٿئي.

استخارا

پاڻ هر هڪ ڪم کي نماز استخارا ڪرڻ کان پوءِ شروع ڪندا هوا ۽ ڪڏهن ڪڏهن شهادت قلب ۽ دعا مسنون تي اڪتفا ڪندا هوا ۽ ڪڏهن گهڻن ڪمن لاءِ هڪ استخارا ڪندا هوا جي اتفاق سان اول ۾ استخارا نه ڪندا هوا ته وچ ۾ يا آخر ۾ ضرور انهيءَ تدارڪ ڪندا هوا. التحيات ۾ شهادت آڱر جو اشارو نه ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته اگرچه ظاهر ۾ بعض حديثون انهيءَ فعل تي دلالت ٿيون ڪن ۽ پڻ بعضي روايتون حنفين جون پڻ انهيءَ جواز تي آهن مگر جڏهن ڇڪي طرح غور ڪيو ويو ته هن احوط ۽ مفتي به ان جو ترڪ معلوم ٿيو. گهڻن علمن ان اشاري کي حرام ۽ مڪروه به چيو آهي. جو تنهن ڪري ڪو به فعل حل ۽ حرمت جي درميان ۾ واقع ٿئي ته انهيءَ جو ترڪ اولیٰ آهي ۽ پڻ حنفين جو عمل روايات اصل ۽ ظاهر الرواية تي آهي ۽ امام محمد انهيءَ ادا ڪرڻ جو ذڪر اصل ۾ نه ڪيو آهي بلڪ نوادر ۾ ڪيو اٿس (جئن اول مڪتوبات شريف جي ۾ پڻ سنن ن مڪتوب[2] شريف انهيءَ تحقيق ۾ آهي) باقي حضور جن ڪن نفلن ۾ بنظر احتياط ۽ احتمال سنت جي شهادت آڱر جو اشارو به التحيات ۾ ڪيو اٿن. ۽ فرضن جي ادا ڪرڻ کان پوءِ گهڻو دير

[1] اشارو سيپاره ا الٓمٓ سورة بقره رڪوع ۵ جي آيت سڳوري ڏانهن آهي
[2] مڪتوب ۳۱۲ اشاره سبابه (شهادت آڱر جي اشاري) جي تحقيق ۾ مير محمد نعمان ڏانهن لکيل آهي

اهڙن جي نيت يا ديني مشڪلات لاءِ فاتح خواني جنهن تہ مشهور آهي پاڻ نہ ڪندا هوا بلڪ فرمائيندا هوا تہ فقيهن هن کي مڪروه فرمايو آهي - فجر ۽ ديگر جي نماز کان پوءِ هٿ کڻي دعا گهرندا هوا مگر نماز ۾ هٿ نہ کڻندا هوا عيدن ٻنهي جي پٺيان نماز پڙهندا هوا تہ امام جي پٺيان الحمد نہ پڙهندا هوا هذا هو الاصح - ڪذا في المسلسد - مبدأ معاد ۾ بدعتي روايت جي صحت معلوم ٿي ٿئي - سڀڪنهن شخص جي پٺيان نماز پڙهڻ جائز ڄاڻندا هوا، پوءِ امامت ڪرائيندڙ فاسق هجي خواه نيڪوڪار هجي هر نيڪ بد جي جنازي جي نماز پڙهندا هوا. پاڻ بيمارن کان پڇڻ ويندا هوا ۽ عيادت وقت حديث ۾ آيل دعائون پڙهندا هوا. بعضي بيمارن جي دفع ڪرڻ لاءِ توجه فرمائيندا هوا. سندن دعا ۽ توجه جي برڪت سان هزارين بيمار شفاياب ٿي ويندا هوا. جنهن تہ ڪرامت جي باب ۾ ڪجهه مثال لکيا ويا.

زيارت قبور | قبرن جي زيارت لاءِ پاڻ ويندا هوا ۽ ماثوره دعائون پڙهندا هوا ۽ انهن تي توجه ڪندا هوا ۽ مماتي وارن لاءِ دعا ۽ استغفار گهڻو ڪندا هوا.

شروع زماني ۾ جڏهن پاڻ پنهنجي پير عالي مقدار ۽ پنهنجي والد بزرگوار رضي الله عنهما جي مزار پر انوار جي زيارت لاءِ تشريف فرمائيندا هوا تہ هن مرقد اطهر تي هٿ رکندا هوا جو تہ فقيهن اهڙي اجازت ڏني آهي ۽ آخر عمر ۾ پاڻ اهو هٿ رکڻ بہ ڇڏي ڏنائون جو تہ ڪن فقيهن انهي منع بہ ڪئي آهي - بهرحال قبر جي چمي ڏيڻ کي ڇڳو ڪم تہ ڄاڻندا هوا

اوليائن کان مدد گهرڻ ۽ دعوت قبولڻ ۽ ٻيا عقائد | اوليائن اهل مماتي وارن کان مدد گهرڻ جائز سمجهندا هوا ۽ جو به سنتي دعوت ڪندو هو قبول ڪندا هوا جيڪڏهن ڪنهن محفل ۾ راڳ، سرود يا ناچ يا ٻيو ڪو غير شرعي ڪم هوندو هو تہ هرگز دعوت قبول نہ ڪندا هوا ان محفل ۾ حاضر ٿيندا هوا ۽ مدد و دجايون جن جو شرع ۾ اثبات آهي مثلاً ايام تشريق جون تڪبيرون، بانگ وغيره کان سواءِ ٻيا ڏيان ذڪر جائز نہ سمجهندا هوا (زبدة، مسلسل) انکي ترڪ ادب جو ڄاڻندا هوا (جو اهو جهڙو ۽ جو حال باطني شريعت ۽ جمهور اهل سنت جماعت کان، مٽي جي وارجيتر و مخالف هوندو هو پاڻ انکي قبول نہ ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا تہ احوال باطني شريعت جو تابع آهي نہ شريعت تابع احوال باطني جي جو تہ شريعت قطعي (يقيني) آهي جا وحي سان ثابت ٿي آهي ۽ احوال باطني ظني (غير يقيني) آهي جو ڪشف ۽ الهام سان ثابت ٿيو آهي ۽ هي بدن مائيندا هوا تہ عجب آهي انهن خام ۽ ناتمام درويشن جو جيڪي پنهنجن ڪشفن تي اعتبار ڪري هن شريعت جي انڪار ۽ مخالفت ۾ ڪاهي پيا آهن حالانڪ

حضرت موسیٰ عليه السلام وڏ ذمرتبي جي باوجود جو مٿس ڪتاب لٿو ۽ نبي اولوالعزم هو ۽ سالڪ

ڏني تعالى ڪلام ڪيو جيڪا هن اسان جي پيغمبر رسول مقبول صلي الله عليه وسلم کان پوءِ حيات هجي ها ته ضرور هن شريعت محمدي على صاحبها الصلوٰة والتحية جي تابعداري ڪري ها، حضرت موسىٰ عليه السلام کان وڌيڪ انهن درويشن سڻين سڪڻ کي ڪهڙو رتبو مليو آهي جو شريعت جي ابتڙ ٿا هلن رهي فرمودو حضرت موسىٰ عليه السلام جي هتي تائين جو حديث شريف ۾ آهي) پاڪ علماء ماتريديه جي راءِ کي علماء اشعري جي راءِ تي مقدم رکندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته هي بزرگوار مدخلات فلسفه کان دور ۽ نور نبوت جي اقتباس کي بالڪل وڃايا آهن. خاص انسانن کي خاص ملڪن کان ۽ نبوت کي ولايت کان افضل بيان فرمائيندا هوا اگرچه ولايت ڪنهن نبي جي هجي، هوش کي ٻي هوشي تي ترجيح ڏيندا هوا ظاهر آهي ته بفحواءِ (مَا اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ۝) هوش هڪ وڏي نعمت آهي ۽ ليڪن عشرت وارن (گوشي ۾ نه رهندڙن) کي وڏن عزلت وارن (گوشي ۾ رهندڙن) کان ڀلو ڪري ڄاڻندا هوا - ظاهر آهي ته گوشي ۾ رهندڙ ٻاهر نه نڪرندڙ ڪيترين ڀلاين حاصل ڪري نٿو سگهي، مثلاً دعوت قبول ڪرڻ بيمارن کان پڇڻ جنازي تي حاضر ٿيڻ عيد گاه ۾ وڃڻ وغيره وغيره - جي سنتون محمدي صلى الله عليه وسلم آهن جن تي ڪيترين مڪاتيبن ۾ دليل موجود آهن -" سمورن اصحابن ڪرامن رضي الله عنهم کي امت جي مڙني اولياءُ قدس الله اسرارهم کان اعلى ۽ تمام ڀلو ڄاڻندا هوا ۽ جي اصحابن ڪرامن رضي الله عنهم جا پاڻ ۾ اختلاف ٿيا آهن انهن کي اجتهاد ۽ نيڪ نيتي تي حمل ڪندا هوا نه حرص هوا ۽ هوس تي. ڇو ته سمورا خواهش نفساني کان پاڪ هوا ۽ هميشه هڪ ٻئي سان محبت رکندا هوا - رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ جو فرمودو انهن جي انهي شان تي دلالت ٿو ڪري رُحَمَاءُ - صفت مشبه جو صيغو آهي جو دوام ۽ هميشگي تي دلالت ٿو ڪري - (جواهر علويه)

حضور جن انهي باري ۾ ڪيترا مڪتوب شريف اهتمام فرمايا آهن -

سيني طريقن کان نقشبندي طريقي کي ڀلو ڪري ڄاڻندا هوا

نقشبندي طريقي کي سيني طريقن کان ڀلو ڄاڻندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته هي طريقو بعينه اصحابن سڳورن جو طريقو آهي "بوجه اندراج النهاية في البداية -" ۽ فرمائيندا هوا ته هن طريقي جي بزرگن فرمايو آهي ته اسان جي نسبت مڙني نسبتن کان مٿي آهي. ڇو ته هي طريقو جڏهن ته سنت جي متابعت ۾ ٻين طريقن کان وڌيڪ آهي ته پوءِ ضرور نسبت ۾ انهن کان مٿي هوندو ۽ طريقي حق جي برخلاف جي انجام ٿو ڪن

له يعني - تون پنهنجي رب جي فضل سان ديوانو نه آهين - پاره ٢٩ ع ٢ له يعني - محمد ل آهن هڪ ٻئي ۾ - سورة الفتح پاره ٢٦

متاخرين مثلاً خواجه بزرگ، خواجه علاوالدين عطار، خواجه محمد پارساءِ خواجه عبيدالله قدس الله اسرارهم، تڏهن فرمايو ن آهن، پاڻ پسند ڪن فرمائيندا هوا. سبح اسرار جي ستن پهرين ۾ حضرت شاه محمد معصوم مهاجر مدني ارقام ٿو فرمائي ته باوجود يڪ حضور انور محبوب سبحاني قطب رباني قيوم زماني امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره السامي جن سيني خاندانن جي خلافت ۽ ڪمالات کان مشرف هو نجا ڳاله مسلم الثبوت ۽ اظهر من الشمس آهي. تڏهن به پي ڪتوبات شريف ۾ تا فرمائن ته جو طريقو اقرب[1]، اسبق[2] اوفق[3]، احڪم[4]، اسلم[5]، اصدق[6]، اولى[7]، اعلى[8]، اجل[9]، ارفع[10]، اڪمل[11] ۽ اجمل[12] جيڪي سو طريقه عاليه نقشبنديه قدس الله اسرارهم اها ئي آهي. هن طريقي جو نهايت اوچو شان هن سبب ڪري آهي جو هن طريقي ۾ التزام[13] ۽ بدعت نام رضيه[14] کان اجتناب آهي، هن طريقي جي مشائخن جي حالات اصحابن ڪرامن رضوان الله عليهم واڱر آهي ۽ ٻين مشائخن جي نهايت هنن مشائخن نقشبنديه جي ابتدا ۾ داخل آهي. هنن مشائخن نقشبنديه جو حضور ۽ آگاهي[15] وارن جي مرتبي کي پهتل آهي. الخ

جواهر مجددي ۾ جناب سيد احمد حسين ٿو فرمائي ته طريقت جي اصول ۾ هي ڳالهه داخل آهي ته مريد پنهنجي پير کي سڀني کان زور پيو ڄاڻي نه ته فيض کان محروم رهجي ويندو هن طريقي جو پيرِ اعلى سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي جنهن جو شان هيءُ آهي اَفْضَلُ الْبَشَرِ بَعْدَ الْاَنْبِيَاءِ بِالتَّحْقِيْقِ. يعني نبين کان پوءِ حضرت صديق اڪبر پيو آهي پوءِ طريقي نقشبنديه کي ٻين طريقن کان زور پيو سمجهن، شريعت خواه طريقت ٻنهي جي حڪمن جي ادائي ۾ سگهي ٿي. الخ

اوليائن سڳورن جي تمام گهڻي قدر، تعظيم ۽ ادب ڪندا هوا!

اوليائن سڳورن قدس الله اسرارهم جي تعظيم تمام گهڻي ڪندا هوا انهن جي ادب جي رعايت نهايت گهڻي قدر فرمائيندا هوا جي ڪڏهن به ولي جو ڪو ڪلام شريعت جي مخالف ڪين ڏسڻ ۾ ايندو هو ته انجو تاويل ڪندا هوا، عقلي، نقلي ۽ ذوقي دليلن سان انهن بزرگن جي علو حال ۽ صدق مقال جو بيان ڪندا هوا. جئن ته توحيد وجودي جي

---

[1] تمام ويجهو [2] تمام اڳرو [3] (سنت نبوي سان) تمام موافق [4] تمام مضبوط [5] تمام سلامتي وارو [6] تمام سچو [7] تمام پيلو [8] تمام مٿاهون [9] تمام وڏو [10] تمام مٿاهون [11] تمام ڪمال وارو [12] تمام سهڻو [13] جيئن طرح جنهن جي پوڻ [14] نا پسند [15] پرهيز ڪرڻ (آگاهي ثاني) ۾ صوفين جي اصطلاح ۾ قرب جي مقام ۾ حقيقت جي ڪشف جي ڪري دل جي اطمينان کي چئبو آهي.

پاڻ گهڻي قدر تحقيقات ڪئي آهي ۽ انهي وحدت شهودي جي تاويل سان شريعت سان پوري ريءَ سان منطبق[1] فرمايو اٿن. جيڪڏهن ڪو ظاهري علم وارو چوي ته وحدت وجودي جو مسئلو باطل آهي ته پاڻ ان تي سخت رنج ٿيندا هوا ۽ سخت جواب ڏيندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته باطل سان انهي اولياءِ ڪرامن جي جماعت جو ڪهڙو واسطو. الخ ـــ ٻي هڪ جاءِ تي تحرير فرمايو اٿن ته وحدت وجودي وارا بزرگ محبت الاهي جو ڪثرت تي قوي تارڪن ۽ ماسوا جي محبت کي مطلوب حقيقي تي فدا ڪن. الخ ـــ البت جي ڪنهن بزرگ جي ڪلام جو تاويل ٿي نه سگهي هو ته اهو ڏجوش سان تحرير ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته جي ڪلام ۾ هو شي جي غلبي ۾ صادر ٿيو آهي باقي ته ان پنهنجي ڪشف ۾ خطا ڪئي آهي ۽ خطا اجتهادي واڱر بخشيل خطا آهي ۽ پين کي حق نه آهي ته انهن بزرگن جي قول کي دليل وٺي، مجتهدن ۽ محققن جي قول جي برخلاف عمل ڪن. ۽ جيڪڏهن ڪو اجائي ڪوڙي دعوىٰ رکندڙ بي علم ڪو باطن بزرگن جي غير شرعيه قولن جي تائيد ۾ زور پري ٿو ته انهن پاڻ به نهايت مستيءَ جو ۽ غيرت ديني ۽ ڪمال اتباع سيد المرسلين عليه افضل الصلوٰة والسلام سبب ان گمراهه کي نهايت سختي سان رد ڪندا هوا. جيئن ته حضرت سيد الطائفه (جنيد بغدادي) جو قول آهي ته "جڏهن حادث قديم کي اوڏو ٿو ٿئي ته انهن حادث جو اثر باقي نٿو رهي ۽ قديم ٿي پوي ٿو." ان متعلق تحرير فرمايو اٿن ته جي جڏهن ڪين متابعت محمدي جي ڪمال جنون کان افاقو ٿيندن ته هو ته انهن اولياءُ ڪرامن سان جاني انتها محبت هوندي ته انهن کري بعضي وقت پڻ ظاهر ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا سڪر قوي به شريعت جي ڪمال محبت جهڙو قسم آهي انهي کري اهو شريعت جي محبت جو قلب شريعت جي ابتلا ۾ آهي تو انهن، مثو بر نڪتو ته ٿو ڏي منهنجو مثال حضرت ڪليم الله عليه الصلوٰة والسلام وانگر آهي جو اگرچه ﴿سَتَجِدُنِيٓ إِن شَآءَ ٱللَّهُ صَابِرًا﴾[2] ٻڌايو هو ته ڏنائين مگر بظاهر جو بر ڪم موافق شرع جي نه ٿي ڏٺائين صبر ڪري نه ٿي سگهيو ۽ اعتراض ڪري ٿي پئو آخر حضرت خضر عليه السلام کي پڇڻو پيو ﴿هَٰذَا فِرَاقُ بَيْنِي وَبَيْنِكَ﴾[3] ظاهر آهي ته حضرت موسىٰ عليه الصلوٰة والسلام حضرت خضر عليه السلام کان شان ۾ افضل ۽ اعلىٰ هو (فهم من فهم) ۽ پاڻ فرمائيندا هوا ته اگرچه اوليائن

---

[1] معنىٰ برابر، موافق ـ [2] سيپار ۱۵ سورة ڪهف رڪوع ۹ آيتن جي آيت ڏيري ته انهن اشارو آهي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ حضرت خضر عليه السلام جي ملاقات جو قصو آهي ته جيءَ حضرت موسىٰ چيو ته توهان جڏهن مونکي ڏيندين صبر ڪندڙ ـ [3] يعني ـ هي جدائي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ آهي ۽ سڄو پاڻ نحوءَ

سڳورن جي حقن ۾ سڄو غرق آهيان ۽ انهن جو خوشه چين آهيان پر چاڪر ڦي گهر جي جو خدا
جَلَّ وَعَلاَ جل حق مٿن جي حقن کان وڌيڪ آهن خصوصاً انهي امور جي ذات ۽ صفات حق تعالىٰ جي تقديس
۽ تنزيه سان تعلق ٿا رکن ______ حضور انور جن باري تعالىٰ جي حڪم ۽ حضرت رسول مقبول
صلي الله عليه وسلم ۽ ارواح طيبه عامرين رضي الله عنهم جي ارشاد ڪانسواءِ لکڻ لاءِ قلم بالڪل
نه کنيو هوا - جڏهن لکڻ شروع ڪندا هئا ته هن کي سڀ انبياء عليهم الصلواة والسلام جي صحبت جي شيطان کي
لوڏيندا هوا ۽ اوڏو نه اچڻ ڏيندا هوا - حضرت شيخ ابن عربي قدس سره جي گهڻي تعظيم ڪندا
هوا ۽ گهڻن وقتن ۾ انجو ذڪر خير بيان ڪندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته باوجود يڪ مونهن جي ان سان
محبت آهي ته هن به انهي جي ڪشفن کي پسند نٿو ڪريان جو ته حق انهي بر خلاف تسلي ۾ ٿو اچي
۽ جڏهن ته اها خطا ڪشفي خطا آهي انهن ڪري مواخذي کان پاڪ آهي اها خطا اجتهادي
خطا وانگر آهي - انهي طرح مقلد مجتهد مخطي به مواخذه کان پاڪ آهي ۽ جيڪڏهن مقلد
صاحب ڪشف جو آهي ۽ اهوان خطا ڪشفي جي تقليد ٿو ڪري اهو هرگز مواخذي کان پاڪ ناهي
ڇو ته هڪ شخص جو ڪشف ٻئي تي حجت ناهي -

هڪ ڀيري وقت جي فاضلن عوارف المعارف جو شيخ شهاب الدين قدس سره جو تڪميل
آهي، انهي شرح لکڻ لاءِ کين عرض ڪيو پاڻ سندن گهڻي استدعا تي شرح لکڻ شروع ڪيائون
عربي زبان ۾ هڪ حصي جو نهايت فصاحت بلاغت سان شرح تيار ٿيو - پوءِ خواجه محمد
هاشم کي فرمايائون ته بس هيتري قدر ڪافي آهي ۽ هاڻي بس ٿو ڪريان مبادا اذڪار ۽ اوراد
جي تحقيقات ۽ تدقيقات ۾ ڪا اهڙي ڳالهه قلم کان نڪري وڃي جو حضرت شيخ شهاب الدين جي
رعايت ادب جي ڪمال کان ابتڙ ٿي پوي حالانڪ انهن بزرگوارن جي ڪمترين مخلصن
مان آهيان - حاصل ڪلام پاڻ بزرگان دين جو ڪمال ادب ڪندا هوا باقي جو ڪجهه
پنهنجن خصوصيتن ۽ وڏن وڏن مقامن جو اظهار فرمايائون جنهن مان ظاهر ۾ سندن
علو شان، افضليت، اڪمليت ۽ افضل الاولياء امت هوڻ معلوم ٿو ٿئي ته انهن لاءِ
پاڻ فرمايائون ته هي آئون اظهار نعمت حق سبحانه و تعالىٰ جو ٿو ڪريان نه پاڻ کي ٻين
کان پڻ سٺو سمجهڻ ٿو گهران - خدا جَلَّ وَعَلاَ جي معرفت ان تي حرام آهي جو پاڻ کي ڪافر کان
بهتر ڄاڻي، ولي چون شعر ابر واداشت از خاڪ سر ذرگر نگذرانم سر بافلاڪ
راقم الحروف:- سبحان الله! ڇا ته متابعت محمدي صلي الله عليه وسلم جو جزن آهي - جناب

رسول مقبول صلی الله عليه وسلم جن ڪڏهن ته فرمائيندا هوا ته اِنَّ اللّٰهَ فَضَّلَنِيْ عَلَى الْاَنْبِيَاءِ وَفَضَّلَ اُمَّتِيْ عَلَى الْاُمَمِ ترمذي[1] ۽ ڪڏهن ته نبين سڳورن جي تعظيم ۽ ادب جي رعايت ڪري تواضعًا فرمائيندا هوا - لَا تُخَيِّرُوْنِيْ عَلٰى مُوْسٰى[2] يو فرمائيندا هوا لَا تُفَضِّلُوْا بَيْنَ الْاَنْبِيَاءِ (بخاري)[3] وڌيڪ عجب جهڙي ڳالهه آهي ته ڪجهه فرمائيندا هوا مَنْ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِنْ يُوْنُسَ فَقَدْ كَذَبَ[4] بخاري، نبراس -

حضرت مجدد الف ثانيؒ جي مڪتوبات شريف ۾ ساري انهيءَ مضمون ۾ پيل آهي جنهن ته هڪ جاءِ تي فرمايو اٿن نُوْرُ الْقَمَرِ مُسْتَفَادٌ مِّنْ نُوْرِ الشَّمْسِ ۽ ٻيا جملا به ڪيترا ادب جا فرمايا اٿن ۽ پنهنجي مقامن جو به اظهار ڪيو اٿن جو ڳڻ ڪو به ديڳي آهن ڪا مثنوي شريف ته تدريس وغيره ۾ - حضور جن ڪي ديني ڪتاب بي حد پڙهائيندا هوا جهڙوڪ بيضاوي شريف بخاري شريف، مشڪواة شريف، عوارف بزدوي، هدايه، مواقف وغيرها ۽ علم ديني پڙهڻ لاءِ طالبن کي گهڻي ترغيب ڏيندا هوا ۽ علم ظاهري جي تحصيل کي باطني سلوڪ ۾ داخل ٿيڻ ۾ مقدم رکندا هوا ۽ مسنون ڏينهن ۾ سفر ڪندا هوا ۽ نجومي ساعتن تي عقيدو نه هوندا هوا ۽ فرمائيندا هوا ته جناب حضرت سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والتحيات جي ولادت کان پوءِ ڏينهن جي نحوست کڄي وئي - حديث شريف ۾ آهي ته اَلْاَيَّامُ اَيَّامُ اللّٰهِ وَالْعِبَادُ عِبَادُ اللّٰهِ[1] سفر ڪرڻ کان اڳي استخارو ڪندا هوا ۽ پيون ماثوره دعائون پڙهندا هوا - پهرين، جڏهن ۽ رهڻ جي جاءِ تي به انهي دعائن تي ڪنه ڪندا هوا ۽ انهيءَ طرح پاڻي پيئڻ، کاڌي کائڻ، چئبي ڏسڻ ۽ آئيني ڏسڻ وقت به ماثوره دعائون پڙهندا هوا -

راقم الحروف به عرض ٿو ڪري ته حضرت مولانا محمد صالح ڪولابي قدس سره جا هڪ رسالو حضور انور جن جي ورد وظائف ۽ معمولات ۾ هداية الطالبين نالي لکيو آهي ڏسڻ جهڙو آهي مون به ان جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي[2] وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ -

---

[1] تحقيق ته الله سبحانه وتعالىٰ مونکي سڀني نبين تي فضيلت ڏني آهي ۽ منهنجي اُمت کي سڀني امتن تي فضيلت ڏني آهي - [2] مونکي (حضرت) موسىٰ تي فضيلت نه ڏيو - [3] نبين ۾ هڪ ٻئي تي فضيلت نه ڏيندا ڪريو - [4] جنهن چيو ته مان (حضرت) يونس کان ڀلو آهيان تنهن ڪوڙ ڳالهايو آهي -

فائدو :- حضرت جن جي مٿين حديث جو مطلب هي آهي ته نفس نبوت ۽ نبين جي وحي ڪو فرق نه آهي سڀ نبي الله تعالىٰ جا سچا ۽ ڀاڳي نبي درجن ۾ تمام وڏو فرق آهي ۽ حضرت جن جي فضيلت سڀني نبين تي ثابت آهي قرآن ۾ آهي ته تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۾ - يعني ڪن نبين کي اسان ٻين تي فضيلت ڏني آهي (حضرت) هي مجذوب [1] جنهن جو لو سچ جي ڪوشش درجو آهي [2] ته ڏينهن سڀ الله جا ڏينهن آهن ۽ ٻانها سڀ الله جا ٻانها آهن -

حمد ۽ استغفار وغيره

حمد ۽ استغفار سان گهڻو واسطو رکندا هوا ٿوري نعمت تي بہ گهڻو شڪر ڪندا هوا
جي ڪا نہ ترڪ اولىٰ جو صادر ٿيندو هو تہ بالڪل گهڻو استغفار پڙهندا هوا ملڪ
۾ ڪا بہ مصيبت ايندي هئي تہ پاڻ فرمائيندا هوا تہ هي اسان جي عملن جي شامت آهي انهيءَ ڪري
خير خيرات سان ڪندا هوا - ڪثرت اعمال جي باوجود مٿن قصور اعمال جو تصور غالب هو ۽
پنهنجن طالبن کي بہ اها هدايت ڏيندا رهندا هوا تہ پاڻ کي عمل وارو سمجهڻ ۽ پاڻ تي نہ ڇڏيو
۽ فرمائيندا هوا تہ عمل صالح کي عُجب ائين نابود ڪري ٿو جيئن باھ ڪاٺ کي - عُجب جي معنىٰ هي
آهي تہ عمل ڪندڙ جي نظر ۾ پنهنجو عمل چڱو ۽ سُٺو نظر اچي - طالب کي گهرجي تہ جڏهن
وقت پنهنجا عمل ڪيس وٺي ان وقت پنهنجن عيبن کي ياد ڪري ۽ چڱاين کي ان سان تهمت وارو بنائي
۽ شرمندو ٿئي ۽ فرمائيندا هوا تہ ڪهڙي جماعت اهڙي بہ آهي جن تي پنهنجن عملن کي ڪجهہ نہ
سمجهڻ واري حالت ايتري قدر غالب آهي جو هو پنهنجي سڀني ڪُنهي واري ڪاتب کي بہ ڪاڻ وانگي
ٿا سمجهن ۽ ڪي ڪُنهي واري ذڪر اين ڪندڙ) ڪي هميشہ ڪم ۾ مشغول ٿا رهن - پاڻ مصيبتن
مشڪلاتن ۽ خلق جي ملامت کي باطن جي ترقي لاءِ ڏاڍو ڪٺ سمجهندا هوا - هن جاءِ تي بہ مڪتوب
صاحب زاده جي لکيا آهن قابل ديد آهن -

ـــ جواهر مجدديه ۾ لکيو آهي تہ پهري حال سند ن خُلق سراپا محمدي هو - صبر ۽ شڪر
حلم، تواضع، زهد، ورع ۽ قناعت، تسليم، رضا ۽ توڪل سند ن عادات ۾ داخل آهن

پوشاڪ وغيره

روضه ۾ آهي تہ حضور انور جو لباس بجنسه اصحابن سڳورن جهڙو هو - پاڻ
دستار مبارڪ مسنون ٻڌندا هوا. ٽوپي مبارڪ، دستار مبارڪ جي ور ۾ هوندي هئي (هوندو
شملو ڏنو) مسنون ٻن ڪلهن جي وچ ۾ ڇڏيل هوندو هو قميص جي گريبان جو ٽڪ
ٻن ڪلهن مبارڪن وٽان - ستن گز ٻن (ٽڪين) ڪان مٿي پلڪ ادڙ پيئي ٿي - لٺ مبارڪ هٿ
۾ ۽ مصلو ڪلهي مبارڪ تي رکندا هوا جمعو ۽ ٻنهي عيدن جي ڏينهن تي مسنون عمده لباس پهرين
فرمائيندا هوا. **حضور جن جي طريق تعليم ۽ ٻين طريقن جي وچ ۾ عظيم فرق**

ـــ صاحب روضه جي تہ بالڪل گهڻو لکيو آهي مگر اسان هت جواهر مجدديه تان نقل ٿا ڪريون
جو سيادت پناه عرفان آگاه احمد حسين امروهوي ثم الحيدرآبادي ارقام فرمايو آهي تہ ڪن
اولياءَ سڳورن جو سلوڪ هيٺين طرح آهي -

ـــ (١) سير الى الله : - هن ۾ عالم خلق، عالم امر واحديت جو سير ٿو ٿئي -

(٢) سير في الله :- هن ۾ احديت جو سير ٿو ٿئي - جنهن کي حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن پنهنجي تحقيق ۾ فرمائن ٿا ته هي سير حقيقتاً اسماء ۽ صفات جو ظلال آهي ۽ سير عن الله بالله هن ۾ احديت کان ڪثرت خلق جي طرف نزول جو سير ٿو ٿئي -

نوٽ :- مراد عالم[1] خلق کان مخلوق تحت العرش ، عالم[2] امر مان مراد مخلوق فوق العرش وغيره - واحديت[3] مان مراد مفصل صفات الاهي - وحدت[4] مان مراد مجمل صفات الاهي احديت[5] مان مراد ذات بحت (صرف) آهي ، جو هر قسم جي اعتبار کان پاڪ آهي - هي پنج مرتبا ۽ هڪ مرتبو انسان جامع جنکي مراتب ستهه چيو ٿو وڃي ۽ هي مرتبا محض اعتباري آهن نه ته اها هڪ ذات آهي جا قدم کان امڪان تائين موجود آهي - حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي سلوڪ جو سير هن طرح آهي ١ ولايت صغرىٰ يا ولايت اولياء هن ۾ سير الى الله ٿو ٿئي پڇي اهو سير جنهن کي ٻيا اولياء ڪرام سير في الله ٿا سڏين هن حقيقت ۾ اهو سير ظلال آهي ٢ ولايت ڪبرىٰ يا ولايت انبياء :- هن ۾ اصل اسماء ۽ صفات جو سير ٿو ٿئي - اهو سير ٻين طريقن ۾ ڪونهي هن ڪالنواء ٻيا سوره[16] هن يا ستره[17] هن مقام مفصل هينان آهن جو ذات بحت کان اڳي هن سلوڪ ۾ طئي ٿي ٿا وڃن -

ت (١) ولايت عليا يا ولايت ملائڪ (٢) ڪمالات نبوة (٣) ڪمالات رسالت (٤) ڪمالات اولو العزمي هن کان پوءِ يا (٥) قيوميت اشياء يا (٦) حقيقت ڪعبه (٧) حقيقت قرآني (٨) حقيقت صلواة (٩) بعض سالڪن جي روزه جي حقيقت (١٠) معبوديت صرفه (١١) عبديت يا (١٢) خلت حقيقت ابراهيميه (١٣) محبيت حقيقت موسويه (١٤) محبوبيت ممتزجه حقيقت محمديه (١٥) محبوبيت ساذج حقيقت احمديه (١٦) تعين حبي (١٧) تعين وجودي هن کان پوءِ دائره لا تعين يعني ذات بحت مع الصفات الثمانية الحقيقة

ت قصيده در شان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ، از جناب مولانا حافظ فتح محمد صاحب فاروقي دهلوي قادري چشتي نظامي :-

ہوا ہوں جب سے دیوانہ مجدد الف ثانی کا — میں ہوں مشہور مستانہ مجدد الف ثانی کا
چلو اے تشنگانِ بادۂ وحدت پیو چل کر — رواں ہے فیض میخانہ مجدد الف ثانی کا
وہ فاروقی نسب ہیں مشرب ان کا نقشبندی ہے — طریقہ ہے شریفانہ مجدد الف ثانی کا
وہ شمع دین احمد ہیں اور احمد نام ہے ان کا — دلِ عالم ہے پروانہ مجدد الف ثانی کا

محبت جن کو ہے اللہ سے ہوگی وہی دل سے — سنا کرتے ہیں افسانہ مجدد الف ثانی کا
سلاسل چار ہیں حق کے سب آپس میں یکدل ہیں — نہیں ہے کوئی بیگانہ مجدد الف ثانی کا
خودی سے دور ہو ہردم رہا کرتا ہے وہ بے خود — پیا ہے جس نے پیمانہ مجدد الف ثانی کا
خدا اور مصطفیٰ کا اور وہ ہے اصحاب کا پیرو — بجالائے جو فرمانا مجدد الف ثانی کا
حقیر اہل قیامت سب کہیں گے دیکھ کر مجھ کو — وہ دیکھو آیا دیوانہ مجدد الف ثانی کا

حضور جن جون پيشگويون پنهنجي رحلت جي باري ۾

حضرت سلطان العارفين سيد السالڪين قيوم زمان مرشدنا خواجه حاجي صاحب ڪلان (خواجه شاه فضل الله جان) رضي الله عنه جن عمدة المقامات ۾ تحرير فرمائن ٿا ته حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي عمر مبارڪ موافق اعداد احمد ٿيو ڄاڻايل رهندي جو اصحابن واقف الاسرار کي فرمايائون ته مونکي الهام ٿيو آهي ته قضاءِ[1] مبرم[2] منهنجي عمر تريهٺ سالن تائين آهي - پاڻ انهي الهام کان پوءِ بالڪل گهڻو خوش ٿيا هئا ڇو ته انهي عمر ۾ حضرت سيد المرسلين عليه و علىٰ آله الصلواة والسلام جي متابعت ڪئين حاصل ٿي، پر حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت عمر فاروق اعظم ۽ حضرت علي مرتضيٰ رضي الله عنهم سان به سندن عمر جي موافقت ٿي - ورسي سنه ۱۰۳۲ هجري ۾ حضور انور رضي الله عنه جن اجميز شريف ۾ هوا جو پاڻ فرمايائون ته منهنجي رحلت جا آثار ڏيکجا معلوم ٿا ٿين ۽ پنهنجن صاحبزادن سڳورن رضي الله عنهما ڏانهن سرهند شريف مڪتوب ۾ هيٺين عبارت لکي موڪليائون "ايام انقراض نزديڪ و فرزندان دور" هن مڪتوب شريف پهچڻ شرط ٻئي صاحبزادا حضرت خواجه محمد معصوم ۽ حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله عنهما سندن خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا - پاڻ ڪين خلوت ۾ گهرائي فرمايائون ته "منهنجي لاءِ هاڻي ڪنهن به طرح ڪو لاڳاپو ۽ ڪنهن به طرح جو ڳانڍاپو هن جهان سان نه رهيو آهي آءٌ هن جهان ۾ وڃڻ گهران ٿو" - مگر جڏهن پنهنجن صاحبزادن سڳورن کي گهڻو غمگين ڏٺائون ته پاڻ اهيا ڳالهه به کين معلوم ٿي چڪي هئي ته وصال جي ڏينهن ۾ هڪ سال باقي آهي ته هن

---

[1] لغت ۾ قضا جي معنيٰ حڪم آهي ۽ اصطلاح ۾ انهي حڪم الٰهي کي چئبو آهي جو ازل کان ابد تائين مخلوقات جي سڀني حالتن جي متعلق هوندو آهي جيڪو حقيقت ۾ عيني آهي - ۽ محققن جي اصطلاح موجب قضاء ان کي چئبو آهي ته سبب جي موجود هئڻ کان پوءِ واجب وقت ادا ڪجي

[2] قضا به قسم آهي هڪ مبرم ٻيو معلق - مبرم جي معنيٰ آهي پڪي ۽ مضبوط - معلق جي معنيٰ آهي ڪنهن شرط سان ٻڌل - فائده: قضاء مبرم ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار ڪانه ٿيندي ۽ قضاء معلق ۾ تغير تبدل ٿي ٿو پر قضا

ڏري ڪين خلوت ۾ گهرائي فرمايائون ته ٿوري مدت لاءِ هڪ ٻئي ڪم جي پوري ڪرڻ
واسطي مونکي نگاه ۾ رکيو ويو آهي انهي خوشخبري کان پوءِ حضرات صاحبزادا رضي الله
عنهما تمام خوش ٿيا ۽ هي خوشخبري سندن ۽ خاطر مبارڪ جي تسلي جو باعث ٿي پئي.

— هڪ ڀيري پاڻ حضرت خواجه معين الدين چشتي قدس سره جي روضي مبارڪ
جي زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا هوا درگاه جي مجاورن حضور انور جي حد کان زياده
تعظيم ۽ تڪريم ڪئي ۽ روضي مبارڪ جو غلاف سندن حضور ۾ اڳيان رکيائون پاڻ
نهايت ادب سان (جو حضور انور جن جو وجود مبارڪ سراسر ادب هو)، قبول فرمائي
دل مان هڪ سرد آه ڪري هيئان جملا زبان مبارڪ تي آندائون - جن مان سندن
رحلت جي خبر معلوم ٿي. "لباسے ازاين نزديکتر بحضرت خواجه نبود لاچار آنرا بالطف نمودند
براے تکفين ما نگهداريد". جڏهن پاڻ اجمير جي هن سفر کان موٽي سرهند شريف
رونق افروز ٿيا ته هن خلوت ۾ رهڻ اختيار فرمايائون - جمعه جي نماز کان سواءِ
ٻاهر نه نڪرندا هوا ۽ پنجن وقتن جي نماز به اندر خلوتخاني ۾ مخصوص جماعت سان
پڙهندا هوا. جي مخصوص سندن حضور ۾ ويندڙ هوا. صاحبزادن سڳورن
۽ ٻين ڪن خاص خليفن کانسواءِ ٻيو ڪو به اندر نه ويندو هو. آخر عمر شريف ۾ سندن
ايتري قدر عالي مشرب ٿي ويو هو جو تواتر ڪامل ماڻهون جي باوجود کثرت قوة علمي
جي ۽ سندن مذاق جي آشنائي کان به مشرف هوا، تن کان هوندي به سندن ڪلام مبارڪ
جا دقت معاني جي ڪري اهو حال ٿي پيو هو - جئن مڪتب ۾ ٻار هجي پڙهندا آهن - انهي
وقت ۾ پاڻ جنهن به پنهنجي محب ڏانهن ڪو مڪتوب شريف لکندا هوا اُن ۾ جهڙي طرح
لکندا هوا ته "هاڻي وقت نزديڪ اچي ويو آهي ته سڀني ته ڇالو پيش اچي".

— مولانا محمد هاشم ڪشمي زبدة ۾ تحرير ٿو فرمائي ته خلوت وارن ڏينهن
۾ هڪ ڀيري حضور جن کان ٿي موڪلايو ان وقت عرض ڪيم ته حضرت! دعا فرمايو ته مون
وري جلد هي ٻانهون هن آستان ملجا خدا پرستان تي اچي حاضر ٿئي پاڻ اندران
آه ڪري فرمايائون ته آئون دعا ٿو ڪريان ته آئون ۽ تون ٻئي آخرت ۾ هڪ جاءِ تي گڏ هونداسون.
سون. جڏهن خواجه محمد هاشم موٽي آيو ته حضور جن اڳي وصال فرمائي ويا هوا.

— ارتحال احمدي ۾ مولانا بدرالدين قدس سره حضرت خواجه محمد معصوم

۽ خواجه محمد سعيد کان روايت ڪري ٿو ته جنهن سال پاڻ وفات فرمايائون ان سال برات جي رات پاڻ حويلي مبارڪ ۾ تشريف فرما ٿيا. حضرت عصمت پناه ام المريدين رضي الله تعالىٰ عنها جن مصلي تي تسبيح پڙهڻ ۾ مشغول هوا حضور جن کان پڇڻ لڳا ته اوهان تهجد پڙهيو آهي فرمايائون ته ايجان ڪونه پڙهيو اٿم جو ڪجهه بدن ۾ ٿڪ معلوم ٿو ٿئي لحظو آهلي پوءِ ٿو پڙهان. حضور جن لحظو ڪن پاسو مبارڪ کوڙي وري اٿي ويٺا. پاڻي گهرائي وضو ڪيائون حضرت عصمت پناه رضي الله عنها جي زبان مبارڪ مان اوچتو هي اکر نڪري ويو ته "خدا جاڻي اڄ ڪهڙن جو نالو هستي جي صفحي تان ميٽي ڇڏيو هوندائون ۽ ڪهڙن جو قائم رکيو هوندائون" پاڻ فرمايائون ته اوهين ته شڪ جي طرح ڳالهه ٿا ڪريو پر ڪهڙو حال هوندو ان شخص جو جيڪو ڏسي رهيو آهي ته منهنجو نالو حياتي کان ميٽيو ويو آهي. پاڻ ڏانهن اشارو فرمائڻ لڳا. هي ڳالهه ٻڌي ٻيبي حضرت عصمت پناه رضي الله عنها ڪين عرض ڪيو ته اوهين اهل عيال ۽ خلق کان هيڏي سي لڳا پيا آهيو ڇڏي فرمايا آهن تنهنجو ڪهڙو باعث آهي پاڻ فرمايائون منهنجي وفات جو وقت تمام قريب ۽ تمام قريب آهي سو جنهن کي وفات جي قرب جي خبر معلوم ٿئي تنهن کي هي ڳالهه بالڪل سهڻي ۽ لائق آهي ته پاڻ کي گهڻي قدر خدا جلّ وعلا جي عبادت ۾ مشغول ڪري ۽ تسبيح ۽ استغفار ۽ درود ۽ قرآن مجيد جي تلاوت ۽ ذڪر وغيره کان پاڻ کي هڪ دم به غافل نه ڪري ۽ غير حق کان بالڪل لاڳاپا ٽوڙي ڇڏي ۽ ائين نه ته هو غفلت ۾ پيو رهي. تو هين به مونکي خدا جلّ وعلا جي حوالي ڪريو. اهه ملخصًا

حضور جن جي بيماري شروع ٿيڻ ۽ وصيتون ۽ پيشگوئيون ۽ ضروري تاڪيدون

سه جنهن ته روزگار ناپائدار جو مدار بي وفائي تي آهي ۽ فلڪ غدار ڪج رفتار جي وضع بي بقائي تي آهي. مجدد الف ۽ قيوميت جي ٽيهين سال جي آخر ۾ پاڻ نماز عيد الاضحىٰ کان فارغ ٿي ماڻهن کي خطاب فرمايائون ته مون اوهان کي اڳ به خبر ڏني آهي ته مان سگهوئي دنيا مان سفر ڪرڻ وارو آهيان ۽ قضا مبرم کان ائين معلوم ٿيو آهي ته منهنجي عمر ٽيهٺ ورهه حضرت رسالت پناه صلى الله عليه وسلم جي سنت موافق ٿيندي. هاڻي ورهه پڄاڻي کي پهتو آهي. قريب آهي ته اوهان کان موڪلائي ديدار پروردگار جو ڪندس اي الله جا ٻانهو جو ڪجهه مونکي خدا عزّ وجلّ ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم کان پهتو سو مون اوهان کي پهچائي ڏنو. اوهين جاڻو ٿا ته مجدد الف جي خدمت ۽ ملت

محمدي جي رواج لاءِ مون ڪيتريون ڪوششون ڪيون ۽ دين جي دشمنن جون سختيون سٺيم. وقت جي بادشاهه جي قيد ۾ رهيس ۽ لشڪر سان گڏ رهڻ جي پاءِ بندي قبول ڪيم. مگر پنهنجي ڪم کي نه ڇڏيم. هاڻي توهان کان جدا ٿيڻ وارو آهيان. توهان کي خداءِ تعاليٰ جي حوالي ٿو ڪريان منهنجي ملاقات اوهان سان قيامت جي ڏينهن حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي تنبوءَ ۾ حساب وقت ٿيندي. توهين شاهد رهجو ته مون پنهنجن فرضن جي ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي. آنحضرت صلي الله عليه وسلم اوهان کان پڇندو ته مجدد الف ثاني اوهان سان ڪئن حياتي گذاري. سيني جواب ۾ عرض ڪيو ته اي امام الاولياءِ نائب خاتم الانبياء، تحقيق اوهان شريعت نبوي ۽ محمدي ملت جي رواج ڏيارڻ ۾ گهڻي ڪوشش فرمائي. اسان کي اوهان سنتي واٽ ڏيکاري. دنيا کي گمراهي کان ڪڍي سنتي رستو ڏيکاريو ۽ دين جي دشمنن جون سڀ تڪليفون سٺيون. شريعت ۽ طريقت کي اوهان زيب زينت ڏني اوهان وقت جي مسلمانن کي اصحاب رسول جي وقت سان مشابهت پوري طرح ڏيئي. الله جل وعلا اوهان کي جزا خير ڏئي. اسين مٿين شاهدي ڏيندا اسون هن کان پوءِ حضور اقدس جن مريدن جي حق ۾ دعا گهري ته الله جل وعلا اوهان کي نهايت ڪمال تائين پهچائي ۽ دنيا جو گذران پڻ ڪشادو ڪري. ۽ فرمايائون ته توهان کي وصيت ٿو ڪريان ته قرآن ۽ حديث جي حڪمن تي قائم رهجو ۽ مجتهدن جي فرمانبرداري ڪجو جنهن ۾ مٿي جي وار جيترو به فرق نه ٿئي. متان دين ۽ ايمان ۾ خلل نه پوي ۽ بي دينن پيرن کان پرهيز ڪجو جي فقير وحدت الوجود جا غرق ۽ سرود ۾ مشغول آهن اهي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ آهن. انهن ڳالهين هوندي جي احوال سالڪن تي ظاهر ٿيندا هوا مون حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي درگاهه مان عرض ڪري انهن جو انڪشاف بند ڪرايو آهي. اهڙن ماڻهن تي آئينده اهڙا احوال ظاهر نه ٿيندا. ڪنهن ڪنهن کي فائدو ٿيندو مگر اهڙا اڪثر گمراهي ۾ پيل هوندا توهين شريعت تي پڪ ڪجو ۽ طريقت تي ثابت قدم رهجو عزيمت تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪجو، ڪراهت ۽ رخصت کي ويجها نه وڃجو، ذڪر ۽ شغل ۽ مراقبو گهڻو ڪجو عبادت ۾ ڪوشش سان رهجو پنهنجي ساري عمر فڪر الاهي ۾ آباد رکجو. جئن باطن جا احوال ڪشادا رهن. اڄ کان قيامت جي ڏينهن تائين باطن جي ترقي ٿيڻ شريعت شريف جي متابعت کان سواءِ مشڪل آهي. ڄاڻو ته جو شريعت جي تابعداري نه ڪري تنهن هوندي به مان کان ڪرامتون

يا مريدن جي حالتن ڦيرائڻ جو ڪم ته نه پوءِ اهڙا ڪرامت نه چئبي بلڪ استدراج آهي
يعني اهڙا حالتون انهن کي درجي بدرجي دوزخ ۾ نيندڙ آهي - حقيقت ۾ اهو الاهي معرفت
ڪان بي نصيب هوندو بلڪ دين ۽ ايمان ۾ خلل هوندس - ظاهر آهي ته دين ۽ ايمان
۾ معرفت الاهي بدل آهي - مون انهي قسم جون گهڻيون نصيحتون پنهنجي ڪلام ۾
لکيون آهن اهو ئي سبب آهي جو منهنجو ڪلام ڊيگهارو ٿي ويو - آئون توهان ۾ پنهنجو
ڪلام يعني مڪتوبات ۽ رسالا ڇڏي ٿو وڃان جي ان تي عمل ڪندؤ جو تڪار و
لهندؤ ۽ علم باطني کان حصو وٺندؤ - حق جل و علا مون کي پنهنجن سڀني مريدن
جي حالتون ظاهر ڪري ڏني آهي جيڪي به قيامت تائين منهنجي طريقي ۾ داخل ٿيندا مون
اُمت جا صالح اڪثر پنهنجي طريقي ۾ ڏٺا آهن جي حساب ڪريان ته اُمت جا اڌ کان
زياده نيڪ ماڻهو اڪثر پنهنجي طريقي ۾ ڏٺا اٿم - مون علم ۽ معرفت فضل ۽ قطبيت
۽ فرديت پنهنجي طريقي ۾ قيامت تائين ڏني آهي ۽ آئون وصيت ٿو ڪريان ته منهنجي
اولاد جي پوري طرح عزت ۽ تعظيم ڪجو ۽ سختي ۽ مصيبت جي حالت ۾ انهن کان
دعا گهرجو - الله تعاليٰ منهنجي فرزندن کي پوري معرفت ۽ قرب اتم سان مخصوص
ڪيو آهي ۽ ساري جهان تي انهن جي بزرگي ۽ سگهوري قائم فرمائي آهي - مون
سان الله جل و علا وعدو فرمايو آهي ته منهنجي امانت خاص ۽ ساري جهان جي قطبيت
منهنجي اولاد ۾ رهندي ۽ اهي هميشه وقت علم ۽ فضل، ولايت ۽ معرفت الاهي جي
ڪان پنهنجي وقت ۾ افضل ۽ اعليٰ هوندا انهن کان پوءِ حضرت معصوم زماني عروة
الوثقيٰ رضي الله عنه ڏانهن خطاب ڪري فرمايائون ته جي فرزند اهڙن وصفن
وارا ۽ منهنجي امانت خاص جا وارث ۽ زماني جا قطب هوندا اهي تنهنجي اولاد
مان هوندا - وري فرمايائون اي محمد معصوم تنهنجا فرزند مون جهڙا ٿيندا
خصوصاً جو نينگر هن سال ٿو ڪان پوءِ پيدا ٿيندو يعني مروج الشريعة حضرت خواجه
حجة الله قدس سره گهڻي تقرير ڪان پوءِ فرمايائون ته ٻارهين صدي ۾ گهڻا ئي
فساد ڪڙا ٿيندا ان وقت سنت نبوي صلي الله عليه وسلم کي لازم ڪري وٺجو، شريعت
۽ طريقت تي قائم رهجو - طاقت آهر ان فساد جي هٽائڻ ۾ ڪوشش ڪجو ۽ بدعت کي دفع
ڪجو حق تعاليٰ اوهان کي بدعتن تي غالب رکندو ۽ توهان کي ڪرهن بدقسم جي تڪليف

نپهنجندي ايتري قدر جو دجال کي به منهنجي خانقاه ۾ اچڻ جي جرئت نه ٿيندي ۽ منهنجو طريقو ايتري قدر دنيا ۾ پکڙجي ويندو جو روءِ زمين جي هر هڪ شهر ۾ پکڙجي ويندو وهڙا وسندا آهن مان ڇهه ست سؤ منهنجي طريقي جا مريد هوندا. باقي مون ڏانهن ارادو ڪندڙ هوندا. ٻيا طريقا اڌ ليپ ٿي پوندا. گهڻي مدت کان پوءِ امام مهدي پيدا ٿيندو ۽ اهو پڻ هن طريقي ۾ مريد ٿي سلوڪ حاصل ڪندو ۽ سلوڪ کان پوءِ هي سڀ ڪماليتون امام مهدي ۾ ظاهر ٿينديون اهو به منهنجي ڪمالات جو اقرار ڪري هن نسبت يعني طريقي مجددي جو رواج ڏيندڙ ٿيندو بلڪ جا ڳالهه پنهنجي امامت جي باري ۾ ڪندو ان سان گڏ منهنجي ڪمالات جو اقرار پڻ ڪندو. انهي وزير اعظم جو نالو شيخ احمد هوندو. جو منهنجي اولاد مان هوندو ۽ پوءِ آئون هن طريقي يعني مجددي جي ڪهڙي تعريف ڪريان. ان جو پهريون ته آئون آهيان ٻيو مياڻي محمد معصوم ۽ ان جو اولاد عليوين انجو حضرت امام مهدي هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ فرمايائون ته حضرت مهدي موعود عليه السلام منهنجي ڏهٽي مان هوندو ۽ جو احمد نالي بزرگ حضرت امام مهدي جو وزير هوندو. تنهن لاءِ حضرت خواجه امام محمد معصوم رضي الله عنه جو فرمودو آهي ته اهو منهنجي اولاد مان هوندو. پوءِ گهڻي تقرير کان پوءِ فرمايائون ته اي يار وهاڻي تو هاڪان موڪلايان ٿو. هي خبر ٻڌندي مخلوقات ۾ شور برپا ٿيو. تنهن کان پوءِ خلوت خاني ۾ تشريف فرمائيائون. اتي ٿوري دير لطف فرمائي پنهنجي اهل حرم ۽ فرزندن کي فرمايائون ته تيئن مهينن کان پوءِ ڄاسردي جي موسم اچڻي آهي ان وقت آئون هن گهر ۾ نه هوندس. حاضرين عرض ڪيو ته شايد اوهين ٻئي گهر ڏانهن اٿڻ لاءِ ارادو ٿا ڪريو پاڻ فرمايائون ته نه.

ان حال ۾ مولانا بدرالدين ٿو لکي ته حضور جن کي هر سال ۾ ضيق النفس جي بيماري جو دورو ٿيندو هو. خلوت نشيني جي گذرڻ تي ڇهين يا ستين مهيني سترهين ذوالحج ڌاري گذريل سالن کان زياده سختي سان دورو ٿيو هو. ذوالحج جي وچ ڌاري ساهه جي بيماري سختيءَ سان ٿي ڪيترا ڏينهن ان ۾ بيمار رهيا. انهن ڏينهن ۾ حضرت سيدنا و مرشدنا غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره العزيز روحاني ظاهر ٿي فرمايو ته مان اوهان منهنجي هن بيت جي معنيٰ ۾ حيران آهن.

أَفَلَتْ شُمُوسُ الأَوَّلِينَ وَشَمْسُنَا أَبَدًا عَلَى أُفُقِ العُلَى لَا تَغْرُبُ

[illegible]

ادهين هن بيت جو شرح لکو ۽ هاڻي صحت نصيب ٿيندي، مگر حضور اقدس کي ته پروردگار جي لقاء جو شوق غالب هو. بيماري جي حالت ۾ ديدار جي وصال شوق سبب گهڻو گريو ڪندا هوا ۽ هي دعا هر پل پڙهندا هوا - اَللّٰهُمَّ اَلْحِقْنِيْ بِالرَّفِيْقِ الْاَعْلٰى ۽ فرمائيندا هوا ته جيڪڏهن طبيب چوي ته تنهنجو مرض لاعلاج آهي ته هوند ڪيترا پيالا الله جي واٽ ۾ ڏيان. مرض جي سختي ۾ پاڻ حضرت خواجه عروة الوثقىٰ قدس سره کي وصيت ڪيائون ته ادهين هن بيت جو شرح لکجو ۽ انهي سخت بيماري جي حالت ۾ پاڻ حضرت ممدوح کي بيت جو شرح بيان ڪري ٻڌايائون. حضرت خواجه عروة الوثقىٰ قدس سره جن سندن وفات کان پوءِ حضرت غوث الاعظم قدس سره جي بيت جو شرح لکي مڪتوبات شريف جي ٽئين جلد جي آخر ۾ شامل ڪيو. انهي جلد جا مڪتوب هڪ سو چوڏهن آهن. جڏهن گذري ويو - ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ چڱا ڀلا ٿيا. پوءِ فرمائيندا هوا ته مون مرض جي سختي ۾ ايتري قدر ترقي ڏٺي جا صحت ۾ ملي نه سگهي. انهن ڏينهن ۾ اڪثر خيرات ڪندا هوا. ماڻهن عرض ڪيو ته شايد هن بلا ٽارڻ لاءِ فقيرن کي صدقو ڏنو ويو. پاڻ فرمايائون ته نه بلڪ وصال جي شوق ۾. عاشوري جي ڏينهن وري ٻيو پيرو ساٿين اڳيون ڪيل وصيتون ٻڌايائون.

محرم جي ٻارهين تاريخ پاڻ خلق کي خبر ڏنائون ته اڄ مونکي واقف ڪيو ويو آهي ته چاليهه پنجاهه ڏينهن اندر هن جهان مان منهنجو لاڏاڻو ٿيندو ۽ مونکي منهنجي تربت به ڏيکاري وئي آهي. اها خبر ٻڌي سڀ روئڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ پاڻ به گهڻو روئندا هوا. حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره کانئن روئڻ جو سبب پڇيو. فرمايائون ته حضرت ذوالجلال جو شوق غالب آهي تنهن ڪري. حضرت خواجه صاحب عرض ڪيو ته هاڻي هن جهان جي حياتي جو اختيار ڏنو اٿن. ڪي ڏينهن هن جهان ۾ رونق افروز ٿيو. فرمايائون ته توهان کي وفات کان پوءِ بنسبت هتڻ جي گهڻي مدد ڏيندس. چونڊ هٿ بشري لاڳاپا بعض وقت روڪيندڙ آهن. انهي ڏينهن قبرستان ڏانهن پڻ تشريف فرمايائون. تفصيل وار ذڪر روضة القيوميه ۾ آهي. تنهن کان پوءِ حويلي مبارڪ ۾ تشريف فرمايائون ۽ وفات جي ڏينهن لاءِ منتظر هوا. مٿان اچي ٻاويهين رات صفر جي پهتي. پاڻ مريدن کي مجلس ۾ فرمايائون ته اڄ چاليهه ڏينهن پورا ٿي ويا آهن. هاڻي ڏسجي ته هن سٺن اٺن ڏينهن ۾ ڇا ٿو ٿئي. پاڻ پنهنجن فرزندن حضرت عروة الوثقىٰ ۽ خواجه محمد سعيد قدس سرهما کي فرمايائون ته تنهن صحبت جي

ڏينهن اها سڀ ئي ڪمالات، جا نوع انسان لاءِ ممڪن آهي، مونکي الله جَلَّ وعلا عطا ڪئي هو
جُملو ٻُڌي صحابڪرام سڳورن کي ارمان ٿيو. جو ته انهيءَ ۾ رمز هُئي جڏهن ته آيت سڳوري
"اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ" جي نازل ٿيڻ ۾ هڪ ڳجهي رمز هئي
جنهن کان حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جي دل کي ارمان ٿيو هو. اها سنت ۽ مٿي ڄڙيل
اختيار حيات ۽ ممات واري سنت نبيءَ کين عطا ٿيون. ٽيويهين تاريخ خميس جي ڏينهن
پنهنجي بدن جا ڪپڙا پاڻي ورهائي ڌنائون ۽ سندن بدن مبارڪ تي ڪپهه وارو ڳڙهو ڪو
ڪپڙو ڪونه هو. هواءِ جي سردي بدن شريف تي اثر ڪيو جنهن ڪري کين تپ ٿي پيو. پوءِ
بيماريءَ جي بستري تي زيب افروز ٿيا. جڏهن حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ڏي
ڳڳان پيلا ٿي وري ٿورا ڏينهن بيمار رهي وفات فرمائي هوائون. حضور جن کان اها سنت
بتصادق ٿي. انهن ڏينهن ۾ يقين حسي جو بيان ڪيو اٿن جو يقين علمي ۽ يقين وجودي
کان به مٿاهون درجو آهي. تڏهن تي انهن معرفت جي نڪتي ۾ مشغول هوا، انهيءَ ئي جي جهين
ڏينهن تي رحلت فرمايائون

بيماريءَ جي سختي ۾ سندن وصال ٻارهين ذوالحج

صفر جي ٽيويهين تي وري کين بيماري عود ڪري آئي. ايتري قدر سندن بدن
مبارڪ تي گرمي ظاهر ٿي جو سندن بدن مبارڪ تي هٿ لائي نٿي سگهيو. هن پيري بيمار
ٿيڻ کان اڳ هڪ خادم کي فرمايو هوائون ته هيترا ڪوئلا وٺي اچ گهر تي کان پوءِ وري فرمايائون
ته هيترا مون وٽ آهن اهي واڍ ڏنيون اچ. پوءِ فرمايائون ته غيبي فرشتو مونکي آواز غيبي
ڏئي رهيو آهي تنا ايتري قدر ڪوئلن ساڙڻ جي فرصت ڪانه رهندي. پوءِ فرمايائون ته
جيڪون ايتري قدر وٺي اچ. جڏهن خادم ڪوئلا وٺي آيو تڏهن حضور جن کي قدر
پاڻ وٽ رکيا ۽ ڪي قدر پنهنجن فرزندن سڳورن ڏانهن موڪليائون. سبحان الله!
جيتري قدر پنهنجي لاءِ جدا ڪري رکيا هوائون وفات جي ڏينهن تائين اُهي پورا ٿي آيا جمعه
جي ڏينهن ڪمال هيڻائي جي باوجود نماز لاءِ جامع مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا نماز کان فارغ
ٿي جماعت کي فرمايائون ته هي منهنجو پويون جمعو آهي هن کان پوءِ مونکي جمعي جي ڏينهن
جي نماز پڙهڻ نصيب نه ٿيندي. هي فرمائي وري ڏهه ٻارهن ڳنڀير وصيتون فرمايائون
۽ ڪئين کان زياده تاڪيد ڪري فرمايائون ته سنت نبوي صلي الله عليه وسلم تي قائم رهجو

ضرور بالضرور خيال ڪندا رهجو - سنت محمدي جي باري ۾ سخت تحقيق آهي - پوءِ فرمايائون ته منهنجي تجهيز ۽ تڪفين سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي موافق ٿيڻ گهرجي ڪو به شخص منهنجي اگهڙ کي نه ڏسي - منهنجي ته ڏيارڻ وقت منهنجن فرزندن ۽ ٻن ٽن خليفن کان سواءِ ٻيو ڪو به موجود نه رهي ۽ منهنجي قبر ڪنهن گمنام جاءِ تي ڪجو - فرزندن قدس الله اسرارهم خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضور جن اڳي اسانجي ڏاڏي ڀاءُ لاءِ نهرابن روضي جي شرافت بيان ڪندي پنهنجي مدفن لاءِ اتي حڪم ڪيو هو - پڻ اهو به فرمايو هو ته منهنجي مرقد اتي ٿيندي ۽ دفن جي جاءِ به اوهان مقرر ڪري ڏني هئي - پاڻ فرمايائون ته واقعي مون ائين چيو هو - مگر هاڻي منهنجو اهو شوق ٿي ٻيو آهي جيڪو جيئري رهيو آهيان - جڏهن ته ائون ته فرزندن ائين ڪرڻ ۾ راضي نه آهن ته هن پاڻ فرمايائون ته منهنجي والد بزرگوار جي قريب مونکي دفن ڪجو يا شهر جي ٻاهران باغ ۾ مونکي جاءِ ڏجو مگر قبر کي ناهجو جا ٿوري وقت ۾ ڊهي وڃي جنهنجو نالو نشان نه رهي - خواجه محمد هاشم برڪاتيه يعني زبدة المتوڪلين ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو مٿيون فرمود هن ڳالهه تي دلالت ٿو ڪري ته پاڻ الوهيت جي بي نيشاني جا مظهر اتم هوا -

نقل عبرتناڪ :- ڏيري خواجه صاحب توڪلي ته جناب حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه کي خواب ۾ ڏٺم ته پاڻ وصال ڪري ويا آهن - آئون روئندو رڙندو هيس ته اهو ته اهن حيران ٿي ٿو ڏٺائين - ڪٿ هن اين احمد پيو چوان - ڪٿ هن اين الله، جو الڪرجي پيو پُڪاريان ايتري ۾ ڪنهن مونکي چيو ته هن ڏڙي مسجد ۾ انجي قبر آهي - جڏهن آئون مسجد ۾ آيس ته ڏٺم ته قبر جو نيشان ته آهي پر زمين جي برابر آهي - اهڙو خواب جناب سيد شيخ محمد صالح قدس سره به ڏٺو

نقل ڪيو:- اهن ته ڏٺم ته ۾ هڪ عارف برهانپوري خواب ڏٺو ته هڪ ڏڙو وڻ آهي جنهن جون شاخون آسمان تائين پهچي ويون آهن گويا ساري جهان تي اُن وڻ جو ڇانو آهي - اوچتو اهو وڻ زمين تي ڪري پيو - ساري مخلوقات ۾ روح ڦٽي ويو -

شور برخاست ڪه گردامن محمل بشکست   گريه زد جوش مگر آبله دل بشکست

جڏهن هي خواب خواجه محمد هاشم قدس سره ان برهانپوري بزرگ کان ٻڌو ته هن دل تي ڏاڍو خوف ٿي پيس - هنن خوابن کان پوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد حضور جن جو وصال ٿيو - پوئين خواب ۾ تعبير آية ڪريمه جي موافق آهي "ڪَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ أَصْلُهَا ثَابِتٌ وَفَرْعُهَا فِي السَّمَاءِ" جئين حضور جن به شريعت نبوي صلي الله عليه وسلم

جاري هو انهيءَ ڪري انهي قسم[1] جا خواب سندن وصال جي ڏينهن تائين ڪيئي دفعا آيا.
عود بطرف وصايا: غرض ته جڏهن حضور جن ڏٺو ته پنهنجي جاين ۾ پنهنجي دفن لاءِ
بيان ڪيو مگر منهنجي پيارن فرزندن جو انهيءَ ڳالهه تي پورو رضامند ونه هئا. تڏهن پاڻ
فرمايائون ته چڱو جيئن توهين راضي هجو اتي مونکي دفن ڪجو.

ٻي وصيت ڪان پوءِ خلق جو هيان اثر ٿي پيو ۽ زار زار روئڻ لڳا. پاڻ سنت
محمدي علي صاحبها الصلوٰة والتحية جي تابعداري جو بالڪل گهڻو تاڪيد ڪرڻ لڳا، وري
فرمايائون ته سنت محمدي کي ڏندن سان مضبوط ڪري وٺجو. عنقريب گهڻا اختلاف
پيدا ٿيندا گهڻا فرقا شريعت جا مخالف ٿيندا. اوهين سواد اعظم کي نه ڇڏجو بدعت کان پري
رهجو. سبحان الله! جناب حضرت خواجه امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه وصيت
ڪرڻ ۾ به جناب حضرت رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي سنت جي رعايت فرمائي. جنهن
ته ترمذي ۽ ابو داؤد ۾ بروايت عرباض بن ساريه جي حديث شريف آهي.

قَالَ وَعَظَنَا رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَوْعِظَةً بَلِيْغَةً ذَرَفَتْ مِنْهَا
الْعُيُوْنُ وَوَجِلَتْ مِنْهَا الْقُلُوْبُ فَقَالَ رَجُلٌ يَا رَسُوْلَ اللهِ كَأَنَّ هٰذِهٖ مَوْعِظَةُ مُوَدِّعٍ
فَأَوْصِنَا فَقَالَ أُوْصِيْكُمْ بِتَقْوَى اللهِ وَالسَّمْعِ وَالطَّاعَةِ وَإِنْ كَانَ عَبْدًا حَبَشِيًّا
فَإِنَّهٗ مَنْ يَّعِشْ مِنْكُمْ بَعْدِيْ فَسَيَرَى اخْتِلَافًا كَثِيْرًا فَعَلَيْكُمْ بِسُنَّتِيْ وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ
الرَّاشِدِيْنَ الْمَهْدِيِّيْنَ عَضُّوْا عَلَيْهَا بِالنَّوَاجِذِ وَإِيَّاكُمْ وَمُحْدَثَاتِ الْأُمُوْرِ فَإِنَّ كُلَّ
بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ كَذَا فِي الزُّبْدَةِ.[2]

(الله تعاليٰ ٽن قسمن جا ... ثابت ٿو ڪري ۽ ان (الله تعاليٰ) وٽ لوح محفوظ آهي. قضا معلق ڏانهن اشارو آهي.
قضا معلق ٻه قسم آهي. هڪ جنهن جو معلق هجڻ لوح محفوظ ۾ ظاهر ڪيو ويو هجي ۽ ملائڪن کي انجو
اطلاع ڏنو ويو هجي. ٻيو جنهن جو معلق هجڻ فقط الله تعاليٰ جي علم ۾ هجي ۽ لوح محفوظ ۾ قضا مبرم جي صورت ۾
هجي هن ٻئي قسم ۾ به ٿورو ڦيرو ڦار جو احتمال ٿي سگهي ٿو. مڪتوبات حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ق س (مڪتوب ٢١٧
دفتر اول)

---

[1] هن خواب جي تعبير موافق حالت سگوري اگهين صفحن ۾ گذري آئي، انجو اول هن طرح آهي. الم تر كيف ضرب الله مثلا كلمة طيبة كشجرة طيبة الآية. ترجمه: ڇا تون نه ڏٺو ته خدا ڪهڙي مثال بيان ڪيو ته پاڪ لفظ پاڪ وڻ وانگر آهي انجي پاڙ مضبوط آهي ۽ انجون ٽاريون آسمان ۾ آهن. سيپارو تيرهون سورة ابراهيم رڪوع ٤.
[2] حضرت عرباض بن ساريه چيو آهي ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم اسانکي اهڙو وعظ ڪيو جو بليغ وعظ هو جنهن جي ڪري اکيون ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون ۽ دليون ڊڄڻ لڳيون. هڪڙي شخص عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وسلم جي وعظ ته موڪلائڻ جو پيو سمجھجي ٿو انجي پوءِ اوهين اسان کي ڪا وصيت ڪريو پاڻ فرمايائون ته ...

— حضور جن جي هيءُ پوئين وصيت ۽ پوئين موڪلائي هئي - پوءِ پاڻ خلوت خاني ڏانهن
تشريف فرمائي ويا. هن کان پوءِ خلق کي سندن ديدار جمال حيات ظاهري ۾ نصيب نه ٿيو - جو ته
خلوت ۾ چند مخصوص ماڻهن کانسواءِ ڪنهن کي به وڃڻ جي اجازت نه هئي - سي به غائبانه
محل سندن پٺيان وڃي نماز پڙهندا هوا - كذا في السلسلة - هن کان پوءِ حضور جن رضي الله
عنه پنهنجي حرم پاڪ کي خلوت واري جاءِ ۾ گهرائي وصيت طور فرمايو ته منهنجو ڪفن
پنهنجي مهر جي پئسن مان ڪجو - فقط ايترو ئي ته فرمائي حضرت عصمت پناه رضي الله عنها
کي موڪل ڏنائون - هن کان پوءِ عورتن جو حضور ۾ اچڻ ڪونه ٿيو - باوجود سخت هيڻائي
جي پنهنجن فرزندن کي حقائق ۽ علوم معرفت کان مشرف فرمائيندا هوا

— هڪ ڏينهن حضرت خازن الرحمة (خواجه محمد سعيد) رضي الله عنه ڪين
عرض ڪيو ته حضور تاهن وقت ضعف آهي ڪنهن ٻئي وقت هي معرفتون بيان فرمائجو - پاڻ
فرمايائون "اي منهنجا پيارا فرزند بيوقت ڪونه ملندو ٿوري دير کان پوءِ گفتگو جي طاقت به
نه رهندي" اهو پنهنجي رحلت جو اشارو فرمايائون - انهي بيماري ۾ پاڻ فرمائيندا هوا ته
"هن درجي جا ڪمال ۽ مرتبا جي مونکي مليا آهن - سي قرآن شريف جي وسيلي مليا اٿم، مونکي
قرآن شريف جو هر حرف سندو ٿو معلوم ٿئي جو ڪيئي مقصود سان مليل آهي"-

— صاحب روضة القيوميه لکي ٿو ذڪر کان پوءِ مڪتوبات شريف معصوميه جي پهرين
جلد جو مڪتوب نمبر ۸۳ اتاريو آهي پاڻ ڏس لکي ٿو - بيماري جي ڏينهن ۾ حضور اقدس کان
گهڻيون ڪرامتون ۽ ڪشف صادر ٿيا جي روضة القيوميه ۽ ارمغان احمدي وصال مجددي ۾
موجود آهن - ارمغان احمدي ۾ خاص اهو بيان ڏنل آهي جو پوئين بيماري جي وقت ۽ وفات سان واسطو
رکندڙ آهي - اهو - حضور اقدس کي اگرچه سخت بيماري هئي مگر جا اصل صحت جي حالت ۾ عبادت
ڪندا هوا ان کان بيماري جي وقت ۾ ترو به گهٽ نه ڪيائون جهڙوڪ تهجد ۾ سوره يٰسٓ پڙهڻ
۽ اشراق ۾ ختمون قرآن شريف جو ختم ڪرڻ، پٺ پين نفلن ۾ به دستور قائم رکيائون - انا وبعض
صفر اگاري جي رات جنهن جي ايندڙ ڏينهن ۾ سندن وصال ٿيو هو، پاڻ پنهنجن خدمتگارن

اڳئين صفحه جو ثاني آيت ڀل يا ما ادهانڪي تقويٰ جي وصيت ٿو ڪريان يعني الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو، ۽ ...
جي فرمان بردار رهو. هي ما ادهانڪي وصيت ٿو ڪريان ته اهو اهو جيئن جيستي پاڻهون هجي ان لاءِ ته ...
بعد ۾ مون کان پوءِ حيات رهيو سو گهڻن اختلاف ڏسندو ۽ تنهنڪري اوهين منهنجي سنت کي ۽
خلفاء الراشدين جي سنت کي قائم رکجو ۽ ان کي چنبڙي پئجو ۽ خبردار نئين ڳالهين کان پاسو ڪجو ان لاءِ
ته سڀ ڪا بدعت دين جي برخلاف هجي گمراهي ۽ ضلالت آهي -

ڪي فرمايائون ته هاڻي اوهانجي پوئين رات آهي، اوهانکي گهڻي تڪليف ٿي، سياڻي اوهين
محنت کان آزاد ٿيندا. ياڻ گهڻو ڪري رات جو هڪ هندي شعر پڙهندا هوا جنهن جي معنيٰ
هيءَ آهي ته "اي همنشين قوم اڄ وصال جو ڏينهن آهي، آئون انهيءَ خوشيءَ تي ساري جهان
جي دولت قربان ڪري ڇڏيان." جي مسنون دعائون بخاري شريف ۽ مسلم ۾ وارد ٿيون آهن
ساري رات تي پڙهيائون. رات جي هڪ ٽي حصي جو ٽي وضو ڪري تهجد جي نماز پڙهيائون ۽
فرمايائون ته هي منهنجو پويون تهجد آهي وَدَّعَ ڪَمَا قَالَ. اجازت باقي ٿي جو فرمايائون
اصل اصبح ليل؟" اهي اکر صبح تائين فرمائيندا رهيا جڏهن صبح ٿيو نماز جماعت سان ادا
ڪري عادت موجب مراقبو ڪيائون پوءِ اشراق جي نماز نهايت آرام سان پڙهي ماثوره دعائون
پڙهيائون. پوءِ فرمايائون ته پيشاب لاءِ چلمچي آڻيو واري وجهڻ کان سواءِ چلمچي کڻي آيا
ياڻ فرمايائون ته واري وجهي اچو، جو بستري تي قطرن پوڻ جو احتمال آهي ۽ حديث
شريف جي خيال ۾ آندائون "اِسْتَنْزِهُوْا مِنَ الْبَوْلِ فَاِنَّ عَامَّةَ عَذَابِ الْقَبْرِ مِنْهُ"[1] جڏهن
واري وجهي کڻي آيا، فرمايائون ته هاڻي وقت تنگ آهي ايتري فرصت ناهي جو پيشاب ڪري وري
وضوءِ ڪري سگهان. متان وضوءَ سان وفات ڪرڻ جي پلاءِ کان مشرف نه ٿيان. عذري وصال
تنهن ڪري هاڻي مونکي بستري تي سهارو ڏيو. حڪم جي تعميل ڪيائون پوءِ ياڻ مسنون طريقي
تي مٿو مبارڪ اتر ڏانهن ۽ منهن قبلي شريف ڏانهن سڄو هٿ ڳل هيٺان ڪري ذڪر ۾
مشغول ٿيا. حضرت خواجه محمد سعيد قدس سره تڪڙ وساهه کڻي ٿڌي عرض ڪيو ته مزاج
مبارڪ ڪئن آهي. فرمايائون ته چڱو آهي جي ٻه رڪعتون نماز جون پڙهي چڪو تهيان
ڪافي آهن اهو سندن پويون ڪلام مبارڪ هو ورڻي سواءِ ذڪر الاهي جي ڪنهن سان ڳالهه
نه ڪيائون پويون ڪلام نبين جو به نماز جي باري ۾ هو. پوءِ حضور راضي س جن الله
جي رب جل وعلا جي ديدار کان مشرف ٿيا. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ٥

فغان از عالم بالا برآمد — خروش از عرصهٔ غبرا برآمد [2]

غبار از ساحت آفاق برخاست — بپائے قبهٔ خضرا برآمد [3]

لبے ومہائے آتش بار از غم — بجائے موج از دریا برآمد [4]

---

[1] ترجمه:- پيشاب کان پاڪ رهو ڇو ته عام طرح قبر جو عذاب انهي جي ڪري ٿيندو آهي
[2] ع عالم بالا کان دانهون نڪتيون ـ غبارن مان ٻوڪ رڙيون جا آواز بلند ٿيا.
[3] ع چئني طرفن، مان اهڙي ته دز اٿي جا آسمان تائين وڃي پهتي
[4] ع موجن جي بجاءِ ڏک جي ڪري باه جا الاڻ اٿيا.

در آن وقتے کہ احمد[1] شد زعالم غریوا زیثرب و بطحے برآمد[2] (مجدد الف ثاني)

قطعات تاريخ:- حضور جن جي وصال جون تاريخون ٻي شمار آهن، جناب حضرت خواجه محمد هاشم قدس سره عمر مبارڪ جي تعداد موافق ٽيهٺ تاريخون لکيون. ان سواءِ ٻيون ٻه جڳر سوز رباعيون ۽ ڪيترا تاريخ جا قطعا ارقام فرمايا آهن. هت خواجه صاحب جي هڪ تاريخ لکجي ٿي.

[illegible]

يَا أَيُّهَا الْأَنَامُ لَقَدْ سَافَرَ الْإِمَامُ ... مَنْ كَانَ ذَيْلَ رَأْفَتِهِ عُرْوَةُ الْقَبُولِ[3]

قُطْبُ الَّذِي تَفُوضُ رَبُّ السَّمَاءِ لَهُ ... حَالًا الَّتِي تَحِيرُ فِي شَأْنِهِ الْعُقُولُ[4]

مَا الْمَوْتُ كَانَ بَدْرٌ كَمَالٍ قَدِ انْطَلَقَ ... مِنْ مَشْرِقِ الظُّهُورِ إِلَى مَغْرِبِ الْأُفُولِ[5]

لَمَّا أَصَابَ إِرْثَ رَسُولٍ بِحَقِّهِ ... اَلْكُتُبُ بِحَامِ رِحْلَتِهِ وَارِثُ الرَّسُولِ[6]

ساڳيءَ مثين خواجه صاحب قدس سره هن آيت مان وفات جو مادو ڪڍيو آهي:- "أَلَا إِنَّ أَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ." خواجه محمد صادق قدس سره العزيز هيئين مضمون سڳوري مان مادو ڪڍيو آهي:- "اَلْمَوْتُ جِسْرٌ يُوصِلُ الْحَبِيبَ إِلَى الْحَبِيبِ." جناب سيادت پناه سيد محمد نعمان قدس سره پڻ خواجه ڪشمي اڪر ٽيهٺ تاريخون لکيون آهن. حضرات القدس ۾ گهڻا مادا ڪيا ويا آهن جن مان هڪ رفيع المراتب آهي. صاحب حدائق الوردیه جي انهي مادي کي نظم ۾ آندو آهي.

لَمَّا تَوَفَّى الْإِمَامُ الرَّبَّانِي ... جَاءَ تَارِيخُهُ رَفِيعُ الْمَرَاتِبِ

جان شريعت. شهباز طريقت. معرفت مرد. ظل محمد بود. عَطَّرَ اللّٰهُ عَزَّ وَجَلَّ مَثْوَاهُ. وَجَعَلَ بَدَاعِ الْخُلْدِ مَاوَاهُ. همه آئين صحابه سيد الثقلين بود. والحب شيخين بود. مهر عثمان و علي بود. محبت اهل بيت نبوي بود. اقتباس نبوت بود. ابر نيسان رحمت بود. شهسوار محبت بود. خديو عارفان بود. فرخاصا بود. سرور اهل تمکين بود. منور آداب خواجه بهاء الدين بود. ادراک خواجه باقي بود. رواج محبت رسول الله بود. برگزيده خواجه عبيد الله بود. از خواجه عبيد الله و عبد الله قدس سرهما. مات ولم يمت بل حي ابدا. ماتم صفان کيشان. افسوس فتاده برج اسلام.

---

[1] ترجمو:- جنهن وقت مجدد الف ثاني هن جهان کان اُسريا تهن وقت محمد يثرب کي مادو انهي نڪري وئي.

[3] :- اي انسانو! هي امام الله ڏانهن ويو آهي، جنهن جي ٻلهه جي دامن قبوليت جو برج هلو هو.

[4] :- اهو قطب جنهن تي آسمان جي پالڻهار حالت سونپي، جنهن جي شان ۾ عقل حيران رهجي ويا آهن.

[5] :- اهو موت نه هو بلڪ ڪمال جو چنڊ، ظهور جي اڀرندي کان غروب جي الهندي ڏانهن هلي ويو آهي.

[6] :- پنهنجي حق جي ڪري جڏهن رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي وراثت لڌي اتي تاريخ ڪتب ٿي ته ڏانهن جو سال ڪ وارث الرسول ١٠٣٤

ـــ مولانا ڪريمي سنامي تو فرمائي

شهر ملڪ ولايت شيخ احمد — ڪه مثلش مادر ايام ڪم زاد ١ه
ازين راه خطرناڪ پرآشوب — قدم در شاه راه خلد بنهاد ٢ه
بپرسيدم ز هاتف سال تاريخ — بگفتا ساڪن خلد برين باد ٣ه

ـــ سنڌي خليفن، پنجن سون جي قريب تاريخون نظم ۾ لکيون آهن. حضرت مرشدنا شاه فضل الله قدس سره عمدة المقامات ۾ هي تاريخ لکي آهي

زينجهان پر بلاچون شاه عرفان نقل ڪرد — ظل را بگذاشت ورو رو باصل الاصل ڪرد ٤ه
جستم از تاريخ نقل او ز دار الابتلا — گفت هاتف احمد الثاني باول وصل ڪرد ٥ه

ـــ زياده تاريخون هن فن جي ڏڌن ڪتابن ۾ ڏسڻ گهرجن. وصال احمدي ۾ حضرت مولانا بدر الدين ارقام تو فرمائي ته حضور انور مجدد الف ثاني جو وصال ضحيٰ جي وقت تاريخ ٢٩ صفر جي ٿيو. پر ڏينهن حضرت سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والسلام جي وصال کان اڳي رحلت فرمايائون. جو ته اڪثر علمائن جو قول آهي ته جناب حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو وصال ٻي تاريخ ربيع الاول جي ٿيو. گويا ادب جي رعايت ڪيائون، جنهن جناب سرور عالم صلي الله عليه وسلم جي مٿي سنتن جي ڪهن ۾ برابري لازم نه ٿئي. سنڌن بيماري جا ٽيهن ڏينهن پڻ عمر جي تعداد موافق ٿيا. بحڪم حديث شريف "حُمّٰي يَوْمٍ ڪَفَّارَةُ سَنَةٍ" سيڪڙن ڏينهن جو مرض ورهيه جو ڪفاره آهي. انهي حديث شريف جو مضمون حضور انور جي عمر مبارڪ تي صادق آيو. جنهن ڏينهن حضور جن جو وصال ٿيو. ان ڏينهن آسمان جا چارئي طرف بالڪل ڳاڙها ٿي ويا. عالمن سڳورن جو فرمودو آهي ته ڳاڙهاڻ انهي رت جو نشان آهي. جو دوستان حق جل وعلا جي وفات جي ارمان ۾ روئي تو جنهن ته شرح الصدور ۾ علامه جلال الدين سيوطي تو لکي. "وَبَلَغَ اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ يَبْكِيَانِ عَلَي الْمُؤْمِنِ وَفِيْهِ اَيْضًا وَبُكَاءُ السَّمَاءِ حُمْرَةُ اَطْرَافِهَا وَفِيْهِ اَيْضًا عَنْ سُفْيَانَ الثَّوْرِيِّ قَالَ كَانَ يُقَالُ هٰذِهِ الْحُمْرَةُ الَّتِي تَكُوْنُ

١ـ اڳين صفحه جو حاشيو: ڪهڙي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته الله تعاليٰ جي پيارن ولين تي نه خوف آهي ۽ نه هو غمگين ٿيندا. ڇو ته موت اهڙو پل آهي جو حبيب کي حبيب سان ملائي ٿو. (هن صفحه جو حاشيو) ١ه ولايت جي ملڪ جو بادشاه حضرت شيخ احمد، جهڙو ماءُ جي ماء ان جا مثل ڪي ٿورا ڄڻيا آهن. ٢ه هن خطري واري ۽ تڪليفن ڀري رستي کان پنهنجو قدم جنت جي واٽ تي رکيائون. ٣ه هاتف کان سنڌن تاريخ جو سال جڏهن مون پڇيو، چيائين ته "ساڪن خلد برين باد" يعني مٿاهين جنت جو رهواسي هجي شال. ٤ه هن مصيبتن ڀري

فِي السَّمَاءِ بُكَاءُ السَّمَاءِ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ - الخ [1]

حضور انور رضي الله عنه جي غسل ۽ تجهيز ۽ تڪفين جو ڪرامت ڀريل مختصر ذڪر

روضه ۾ آهي ته جڏهن حضرت قيوم اول مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي وجود مسعود جي شرف کان غسل جو تختو مشرف ٿيو ۔ تڏهن سمورن حاضرين ڏٺو ته حضور انور رضي الله عنه جن ڄاڻهت مبارڪ نماز وانگر ٻڌل آهن يعني ٻنهي هٿ مبارڪ جي ابهام ڏاڍو آڱوٺو ساڄي هٿ مبارڪ جي ڪارائي ورتل هئي حالانڪ حضور انور رضي الله عنه جي وصال کان پوءِ حضرت خازن الرحمة ۽ حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله عنهما جن سندن هٿ مبارڪ سڌا ڪري ڇڏيا هوا ۔ غسل وقت پڻ مرڪڻ فرمايائون ۔ دفن ڪرڻ جي وقت تائين مرڪڻ پئي فرمايائون ۔ ماڻهو غسل وقت حضور جن جو مرڪڻ ڏسي سندن وصيت واري هيٺين طرح شعر چوڻ لڳا

ياد داري که وقت آمدنت ‏ ‏ ‏ همه خندان بدند تو گريان [2]
همچنان زي که وقت رفتن تو ‏ ‏ ‏ همه گريان بوند تو خندان [3]

حضور انور جاڻهت مبارڪ کولي سڌا ڪيائون اول سڄي پاسي کي غسل ڏنائون ان بعد کٻي پاسي کي غسل ڏيڻ لڳا ته جيئن ئي پاسو ورايائون ته ٻئي هٿ ڇڙڻ لڳا ۽ ٻيهر اڳين طرح نماز جي صورت ٻانهون ٻڌجي ويون گويا نماز شروع ڪيل آهي ۔ حالانڪ حضور جن جو سڄو پاسو هيٺان هو ۔ اهڙي صورت ۾ سڄو هٿ کي هٿ لي ٻيهڻ به مشڪل آهي ڌري حاضرين هٿ مبارڪ کوليا ٻهر حال ۾ پير اهت مبارڪ کوليائون ۔ ٽي پيرا اهڙي طرح ڌري نماز جي صورت وانگر ٿي ٿيا ۔ جڏهن چوٿون پيرو هٿن مبارڪن کي جدا ڪرڻ گهريائون ، ڪيتري ڪوشش ڪيائون پر جدا ڪري سگهيا ۔ حالانڪ سندن هٿ مبارڪ نهايت لطيف

(اڳين صفحي تان آندل) دنيا مان جڏهن عرفان جي بادشاهه لاڏاڻو ڪيو يعني پاڻ جي ذات ۾ جدا ٿيا ۽ اصل الاصل ڏانهن رخ ڪيائون ته هن امتحان جي گهر کان انهي لاڏاڻي جي جڏهن موت تاريخ پڇي تنهن تي هاتف چيو ته احمد ثاني جو احمد اول سان وصال ٿيو ۔

[1] ايئن ئي هڪ روايت پڻ آهي ته آسمان ۽ زمين مؤمن تي روئن ٿا ۽ ساڳي ڪتاب ۾ آهي ته آسمان جي ڳاڙهاڻ جي سرخي . سمان جو روئڻ آهي ۽ اهڙي طرح حضرت سفيان ثوري کان ساڳي ڪتاب ۾ روايت آهي ته اها ڳالهه مشهور آهي ته آسمان ۾ جيڪا سرخي ڏسڻ ۾ اچي ٿي سو مؤمن تي آسمان جو روئڻ آهي

[2] توکي ياد آهي ته تنهنجي اچڻ يعني جنم جي وقت سڀئي خوشي کان کلندا هوا ۽ تون پئي روئين ۔

[3] هاڻي اهڙي طرح حياتي گذار ته تنهنجي وڃڻ وقت سڀئي روئندا هجن ۽ تون کلندي وڃين

۾ گڏن جي ڀٽن کان بہ نانءُ ڪٿوا - جنهن مان معلوم ٿيو ته اهي ۾ ڪو راز آهي آهي - تنهن حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله عنه روضال احمدي ۾ نالو حضرت خان زمان الرحمة رضي الله عنه جو مرقوم آهي) جن فرمايو ته حضور جن جي مرضي مبارڪ هيءَ ڪو لڳ جي نا هي - ڪفن ڏڪائڻ وقت ۽ دفن ڪرڻ وقت بہ حضور جن جا هٿ مبارڪ ساڳئي دستور سان ٻڌل هئا آنحضرت صلى الله عليه وسلم جي حديث شريف جي مضمون کي حضور جن رضي الله عنه جنهي طرح ثابت ڪري ڏيکاريو - كَمَا تَعِيْشُوْنَ تَمُوْتُوْنَ ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ وَاللّٰهُ ذُوْالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ٥ [1]

ڪفن :- حضرت قيوم ثاني خواجہ محمد معصوم ۽ حضرت خان زمان الرحمة خواجہ محمد سعيد رضي الله عنهما جي پنهنجي وقت جي علمائن ۽ فقيهن جا سرتاج هوا ۽ وقت جا بيا بہ ڪيترائي علماء ان وقت حاضر هوا - حضور جن کي مسنون طرح ڪفن ڏنائون - لفافو، قميص، ازار - قميص کي ٻنهي طرفن کان مفتيٰ بہ قول موجب چاڪ ڏنائون

دستار :- ۽ ڪين دستار مبارڪ نہ ڏنائون جو اتفاق محدثن ۽ فقيهن جو آهي تنهن حضرت رسول مقبول صلى الله عليه وسلم ۽ اهڙي طرح حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه کي دستار مبارڪ نہ ڏني هوائون - صحاح ۽ اصول مان بہ اهائي ڳالهہ پئي معلوم ٿئي - جامع زاهدي کان نقل ڪيو آهي تہ اصح هن طرح آهي تہ دستار ڪفن ۾ مڪروه آهي - امام ابن الهمام شرح هدايه ۾ پڻ اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي الیٰ آخر ما قال صاحب الوصال [2]

دفن :- جنازي جي نماز حضرت سيدنا خواجہ خان الرحمة رضي الله عنه پڙهائي نماز کان پوءِ دعا جي لاءِ توقف نہ ڪيو ويو ۽ حضور جن جو جسم اطهر ان روضه مبارڪ ۾ "جنهن جي زمين بہ نسبت، حضور جن جنتي زمين هئڻ جي خوشخبري ڏني هئي، جنهن جو مفصل ذڪر روضه ۾ آهي" سندن وڏي فرزند حضرت اڪابر اولياء خواجہ محمد صادق رضي الله عنه جي مزار شريف کان قبلي جي طرف دفن ڪيو ويو - هي روضه مبارڪ حضور جن پنهنجي وڏي صاحبزاده جي مزار مقدس تي پاڻ ٺهرايو

---

[1] ترجمه :- اوهين جهڙي طرح جيئي گذاريندا موت بہ اهڙي طرح ايندو - هي الله تعاليٰ جو فضل آهي جنهن کي چاهي ان کي ڏئي ۽ الله سبحانه و تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي

[2] صاحب الوصال مان مراد ازعان مجدد جي مصنف حضرت مولانا بدرالدين سرهندي آهي - تصنيفات گهڻيون جهڙيون آهي حضرات القدس بہ سندس تصنيف آهي - حضرت جن جي وڏن خليفن مان آهي -

جڏهن حضور انور مجدد الف ثاني جو جنازو مبارڪ اندر نيائون - تڏهن حضرت خواجه محمد صادق رضي الله عنه جي مزار شريف اڀرندي طرف ادب جي ارادي سان هٽي ڪري راقم الحروف :- عرض ٿو ڪري ته حضور انور جن جي روضي مبارڪ ۾ چار تربتون آهن - هڪ حضور انور جن رضي الله عنه جي قبلي طرف ڏانهن - ٻي اڀرندي طرف ٻئي درجي ۾ حضرت اڪابر اولياء رضي الله عنه جي - اڳيان اڀرندي طرف حضرت خواجه محمد سعيد خازن الرحمة رضي الله عنه جي - اڳيان اڀرندي طرف حضرت خواجه محمد يحيٰ رضي الله عنه جي - جناب رسالت پناه صلي الله عليه وسلم جي روضي پاڪ ۾ به قبلي جي طرف حضرت رسول پاڪ صاحب لولاڪ خير البشر صلي الله عليه وسلم جي مرقد مطهر منور معطر آهي - لاڳيتو پر پٺي طرف سندن ٻن يارن سهڻن سڳورن حضرات شيخين حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما آهن - چوٿين مزار شريف جي جڳهه رهيل آهي جا سيدنا عيسىٰ عليه الصلوٰة والسلام جي مدفن گاهه ٿيندي جنهن تي مشهور قول صحيح طور ثابت آهي - بهرحال جنهن مزارن کان زياده حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي روضي مبارڪ ۾ ڪا مزار ٿيڻي ناهي -

سبحان الله :- حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن چار سنت محمدي علىٰ صاحبها الصلوٰة والتحية جي اداڪرڻ جي پوري خدمت ادا ڪري رهيا آهن - واقعي اڪثر سندن روضي پاڪ نوراني جي زيارت لاءِ پراهي ٿا اچن جي سنت نبي خير الانام عليه الصلوٰة والسلام جا عاشق آهن -

حضرت سيادت پناه فخر اولاد امجاد مصطفوي چراغ خاندان مرتضوي حضرت سيد احمد حسين قادري، نقشبندي مُظهري روضي مبارڪ جي زيارت جي اشتياق ۾ ڇا نه چڱو فرمايو آهي -

دکھا دے اے خدا روضہ مجدد الف ثانی کا
کہ ہوں مدت سے میں شیدا مجدد الف ثانی کا

امام علم ربانی علیم سر پنہانی
بیاں کس منہ سے ہو رتبہ مجدد الف ثانی کا

بشر کیا ہیں ملک کیا ہیں پیمبر خود ثنا خواں ہے
حدیثوں میں لقب آیا مجدد الف ثانی کا

جناب غوث اعظم نے کہا اک دن بجے ڈنکا
مجدد الف ثانی کا مجدد الف ثانی کا

خدا کے دوست ہیں وہ اور رسول اللہ کے نائب ہیں
نبی نے خود لقب بخشا مجدد الف ثانی کا

شہنشاہوں کو کیا نسبت ہے اس در کے گداؤں سے — کہ انکے سر پہ ہے سایہ مجدد الف ثانی کا
خودی کے نشہ کو کھو کر خدا کو پا لیا اس نے — کہ جس نے پی لیا پیالہ مجدد الف ثانی کا
شریعت اس میں کامل ہے طریقت اس میں حاصل ہے — طریقہ ہے ید بیضا مجدد الف ثانی کا
انا الحق کہہ اٹھے بعضے مشائخ جوش وحدت میں — کسی نے ظرف کب پایا مجدد الف ثانی کا
پلائی خم کی خم اس نے کیا مست الست آخر — نہ بہکا کوئی متوالا مجدد الف ثانی کا
ندیم حق وہی ہیں جو رکھے اسرار سربستہ — یہی ہے راستہ سیدھا مجدد الف ثانی کا
طریقہ احمدی ہے احمد مرسل نے بخشا ہے — اویسی عقد ہے رتبہ مجدد الف ثانی کا
ہوئے وہ مسند آرائے محمد ظاہر و باطن — الم نشرح بنا سینہ مجدد الف ثانی کا
ملا شجرہ طریقت کا بہم صدیق سعید سے — نسب فاروق اعظم کا مجدد الف ثانی کا
حیا و حلم عثمان کا کیا حق نے عطا ان کو — بنام احمد مسمی کیا مجدد الف ثانی کا
دقائق سے ہوئے واقف حقائق کے ہوئے کاشف — تمیز عبد و رب حصہ مجدد الف ثانی کا
جھلک سے اک تجلی کی ہوئے موسی ز خود رفتہ — ہے ذات بحت نظارہ مجدد الف ثانی کا
نگاہ فیض سے دیتے ہیں وہ جذبہ سلوک اکرم — ہے سکر و صحو سب یکجا مجدد الف ثانی کا
کہے احمد نہ کیوں جب پائے وہ احمد کو احمد ہیں — کہ جلوہ ہے احد کا یا مجدد الف ثانی کا

سندن وفات کان پوءِ ٻن بزرگن جا واقعا توسط

حضرت خواجه محمد سعيد قدس سرهٗ سندن وفات کان پوءِ ڪين واقعي (خواب ۽ جاڳ جي وچ ۾) ڏٺو ته مٿن الهي نعمتون گهڻيون نازل ٿيون ٿيون تنهنڪري خوش خرم آهن اها بشاشت (خوشي) مٿن بيحد ظاهر آهي تنهن تي خدمت ۾ عرض ڪيائين ته قبله عالم شڪر جي مقام کان ڪهڙي حصو مليو آهي يا نه؟ فرمايائون ته مونکي الله جل وعلا شاڪرن مان ڪيو آهي ٻيهر عرض ڪيائين ته قرآن شريف ۾ "وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ" آيو آهي معلوم ٿو ٿئي ته اهي ٿي هوندا ايا ٻيا اصحابي - جهڙو حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته هائو ايئن آهي مونکي پڻ پنهنجي فضل سان انهي جماعت ۾ شامل فرمايو اٿن

واقعو ٻيو حضرت قيوم ثاني خواجه محمد معصوم عروة الوثقى قدس سره جن فرمائين ٿا ته مون واقعي ۾ ڪين ڏٺو ڪيم ته اوهان تي منڪر نڪير جو احوال ڪيئن گذريو- پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اول حق جل وعلا مونکي الهام ڪيو

جي لحاظ کان ته ڪئين ڏينهن کان مونکي ملڪ توڙي ان کي موڪليا وڃن، مون عرض ڪيو ته جناب الٰهي ملڪ حضرت الوهيت ۾ هن جي مون وٽ نه آهن - الله تعاليٰ پنهنجي فضل ڪرم ۽ فضل سان انهن کي نه موڪليو - وري سندن حضور ۾ عرض ڪيم ته ضغطه، يعني قبر جي ڀڙڪي جي حالت ڪيئن گذري، فرمايائون ڪجهه به نه ٿيو -

واقعو ٽيون :- حضرت حافظ الرحمة خواجه محمد سعيد قدس سره جن نقل ٿا فرمائين ته حجره سندن روضي مبارڪ کان اوڀر طرف آهي ان ۾ ڪئين تهجد جي وقت ته ڪڏهن تشريف فرما ٿيا آهن منهنجي سامهون ويهي پوءِ نور ڀريا مونکي پاڪ پاڻ ان جي هن ڪري منهنجي بدن تي ٿوڪي ٿي شروع ٿي - پوءِ پاڻ موٽي ويا - اهڙي طرح سي گهڻا ڀيرا تهجد جي وقت اٿندا هوس ته هن حضور اقدس کي روضي مبارڪ جي اڳ ۾ گهمندي ڏسندا هوس مگر هيبت کان ويجهو وڃي ۽ ڳالهائي ٽيڪ نه سگهندو هيم - جنهن رات پاڪ ڪرم وڌا ائون انهن پوءِ پاڻ مونکي ڏسڻ ۾ ڪين ايندا هوا -

واقعو چوٿون :- سيد محمد ناصر قدس سره، جو حضور جن جو نهايت پيارو هو نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري حضرت خان الرحمة اڳين نماز تي پڙهائي ۽ مون پنهنجي دل ۾ ظاهري اکين سان ڏٺو ته پاڻ منهنجي برابر بيٺا آهن جنهن تي حضور اقدس ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ صف جو سندن وهڻ مونکي هٿ تماشي پاڻ سان گڏ ٿيڻ پيا پاڻ نماز پوري ٿيڻ تائين مون حضور اقدس جي پٺيءَ ڏٺو - ڪين سا پاڻ چادر مٿي ۽ سندن دستار مبارڪ ٻئي ڪلهن تائين، روما جهان ڪپڙو ويڙهيل هو ۽ پيرن ۾ جوتا پهريا هوا، مون هرهڪ فڪر تي ڪيو ته مان وهم سبب ان منهنجي نظر خطا ڪري ٿي مگر يقين ڪيم ته سواءِ شڪ جي پاڻ هوا - اهڙي صورت مبارڪ ۾ ساڳي ۾ ڏسندو هوس جنهن نماز کان پوءِ ٿيڻ تي هن مان ۽ ٻيو ڪمرو ڏسي مون حضور جي قبر ڏٺي

واقعو پنجون :- حضور اقدس جي وفات جي خبر ليهلي خراسان ۾ مشهور نه ٿي هئي ته انهي سندن هڪ سچي مريد جو پٽ بيمار ٿي پيو - پيءُ مخلص پنهنجي پٽ کي چيو ته حضرت امام رباني قدس سره جي صورت مبارڪ پنهنجي اڳيان حاضر ڪر ان نينگر جڏهن سندن صورت مبارڪ پنهنجي اڳيان حاضر ڪئي ته هن حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره کي پنهنجي سامهون بيٺل ڏٺائين - پاڻ فرمايائون ته بابا آئون الله جل وعلا وٽ پهتو آهيان ۽ اعليٰ بهشت ۾ داخل ٿيو آهيان - پوءِ پاڻ سچو پيو بهشت ۾ رکيم - وري مٿو ٺهن کان پوءِ پيو پير رکيم ۽ الله جل وعلا جي ديدار کان مشرف ٿيس تنهن تي نينگر عرض ڪيو ته مونکي الله جل وعلا جو ديدار ڪرايو پاڻ فرمايائون ته تنهنجي منهنجي اولاد جو وقت ايا ته پهتو آهي - جڏهن بيمار جاڳيو شفاياب ٿيو - ته هن ڏينهن کان پوءِ سندن وفات جي خبر پٽ اچي پهتي -

واقعو ڇهون :- مولانا بدرالدين صاحب ارتحال لحمديه ۾ لکي ٿو ته حضور اقدس جي وفات کان پوءِ مون ڪين ڏٺو ته پاڻ خود آسمان الڏي ڏانهن خط پيا لکن جنهن جو عنوان هي عبارت آهي - "آئون پاڻ هن جهان جو نگهبان آهيان، هن جهان کان وري هن جهان ۾ ويندو آهيان" - اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ ۞

واقعو ستون :- حضرت سيد آدم بنوري قدس سره فرمائي ٿو ته حضور اقدس خواجه امام رباني قدس سره جي مزار شريف تي به سال رهيس - ان کان پوءِ پاڻ ظاهر ٿي مونکي موڪل ڏنائون - جيڪو منهنجو مطلب هو اهو پورو ٿيو اهڙن ٻن سالن ۾ مونکي ڪانئن عيان باطني ايترين منزلن ۾ هڪ جهڙن وٽان ائين حياتي ۾ ڏسندو هوس -

واقعو اٺون :- صاحب روضة القيوميه جو مٿيان ست واقعا لکي فرمائي ٿو ته هي ڳالهه بالڪل صحيح آهي جڏهن به آئون سندن مزار شريف تي ويندو هوس ته هن مونکي ائين فيض عطا ٿيندو هو ڄڻ ڪو هن مرشد کان جي حضور

(حاشيو اڳين صفحي جو) له سورة السبا سيپاره ٻاويهون رڪوع ٻئي جي آيت ڏانهن اشارو آهي ترجمه "اي داؤد جي اولاد کندا رهو اسان جو شڪر، ۽ ٿورا آهن منهنجي ٻانهن مان شڪر گذار" -

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ ؕ يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ [1]

نور تيون

حضرت امام الاولياء امام رباني قدس سره کان پوءِ جي ولي سڳورا سندن ثناخوان ٿيا آهن تن مان ڪن جي مدح جا مختصر جملا ۽ ڪن جي محبت جو مختصر بيان هت ڏجي ٿو باقي حضور اقدس جي ثناخواني ۾ سندن خليفن ۽ عاشقن، جو ڪجهه لکيو آهي اهو سڀ هن مختصر ڪتاب ۾ لکڻ نهايت مشڪل آهي. ساڳئي وقت طالبن کي انهي نور کان محروم ڪرڻ چڱو نه سمجهيم تنهن ڪري انهي نور جي حصي کان هن مختصر ڪتاب کي مشرف ڪيان ٿو.

از بيانش ميدهم تزئين کتاب خويش را ورنه هرگز نيست اورا حاجت توصيف ما

سيدنا و مرشدنا عروة الوثقىٰ قيوم زماني محصوم رباني رضي الله عنه

هن حضرت رضي الله عنه جي حالات عمدة المقامات، زبدة المقامات جواهر علويه، حديقة الندية، مواهب السرمديه، مقامات حضرات مشائخ مجدديه، حضرات القدس، ڪواڪب دريه، روضة القيوميه حديقة المحموديه ۽ ٻين مختلف زبانن جي ڪتابن ۾ موجود آهي.

راقم الحروف:- سندن احوال، قدري تفصيل سان نور ٽئين ۾ گهڻو ڪري عمدة المقامات تان آندا آهي، هت ۾ قدري حدائق الحنفيه تان، جو علامه فقير محمد قادري لکيو آهي، ان توهان کان سواءِ جو ڪجهه ٻئي ڪتاب تان لکندس انجو حوالو ڏيندس

مختصر حال حضرت عروة الوثقىٰ خواجه محصوم قدس سره

حضرت شيخ محمد محصوم بن حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني بن مخدوم عبد الاحد سرهندي رضي الله عنهم ظاهري باطني علمن جو جامع هو ۽ فروع ۽ اصول جو حاوي - قطب الوقت، مرشد عصر ۽ صاحب ڪرامات هو ۽ سندن خطاب عروة الوثقىٰ هو. علم ظاهري پنهنجي والد ماجد حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه کان ٿورن سورهن ورهن جي عمر ۾ سموري علم ظاهري کان فارغ ٿي علم باطني ۾ مشغول ٿيا ۽ پنهنجي والد ماجد رضي الله عنه جي خاص توجه سان ٿورڙي مدت ۾ ٻين کان گوءِ کڻي ويا ڪين دنيا وارن

---

[1] ترجمه:- نور تي نور آهي. الله (تعالىٰ) وات ڏيکاري ٿو جنهن کي نور ڏانهن جنهن کي گهري.
سيپارو ارڙهون سورة نور رڪوع ۵

۽ بادشاهن جي صحبت کان بالڪل گهڻي نفرت هوندي هُئي - ايتري قدر جو شاهجهان بادشاهه
سندن مصاحبت جي خاص رغبت رکندو هو جا انکي ميسر ٿي نه سگهي - اورنگزيب عالمگير
بادشاهه سندن مريد ٿيو تنهن به حضرت عروة الوثقىٰ رضي الله عنه جي صحبت ڪين هميشه
نصيب نه ٿي - جڏهن پاڻ هندوستان کان حرمين الشريفين جي زيارت جو ارادو ڪيائون -
تڏهن عرب عجم جا ماڻهون سندن مريدي کان ايتري قدر مشرف ٿيا جنهن جو حد ۽ شمار
ڪو نه هو - باقي جيڪي سندن توجه خاص کان مشرف ٿي وليَّن جي درجي کي پهتا تن جو هڪ لک
کان به زياده شمار ڪيو ويو آهي - الخ ـــــ ـــــ روضه ۾ آهي ته حضرت امام عروة الوثقىٰ
رضي الله عنه جن رمضان شريف ۾ تاريخ نه ڄڻيندا هوا - جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪيائون ته
اوّل توحيد فناءِ بقا جي بار ۾ ڳالهيون شروع ڪيائون ۽ تجلّي ذات جي حقيقت جامع بابت خبرون
ٿي ڏنائون ۽ فرمائيندا هوا ته آئون آسمان آهيان ۽ آئون زمين آهيان آئون عرش آهيان آئون
ڪرسي آهيان آئون لوح آهيان آئون قلم آهيان وغيره

ــ اڃا پاڻ ٽن سالن جا هوا ته حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه کين ذات بحت جي
منزل طي ڪرڻ جي بشارت ڏني ۽ بار اِني وقت ۾ سلام عليڪ جي بجاءِ السلوڪ جو لفظ
ڪما ٿيندا هوا - ستن ورهن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائون - ٻارهن ورهن جي عمر ۾
علم ظاهري حاصل ڪري پوءِ پڙهائڻ لڳا - تيرهن ورهن جي عمر ۾ کين قطب الاقطاب جو
درجو عطا ٿيو - بلوغت کانپوءِ ٢ ذوالحج سنه ١٠٢١ھ ۾ جناب سيد مير صغير احمد جي نياڻي
پاڪ سان شادي ڪيائون سنه ١٠٣٣ھ ۾ حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن کين
پنهنجو قائم مقام فرمايو - قيوميت جي ڇهين سال ۾ آخوند موسيٰ ننگرهاري قدس سره
سندن اچي مريد ٿيو - انهي مُلڪ جا سڀئي هزار ماڻهو پڻ سندن مريدي کان مشرف ٿيا -

حج جو ارادو ۽ - قيوميت جي چوٿين سال ۾ حضور جن حرمين الشريفين جو ارادو ڪيو
سرهند شريف کان مني مسند تائين چاليهه هزار آدمي حج جي اراده سان سندن خدمت ۾
اچي گڏ ٿيا - اورنگزيب بادشاهه حضور جن کي ڏهه هزار سندن مريدن لاءِ ڏنا پنج هزار
پاڻ حضور جن کرائي ۾ ڪيا ۽ مسڪينن کي انهن ۾ ورهائي ڇڏيائون - هندوستان جا ڪي هزار
امير، رئيس، سوداگر ۽ مشهور ماڻهو حضور جن سان هوا باقي عالم ۽ وقت جا پير پڻ ٿي همراه
هوا - انهن ۾ پنجسو آدمي ته اهڙا هوا جن جا هزارين مريد ۽ شاگرد هوا - قيوميت جي ... حج ۾

سال ۾ جڏهن حرمين الشريفين کان موٽي سرهند پهتا ته سورت بندر تي پهتا. سندن حضور ۾ ايتري قدر خلق اچي مريد ٿيڻ لڳي جو هر روز تقريبًا نيهه هزار سندن حلقي ۾ شامل ٿيندا هوا. انهيءَ سال هڪ ڀيري پاڻ خانقاه ۾ ويٺا هوا ته جناب حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن آسمان جي طرف کان لهي سرهند شريف ۾ رونق افروز ٿيا. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي نورانيت سان سارو جهان منور ٿي ويو. پاڻ نهايت لطف ۽ ڪرم سان حضور انور امام محمد معصوم رضي الله عنه جي مٿي مبارڪ ۽ چهري مبارڪ تي چميون ڏنائون ۽ وري آسمان ڏانهن هليا ويا. انهي سال هڪ ڀيري ڪين مراقبي ۾ معلوم ٿيو ته جناب اشرف انبياء سرور ڪائنات خلاصه موجودات صلي الله عليه وسلم جن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي روضي مبارڪ ۾ ويٺا آهن ۽ حضرت امام رباني رضي الله عنه جن به اتي ويٺا آهن. جناب حضرت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم ٻنهين جي پٺيان يعني حضرت امام رباني ۽ حضرت امام محمد معصوم رضي الله عنهما جي باري ۾ ثنا فرمائي." سبحان الله! هن شهر سرهند ۾ حق تعاليٰ پنهنجا بانهان اهڙا پيدا ڪيا آهن جن جي زيارت لاءِ ملائڪ آسمان کان ٿا لهن مگر هو انهن ڏانهن ڪو توجه به نٿا ڪن."

٨– ٿيو ميت جي چاليهين سال ۾ آهي ته حج جي سفر کان موٽي اچڻ تي مريدن ۽ طالبن جو حضور انور ۾ ايترو اجتماع ٿيو جو بادشاهن ۽ اميرن کي به زيارت ڪرڻ تڪليفن ۽ ڏکن سان نصيب ٿيندي هئي. حضور انور وٽ خلق جي آمد ايني هئين نقل مان پرورش گهر جي. هڪ ڏينهن ڪنهن سائل حضور انور خواجه امام محمد معصوم رضي الله عنه جي حضور ۾ ڪاغذ لکي عرض ڪيو. جنهن ۾ لکيائين ته مونکي پنهنجي نياڻي اٺ ٿي آهي جيترو سارو ۽ سامان گهرج ۾ اٿم. حضور انور جن خادمن کي فرمايو ته صبح جيڪي به نذر اچي سو سڀ هن جي حوالي ڪجو. ٻئي ڏينهن جي وچين ۽ جي وقت اهو سائل موٽي آيو. پاڻ فرمايائون ته توکي سڀ ڪجهه مليو يا اڃا باقي آهي. عرض ڪيائين ته سڀ ڪجهه مليو آهي مگر ميندي رهجي وئي آهي. پاڻ فرمايائون ته ميندي به بابا آئي هوندي جاچ ڪريو. آخر معلوم ٿيو ته ميندي به نذر ۾ آئي هئي مگر اها تحويلدار کان ڏيڍ وسري وئي هئي. سائل جو بيان آهي ته انهي هڪ ڏينهن جي آيل نذر مان مون تمام گهڻي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي. پيو به ڪيترو سامان بچي پيو جو ڪٽي ايتري قدر پئسا ڪيم جي منهنجي سڄي عمر لاءِ

ڪافي هوا - هن نقل مان عبرت وٺڻ گهرجي ته هڪ ڪيترين قدر ننڍڙا بڻيل وهو - هي ته اسباب هو باقي نقل ته هن کان سواءِ هو - جڏهن ته صاحب ڪو اڪبر ڏيه جو ٻولڪي ته اسان جڏهن جي صلاح ڪئي ته اڄ جيترو به ننڍڙا اچي اهو اسانکي ڳڻڻ گهرجي ، جڏهن ته اسان پيو حساب جنتي ڀڳو نقل جو اندر ۽ ڪرڻ لڳاسون سيڪنهن ننڍڙي جي عوض هڪ پيتري رکندا وياسون صبح کان وٺي وچين تائين ايتريون پيتريون گڏ ڪيو سون جو ڏيڍ ڳڀي ڏيو ۽ انجو شمار ڪرڻ اسان لاءِ مشڪل ٿي پيو ۽ هي به معلوم نه هو ته سيڪنهن ننڍڙي ۾ سؤ پيهو يا هزار ، گهٽ ۾ گهٽ ڪري ننڍڙو سون سون ڀڻين جو اينڊ وهو - صبح شام به وقت ٻه هزار آدمي سندن خانقاه تي کاڌو کائيندا هوا - هر هڪ کي ڏهن تي ڪٽڪ جي ماني ٻڪر يا ڪڪڙ جو گوشت ملندو هو - وڏن وڏن خليفن لاءِ ته هزار خاص خوبيون نڪرندا هوا - جنهن ۾ طرح طرح جا کاڌا حلواءِ ميوا هوندا هوا - سندن خليفن ۽ فرزندن جي مريدن کان سواءِ خاص سندن مريدن لک آدمي هوا سندن وڏن خليفن جو تعداد ست هزار آهي ، جي وڏا صاحب ڪمالات جا هوا -

قيوميت جي ايڪتاليهين سال ۾ آهي ته اورنگزيب کي حضور جن مترامند جي دعائن جو حڪم فرمايو جنهنجي ڪري ان وقت بي شمار ڪافرن مقابلو ڪيو پر بادشاهيني جي فتح ڪرڻ جو حڪم ڏنو - انهي ڪري ڪافرن به تڙ ڪنئي - بادشاهن هزارن وڏا وڏا پاداءِ ٻه همه عالمن جي تڙ اسان جهنم ۾ داخل ٿيا - جڏهن ڪافرن کي شڪست پهتي ته هن اسلام جي دشمن کي داهي برباد ڪرڻ ٿم ريو ايتري ۾ هڪ هندو شخص پنجن سيرن جو ٻوڪ سيڙ جو بادشاهه وٽ کڻي آيو جوڻ ٻگو ته هي وٽ پر اسانجو بتخانو نڌڙ داهه - بادشاهه اهو ڊيو وٺي ڍيو ۾ اڇلايو ۽ بتخاني کي ڪيرائي عاليشان مسجد شريف ٺهرائي ۽ ان جو نالو ملتا اسلام آباد رکيو هڪ برهمن شاعر هن مسجد شريف ۽ بتخاني جي باري ۾ هيٺيون شعر ناهيو

به بين ڪرامت بتخانه مراي شيخ ڪه چون خراب شود خانه خدا گردد [1]

مسلمان شاعر جي تخلص ، انجي جواب ۾ هي شعر چيو -

به بين ڪرامت شيخ مرا ڪه بتخانه به همين پير مشن خانه خدا گردد [2]

هن نقل آئي جوه طلب هي آهي ته وقت جي بادشاهن کي به حضور جن جي توجه جي برڪت ايتري قدر پابند ڪيو هو الخ - جواهر علويه ۾ آهي ته سندن خوارق ۽ ڪرامتون مشهور آهن

[1] معنيٰ :- اي برهمن اسانجي بتخاني ڪرامت ته ڏس جڏهن اها تمام خراب ٿي ته ڀري الله جو گهر ٿي پوي ٿو -
[2] :- منهنجي بزرگ جي ڪرامت ته ڏس ته بتخانه انجي قدمن جي برڪت سان ڀري الله جو گهر ٿيو پوي -

كرامت:- هڪ ڀيري سندن خليفو خواجه محمد صديق جو سفر ۾ هوان جي هٽ مان ان جي مهار نڪري وئي ۽ ڪري پيو. سندس هڪ پير رڪاب ۾ اٽڪي پيو. حضور جن کي سڏ ڪيائين پاڻ تشريف فرمائي انکي ان تي سوار ڪيائون

كرامت:- هڪ ڀيري خواجه محمد صديق درياه ۾ ڪري پيو ڪيس ترڻ ڪونه ايندو هو انهي ڪري غوطا کائڻ لڳو. حضور جن کي سار پيائين اوچتو پاڻ تشريف فرمائي ۽ ڪيس درياه مان ڪڍيائون

كرامت:- هڪ ڀيري ٻيڙي کي درياء ۾ طوفان لڳو سڀني کي پنهنجي ساه جي لڳي. حضور جن جو خليفو محمد محسن به ان ٻيڙي ۾ هو. حضور جن کي سار پيائين سارڻ شرط حضور جن کي ڏٺائين جن ڪيس فرمايو ته تون سلامت پهچندين. آخر سندن فرمودو پورو ٿيو.

كرامت:- هڪ ڀيري سرهند شريف ۾ جادوگر آيو. باه کي جادوءَ سان ٻڌي ان ۾ ويهي بت پرستي ڪندو هو. عام ماڻهو ان کي ڪماليت وارو سمجهي سندس عقيدتمند ٿيا. حضور جن حڪم ڪيو ته وڏي باه ٻاريو ۽ آيت[1] "قُلْنَا يَا نَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَامًا عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ" پڙهي باه ۾ دم ڪيائون پوءِ هڪ مريد کي فرمايائون ته انهي باه ۾ ويهي عبادت الاهي ۾ مشغول ٿي جنهن مريد سندن حڪم موجب باه ۾ گهڙي ويٺو باه باغ ٿي پئي.

كرامت:- هڪ ڀيري پاڻ خليفي محمد محسن کي ڪلمه طيبه جي معني ٻڌايائون ته ذات پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪو به مقصود ناهي. خليفي صاحب کي دل ۾ خطرو پيو ته لفظ ڪو به (الا) آهي پاڻ سندس خطري کان واقف ٿي فرمايائون ته نفي ۾ نڪره عموم جي لاءِ مفيد آهي

ربيع الاول جي اٺين تاريخ هڪ فرشتي، سرهند شريف جي هڪ دروازي تي ويهي چيو ته اڄ ڏاڍي آواز سان چيو ته وقت جا قيوم صبحاڻي هن جهان فاني مان دار البقا ڏانهن ڪوچ ڪرڻ وارا آهن جنهن کي سندن جمال باڪمال جو اشتياق هجي اهو جلدي وڃي سندن ديدار ڪري ۽ ٻنهي جهانن جي سعادت حاصل ڪري

غنیمتی شمر ای شمع وصل پروانہ ۔۔۔ کہ این معاملہ تا صبحدم نخواہد ماند

سبحان الله! لاهور ۽ پشاور ۾ حضور انور جي مخلصن به اهو آواز ٻڌو ۽ ٻين ٻين ولايتن جي ماڻهن جن هن اهو آواز ٻڌو ۽ اها تاريخ لکي ڇڏيائون ته هن آواز، جنهن شور برپا ڪيو آهي انجو نتيجو ضرور ظاهر ٿيندو. جڏهن هر ولايت ۾ حضور جن جي وفات جي خبر پهچي وئي ته هنن انهن کي حقيقت معلوم ٿي. انهيءَ ڏينهن حضور جن تمام ممڪنات کي ماتم جي خلعت ڍڪائي.

---

[1] هن آيت سڳوري ۾ حضرت ابراهيم علي نبينا عليه الصلوة والسلام جي لاءِ باه جي باغ ٿيڻ جو بيان آهي. معني:- اسان چيو اي باه ٿي ٿڌي ۽ سلامتي واري ابراهيم تي. سيپارو سترهون سورة انبياء رڪوع ٥

ــ ۹ ربيع الاول سنه ۱۰۷۹ ۾ اسلام عليڪ يا نبي الله صلي الله عليه وسلم فرمائي جاڳي تسليم فرمائي ان ڏينهن تمام سخت ڏڪ ٻي جنهن ڪري جيڪي مڪاڻ سجا شيشا ٽٽي پيا هئا جي پنڌ ۾ ڀڳا هئا سبب پئي ٿي

پيندا ري ڪ جان را رانگان داد فروغ روئي جانان ديده جا داد

ــ ناصر علي شاعر تاريخ جوڙهي ماده ڪيو آهي - نه آمد زعالم رفت معصوم ۱۰۷۹ - اورنگزيب عالمگير بادشاهه جي نهيل تاريخ جو ماده هي آهي - رفت ز جهان امام معصوم ۱۰۷۹ - هن ڪان سواءِ ٻيون به ڪيتريون تاريخون آهن جهڙوڪ - بجنت خوابيد ۱۰۷۹ - نقشبند ثاني بود ۱۰۷۹ - خدا لو ولايت بود ۱۰۷۹ - نصف ماه ربيع الاول بود ۱۰۷۹ - شيخ جنت ازوي منور شد ۱۰۷۹ - اهـ مختصرا جن؟

آهن حضرت ٻنهي جي والد بزرگوار مرشد مڪمل مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي ثنا خواني ۾ جيڪي ٻنهي جي مڪتوبات شريف جي ٽن جلدن ۾ ارقام فرمايو آهي ان تي عقل حيران آهي هن وقت راقم الحروف وٽ مڪتوبات معصومي جا ٻه جلد ٻيون ۽ ٽيون موجود آهن آهن مان بالڪل مختصر تبرڪا لکان ٿو - القليل يدل على الڪثير

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي تربت مبارڪ جو فيض

حضرت عروة الوثقيٰ جن ، مڪتوبات معصومي جلد پهرئين جي مڪتوب شريف ڇهين ۾ ٻنهي والد بزرگوار حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالى عنه [illegible] هن جهڙا الاولون ڪيو جا

تربت مبارڪ حضور جن هو نڪي خاص طرح عطا فرمائي هئي - ان کان سواءِ حضور جن جي ٻي تربت مبارڪ هون وٽ موجود هئي ، جيڪو ويو جو شيخ جي دفن وقت اها تربت مبارڪ ڪيس مٿي تي رکايو - پر ڪا اهڙي شرط بالڪل ڪا نه پوءِ حضور جن جي خاص ۽ عالي نسبت ان ۾ جلوه گر ٿي ۽ پوري طرح مٿس اثر ڪيو ويو نه پوءِ ته ڪان پوءِ ڏسڻ ۾ آيو ته جا نسبت شيخ مرحوم کي عطا ٿي ان سڄي قبرستان کي ته مشرف ڪيو پر سموري گرد نواحي ان نور کان مالامال ٿي ويئي - قبل من قبل بلا علة ــــ مڪتوب اٺويهين ۾ حضرت مجدد الف ثاني جي مڪاشفه جو بيان فرمايو اٿن - حاصل مطلب اهو هي آهي ته جنهن تي هن دنيا ۾ حقوق العباد (ٻاهريان حق قرض ياڪو ٻيو حق) رهجي ويو هوندو ته هن دنيا ۾ سندس روح کي ترقي نه ٿي هوندي پر پوءِ انجي روح کي آسمان تي نتائين ۽ انکي ترقي ڪانه ٿي ٿئي - جيڪڏهن انجي روح هن جهان ۾ ترقي ڪئي هوندي ته انجو روح انجي وفات ڪان پوءِ آسمان تي نين تا ۽ انکي ترقي بند ٿئي ٿي - ٻلي ان تي حقوق العباد به رهجي ويا هجن ــــ مڪتوب ۴۵ ۾ به حضور جن ، حضرت مجدد الف ثاني

رضي الله عنه جي هڪ عجيب مڪاشفه جو بيان فرمايو آهي.

[1] مڪتوب ستئين ۾ حديث شريف ”القبر روضة من رياض الجنة“ جي معنيٰ ۽ حديث شريف ”ما بين قبري ومنبري روضة من رياض الجنة“ جو حاصل مطلب ڪي لوڪ ارشاد ٿا فرمائن ته ”مخفي نه رهي ته حضرت مجدد الف ثاني“ حضرت ايشان ما ازغايت اتباع سرور دين و دنيا عليه افضل الصلوات والتسليمات نيز مبشر شده بودند. پڻ هن بشارت کان مشرف ٿيا هوا روضو متبرڪ جنهن ۾ حضور جن (امام رباني مجدد الف ثاني) جي مزار شريف آهي ۽ اهو ان روضه مقدسه جو صحن تنهن ۾ بهشت جي رياضن (باغن) مان روضه (باغ) آهي پاڻ (حضرت مجدد الف ثاني) گهڻو ڪري فرمائيندا هوا ته جيڪڏهن انهي روضه مبشره مان خاڪ جي هڪ مُٺ ڪنهن شخص جي قبر ۾ ڪو وجهي ته انکي وڏيون اميدون آهن فَكَيْفَ مَنْ دُفِنَ فِيْهَا. پوءِ جيڪو ان روضه مبشره ۾ دفن ٿئي ته اهو ته بطريق اولىٰ وڏين اميدن جو حقدار آهي الخ ـــــ بهشت جي روضن (باغن) مان قبر جو روضه (باغ) هجڻ بابت جا معنيٰ ڪي اٿئون ڪجهه تبرڪ الڪان ٿو.

مراد از روضه بودن قبر آنست که حجب و مسافت که میان بقعهٔ قبر و جنت بوده است مرتفع میگردد و هیچ پرده و ملحے در آن هر دو مقام نمی ماند گوئیا بقعهٔ قبر را فنائی و بقائی بجنت حاصل می شود فافهم و بهذا معنی قوله صلی الله تعالی علیه و آله وسلم "ما بین قبری و منبری روضة من ریاض الجنة" باید دانست که این قسم روضه مر اخص خواص راست هر مؤمن را میسر نیست.

[2] مڪتوب اسي (٨٠) جلد اول ۾ حضرت مجدد الف ثاني جي روضه مبارڪ ۽ شهر سرهند شريف جي مدح گهڻي قدر فرمائي اٿن، جئن فرمائن ٿا ته ”ولايتن جون سڀ ڪماليتون ۽ [3] فائض الانوار قدوة ڪبار حضرت پير دستگير (مجدد الف ثاني) قدس الله سبحانه بسره الخفي جي زيارت مان معلوم ۽ مستفاد آهن ۽ انهي روضه منوره جي مجاورن ۾ شامل گذاهي طالب جي هر طرف کان سچائي ۽ صدق سان ٿا اچن ۽ نياز مان انهي جائن مبارڪ تي متوجه ٿا گسائن ولايتن جي انهي دولت کان مستفيض ۽ مستفيد ٿا ٿين ۽ هڪ نوش سان سو جوش ۽ خروش ۾ اچي پنهنجو پاڻ ترڪ ڪري مطلب ۽ مقصود حقيقي کي ٿا پهچن اڄ ڪلهه سرهند شريف جو شهر فيوض، انوار ۽ اسرارن جي ظهور جي گهٽائي سبب

[1] اصل عبارت مڪتوب شريف جي هيءَ آهي ”ميفرموده که مبشر شده ام باآنکه هر که مشتي از خاک آن روضه مبشره در قبر کسي بانداز دادند اميدواريهاي عظيم است. فکيف من دفن فيها الخ“

هند ۾ غير هند لاءِ رشڪ جو باعث آهي - هن شهر سرهند کي هند مان نه ڄاڻ ڪهڙي
بلڪ ولايت جو درجو آهي. هن جي خاڪ ولايت جي پاڻي سان يڪجا ٿي آهي ۽ محبت جو شراب
افيون جي ملاوٽ سان انهي طينت ۾ حڪ ٻئي شان ٻجي ملي ڏيو آهي - لاچار سڪر جي جوش
کان عين ۽ اثر کي انهي طالبن کان ڪسي ڏريو آتش ۾ سر ۽ دستار کي ان جاءِ مان ڪنيون اٿس
ڪنهن ڇانه چگون چيو آهي -

از آن افيون که ساقي درمي افگند ... حريفان را نه سرماند نه دستار [1]

— مڪتوب ايڪانوي ۾ حضرت مجدد الف ثاني رضي الله عنه سان ڪمال محبت جو
اظهار فرمايو اٿن ۽ جن بد حضرت مجدد الف ثاني جي صحبت جو شرف حاصل ڪيو هو تن سان
پنهنجي محبت جو شوق ڏيکاريو اٿن - جنهن جو مضمون ڪان ٿورو ارقام ٿا فرمائن ته جا
جماعت حضرت قطب المحققين قدوة خدا طالبان حضرت ايشان مامجدد الف ثاني رضي الله
عنه جي شرف خدمت ۽ پاءِ بوسي کان مشرف ٿيل آهي فقير (حضرت امام محمد معصوم)
کي انهن سان هڪ علحده محبت آهي نظر ۾ عالم کان جدا آهن ۽ ڪنهن سان به مناسبت
نٿا ڪن ڇو ته اها جماعت محبوب جي ديدار کان مشرف ۽ ان بي نشان کان نشان ٿي رکي مجدد
الف ثاني رضي الله عنه جي دروازه جا ديوانه انهي جماعت جو حد کان زياده قدر ٿا ڪن
خدمت ۽ محبت انهن جي اسان تي لازم آهي - دعا ڪندا ته صبحاني قيامت جي ڏينهن
حضرت مجدد الف ثاني جي عاشقن ۽ خادمن جي جماعت مان اٿون ۽ ان حضرت مجدد الف ثاني
رضي الله عنه جي جهنڊي مبارڪ هيٺان جاءِ حاصل ڪيون الخ ملخصاً

— مڪتوب هڪ سو ستونجاه - حضرت مجدد الف ثاني جي محبت ۽ سندن صحبت کان
مشرف ٿيڻ جي اظهار ۾ لکڻ فرمايو اٿن - هي وڏو مڪتوب آهي - ڪجه ان مان مختصر ڪري
لکان ٿو وهو هذا - جا جماعت حضرت قبله حقيقي جي شرف خدمت ۽ پاءِ بوسي جي سعادت
کان مشرف ٿي آهي اهي نهايت پيارا محبوب آهن ، نهايت شريف ۽ مرغوب آهن ڇو ته انهن
محبوب جي ڪمالات جو ديدار ڪيو آهي ۽ ان جمال پاڪ جو يادگار آهن جڏهن اها سڳوري جماعت
تو سان ٿئي هن اهڙي حالت ظاهر ٿي ٿئي گويا ان قبله خدا طالبان مجدد الف ثاني جي جمال
مبارڪ جو مشاهدو ٿو ڪريان ۽ جڏهن طالبن جو لله في الله اجتماع جنهن جهڙو ٿي نه ٿيو آهي

---

[1] معني :- اها افيون جو ساقي شراب ۾ گڏ ڪيو آهي ، انهي ڪري دوستن جو نه سر سلامت رهندو نه پڳ

يعني حضرت مجدد الف ثانيءَ جي وقت وارو ويلو ٿو اچي ته اکين پر آب ۽ جگر ڪباب ٿو ٿئي آهي ۽ اهو هي انهيءَ ڪري جو حضور انور مجدد الف ثاني رضي الله عنه جي صحبت ڪان شرف حاصل ڪيو آهي انهن شان ڪو حرف ۽ حڪايت اوريان پر افسوس جو هي جماعت روز بروز گهٽجندي پئي وڃي (يعني وفات ڪندا ٿا وڃن) باوجود انهيءَ قلت جي ڏهري هڪ ٻئي ڪان پري پري آهن جو ته فيض مجددي جي اشاعت لاءِ پري پري ولايتن ۾ رهن ٿا

زهجر دوستان خون شد درون سينهٔ جان من — فراق همنشينان سوخت مغز استخوان من [1]

حال حضرت محبوب الخلائق والخالق حضرت خواجه محمد صادق قدس سره

هي اوليائن جو بزرگ پيدو ۽ پرهيزگارن جو نتيجو، علمائن جو خلاصو، صالحن ۾ عمل ۽ واقف الحقائق والدقائق حضرت خواجه حافظ محمد صادق آهي قدس الله تعالى سره الاقدس هن حضرت جو احوال حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي ذڪر شاگردن ڪتابن ۾ ڏنل آهي - هت عمدة المقامات تان مختصر ذڪر ڪجي ٿو -

پاڻ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جا پهريان فرزند آهن رضي الله تعالى عنهما - علم ظاهري جي تحصيل ڪان مشرف هواءِ ڪمالات باطني ۾ پڻ انهن جي والد بزرگوار جا هيس و ش ٿيا هوا - سندن ولادت سنه ١٠٠٠ ۾ ٿي ڪين بارائي وقت ڪان پيشانيءَ انور ۾ ذڪاءَ جا آثار ظاهر هوا انهي پڻ ۾ سندن ڏاڏو بزرگوار حضرت مخدوم عبدالاحد قدس سره ڪين تعليم ڏيندو هو - حضرت مخدوم صاحب قدس سره فرمائيندو هو ته هي نينگر مونکان عجيب شيون ۽ شين جي حقيقت ۽ ڪيفيت ٿو پڇي جنهن جو جواب ڏيڻ مون سان ڏکيو پوي ٿو - جڏهن حضرت مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جن حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جي خدمت ڪان مشرف ٿيا تڏهن حضرت خواجه صاحب يعني خواجه محمد صادق اڪابر اولياء قدس سرهم جن پڻ حضرت خواجه باقي بالله قدس سره ڪان ذڪر جي تلقين ورتي باوجود احوالن جي ۽ غلوبيءَ ڏاڍن جن جي علم ظاهري جي تعليم ڪي پڻ نه ڇڏيائون - ڪلام الله شريف ياد ڪيائون باقي علم منقول ۽ معقول ڪي پڻ پورو ڪيو هوائون - سندن طبع نهايت تيز هئي هڪ ڀيري وقت جي عالمن جي صحبت لاءِ شيراز جو عالم هندستان ۾ آيو جنهن کي علم عقلي ۽ نقلي ايتري قدر هو جو ان سان ڪو به برابري ڪري نٿي سگهيو - حضرت خواجه صاحب جن انهن جي طبع مان لوان بني مسئلا جو ٽي ان آڏو پيش ڪيا - جڏهن گفتگو پوري ڪيائون تڏهن ان شيرازي عالم چيو ته جيستائين هن جوان کي ڪونه ڏٺو هيم تيستائين پڪ نه هيم ته ڪو هندستان جي طالبن ۾ ڪو به عقلي ۽ نقلي دقيق مسئلن ۾ درڪ جي قوت رکي هوندي جنهن قوت ادراڪ

---

[1] معنيٰ:- دوستن جي جدائيءَ جي ڪري سيني جي اندر منهنجي بدن خون ٿي ويو آهي ۽ ساٿين جي ڇوڙائيءَ منهنجي هڏن جي مک بر ساڙي ڇڏيو آهي -

جو حق آهي، پورو اهو شيواري بزرگ ڏاڍو خوش ٿيو جو حضرت خواجه صاحب جن کي بار بار ٿي حالت ۾ ايتري ترقي ڪرڻ علم ۾ ماهر ڏٺائين — ٻاراڻي حالت ۾ سندن نسبت ايتري تہ رسا هئي جو ٻڍي عمر ۾ ڪنهن کي بہ ايتري مشڪل سان حاصل ٿئي ٿي — بيان ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن هڪ بزرگ وقت جي مشائخن کان سلوڪ پورو ڪري خلافت وٺي حضرت خواجہ باقي بالله قدس سرهٗ جي خدمت ۾ آيو پنهنجا مقامات ۽ احوال حضور اقدس ۾ عرض ڪرڻ لڳو. انهي مراد هئي هئي تہ پنهنجي ڪماليت ۽ پنهنجي مرشد جي ڪماليت ظاهر ڪيائين. جيڪي هن حضرت خواجه صاحب باقي بالله قدس سرهٗ جن منهن جن هنن احوالن کي انتها ڄاڻي تہ پورو فيض وٺڻ جي ڳالهہ تڪيف نہ ڪيائين تہ سندن حضور ۾ زياده فائدو ورتائين. حضرت خواجه باقي بالله قدس سرهٗ جو مخدوم زاده خواجه محمد صادق قدس سرهٗ کي گهرائي فرمايو تہ بابا پنهنجو احوال بيان ڪر تہ درويش مهمان ٻڌن. حضرت مخدوم زاده پنهنجو احوال بيان ڪيو جو درويش جي احوالن کان گهڻو زياده هو. جڏهن بزرگ ڏٺو تہ سڀ اهي درجا جن کي ٻارڻي مهينا سلوڪ ڪئي ٿيا آهن سو منهنجي پنجاهه ورهين جي مدت تائين جيڪو حاصل ڪيو انهن سان ڏهہ ڀيرا پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ ڏسڻ جڏهين ڏٺائين.

حضرت مخدوم زاده قدس سرهٗ جي نسبت ۾ ايترو غلبو هوندو هو جو حضرت خواجه باقي بالله قدس سرهٗ جن انهي تخفيف لاءِ ڪيئن بار بار جي مائي ڪارڻ جو علاج ڪندا هوا جڏهن تہ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن هڪ مڪتوب ۾ بيان لکيو آهي.

حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جن حضرت مخدوم زاده ڏانهن هنطي لکيو آهي تہ "قرة العين محمد صادق برخوردار ظاهر باطن گرد احوال او چنانچه ظاهر است منوجب حمد است بر بهمان حضور خود با شد از غيبت و استغراق انديشہ نيست انشاء الله العزيز از سکر بصحو آيد و فنا در شعور اندراج يابد" تم ڪلامه الشريف

سندن ڪشف قبور تمام صحيح ۽ سالم هو جنهن تي حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جن پاڻ اعتبار ڪندا هوا ڪين گهرائي ڪانئن غيبي ڪمن بابت پڇندا هوا پيٽ مقبرن تي وڃي ڪانئن مٽن جو احوال پڇڻ فرمائيندا هوا. جڏهن حضرت خواجه صاحب جن پنهنجي حياتي ۾ پنهنجن سڀني طالبن کي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي حضور ۾ حوالي ڪيو هوائون. تہ هن حضرت مخدوم زاده خواجه محمد صادق قدس سرهٗ پڻ انهن جي عنايت ۾ داخل هو ترتيب سلوڪ جي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني وٽ تفصيل شامل ڪيائون. سندن خاص نسبتن کان پهرين ڪامل ۽ حظ وافر وٺي مٿاهين معرفتن ۽ مقامن سگهو ئي پهتا سندن نظر اڪسير هئي مجذوبن جي وجود کي سون خالص ٿي ڪيو ۽ سندن ڪلام حضرت عيسيٰ وانگر مخلصن ۽ مريدن کي نئين حياتي ٿي بخشي.

— حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شهباز لامڪاني رضي الله تعاليٰ عنه جن مڪتوبن ۾ جي جملا سندن مدح ۾ فرمايا آهن - ايتري قدر ناهن جو سڀ هن رسالي ۾ ماپي سگهن ڪي جملا تبرڪا لکجن ٿا - مڪتوب نمبر ۲۲۷ دفتر اول مڪتوبات شريف ۾ ٿا لکن ته "فرزندي اعزي کر مجموعه معارف فقير است و نسخه مقامات سلوڪ و جذبه" پڻ انهي مڪتوب ۾ آهي ته - "فرزندي اعزي از ميان اسرار است وازخطا وغلط محفوظ" ساڳي دفتر جي مڪتوب نمبر ۲۴۴ ۾ تحرير ٿا فرمائن - "واين مقام را بفرزندي ارشدي عنايت فرموده اند و داخل ولايت ايشان ساخته اند فقير اينجا در رنگ مسافران در ولايت ايشان نشسته است" پڻ مڪتوب نمبر ۳۱۱ ۾ جو حضرت خواجه محمد سعيد رضي الله تعاليٰ عنه ڏانهن لکيو اٿن مرقوم آهي ته "استفاده ڪه اين حقير ازان ولايت نموده است ازراه اجمال آن ولايت است واستفاده فرزندي اعظمي عليه الرحمة ازراه تفصيل آن ولايت (بوده)" - حضرت خواجه محمد صادق جن پنهنجي والد بزرگوار حضرت مجدد الف ثاني ڏانهن پنهنجي احوالن جي ڪيفيت ۾ گهڻا عريضا لکيا آهن جن مان تبرڪا ٻه عريضا بجنسه حضرت حاجي صاحب قدس سره ڪلان جن عمدة المقامات ۾ آندا آهن ان شئت فارجع اليه -

راقم الحروف :- حضرت مخدوم زاده خواجه محمد صادق اڪابر اولياء قدس سره کان ننڍي پڻ ۾ ڪيترين ڪرامتون صادر ٿيون جن ته "حالات مشائخ مجدديه نقشبنديه" ۾ آهي ته هڪ ڏينهن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي ياد حضرت جي خيال کان مسافري جو ارادو ڪيو - موڪلائڻ لاءِ سڀئي ٻاهر نڪتا حضرت خواجه محمد صادق قدس سره پڻ همراه هئا واٽ ۾ سندن ڏاڏي سڳوري حضرت مخدوم عبدالاحد قدس سره جي زيارتگاهه آئي پاڻ انهي مزار مبارڪ تي مراقبو ڪري فرمايائون ته حضرت ڏاڏا صاحب جي سائينءَ جي سفر کان جهلي ٿو ان وقت پاڻ ننڍي عمر ۾ هوا انهن ڪري سندن چاچي انهي ڪشف تي ڀروسو نه ڪيو - روانو ٿيو آخر ڪار حضرت خواجه محمد صادق صاحب قدس سره جي ڳالهه پوري ٿي جو سندن چاچي بزرگوار جو سمورو مال ۽ اسباب ڦرجي ويو ڪين پڻ تڪليف پهتي - اهڙي طرح ٻيون پڻ ڪرامتون آهن جو اختصار سبب ڇڏي ڏيان ٿو - اهو —— پاڻ جوڀن ۽ رهڻ جي عمر مبارڪ ۾ وبا جي حادثي سبب رحلت فرمايائون - جنهن آئين ته هندستان ۾ وبا تمام گهڻي ڪرهن طرح بيان ٿو ڪيو تڪرار ڪئي ٿي پاڻ فرمايائون "اين طاعون لقمه چوب مي خواهد تا مالو وبم تسکين نيابد" - يعني وبا سيڙو لقمو ٿي گهري جيستائين آئون نه ويندس وبا نه ٽرندي - پوءِ ڪين پڇ تيئن ٿيو سندس پاڻ وفات فرمائي دبلانغ ٿي وئي -

راقم الحروف :- هي احوال ڪتاب روضة القيوميه ۾ چڱي طرح تفصيل سان ڏنل آهي مون به مرشد مڪرم جي دعا سان ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي جو هن ڪتاب جي صفحه ۲۰۹ تي درج ڳالهه جي ان ۾ آهي واقعي ته حضرت اڪابر اولياء پاڻ کي خلق تي فدا ڪيو جنهن ڪري مصيبت خلق الله تان دفع ٿي - اهو سند وفات کا پوءِ جڏهن بروباتي اهو ڳون پيو ٿي ٿيو - هڪ شخص تي جي علي ۾ حضرت خواجه صاحب اڪابر اولياء قدس سره جي زيارت ڪئي ته نائين ٿڪليس ۽ وبا جي مصيبت تي مقرر ٿيل ۾ ڪان ڪان پيا جن انهي عرض ڪيو ته پاڻ اسان انهي مصيبت کي پاڻ تي ڪيئون رهائي ماڻهن سان ڇڏي ناهي ته هڪ بزرگ خواب ۾ ڏٺو ته جيڪو به حضرت خواجه صاحب اڪابر اولياء محمد صادق قدس سره جن الوهيءَ پاسان رکندا اهو وبا جي آفت ۽ بلا کان بچائيندو تنهن کان پوءِ جڏهن بر سند ان نالو مبارڪ لکي پاس رکيو ان کي

آفت جو آسيب نه پهتو. اڄ تائين انهيءَ ڳوٺ ۾ ان جي لاءِ صالحزاده اسڳورا سندن نالو مبارڪ کي تاڏين ڄڃهن جو اثر پيا ڏسن
۽ اقم الحروف به اسانجي سنڌ ملڪ ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي اولاد امجاد مان سولو
بيا به وقت جا فاضل انهي نالي مبارڪ جي ٽڪڙيءَ پڙهڻ جو اجازتون ڏين ٿا. نالي مبارڪ جو تاثير ظاهر ڏسڻ ۾ ٿو اچي
ڪتاب "مصباح المفتاح" عرف دائري شريف جي سيد ن جي سنڌي ۾ ڇپيل هوا ڏن موڻ ڪيل ڏنو آهي. حضرت
سراج الاولياء وارث الانبياء حضرت مرشدنا ومولانا حضرت حاجي صاحب رحمت حضرت خواجه عبدالرحمان صاحب
قدس سره جي مقامات ۽ ملفوظات جي ڪتاب انيس المريدين ۾ پڻ آهوا ڏن محصول لکيل آهي جو ٻه هنجي جو ۽ ٿي
ايندو. الهه ـــــ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن حضرت خواجه محمد صادق اڪبر اعلياقدس
سره جي وفات کان پوءِ ڪ پنهنجي محبت انهن تحرير فرمائي ٿا. "منهنجي وڏي فرزند رضي الله تعالى عنه
پنهنجن ٻن ڀائرن يعني محمد فرخ ۽ محمد عيسى سميت آخرت جو سفر اختيار ڪيو اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ
الله جل جلاله جو شڪر آهي جو پهرين پوين کي صبر جي توفيق عطا فرمايائين پوءِ سنڌن سرمبارڪ بلاڪ
کي ڏنائين ڪنهن جانه چڱون چيو آهي.

من از تو روي نه پيچم گرم بيازاري چه خوش بود ز عزيزان تحمل خواري لاه

منهنجو فرزند مرحوم الله جل جلاله جي نشانن مان نشاني ۽ رب العالمين جي رحمتن مان هڪ رحمت هئي،
جو پنهن ڊيرهن جي عمر ۾ جيڪي حاصل ڪيائين سو ڪن ٿورن کي حاصل ٿيو هوندو ۽ مولويت جي مرتبي ۾ عقلي
۽ نقلي علمن جي تڪميل جي ڪماليت جي حد تائين پهچي ويو. اٺين ڇڻن ابتدي قدر جو سنڌن طالب بيضاوي ۽
شرح مواقف ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب ڪمال قدرت سان پڙهائي ٿا سگهن. معرفت ۽ عرفان جون ڳالهيون ۽
سندن ڪشف ۽ شهود جا قصايبان جا محتاج نه آهن. اوهانکي معلوم آهي ته ٿورن ڊيرهن جي عمر ۾
ابتدي قدر مغلوب الحال ٿيا هوا جو حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جن سنڌن حال جي تسڪين
لاءِ بازار جي مشڪوڪ طعام کائڻ سان علاج ڪيا ٿون ۽ فرمايا ٿون ته منهنجي محبت محمد صادق
سان آهي سا ڪنهن سان به نه آهي ۽ اهڙي طرح جا محبت انهي موڻ سان آهي ٻئي ڪنهن سان نه انهي
سخن مان سندس بزرگي معلوم ڪري گهرجي. ولايت موسوي کي پوئين نقطي تي پهچايو هوائون ۽
ان ولايت عاليه جا عجائب ۽ غرائب بيان ڪري فرمايائون. هميشه خضوع ۽ خشوع سان رهندا هوا
۽ فرمائيندا هوا ته حضرت حق سبحانه وتعالى کان سپ ڪنهن دلي ڪانه ڪا شئي گهري آهي آئون التجا
زاري، عجز ۽ تضرع ٿو گهران ـــــ محمد فرخ جو ڪهڙو احوال لکجي يارهن ورهن جي عمر ۾ طلب العلم
هو ۽ ڪافيه پڙهڻ ۾ مشغول هو آخرت جي عذاب کان ڊڄندو ۽ ڏڪندو هو ۽ دعا ڪندو رهندو هو ته
بارهين ۽ عمر ۾ ڪيئي دنيا کان موڪلايان ته آخرت جي عذاب کان بچان. مرض موت ۾ آهي
سنگتي جي ولس خدمت ۾ رهندا هوا سي ڪا ايئن عجائب ۽ غرائب ڏسندا هوا. انڻ ورهن جي
عمر ۾ محمد عيسى وقتن ماڻهن جي ڪرامتون ڏٺيون انهن جو احوال ڇا لکجي. بهرحال، ٻولهو
هوا ۽ امانت سان حوالي ڪيل هوا. يعني موت وقت ڪنهن لاءِ امانت طور آيل هوا، الله جل جلاله جو
حمد ۽ منت جو امانت جي مالڪ کي منا ڪي سو جهڙ ڪا نسواءِ امانتون حوالي ڪيو مين."

اللهم لاتحرمنا اجرهم ولا تفتنا بعدهم بحرمت سيد المرسلين عليه وعليهم الصلوات والتسليمات

لاه معنى: - تو کي ڪيتري هين موڻ کي ڏکوٿيندي بيٺا ته هو ته به تو کان منهن نه موڙيندس جو دوستن کان تڪليف برداشت ڪرڻ
به ڏاڍو وڻندڙ ڪم آهي.

ٻ- حضرت خواجه محمد صادق قدس سره کي هڪ فرزند عطا ٿيو جنهن جو نالو شيخ محمد هو هن حضرت جون حالتون الله جل جلاله عجيب خلقيون هيون - ٻي فرزند ٿيا: ۱ شيخ ابراهيم هن حضرت کي نياڻي کان سواءِ اولاد ڪونه ٿيو ۲ شيخ زاهد: - هن حضرت کي اولاد ڪونه ٿيو ۳ شيخ عابد. هن حضرت کي شيخ بهاؤالدين نالي هڪ فرزند عطا ٿيو جنهن کي ۳ فرزند ٿيا جي هرهڪ صاحب ڪماليت جو ٿي گذريو آهي ۱ شيخ محمد شجاع ۲ شيخ ابو بکر ۳ شيخ اظهر الدين -

راقم الحروف: - اولاد جو زياده تفصيل ڪتاب هديه احمديه ۾ ابوالخير مکي آندو آهي

حال حضرت شيخ عرفاء الڪاملين زبدة العلماء الراسخين مظهر ڪمالات خازن الرحمة خواجه محمد سعيد قدس الله سره الاقدس

س- هو حضرت، بزرگ دين راسخن عدائن کي وات لائيندڙ ۽ ڪيترن ڪاملن کي هڪ گهڙي ۾ وصل عريان تائين پهچائيندڙ، رحمن الٰهي جي رحمت جو خزانو ۽ وارث سچار، عابد زاهد جو منهنڊار سنڌ ۾ مشهور لقب خازن الرحمة وقت جو وحيد سندن نالو مبارڪ خواجه محمد سعيد قدس الله تعالىٰ سره الاقدس - هن حضرت جو احوال مبارڪ سندن والد بزرگوار امام رباني مجدد الف ثاني جي احوال مبارڪ وارن ڪتابن ۾ ڏنل آهي - آءُ هت عمدة المقامات تان سندن ذڪر نور لکان

پ- هي حضرت ٻيو فرزند حضرت مجدد الف ثاني جو آهي، ولادت سندن رمضان مبارڪ سن هڪ هزار ٻنجاهه ۾ ٿي - حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن فرمائيندا هوا ته محمد سعيد جڏهن ٻن ورهين جو هو جو سخت بيمار ٿيو - بيماري جي غلبي ۾ کانئس پڇيائون ته اوهان جي دل ڇا ٿي گهري بي اختيار جواب ڏنائين ته حضرت خواجه باقي بالله قدس سره کي ڏسڻ ٿي گهري مون اها ڳالهه حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جي خدمت ۾ عرض ڪئي - حضرت خواجه صاحب فرمايو ته محمد سعيد حريفي ۽ رندي ڪئي جو اسان کان پرپٺ نسبت باطني کسيائين --- حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جن هڪ مڪتوب ۾ اول حضرت مجدد الف ثاني جي ثنا ۽ تعريف ڪندي پوءِ سندن فرزندن جي ترفيع ۾ هي جملا فرمايا آهن: "فرزندان اين شيخ که اطفال اند اسرار الٰهي اند استعداد با عجيب دارند بالجمله شجره طيبه اند" انبته الله نباتا حسنا - يعني فرزند هن شيخ يعني حضرت مجدد الف ثاني جا جي ابا ٻار آهن سڀ الٰهي اسرار آهن عجيب استعداد تا رکن حاصل ڪلام شجره موچارو آهن اُپايو انکي الله جل جلاله اوچتو موچارو --- جڏهن هن حضرت خازن الرحمة جن سمجهه جهڙا ٿيا ته هن ظاهري علم جي تحصيل ڪرڻ لاءِ مشغول ٿيا ڪجهه پنهنجي ڏاڏي ڀاءُ حضرت خواجه محمد صادق رحمة الله عليه ۽ ڪجهه شيخ طاهر لاهوري وٽ پڙهيائون ۽ باقي پنهنجي والد بزرگوار حضرت مجدد الف ثاني قدس سره الاقدس کان علم معقول ۽ منقول حاصل ڪيائون اهڙي طرح هن طريقي جي باطني نسبت سگوري مٿاڏهن حالن ۽ اعلىٰ معرفت سان پنهنجي والد بزرگوار کان هٿ ڪيائون - سترهن ورهين جي عمر ۾ ظاهري ۽ باطني فضيلتون حاصل ڪري ورتائون، بي شڪ منجهن بخشش الٰهي اصل حقي جو مادو زياده وڌيڪ هو - پنهنجي ساري عمر سگوري پڙهائڻ ۾

گڏ ڪرايا اٿون. ڪن مجدد ڪتابن تي حاشيه ۽ تعليقات لکيل اهوا جن ۾ مشڪواة المصابيح جي تعليقات
جن ۾ انهن حديثن جي تقويت ۽ ترجيح جن ۾ حنفي مذهب ورتل آهي جن دليلن ۽ معتبر
ڪتابن جي شاهدن سان ڪئي اٿن، وقت جا علماء ان جي مطالعه ڪان نهايت خوش ٿيا. حضرت مولانا محمد
هاشم قدس سره لکي ٿو ته هڪ ڏينهن عالمن جي مجلس ۾ آئون ۽ حضرت خازن الرحمة جي خدمت ۾ حاضر
اصول فقه جو هڪ ڏکيو مسئلو وچ ۾ آندائون. حضرت جن انکي اهڙي وضاحت سان بيان ڪيو جو سوال ڪندڙ
عالم منهن جي ڪرڻ ۾ جوٽ ٻگوتر توت عسي ۾ حضرت خازن الرحمة قدس سره جهڙو واڳي وقت ۾ ڪونهي
راقم الحروف:- صاحب حالات مشائخ مجدديه لکيو آهي، حضرت خازن الرحمة قدس سره جن قرآن شريف تجويد
جي قاعدي موجب پڙهيا ٿون. حديث شريف ۾ مسند جيد رکندا هوا ۽ فقه ۾ اهڙا اهو شاهد هوا جو خود حضرت
امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره کي جيڪڏهن ڪنهن اونهي مسئلي ۾ تحقيق جي ضرورت پوندي هئي ته حضرت
خازن الرحمة کان دريافت ڪندا هوا ۽ حضرت خازن الرحمة جن اهڙي سهڻي نموني سان بيان ڪندا هوا جو محبوب لا ثاني
لامکاني حضرت امام رباني قدس سره کي تسلي ٿيندي هئي ۽ گهڻو خوش ٿيندا هوا. اهـ

منقول آهي ته هڪ ڀيري لاهور ۾ ڪنهن شخص انهن جي علمائن ۽ مشائخن کي دعوت ڪئي
حضرت خازن الرحمة قدس سره جن پنهنجي ڀاءُ حضرت خواجه عروة الوثقى محمد معصوم قدس سره جن
ساڻ تشريف فرما ٿيا يائي الوقت لاهور ۾ هوا. مجلس ۾ سجده تحية يعني تعظيمي ۽ سجده عبوديت
يعني ٻانهپ جي وچ ۾ گفتگو شروع ٿي. هي ٻئي ڀائر سڳورا هڪ طرف ۽ ٻيا سڀ علماء ٻئي طرف هوا. هنن
حضرات اصول ۽ فروع سان پنهنجي دعوى کي اهڙي طرح ثابت ڪيو جو سڄي مجلس حيران ٿي وئي ۽ سندن
فضيلت جا قائل ٿيا. جو لڳا ته حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جهڙي ٻي کي اهڙا فرزند سڳورا آهن جن
بيشڪ ان ولايت جي سب هدايت جي قسم جا هئڙا اموتي جو ته ظاهر ٿين ـــ ٿوري وقت ۾ مذهب
مختيار حنفيه جي ساڻ التحيات ۾ شهادت آڱر نه کڻڻ بابت رسالو لکيو اٿن ۽ فرمايو اٿن ته مقصود اهو آهي
ته اولويت عدم رفع جي ثابت ڪئي وڃي يعني چڱو آهي ته آڱر نه کڻجي. جي علماء آڱر کڻڻ جا قائل
هوا. ان رسالي جو جواب ڏيڻ ۾ دنگ رهجي ويا. بهرحال حضرت خازن الرحمة قدس سره جي فضيلت هن
مختصر رسالي ۾ لکڻ مشڪل آهي. حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن ڏانهن جيڪي مڪتوب شريف لکيا
اٿن انهن مان سندن فضيلت معلوم ٿئي ٿي ـــ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جا محرم راز به
فرزند، حضرت خازن الرحمة ۽ خواجه محمد معصوم هوا قدس سرهما جن ۾ حضرت مجدد الف ثاني
جو هڪ مڪتوب بجنسه انهي نسبت ۾ عمدة المقامات ۾ آندل آهي. حضرت مجدد الف ثاني
قدس سره جن سندن نسبت ۾ فرمائيندا هوا ته محمد سعيد علماء راسخين مان آهي. پر ڳالهه
جي مرتبي ۾ بين مرتبن جهڙوڪ فرديت، قطبيت، غوثيت، تيميت، قربت غير هم کان متنفر آهي
راقم الحروف:- ڪتاب "حالات مشائخ نقشبنديه" ۾ سندن تمام ڳهو احوال مبارڪ آيل آهي انهن مان ڪجهه
مختصر ڏيکان ـــ حضرت مجدد الف ثاني فرمائيندا هوا ته هر قطب واسطي به امام آهن، محمد سعيد ۽ محمد معصوم
قدس سرهما انهن جا به امام آهن ـ نقل آهي ته هڪ ڏينهن حرم نبوي ۾ تحية المسجد نفل پڙهيائون ته

حُجري مبارڪ مان آواز آيو ”اعجل اعجل فانا منتظرون اليڪ“ – يعني تڪڙ ڪر تڪڙ ڪر ته اسين تنهنجي اچڻ لاءِ منتظر آهيون – هڪ ڏينهن فرمايائون ”اليوم تمت نسبتي لنسبة المجدد“ – يعني اڄ منهنجي نسبت حضرت مجدد الف ثاني جي نسبت جهڙي ٿي آهي. پر حضرت خازن الرحمة جن هڪ ڏينهن فرمايو ته مون هن ظاهري اکين سان جناب پيغمبر صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جي زيارت اڪثر ڪئي آهي – باقي ڪشف ۽ ڪرامت تمام گهڻي قدر لڪائيندا هوا مگر بعض وقت ۾ بي اختيار ظاهر ٿي پوندا هوا.

نقل آهي ته هڪ پوڙهي عورت سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته اوهان جي ولايت مشهور آهي بطور خرق عادت يعني بطريق مخالف عادت جي مونکي پٽ عطا ٿئي، حضرت جن فرمايو ته انشاء الله تعاليٰ توکي فرزند عطا ٿيندو. جڏهن ته ان پوڙهي کي تصرف شافي فرزند عطا ٿيو. نقل آهي ته هڪ شخص جو پٽ سڪرات جي حالت ۾ هو حضرت جن جي حضور ۾ دانهن ڪيائين ته حضرت عيسيٰ عليه السلام مئل کي جيئرو ڪندا هوا هي پٽ بيمار جان لب آهيو. منهنجي فرزند جي حال تي توجه فرمايو. حضرت جن فرمايو ته انشاء الله تعاليٰ تنهنجو فرزند چڱو ڀلو ٿيندو، جڏهن ته سندن دعا ۽ فضل الاهي جل شانه سان شفا اچي پئي.

نقل آهي ته هڪ شخص کي حضرت جن چادر عطا فرمائي هئي اهو شخص اوچتو ڪنهن عورت تي عاشق ٿي پيو ارادو ڪيائين ته زنا جي ڪبيره گناه ۾ مشغول ٿيان اوچتو اها چادر وچ ۾ پردو ٿي بيهي رهي ۽ هو گناه کان بچي ويو.

نقل آهي ته حضرت جن جو هڪ خادم ڪنهن عورت تي عاشق ٿيو – حرام جي ڪم ۾ مشغول ٿيڻ جو ارادو ڪيائين ايتري ۾ حضرت جن جي شڪل مبارڪ ظاهر ٿي ۽ انگوٺو منهن تي رکي شاهد ڪيائين هٽيائين اهو مريد ان ڪم کان توبه ڪري باز آيو – لکيو اٿن ته ڪيتري مدت تائين ان جي ڳچي تي جنن جي آڱرين جو نشان بيٺو هو.

روضة القيوميه ۾ حضرت خواجه محمد زبير قدس سره کان منقول آهي ته هڪ ڀيري هڪ جوان امير آدمي حضرت خازن الرحمة قدس سره وٽ وڃي عرض ڪيائين ته مونکي باغ جي سير جو ارادو آهي. فرمايائون ته ويهو، توکي اهڙي باغ جو سير ڪرائينداسين – پوءِ ان تي پنهنجو ڪپڙو وڌائون، ان امير ڏٺو ته عجيب غريب باغ آهي گهڻي دير تائين باغ جو سير ڪندو رهيو جنهن کان پوءِ حضرت اهو ڪپڙو کنيو ته ان امير ڏٺو ته ساڳيو وقت هو – نقل آهي ته هڪ شخص گهڻن اهل باطن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. مگر ڪٿي به اهو مطلب پورو نه ٿيو آخرڪار حضرت جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ فرمايائون ته صبح واري حلقي ۾ ضرور سان حاضر رهجو. ٻئي ڏينهن اهو حلقي ۾ حاضر ٿيو ايتري قدر تاثير ٿيس جو پنهنجو سڀ مال ۽ اسباب مولى جي واٽ ۾ ڏيئي سندن جاءِ مبارڪ جي خدمتگار ٿي رهيو ۽ ڪمالات باطني حاصل ڪري خلافت کان مشرف ٿيو. سندن ارشاد ۽ نصيحتون ۽ ڪرامات ”حالات مشائخ نقشبنديه“ ۾ تمام عجيب عجيب آهن پر جن هن ته آئون اختصار جي بنياد آهيان تنهنڪري وري عمدة المقامات ڏانهن رجوع ڪريان.

سندن وصال ١٠٧٩ هجري ۾ ٿيو سندن مزار مبارڪ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي روضه انور ۾ آهي جنهن روضي ۾ سندن وڏو ڀاءُ حضرت خواجه محمد صادق اڪبر اولياء قدس سره پيل آهي – انهي روضه انور جي بشارتن جو عجيب احوال گذري آيو – سندن خلف ارشد اسعد حضرت خواجه عبد الاحد قدس سره وصال ۽ جنهن جي تاريخ هن طرح نظم ۾ آندي آهي.

از پئے یکہزار ونہم سال — بود از ہجرت نبی مرسل
کہ آمد از کانِ کائنات برون — گوہر تراز مثال و مثل

يعني از لطف خاص رباني — وز عطايات لم يزال جل
پسرے شد عطا بہ قطب زمان — مجتبائي خداي عز وجل
شيخ احمد مجدد ملت — حافظ شرع از زوال وزلل
آن شہ دين کہ ملک عرفانش — نپذيرد ز دست ديو خلل
نے پسر آفتاب کرد طلوع — با ہزاران شرف ز برج حمل
کرد پرواز تا ازين زندان — مرغ روحش بمرغزار اجل
نہ مثالش کسي بوادي علم — نہ نظيرش کسي بکوي عمل
نہ در اقطاب او بجنش مانند — نہ در ابدال ار بجنش بدل
خازن رحمت خداے کريم — وارث دولت رسول اجل
نام او کز ازل سعيد آمد — بر سعادت بود دليل اول
خاک راہش چہ ماہ چہ خورشيد — جبہ سايش چہ مشتري چہ زحل
گر سمومش رسد صبا گردد — عارف آيد زکوي مرد دغل (گوئش)
آن امام زمان ز طاعت حق — نشدہ يک زمان زراہ کسل
تا شبي ساقيان عالم قدس — برکشيدند بادہاے اجل
ہمہ در کار آن ولي گردند — جمع کردند با شراب وعسل
جام وخدمت کشيد وکوتہ ساخت — قصہ پر دراز طول امل
شيونش کردہ ملک با ملکوت — ماتمش داشت ماہ تا برجل
سال ميلاد او فيوض حق ست — گر نباشد شہور دخل عمل
سال عمرش نمايدت يکه[1] — گر عدد خواہي از حساب جمل
سال رحلت بيا بي ار خواني — رفت قطب زمان سعيد ازل[2]

[3] هن جاءِ تي حضرت حاجي صاحب ڪلان (حضرت خواجه شاه فضل الله جان) رضي الله تعالیٰ عنه جن تائين ته موقوف پهنجي ناني حضرت شيخ عطاء الله دهلوي جي زبان الهام ترجمان کان ٻڌو ته جن ڏينهن ۾ ٻن سالن جو تمام گهڻو غلبو ٿيو هو ۽ پاڻيءَ روضي مبارڪ ۾ اندر ايو دي، پوءِ جنهن ڪري حضرت خازن الرحمة جي تربت مبارڪ جيڪي ڍڪي ـ تجديد جي ارادي سان تربت مبارڪ کي کوليائون. سنڌن جسد مبارڪ ڪفن شريف ۾ ويڙهيل ڪجهڙي طرح اڳ تازو رکيو هو تهڙي طرح ڏٺائون ته دنيءَ غبار کان ڪفن مبارڪ تي ڪو به قسم جو اثر ڪو نه هو ـ جڏهن منهن مبارڪ کوليائون ته هن ڏٺائون ته گويا هاڻي آرام فرمايا آهن ـ حالانڪ سنڌن وفات مبارڪ کي هڪ سو ٽيهه ورهه ڪن گذري چڪا هوا رضي الله عنه اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنَا وَاغْفِرْ لَنَا وَاَدْخِلْنَا فِيْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ آمين ــــــ صاحب برکت محصوميه جو ذڪر ته حضرت جن پنهنجي وصل جي ڏينهن جي قريب دهلي تان آشريف فرمايا هوا جنهن مدت تائي رهيا، اتان هون هڪ خط دار الارشاد سرهند شريف ڏانهن پنهنجي پيءُ حضرت عروة الوثقیٰ رضي الله تعالیٰ عنه جي گهرائڻ لاءِ لکيائون جنهن ۾ مذڪورات جو شوق گهڻو نهايا لکيو هوائون حضرت عروة الوثقیٰ

[1] يکتة ماعمر جو عدد ۱۴۳ سال نڪري ٿو ــ ته مادو تاريخ ولادت جو (فيوض حق) آهي ۱۰۳۴

[2] ته مادو تاريخ وفات جو (رفت قطب زمان سعيد ازل) آهي

رضي الله تعالىٰ عنه جن خط جي مطالع کان پوءِ مقصد کي معلوم ڪري پهچي پاڻ سڳورن جي جواب ۾ شوق انگيز خط لکيو
جو مڪمل عمدة المقامات ۾ موجود آهي. تنهن کان پوءِ سفر جي تياري ڪري سراءِ علو تائين آيا هئا منزل لدا الاشتياق
سرهند شريف کان ٢ ميل آهي ان منزل ۾ الهام ٿين ته اوهان جي وڏي ڀاءُ دهلي مان نڪرڻ کان پوءِ سنبالڪي جي
سراءِ ۾ رحلت ڪئي آهي پاڻ انهي الهام پهچڻ کان پوءِ سرهند مبارڪ ڏانهن موٽيا ڏينهن کان پوءِ قاصد جي
خبر وحشت اثر اچي پهچائي — راقم الحروف:- ڪتاب حالات مشائخ نقشبنديه ۾ لکيل آهي ته جنهن ڀاءُ
تاريخ ٢ جمادي الثانيه سنه ١٠٧٠ منزل سنبالڪي ۾ وفات ڪيائون ته ان جو تجهيز ۽ تڪفين بعد ڪين هڪ پالڪي
۾ سرهند شريف ڏانهن کڻي هليا حضرت جن جي فرزند جو ٿين شيخ سعد الدين کان منقول آهي ته مون بيقراري
جي حالت ۾ هر هر اُن حضرت جن جي جنازه مبارڪ جي جاچ ڪندو هوس. هڪ ڀيري ڏٺم ته جنازي تي رکيل
چادر پٽي آهي جسم مبارڪ ڪونه آهي انهي حقيقت ڏسڻ سان نهايت پريشاني ٿيم. حضرت جن جي طرف متوجه
ٿي عرض ڪيم ته مون کي يقين آهي ته اوهان جو جسم مبارڪ بهشت ۾ پهتو آهي اهو امر ڪان مون کي نهايت تشويش
۽ شرمندگي ٿيندي وري چادر ۾ ڏٺم ته جسم شريف موجود هو. جنهن وقت سرهند شريف ۾ جنازه مبارڪ
پهتو ته هن حضرت محمد معصوم صاحب رضي الله تعالىٰ عنه کي نهايت غم ٿيو ۽ فرمايائون ته ڪٿي حضرت امام رباني
مجدد الف ثاني جي روضي انور ۾ رکيو جنهن ڪين تربت ۾ رکيائون اکيون کولي حضرت خواجه محمد معصوم
رحمة الله عليه ڏانهن ڏسڻ لڳا جنهن حضرت خواجه محمد معصوم رحمة الله عليه جن اک ساڻ اشارو
فرمايو ته اک بند ڪيو ته هن بند ڪيائون ۽ پوءِ ڪين دفن ڪيائون. گهڻن ورهن کان پوءِ سندن تربت
مبارڪ مينهن سبب جهڙي وئي هئي جنهن کي ڏٺائون ته جسم مبارڪ ڪفن سميت مڪمل سلامت
۽ تازو رکيو هو، جنهن مان خوشبوءِ پئي نڪتي. اهـ — سندن ان فرزند هو ظاهري ۽ باطني
جامع حسب ۽ فيض ڏيڻ ۾ عالي درجو رکندڙ هوا. هر هڪ جي مختصر حالات عمدة المقامات ۾ آهي ۽ هر هڪ جي
اولاد جو بيان پڻ ان ۾ ڏنل آهي. ٻين وڏن ڪتابن ۾ ته ڪجهه احوال ڏنل آهي. هر هڪ فرزند مبارڪ جو نالو
عمدة المقامات تان سواءِ احوالن جي لکان ٿو. پهريون فرزند حضرت عبد الله شاه قدس سره. ٻيو فرزند
شاه لطف الله قدس سره. ٽيون فرزند علامة الورىٰ نور الهدىٰ ميان فرخ شاه قدس سره. هن حضرت
جي عمر ٿوري ورهه کان زياده ٿي. گهڻن کان نفس فيض وارا ٿيا. سنه ١١١٠هه ۾ وفات ڪيائون. فرزند چوٿون
حضرت شيخ سعد الدين قدس سره. پنجون فرزند جناب مقبول احمد شيخ عبد الاحد قدس سره. هن حضرت
اول پنهنجي والد بزرگوار کان فيض ورتو تنهن کان پوءِ حضرت خواجه عروة الوثقىٰ قدس سره وٽان شرف پاتائين جنهن سيني پاڻ
کان زياده سرفراز ٿيا. هن حضرت جو احوال حالات مشائخ مجدديه ۾ تمام ڏنو ويو آهي. فرزند ڇهون قدوة
اهل الله حضرت شيخ خليل الله قدس سره. فرزند ستون شيخ محمد تقي قدس سره. اٺون فرزند شيخ محمد يعقوب
قدس سره هنن مان هر هڪ حضرت جي اولاد جو احوال هديه احمديه ۾ ڏسڻ گهرجي. مٿين ڪتاب ۾ مولانا
شيخ احمد ابو الخير مڪي قدس سره لکندو آهي ته حضرت خازن الرحمة قدس سره کي ٻه حرم پاڪ هوا هڪ حرم
تائيبه جي وفا ۽ ٻين ڳن مان هوان مان ڪين ٻي فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي. فرزندن جا نالا مبارڪ هي آهن. شاه عبد الله
شاه لطف الله، مولوي فرخ شاه قدس سرهم. سندن ٻيو حرم پاڪ حضرت محبوب سبحاني سيد شيخ عبد القادر جيلاني
قدس الله سره الاقدس جي اولاد مان هو. ان مان پنج فرزند ۽ چار نياڻيون پاڪ ٿيون. بيان ڪيل نالن مبارڪن مان ٽي
ٽن نالن کان سواءِ باقي فرزندن جا نالا پهريان ڏنل آهن. هي ٻه پنج حضرت غوث الثقلين جي اولاد مان هو تنهن ڪري اسڪن به

جاري ٿيل هوا- اهو ملخصًا ـــــ ٻيون فرزند ارجمند حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني
جو حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقيٰ قدس سرهٗ آهي، جو حضرت مجدد الف ثانيؒ کان پوءِ قيوميت جي مسند
تي ويٺو- سندن احوال مبارڪ اڳتي خلاصي طرح ايندو- هت به سندن هڪ عجيب ڪرامت جامع ماتي کان
پوءِ سرزد ٿي آهي، عمدة المقامات ۾ حالات حضرت وحدت خواجه عبدالاحد معروف به شاهه گل فرزند ابي جند
حضرت خازن الرحمة قدس سره تان نقل ڪجي ٿو- "حضرت حاجي صاحب ڪلان جيڪي مرشد نا شاهه فضل الله قدس سره
جن جي ناني حضرت سيد عطاء الله شاهه دهلوي قدس سره کان ٻڌو ۽ جنهن پنهنجن وڏن کان ٻڌو هو ته هڪ
ڏينهن حضرت عروة الوثقيٰ رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي پوٽي حضرت وحدت يعني خواجه عبدالاحد ولد خازن الرحمة
قدس سره کي فرمايو ته توکي وعدو ٿو ڪريان ته جيڪڏهن تو کي عنايت ڪندس، سيڪڙهن توجه سان تنهنجي حال
مٿان اهڙي نظر ٿيندي جو مدت ۾ به ان جو حصول ڏکيو هوندو ۽ تنهن مان جو فيض، توجه وعده موجب حضرت
خواجه وحدت قدس سره کي ڪيا هوائون جو حضرت خواجه عروة الوثقيٰ قدس سره جن وفات فرمائي- اهڙي
واقع کان پوءِ هڪ ڏينهن حضرت خواجه وحدت قدس سره حضرت خواجه عروة الوثقيٰ قدس سره جي تربت
انور تي وڃي عرض ڪيو ته وعده موجب جو توجه باقي رهيل آهن اهو ڇا جي لحظن ۾ اميد آهي ته موسان
جو وعدو ڪيو اٿو سو پاڙيو- تربت مبارڪ مان حڪم معلوم ٿيو ته فقير جي تربت ڏانهن متوجه ٿي ويهه ته وعده
پورو ڪيو ويندو- حضرت خواجه وحدت قدس سره عرض ڪيو ته وعدو حال حياتي ۾ هو هاڻي به حياتي واري
شڪل ۾ مون تي توجه عنايت ٿئي- حضرت خواجه وحدت قدس سره کي حڪم ٿيو ته خلوت ۾ ايندو رهج- جنهن
وقت پيو تربت تي حاضر ٿجي- پوءِ حضرت خواجه وحدت قدس سره جن وقت جي رعايت ڪري تربت مبارڪ تي ويندا هوا
حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن حياتي واري شڪل ۾ تربت مبارڪ مان نڪري کين توجه ڏيندا هوا- جيئن ڏينهن
توجهن پوري ٿيڻ جو وعدو هو- حضرت خواجه وحدت قدس سره جن ان ڏينهن مسلم ڪئي ٿيا هوا- توجه جي
فراغت کان پوءِ عرض ڪيائون ته پنهنجي دستخط کي ڏيڻ جي عنايت ٿئي ته "جيڪي عبدالاحد سان وعدو ڪيو ويو
هو ته ڪيس ڏهه توجهه ڏيندس ان مان ڪجهه توجه حال حياتي ۾ ڏنا ويا هوا باقي ڏهه رهيل توجه حياتي جي
شڪل ۾ ڏئي وعدو پاڙيو ويو-" ـــــ حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره جن پنهنجن هٿن مبارڪن سان اهڙي
مضمون جي عبارت لکي ڏنائون- حضرت خواجه وحدت قدس سره جن لکيل مضمون پنهنجن سوڻن کي ڏيکاريو
مرڻ جي مخدوم زادن پنهنجي والد بزرگوار جي اڪبر سجاده نشين حضرت حجة الله قدس سره جن ان ڪاغذ جي پٺ
تي هي مضمون لکيو- "هذا الحق اليقين بلى الان اولياء الله لا يموتون بل ينقلون من دار الي دار- [1]
راقم الحروف کي هن وقت شوق ٿيو ته حضرت خواجه وحدت يعني خواجه عبدالاحد قدس سره جي پڙهڻ
مختصر عمدة المقامات تان اتاري سعادت دارين جي ڪان مشرف ٿيان-

حالات حضرت شيخ خواجه عبدالاحد دليل الله الصمد قدس سره

"هي حضرت پنهنجن سڀني پاڙهن بزرگن کان ظاهري باطني فضيلتن ۾ ممتاز هوا- پنهنجي والد بزرگوار
حضرت خازن الرحمة قدس سره کان نسبت حاصل ڪرڻ جي باوجود پنهنجي چاچي عالي مقدار حضرت عروة الوثقيٰ قدس سره
کان پڻ فائض ٿيا آهن ۽ گهڻا منازل سلوڪ باطن جو ڪسب فرمايا ائون- سندن والد بزرگوار جي خانقاه محل سنگل
حوالي هئي- پاڻ ان ۾ حضرت ميان گل جي لقب سان مشهور هوا- جنهن هن ته طبع موزون هئي ۽ شعر به نگين فرمايا
اٿن- پنهنجو تخلص وحدت رکيائون- سندن اهو تخلص ايتري قدر ته مشهور ٿي ويو جو گويا سندن لقب مبارڪ
بڻجي ويو- هي پنهنجا جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زيارت ۽ بيت الله الحرام زادهما الله شرفا و تعظيما جي

---

[1] معنيٰ- هي حق اليقين آهي ته ولين جي موت نه ٿيندي آهي الله جي ولي مرندا نه آهن بلڪ هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏانهن لاڏاڻو ڪندا آهن

طواف کا مشرف ٿيا. ٻئي ڀيري حضرت خواجه حجة الله قدس سره سان هم راهي ٿي وياهوا. ٻئي ڀيري سندن عمر مبارڪ
اٺن ورهن جي هئي ــــــ ڪتاب لطائف مدنيه، پنهنجي والد بزرگوار جي احوالن وارداتن بابت عربي
زبان ۾ نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان لکيو اٿن. سندن ڪتاب گهڻا جڙيل آهن جن ۾ ڪن تولن موجب تفسير بيضاوي
تي سندن حاشيه چڙهيل آهي ۽ سلسلة الجواهر، شرح چهل حديث، خزائن المودة، منثور الدرر في
فضائل السور، صحائف تسع، برهان جلي، بدائع الشرائع، جنات ثمانيه، سبيل الرشاد، اسرار الجمعة
۽ رسالو منح سبابد، شرح رباعيات خواجه بزرگ رضي الله تعالیٰ عنه، شواهد التجديد، خير الڪلام
مناجات ڪبير، مناجات صغير، قصص برحق، نشر الحطر ۽ رسالو شرح بيت مثنوي معنوي، اهو
بيت هي آهي. علم حق در علم صوفي گم شود :: اين سخن ڪي باور مردم شود. ۽ ڪتاب فيض عام ۽ شرح ڪلمه
تسبيح ۽ شرح ڪلمه تهليل ۽ شرح ڪلمات قدسي آيات مڪاتيب مجددي ۽ اسرار الفقر ۽ چهار چمن وغيره
چهار چمن ۾ ايڪيهه بيت عمدة المقامات ۾ تبرڪ لاءِ موجود آهن جي سرور ڪائنات صلي الله
عليه وسلم جي مدح ۾ بي نظير چيا اٿن. مون اختصار جي سبب ڇڏي ڏنا ــــــ حضرت خواجه محمد قدس سره
جن پنهنجي والد بزرگوار جي وصال کان پوءِ چاليهه ورهه فيض ڏيڻ جي گادي تي ويٺا هئا. تن مان گهڻا ڄڻا زياده
فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت عروة الوثقیٰ قدس سره جي خدمت ۾ سلوڪ حاصل ڪري پئي شمار فائدا ۽ ثمرا
سندن باقي رهيل جيڪي تمام گهڻا بيان تي گذريو
وفات :ــ سٺهتر ورهه جي عمر شريف ۾ وفات ڪيائون، خواجه اعظم ڪشميري جو سندن خاص
مريد ۽ فيضياب هو، ڪتاب اشجار الخلد ۽ اثمار الاشجار ۾ سندن تاريخ وفات لکي ۽ گهڻو قصيدو
لکيو آهي جن مان ڏهه بيت عمدة المقامات ۾ موجود آهن ۽ ٻيون ٻه پنجن پنجن بيتن ۾ تاريخون انهيءَ
۾ لکيل آهن. جيڪي مون اختصار سبب ڇڏي ڏنيون. سندن فرزند سڳورا جي ڪماليت ۽ اڪمليت ۾ بهتا
چڙهيل آهن، حضرت شيخ ابوحنيفه قدس سره، هي حضرت پنهنجي والد ماجد جي وفات کان پوءِ پنج ڇهه
خانقاهه عالم پناهه جي زينت ٿيو پوءِ تاريخ صفر سنه ١١٠٢ ٻارهين سو ٻن ۾ اسهال جي بيماري ۾ وفات
ڪيائون. هن حضرت کي به فرزند ٿيا هڪ عارف الولي خواجه محمد زڪي قدس سره جو ٽيهه بيت الله جي
طواف ۽ روضي مبارڪ رسول الله صلي الله عليه وآله واصحابه وسلم جي زيارت کان مشرف ٿيو. قوي جذب
جو صاحب هو انهيءَ سفر ۾ سندن هزار عالم فاضل مريد ٿيا. حضرت خواجه محمد جو ٻيو فرزند حضرت شيخ
محمد تقي قدس سره ـــ ٽيون فرزند رشيد ارشاد حضرت شيخ محمد مراد قدس سره جو ٽون فرزند
شيخ نور الحق قدس سره آهي. هر هڪ حضرت جي حالات ڏيگهه ٿي گهري. مختصر حالات عمدة المقامات ۾ موجود آهي
راقم الحروف :ــ حضرت خواجه محمد قدس سره جو اولاد سڳورو جو هن وقت تائين آهي ڪتاب هديه
احمديه ۾ تنهن جي سلسلي جو ذڪر ڏنل آهي. اهو ــــــ جو ٽون فرزند حضرت امام رباني مجدد الف ثاني
قدس سره النوراني جو، حضرت محمد اشرف رحمة الله عليه رحمة واسعة آهي. هن حضرت شيخ
ٻين جي ڏينهن ۾ رحلت ڪئي ــــــ فرزند پنجون ۽ ڇهون حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جو شيخ
محمد فرخ ۽ شيخ محمد عيسیٰ قدس سرهما آهن. ٻئي صاحبزادا سڳورا پنهنجي ننڍي پاڻ حضرت خواجه
محمد صادق اڪابر اولياء قدس سره سان گڏ وبا جي عارضي ۾ وفات ڪيائون. حضرت مجدد الف ثاني
قدس سره جن هڪ مڪتوب ۾ اهو احوال لکيو آهي جو حضرت خواجه محمد صادق قدس سره جي احوال

۾ ڳڻ ۾ آيو، ڪما لا تخفى عند ناظريها. — فرزند ستون: حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جو حضرت شيخ محمد يحيٰ معروف به شاه جيو قدس سره آهي. هنن جي والد بزرگوار حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني جي وفات وقت سندن اٺن ورهين جو هو. هنن پنهنجي ڀائرن سڳورن وٽ علم ظاهري جي تحصيل کان فارغ ٿي کسب سلوڪ طريقه عليه نقشبنديه جو پڻ ورتائون ڪيائون. ڪمال ۽ اڪمليت جي مٿاهين درجن کان فائض ٿيا ۽ مٿاهان مڪاشفات ۽ معرفتون سڳوريون کين حاصل ٿيون. ڪن معرفتن جو بيان حضرت عروة الوثقىٰ قدس سره ڏانهن لکيو اٿن صحت ۽ سقم جي باري ۾ کين جواب مليل آهوا. جيئن ته مڪتوبات معصوميه ۾ لکيل آهن. حرمين شريفين جي سفر ۾ پنهنجن ڀائرن بزرگوارن شاهد ڪاب هوا متبرڪ جاين کان فيض ۽ فائدو اوري ورتائون. حضرت خواجه خورد ولد حضرت خواجه باقي بالله قدس سره جي نياڻي پاڪ سندن گهر ۾ هئي. سنه ١٠٩٨ ته سو اٺانوي ۾ وفات ڪيائون. حضرت خواجه وحدت قدس سره جن سندن وصال جي تاريخ هن طرح نظم ڪئي آهي.

آن عارف بالله تبارک وتعالىٰ	جبرئيل صفت رفت سوي عالم بالا [1]
تاريخ وصالش چه پرسند عزيزان	کو بود ولي شيخ محمد يحيٰ [2]

[3] کين ٻه فرزند ٿيا. حضرت شيخ محمد ضياء الدين ۽ حضرت شيخ فقير الله قدس سرهما جي ٻئي مخدوم زادا ڪمالات ظاهري ۽ باطني کان مشرف هوا.

[4] حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ عنه کي هڪ نياڻي پاڪ هئي جا پنهنجي ڀائٽي قاضي عبدالقادر ولد شيخ عبدالرزاق جي عقد نڪاح ۾ ڏنائون. حضرت شيخ عبدالرزاق حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جو سڳو ۽ حقيقي ڀاءُ هو. حضرت قاضي عبدالقادر قدس سره کي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي نياڻي پاڪ مان هڪ فرزند ٿيو جنهن جو نالو مبارڪ شيخ فضل الله رکيائون. آنحضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جن پنهنجن فرزندن سڳورن کي وصيت ڪئي هئي ته سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جامي ۾ مرتاموف کان بجاءِ ٿيا آهن. انهي واسطي جڏهن منهنجي نياڻي کي فرزند عطا ٿئي ته هن کي منهنجي تربت جي کٽ جي برابر دفن ڪجو ته اها سنت نبوي پڻ پوري ٿئي. ڇوته جناب نبي عليه الصلوٰة والسلام جن حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي فرزند کي کٽ جي مبارڪ ٿي جاءِ هئي. حضرت شيخ فضل الله قدس سره کي ٻه فرزند عطا ٿيا شيخ حسام الدين ۽ شيخ احمد قدس سرهما. شيخ عبداللطيف، شيخ عبدالحي، شيخ زين الدين قدس اسرارهم سندن اولاد آهن. حضرت ميان فضل احمد، جو ڏو فياض ٿي ڳذريو آهي سو به سندن اولاد آهي. جيئن فضل احمد ولد ٻيان احمد ولد سيف احمد ولد حضرت شيخ فضل الله قدس الله تعالىٰ اسرارهم.

راقم الحروف:- اولاد امجاد جو تفصيلوار بيان هديه احمديه مطبوعه مطبع مجتبائي ۾ آهي.

---

[1] معنىٰ:- الله تبارڪ وتعاليٰ جو اهو عارف حضرت جبرئيل جي طرح عالم بالا ڏانهن هليو آهي.

[2] دوست پڇڪن ٿا هن جي وصال جي تاريخ جنهن ته ٻوءِ جو ته هو ولي شيخ محمد يحيٰ.

ماده تاريخ وفات جو "ڪو بود ولي شيخ محمد يحيٰ" آهي ١٠٩٨